
ھوٹ لکپت جو قیدی
رسول بخش پلیجو

ڪوٽ لکپت جو قيدي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺ لڪيٽ جو ٽيڊي

(جيل جي ڊائري)

رسول بخش پليجو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ
1991ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ پنجيتاليهه

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	ڏڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي.
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ	لغاري اين لغاري ڪارپوريشن ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد سنڌ.
ٽائيٽل ڪيليگرافي	خالق چنڊ
پهريون ايڈيشن	مئي 1991ع
قيمت	-/100 روپيا
پڪي جلد سان	-/130 روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

KOT LAKH PAT JO QADI. (Jail Diary) Written by RASOOL BUKHSH PALEEJO. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition May 1991. Price per Copy Rs. 100/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

نالي

امان لاڏيءَ جي

جيڪا ۸۵ ورهين کان وڏي ڄمار ۾،

هميشہ وانگر اڄ بہ،

وطن، قوم ۽ انسانيت سان،

وفادارين جو وچن پاڙڻ جي ويڑهہ ۾ ،

پنهنجي اولاد جي پنيرائي ڪندي،

عزم ۽ ثابت قدميءَ جو،

هڪڙو اٽل ۽ ارڏو همالیہ بڻي بيٺي آهي.

-رسول بخش پليجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

1. ہہ اکر - رسول بخش پلیجو	10 - 9
2. مهاڳ - سراج	14 - 11
3. مهاڳ - ماهتاب محبوب	24 - 15
4. سينٽرل جيل، خيرپور ميرس	32 - 25
5. ڪوٽ لکپت جيل، لاهور	347 - 33

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پہ اکر

انساني زندگيءَ جو چڱو موچارو مطالعو ڪرڻ کانپوءِ اُڻڻ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ دنيا ۾ ڏک دستوري ۽ سک اتفاقي آهن. ان ڪري مون هميشہ سخت پورهئي، جاکوڑ ولوڙ ۽ خطري واري ڏکي زندگيءَ کي ئي دستوري (Normal) زندگي ڪري ورتو آهي. هن ڀائري ۾ مون ڏک ۽ اذيت ڏانهن اشارا تہ ڪيا آهن پر انهن جي اپنڀار ڀاڪي ڀجهي نہ ڪئي آهي. حالانڪہ مون پل پل ڪيئن گذاريو سان هڪڙي مون کي خبر آهي ٻي منهنجي ڏيجهن ساٿين کي ۽ جيل اسٽاف کي.

منهنجو آدرش هميشہ اهو پئي رهيو آهي تہ ارادي کي جسماني ۽ روحاني اذيت تي حاوي هئڻ گهرجي.

هن ڀائري جي لکڻ جو مکيہ سبب اهو هو جو بيمارين جي اذيت جي ڪري مون کان لکڻ جي قوت ڇڏائجي وئي. ان ڪري مون پاڻ کي حڪم ڏنو تہ :

تيسين پڳي سان ئي پير۔
جيسين رتو راس ٽئي.

ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکڻو آهي. چاهي اها ڪيڏي بہ غير اهم ڳالهہ چو نہ هجي. اهم ترين ڪوڙ کان معمولي سچي احساس جو اظهار وڌيڪ قيمتي آهي. ان ڪري مون ڪنهن فڪري پورهئي ۽ تخليقي جاکوڑ جي پاڻ ۾ پهچ نہ ساري سنڌي گرامر دانن جي روحن کان موڪل ولي جيڪي سنهيون ٽُلهيون اَپريون سپريون اهم توڙي غير اهم سوچون ۽ احساس جنهن وقت بہ پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ موجود ڏٺا اهي جيئن آيا تيئن لکي ڇڏيم ۽ انهن جي بناوت اهڙي ئي اڻ گهڙيل رهڻ ڏني اتم جيئن اها منهنجي مغز ۾ پهريون دفعو سرجي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ڊائري منهنجي فڪر ۽ شعور جي پيٽ ۾ ڏهن ۽ روح مان ازخود ڦٽي نڪرندڙ احساس ۽ ويچارن جو پاڻ مرادو وهڪرو وڏيڪ آهي. هن ڊائريءَ جا ورق وري پڙهندي مون پاڻ کي وري ٻ خيرپور حيدرآباد، سکر ۽ ڪوٺ لڪپت جيلن ۾ وينل محسوس ڪيو. جيل ۾ گهاريل زندگي هن ڊائريءَ جي ڪري منهنجي شعور جو هڪڙو اڻ ٽٻ حصو بڻجي وئي آهي. ڪيترا ئي جيل جا ساٿي اڄ ٻ ائين ئي ياد آهن جو جڏ منهنجي اکين اڳيان وينا آهن. مون کي ائين ٿو لڳي جڏ اسين سڀ هڪ ئي گهر جا ياتي هئاسون بلڪ هر ڳالهه جي باوجود ايا ٻ آهيون، انهن ماڻهن جي ڏک سک جي ساٿ جون يادگيرون مون سان هميشه گڏ رهنديون. آءُ پنهنجي جيل جي زندگي کي اڳڙي ئي بامقصد، ڪارائتي ۽ اهم سمجهان ٿو، جڏي جيل کان ٻاهر زندگي بلڪ آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن جيل جي زندگي ۽ جيل کان ٻاهر جي زندگي کي ساهمي جي ٻن پڙن ۾ وجهي مڙسي ۽ مٽيا جي خيال کان انهن جو وزن ڪجي ته جيل ۾ گهاريل جسماني، روحاني، ذهني، فڪري زندگيءَ جو پڙُ هر گز هلڪو نه ثابت ٿيندو. هيءَ ڊائري جيڪڏهن ڪنهن جيل جي ساٿي کي ڪا گدريل گهڙي ياد ڏياري وجهي يا کو پڙهندڙ پنهنجي احساس ۽ ويچارن ۾ مون کي ٻ پاڻگي پائيوار ڪرڻ چاهي ته مون کي بيحد خوشي ٿيندي.

رسول بخش پليجو

بي ٣٣ -نسيم ڊيلڪس، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

آڻون رسول بخش پليجي سڄان جڏهن بہ ملندو آهيان، تڏهن لطيف جو هيءُ بيت منهنجي دل تي هُري ايندو آهي:

سچ سياڻي جا ڪري، سائي سامهين روءَ!

مون هن کان اڳي ڪڏهن ان ڳالهہ تي ايڏو اونهو ڪونہ سوچيو هو تہ اهو بيت، هن جي حوالي سان، منهنجي ڏهن تي ڇو ٽو وارد ٿئي، هاڻ جڏهن ان جو تجزيو ٿو ڪريان تہ فقط ايترو چئي ٿو سگهان تہ مون ڇڙڳا ماٺهو جيڪي ماضيءَ ۾ حال جي ڏهڻ ۾ ڦاٽل آهن، ۽ ان مان، سي جڏهن ڪنهن ڏاهي کي ماضيءَ ۾ حال جي انهي ڏهڻ کي، هڪڙي ئي چال سان اورانگهڻ جو سعيو ڪندي ڏسن تہ پوءِ هنن کي آڦٽ اچڻ لڳندو آهي، ساهس ٽيڻ لڳندو آهي تہ ٻيلي ، جي ڇڙڳا ماٺهو سونهان ٽين تہ شايد اسين بہ ان ڏهڻ مان نڪري پار پئون تہ ڪو عجب ڪونهي!

آءُ رسول بخش پليجي کي نہ پاسو سچاڻان (جيتوڻيڪ هو گهڻ پاسائون ماٺهو آهي): هڪ اديب، قلمڪار ۽ لکندڙ طور هڪ مفڪر ۽ ڏاهي طور ۽ هڪ سياستدان (يا سياسي ڪارڪن؟) طور درجيوان انهي ئي ترتيب سان، هن کي سنڌ جي پس منظر ۾ پيش منظر ۾ پرکي سگهجي ٿو.ضروري نہ آهي تہ هن جي ڪنهن بہ ڪردار سندس شخصيت ۾ ڪنهن پاسي يا هن جي فڪر ۾ ڪنهن نڪتي سان اختلاف رکڻ سان، ڪا هن جي اهميت گهٽجي ويندي يا هن جي شخصيت جي ڪُل کي سمجهڻ ۾ ڪا دشواري سامهون ايندي، انسان ٻاروتڻ کان پوڙهپڻ تائين، ڪابہ غلطي، ڪابہ ڏنگائي، ڪابہ ڪميٽپ نہ ڪري، سا ٽيڻي نہ آهي. ڏسڻو اهو آهي تہ انسان جو انهن غلطين، انهن ڏنگائين ۽ انهيءَ ڪميٽپ واري ڪردار ڏانهن پنهنجو ڪهڙو رويو، ڪهڙو ورتاءُ آهي. وڏو انسان اهو آهي، جيڪو پنهنجي غلطين کي ڄڃي، انهن کي سڌاري، بلڪہ اُنهن جو ازالو ڪرڻ جو جتن ڪري: رڳو ذاتي سطح تي نہ، پر اجتماعي طرح ڪُل جي حيثيت ۾ رسول بخش ان حوالي سان وڏو قداور شخص آهي. ذاتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ هو ڪجهه به هجي پر اجتماعي سطح تي هن ارتقا ۽ اوسر جون اهي سرحدون سورانگهيون آهن، جتي ذاتي طرح نقصان برداشت ڪري، هن اجتماعي نقصان ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي. هن جو ادبي سفر، ڏاهپ جو سفر يا سياسي سفر ان ڪسوٽي تان سچو سون ثابت ٿئي ٿو. راءِ جو اختلاف رکندي به، هر ڪو منصف مزاج پارکو اهوئي چوندو ته چا به هجي پر رسول بخش پليجو چوي سچ ٿو! ويهين صدي جي نائين ڏهاڪي ۾ اها وڏي ڳالهه آهي ته ڪنهن اديب، مفڪر يا سياستدان ۾ رياڪاري ايتري گهٽ هجي!

مون کي ياد آهي ته پُڻي مرحوم جي زماني ۾ پليجو هن کي بنهه ويجهو به هيو، پر هن سان اجتماعي سطح تي اهڙو اختلاف ڪيائين جو ترنگ. جو منهن ڏسڻو پيس. وري جڏهن پي.اين. اي (پاڪستان قومي اتحاد) سندس خلاف محاذ کڙو ڪيو، تڏهن مون چيو مانس ته سنڌ ۾ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻين سان گڏ، پليجي سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. منهنجي ڳالهه مڃيائين ۽ مرحوم ڪيس چيف منسٽر هائوس دعوت ڏيئي گهرائي ورتو. سنڌ جي شاگردن جي وفدن سان ملڻ کان پوءِ، سندن ملاقات ٿي، ۽ ڪافي دٻگهي ملاقات ٿي. هنن پاڻ ۾ الائي ڇا ڳالهايو. پر اُن کان پوءِ مرحوم جيڪي لفظ چيا، سي مون کي اڄ تائين ياد آهن:

"سراج آئي وش آءِ هُئڈ لسنڈ نو هم اربليئر ائنڈ آءِ هوپ، اُٽ آز ناٽ الريڈي نو لٽ نو ايڪٽ آن واٽ هي سيز!"

(ڪاش آءٌ هن کان اڳ سندس ڳالهه ڌيان سان ٻُڌان ها ۽ خُدا ڪري جيڪي هو چوي ٿو تنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هاڻ حد کان وڌيڪ دير نه ٿي ويئي هجي.)

پُر اُن وقت واقعي صورتحال اٽموٽ ٿي چڪي هئي! هن جا "پنهنجا"، اندر ئي اندر هن جي دشمنن سان چانڊين ۽ مگسين وارِي ڪردار کي نيائي رهيا هئا، ۽ هن جا صحيح سچڻ بند ٽينڊڙ راهن مان کو گس پيدا ڪرڻ لاءِ، حالتن جو سچو، بي ريا چيڀ ڪري رهيا هئا!

حالتن جو صحيح چيڀ ڪرڻ جي اها ذات رسول بخش پليجي کي اُن وقت کان آهي، جڏهن هن پنهنجي گس ناهڻ فڪري ۽ سياسي راه متعين ڪرڻ لاءِ سوچڻ شروع ڪيو هو. مون کي ياد آهي ته ۱۹۵۰ع ۾ آءٌ ميٽرڪ پاس ڪري، ڪراچي پڙهڻ آيو هو ۽ انهن ئي ڏينهن پليجي سان پهريون ملاقاتون ٽينديون هيون. چيني انقلاب جو چوٻول هو ۽ رسول بخش جا هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ منهنجي ڏهن تي اُکريل آهن "انقلاب" اسان جي چائنڪ تي ٻُڌيو آهي، ۽ سياڻي کان دنيا، روايتي ڏڳي جي هڪڙي سِڪَ تان مُنجي، ٻُڌي سِڪَ تي اڇي ٻيهندي، ۽ ان جي لوڏي سان گهٽائي ٻُٽ ڏهي اڇي پُٽ پوندا". حالتن جو اِهو حيرت انگيز چيڀ، ايڏي ننڍي عمر ۾، هڪ طرف هن جي بنيادي ڏهانت ۽ سندس وسيع مطالعي ڏانهن اشارو ٿو ڪري ته ٻئي طرف ان مطالعي مان صحيح نتيجا ڪڍڻ جي سندس ڏات جي نشاندهي ٿي ٿئي! آءُ ڪيس چيڙائڻ لاءِ، پوءِ ڪندي چوندو آهيانس ته "پلا، وري ته ڪا اڳڪٿي ڪر ته اهو ڏِڳو وري ڪڏهن ٿو سِڪُ مڙائي". پر پوءِ پوءِ ۾، منهنجي ڏهن ۾ اها آرزو پڻ هوندي آهي ته من هو وري حالتن جو اِهڙو ئي تُڻ ۽ هٿيڪو چيڀ ڪري ٻڌائي جو شايد سنڌ جي چائنڪ تي ڪنهن انقلاب جي ڪا بشارت ملي!.

رسول بخش، منهنجي راءِ ۾، بنيادي طرح هڪ اديب، قلمڪار ۽ لکندڙ آهي، اهڙو اديب، جيڪو پنهنجي وطن ۾ پنهنجي هم وطنن ڏانهن سچائي ۽ ايمانداريءَ سان جوابدار ۽ جانبدار آهي. هن جي اها جوابداري (ڪمٽمينٽ) ايتري مڪمل ۽ همه گير آهي جو ان ۾ ڪنهن لشڪريءَ جي سختي ۽ اڳرائي اڇڻ سياويڪ آهي. ان جوابداري ۾ ٻين کي شامل ڪرڻ ۽ پاڻ سان گڏ ولي هلڻ جي آرزو هن کي تحرڪ ۽ تحريڪ ڏانهن ولي آئي آهي. هن جي اها جوابداري، اڳرائي ۽ اجتماعيت هن کي لکڻ ڪان، فڪري رهنمائي ڪرڻ ڏانهن، ۽ فڪري رهنمائي ڪرڻ ڪان عملي سياست ۾ گهلي آئي آهي.

اهو سفر ڏاڍو اٽانگو ۽ ڪٺن آهي، ۽ ان سفر ۾ هن گهڻو ڪجهه پوڳيو آهي، گهڻو ڪُجهه سَنو آهي، گهڻو ڪجهه وڃايو آهي ۽ ساڳئي وقت هن گهڻو ڪجهه حاصل پڻ ڪيو آهي. ان سفر ۾ هن پنهنجي ملڪيت، وڪالت، صحت ۽ سُکون جهڙيون نعمتون قربان ڪيون آهن. پر ان جي بدلي لکين مسڪين مارُو ماڻهن جون محبتون ۽ قربتون حاصل ڪيون اٿس!

ان سفرجو هڪڙو باب "جيل جون يادگيريون" پڙهندي، ائين ٿو محسوس ٿئي جڏ ته ان ۾ هو اسانکي، اوهانکي شامل ڪرڻ، پاڻ سان گڏ ولي هلڻ جا جتن پيو ڪري. "جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان،" واري ڳالهه ڪري، هن سچائي ۽ جوابداريءَ جو ننگ نپايو آهي. رسول بخش پليجو، جنهن "بختاور" ۽ "انڌا اونڌا ويڃ" ۾ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي اصل روح سان جاڙ سُجاڙ ڪرائي ان جي اها ٻولي هِت نظر ٽٽي اڇي، پر ان جي بدران سنڌ جي هڪ سُجاڙ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهي سياسي ڪارڪن جي گفتگو ڪچهري ۽ رهاڻ پلئه پوي ٿي. جيڪا هن جي روح جي واردات آهي، ان ڪري من کي جهوريو وجهي.

مون جيئن متي چيو آهي ته ضروري نه آهي ته رسول بخش جي فڪر ۽ ڏاهپ سان هر ماڻهو متفق هجي. پر ڇا ٻه ٽي پوي هن جي سچائيءَ ۽ سنڌ، ۽ سنڌ جي عام مسڪينَ ماروَ ماڻهن ڏانهن سندس "ڪمٽمينٽ" جو اعتراف ڪرڻ کان رهي نٿو سگهجي. هن جو سفر اجان آڪاهون آهي. مون جهڙا ماڻهو رڳو سفر جي منزل بابت فڪر مند هجڻ جيَ عياشيءَ ۾ مبتلا آهن، ۽ پنڌائي جي هن بيت جو پاراتو بڻيل آهن ٿا:

متان ٽيئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو!

شَلَ رسول بخش کي سنڌس سمورا پرين ڪُهلي سَمي کان اڳ نصيب ٿين، ۽ هو سياڻي جيَ سڄ جي آجيان ۾ سڀ کان اڳتي ۽ آڪاهون هجي!

سرَاج
۲۵ نومبر ۱۹۸۹ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ جي سياسي تقديرَ، جو متفرقَ تصورَ رکندڙ عظيم انقلابي دانشور، ماهر قانون دان رسول بخش پليجو جي اڻ ٽڪ ۽ جدوجهد واري زندگيَ ڏسي، شاهه سائين جي سٽن، "تنيَ تڏيَ ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جيَ" سان گڏ ياد اينداَ اتم بمبئي جي "سنڌو درشن" ۾ چيل پروفيسر رام پنجواڻي جهڙي سُچيت انسان جا لفظ تہ "جيڪو ماڻهو زندگيَ جي جدوجهد ۾ بيهي ٿو رهي سو مئل مثل آهي، انهيَ جي جيئڻ جي نہ چيئڻ جي ڪا ضرورت ئيَ ياهيَ"، تنهنڪري محدود زندگيَ کي ڪارائتو بنائڻ لاءِ جيترو تي سگهي پاڻ کي هلائڻ گهرجي.

پانائتو ليکڪ، خود دار سياسي اڳواڻ رسول بخش پليجو عملي طور موتڪي انهن جملن جي فريم ۾ بنهه فٽ نظر اينداَ آهي، چاکاڻ جو هن پنهنجي ذات جي دائري ۾ قيد رهڻ بدران زندگيَ جو هر پل سجايوَ ڪندي، سدائين ڪڏيل عظيم مقصدن لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي، جن جي حاصلات ڇاهيَ پڙي هجي يا ضرب پوءِ ۽ سندس زندگيَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي.

اسان وٽ قوم جي حقيقي سچڻ ۽ خيرخواهه سياستدان هڻڻ جي ڪٽ "جيل سينيارٽي" جي حساب سان ڪئي ويندي آهي، پوءِ پل تہ ڪو سؤ ورهيه جيل ۾ ڇاڙ ڳاري، قوم کي خالي نعرن، ڪوڙن دلاسن ۽ ڏڻن ڪانسواءِ، ڪجهه به نہ ڏيئي سگهيو هجي، سڏبو وري به "اُصلي تي وڏا" سياستدان. جڏهن تہ قابل قدر آهي اهو سياستدانَ جيڪو سچي حڪمت عمليَ تي هلندي پنهنجي قوم آڏو هر سچ سچائيَ سان بيان ڪرڻ جي جرئت ۽ حوصلو رکندو هجي. باقي ڪلها دم دلاسا ڏيڻ تہ "سنڌي قوم جو ڪير وار به ونگو نہ ٿو ڪري سگهي يا حقن تي ڪير به ڏاڙو ٿو هڻي سگهي"، جهڙا بي عمليَ واڙا بيان، هڪ طرح سان پنهنجي بهادر ۽ جرئت مند نوجوانن جا قومي جوش ۽ جذبا ٺڌا ڪرڻ مثل آهن، جنهن ڪري هو طلسمي نعرن ۽ رڇ جهڙي خوابن کي سچ سمجهي ڪجهه ڪرڻ کان بيوس ٻڌجي، خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهمين جي آڌار تي جڏ مينڊلي ريڊارڊيبد بڊجيو وڃن، انهن ئي افعالن ڪري اڄ به سنڌ ۾ جنهن پاسي تي نهار ڪجي اُتي مايوسي جا ڪار اڪڪر چانيل آهن حدنگاهه تائين پکڙيل رڄ ۽ ان ۾ ڦڙندا تاٻڙندا چيچلائيندڙ پاچاڻ... چؤ طرف آدرشن جا خالي کوهه، امرت کان وانجهيل چشما...دلاسن جا جلسا ۽ اُميدن جا ڦاها، سنڌ جو مقدر بڊيل آهن. رسول بخش پليجي، ست سال جيل ڪاٽيا آهن، سياستدانن جي 'ڪٽ' واري حساب ۾ ڪيس کڻو درجو ڏجي، انهن بحثن کي منهن ڏيڻ وارا گهڻئي وينا آهن، سان تہ رکو اهو چوندس تہ هن جيل اندر توڙي باهر، ٻنهي جالتن ۾ اسانکي ايندڙ وقت جي تلخ حقيقتن کان باخبر رهڻ جا چتاءَ پئي ڏنا آهن. خوش فهمين ۾ مبتلا رهندڙ سُتل ڏهنن کي بيدار ڪرڻ جا وس پچندي جتن ڪيا آهن ۽ ريشمي خواب ڏيکارڻ بدران ڪڙو سچ ٻڌايو آهي. سندس قول ۽ فعل ۾ هڪ جهڙائي جانچڻ لاءِ ماضي کان ويندي حال تائين، هن جي تحريرن، تقريرن، عملن ۽ بيانن تي نگاهه وڌهبي تہ هو اصولن تي قائم رهڻ وارو انسان لڳندو، نہ تہ اهڙن وڏ پنهنجي مفادن کي اولڀت ڏيڻ وارن سياست بازن جي ڪمي ناهي جيڪي چار ڏينهن اڳ چيل ڳالهه تان ايئن قري ويندا جڏ سندن چئن پيڙهين مان به ڪنهن اها ڳالهه نہ چوري هجي، جڏهن تہ پليجو پانهان تي ستر جي ڏهاڪي يا ان کان به اڳ، سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيارڻ ۽ وڏيرا شاهي خلاف جنگ جوڙڻ جي ڳالهه ڪندو اچي. اڄ سنڌ جي ڪروڙين ايڪڙ زمين ۽ شهرن تي اسانجي ايکن آڏو ڊاڙا لڳي چڪا آهن ۽ حتن تي ڊاڙن جو سلسلو ايان تائين جاري آهي، پر هن اڪيوين ٻوڙي عام سياستدانن جيان فرض جو قرض لاهڻ لاءِ ايئن ڪڏهن به نہ چيو تہ، 'سنڌ تي ڪير به قابض ٿو ٿي سگهي، ان جو انچ انچ اسانجو آهي.'

ان جي برعڪس هن هر دور ۾ هڪ حقيقت پسند سياستدان هڻڻ جو ٿيوت ڏيندي، حق ۽ واسطا وڃائڻ جي چتاءَ سان گڏ، ڏاڍ خلاف وڙهه جاري رکڻ ۽ سجاڳ رهڻ جو احساس ڏنو آهي.

سنڌيءَ ۾ هيلتائين جيتريون جيل ڊائريون چپجي ظاهر ٿيون آهن انهن مان شيخ ايازِ، طارق اشرف ۽ اختر بلوچ جون ڊائريون ادب ۾ خاص مقام رکن ٿيون ۽ هاڻ ان ڪال کوٽريءَ ۾ لکيل رسول بخش پليجو جي نفيس جذبن ۽ اُونهي احساسن سان سينگاريل ڊائريءَ به انهن ۾ اچي شامل ٿي آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي دل جي ترجماني ڪندڙ خيالن کي پوريءَ سچائيءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر ڪيو آهي ته سنگين ساٿين کان وئندي ڪامورن ڪڙن، منّن مائڻن، شريڪن شانين کان علاوه سائنس، مذهب، ڪاسمولوجي، علم ادب ۽ انقلابن جا بزرجستا احوال ڏنا آهن، ته ڪٽي ڪٽي پنهنجي ترنگ ۾ ايندڙ طبيعت جي جولانين جا جلوا پسائڻ سان گڏ انسان جي اندر جي عڪاسي ڪندڙ ننڍي وڏي حقيقت پڙيان هڙ واقعيَ ڪيَ ابديت بخشي آهي.

رسول بخش پليجي جي شخصيت جا ڪئي رُخ آهن، ڪي اُپ اڪثين پيا ڏسبا ته ڪي وڏي مَن جي نهان خانن ۾ لڪل. جيڪي ننڍي ننڍي دائري پڙهڻ ڪانپوءِ هاڻ نئين سڄ جيان اُپريَ آڏو آيا آهن، هن جُڙ پُنهنجو اندر ڪولي رکيو آهي، جنهن مان ايئن لڳندو ته جيئل جوڻ اڪيلايون ۽ اونڌايون هن جي روح جي احساسن ڪي ريڙي ٽڙيون سگهن... هو وقت ڪي منهن ڏيڻ جي سگهه ۽ طوفانن تيَ غالب پوڻ جي طاقت رکي ٿو.

هن جي ادبي ۽ سياسي ڪمن ڏي نظر ڪرڻ سان هو مون کي نه رڳو سنڌ ليول تيَ پر ملکي ليول تي به واحد اهڙو سياستدان لڳندو آهي جنهن وٽ نهايت ئي حساس دل، وسيع ڏهن ۽ قومَ جي مقدر کي بدلائڻ لاءِ اڻ کٽ خواهش هجي... گهٽ ۾ گهٽ اهڙين دانشوراڻين خوبين وارو ڪو ٻيو سياستدان ايان تائين ته منهنجي نظرن مان ناهي گذريو.

مون جنهن به سياستدان جا ادب جي باري ۾ خيال ٻڌا يا پڙهيا آهن ته ان مان اهو تاثر پيو ملندو ته سندن نظرن ۾ اديبَ ئي معاشري جي شيءِ کان واندي ۽ بيگر ۾ وهائڻ واري مخلوق آهي، يا قلم رهڙي ڪاغذ ڪارا ڪرڻ جو ڪو ڪارتامو ڇڏبو؟ هونءَ به غريب عوام بجيَ ڳڻتين ۾ ڳرندڙ جهرندڙ سياست بازن وٽ ايترو وقت ڪٽي جو ڪتابن ۾ منهن وجهي ويهن. احساس ۽ جذبن کان وانجهيل اهڙا موڪا سياستدان، اديبَ يا دانشور جيَ اهميت رکو ان ويلَ ئي سمجهندا آهن جڏهن پنهنجو ۽ پنهنجي حڪومت جو ٻيڙو سير تي اڇيَ پُڄندو ڏسن ..... تڏهن خلق ڪي پائيچاري وارو چارو چازائڻ لاءِ سرڪار پاران ڏميدارين جو ڪوپ اڇي ڪپندو ويچاريَ اديب تيَ..... ته ٻيلي عالمن جا آڙا اتي ڪا واهر ڪرڻ، ملڪ جون واڳون ٽيون وڃن هٿن مان...

اِها سنڌ جي خوشبختي چئبي جو اسان کي ڪيترن ئي ڳڻن وارو دانشور، اديب ڪمَ سياستدان ملي پيو آهيَ، جنهن جيَ نظر ۾ معاشري جو هر فرد برابريَ جو حقدار آهي. جنگ شاهيَ جي نندڙي گهر ۾ رهندڙ هي مارو ماڻهو، جنهن جي ذات هر قسم جون تلخيون پوڳيون آهن، سختيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيون آهن عزت، شهرت ۽ مان مرتبي جي بلندين تي رهندي به هو ماڻهن جهڙو ماڻهو ئي آهي. پوءِ به هن ۾ احان به ڪا اهڙي ڳالهه ضرور آهي جا رکي رکي اهو پئي محسوس ڪرائيندي ته هو رڳو هڏ ماس مان جڙيل رواجي ماڻهو نه پر هڪ مڪمل ڪمپيوٽرائيزڊ انسان هجي! سندس زندگيءَ تي نظر وجهي ته اها پڻ مشيني لڳندي. ناهوڪن ڪپڙن لٽن، آپ ٽو ڊيٽ نظر اچڻ جي تمنا ۽ عمده ڪاڻ خوراڪ جي شوق کان بي نياز پليجي ڪي مون سدائين 'ناني نوري سي ڪم ۾ پوري' جيان هر ڪم ۾ پُڳرو ڏٺو آهي. هو جيڪا ذميداري ڪٽندو ان سان سچا هڏ هئڻ جي حيثيت ۾ توڙ تائين ڳڻ ڏينڊو. بارهوئي پنڊ ۾ جنهن لاءِ چئبو آهي ته 'پير ۾ ڪو چنڊير هجيس' جيڪو سڪ سان ويهڻ ئي نه ڏينڊس. هر وقت طوفان ميل جهڙي تڪڙ... هل هلان، ڇڄ ڇڄان... ليڪچر، صدارتون، پريس ڪانفرنسون ۽ جلسا جلوس ته ڪڏهن واري ماڳهين جيلن جي بلي..... قيد و بند جون مصيبتون سهڻ کان پوءِ به ويچاري سان ظلم اهو جو چئي ڇهه ماهي پرڙا ساهڻ لاءِ پرڏيهه اسرندو ئي مس ته پويان خلق ۾ گهوڙا گهوڙا ڪوڙا پئجي ويندي ته 'اُجهو ويو منيلا!' پر پليجي جو سنڌ سان سڀ لڳي، هن سنڌ کي ڪڏهن به پاڻ کانسواءِ نه ڏٺو آهي..... هو سنڌ کي ڪڏهن به پاڻ کان سواءِ ڏسي نه سگهندو.

سنڌي قوم کي تڙقيءَ جون منزلون طئي ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙيل ڏسڻ جو خواهش مند ۽ هر ڏکيءَ ويل ۾ قوم سان بيٺ رهندڙ رسول بخش پليجي کي ان ڳالهه ۾ فخر آهي ته هو ملکي ماڻهن جي جدوجهد ۾ ساڻن شامل رهندو اچي. ماڻهو هن جي ڏهانت، علمي وسعت ۽ جادو بياني‌ءَ جا دل سان قائل آهن، ڇاڪاڻ جو هو جدوجهد جي ڪورن ۾ پڪل ۽ آزمايل انسان آهي.

حالتن هن جو سڳ سياپو سياست سان ڳنڊي ته ڇڏيو آهي پر اڄ به سندس روح ادب ڏي ريلا ٽو ڏي. هو اڪثر چوندو آهي ته 'مون کي لکڻ لاءِ همتائيندا رهجو..... ان ڏس ۾ طارق اشرف ٻڌايو ته ڪنهن وقت ۾ پليجو ڪتابن جو ايڈو ته فدائي هو جو جيڪو به نئون ۽ سٺو ڪتاب اک چڙهندو هئس، اهو پاڻ پڙهي، ڪيترن به ان تاڪيد سان آڻي ڏيندو هو ته 'اُهو ضرور پڙهجانءَ' ۽ اهڙي شاهدي ته مان به ڏينڊس جو هو مون کي پڻ چوندو رهيو آهي ته جڏهن به ڪو سٺو ڪتاب پڙهجانءَ ته ڪيس ضرور ٻڌايان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيل جي ڊائري پڙهندي ڪيترا ڀيرا اهڙا ورق نظرن سان گذريا آهن. جنهن ۾ هنّ ادب جي باري ۾ پرپور طرح سان خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ۽ جيڪي تخليقي ڪم هن ڪان ٽيئ رهجي ويا آهن، تہ شدت سان پڇتاءُ محسوس ڪندي، فوراً تلافي ڪرڻ جا عظم ۽ ارادا ظاهر ڪيا اٿس. سندس تحريرون عام توڙي خاص ٻنهي طبقن ۾ نہ صرف قبول پيون آهن پر انهن ۾ ڏهني بيداري پيدا ڪرڻ جو سبب ٻہ ٻڌيون آهن. اها ڪاميابي ۽ قبوليت شايد تہ انڪري ٻہ آهي جو هُنّ جي ڏهن ۾ ڏ ڪوريئڙي جا چارا آهن نہ ئي ڳالهين ۾ مونجهارا. هو وڏيون وڏيون ڊاڙائي ڳڻائي ڳالهيون ڪري عوام لاءِ فينٽيسيز ٿو ڪرئيٽ ڪري پر جيڪو گس ڏيکاري تو ان تي پهڙيائين پاڻ هلي ٻين کي ٻہ هلڻ جا حوصلا ٿو بخشي.

مون هن جا تقريباً سيئي ڪتاب پڙهيا آهن. سندس نظرين ۽ خيالن سان ڪنهن حد تائين متفق ٻہ آهيان، تہ ڪيترن هنڌن تي هن جا خيال، مونکي پنهنجي ئي خيالن جو عڪس پيا لڳندا آهن. سندس تحريرن توڙي نظرين جي حوالي سان ساڻس خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ڪڏهن ڪو اختلاف ٿيو ٻہ هوندو تہ هو ان کي سهڻن دليلن سان پڙ وڪيل جيان (Cover) ڪري ويندو.

ليکڪ يا فنڪار قومن لاءِ اهڙو سرمايو ٿيندا آهن جن کي دنيا امن جي پيام برجو درجو ڏي ٿي. ادب جي ناتي رسول بخش پليجي جون خدمتون اسان لاءِ ان ڪري ٻہ اهميت جوگيون آهن جو هن هڪ سڄاڻ ڏهن اديب ۽ دانشور هڻڻ جي حيثيت ۾ عملن پويان نيتن جا رُخ سڃاڻڻ واري، پنهنجي اثرائتي تحريرن ۽ تعميري تنقيدن سان سامراجي ايجنٽن ۽ نام نهاد ترقي پسند اديبن وٽان سنڌي ادب جي ساک کي ڇيهو رسڻ کان بروقت بچائڻ جا جتن ڪيا. هُن سنڌ واسين کي پنهنجي تحريرن توڙي تقرير وسيلي سدائين نئون شعور ڏيئي، نيون واٽون ڏيکاريون آهن ۽ ڏاڍ اڻيان هيٺ ٿي ويهي رهڻ بدران حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو ڏانءُ ٻڌايو آهي.

زير نظر ڊائريءَ جي شروعات راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهنجي نہ وجهي واري حالتن هيٺ، خيرپور سينٽرل جيل ۾ گهاريل رسول بخش پليجي جي انهن بي وسي واري اُداس ۽ چيچلائيندڙ ڏينهن سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ هن جون ڏهني، جسماني خواهه تخليقي، سوريون قوتون چڻ صلب ٿي ويون هجن. هو مڪمل طور پاڻ کي نستو، بي پهچ، هيٺو ۽ بي روح ٿو سمجهي. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄڻ اهڙين سوچن، مون کي حيرتن جي سمنڊ ۾ هڪ طويل رڻ ٻيڙي ڇڏي..... سوچم، ڪيئن تو ٻي روح ۽ غائب دماغ بنجڻ جي دعويٰ ڪري اهو شخص، جنهن حاضر دماغيءَ سان پنهنجي هر مايوس ڪُن ڪيفيت جو نه رڳو پر پور جائزو ورتو آهي پر ان کي شدتن سان اظهاريو به آهي. اظهار جي اها ئي شدت محسوس ٿي ڪرائي ته هن جو سموري وجود پنهنجي احساسن سان زنده آهي. احساس ۽ اُڌما ئي. هن جو روح آهن، هن جي طاقت..... هن جو ڏاهن..... نه ته جيڪر اهڙي شان پنهنجو جائزو ولڻ هن لاءِ ممڪن ئي نه هو. اهي هن جا اوڻها احساس ۽ گهرا جذبات ئي هڪا جيڪي ڪيس جيل اندر پڄي پُري پوڻ ڪانپوءِ نئين سر پنهنجي تعمير ڪرڻ جو حوصلو ڏين ٿا ۽ ڏاڍن ئي هو وس وارن جي ڀاڪُڙي اڇيان جهڪڻ بدران سر بلند ٿي چئي تو، "چا ملڪ جا نوان مالڪ واقعي سمجهن ٿا ته انهن اڏيتن ۽ پيڙائن جي ڪري يا پنهنجي ساهه جي ڊپ کان سپ ماڻهو سندن اڳيان گيشي ڪري پنهنجي وطن ۽ قوم جي عوام کي لڄائيندا؟"

خيرپور سينٽرل جيل جا تيرنهن ڏينهن تي مشتمل احوال، زسول بخش پليجي جي اُميد ۽ نااُميدي واري ڪيفيتن جا ترجمان آهن، جنهن ۾ هن گهڻو وقت يادن کي ڏني آهي. بظاهر رف نڊ نظر ايندڙ پليجي جهڙي ماڻهوءَ مان اها اُميد ئي نه ٿي ڪري سگهجي ته پنهنجي لاءِ ڪجهه سوچڻ به ڪو سندس زندگيءَ جي دڪشنريءَ ۾ شامل هوندو. پر دانشوراڻي، درويشاڻي انداز ۾ ڪيل هي ڊائري پڙهندي، جڏهن سندس ذات بابت نت نوان انڪشاف سامهون ٿا اچن ته اهو سوچڻو ٿو پوي ته هي مشيني انسان جيڪو مڪمل طرح سان پنهنجي ڊرتي ۽ ڊرتي واسين سان جُڙيل آهي، جنهن جو هر ڏينهن ڪا نه ڪا تعميري سوچ ڪٽي اُڀري ٿو. تنهن وٽ پنهنجي ذات لاءِ به ڪو ايڏا سارا احساس ۽ اُڌما هوندا..... تڏهن ايئن ٿو لڳي ته جيل جي تاريڪين ۽ اڪيلائن صدقي هن پنهنجو پاڻ کي ڳولي ورتو هجي. جيل جون اوندايون هن لاءِ جڏ يادن جون روشنيون ڪٽي آيون هجن. اُهي يادون جن جو سهارو نه هجي ته دنيا ۾ انسان بنهه اڪيلو رهجي وڃي. اهڙين ئي يادن ۾ جيئندي، هن اُهي ڏينهن، ڳالهيون، دوست عزيز ۽ مٽ مائٽ دل کولي ساريا سنيارڻا آهن جن کي هو پنهنجي مصروف ترين زندگيءَ ۾ وقت ڏيئي نه سگهيو. ان حوالي سان هن جيڪي به اظهار ڪيا آهن اُهي نه رڳو پڙهڻ وٽان آهن پر هيئين سان هنڌائڻ جهڙا پڻ. سوچان ٿي ته ان سموري سڪ ۽ سار جو ڪريڊٽ ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڏجي؟ يادن ڪي، جيل ۾ اڪيلائن ڪي يا خود پليجي ڪي .... اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي.

خيرپور سينٽرل جيل ۾ پيٽ ۾ ۸۲-۵-۱۲ ڪان شروع ٿيندڙ ڪوٺ لڪپت جيل جا احوال ڪافي خوشگوار انداز ۾ لکيل آهن. هر ورق پنهنجو پاڻ ۾ هڪ نئون ۽ دلچسپ تاثر رکي ٿو. توڙي جو وقتي مايوسين جا ڪي پاڇا اتي ب پليجي جي ذات مٿان چانيل آهن، پر هن پنهنجي سموري قوت ارادي سان انهن کي مڙس ٿي منهن ڏنو آهي ۽ اهڙين ڪمزورين تي غالب پوڻ لاءِ وڪ وڪ تي پنهنجو تنقيدي جائزو ورتو آهي. انسان جو پنهنجي آوٽائين تي نظر وجهي، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ اهڙي عظمتن ڀري سوچ آهي، جيڪا ماڻڻ لاءِ هو جيل ۾ آخر تائين ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

جيل کي تربيت گاهه جو درجو ڏيندڙ ڇگاين جي ڳولائو پليجي، ان ڳالهه کي پلي پٽ ڇاڙايو آهي ته قيد ۾ ڪنهن معمولي شيءَ جي حاصلات لاءِ خطرن کي منهن ڏيندي، ڪيڏي نه رڪاوٽ ۽ جدوجهد ٿي ڪرڻي پئي، جڏهن ته باهر رهندي انهن ڳالهين لاءِ سوچي ب نٿو سگهجي.

هن جيل يونيورسٽيءَ جي پيڙا ۽ مجبورين جا پڻ ڪيئي مثال ڏنا آهن. جيل ۾ مليل نندڻين نندڻيون خوشيون، هُن جي اندر مان نندڻي ڀالڪ جو خواب بنجي ليئا ٿيون پائين... علاج جي بهاني ڪا ديرينه خلاص ٿيڻ جي خوشي..... ڪوٺ سڳوريءَ جي مهابي ماڻهن جا منهن ڏسڻ جي خوشي؛ ڪُليءَ فضا ۾ ساهه کڻي؛ گاڏيءَ ۾ گهمڻ جهڙي خوشيءَ ته ڪڏهن وري پوليس واري لاءِ محبوبا جي انتظار جهڙي خوشي....

زيرِ نظر تنصيف، مشاهدي ۾ ايندڙ هر هڪ لمحي ۽ منظر جي اهڙي (Running Commentry) آهي، جنهن ۾ نندڻين وڏين بي شمار ڳالهين، بحثن ۽ واقعن کان علاوه مُلڪي ۽ بين الاقوامي، سياسي حالتن جا ذڪر پڙهندڙ آڏو جڏ، ٻڌا ٻانها پيا لڳندا. سياسي ۽ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکندڙ هي ڊائري، اُن شخص جي وٽندڙ جيون ڪٿا آهي. جنهن سڄي زندگي اوپرائيءَ جي احساس تي سوچ ماڻڻ لاءِ هر اوپري شيءَ سان جنگ جوئي، اوپرا خيال، پوليون، ادب، گس ۽ وسيلا جبر ڪري ب پنهنجي لاءِ ڄاڻل سڃاتل ٻڌائي ورتا. ان (Wonder Boy) جا ايڊونچر رڳو اوپرائپ تي فتح پائڻ جي حد تائين محدود ناهن، هُن ڪچيءَ ڪان ئي پاڻ کي (All In One) بنائڻ جي هر ممڪن جاکوڙ پئي ڪئي آهي. ڪڏهن هو محمد بن قاسم جهڙو فاتح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ جو خواهشمند آهي، ڪڏهن شرلاڪ هومز جهڙو زبردست جاسوس بنجڻ لاءِ آسائتو ته ڪڏهن وري اقبال جهڙو مومن ۽ شاهين صفت بنجڻ جو تمنائي هئڻ سان گڏ، بهترين وڪيل، نقاد، اديب، پورهيت ۽ انقلابي ٽيڻ جهڙا پروگرام رکي ٿو. سندس اهي خواهشون مُومل جو ڪاڪ محل لڳڻ بدران حقيقتن تي مبني آهن... جن کي پرکڻ لاءِ سندس زندگي تي نظر وجهبي يا خيال ٻُڌبا ته ساري حقيقت پاڻمرادو واضح ٿي ويندي ته هو اڄ تائين مڙني عظيم ماڻهن واريون صلاحيتون عملي طور پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ جا ارمان رکندي، اهو احساس به ٿو ڏياري ته هڪڙو ماڻهو ساڳي وقت ايترا ڪم ڪري به ڪيئن ٿو سگهي، جو هڪ ڪم لائي الڳ الڳ عمر ڪتان ايندي..... بهرحال اها ڳالهه ته مڃڻي پوندي ته منهنجس عظيم ماڻهن واريون ٿوريون کي گهڻيون خوبيون، جهلڪين جي صورت ۾ ٿي سهي، پر موجود ضرور آهن، پوءَ به بقول سندس ته "عظيم ماڻهن ۽ فنڪارن جون سڀ ڳالهيون عظيم ٿيون ٿي سگهن"، ڪيئن پنهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو قيمتي حصو اڻ ڄاڻائي، وهم ۽ لاحاصل پنڌن ۾ برباد ڪرڻ جو نهايت ڏک رهيو آهي. پر ان ۾ سندس ڏوهه به ڪهڙو نيٺ به ته هو سينٽ پرسينٽ مني ۽ مان جڙيل ادنيٰ انسان آهي، کو فرشتو ته نه.....

جيون ڪهاڻيءَ جي حوالي هن سان لاڳاپيل سمورا ننڍا وڏا ڪردار جهڙوڪ مختيار اعوان، مجيد قريشي، امير بروچي، بابا رفيق ۽ ٻيا مٽ مائٽ توڙي ملڻ جلڻ وارا، دائري جو اهم ڪردار آهن. شروعاتي ڏينهن جي يادن کي ذهن ۾ (Re- Play) ڪندي هن پنهنجي ماءُ- پيءَ ۽ ننڍپڻ جا احوال ڏيڻ سان گڏ تعليم پرائڻ ۽ ان ڏس ۾ پيش ايندڙ حالتن کي منهن ڏيڻ جا واقعا بنا رکت جي سهڻي نموني قلم بند ڪيا آهن، جڏهن ڪيس اندر جون اکيون هجن جن سان هو ماڻهوءَ جي روح ۾ لهي، ان کي ننهن ڪاڻ چوڻي تائين، اندر ڪان ٻاهر تائين سچائڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ وڏي ڳالهه اها ته مشاهدي جي باريڪ بيني ءَ سان گڏ اظهار به ڪري سگهي ٿو. هن تصنيف ۾ هُن جي ويجهو رهندڙ اڻڄاڻ ڪيئي ڪردار ملندا جن کي نه رڳو هن پرکيو آهي پر انهن جي شخصيت تي ننڍا ننڍا خاڪا لکي عجب ۾ وجهڻ جهڙي سچائپ به ڪرائي آهي، ته هُنن جو اصلي روپ کهڙو آهي ۽ هو ڪيتري پاٽيءَ ۾ آهن. پليجي جي بي ترتيب انداز ۾ گذاريل زندگي جي طرز عمل ۾ ڪي خاميون هونديءَ به ونس ادب ۽ احترام، اخلاق ۽ فضيلت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي وڏي اهميت حاصل آهي. هو جنهن ۾ اِهي گڻ ڏسي ٿو اُن جودل سان قدر بہ ڪري ڇاڏي.

ڊائري ۾ هن جون آدرشن پريون ڳالهيون، زندگي ۽ موت بابت بي باڪ رايا، عورتن جي آزاديءَ جا احساس، سياسي انڪل بازيون... مطلب تہ زندگيءَ جو ڪهڙو اهم نقطو چئجي، جنهن ڪي هن نظر انداز ڪيو هجي... سندس مشاهدي جي قوت ۽ سوچن جي روانيءَ ڏسندي اينئن پيو لڳندو جڻ ڪائنات جي هر رنگ بابت سندس ذهن جي ڊِسڪ ۾ معلوماتن جا خزانا فيڊ ٿيل هجن. سڄي ڊائري وٽندڙ تشبيهن ۽ لهڪندڙ پهاڪن سان سينگاريل ڏسي اهو احساس ٿو ٿئي تہ هن سنڌي ٻوليءَ جي زرخيزيءَ مان پورو پورو فائدو حاصل ڪيو آهي. تہ موقعي ٻهل سارو شعرن جو استعمال بہ ناهوڪو ڪيو اٿس. عام طرح سان دانشورن جون تحريرون ڪوٽيشنس يا حوالن جي ٽيڪي سان سٽيل هوندیون آهن، جيترا ڏگها ۽ گهٽا حوالا اوترو ئي وڏو دانشور هڻڻ جي گيرنٽي... هڪ ڳالهہ پويان پڙهندڙ کي ڏهہ حوالا پوڳائڻ تہ جڻ دانشور جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل هجي... ادب، انقلاب يا سياست جي باري ۾ سنئين سڌي ڳالهہ ڪئي هلندي تہ اوچتو چتي ڪوريءَ وارو حوالو اچي منهن ۾ لڳندو... فلاٽو ليڪي: ان جو فلاٽو ڪتاب، تنهن جو فلاٽو باب ان باب جو فلاٽو ڪردار ۽ پوءِ ان ڪردار واتان ڪريل ڪو طويل فلسفي پريو دقيق حوالو... جو پڙهندڙ چتو ٿي پائيندو تہ حوالن جا ايڏا سارا اسپيڊ بريڪر پوڳائڻ واري ليڪ جو مٿو ڦاڙي وجهي. پناهہ گيرن جي لوڏجيان هڪ ٻئي پويان اينڊ اهڙا بي شمار حوالا، اصلي ليڪ جي خيال ۽ سوچن جو ڪنڊو ئي ڪٽائي ڇڏيندا آهن. شُڪر آهي جو رسول بخش پليجي جون تحريرون اهڙي هيڪاندي حوالي بازيءَ جي زد ۾ اچڻ کان گهٽي قدر بچيل آهن، ان جو ڪارڻ لاشڪ تہ اهوئي ڇڻيو جو ڪيس پنهنجي سوچن ۽ فڪري صلاحيتن تي مڪمل اعتماد آهي. طويل تہ طويل پر هو مختصر ۾ بہ اهڙيون سياٽپ واريون ڳالهيون ڪري ويندو آهي جن کي پڙهڻ وارو ڪن لاءِ پڏي تہ هوند مغز جا بند ٽيل طاق ڪلي وڃنس.

جيل اندر ماڻ ڪري ويهڻ ۽ ڏان پليجي، هر لحظي تبديل ٿيندڙ معاشرتي سماجي ۽ سياسي ڪشمڪش جو پرپور جائزو پئي ورتو آهي، ان ڏس ۾ ٽي وي ۽ ريڊيو جن سان هُن جو عام زندگيءَ ۾ شايد تہ گهٽ واسطو پيو هوندو، اُهي جيل ۾ ڪيس ٻاهرين دنيا سان لنڪ ۾ رکي جيئارڻ جو وڏي ۾ وڏو سهارو ثابت ٿيا آهن ۽ انڪري ئي هن ڪيترن ئي هنڌن تي ٽي وي پروگرامن، فلمن ۽ گانن ڪان ويندي قوالين تائين دل کولي تبصري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاريءَ جا اهڙا اهڙا جوهر ڏيکاريا آهن جو ٻي ڪنهن تابنده لاريءَ کي به مات ڏيئي ويو آهي.

دائريءَ ۾ الائي ڇو ڪيترن ئي هنڌن تي ٽالن جا (Initial) ڏنل آهن جيڪي پڙهندڙ لاءِ مونجهاري جو سبب ٿا بڻجن. ممڪن آهي اُن ۾ ليکڪ جي ڪا مصلحت هجي، پر انيشئل جي ذريعي شخصيت جي سچاڻ جيئن رڳو دائري لکندڙ يا ان جي ويڙهي وارن کي هوندي آهي، تنهنکري بهتر هو ته پورا نالا ڏجن ها.

خطرن سان وڙهندڙ علمبردار ۽ چاڻ جي عاشق، رسول بخش پليجي کي خود ترسيءَ وارين حالتن تي شدائين ٻُڌائين ونيءَ ۽ چڙ لڳي.... پوءِ به جيل اندر ڪاتو ته ڪٽڪ ڪهڙو واري حالت تي ان مهل متسن ٻُڌي اختيار ڏاڍو ترسن ٿو آڇي ڏنهن "چُني لُولهي ڪنڊ ڪٽون، ڪُڏڻ لڳس ٻال" جيان نويڪلو ۽ هٿيڪو ڏسي، ڪڏهن "جڏ پڙهيو الهه اڙيو" جهڙي زمصان جا مذهب جي باري ۾ احتياط سوالي سونڌا دل تي جبر ڪري سهڻا ٿا پونس ته گڏ امير بورچي کان زبان خور ٻلي جي سڃي ڏينهن جي ڪارڪردگي به ٻڌڻي ٿي پويس ته ڪڏهن وڏي ماڳهين راماڻ جون ڪهاڻيون، لچمڻ جا قصا، هنومان جا حوالا ۽ ٻڌل شعر وڏي وري ٻُڌائڻ واري بابا رفيق جهڙين، چرين بلائن ڪي پوڳڻو ٿو پويس.... پوءِ به اهي ڳالهيون ڪيس لائوڊ تي ملي جي لڳاتار پن ۽ واعظن کان وڌيڪ عالماڻيون فاضلاتيون ۽ عاقلاڻيون ٿيون لڳن.

دائري ايڏي دلچسپ آهي جو هن جي هر ڏينهن ٿي پنهنجا ٿاچيز خيال ظاهر ڪرڻ ٿي دل پئي ٿي. پر هڪ ته لکڻ جو وقت بنهه محدود مليو آهي مٿان وري دائري جا صفحا به برڪت وارا آهن تنهن ڪري مهاڳ ٻُڌي صورت ۾، جي هڪيو وڻيءَ ٿهو ان ۾ شامل ٿي پيو ته دائري ٻُري ڪلب سينڊوچ ٿي پوندي. هي جيل دائري پڌري ڪرڻ ٿي مان رسول بخش پليجي کي ڪوڙ ساريون مبارڪون ٿيءَ ڏيان پر اها دعا هرگز نه ڪندس ته هو اهڙيون ٻيون ڪيئي بهترين جيل دائريون ڏيئي سندي ادب ۽ قوم جي خدمت ڪندو رهي، چو ته سندءِ سندي قوم ڪيس جيل ۾ ڏسڻ بدران پنهنجو پاڻ سان گڏ ٿي ڏسڻ چاهي... ڪيئن هن جي ضرورت آهي ... هو، جيڪو پنهنجيءَ قوم جي ماٿهن جو مستيخيُ آهي.

ماهتاب محبوب
۲۴-۴-۹۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينٽرل جيل، خيرپور ميرس

۸۰ -۷ -۲۶

جن جن شين کائڻ پيئڻ کان پاڻ کي منع ڪئي هيم سي سڀ ڪاڏيم، پيتيم- آڇاں برف جو پاڻي، ڪجيون، انگور، بيضا، کير. گهر جو پاتي ملڻ آيو. کير، ڊيورابولين انجيڪشن ۽ ڪنڊ ڏيئي ويو. قميص بنان ويٺو آهيان . گرميءَ سبب سڄي بدن ۾ سيون پيون لڳن ۽ نڊ مسئلو بنجي پيئي آهي . انسيڊال گوريون کائيندس، کريم استعمال ڪندس، ڊير سان سمهندس ۽ ڊير سان اٺندس . صبح جو هڪڙي وٽندڙ ڳالهه ٻڌي. ريڊرس ڊائجسٽ رسالو ملييم. (هـ- ل ۞ وڻان)

۸۰ -۷ -۲۸

۶۰ رپيا وڃائجي ويا نه ملييا . پاڻ کي سخت جڏو محسوس ٿو کريان . صحت مايوس ڪندڙ آهي . حافظو چڙ آهي . تخيل جي قوت بنهه کانهي. ڪنهن هڪڙي گهربل ڳالهه تي ڌيان نٿو ڏئي سگهان . قوت ارادي بيحد ڪمزور آهي . معمولي تخليقي لڪ جو ڪم ڪرڻ لاءِ دل ٿئي چوي. غير معمولي تخليقي لڪٽيون يا وچٽري معيار جون نيون تخليقي لڪٽيون لکڻ جي طاقت کانهي . ڪم هٿ ۾ کڻڻ ۽ پورو ڪرڻ جي پڇ کانهي. زندگيءَ کي ماضي حال ۽ مستقبل، ٽنهي پاسن کان پرپور نموني ۽ مڪمل حالت ۾ سڄي جو سڄو تصور ۾ آڻڻ، چڪاسڻ ۽ چند چاڻ ڪرڻ ۽ انکي منهن ڏيڻ جي طاقت کانهي. تخليقي پيداوار ذري گهڻ ٻڙي آهي . روزه مره جي چاکيءَ جي گهاٽي ۾ ٻڌو ٻيو قران. هن گهاٽي مان نڪرڻ لاءِ جيڪا جسماني ۽ روحاني طاقت گهرجي سا وڃم کانهي . چا ڪجي ؟ چا هيءَ صورتحال جاري رهندي يا هن کان ٻڌ وڌيڪ بد تر ٿيندي ؟

۞- هـ- ل- هادي بخش لاڙڪ وڪيل، خيرپور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۰- ۷- ۳۰

ناچاڪ آهيان. رات ڏاڍي تڪليف سان ڪاڌيم. ف - م جوابدار جي ڪهاڻي سندس واتان ٻڌم. تفصيل سان ٻڌايائين ته ڪيئن پنهنجي زال کي بي رحميءَ سان منصوبو سڌي قتل ڪيائين . ڏاڍو گهرو اثر ٿيو مٿم . فيصلو ڪيم ته ان بابت ڪهاڻي لکندس.*

۸۰ - ۸- ۲

رات نسبتن گهٽ تڪليف سان ڪاڌيم .

۸۰- ۸ -۳

وات ۾ ڦٽ ٿي پيو اٿم . غلام قادر ملهي ۽ اسماعيل مهيري جي آزاد ٿيڻ ۽ ٿيڻ بابت اطلاع جو انتظار اٿم. ان مان خبر پوندي ته هنن جا اسان سڀني بابت ڪهڙا ارادا آهن . ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ چوي ٿو ته " سپرنٽنڊنٽ** چوي ٿو ته تو کي عيد کان اڳ حيدرآباد ٽرانسفر ڪرڻ لاءِ آئي جي کي فون ڪندو." انڪل پوڻين ستين ٻجي رات جو تار پهتيم ته غلام قادر وارا آزاد ٿي ويا آهن . ڏاڍو خوش ٿيس .

۸۰- ۸- ۴

ٽي ڪجيون ڪاڌم. ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ ۽ سپرنٽنڊنٽ سان ملهيس . آئي جيءَ کي ٽيلي پرنٽر ويو آهي ته مون کي حيدرآباد موڪلڻ جي اجازت ڏني وڃي. شبير شاهه ، منيءَ*** ۽ سليم جا خط پهتا. منيءَ جو خط مزيدار ۽ سليم جو خبرون چارون ڏيندڙ آهي . غلام عباس سهاڳ کان ڪلام ٻڌو. چگو ڳائي ٿو. مونکي ڏندن جي اسپتال ڏانهن موڪلڻ جي اجازت آئي آهي . صحت تمام آهستي بهتر ٿي رهي آهي . شايد بينزوئٽ ۽ صافيءَ جي گڏيل استعمال ڪري. رات اڳي جي پيٽ ۾ آرام سان گذري . بدن ۾ اڃا به جهڙيون سيون پيون لڳن . ٽڏ جو ٻه اثر آهي. سوچي ان نتيجي تي پهتس ته صحت جي تڪليف ۽ ٻين تڪليفن جو هڪڙو مکيه ڪارڻ اهو به آهي جو

---

*- ٽن سالن کان پوءِ اها ڪهاڻي لکيم " بختاور ".

**- نورالهي- ان وقت سپرنٽنڊنٽ سينٽرل جيل حيدرآباد، پوءِ آئي جي جيل سنڌ.

***- منيءَ - پيٽ غلام فاطمه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي پوزيشن مضبوط رکڻ جي وچ ۾ جيڪو توازن هڻڻ گهرجي تنهنجي صحيح سمجهه مون ۾ ڪانهي . صحت توڙي ٻين ڳالهين ۾ اڳتي وڌڻ ڪان اڳ پنهنجي اڳوڻي پوزيشن مستحڪم ڪرڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجيم .

۸۰-۸-۸

ڊپٽيءَ ٻڌايو ته ڏندن جو سرجن ڊگهي موڪل تي ويو آهي . ٽيليپرنٽر پيغام جو جواب ڪو نه مليو آهي . گهٽو ڪري موڪل ڪانه ملندي . ان جا ڪيئن سبب ٿي سگهن ٿا . نورالاهي مخالفت ڪئي هوندي. مارشلا وارن مون کي ۷۱-۸-۸۰ تي پنهنجي هارنهن مهينن جي سزا پوري ٿيڻ کان پوءِ نظر بند رکڻ جو فيصلو ڪيو هوندو. يا ٻي ڪا بہ اهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي . بابوءَ * جوعيد ڪارڊ ۽ ايازَ جا خط مليا . خوشي ٿيم. ڏسجي ٿو ته ايازِ کي ريڊيو پروگرام ملن ٿا. ڪتوءَ** ۽ شيشاً شربت جا، چار پڙا بسڪوٽن جا ۽ ٽي ڪتاب ڪلهه صبح جو ڊياري موڪليا. حيدرآباد جي دوستن جو خط پهتو جنهن مان تصديق ٿي ته مني وارا آزاد ٿي ويا . صحت ۾ تمام آهستي سڌارو جاري آهي . مجموعي طرح سمهي سگهان ٿو پر وچ وچ ۾ ننڊ جو ٽٽڻ اڃان جاري آهي . ڊيورويولين جي سئي هٽايم . دوائن جو چگو اثر ٿيو آهي . انا طول فرانس جو ناول پڙهيم . اجايو عالماڻو آهي . هن صديءَ جي ان ٻئي فرينچ ادب وانگر جيڪو هيستائين پڙهيو اٿم، حد کان وڌيڪ بي ويساه ۽ نا اميد ڪندڙ آهي . ايڇ جي ڪين جي لکيل هندستان جي تاريخ پڙهيم جيڪا هن صديءَ جي شروعات ۾ لکي ويئي هئي. ڪافي دلچسپ آهي . منجهس انگريز سامراجين جي ان وقت جي فرعونيت، رهزني ۽ منافقي رکارڊ ڏي پيئي آهي .

۸۰-۸-۱۰

هڪڙو نندڙو گهوڙالو ٽي پيو آهي.جوابدار (مقدمر) ف ۾ هڪدم بيحد شرارتي بدمعاش ثابت ٿيو آهي . بد فضيلتيءَ تي جڏ ڪئي مانس ته قاتل زهر ۾ ٻڏل حد درجي جي فضيلت ۽ ميناڄ سان چيائين، "سائين توهان مون کي ته بئرڪ ۾ قرآن شريف

* بابو- بابو غلام حسين ميمڻ . ايم اين اي.
** ڪتو- عبدالفتاح ملڪ شاعر وڪيل، سکر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آٽڻ کان منع ٿا ڪريو نہ!" پوءِ سڄي جيل ۾ وڃي چئي آيو تہ" آءٌ وڪيل ونڊ ڪو نہ رهندس . مونکي قرآن اندر آٽڻ ٿو ڏي!" ڏسجي ٿو تہ بدمعاش هر قسم جي بوگس ۽ جعلي غيرت کي استعمال ڪرڻ پنهنجو ڏنڊو ڪٽي بنايو آهي . منصوبو سڻي پنهنجي زال ۽ سڄي سونڊ کي قتل ڪرڻ جي ڏوهہ مان تمام ذلالت وارن طريقن سان پاڻ کي بچائي ويو آهي . فقط خسيس ڏيڍ سال جي سزا ۾ چڻي ويو آهي . گهٽين معنائن ۾ هڪڙو تمام سفاڪ ۽ عيار قاتل ٿو ڏسجي . آئيندي هر قسم جي شرارت ڪندو . ڪو بہ جوابدار سندس جاءِ تي اچڻ لاءِ تيار ڪونهي !

ٽينڊڙا پاشوءَ * ونان هڪڙو خوبصورت عيد ڪارڊ آيو آهي . آريسر ونان اسپتال مان دلچسپ خط آيو آهي . شبير شاهہ لکيو آهي تہ حسين بخش ۽ ادريس آزاد ٽي ويا آهن ۽ اسلم کي علاج لاءِ لانديءَ موڪليو ويو آهي . فاضل جو ڪيس اڃان هلي پيو . لکيو اٿس تہ سندس مسئلو جنهن بابت اڳ صلاح گهري هئائين سو ڪن دوستن جي شرارت ڪري پڌدا ٿيو هو ۽ هاڻ سڀ خير آهي . تہ چئبو ٿہ اسلم کي آخر علاج لاءِ موڪليو اٿن . ڏاڍو سٺو . جوان مڙس سڀ عيد جيءَ موقعي تي وڃي گهر پيڙا ٿيا . اهو بہ ڏاڍو سٺو ٿيو . خدابخش جوابدار موٽي مليو . هو اچڻ لاءِ بيحد منتظر هو . ٻيا نہ اچڻ لاءِ اوترائي بي چين هئا . ف م جي ان پروپيگنڊا جي ڪري تہ "وڪيل وڙهڻو آهي،" انب ڪادم. برف جو پائي پيتم .

۸۰-۸-۱۱

رات ساهہ جي سوڙهہ ٿيم. ائين لڳو جڻ اجهو ٿو ساهہ بند ٿئي . اها تڪليف هون کي ۴ سال اڳ ۱۹۷۶ع ۾ هن ئي جيل ۾ پيدا ٿي هئي جڏهن پي پي پي سنڌ-سرڪار اسانکي سزا طور ڪراچيءَ مان بدلي ڪري هن ڪاري ڪلر ۾ ڪلر ٽينڊ لاءِ رکيو هو. پ-پ- سرڪار پاران قومي اتحاد (پي اين اي) وارن جون خوشامدون هيون . انهن لاءِ بهترين سهولتون ۽ گهر جا جيل هئا . اسان لاءِ هي ڪارو ڪلر ۽ هر قسم جون تنگيون ۽ سختيون ۽ علاج تي بندش هئي . چي "پليجي کي تڏهن اسپتال موڪليو جڏهن پک ٿئي تہ هاڻ بچندوکونہ!" ائين ٿي لڳو جڻ سرڪار ئي قومي اتحاد وارن جي آهي جيڪاڪين ڪارائي، پياري، مچائي، مواڙ ڪري پ پ خلاف تحريڪ هلائڻ لاءِ تيار پئي ڪري ! سنڌ سرڪار تي نالو پڻي جو هو.

* ٽينڊڙا پاشو- اياز لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر جماعت اسلامي جو راڄ هو. اسان کي به جڙ قومي اتحاد جي رستي مان ڪنڌا پري ڪرڻ لاءِ مهل سڙ سنڌ ۾ قيد ڪرڻ ميدان قومي اتحاد وارن کي خالي ڪري ڏنو ويو. پيءُ اين اي لڪ چپ ۾ ڪو گهٽي وقت جو ٻهيل هو.

چيم ته اجهو تو ساهه نڪري. بستر و ڇڏي بيهي رهيس. ساه جي سوڙهه ويهڻ نه ٿي ڏنو. اتفاق سان طوفان اچڻ شروع ٿيو. اسان جا آواز ڪير ٻڌي ٿي نه. پاڻ کي ڏهني طرح موت لاءِ تيار ڪري نتيجي جو انتظار ڪيم. بيٺي بيٺي ڪڙي پوڻ تي هوس. ليٽيس ته ورڻي ساهه بند ٿيڻ لڳو. آڏي رات تائين طوفان چالو هو. آخر جوابدار جون ڏاڍهون ڪنهن ٻڌيون. پوئين رات ڊاڪٽر آيو. رڳو بيهوش ڪرڻ جي سئي هٽي ويو. بدن ۾ بيحد ڪمزوري آهي.

گورنر طرفان بنا مهينن جي معافيءَ جو اطلاع پهتو. بن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ آڏر پهتو ته منهنجي سزا پوري ٿيڻ تي مون کي ٻن مهينن لاءِ نظر بند ڪيو ويو آهي. ساڳي بي ڪلاس ۾. منهنجي اينڊڙ ويندڙ خطن کي هاڻ سي. آئي. ڊي چيڪ ڪندي. سو منهنجو اندازو صحيح نڪتو. منهنجي قيد ۾ هڪ نئون باب شروع ٿيو آهي. اهو به اڳ وانگر هوندو يا ان ۾ ڪا نواڻ به هوندي؟ شام جو ڇڻ وقت پنهنجي سموري زندگيءَ تي ويچار ڪندو رهيس.

۸۰-۸-۱۵

عيد جيڪا ۱۲ آگسٽ تي ٿي، تنهن جو ٻيون ڏينهن. ڪا به روڪڙ ونءِ ڪانهي. بورچي لعل بخش جنهن جي منهنجي معاملن ۾ مون سان همدردي آهي، سو منهنجي چوڻ مطابق بچل شاهه ڪان پٽيسا ولڻ ٻدران پنهنجي هڙان وڃي سڄو عيد جو سامان وٺي آيو. ٿوري دير ڪان پوءِ منهنجو ٻئو عيد جو سامان گهران اچي ويو. روڪڙا پٽسا سو رپيا ٻه آيا.

وڏيرو رٻن مُنگٽيجو ۽ سندس اولاد جن کي پوءِ قتل ڪري ڇڏيو ويو هو سي ان وقت خيرپور جيل ۾ هئا. انهن ۽ ٻين سان گڏ چڪر ۾ قيدين سان ملڻيس. اڳي ڄڻي پيٽ ۾ وقت گهٽ بور ڪندڙ نموني گذريو. وڏيرن ٽاڻي پير جو ڳوٺ ۾ ساٽن ڪيل عقوبتن جو احوال ٻڌايو. دين محمد سومرو ۽ بچل شاه آيا. اڄ پهريون پيرو هتي ڪافي گهٽي گالهه ٻولهه ڪيم. رات خدا بخش جي زندگيءَ جي ڪهاڻي سندس واتان ٻڌم. دل تي اثر ڪندڙ هئي. هڪڙو وڻندڙ اڪيلو جوڙيلو خود اعتماديءَ وارو ٺهڻو ماڻهو آهي. چيو مانس ته قيد مان آزاد ٿي مون وٽ اچي رهجانءِ جي تنهنجو ٻيو ڪو پنهنجو نه هجي ته.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۳- ۸-۸۰

عالم شاه فاضل جا خط مليا. طبعيت ٺيڪ ڪانهي، ڊاڪٽر موڪي آيو آهي. پر اچي گهٽ ٿو هتي. نظر بنديءَ خلاف رٽ ڪرڻ جو ارادو پيو ڪريان. وڪيل وٽان ڪو به جواب ڪو نه آيو آهي. ٽيو ڏينهن ڪڙ وُجيلر ڦٽري ڪٽي ڪئي. منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ اچي منهنجي پيٽي ۽ ڪاڏي پيٽي جو سامان ڪٽي وڃڻ لڳو. چي "جمع ٿا ڪريون! ضرورت پوي ته گهرائيندو رهجان!" ڪيڏو نه تعصب ۽ بي شرمي آهي هنن ماڻهن ۾! پر نه، اصل شي اسان جو ئي "پنهنجو" سپرنٽنڈنٽ صاحب اوڪاش سنڌي آهي. پٽي جو پرتي ڪيل آهي. هينئر اسين پٽي پارٽيءَ جا حامي سمجهيا وجون ٿا، ان ڪري هي سيڪٽون پيون ملن. اوڪاش، پٽي جا احسان ادا ڪرڻ لاءِ "ڏاڇي هٽي ڏه ته توڏي هٽي تيرهن" واري ڳالهه وانگر هي "واڏو" پلايون پنهنجي طرفان پيو ڪري ۽ ڪڙوءِ کي پيو ڏوڙائي ته من مارشل‌لا وارن کي فخر سان چئي سگهي ته "رڳو ٻدن جا ٽي ڪپڙا ڇڏيا اٽمانس ٻيا ڪسي ورتا اٽمانس!" واه ڙي عقل جا ويڑ ۽ دل جا سڌير سنڌي سفيد پوش ڪامورا! پلي توکي مائڻن جائو ! ڪراچيءَ جي وڪيلن جلوس ڪڍيو. متن ٽيئر گيس اڇلائي ويئي ۽ ڪي گرفتار ڪيا ويا ۽ ڪي زخمي ٿيا. اخبارون جڏي واري هوائي حادثي ۽ هندستان جي هندو مسلم فسادن جي خبرن سان پُريون پيون آهن. منهنجا ڳهٽا ڪتاب جيل وارا ڪٽي ويا هليا. اڄ آئي جيءَ جو دورو آهي. اڄ ڪوٺ بابت پنهنجي يادگيرين کي ورجايم. گهٽي زماني کانپوءِ ڪوٺ جي عزيزن سان جذباتي لاڳاپو محسوس ڪيم. گڏريل ڪيترن سالن ۾ هر وقت گهٽن ماڻهن ۾ گهيريل هجڻ ڪري ڄاڻي ٻجهي اڪيلائيءَ ۾ گهٽي غور فڪر کان پاسو ڪيو اٽم. گڏريل ڪيترن سالن ۾ پاڻ کي ذاتي ڳالهين ۾ جذباتي طرح اندران سڪڙو ۽ خالي ڪيل محسوس ڪيو اٽم. هتي جي اڪيلائيءَ، انهيءَ حالت کي سڏاڙ جو موقعو ڏنو آهي. ڪوشش پيو ڪريان ته جذباتي طرح پاڻ سان هم ڪلام ٿيان. اميد اٽم ته جذباتي ۽ روحاني طرح نئين سر هٿيار بند ٿيندس ۽ منجهه نئين ٻجلي چارج ٿينديءِ. ارادو اٽم ته پنهنجي جسماني، جذباتي، روحاني ۽ ذهني قوتن جي وچ ۾ هڪڙو نئون توازن قائم ڪريان. پڙهڻ لاءِ ڪو سڙو مواد ڪونهي. هيتري وقت گڏڙ کان پوءِ به ڪجهه لکي نه ٿو سگهان. ذهني ڪم جي پيش قدمي وري ڪڏهن حاصل ٿي سگهندس يا نه؟

۲۴-۸-۸۰

اڄ آئي جي مسٽر پنهور جيل جو ٻئي ڏينهن ٻه معائنو ڪيو. اڄ هو سڀ کان پهرين مون وٽ آيو. سلوار قميص ۾ هو. ڳالهين ۾ ته پلو ماڻهو ٿي لڳو! هاڻ ڪجهه بهتر آهيان. پر صفا ٺيڪ نه آهيان. بدن ۾ جڻ سيون اڃان به لڳن ٿيون. اهو هڪڙو لاڳيتو عذاب آهي. موسم بدلجي پيئي. گڏريل موسم جي جڳهه تي نئين موسم جون مصيبتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اينديون. دراصل اهي هينئر ئي شروع ٿيو ويون آهن. ڪي ٻه ڪتاب ڪي ٻه ڪاپيون ڪو نه آهن. اسلام ڪي خط لکڻ ٿو چاهيان. گهٽي گهٽي زماني ڪانپوءِ پنهنجي اندر جي سير، تلاش ۽ کوجنا جي دور مان لنگهي رهيو آهيان. جي ان جي نتيجي طور جدلي مادي خود آگاهي، بلڪ پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ پروڙڻ جي هڪ نئين سطح حاصل ٿي ته اها هڪڙي اهڙي ڪاميابي ٿيندي جنهن جي سخت ضرورت آٿم. پر عام ڪمزوري ۽ ڪجهه ٻه لکي نه سگهڻ جو مسئلو وٺ ئي نه ٿو ڏئي. چا ڪجي؟ هن مسئلي جي حل ۾ ڪا ٻاهر مدد ڏئي سگهي ٿي؟ هن ڏاکي تي ان جو ڪو ٻه علاج ٿي ٻه سگهي ٿو چا؟ خدا بخش جوابدار سان جهيڙو ٿيو. سچو ڏينهن سپاهين کي ڪلام ٻڌايو پيو ٻڌائي. آڻون جي ڪٽي چوانس تہ چي "مون کي ٻڌائڻ اچي ئي ڪو نہ! هي سنهن هي قسم!" ڪوڙ ٻڌالهائڻ تي سخت جٺ ڪئي مانس.

۸۰- ۸- ۳۰

رٽ پيٽشن تيار ڪري سپريٽنڊنٽ کي ڏنم. پهريون دفعو سچو ڪلاڪ چڪر ڏنم. ٻن آمريڪي صحافين جو خصوصي نفسياتي بابت ڪتاب پڙهيم. ڪافي هنڌن تي مزيدار هو. تڪليف جاري آهي. اخبارن ۾ ملڪ دشمن سيل جي ٽوڙڻ جون خبرون آهن. اسلاآباد ۾ اهڙو اعلان ڪيو ٿين. "ڏوهارين" ۾ نذير عباسي ٻه آهي! جلال آباد لاءِ چون ٿا ته گهيري ۾ آهي. جنگ اخبار ڪي شڪايت آهي ته علماءِ ڪرام کي اختياريون ڪونه ٿيون ملن جو سماج کي سڌارين. چئي ٿي ته سعودي عرب وارو هوائي حادثو انهي ڪري ٿيو آهي جو مسلمان هوائي ڪمپنيون هوائي جهازن ۾ ايئر هوسٽيسون رکن ٿيون ۽ پردي جي خلاف ورزي ٿيون ڪن. خدا بخش کي ڪليل جيل بدين لاءِ چونڊيو ٿين. خوش ٿيس.

۸۰- ۹- ۱

ڪلهه سپرنٽنڊنٽ اوڪاش پنهنجي سموري اسٽاف سميت اوچتو اچي تلاشيءَ لاءِ ڪڙڪيو. چي "تو وٽ اعتراض جوڳو ادبٽ آهي." ڇڇ ڏيڻهن ڪان پوءِ اڄ وهنجيس. راتوڪي رات ڏاڍي ڏکي گذاريم. سڃي رات ننڊ نہ آيم. اڄ سيويون تيار ڪرائي ڪاڌم. مزيدار ٿيون. وري به ڪڏهن لهڻائيندس. هندستان ۾ فرقيوار فساد چالو آهي. جلال آباد بابت ڪا به خبر ڪانهي. چون ٿا تہ ايران ۾ آمريڪي يرغمالين کي چڏائڻ لاءِ آمريڪا وري به ڪوشش ڪندي. ايراني وزارت اجان ڪانہ لهي آهي. بني صدر وري به يرغمالين جي گهر ڪئي آهي. جنرل ضيا چوي ٿو تہ هٿن پيرن وڌ واريون حدود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورٽون عالمن سڳورن جي حوالي ڪندس. پارت چئي ٿو ته پارت جي اندر ڏينڊڙ فسادن بابت پاڪستان مظاهرا پيو ڪرائي. حڪومت پاڪستان، پارت جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي پئي ڪري. هڪڙو نانگ ماريائون، لال بخش اعلان ڪيو ته اهو ڪارنامو مون ڪيو آهي ۽ نانگ ڪٽي آڻيسرن کي ڏيکاري ۱۵ ڏينهن جي معافي ونڻي آيو.

۸۰-۹-۲

آج عارب ملاقات ڪئي. ميوو ۽ مخزنون آندائين. لاکوجيل ۾ آهي. ڏسجي ٿو ته ڪورٽون وري نظربندي جا معاملا بڌن پيون. آمريڪي صحافين هنري گرس ۽ وليم دي جي ڪتاب مان ٽڪرا نوٽ ڪيم. رات ڏاڍي خراب گذري. سپرنٽنڈنٽ کي لئٽر لکيم ته "منهنجي علاج لاءِ فزيشن ۽ ڏندن جو ڊاڪٽر گهرايو. رڳيون سڪٽيون ڪوڙ جون لکپڙهون نه هلايو." (ڇا ملڪ جا نوان مالڪ واقعي سمجهن ٿا ته هنن اڳيتن ۽ پيڙائن جي ڪري يا پنهنجي ساهه جي ڊپ کان سڀ ماڻهون سندن اڳيان گيسي ڪري پنهنجي وطن ۽ قوم جي عوام کي لڄائيندا؟) اڳي جي پيٽ ۾ هاڻ اهو امڪان وڌيل نظر اچي ٿو ته هاءِ ڪورٽ شايد مونکي عدالت ۾ گهرائي. هاڻ غالب امڪان اهو ٿو ڏسجي. پيٽسلون ڪٽي ويون آهن. جيل جي ڊاڪٽر جو ڪو پٽو ڪونهي. جي منهنجي صحت ڪجهه ٺيڪ ٽي پوي ته پوءِ پانيان ٿو ته ٻين ڪمن ۾ ٻه سٽائي ٽي پوندي. ڊاڪٽر اچي ٿو ته چوانس ته مونکي ايول ۽ ٻيون ان قسم جون گوريون ۽ ڏوائون پاءِ ڪو نه ٽيون پون. سياٽي ڏيورا بولين سئي هٽائڻ گهرجيم. (ڪو ٽخليڪي ڪم ڪئي ڪيڏا زمانا ٽي ويا آهن! ڪيڏي نه قياس ۽ شرم جوڳي ڳالهه آهي!)

۸۰-۹-۴

سئي هٽايم. سپرنٽنڈنٽ سان مليس. ڪيس پنهنجي بيماري جو واقعي صحيح ۽ ڪارگر علاج ڪرائڻ لاءِ چيم. منهنجي رٽ آئي جي ڪي موڪلي ويئي آهي! مٿو ٽي رلائي ڇڏيائونس! ٻن ڏينهن کان طبيعت ڪجهه قابل برداشت آهي. عوامي تحريڪ جو آئين ۽ منشور پڙهيم ۽ ان ٽي ڪم ڪيم. خوشي ٽي. اميد ته لکاني ۽ لطيف وارن جي ڪيسن تي به ڪم ڪري سگهندس. سٽائي ٽي پوندي. ڪتاب ڪونهن. ڏاڍي رڪاوٽ آهي اها به. معلوم ٽيو آهي ته ڊاڪٽر رٽ ڪنن جي گهرپل دوا * ڪانهي. بي ڪتابن به ٽي ملي. هر طرح جي ڪوشش ناڪام ٽي آهي. اخبارون لکن ٽيون ته افغان مجاهدين کي ڏيڻ لاءِ نئين حڪمت عملي ناهي ويئي آهي. ايران جي وزارت اجان به ڪا نه نهي سگهي آهي. شام ۽ لبيا پاڻ ۾ گڏجڻ جون خبرون پيا ڪن!

* ڪنن جي دوا- ريڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽ لکپت جيل لاهور

۱۳-۵-۸۲
۸ بجي صبح، خميس

ڊبل روٽي ۽ چانهه سان کائي ويٺو آهيان. ٽائيگر پاڻ کي چٽي پيو. منير ٽيبل جي پرين اڏ ڪوئي ۽ جون الائي ڏڏ جون چڪون پيو ڏئي. امير رنڊڻي ۾ آهي. هوا ۾ ڏاڻ آهي. چئن ڏينهن کان رکي. رکي مينهن پيو وسي. اچي ٿو ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳو پيو هوندو آهي. رات ٻه اڍ رات تائين لڳو پيو هو. صبح ڪپڙا بدلايا اٿم. رات پيرن ۾ جورابن جا ٽي جوڙا پاتم. ٻن ٽن ڏينهن کان ٽيڪ ناهيان. هڪڙي طرف گئس ۽ ٻي طرف ٽوري ڏڏ. رات ق ۞ چيو ته ٽي وي ۽ جي بجلي چارج گهٽائي ۳۰ روپيا ڪئي اٿن. ريڊيو ٽرانسسٽر ٻنا في ۽ ڏيڻ جو لکيو اٿن. چيائين ٿي ته، "ريڊيو جو ليسن ڪڍايان ٿو". ٽي وي ۽ جي رسيد لاءِ ٻه چيائين ٿي ته بندوبست ڪندس. ڪندو. پر بار بار ياد ڏيارڻو پوندس. ڪم حد ڪن وڌيڪ اٿس. اڄ خميس آهي. اڄ شايد پرويز اچي. چانهه ڪنڊ الائي ڪير ٽيون چوٽون ڏينهن ڏئي ويو؟ ڪله ق کان پڇڻ ٻه وسري ويم. اڄ ويس ته پڇندس.

ڪاله کان مينهن جي ڪري شاه جون هي سٽون بار بار ڇپن تي ايندیون رهن ٿيون.

آيو ڪير ڏيهاءِ، جنهن ڪرپچان خبرون؟
وڃون ان وٽاءِ، رات ماروءَ تي وڻيون!
سچ ڪ انا مينهن، مونهان پوءِ مليرِ ۾؟!
ڪاله سڃوئي ڏينهن، منهنجي آڪڙين اکيريو!

۞ ق- قريشي جيلر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪ ٻن پهرن جو مزيدار ڳالهه ٿي. ويٺي ويٺي اوچتو هي جملو ٻڌم ۽ ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيس! جملو هو "ويهڻ ٻه ڏينديون يا..؟" غور ڪيم ته اهو ٻي خيالي ۾ منهنجيئي واتان ٻي اختيار نڪتو هو ۽ ڏاڍي احتجاج واري لهجي ۾ نڪتو هو ! سوچيم ته چو؟ ڪير نه ٿو ويهڻ ڏي ۽ ڪنهنکي؟ ۽ چو؟ پوءِ ياد آيم. هڪ پل اڳ لطيف جي هڪ سٽ ائين اوچتو منهن مان نڪتي هئي "جان جان هئي جيئري ورچي نه ويٺي!" ۽ پوءِ ٻي خيالي ۾ جهونگاريي رهي "جان جان هئي جيئري ورچي نه ويٺي!" "جان جان هئي جيئري ورچي نه ويٺي!" مون شايد ڪا قيدي جي اپيل پئي لکي. اها سٽ بار بار جهونگاريي ٻڌي ان جي مطلب ڏانهن ڌيان ڇڪيو ۽ جڏهن ان جي گهرائي سمجهيم ته تحت الشعور بلڪ لاشعور ۾ هڪدم اهو خيال آيو ته اسين سنڌي ڪارڪن بلڪ سڄي ملڪ جا پورهيت ڪارڪن ته ان حساب ۾ ڪٿي ٻه ڪوڙ چئباسين! ان معيار جي ماڻهن جي قافلي جي ڏوڙ کي به رسي ڪوڙ سڏهنداسين ! ته چئبو اسين رڳو جڪ پيا ماريون ۽ سچن ڪارڪنن جو نالو پيا بدنام ڪريون؟ پنهنجي ان پوزيشن جي احساس تي لاشعوري طرح سخت افسوس به ٿيم ۽ لطيف تي حجت واري ڪاوڙ به آيم ته اهڙيون خبرون ڪري اسان جو ويهڻ حرام ڪريو ڇڏي،سو لاشعوري طرح ۽ بي اختيار بي چينيءَ وچان ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيس ۽ تصور ئي تصور ۾ لطيف کي مخاطب ٿي اهي لفظ بلڪل پاڻ مرادا وات تي اچي ويا "سيد! پنهنجي ملڪ ۾ ويهڻ ٻه ڏينديون يا هٿان ٽپڙ ٻڌون!" ٻيا لفظ اچار يا ڪوڙ رڳو اهي لفظ چپن مان نڪتا. "ويهڻ ٻه ڏينديون يا.....؟!"

اڄ پرويز ملاقات تي آيو. شاديءَ تي □ ديرسان پهتو. بهر حال ڪافي همراهن سان ملیو. بهار(ميرجت ڳوٺ) ٻه ويڙو . تمام سٺو. فاضل وارا شاهوءَ * سان گڏ ڪراچيءَ ۾ بزنجي سان مليا. عارب ۽ عالم شاه ڳحرانوال اسحاق محمد جي ورسيءَ تي آيا.

لوڪ وارن * ۽ ٻين سان مليا. هتي آيا. منڙو سردار شوڪت وغيره سان مليا. پوڙهو * جلد حيدرآباد ويندو. مطلب ته عالمن جي ابي ▲ وري پَرَ سوئيا آهن. فاضل خليل کي سڏ ڏنو آهي. زبردست ڪم ٿيو. منهنجي پراڻي دلي آرزو پوري ٿي ته اسان جا سمجهو، سٽا ۽ شاندار ماڻهو پراڻين گندين سماجي زنجيرن کي ٽوڙي پاڻ ۾ گڏجن، ماڻهن جي تنهائي ۽ بي وسي ختم ٿئي ، سماجي رستا کلن، اڄ وڄ وڏي، نگاهون پري ڏسن ۽ نين خوبين ۽

□ (شاديءَ تي- فاضل جي مرحوم پٽ صديق راهو جي شادي تي.
* شاهو- شاه محمد شاه.
* لوڪ وارا- پنجاب جي ٽرانسڪائي تنظيم.
*پوڙهو- پروفيسرعزيزالدين احمد.
▲ عالمن جو ابو- سيدعالم شاه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلاحيتن وارو نسل پيدا ٿئي. سنڌ جي غلاميءَ جو هڪڙو مکيہ ڪارڻ منهنجي نظر ۾ سگاوتيءَ جو چاچي، مامي، پاڙي، ڳوٺ ۽ ذات تائين محدود هجڻ آهي. ماڻهن کي پري پري ۽ مختلف ذاتين ۽ طبقن ۾ شادين ڪرڻ جي آزادي ملي پئي ته سنڌ جي ڳڇيءَ مان هڪڙو وڏي ۾ وڏو ڳڻ نڪري پئي. اهڙا قدم پراڻي غلام بنائيندڙ رت چوسيندڙ ۽ لولو لنگڙو ڪندڙ سماج جي منهن تي هڪڙو وڏو زوردار پادر آهن. زنده باد! امان بيمار هئي. ڪراچيءَ ڪٽي ويا اٿس. خبر ناهي پروگرام ڪهڙو اٿس؟! الائي بابا وانگر يڪي ٽڪيڙ ولڻ جو خيال اٿس! منهنجين ڪمزورين توڙي چڱاين ۾ امان جو وڏي ۾ وڏو دخل آهي. امان جي خواهشن تي هلي ۽ انهن کي پورو ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ مون پاڻ کي ڏاڍو هلاک ڪيو ۽ تمام گهٽيون سنگين غلطيون ڪيون آهن. گهٽين حالتن ۾ عقل مند ماڻهوءَ لاءِ مائرن جي عقل، سمجهہ ۽ خواهش تي هلڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا خطرناڪ ۽ تباه ڪندڙ ڳالهہ مشڪل هوندي. خود مائرن لاءِ بہ اهو چگو ناهي ته پٽ سندن عقل تي هلي پنهنجي، سندن ۽ ٻين جي زندگي برباد ڪن. ٻئي طرف امان مون ۾ ننڍ پڻ کان اهي چڱاڀلايتي ۽ ڏهني لاڙا ۽ رويا پيدا ڪيا جيڪي مون کي اميد آهي ته مون ۾ اڄ تائين موجود آهن ۽ وڏي ويجهي مضبوطيءَ چڪا آهن. امان مون کي هيٺن سان همدردي، رحم، باجهہ، دليري، سخاوت، ارادي جي مضبوطي، ثابت قدمي، فراخدلي، مذهبي تعصب لاءِ ۽ نفرت لاءِ نفرت، علم لاءِ چاهہ، خود قرباني ۽ ٻيا گڻ سيکاريا ۽ ان جاکيترا مثال قائم ڪري ڏيکاريا. اما مون کي راڳ لاءِ چاهہ سيکاريو . اما مون کي ڪڏهن بہ پيش پوڻ لاءِ نہ چيو. ڪڏهن بہ روئي پچڪي مونکي منهنجي راہ تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪيائين. فقط اڳين سال هڪڙي ملاقات ۾ ڪلندي هڪڙو گنتو ڪڍيائين ته " تون الائي گهڻو وقت ..." پر حوں □ مني ● ۽ منهنجي منهن ۾ نهاري سمجهي ويئي ته اهو حرف منهن تي ٿو پوي. هڪدم ٻي ڳالهہ ڪيائين. بابا جي وفات کان پوءِ پهريون پيرو هاءِ ڪوڙ ۾ ملياسين ته چيائين ته "رسول بخش! پٽهين ويو هليو!" مون سندس گڏ ٽيندڙ ڳوڙهن کي نظر انداز ڪندي چيو "امان! اهي ڳالهيون گهر ٽيندين!" بس! پوءِ وري اکر ڪونہ ڪڍيائين! سخت مخالف بلڪ نا ممڪن حالتن ۾ منهنجي تعليم جو سهرو بہ امان جي زبردست خواهش ۽ انڻ ارادي جي سر آهي. مون جهڙي ضدي ۽ هر فن مولا گوسڙ ٻار جا سمورا ٻهانا ٽوڙي ۽ سمورا گس بند ڪري ڪيس پڙهڻ تي مجبور ڪرڻ امان جوئي ڪم هو. چو ته بابا اڪثر نوڪريءَ سان ٻاهر هوندو هو.

□ حور- پيٽ حورالنساءَ
●مني- پيٽ غلام فاطمہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٽائيگر کي سزا ملي آهي. در تي نندڙن ٻارن وانگر ليلائي ليلائي نا اميد ٿيو ٻاهر ويٺو آهي. اڄ صبح جو منير چيو "ٽائيگر ماٽس کي ماري پيو!" مون چيو چرچو ٿو ڪري. پر واقعي ڏسان ٿ ماٽس کي "شو!" "شو!" ڪري ٻه ٽي چڪ هٽي ڪڍيائين! ماٽس ويچاري ڏهڑي ۽ جيل جي فاتن ماري، سا ڏسان ٿ پنهنجي ننڍڙي پٽ جي ڏپ کان لڪندي وتي! آخر هن ڏوڙائي ڪمري بلڪ وارد ٽان ئي ڀڄائي ڇڏيس. ٻاهه وڃي ويمر! اڄا کالهه اکيون بند ٿيس ۽ ماٽس وات ۾ ڪٽيو پئي اسان کان ڏوهارئن وانگر لڪندي وتي ۽ اڄ هي بدمعاش ان کي گهر مان ڀڄايو ٿو ڪڍي! منير ۽ امير کي چيم ٿ "هن بدمعاش جو ڪمرو ۾ اڃ بند آهي ۽ في الحال هن کي کا ٻه شيءَ نه ڏيو." گهٽوئي گوڙ ڪيائين، پر اندر اڃ بند اٿس. اڄا ننڍڙو آهي؛ هونئن ٻه هن کي گهڙي خبر ٿ سزا ڇا جي ڪري ملي اٿم! پر ٿ ٻه ڪجهه ٿ ڪجيس!

شام جا ساڍا پنج. منير اچهو هينئر دروازي کي تالو ڏيئي ويو آهي. ٿوري دير ۾ پهرين ڀيٽي وارو نمبردار (مقدم) ايندو. ائين چئن چئن ڪلاڪن کان پوءِ پهرو بدلبو ۽ نئون نمبردار ايندو. اهي وارڊ اندر پهرو ڏيندا. ٻاهر ملازم (سپاهي) پهرو ڏيندا. اندر توڙي ٻاهر ڏبل پهري جو انتظام هتي سياسي قيدين مان فقط مون تي آهي. هي سيڪيورٽي وارڊ جو آهي! هاءِ ڪورٽ جي فتويٰ کان اڳ پٽو صاحب ٻه ٿ هتي رکيو ويو هو.

ٿوري دير ٽي ڀ ويو آهي. تصور جو فالودو کٽي آيو هو. لٽي ۽ شڪارپور جي فالودن جي يادگيري ڏياري ڇڏيائين. (لٽي ۾ مچي ماريڪٽ کان اوڀرپان فالودو ڪائبو هو ۽ شڪارپور ۾ شايد هاٽي در وٽ)، پنهنجي اڪيلي اولاد ڏيئڻ سال جي ننڍڙي ڏيءَ جي ڀاڪ کندي چيائين ٿ "هڪڙي ڏينهن مونکي چيائين "بابا! گانا؟" مون چيو "هائو ٻڌاءِ گانا" چيائين "سائون وي نال لي چل سجڻان!" مون چيس "الوءِ جي پٽي! اهو ڳائيندين ٿ سٽ اسڪوٽر پنيان پڄجي ويندءِ!" اڄ ريڊيو جو ليسن نهرائي ڏنائين. هڪڙو برجستو، متوازن، سنجيدو ۽ انسان دوست ڪامورو زندگيءَ ۾ گهٽ ڏسبو. هڪڙا همدرد آهن ٿ وري نا اهل آهن ۽ ڪم نه ڪري سگهندا، رڳيون ٽلهيون همدرديون ڪندا رهجي ويندا. منجهائن بقول نيواتي چوٽيءَ جي* "نه دود (ڪير) نه ثواب" ٻيا قابل، تيز، استاد ۽ افلاطون پر بي حيا، بي غيرت ۽ رڳو پئسي جا پٽ. هي قابل، برجستو ۽ ڪارگر ٻه آهي ٿ انسان دوست، با حياءِ، با فضيلت ۽ وڏي ڀاڪ ٿ زنده دل ٻه. هڪڙو ماڻهو سيني کي خوش ڪري ئي ٽٽو سگهي. پر هن مان عام قيدي ٻه خوش، سپاهي ٻه

* نيواتي- ضلعي لٽي ۾ جنگشاهيءَ جي ويجهو منهنجو ڳوٺ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي بہ ۽ اعليٰ افيسر بہ. مطلب تہ ڇڙي امرت ڌاراقسم جي هر مرض تي پوڻ واري ڪامور کي شخصيت مون زندگيءَ ۾ ڪا بي ايان ڪانہ ڏٺي آهي. وڏي همراهہ ● سان گڏ هو. گهٽو ڪري سڄو پويون وقت ويندي بنهہ پچاڙيءَ تائين. بنيادي طرح چالاک ڪونهي. نهايت سمجهو هڻڻ سان گڏ ڪافي سادو بہ آهي. ٻنديس فطرت سان گڏ سندس حالتون بہ سازگار آهن. سخت محنتي بہ آهي، ايتر ايترو بہ آهي ۽ پئسي واري گهر جو بہ آهي. مالي مسئلو بلڪل ڪونهيس. پر هوس هزارين مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو. هن کي هوس ڪونهي.

هينئر امير مشتتي(برداشتيءَ) چيو. تہ "ٽائيگر چوي ٿو تہ مونکان غلطي ٿي آهي. آئيندہ آءٌ امان کي چڪ ڪرڻ پائيندس. مونکي معاف ڪر. ڏس هي ٽائيگر پيٽ تي لٽيو پيو آهي. معافي ڏيو گهري! " مون چيس "ليڪ آهي، جي ٽائيگر بدمعاشي ڇڏي ۽ ماڻ جو ادب ڪري تہ کيس معافي تا ڏيون. آئندہ گڙ بڙ ڪئي اٽس تہ پوءِ ماڻ کائيندو!"

چو طرف خاموشي آهي. باهر آسمان ۾ ڪڪرن جا ولر چکر ڏيندا پيا ڏسجن. هوا ۾ هلکي ٿڌاڻ آهي. ٽيبل تي امير ڪتاب ستي ڇڏيا آهن. انگريزي ناول، بلوچي، پشتو، پنجابي ۽ اردو ڪتاب. بخشيش سنگهہ جي ٽن جلدن ۾ تاريخ پنجاب (انگزيءَ ۾)، تراة العين حيدر جو ناول "آخر شب ڪي مسافر". امير اڪر بہ پڙهيل ڪونهي. هن جي پاڻي رڏين سيءِ ٻوٽ ڪاريون. جيڪو ڪتاب وٺيس ٿو سو ڏيو يا ڪٻٽ ۾ رکي يا اڇيو ٽيبل تي رکيو ڇڏي. هينئر هڪڙو انگريزي ناول (Road Night) جيڪو اڌ ۾ ڇڏيو اٿم، سو کڻيو ٿو پڙهان.

۱۴-۵-۸۲

ٽن ڇڻ لائوڊ اسپيڪرن تان تلاوتن جا پاڻ ۾ ٽڪرائجندڙ هوڪريا ٻڌي اُٽيس. شايد لائوڊ اسپيڪرن جو پاڻ ۾ ڪو متابلو هو. اڪر بہ سمجهہ ۾ ٽٽي آيو. مشهور فدائي رسول مقبول ۽ بابائي نعت گويان عبدالعزيز خالد شاعر اڳي جنگ ۾ بہ مضمون لکي انهن لائوڊاسپيڪرن جي پاڻ ۾ چٽاييٽيءَ خلاف ۽ مذهب جي بي حرمتي ۽ بدنامي ڪرڻ ۽ ان جي نالي ۾ ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪرڻ خلاف گهوڙا گهوڙا بہ ڪئي هئي، پر هتي ڪير ٿو ٻڌي؟ سو بہ هاڻ جڏهن حاڪم طبقن جو ۽ سندن ڪمين ڪمدارن جو گدر

● همراهہ وڏو- پٽو صاحب، ڊائريءَ ۾ اوچتيءَ چاپي لڳڻ جي اندیشي کان کوڊ لفظ لکيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفر ۾ ڇا حياتيءَ جو مدار ئي مذهب کي ناجائز طرح استعمال ڪرڻ تي ٻڌل آهي. هاڻ اهو ئي آخري هٿيار وڃي رهيو آهن. سمجهڻ ٿا ته ان کان پوءِ سندن ٻولي ئي ڪُٽي ويندي. پلي ٻڌي ڏينهن موجوڻ ڪري ولن! ۽ پلي ماڻهن جون خاص ڪري پنجابي ماڻهن جُون اکيون ٻه پٽجڻ تي جنهن کي ڦورو ۽ ظالم طبقن جا ڏينورچڻي تاريخ نڙيس صدين کان "مسلمان حڪومت" سڏي پڌائيندا اچن سا (چوڏهن صدين مان فقط ويهن ٽيهن سالن جي عرصي کي ڇڏي) حقيقت ۾ ڇا ٽيندي آهي. نڪ "ڦون!" "ڦون"! پيو ڪري. ان مصيبت ماري رکيو آهي. بس ٽوري ٽڏڪار ٽي ته "ڦون!" "ڦون!" شروع! اڄ سوچيم ته متي ۾ تيل گهٽ وڌندو آهيان شايد ان ڪري چمڙي خشڪ ٽي وئي آهي. اڄ جمعون آهي. اڄ سڄو ڏينهن لائوڊ اسپيڪرن جو پاڻ ۾ ملاکڙو هلندو. هتي ماڻهو پٽن ٻه لائوڊ اسپيڪرن تي ٿا! "بابا مسجد بڻ رهي هي دي جا! او پگڙي ڏاڙي! الله تيري بچون کو سکي رکي گا." سڄو ڏينهن اها ڪار آهي. پاسي واري هڪڙي پونگيءَ ۾ لڳل هڪڙي ملان سڳوري جي لائوڊ اسپيڪر تان ٻه اها ئي لولي آهي. اخبارن ۾ گهوڙا گهوڙا ٽي آهي. پر پينو وري چو ٻين کان گهٽ ٽين! اهي ٻه چون ٿا "اسلام" ۾ ٿا دست اندازي ڪريو !" سوچين ٿا ته "اسلام" جي آڙ ۾ ماڻهو ڪروڙ پتي ۽ اربَ پتي ٽي ويا آهن. اسان ڏوهه ڪيو؟

ٻاهران چڪر ڏيئي آيو آهيان. مينهن انبن جو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. گڏڙيل ڏهن ڏينهن ۾ روز ڏس ته چڙيل انبين سان پٽ پريا پيا آهن. چون ٿا هڪڙو ڏاڏو منو وڻ آهي. هر سال انبين سان سٽيل انب ڏسان ٿو پر انب نصيب کونہ ٿيا آهن. گهر وارو سندڙي انب جڏهن پور جهلي ۽ انبيون کڏي تڏهن همراه* اچيو در تي بيهن. سکر جيَ اسپيشل وارد جا انب تيار ٿيا ته حيدرآباد ڪڏيائون. اتان هيڏانهن. هتي آيس ته انبن جا وڻ هئا باقي انب کاڄي ويا هئا. هنن مان هڪڙو انب چون ٿا پٽو صاحب تاتيَ وڏو ڪري ويو آهي. کيس پاڻي ٻه هٿن سان ڏيندو هو. هونئن آءُ انبن جو نکو شوقين آهيان نکو کائي سگهندو آهيان. مڙيئي سوڻ ٽيو ڪرڻو. رات "رود نائيٽ" ناول پڙهي پورو ڪيم. مسئلو اهوئي پراڻو. "شريف" گهر جي چوڪريَ "گهٽ" درجي جي ماڻهوءَ سان شادي ڪري پنهنجي "شرافت" کيئن برقرار رکي ٽي. ڊاڪٽر جي شهري ڏيءَ چوٽڙو زميندار سان شادي کيئن ڪري؟ خير هتي لاءِ اهو ٻه ناول چئبو.

کيترن ڏينهن کان نه ريڊيو آهي نه ٽي وي. کڏهن اڻ هوند کم اچي ويندي آهي. آءُ اکثر انهن ٻنهي کان بيزار رهيو آهيان. نه وقت آهي ۽ نه انهن ۾ لاڳيتو مزو. بس

* همراه- پوليس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن چنڊاڻي چمڪاٽي ٻڏي پل ٻيڙي يا ڏسي ڇڏيو ته واه نه ته ٻهيو. جيل ۾ ريڊيو ڇڻ هفت اقليم جي بادشاهت. ماڇيس جيڏي ريڊئي جو مالڪ ٻه پاڻ کي شهنشاهه پيو سمجهندو. وڃه ملندس ته ائين ڪٽي پيو گهمائيندس جيئن شوقين تترن جي جوڙي پجري ۾ وڃهي گهمائيندا آهن. بتول شاهنواز جوٽيجي جي خفتي چوندا آهن. "پنهنجي پڪيءَ بنا مڙس جڏو!" هتي جي همراهن کي ريڊيو ٻه ته نٿي وڃي ٻا! اسان ٻه ڪنگهي ڪنگهي ٻنهي جي منظوري ورتي، پر اڃن ڪٽان؟ همراه تڪڙ ۾ اهڙو هڪڙو سستو ديسي ريڊيو ونبي ڏئي ويا جيڪو پهرئين ڏينهن ٻڏي هتي جي همراهن ڇيو "فيڪٽريءَ ۾ ڏياري موڪليو ته مرمت ٿي اڃي!"

آخر ٿي وي ٻه ملي. پراڻي سراڻي پر نئين ريڊئي کان وڌيڪ ڪم ٿي ڏنائين. دنيا جا عجيب رنگ ڏناسين. صدر محترم● جون روز زيارتون ڪيوسين. مولانا قبلي اسرار احمد جا واعظ ٻڌاسين. ٻين علماءِ ڪرام جا موتين جهڙا پلارا گفتا ٻڌاسين. قوالیون ٻڌيونسين. ديني ڊراما ڏناسين جن جا اصلي هيرا اکثر مولوي سڳورا هئا، جيڪي عين ٽائيم تي اچي ڪفر جي ڪاري اونداهي رات ۾ روشنيءَ جا ڪرڻا ٽاپت ٽيندا هئا. مطلب ته نورئي نور ڏنوسين. البت ڪنهن ڪنهن مهل وچان وچان عطاءالله نيازي، ريشمان پارن جا ٻول ٻه ٻڌي ٿي ورتاسين. ٻئي پاسي ڪافرن جي ٿي وي امرتسر جالنڌهر کي ٻه ڪولي ٿي ڏنو سون ته خدا انهن جو ڪهڙو خانو خراب ڪيو آهي؟ مومنن جي ايمان کي غرق ڪرڻ لاءِ هو ڪهڙيون ڪهڙيون چالبازيون تا ڪن. خير اسان جو ايمان ته خدا کي بچائڻو هو سو بچي ويو؟ لهر نه ڪو لوڏو ٽيس. باقي هئي ايمان جي پرک! اصل ڪاري تيام! هفتي ۾ ٻه دفعا فلمون؟ ٽي دفعا فلمي گيتن جو پروگرام چٽر هار. مومن جي دل لاءِ آزمائش جي حد ٿي ڪانه هئي. اهي اهي فتنا، اهي اهي تباهيون، اهي اهي نسوريون قيامتون جو رب جو فضل پاڪستان جي ماڻهن سان شامل نه هجي ها ته هتي وارا فلمي اسٽوديا؟ ريڊيو؟ ٽي وي جون اسٽيشنون چريا ماڻهو ڪڏهوڪا هٽي پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏين ها. پر رب رکي تنهن کي کير چکي!

جنهن وقت "واڻين" جي ٽيشن تان هڪڙي مسلمان محترم قوال صاحب ڳايو ٿي، "سلام آخري!"؟ محترم انيسا صابريءَ قوال محفل تي نظر وڃهي مرڪي آلاپ ٿي ڪيو تنهن مهل وڏين وڏين متبرڪ هستين جن جي مٿان نر پکي پيو هڪلجي تن جا وضو ٻه خطري ۾ پئجي ويا هوندا. جڏهن سريندر ڪور "تار ٻنان تُنبا وجدائي نان!" "شونتڻ ميلي دي" ٿي ٻڌايا، جگجيت سنگهه؟ جگجيت ڪور؟ غلام محمد؟ ٻين آلاپ ٿي ڪيا، چنديگڙهه يونيورسٽيءَ جي شاگردن "هير رانجها" "مرزا صاحبان" ٻيلي رقص

●ضياءالحق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ٿي ڪيا يا ڪهن پنجابيءَ ۾ انگريزي گانا ٿي ٻڌايا. تڏهن روح ۽ دل جا پيچيدا مسئلا ويتر وڌيڪ پيچيدا ٿي ٿي ويا ۽ صراط مستقيم جي پيچري تان نه ٽڙڪڻ ڏري گهڻ ناممڪن ٿي ٿي پيو. "انگوٺا دل والي وهي ٿي لوالي- ميٺن تيري آن، مين تيري آن، مين تيري آن" ۽ شو بٽالويءَ جو گيت "اِڪ ڪُڙي جِدا نام محبت" ٻڌي شاهه جو هي بيت چپن تي آيو ٿي.

چارڻ تنهنجي ڇنگ جو عجب آهيم، اي ڏُهي،
هٿين ايو هٿن سان جيئرو رکيوءِ جيءَ
رات منهنجو ريءُ، ڪاڻيو تو ڪماچ سان!

جمهوريت جي ڏينهن مواصلاتي سياري وسيلي شڏو دهليءَ جو پروگرام ڏيکاريائون. چمڙا پوشيءَ جي چٽا پينيءَ ۾ شهزادو سليم ڏيکاريائون، پنجابي ڇٽ ڏيکاريائون، گجرات جي ڪولهڻ ڪنوار ڏيکاريائون جنهن گهونگهٽ مان وڏن زورن سان جهلڪ ٿي ڏيکاري، ٻيا به ڪٿين هئا. پچاڙيءَ جو معلوم ٿيو ته شهزادو سليم مرڪزي وزير اطلاعات سالي هو، پنجابي ڇٽ پارليامينٽ جو اسپيڪر هو ۽ ڪولهڻ ڪنوار دهليءَ جي نوخيز سانوري سلوٽي پوليس آفيسر ايس پي ٽرئفڪ محترمہ مسز ورما هئي، جنهن دهليءَ ۾ ٽرئفڪ وجهي ڇڏيا آهن ۽ جنهن ڀا قانون جي ڇڪتڻ ڪندڙن خلاف سختيون ڀا ڪارناما پاڪستاني صحافين به بيان ڪيا آهن.

فلمي شو ۾ هڪڙو انائوسر نرگس جو مڙس سينل دت هو. لتا اچي ڳايو ۽ خوب ڳايو. پر جڏهن مهمان خصوصي "دادا مُني" اشوڪ ڪمار آيو ۽ حاضرين جي سخت اصرار تي وچ ۾ ٽٽي پوندڙ آواز ۾ فلم "قسمت" جو گانو "ڈيري ڈيري آري بادل ڈيري ڈيري گا" ڳايائين تڏهن ان معمولي گاني ۽ معمولي آواز تي خلقت پاڳل ٿي پئي. ڪيترن جوڻ جوانيون ان ۽ اهڙن گانن کي جهونگاريندي گذريون هيون، ڪيترن ممتاز شانتيءَ جي روپ ۾ پنهنجين محبوبائن کي پوڄيو هو. ڪيترن لاءِ بادلن کي سڏ نه هو زندگيءَ جي گذريل ٻن ڏهاڙن اڻ لڀ پلن لاءِ ورلاپ هو. حالانڪ ماڻهوءَ کي خبر به آهي ته اهڙين فضول ڳالهين جي شريعت اجازت ڏيڻ ڏي ته به الائي ڇو خود ڪيترن ئي مسلمانن جون اکيون به ڪافر اشوڪ ڪمار جو ماضيءَ کي سڏيندڙ آواز ٻڌي آليون ٿي ويون هونديون. ڪوڙ ڇو ڳالهائجي، خود منهنجون اکيون به خشڪ رهي ڪونه سگهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اصل ڳالھ مشاعرو ھو. ھندي مشاعرو، آل انڊيا ھندي مشاعرو، پاڻ کي ھندي ايترو اڇي جيتري جبلي ڪي اردو، پر مڙيئي دل جي دوڙ تي اڪراڏ سمجھيو ٿي ورتوسون ۽ ٽويڙ لڳائي ٿي ورتي سين تہ ڳالھ جو منھن مھاڙ فلاٽي پاسي آھي. مڙس رنين آھرين آيا ھئا. مڙس تہ مڙس پر مايون بہ اصل ھٿ مان ٿي ويون. پر آخر ھي مھمان خصوصي جنھن جو نالو آءُ نوٽ ڪري نہ سگھيس تنھن نظماٽو نٿر پڙھيو. ھمراھ سٽ اسيءَ جي پينڊي ۾ ھو. ھڪڙو پير نہ ٻئي قبر اندر ھوس. رڳو ٽورڙي ليش وھيٽو ھو. ائن ٻئي شعر پڙھيائين جڏ ڳالھيون پيو ڪري. ڪڏھن جھيڻو جھيڻو آھستي آھستي تہ ڪڏھن جذبي ۾ تيز تيز. وري ٽڪي ٽي پيو. وري شروع ٿي ٿيو. پانيان ٽو اڌ ڪلاڪ منو ڪلاڪ ائين ڳالھيون ڪنڌو رھيو. ٻڌندڙ پنڊپڻ ٽيا وينا ھئا. آءُ بہ. آخر جڏھن انسان جي عالي تاريخي تقدير جو ذڪر ڪندي دنيا جي ٻارن، مائرن، مردن ۽ عورتن مٿان ايٽمي بادلن جو ذڪر ڪيائين تڏھن سندس اکيون ڳوڙھن سان تار تار ٿي ويون. پر ڳالھائيندو رھيو. ڳالھائيندو رھيو. جڏ رھاڻ پيو ڪري. راز جون ڳالھيون پيو ٻڌائي. اندر پيو اوري. پوءِ چيائين تہ "انسانکي دنيا بچائڻي آھي. شاعر محافظ آھي. شاعر ضمير آھي. شاعر جوڏو آھي. جي ناھي تہ ڪيس ٽيڻو آھي. اھو تاريخ جو سونپيل فرض آھي." مون بروقت پنھنجي انگريزي نوٽبڪ ۾ نوٽ ڪيو ھو. (ھي اتان نقل ٿو ڪريان.) (ترجمو) "ھندي مشاعرو ٻڌم. حد کان کان وڌيڪ ڏلچسپ، خاص ڪري جيڪو شاعر سيني ڪانپوءَ آيو. عظيم ۽ بي مثال شاعر ھو. مون زندگيءَ ۾ جن ٻہ شاعرن جو ڪلام ٻڌن واتان ٻڌو آھي تن سيني ۾ ھي غالباً عظيم ترين ھو، مخلص، داناءُ، عالم ۽ درويش صفت ٽي لڳو. معلوم ٿي ٿيو تہ ڪيس ان حقيقت جو اونھو شعور ھو تہ "زندگيءَ جو عمل عالمگير آھي ۽ سموري تاريخ سان ڳنڍيل آھي (يعني مڪاني ۽ عارضي ناھي.)" ۽ پوءِ مختلف فلمن ۾ ماڻھو ڏسبا رھيا آھن. ڪي پراڻا، ڪي نوان. خبر بہ آھي تہ چگا ڪم ڪبا. اھڙن ماڻھن کي نہ ڏسبو تہ ثواب ٽيندو ۽ خدا گھريو تہ بھشت نصيب ٽيندو. آمين! (۽ بھشت ۾ جيڪي آھي تنھن جو ذڪر ڪتابن ۾ سربستو موجود آھي. بھشت جي پلارن جسمن جي نازڪ ترين حصن جو بيان بہ نھايت معتبر روايتن سان ۽ نھايت دلڪشي، فصاحت ۽ صداقت سان ديني ڪتابن ۾ بيان ٽيل آھي.)

پر آدم جو پٽ انسان، ازل جو ڪليل ۽ ان کري بھشت مان تڙيل. بتول مرحوم ڊيپلائيءَ جي "انسان ويچارو آھي ماڻھوءَ جي آچار." سڀ ڪجھ سمجھي بہ ابتو گس ولندو. غالب وارو ڪم.

جانتا ھوں ثواب طاعت وزھد،
پر طبيعت ادھر نھيں آتي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(فرمانبرداري ۽ عبادت جي ثوابن ۽ اجورن جي سموري خبر اٿم. پر ڇا ڪريان؟ ان پاسي دل ئي ڇيو ٿي ڪري!) بس نياڻ جو ٿيو. سو حورن ڏانهن وڃڻ واري گس ڪان ابتو گس ولي، نہ ڏسڻ جهڙا ماٺو ڏنا سون. جيڪڏهن ڪو مون کان پڇي ته تو گذريل ڏهن سالن ۾ بهترين پاڪستاني فلم ڪهڙي ڏٺي آهي ته آءٌ جيڪر چوان "مٺي پر چاول"، وري جيڪر ڪو پڇي ته هندستاني؟ ته بہ جيڪر چوان "مٺي پر چاول!" مزيدار ڳالھ اها آهي ته پاڪستاني "مٺي پر چاول" هندستاني "مٺي پر چاول" جو نقل ناهي. اهي ساڳئي نالي واريون بہ بلڪل مختلف فلمون آهن ۽ اتفاق سان ٻئي شاهڪار آهن. هندستاني فلم ۾ مزو وري اهو آهي ته ان جا سڀ ائڪٽر توڙي ڊائريڪٽر توڙي ڪهاڻيڪار غير مشهور آهن. ڪهڻ ۾ ڪهڻ مون لاءِ. مون منجهائنس هڪڙي جو بہ نالو اڄي عمر ۾ ڪو نہ ٻڌو يا پڙهيو. هيرو هيروئن، ڊائريڪٽر مطلب ته ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو. سڀ اڻ سُجاتل، توان، نا تجربي ڪار ماڻهو. پر فلم شاهڪار!

قصو مختصر، گذريل مهيني ٽي وي ڪسجي وئي. ريڊيو بہ. چپائون ته بجليءَ جو بل ۴۰۰ رپيا ائڊوانس ڏيو. ليسن ونو پوءِ ٽي وي. هاڻ جڏهن نو مڙ تيل گڏ ٿئي تڏهن راڌانچي. تيستائين شڪر آهي اک ۽ ڪن جي ڪيترن گناهن کان بچيا پيا آهيون. جيترا ڏينهن رب پناه ڏئي تيترا ڏينهن ڇگو.

عجيب قصو آهي. غلام بنائيندڙ سامراجي ملڪن جو برابر اهو دستور آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ هڪڙا قانون هلائيندا آهن ته غلام ملڪن ۾ ٻيا. پر ائين ڪٽي ڪو نہ ٻڌوسين ته هڪڙي ئي "آزاد" ۽ "متحد" ملڪ جي هڪڙي صوبي جي ماڻهن لاءِ هڪڙو قانون ته ٻئي جي ماڻهن لاءِ ٻيو!

اسان وٽ ريڊيو تي سجو ڏينهن ڳائڻن جو رانپاڙ پيو پوي "هم ايڪ هين" اتحاد ۽ يڪجهتيءَ بابت واعظ ڪندي ۽ ٻين کي اتحاد نہ ڪرڻ جا طعنا ڏيندي ۽ پنهنجي اتحاد پسنديءَ جون ٻڙاڪون هڻندي ماڻهن جي جاڙي گڏ ٿئي ٿئي. پر جالت اها آهي جو ٻين ڳالهين کي ته ڪٽي ڇڏيو رڳو قيد ۾ بہ سياسي قيدين توڙي ٻين قيدين لاءِ هن صوبي (پنجاب) ۾ ريڊيو چا ٽي ويءَ جي بہ موڪل آهي. پر سنڌ ۾ پنهنجي وات سان سيٽي وڄائڻ بہ جيل مينوئل جو ڏوهہ! هتي سال ۾ ڇهہ مهينا معافي ته هُتي بہ مهينا رڳو اخبارن ۾ پڙهبو ته بہ علي الاعلان لکيو پيو هوندو ته عيد تي پنجاب ۾ بہ مهيناً معافي ته سنڌ ۾ هڪ مهينو. هتي مهينو ته هُتي ندارد. ٽونڊل ڪبو ته جيڪڏهن ساڳئي ڏينهن ٽئي ٻن ماڻهن کي هتي ۽ هتي جنم قيد جي سزا ملندي ۽ ٻنهي جو رڪارڊ ساڳيو هوندو ته هتي وارو مثلاً ستن سالن ڪانپوءِ ڇٽي ويندو ته هُتي وارو تيرنهن سالن ڪانپوءِ! ڏوهہ ساڳيو سزا ساڳي پر ڇٽڻ ۾ سالن جو فرق! "لماذا تقتلوا ما لاتفعلو؟ (قرآن حڪيم)" "(جيڪي ڪريوئي ٿا تنهن جون ٽلهيون ڳالهيون چو ٿا ڪريو؟) "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشقي دي ڪوڪ سڻ ڪي، جوگي اتر پهاڙون آيا!

رات پئجي وئي آهي. ڪلف ڪڙا لڳي ويا آهن. پهريون پهرو اڄ منير جو آهي ۽ ڏر جي شيخن وڻ ڪن تي هٿ رکيو، اکيون بندڪريو، سوز مان ڳائي پيو:

عشقي دي ڪوڪ سڻ ڪي جوگي اتر پهاڙون آيا..

"بيوفا" زال کي تيزاب وجهي ساڙي، پنج سال ڏيپ ولي آيو آهي.

"نان دل ديندي بيدردي نون ....."

هاڻ هير شروع ڪئي اٿس..

"ليکي سڻ سهيليان نال آئي، هير متڑي روپ گمان دي جي!"

ڪن ڪن جاين تي وارث شاه ڏاڍو مٿي چڙهيو وڃي! هير جي سونهن ۽ سراپا جي ڳالهه هن حدون ڪري ڇڏيون اٿس. هير جو سڙ شايد پنجابي ڪلاسيڪي سُرن جو شهنشاه سر آهي. هي هٿي جي ماڻهن تي اها ڪيفيت طاري ڪريو ڇڏي جيڪا اسان تي راڻو ٿو ڪري. حقيقت ۾ هن سُر جو استعمال تمام غلط ٿو ٿئي. هر داستان جا فقط ڪي ٽورا هٿ هوندا آهن جيڪي رڳو چئي ٻڌائڻ جا نہ پر واقعي ڳائڻ جهڙا ٻ هوندا آهن ۽ سو ٻ هير جهڙي ڪنهن زبردست دل ڏوڏيندڙ سُر ۾ هٿي وارث شاه جي هير جي داستان جي نهايت عام رواجي سڻن کي ٻ ان شهنشاه دردبلي سر ۾ ڳائي ان سر جو سمورو اثر خراب بلڪ خوار ڪيو وڃي ٿو. منير ڪئي سمجهائي وارث شاه جي هير جي داستان جا اهي ٽڪڑا ٻوڻ ڪيس ڪري ڏنا آهن جيڪي هير جي سُر ۾ ڳائڻ جهڙا آهن. سو اڄ منير هميشه وانگر هٿان هُتان ڳائڻ بدران خاص ٽڪرا ڳائي پيو ٻڌائي. واقعي دل تي هڪ رقت طاري ڪري ڇڏي اٿس. هن ملڪ جي ماڻهن جي وڏي بدقسمتي اها آهي، جو ڪين يوپي، سي پي ۽ دکن جي معمولي کان معمولي مسلمان ليڊر، شاعر، اديب ۽ مولويءَ جا داستان شد مد سان ٻڌايا وڃن ٿا پر ڪين هن ملڪ جي ماڻهن جي ادب، شعر ۽ تاريخ کان اڻ ڄاڻ رکيو ويو آهي. خود اسان ٻ ون يونٽ جي مخالفت جو مطلب اهو ورتو ته سندي، بلوچي، پشتو وغيره مان جيڪا پنهنجي ٻولي هجي انڪانسواءِ ٻي پڙهڻي يا سمجهڻي ڪانهي. ان ڪري سڀ هن ملڪ ۾ رهندي، هتان جي ٻين ماڻهن جي ادب، شعر، ثقافت ۽ تاريخ کان اڻ ڄاڻ رهجي ويا سين. الائي ڪنهن جو قول آهي ته جيڪو جيتريون ٻوليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڻي سو اوترا پيرا مڙس آهي. پنجابي، سرائيڪي ۽ خير پور بلوچي ۽ پشتو ۾ مناسب محنت سان آهستي آهستي ڪري آساڻيءَ سان سکڻ جهڙيون ٻوليون آهن. بروهيءَ لاءِ ٿوڙو چئي سگهان جو مونکي اکر ۾ ٿوڙو اچي. تنهن کانسواءِ انهن ٻولين مان ترجما ٿيڻ ڪپندا هئا.

بهرحال پشتو لوڪ گيتن کان وڌيڪ شوخ ۽ جيءَ ۾ جاءِ ڪندڙ لوڪ گيت مون دنيا جي ڪنهن ٻه ٻوليءَ جا نه پڙهيا آهن. زگو فارغ بخاريءَ جو اردو ڪتاب "پشتو لوڪ گيت" پڙهيو ته خبر پئجي ويندي. بالاچ جارزميه نظم خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري کان گهڻ ڪاهن. جام درڪ بيبرگ، شاه مريد جي عشقيه شاعريءَ کنهن کان ٻه گهڻ ڪانهي. خوشحال خان خٽڪ وڏي وسيع ميدان جو مرد آهي. سندس پنهنجي هڪ اسٽائل آهي.

سرائيڪي ۽ پنجابي ادب دوست پلي بابا نانڪ، بابا فريد، فريدثاني، شاه حسين، بُلي شاه، سلطان باهو، هاشم شاه، ميان محمد، وارث شاه، خواجه فريد ۽ ٻين سمورن سرائيڪي ۽ پنجابي شعر جي آسمان جي چنڊن ۽ تارن کي پڙهيو ويٺا هُجن پر مونکي يقين آهي ته جيڪڏهن قاضي قاضن، شاهڪريم، عنايت، سچل، سامي ۽ خليفي نبي بخش ۽ خاص ڪري شاه کي پڙهندا ۽ پروڙيندا ته محسوس ڪندا ته "برابر ٻيلي پلان پلي" جو چيه ڪونهي." ٻيا ته نهيو رڳو سانوڻ فقير ۽ حنيف تينوٽي جو جوڙ ڪٽان آڇبو؟ ساڳيءَ طرح سرائيڪي ۽ پنجابي شاعري پڙهي انصاف پسند سنڌي ماڻهو چوندا ته ٻيلي "هتي به هڪڙي عجيب دنيا آهي." لطيف مجموعي طور ته خير بي مثال آهي ٻي پر ڪيترن جزن ۾ ٻيا يار به گهڻ ڪونهن. خواجه فريد جو هڪڙوئي ڪلام ونو "ميڊا پار وي تون دلدار وي تون، ميڊا ڪعبه قبله مسجد مندر ..... يوسف تي ڪنعان وي تون." ان جو ٻيو ڪو به جواب ڪونهي. لطيف به سون ورنين سورمين جي سونهن جو عجيب داستان بيان ڪيو آهي پر وارث پنهنجي لهجي ۽ پنهنجي سطح تي هير جي حسن بابت بلڪل انوکي ڳالهه ٿو ڪري. مطلب ڳالهه جو ته هر قوم جي ادب ۽ شعر ۾ ڪي نه ڪي اهڙيون ڳالهيون ضرور به ضرور آهن جي ٻين ۾ ناهن ۽ اهي جاڻڻ ٻين قومن جي ماڻهن لاءِ وڏي خوش قسمتي ٿيندي. هڪ زنده قوم لاءِ ٻين قومن جون زنده شيون سکڻ زندگيءَ جو اولين شرط آهي.

۸۲- ۵- ۱۵

۹ وڳا صبح. ڪله طبيعت خراب هُئي. گهٽا ماڻهو ٽڏ ۾ ورتل هئا. ٽين رات ٿي به نڪ تي رومال رکي آيو هو. هيءَ جيڪا به ڏينهن اس ۽ به ڏينهن برسات آهي تنهن مون جهڙي صحت واري ماڻهوءَ کي ته چا هتي جي جان ٻنائڻ وارن يارن کي به هلاڪ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو آهي. هينئر ڪجھ ليک آهيان. ناشتو ڪيو اٿم. اميرچانھ جو ٻيو ڪوپ ڪٽي آيو آهي. هينئر ٻاريو اٿم. صبح کان ونلي هڪڙي سنڌ الائي ڇو زبان تي اٿم. سڄي سنڌ اڇيم ٿيڻي. جند بہ ٿو ڇڏيانس. بس پيو رڙيانس!

سيب تہ الائي ڪھڙو آهي:

خلاف شرع شيخ جي ٿوڪتا پي نھين،
انڌيري اجالي ۾ ڪڙڇو ڪتايي نھين.

(پلارو بزرگ ٽڪ ٿو اچلائي سا بہ پائڻي تہ شريعت جي حڪمن ۽ طريقن موجب ٿي اچلائجي. پر ڪنھن مھل ڪو وجھ ٿو ملئو وڃيس تہ گُسي بہ ڪو نہ ٿو!) اڪبرالله آبادي جا ڪم آهن، سويل بابا رفيق سان ڪچهري ٿي. اردو ڳالهائيندڙ مهاجر آهي. خيرن سان شاعر آهي. ٻين شاعرن جا شعر سون جي تعداد ۾ ياد اٿس. هتان هُتان. حافظو بلا جو اٿس. ست سالن جو پوڙهو آهي. اڃا سپاهي آهي. هڪڙي ڀيٽ بہ ڪانہ ملي اٿس. بہ ٻي مهينا ٿيا جو ناول پڙهندي ڪانئس ٻاهر هڪڙو قيدي پڇي ويو. (اتفاق سان اهو مون وٽ ڪم ڪندو هو ۽ ان ڏينهن ئي ٻاهر رلي ويا هئس) ان جي عيوض اضافو بند اٿس. پنهنجو دوائن جو اسٽور ڪيو اٿس. جيڪو سندس پٽ هلائيندو آهي. مڙس ڳالهين جو ڳهيرو، جيئن هندستاني هوندا آهن. پر مڙس با اصول، بي لالچو، غريبن جو يار ۽ جهڙو ڇڪجي تهڙو مڙس ماڻهو آهي، هن جيل ۾ بهترين سپاهي اهو ماڻهو آهي. منهنجي سڄي جيل جا قيدي تعريفون ٿا ڪنس.

پڇيومانس "اڄڪلھ اچين ٿو؟" چيائين تہ "هرهر اچڻ دوستيءَ جو قدر گهٽايو ڇڏي." ٽڪ شعر پڙهيائين، پوءِ ٻيو، پوءِ ٽيون. معمولي، بار بار ٻڌل شعر ٻڌي ٻور ٿي پيس. پر ماڻهو پلو ٻڌڻا پيا. پاڻ ٻڌي جي ڳالهه ٻڌڻ جي فائدي ۾ ڪونهي. پنجابي بہ گهٽي چاٽي. وارث جي هير جا اهي لفظ جيڪي ٻيا پڙهيل پنجابي نہ سمجهيو سگهن سي هي سمجهائي ويجي. نندڙي هوندي اسڪول ۾ پڙهيل انگريزي بيت تہ چڏيو سڃا مضمون ۽ سبق اڃا بہ ياد ڪريو ويٺو آهي ۽ موقعو ڏسي وڏي سڌ ٻڌائڻ شروع ڪندو. اڄ ساڻس دوستيءَ جي موضوع تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. تلسي داس جو شعر ٻڌايائين. پر مفهوم جي خيال ڪان مونکي اهو نہ وٺيو. عظيم ماڻهن ۽ فنڪارن جون سڀ ڳالهيون عظيم نہ هونديون آهن، ٿي ٿيون سگهن. تلسي داس تان ياد آيم تہ عظيم هندي شاعر تلسيداس (جم:۱۵۳۹)، عظيم پنجابي شاعر ماڌولا حسين (جم: ۳۸ ۱۵) ۽ عظيم سندي شاعر شاهه ڪريم (جم ۱۵۲۸) هڪٻئي کان ٻن ساڻن اندر چاول همعصر هئا! ۽ عين تڏهن چاوا جڏهن عظيم شاعر بابا نانڪ گذاري ويو (وفات ۱۵۳۸)!

"اڪ نور تون سب جگ اپجيا، ڪون پلي ڪون مندي!" نانڪ. (هونئن تلسيداس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدامت پسند خيالن جو هو ۽ ڪبير ترقي پسند خيالن جو. ٻئي راماناند جا مريد هئا.)

هتي بابا چون جيل جي سڀ کان هيٺين درجي جي سپاهيءَ کي، پنجابيءَ ۾ بابا وڏي بزرگ، پوڙهي، وڏڙي کي چون. هتي قيدين لاءِ حڪم آهي ته پوليس وارن کي وڏو بزرگ ڪري ڪوٺين! ان بزرگ کي سنڌ ۾ قيدي سپاهي خان ڪري ڪوٺيندا آهن. هونئن سندن سرڪاري لقب سنڌ ۾ آهي وارڊر يا سپاهي ۽ هتي وارڊر يا ملازم. جيل اندر وڏي ۾ وڏي پوليس عملدار کي سنڌ ۾ چون صوبيدار هتي چون چڪر چيف. جيل سپرنٽنڈنٽ جي آفيس کي هتي چون ماڙي هتي ڊيوڙهي. سنڌ ۾ جيلر ته هتي سڏجي اسسٽنٽ ۽ پٽ ڊپٽي. ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ کي هتي چون دارغو. سنڌ جي قيدي ڳاڙهي ٽوپيءَ واري مقدم کي هتي چون نمبردار. سنڌ ۾ جيل جي ٻورچي خاني کي سڏين ٻورچي ۽ هتي لنگر. سنڌ ۾ ڦاسي گهاٽ، هتي ڦانسي پهرا. هتي قيدي ڪوٺڙيءَ کي چون ڪولي ۽ هتي چڪي. ٻاهر بادل آهن. هتي بادل ايترا عام آهن جو ماڻهو شڪايت طور چون "ڏاڍا بادل آهن." اونهاري جي مند ۾ اس لاءِ به واڇهائبو آهي سا ڳالهه هتي اچي ڏڻي اٿم.

هاڻ اڳي ڪجهه چڪر ڏيان. زڪام جو ڊپ به آهي پر ته به چڪر ڏنم. اخبار جو انتظار آهي. گ چوي ٿو "توهان ڇيو ته ڇڄ نه ماڻهن جو ٻلو ٽيندو. سو ٻگو ڪو نه آهيان. ٻچا ڪري ڏسو ٻلو ٽئي پيٽو يا نه؟" اثر ۽ شايد محنت ۽ لياقت بٺ گهٽ پر جذبو شايد وڌيڪ ۽ ڏهن به شايد وڌيڪ صاف. منهنجي لاءِ ادب ۽ احترام جو اظهار تمام گهڻو. سيني جي اڇيان. ماڻهن کي پڪ ٽئي ته ڳالهه صحيح آهي ۽ ماڻهو به صحيح آهي ته ماڻهن ۾ صدق، مڙسيءَ ۽ همت جي ڪمي ڪا نه هوندي. هتي هر قسم جو شروعاتي تجربو ٽيو آهي.

پهرين رات جڏهن مونکي هتي قيد تنهائي ۾ هن خاص حفاظتي وارڊ ڏانهن وڌيو ٽي آيا ته مون اڇ کان انڪار ڪيو. هيڊ وارڊر چيو "ميان هي پنجاب جو سخت ترين جيل آهي. هتي اڳوڻيون ڳالهيون وساري ڇڏيو." مون ڏٺو ته ماڻ جي مهل ڪانهي. تڙ جي گٽي سؤڇوٽون ڪائي. جي اٽندي ٻئي هنن کي دماغ ۾ اهو خيال وهي ويو ته هي دهائڙ سان سسي پوندو ته پوءِ اڳتي، هي جيئڻ ئي ڪو نه ڏيندا. تنهنڪري مون چيس "منسٽر! جي اوهين سمجهو ٿا ته پٽي جي مارجڻ کان پوءِ ٻيا سڀ سنڌي ساهه جي ڊپ کان گيسيون ڪندا ٿ توهان سخت پليل آهيو. توهان۽ توهانجي آقائن جي هٿ ۾ جيڪا تلوار هجي سا هٽي ڪيو. آءٌ توهان جي ڪا به زيادتي هر گز برداشت نه ڪندس." سيني بيٺي ٻڌو. خبر هيم ته هڪدم اکر به اڪر مٽي رپورٽ ٽيندو. آءٌ زبردستي مونٽي ماڙيءَ ۾ هليو آيس. فونيون ٽي ويون. جيلر رضا جهڙو ٿڌو ۽ سٺو ماڻهو هو. جنهن مون کي ٽاڏاري سياڻي تائين انتظار ڪرڻ جو چئي هن-وارڊ ڏانهن موڪليو. ٽئي ڏينهن ڊپٽي ۽ جيلر آيا. بحث هلندو رهيو. گهٽن ڏينهن کان پوءِ ٻيٽ جڏهن سپرنٽنڊنٽ ملڻ آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن به ساڳيو ٽڪراءَ وارو ماحول هو. چيائين "سپرنٽنڈنٽ ڪي پاور آهي ته ڪنهن ڪي به ۲۴ ڪلاڪ زنجيرون هڻي رکي." مون مرڪي ڏٺس "ڪو به ماڻهو موقعو ملڻ تي ڪهڙا به جرم ۽ ڏوهن جهڙا ڪم ڪرڻ سگهي ٿو. ان جي معنيٰ اها ڪانهي ته اهي ڄائڻ ٽي پياسا" چيائين "توهان لاءِ گورنمنٽ جا سخت ۽ خاص آردر آهن. توهان جي سموري ريڪارڊ جي اسان کي خبر آهي. اسان وٽ هيڏو فائيل ڪجي آيو آهي" مون چيو "گورنمنٽ جا آردر خدا جا آردر ڪونهن. اهي قانون مطابق نه هوندا ته اهي رد ۽ باطل آهن". قانون جي جڏهن گهٽي ڳالهه ٽي ته مون ڪلي چيس "قانون ۽ آئين جي خبر مونکي آهي ته اُن جون حدون ڇا آهن."

آخر منهنجو نظربنديءَ جو آردر پوروڙيو. هاڻ پنجاب جي مارشل لا وارن لاءِ قانون مطابق هلڻ جي ڊوڳ جاري رکڻ ۾ هڪڙي قانوني پيچيدگي پيدا ٽي پئي.

مون مارشل لا جي خلاف ورزي ڪئي هئي ته سنڌ ۾ ڪئي هيم پنجاب ۾ ڪا به ڪا ڏ ڪئي هيم. منهنجي نظربنديءَ جو آردر ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر حيدرآباد ڪيو هو. آخري آردر به ان جو هو جنهنجي هلندي مون کي مرڪزي حڪومت جي حڪم تي ٽرانسفر ڪري پنجاب آندو ويو هو. نظربنديءَ جي ان ٽن مهينن جي مدي پوري ٿي وڃڻ کانپوءِ منهنجي نئين نظربنديءَ جو آردر ڪير ڪري؟ پنجاب جو مارشل لا ايڊمنسٽريٽر يا اڳي وانگر سنڌ جو؟ پنجاب آندي وڃڻ کانپوءِ ته آءٌ هڪڙو ڏينهن به آزاد ڪو نه ٿيو هوس جو ڪٽي ڪوڙو الزام هڻن ته مون هي هي خطرناڪ ڪم ڪيا آهن. جيتوڻيڪ هاڻ گورنر جا پاور ڪسجي چڪا هئا ۽ هو ڪنهن به ناحق نظربنديءَ بابت هڙڪ به ٻاهر ڪڍي سگهيون ته به اها ڳالهه نسورو ڪوڙ نظر اچي ها جو پنجاب جو مارشل لا ايڊمنسٽريٽر چوي ته "تون پنجاب ۾ مارشل لا جون هي پيڪڙيون ڪرڻ وارو آهين ان ڪري توکي نظربند ٿا رکون."

جيڪو اها ڳالهه ٻڌي ها سو چوي ها ته اها سنئين سڌي بي حيائي آهي. ان ڪري خوارڻيءَ کان بچڻ لاءِ هنن ڇا ڪيو جو ساڳئي ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر حيدرآباد کان پراڻو پاروٽو سائيڪلو اسٽائيل قسم جو نظربنديءَ جو آردر ڪڍائي موڪلياٽون، جيڪو هميشه ٽئين ٽئين مهيني پيا ڪيندا هئا ته "توهان مان پاڪستان جي امن امان ۽ مارشل لا کي سخت خطرو آهي". هاڻ پوزيشن اهي هئي ته اهو آردر سراسر بي قائدگيءَ وارو هو. سنڌ صوبي ۾ ڪيل نام نهاد خلاف ورزيءَ ڪيڙ روڪڻ لاءِ جنهن ماڻهوءَ مان خلاف ورزيءَ جو انديشو هجي تنهن کي سنڌ ۾ ئي رکڻو هو. پنجاب جو ان سان ڇا وڃي؟ پر هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جا اختيار جيئن ته ڪسجي ويا هئا تنهنڪري هاڻ اهي مارشل لا وارن کا پڇي ئي نه ٿي سگهيا ته توهان هي آردر ڪهڙي قانون هيٺ ۽ ڪهڙي اختيار سان ڪڍيو آهي. ان هوندي به هڪڙي آئيني قانوندان جي حيثيت ۾ منهنجي راءِ هئي ته اعليٰ عدالتن جي پاوَرن کسجڻ کان پوءِ به اهڙو قانوني ۽ آئيني رستو نڪري سگهيو ٿي جو اهو آردر هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ هٿان باقاعدي رد ۽ باطل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهرائي سگهجي. منهنجا سپريم ڪورٽ جا ٻئي مشهور وڪيل واقف هئا. محمودعلي قصوري، عابدحسين منٽو ۽ اعتزاز احسن. قصوري بيمار هو. اعتزاز احسن تازو جيل مان نڪتو هو. باقي منٽو باهر هو. ان کي سڃي ڪٿا لکي موڪليم ۽ چيومانس ته "هاءِ ڪورٽ ۾ هيءَ رٽ* وجه. جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ نه مڃي ته سپريم ڪورٽ ۾ وڃجون. ڪيس مضبوط آهي. رڳو قانوني وٽ سٽ ۽ ڏاهپ کپي". لکي موڪليائين ته "ڪورٽن جا حال پورا سارا آهن. رٽ بحال ٿيڻ ته پري رهي داخل ٿيڻ به ڪو نه ڏيندا." مون کي سندس راءِ قانوني ۽ سياسي طرح وزندار نه لڳي. هاڻ مون لاءِ بظاهر فقط هڪ رستا وڃي بچيا هئا. يا ته رضا تي راضي ٿي ويهي رهان ۽ ويٽو مارشل لا وارن جي ڏهاءَ ۽ يليڪ ميلنگ جو انتظار ڪريان يا ڪو ٻيو وڪيل ڪريان، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ويهه ٽيهه هزار روپيا خرچ گهري ها جيڪي مون وٽ ڪونه هئا. مون کي پارٽيءَ جي طرفان ٽي سؤ روپيا ۽ ڪجه معمولي سامان جهڙوڪ ڪنڊ، ڪير جو ڏهون بسڪوٽ وغيره ملندو هو. ان ڪري اها ئي مون لاءِ ڏيڻ ناممڪن هئي. تنهن ڪانسواءِ اهو به معلوم هو ته جي هي آردر ڪٽي ڪنهن معجزي سان ڪورٽون ئي الحال رد به ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ته به مارشل لا وارا چڏيندا هرگز ڪو نه. فوراً ڪو نه ڪو اهڙو آردر جاري ڪندا جنهن ۾ موجوده آردر وارو قانوني نقص نه هوندو. اهڙيءَ طرح سڃي وٽ ونان مان عملي ڪڙ تيل ڪو به ڪونه نڪرندو. پر گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهتس ته منهنجي جيڪا شروع کان ولي جيل اندر اها مضبوط ۽ ثابت قدم پاليسي پئي رهي آهي ته جيل وارن جي توڙي حڪومت جي هر بي قاعدي، غيرقانوني ۽ غير آئيني قدم کي چئلينج ڪبو چاهي ان مان ڪو ڪڙتيل نڪري يا نه نڪري، تنهن پاليسيءَ تي ڪاربند رهڻ کپي. هيستائين ڪورٽن ۾ رٽون وغيره مون خود پئي داخل ڪيون ۽ هر دفعي وڏن پاپرن ۽ ڪشالن کان پوءِ ڪٽيون هيم. فيصلو ڪيم ته هن دفعي به اها روايت قائم رکجي ۽ پاڻ جيل اندران رٽ ڪجي. جيل وارا ٻڌي ڪلڻ لڳا. چي "ابا چا جون ڪورٽون چا جون رٽون؟ مارشل لا لڳو پيو آهي! ڪورٽن وارا زمانا ويا پورا ٿي! مات ڪري پنهنجو پٽڪو بچائي ويهي رهه! متان مارشل لا وارا ڪاوڙجي اڄا به ڪنهن ٻئي پاسي مٽو نه ڪڍي چڏئي!"

مون چيو "اوهان سورنهن آنا صحيح ٿا چئو پر عام ماڻهوءَ جي اُبتڙ منهنجو اصول آهي ته وڙهڻ بنا هٿيار ڦٽا نه ڪبا چاهي نتيجو کهڙو به نڪري." مون ڏه ويه ڏينهن محنت ڪري رٽ لکي "ديوڙهيءَ" تي ڏياري موڪلي ته هاءِ ڪورٽ ڏي ڏياري موڪليو. چيائون "هاءِ ڪورٽ منع ڪئي آهي ته اسان ڏانهن ڪا به رٽ نه موڪليو. رٽون بند آهن". مون قانوني طرح لکي موڪليو ته "رٽ داخل ٿا ڪيو ته توهان جيل وارن تي هاءِ ڪورٽ جي بيحرمتي

---

* رٽ- هاءِ ڪورٽ کي آئين جي ڪنهن پڇڙيءَ خلاف ڪيل آئيني درخواست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ توهين جو مقدمو داخل ڪندس." آخر رنجھ رنجھ ڪندي، مرندي ڪسندي چيائون تہ "مٽي، موڪليون تا. نتيجن لاءِ ٽيون پاڻ جوابدار ٿوندين." رٽ مٽي تہ ويئي پر جڻ ڪنھن نڪونج جي ڪُن ۾ ھلي وئي. عام حالتن ۾ رٽ داخل ڪرڻ کان پوءِ مھينو ٻن اندر ھاءِ ڪورٽ جو سڏ ٿيندو آھي، پر ھتي "نکو ايرَ نہ پيرَ، نکو اوٽي آئيو" واري ڪم ھو.

ھڪڙي ڏينھن مجيد قريشي ڪنھن ضروري ڪم سان تڪڙو تڪڙو آيو ۽ تڪڙو تڪڙو وڃڻ لڳو. پچيومانس "خير؟ ايڏي تڪڙ؟"

"فوراً وڃڻو آھي!"

"ڪيڏانھن؟"

"ھاءِ ڪورٽ!"

خواہ مخواہ رسمي طرح پچيم:

"خير مان؟"

"گھرايو اٿن."

"خير مان؟"

"رٽ جو جواب ڏيڻو آھي."

"ڪنھن جي رٽ؟"

مرندي ڪسندي چيائين:

"توھان جي!"

تہ چٻڙو تہ اڇ. ھائي ڪورٽ ۾ منھنجي رٽ تي بحث ھلندو. منھنجو ڪو بہ وڪيل ڪونھي. آءٌ خود ھتي ويندو آھيان. ۽ تخت سليماني ۽ تي ويھل ڪورٽ سڳوري رڳو چيل وارن ۽ سرڪاري ڏر جون ھڪ طرفيون ڳالھيون ٻڌي منھنجي رٽ جو ھڪ طرفو فيصلو ڪرڻ واري آھي. واھ ڙي واھ لاھور ھاءِ ڪورٽ جنھن جي قانوني جرائت مندي ۽ جون ھيڏيون ڳالھيون ٻڌيون آھن! نانءُ بڙا ديھ ويران!

ٻہ ٽي ھفتا گذري ويا. ھڪڙي ڏينھن چڪر چيف اوچتو اچي نڪتو.

"سائين سامان کٽو!"

"خير؟"

"توھان آزاد ٿيا آھيو."

عام پوليس خاص ڪري جيل پوليس ۽ جيل عملدارن چي انڪلن ۽ چالاکين کان گھٽو ڪري سي سينئر سياسي قيدي چڱي طرح واقف آھن.

"وري ڪيڏانھن تا مٽو ڪيو؟"

"سائين خدا جو قسم توھان کي آزاد تا ڪن."

دل سان کوڙو ئي نہ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"توهان جي رٽ منظور ٿي آهي."

ماڙيءَ تي ويس. ساڳي ڳالهه. "رٽ منظور ٿي آهي." ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي. سندن منهن ۾ ڏسان ته منجهن ڄاڻ ڳالهه ئي کانهي. آردر گهريم. ڏيکاريائون. برابر هو. جسٽس ظل الله ۽ ٻئي هڪڙي جسٽس گڏجي فيصلو ڪيو هو ته منهنجي نظربندي آئين جي خلاف هئي. جيل وارن مونکي ناحق بند ڪري رکيو هو. آئون جي چاهيان ته انهي تي ناحق روک ناحق بند جو ڪيس داخل ڪري سگهان ٿو!

خيال ڊوڙايم "چڏيندا؟" ناممڪن. دستور موجب گيٽ وٽ کو پوليس عملدار نظربنديءَ جو نئون آردر ڪنيو ٻيٽو هوندو. رکارڊ جي پورائي ٿيندي. اڳي ٻه قانون جو ايئن مذاق اڏائيندا هيا. ٻئي صاحب جي ڏينهن ۾ ٻه اسان سيني سان اهو مذاق ٿيندو هو. هاڻ ٻه ايئن ٿيندو.

منهنجو خيال صحيح نڪتو. گيٽ وٽ يار ٻيٺا هئا. پر مجال آهي جو جيل وارا ڪٽي اڳواٽ چون "ادا مڙئي رکارڊ جي پورائي آهي. چڏيندا کو نه!" نه! منهن تي رُک چاڙهيو وينا هئا ۽ موڪلاٽيون چوڪلاٽيون پئي ڪيائون!

نئون آردر جنرل جيلاني مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جو جاري ڪيل هو: چئي "تون پنجاب ۾ مارشل لا جون پڇڙيون ڪرڻ وارو آهين تو مان ملڪ جي سلامتي ۽ مارشل لا کي خطرو آهي!"

مطلب ته ساڳيا ٽڪر ساڳ سان.

"پر ان نالي ماتر ڪاميابيءَ جيل واڻن جي دماغ جاءِ ڪئين طبق روشن ڪري چڏيا. هاڻ ڪورٽ وٽان منهنجي موڪليل رٽ گهر ويٺي منظور ٿي آئي تڏهن همزاهن کي سڄي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ته هن همراه سان سنجيدگيءَ سان هلڻو پوندو. داداگيريءَ سان ڪم نه هلندو. هاڻ ڪورٽ جي فيصلي موجب آءٌ سپرنٽنڈنٽ وغيره تي ناحق روک ناحق بند جو ڪيس ۽ معاوضي جي ديواني دعويٰ ڪري سگهيس ٿي. مون ٿي جيتوڻيڪ نئون نظربنديءَ جو حڪم نڪتو پر ان ڪانپوءَ اڄ ڏينهن تائين سپرنٽنڈنٽ مونسان نهايت سنجيدگيءَ سان هلندو اچي ۽ سندس قانوني ۽ روايتي اختيارن ۽ دستورن جي حدن اندر پنهنجن انهن لفظن تي عمل ڪندو رهي ٿو جيڪي رٽ جي فيصلي ڪانپوءَ اچي مونکي چيائين: "اسين توهان کي پنهنجو خاص مهمان سمجهي توهان سان پيش اينداسون ۽ ڪوشش ڪنداسون ته توهان آرام سان رهو. توهان کي ڪا به جائز شڪايت نه رهي ۽ جڏهن به آزاد ٿيو تڏهن توهان اسان لاءِ سٽيون يادگيريون ۽ سٺا جذبا ڪٽي وڃو." سندس اسسٽنٽ جي ڊيوٽي آهي ٻئي ٽين ڏينهن مون سان ملڻ. ٻئي ٽئي مهيني کيس ڪنهن جائز ڪم لاءِ چئني لکبي آهي ته ٻنا دير ڪم ٿيندو آهي.

هي جيل پنجاب جو هڪڙو سخت ترين جيل آهي ۽ هي سپرنٽنڈنٽ سيني کان سخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڙو. سنهي ٽلهي ڳاله تي ڏهه ڏنڪا، ويه ڏنڪا، ٽيه ڏنڪا. نرميءَ جو اکر هن جي ڊڪشنريءَ ۾ ڪونهي. سندي سپاهين جي پيٽ ۾ هتي جا همراه هٽ- ڪس تي وڌيڪ هريل آهن. اڇٽ شرط مونکي ورائي ويا. منهنجون درويشياٽيون ڳالهيون ٻڌي سمجهيڳئون ته "مولا ڏياربو آهي." هڪڙو يار منهنجي درويش برداشتي (جنهن کي هتي مشتتي سڏبو آهي) کي بنائي منهنجو سموڙو سامان تڳائي ڪٽي ويو. پنهنجا يار ولي اچي، فرمائشن مٽان فرمائشون ڪري. مطلب ته منهنجي پينگ ڪري ڇڏيائين. بيابر اهڙا. هڪڙو چڪر چيف به شامل. مطلب ته اک جي پڪائيءَ جي حد ٽپي ويئي. متدمن جي به ساڳي حالت. ڪن ته اصل لُڇ بازي ڏني. لاچار مونکي اک ٻُٽي پيئي ۽ همراه نيٺ ويا پير ڏاهي.

ٻئي طرف ٻين عام قيدين، متدمن، سپاهين ۽ جيلرن جي هلت ٽيڪ رهي. خاص ڪري سياسي قيدين مونسان ائين هلت ڪئي جيئن پائرن سان ڪبي آهي. لک قرب ۽ لک عزتون. "دوا ڪپي، گهرائي ڏيون؟ ڪو خاص ڪاڏو ڪائڙ تي دل هجي ته تيار ڪرائي موڪليون." پل پل پڇائون، سلام، سامان، شيون. جيڪي سياسي قيدي ٻُڌي ڏينهن مونسان گڏ رهيا تن ايئن خدمت ڪئي جيئن ڪنهن عزيز بلڪ ڪنهن مرشد جي ڪجي.

سکر، خيرپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي جيلن ۾ جن يارن سان گڏ رهي آيو آهيان تن جي جاءِ ظاهر آهي ته ڪير ٻيو ڪيئن ٿو پري سگهي؟ هر روز هر گهڙيءَ ياد ٿا اچن! پر هُونئن جو ماٺهو پائڻي ته هتي ماٺهو ڪنهن اُوپري جنس جي ذات ۾ اچي ويندو تيئن ناهي. هُتي ٻه ماٺهو آهن، هتي به، برن سان گڏ سڏا آهن. هتي ٻڌ پيار پنهنجائي، همدردي ۽ انسانيت جي ڳولا ڪبي ته جام ملندا. جيڪو قيدي يا ٻيو ماٺهو سنڌ ۾ رهي آيو آهي سو اتي جيڪي به ڏنڊا ڪري آيو هوندو سي ڪري آيو هوندو باقي هتي هو سنڌي ماٺهن جو نالو ٻڌيو انريو پويو. هتي جو ڊاڪٽر جامشوري جي ايل ايم سي مان پڙهي آيو آهي. هڪڙو پروفيسر سرجن ٿوڪي ڏسڻ آيو سو ايل ايم سي جو شاگرد هو. سندس زوبو ائين هو جيئن ڪنهن پُنهنجي وطني پاءُ سان هجي. عبدالعزيز مقدم جيڪو جهلم جو اعوان آهي تنهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ سکر ۾ ٻڌل شيرل ۽ ٻين جا سنڌي ڪلام ٻڌايا. "آيو ڪربلا ۾ ڪبوتر ڪهي. ڏنو خط نبيءَ کي روضي ۾ لهي." مون ان ڏينهن (٣١آگسٽ ١٩٨١) انگريزي ۾ نوٽ لکيو. جنهن جو ترجمو هي آهي: "ڳائڻ وارو جهلم جو آهي. نالو عبدالعزيز اٽس. چئي ٿو ته سنڌ جو بشنئي قيدي به هتي جي خاندان قيدين کان بهتر آهي." سکر ۾ ڇه سال رهيو. اتي جي قيدين لاءِ جذباتي تعريف ۾ سرشار آهي ۽ هتي وارن لاءِ ڏکار اٽس. ڪئين مثال ڏيئي ٻڌايائين. پُرخلوص ۽ خود دار نظر ٿو اچي. ٻين قيدين ۽ ملازمن سيني اڳيان پئي اها ڳاله ڪيائين. نورالاهي، عثمان سهريائي ۽ مرزا سپرنٽنڈنٽن جي ايامکاريءَ ۾ رهيو آهي."

رات جا پوٽا ٩ ٽي ويا آهن. امير سويل ئي بتيون بند ڪري وڃي ستو آهي. فقط مون واريون ٻه بتيون ڇڏيون اٽس. ننڊ ٻه ٽي اچيمَ. پڙهڻ لاءِ سنو ڪتاب ٻه ٽنو سجهيمر. بهرحال ڏسان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲- ۵- ۱۶
۱۵- ۱۱ صبح

ريڊيو تي شاندار شرڻائي پئي وڃي. ڪا هندستاني اسٽيشن آهي. شايد جالندر. خير. مجيدتريشي اجهو هينئر تي ويو آهي. لبي جي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جو ليٽر به ڪٽي آيو آهي جنهن هتان موڪليل دوميسائيل جي درخواست ۽ ٽمائيندر جو ڇهن مهينن ڪانپوءِ به اڪر جواب موڪليو آهي. فارم ڏياري موڪليا اٿس. تہ هي پڙي موڪليو. واهڙي سدورا سندي ڪامورا واه! ست سو ميلن تان همراه ڪي هڙي حال ۾ خسيس ڪم لاءِ سرڪاري طرح درخواست موڪلي اٿن. تہ ڪم ڪرڻ تہ نهيو رڳو پڇ ڇا ٿي اڪر موڪلڻ لاءِ ٻ ڇ مهينا تيار ڪونهي. ڪو احسان ڪو تہ ڪو. هڪ معمولي جائز ۽ قانوني ڪم جي سلسلي ۾ زواجي زوٽين موجب فرض ادائي ٿئي ها تہ جيڪر اهي فارم ڇهن مهينا اڳ ٻ پهچي وڃن ها. پر نہ. سڳو سالن جو سڌي- ماں غدار سندي ڪامورڪو رڪارڊ تہ خراب ڪرڻو ڪونهي!

پنج ئي اگريون برابر ڪونهن. ڪن ۾ حيا ۽ ديد ٻ آهي. ڪي فرض شناس، ڪي نہ مڙس ٻ آهن. پر مجموعي طور سندي ڪاموري هڙي ڪوتاهِ نظر، ڪم ظرف، قوم دشمن ۽ عوام دشمن مخلوق دنيا ۾ بي گهٽ ڏسبي. وري چوندو سڀائين "ادا، بس سندي آهيون، ويٽا لوڙيون!" سندي!

هي منهن ڏيئي بن، تون وه ڪائي نہ مرين
جيئن سي ملير جائيون تو سين سڳ نہ ڪن
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪوٽائين مارئي!
(شاهہ)

مجيد قريشيءَ چيو تہ اسپتال ۾ ٽيسٽن موڪلڻ لاءِ حڪومت جو حڪم ٻ پهتو آهي. بن ڏينهن ۾ موڪلبو. ميو اسپتال تپاس لاءِ. چوڌري شريف ڪمپائونڈر آيو. سندءِ پنجاب جي. جيلن ۾ ڊاڪٽريءَ جي سلسلي ۾ بن ماڻهن جي ڳالهہ آهي. هڪڙي بابت رڳو ڏيدين ڪان ٻڌم. ٻئي بابت ٻڌم ۽ ڪيس ڏٺم ٻ. ڊاڪٽرن ۾ ڊاڪٽر ڏيدين ۾ هر دلعزيز ٻڌم ڊاڪٽر نور احمد ميمڻ، انسان جي يار امام علي ميمڻ وڪيل چوپاڻ. پنجاب ۾ ڪمپائونڈرن ۾ چوڌري شريف جو ٻڌم نہ ڏٺم. جهڙو اٿس نالو تهڙو آهي شريف. ٽورو ڳالهائو. پر اشراف، قابل ۽ هاري ڏڳو. سجو ڏينهن پيو هلي. چانهہ ٻ ڪانہ پيئندو. "دير ٿي ٿيئم، قيدي ويچارو بيمار آهي." بهشت ۾ هنن هيترن سارن سند يافته سڳورن بزرگن ڪان ڪو ڪنڌ پاسو بچيل هوندو تہ هڙا ماٺهو ئي ان جا حقدار ٿي سگهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا.

۸۲- ۵- ۱۷ صبح.

ہ لما سپاهي عرف ملازم اچي ڪڙڪيا آهن. اسٽور ڪيپر جي چئي آڻي هٿ ۾ ڏني اٿن. اسٽور ڪيپر پنجاب ۾ هڪڙو مستقل جيل عملدار آهي جيڪو هونڊو ئي ان ڪم تي آهي. چوڏهين پندرهين گريڊ جو هوندو. چئي انگريزيءَ ۾ آهي. فرمائيٽي ٽيو "سر، ہ ميزون ۽ ہ ڏوليون توهان جي حوالي آهن. توهان کي فقط هڪڙي ٽيبل ۽ هڪڙي ڏولي رکڻ جو اختيار آهي. گذارش آهي تہ مهرباني ڪري باقي شيون واپس ڪريو تہ پين بي ڪلاس قيدين کي ڏيان ڇن وٺ ڪجھ ہ ڪونهي.

باهر چڪر ڏيندي الائي ڪهڙي زماني ۾ الائي ڪٽي ۽ ڪنهن ڪان، ڪهڙي ماحول ۾ بدل سٽون زبان تي تري آيون ۽ جھونگارييون رهيون! ڪنهن سٽ جو ڪن ڪنهن جو ٻڌو!

پاڻ نہ ڄاڻون دنيا داري، جنهن کي هوندي تنهنکي هوندي.
ڪاند پچا درويش رکن تا، ڪيئي اچن تا ڪيئي وڃن تا
دنيا جي اي دل بيماري جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

اهي سٽون پاڻ صدي پوئتي ولي ويون. ابراهيم جي اسٽريٽ، مڪلوڊ روڊ، ڪراچيءَ تي "ٽئين سنڌ" روزاني اخبار جي آفيس. مشتاق ابڙو ايڊيٽر، رسول بخش پليجو، علي محمد مجروح ۽ ٻيا سڀ ايڊيٽر. پوءِ رسول بخش پليجو ايڊيٽر ۽ ٻيا سڀ ايڊيٽر. پگهار پوري ساري. گهٽو گڏ چانھ تي. بک کي وندرائڻ لاءِ علي محمد مجروح پهريائين ايڊيٽر ۽ سچي اسٽاف تان چرچا ڪري ٻڌائيندو ۽ پوءِ ڪلام ٻڌائيندو. پنهنجو ۽ ٻين جو ہ. جڏهن حالت بنھ خراب هوندي هئي ۽ اڏوانس ہ ڪو نہ ملندو هو تڏهن سرشار عقيليءَ جو اهو ڪلام ٻڌائيندو هو. خدا ڄاڻي گنجي مجروح جي ان زنده دلي، خلوص، سچائي، سوز ۽ درد جو زماني هينئر ڪهڙو حال ڪيو هوندو. ڪلام روايتي هوس پر اثرائتو ۽ آواز ہ سبحان الله. سرشار جو پٽ "ٽي- وي ۾ آهي. منظور سخيراڻي سندس هڪڙو ڪلام نهايت اثرائتو ڳائيندو آهي. ست ڪم ڇڏي ٻڌبو آهي. ٻني گل وري ٽڙيا آهن. صفا سڪي سڙي ويا هئا. زندگيءَ ۾ موت سان وڙهڻ جي ڪيتري نہ سگهہ آهي. ٻنا خوشبوءَ وارا گل ہ هٿي وڌي غنيمت آهن. جڏهن پهرين هڪڙي ٻاري هٽي ويا تڏهن مون چين "هي چا ٿا ڪريو!" آءٌ هريل هوس ابوبڪر زرداريءَ جي گلن تي جن جو هو سينٽرل جيل حيدرآباد جي ڪرانين ۾ رهندڙ سياسي قيدين طرفان باقاعدي نگهبان تسليم ٿيل هو. گلاب جا وڏا وڏا خوشبودار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل، صبح جي پهر ۾ ماڪ جي ڦڙن سان جهنجهيل گلاب جا گل، ابوبڪر کان لڪائي چني، لڪائي ڪمري ۾ ڪٽي وڃڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو هوندو هو!

بقول الهڏني شاه شڪر الاهي لنڊيءَ جي هاريءَ بڪر جي "سي ڏينهن ٻہ سي هئا!"

اخبار اڃا ويئي آهي. ارجنٽائين ۽ انگريز بهادر جو جهيڙو اڃا ختم نہ ٿيو آهي. نقصان گهٽو ارجنٽائين جو ٿيو آهي. پر صاحب بهادر جي پوزيشن ٻہ اها نہ رهي آهي. جنگي ٻيڙي ۾ ٻين جي رهبري ڪرڻ وارا ٣ خاص جهاز هئا. انهن مان شنيليڊ ۽ برليئنٽ ويا غرق ٿي. باقي هڪڙو آهي. اخبارن ۾ انگريز سپاهين جي گهر وارين جا اوچنگارون ڏيندڙ فوٽا پيا ڇپجن. انگريز بهادر ڪٽي خونريزي ڪري قبضو ٻہ ڪري وڃي پر هو وري اڃي قبضو ڪري وڃن تہ! ان لاءِ جنگي ٻيڙو جيڪو روز ڪروڙين رپيا خرچ گهرڻي سو گهٽا ڏينهن پهرو ڏيندو؟ مطلب تہ ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ پوتارن جي پهريون دفعو رنڌٽي ۾ رولو پيو آهي. امريڪا ۽ ٻيا سرمايہ دار ملڪ هونئن سدائين ٻين کي ويڙهائي پاڻ باندر وانگر معتبر ٿي پچاڙيءَ جو فيصلو ڪري جهيڙي وارا ٽپڙئي پاڻ ڪٽي ويندا هئا. هاڻ ٽين دنيا ٻہ چئي تہ "انگريز ظلم تا ڪن." تہ روس ۽ چين ٻہ پيا ارجنٽائين سان همدرديون ڪن. بهرحال ڪهڙو ٻہ نبيرو ٿئي، هن ڪانپوءِ لاطيني امريڪا ۾ طاقت جو توازن اهو نہ رهندو جيڪو اڳ هو. ايندڙ ڏهاين ۾ اها ڏرتي سامراج لاءِ ايئن تپي ٽامٽي ٿي ويندي جيئن ايشيا ۽ افريقا ٿي ويا آهن.

اخبارن ۾ سرڪاري ملن جو عورتن خلاف جهاد زور شور سان جاري آهي. اڄ ٻہ ملن پاران مضمون آيو آهي. ڊالري ملان باقاعدي مهم پيا هلائين. روز ڪنهن مرد يا عورت جي نالي مضمون ڇپائيندا آهن جنهن ۾ ساڳيون ٻي چار ڳالهيون ورجائيندا آهن.

٨٢- ٥- ١٨ بجا ٻہ پهر.

هينئر ٽورو سمهي اٿيو آهيان. بدن تي ڦڙڀون ٿي پيون اٿم. اها مصيبت ٽيو ڀر سال ۽ پر سال هئي، پر ٽيو ورسال حيدرآباد سينٽر جي اي ڪلاس ۾ عذاب هئي: هن سال ڏسون.

سپرنٽنڈنٽ جي چور چوري ڪري ويا آهن. ٽي وي پئي ڏنائين تہ همراهہ زيور ۽ ٨ هزار روڪڙ ٻهاري ويا. سپاهين جون تہ جامہ چوريون اڃي ٽيون آهن.

نالي ماتر ورزش ڪبي هئي. اها ٻہ ڪجهہ ڏينهن ڇڏي ڏني اٿم. اڄ منير جي هاءِ ڪورٽ ۾ شنوائي آهي. هتي جي ٻوليءَ ۾ "حوالات" ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ "ڪچائي" (ڪيس هلندي جيل ۾ رهڻ واري عرصي جي مجرائي) ملي تہ همراهہ ٻاهر آهي. همراهہ جو اڌ ساهہ اندر آهي اڌ ٻاهر. سجو وقت ڪن نياپي ڏانهن آهيس. شاڪر شاهہ ملازم آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. مومن آهي. اكيون ايران ۽ عراق جي سرحد تي هلندڙ جنگ ۾ كتل اٿس. كله ٽيو ڏينهن كان خرم شهر جي لڙائيءَ ۾ خوش خبريءَ جو انتظار اٿس. خوب كچهري ٽيندي آهي. عنايت ڏوپي آيو آهي. چي "درخواست لكي ڏي منهنجي دوست كي." "يك انگور صد زنبور" وارو كم آهي. سيني جون لكڙ جون فرمائشون پوريون كجن ته ماٿو چريو ٿي پوي. قاسيءَ جي سزا ملهل قيدين طرفان مجيدقريشي اكثر اپيل لكي ڏيڻ لاءِ چوندو آهي. في الحال اهو كم كبو آهي. هيا فائيل ڏيندا آهن ته پڙهي ڏي ته اسين چٽنداسين يا نه. يا صلاح ڏي. هكڙو ميجر صاحب سان زال مارڻ جي ڏوهه ۾ آهي. ان جو فائيل سان پڙهٽو پيو ۽ راءِ ڏيٽي پيئي. سندس خيال آهي ته كيس كجه سان كونهي. سيشن خوامخواه قاسيءَ جي سزا ڏني آهي. مون راءِ ڏني ته هڪڙو خراب كيس هيو ورلو هوندو. كيس تي سخت محنت ٽيڻ كپي. ڏاڍو حيران ٽيو. ريڊيو جا سيل كمزور آهن. پر هڏان پيو. مجيدقريشي سيلن ۾ نئون ساه وجهڻ جو نسخو كاله ٻڌائي ويو آهي. اصغر چئي ويو آهي ته منهنجي جمع كرايل رقم (پي پي سي) مان نوان سيل خريد كري هكدم موكليان ٿو. وري پيدا ئي كونه ٽيو. سامان باهران خريد كرڻ تي مقرر ٽيل سپاهي آهي. گهوپيون جام هٽندو آهي. چا كجي؟ نجر جي "تاريخ پنجاب" كي آڻي اورنگزيب تائين رسايو اٿم. اڄ معتبر مسلمان تاريخن جي حوالن سان اهو پڙهيم ته شيرشاه سوريءَ جي جنرل هيبت خان نيازيءَ سان شيرشاه جي پٽ اسلام شاه لڙائي كئي. مرزا حيدر نيازين كي سمبلا جي لڙائيءَ ۾ شكست ڏني ۽ نيازين جي لجن كي قيد كري "انهن مان كن كي مهينن جا مهينا عام ماٿهن اڳيان اگهاڙو ركي سندن نمائش كئي ويندي رهي. كن كي مجبور كري چكلي جون رنديون بنايو ويو." اها هئي مسلمان حاكم طبقي جي ذهنيت جي هكڙي معمولي جهلك. پر حاكم طبقي جي پٽن ۽ مڱٿهارن كان پچو ته چوندا "اسلامي حكومت! الله جا پاچا!"

جن تاريخن ۾ اهو واقعو بيان ٽيل آهي سي آهن : طبقات اكبري، تاريخ نظامي، منتخب التواريخ ۽ تاريخ فرشته، سال هو ۱۵۵۰ عيسوي. سنڌ ۾ ارغونن جو زمانو.

وهنجي آيو آهيان. ڏسان زكام ٽئي ٿو يا نه. خبرون هلن پيون. ارجنٽائين ۽ برطانيه وڙهه وڙهان پيا كن. خير ظاهر آهي وڙهندا كونه. پر خنكي بنهي جي اهڙي آهي جو هڪ ٻئي مان هٿ كڍندائي كونه. هوڏانهن خرم شهر جو فيصلو اڃان كو نه ٽيو آهي. پارت ۽ چين جون گالهيون پيون هلن. افغانستان بابت گالهيون ايندڙ مهيني جنيوا ۾ ٽيندیون. اخبارون انتخاب جي جنڊ ٽيون چڙين. سندن لهجي ۾ طنز ۽ تلخي آهي. پارتي ريڊئي مولانا ستارنيازيءَ واري ان گاله كي كنيو آهي ته جنرل صاحب چوندون ٿو كرائي سگهي ته پاڻ بابت عام راءِ معلوم كرڻ لاءِ ريفرينڊم كرائي. جنرل صاحب چئي ٿو ته اها گاله ئي وساري چڏيو. چئي ٿو نئين نظام جو خاكو پيش كندس. ڏسون ته "ٽكريءَ كي سور ٽيا، چائي كوئي!" واري گاله وانگر هن دفعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي ڪوئي ٽي ڇاپي!"

جي ٽي وي جي رسيد ملي ۽ ليسن لهي ته ٽي وي ٻه ملي. گهٽا ڏينهن ٽي ويا آهن.ميو اسپتال ٻه ويڙهو آهي: ٻه مهينا اڳ ڊاڪٽر ڏسي ۽ لکي ويا. اڄا پيون،منظوريون اچن. منظوري جيل ۾ مزيدار شئي آهي. ٽنهن پيري خيرپور ميرس ۾ ڏند ۾ سخت سور پيو هو. گهوڙا گهوڙا ڪيم. هفتي ڪانپوءِ ٻاهران ڏندن جو ڊاڪٽر آيو. لکي ويو ته هنکي اسپتال موڪليو ته ڏند ڪڍوس. جيل وارن منظوريءَ لاءِ لکيو. ڇگو موچارو فائل لهي ويو. پئي لينٽر آيا ۽ ويا. ڪئين سوال جواب ٿيا. "ڏند کهڙو آهي؟ ڊاڪٽر آهي يا ڪونهي؟ موڪل ٽان ڪڍهن موٽندو؟ سکر موڪليون يا نه؟" جيسين آءٌ سٽڌ ۾ هوس تيسين اڃا لکپڑه هلي پئي! مقصد اڪثر تنگ ڪرڻ هوندو آهي. ڄاڻي ٻجهي به علاج ٻدرآن رکو لکپڑه جو فائيل لاميندا رهندا آهن. اڪثر جڏهن ڇهن ٻارهن مهينن ڪانپوءِ منظوريءَ بعد مريض ڊاڪٽر جو منهن ڏسندو آهي تڏهن مريض يا ختم ٿي چڪو هوندو آهي يا بيماري هڏي پوري ٿي چڪي هوندي آهي. ڊاڪٽر وڏي شدمدا سان ٽپاسي ڪندو ته "هن کي ڪجه به کوٽهي. شڪايت فضول آهي!"

جيل جي ڊاڪٽرن جو هڪڙو تڪيه ڪلام آهي "جيل ۾ قدرتي طرح اعصابي چڪتاڻ ٿئي ٿي." مطلب ته بيماري کانهي رڳو قيد جو خراس آهي.

حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ٽيو سال شاهه محمد شاه کي هائي بلڊپريشر ٿي پيو. جيل جو ڊاڪٽر مولانا جان محمد عباسيءَ جو ٽڙيو پاءُ نورامحمد عباسي هو. سيني شاه محمد شاه کي چيو ته هو ايندي ئي چوندو ته "اهو جيل جو اثر آهي!" يا چوندو ته "مونکي پاڻ اها شڪايت آهي!" ڊاڪٽر صاحب اچي ڏاڍيءَ غور سان تپاس ڪئي. پوءِ تمام همدرديءَ سان چيائين "جيل ۾ ايئن ٿئي ٿو. آخر جيل آهي. مونکي پاڻ ..... بس پوءِ ته تماشو ڏسڻ ونان هو. مون گهٽو ئي جهليو پر شاه محمد شاه هڪڙو اڃي ئي بلڊپريشر جو مريض ٻيو اهو طعنو سو ڪٽان ٿو ڇڏجي؟ وڏو ڏڇو ٿيئي پيو. ڊاڪٽر صاحب وڃي رپورٽون ڪيون. رزلٽ اهو ٿ قمرالزمان ڪراچيءَ ٽرانسفر. شاه محمد شاه کنهن ٻئي پاسي.

پنج ٽي ويا آهن. چڪر ڏجي.

ڪلهه همراه ٻئنڑي سيلن جي عمر وڌائڻ جو نسخو ڏسي ويو. اڄ ان تي عمل ڪري پراڻن سيلن کي نوبنو ڪري ريڊيو ۾ استعمال ڪرڻ جو تجربو ڪيوسين. امير چالو سيل ڪڍي پراڻا نوبٽا ٽيل سيل وڌا. پر ريڊئي "چون!" ٻه ڪانه ڪئي. لاچار تجربو ڪامياب نه سمجهي وڃي اهي چالو سيل وڌاسين جن تي هليو پئي. ته انهن تي ٻه هلي! تڏهن سمجهيم ته اميرسيل بدلائيندي ڪا اهڙي ليڻ ڏڻي آئس جو متيون منجهي ويون آئس. امير کان پڇيم چي "مون ته ڪجه به ڪو ته ڪيو!" مس مس ريڊيو مونٽي مليو شو ٻه ٻند ٽي ويو! مٽان جواب اهو ته "مون ٿ ڪجه ٻه ڪوٽه ڪيس!" هي امير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدرت طرفان مون لاءِ قيد ۾ ٻيو قيد ٻنائڻ لاءِ موڪليل ٿو ڏسجي. جنسي عذاب آهي. انّي جو گهوٻانو. سوال پڇيس ته ڏوڙي وڃي رندڻي ۾ گهڙي، پٽ ڏانهن منهن ڪري، ڪنڌ هيٺ ڪري، پڻ پڻ ڪري چڏيندو. اهو ٽيو سوال جو جواب! سڄو ڏينهن ماٺو پيو ڪتي وانگر پونڪي. رهن جي ڪن تي جونئن به ڪا نه سرندي. اول ته پڌندوئي ڪو نه جيڏو پڌندو ته هڪڙي ڪن ۾ آيو ته ٻئي مان نڪتو. اهو عذاب مڙهيو به مون پاڻهي پاڻ تي آهي.

۱۹۸۲-۵-۲

سوا ڏهه ٽيا آهن. نمبردار ريڊيو لهرائڻ ويو آهي. هتي جيل ۾ ريڊيو ٻڌي وڃي ناهڻ جو ڪارخانو آهي. ڪنهار خانو به آهي. هتان گهٽا قيدي سٺا هنر پرائي ويندا آهن. خاص ڪري ريڊيو ۽ ٽي وي جو ڪم ڪين باهر ڪم ايندو آهي. تالين جو ڪم ته رڳو آفيسرن جي گهرن لاءِ مفت جا غاليچا تيار ڪرائڻ لاءِ ٿيندو آهي. ڪنهن قيدي ڪي ماري ماري خون ڪري چڏيائون. اتفاق سان ڪا دانهن ٿي. اتفاق سان انڪوائري جي ڳاله ٿي ته به غاليچا هن کي، به هُن کي. ڪم نيڪ ٽي ويو. جيل جو لهيل سامان گهٽي ياڳي جيل وارن جي. ڪنن ڪڙتوتن کي لڪائڻ لاءِ مٽين کي رشوت ڏيڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. ماسٽر اچي ڪالهوڪي پاڪستان ٽائيمس ڏيئي ويو آهي. "اچو ڪي پڙهٽي هُجي ته پنهنجي گهرائيو" اخبار انگريزي، آچي. هڪڙي سا پهرين مٽي پڙهجي، پوءِ ميجر صاحب پڙهي، پوءِ ٻين کي ملي. سو به جي ڪو هروپرو ڏڏو ڪري ته. هونئن هتي ماٺو سُکيا آهن، هر کو پنهنجي اخبار گهرائي. ڦاسي گهاٽ ۾ به هر چار اخبارون گهرائيندڙ آهن. ڦاسي گهاٽ ۾ ڳچ جيترا ٻي ڪلاس وارا آهن. هينئر امير کان پڇيم "نمبردار ڪٿي آهي؟" چيائين "هتي". "چيو مانس "سڏ ڪرينس." چيائين ته "ريڊيو لهرائڻ ويو آهي." "پڇيومانس "تو جو چيو ته هتي آهي." چيائين "اهو ته تو نون لاءِ پڇيو ته ڪٿي آهين ؟ مون چيو ٿه هتي آهيان" "باهرين دروازي ڪلڻ جي "ڇُون!" "ڇون!" ٿي آهي. نمبردار کي ته ريڊيئي سان گڏ ڪونڊ واپس ڪيو اٽن ته وڃي ايسسٽنٽ (جيلر) جي چٽي ولي اچ ته پوءِ ناهيون!

ڏرڻين ڪڙي رات هڪ ڀڄي تائين نند ڪانه آئي. انسيدال گوريءَ جو چوٽون حصو ڪائيندو آهيان. اڌ به ڪائي ڪونه سگهيندو آهيان. رات اڌ ڪاڪيم تڏهن به نند ڪانه آئي. اڌ ٻيو ڪاڪيم ته به خير! نيٽ آڏيءَ رات ٻي سڄي ڪاڪيم تڏهن نند آئي. صبح جو وهنجڻو آهيان. ڏسون ته زڪام ٿئي ٿو يا نه. هونئن نڪ ۾ تيل جا ڏڙا وجهڻ شروع ڪيا اٽم ته زڪام گهٽ ٿو ٿئي. حجام سوير وار لاهڻ لاءِ اچي ڪڙڪيو. چيومانس "پارهين بجي اچجان". هڪڙو پاڻ ڦاسي گهاٽ ۾ آهي ٻيو جنم ٽيپ ۾ سوٽ ڪي ٿه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنم ٽيپ. قريشيءَ منٽ ڪئي ته هنن کي سپريم ڪورٽ لاءِ اپيل لکي ڏي. مون ڏهه پندرنهن ڏينهن محنت ڪري چگي اپيل لکي ڏني. هاٿي جيل ۾ ڳالهه هلي وئي آهي ته "ڪولي ٽنڊي وئي. قاسيءَ جي سزا ختم ٿي وئي. ۽ هنن جي سزا يا صفا ختم ٿي ويندي يا نالي ماتر ٿي ويندي!" بهرحال هائي ڪورٽ جو فيصلو مون کي بيحد سطحي ۽ غلط لڳو. مون پنهنجي اصولن موجب ان تي ايتري محنت ڪئي آهي جيتري ٽيهه چاليهه هزار ڀي ولي ڪجي. شايد هنن جو ڪجهه پلو ٿي وڃي. مون اڃڻ شرط اعلان ڪرايو ته مونکي ڪيسن ۽ اپيلن لاءِ ڪير به نه چوي. جو ته قيدي ويچارو بيمار وانگر پائئي ته من پائيءَ جو نفعو ٿئيم. ڪن کي خواهه مخواهه مڙيئي ڪنهن بيروزگار ڊاڪٽر يا وڪيل کي ڏنڊي سان لڳائڻ جو شوق. پراڻا ڪن وقتن جا قصا ڪولي وهندا. ان ڪري مون وٽ رڳو واقعي ضروري ۽ منهنجي ڪرڻ جا ڪم ايندا آهن. اڪثر قريشي موڪليندو آهي. هن وقت هڪ سپريم ڪورٽ لاءِ اپيل ۽ هڪ هائي ڪورٽ لاءِ اپيل تياريءَ هيٺ آهن. ڪتاب ڪونهي. ماٿهو پاڻ روبرو ڪونهي جو پاڻ پنهنجي نموني ڪيس هلائي. مڙيئي آهن اونداهيءَ ۾ چاڙپ هٽڻا. تن ۾ وس وڌو ٿو ڪجي. پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڪجهه ڇڱا پيا آهن. ڪيترن ڏينهن کان پنهنجي پئسن تي امن ۽ مسلم اخبارون گهرائڻ لاءِ جدوجهد پيو ڪريان. (جيل ۾ سئي ڏاڪي لاءِ به اهڙي جدوجهد ڪبي آهي جڏ امريڪا روس سان جنگ لاءِ تياري پيو ڪري.) پر سهي جون ٽنڪڙون ٽن مان چار نه ٽيون ٽين. هتي هڪڙي سهولت آهي. جيل جي گيٽ وٽ هڪڙو دوڪان آهي. قيدي اتي پنهنجا پئسا جمع ڪرائي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ اتان آهستي آهستي سامان گهرائيندا رهندا آهن. هتي اڪثر ماڻهن وٽ پنهنجو ٽورو ٽورو ڪاڏي پيتي جو سامان آهي ۽ اڪثر پنهنجو پاڻ رڌيندا آهن. رڳو لنگر تي نه ٿا پاڙين. دوڪان وارو به گهوبيون گهٽ ٿو هٽي. ان ڪري دانهن ڪا نه ٿوڪرائي. ان ڪري سيني جو ڪم آرام سان پيو هلي. ظاهري طرح هر ڳالهه جي بندش آهي، بلڪ رپورٽ ٽيندي آهي ته بدل چور کي ٽڪا ضرور لڳندا. سنڌ جي جيلن ۾ جو قيدين کي دوون وانگر علي الحساب ڪنهي سگهبو آهي. تيئن هتي گهٽ آهي. هتي سپرنٽنڈنٽ نالي ماتر ڪيس هلائي مقرر ٽڪا لکندو اهي لڳندا. هوئن به ٽئي ٽو پر گهٽ. قيدين کان رشوت جو هتي يعني هن جيل ۾ هن سپرنٽنڈنٽ جي دور ۾ چالو گهٽ آهي. اقربا پروري ۽ ٽولي بازي به گهٽ آهي. ان ڪري سپرنٽنڈنٽ جو رڳو ڏهڪاءُ نه پر وقار به آهي. معافيءَ واري ڏينهن جائوئي ڪونهي. (البت مائي ڪرڙي ٽي بدجيس. ان جي اڃيان نه ٽي هليس) پر سيئي ڪي خبر آهي ته سختيتي پيدا گيريءَ لاءِ ٽئو ڪري. باقي ٻيو ٽيون حساب ته خير هلٽو آهي. لکن جو عالي شان بنگلو نهي پيو.

اڄ الائي چو بک لڳي آهي. چکر ڏئي آيو آهيان. ماني کاڌي اٿم. ڄاڻهن پيئڻ ۽ رات انسيدال گورين کائڻ ڪري ماني نيڪ کا نه کاڌيم. قاسي گهاٽ جو نمبردار رمضان آيو آهي. هڪ رسالو ڏئي ٻيو ڪٽي ويو آهي. اهو به پڇڻ آيو آهي ته مون قاسي گهاٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيل انجنيئر خالد جاويد جي هائي ڪورٽ ۾ موت جي سزا خلاف اپيل جو فائيل پڙهي ڪا راءِ قائم ڪئي آهي يا نہ. امير چئي ٿو تہ "بدڙ وڏا بٽيا هي. بارش هوسي. پاڻي رکيا اي ڪُروڙي (گرڙي) ڪرلئو." ڪروڙي ڪريَ آيو آهيان. لوٽ ۽ لسٽرين پيل پاڻيءَ سان. سال ڏيڍ کان ڪندو اچان. گوڙ پئي ٿئي. امير وارا بدڙ (بادل) بہ آهن. جهڙالو ڏينهن آهي. چوٽين پنجين ڏينهن جهڙ ٿيندو آهي ۽ ٻن ٽن ڏينهن تائين هلندو آهي. ڪيس پڙهان نہ تہ ڏٺيءَ جي بيچيني ۽ پڇ پڇ مون کي. چين ڪرڻ کا نہ ڏيندي. ريڊيو نهي آيو آهي. امير واري ڳالهہ سچي ٿئي. ٻاهر بدڙ باهہ ٻاريو ٻيٺا آهن. اها بارش رکي رکي ڏينهن جا ڏينهن هلندي. گوڙ جو لڪاءَ آهي.

باهہ ٻاريڻ واري ڳالهہ نياز همايونيءَ جون سٽون ياد ڏياريون آهن:

جهوري ويون جهڙاليون، الا.
شل ڪاٻاهہ لڳي برساتين کي!
ماڻهو مرکن مينديءَ گل جان
مکڙا تن جا کيسوءَ قل جان
پنهنجون اکڙيون آليون، الا.
شل کا ٻاهہ لڳي برساتين کي!

رات جا ڏهہ ٽيا آهن. وهنجي، ڀائرن هٽي اچي ويٺو آهيان. ڏسان تہ زڪام ٿئي ٿو يا نہ ۽ ننڊ اچي ٿي يا نہ.. اردو سروس لڳل. فرمائش هلي پئي. سويل حيدرآباد تان فرمائش هٽ چڙهي. عابده منصور جو ڪلام پئي ڳايو. پشتو ڏن ۾. سنئين سادي ڏن هئي. عام طرح عابده سادين گهٽ ڏٺون ڳائيندي آهي. بهرحال گهٽي زماني کان پوءِ عابده جو نئون ڪلام ٻڌم. خوشي ٿي.

زندگيءَ ۾ صحيح چوندا بہ ڪاميابيءَ يا ناڪاميءَ ۾ وڏو پارٽ ادا ڪري ٿي. ڪنهن ماڻهوءَ ۾ کهڙو گڻ آهي؟ ان جي استعمال جو صحيح طريقو جاڻ ۽ حالتون کهڙيون آهن اها چوندا ڪرڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي. بهترين لياقت غلط هٿ ۾ استعمال ڪرڻ سان سڄي لياقت زيان بلڪ خواري ٿي سگهي ٿي. مثلا ريڊيو وارا اڇلهہ سهڻي نموني ڳايل زرينہ جو مشهور لوڪ گيت "مور تو ٽلي" کي روبينہ کان رڪارڊ ڪرائي روز اهو پيا نشر ڪن. حالانڪ هن جا سٽا ڪلام پيا آهن. نورجهان کان سندي ڪلام ڳارايائون "اي هوا آڻون چو نہ نچان!" ڪيترا فلمي سندي ڪلام غير سندي ماڻهن جا لکيل آهن جنجي بولي بہ غلط آهي. مطلب تہ هڪڙو بيهودو مذاق آهي سندي فلم جي نالي ۾. واهيات کهاڻيون ۽ واهيات گاڻا ڏئي پاڻ بہ پيا فاقا ڪن ۽ سندي فلمن کي بہ پيا خوار ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلمن جي ڳالهه ٻڌائي آهي ته منهنجي خيال ۾ فلمي ڪهاڻيون مختصر ڪهاڻي لکڻڙن کان لکائڻ ۾ل آهي. هنن جو دماغ ننڍڙا جزا ڳولينڊڙ محدود سچائيءَ تي سوچيندڙ ۽ "جونئن مان پتا ڪڍندڙ" ٿئي ٿو جيڪو فلم لاءِ بيڪار آهي. فلمي ڪهاڻي اهڙن کان لکائجي جيڪي ناول نويس ۽ داستان گوئن وانگر گهڻن ڪردارن وڏن واقعن ۽ وڏن پيچيدن پلاٽن کي سپ طرفي نموني وڏي پيماني تي سوچي ۽ نپائي سگهن. ٻيو ته گانا لکندڙ ماڻهو هڪڙو ته سڪٽو تڪبند نه هجي ٻيو ته شوخ، چست، آساني ۽ سان سمجهه ۾ ايندڙ ۽ جلد اثر ڪندڙ ڪلام ٻ لکي ڄاڻي. سندي فلمن جا گانا اهڙن شاعرن کان لکايا وڃن جيڪي انهي ڏانو جا هجن.

مثلاً امداد، استاد، مجروح، سائل، تاجل ۽ بيا. خاص ڪري استاد بخاريءَ کي موقعو ملي ته هو سندي فلمن ۾ ساحرلڌيانويءَ جون سڪون لاهي سگهي ٿو. ريڊيو ٽي وي جي ٻ درجن کن بهترين گائڻ مان چونڊي انهن کان گرائجي ۽ ڪهاڻي ٻ ڪنهن سٽي ناول نويس کان مثلاً سراج کان لکائجي ته ڪوبه سبب ناهي ته سندي فلمون سندي فنڪارن جي زور تي خوب ڪامياب نه ٿين ۽ خوب پئسا نه ڪمائين ۽ سندي فلم انڊسٽري ٻ هڪ ڪامياب صنعت نه بڻجي وڃي. واهيات ڪهاڻي، واهيات گانا، واهيات ڊُنون، جاهل ڊائريڪٽر ۽ تنهن کان چٽ پروڊيوسر. "اگهاڙا هليا آهن بکين وٽ ته هلو عيد ڪنداسين." پوءِ ڪاوڙ سندي ماڻهن تي ته سندي فلمون ڪامياب ڏسا ڪن.

ياد پيم ته پٽ شاهه واري ڳائڻي خورشيد بيگم جو آواز هڪ حد اندر ڪمال جو آهي. ان جو فائدو ڪوبه ورتو ويو آهي. مردن ۾ ٻ ڪي واقعي طبيعت ڏاڍ خوش ڪري ڇڏين. اهڙن رڪارڊ ٿيل سندي ڪلامن جو تعداد ڪافي گڏ ٿي ويو آهي جيڪي روح کي راحت ڏين ٿا. رڳو منهنجي پسند جا ڪلام ئي سؤ کان چڙهي ويندا. قره‌العين حيدر جو ناول "آخرشب ڪي همسفر" جو پهريون باب پڙهيو اٿم. هاڻ ٻيو ٿو پڙهڻ شروع ڪريان. عام طرح سندي فلمن کان سندي ريڊيو ۽ ٽي وي تي رڪارڊ ٿيل گانا تمام گهٽا اثرائتا ٿين ٿا. فلمي گائن جي گهٽائي نسورو گند هوندو آهي. پر پهرين اها ڳاله نوٽ ڪريان ته هندستان ۾ فلمي ڪهاڻيون لکڻ جي هڪڙي فرم آهي. "سليم جاويد" جيڪا هڪڙي فلمي ڪهاڻيءَ جا گهڻ ۾ گهٽ ٻ لک روپيا وٺندي آهي! تنهن ڏينهن اميتاب بچن ٻ پنهنجي اِنٽرويو ۾ انهيءَ ڪهاڻيڪار فرم جي ڪهاڻين جي ساراه جا ڊڪ پريا هئا.

۲۰ -۵ -۸۲

ٻدڙ! فريده خانم لاهور تان پيئي ڳائي. پر ڏن اڪثر ساڃي اٽس. ڪلام خاص ڪونهي. هوتئن مونکي سندس آواز وٺندو آهي. رات وري پهريون پهرو منير جو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميراشارا پئي ڏنس.پڇيو ماڻس "ڇا ڳاله آهي؟" ڇيائين تہ "لهندي پير هن مين ڪا (ڪهيا) پير لهندي نہ ڪر." ٻڌهي ڪان پڇيم "جڏهن پاسي سج ايرندو آهي ان کي ڇا چئو؟" منير جيڪو سيالڪوٽ پاسي جو آهي تنهن چيو "چڙهدا" امير جيڪو چناب جي ڪچي جو آهي تنهن چيو "ايرندا". اتر ڏانهن اشارو ڪري پڇيم "ان کي ڇا چئو؟" منير چيو "پهاڙ" امير چيو "پربت" دل ۾ چيم "انهن جي ڳوٺ پاسي ڪيترا ماٺهو اتر کي جبل ۽ ڏکڻ کي سنڌ سڏين. مون وري پڇيو "ڏکڻ کي؟" منير چيو "ڏکڻ" ۽ امير چيو "ڏکڻ" باقي الهندي کي ٻڌهي لهندو سڏيو. جيئن اسانجي ڪلاسيڪي سندي شاعريءَ جو لهجو ڏکڻ سنڌ جو يعني لاڙي آهي تيئن پنجاب جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو لهجو وري لهندي (الهندي پنجاب) واڙو آهي. پنجاب جا لوڪ داستان هيررانجهو، سهڻي ميهار، سهتي مراد، مرزا صاحبان ۽ لهندي جي علائقي جا داستان آهن ۽ سندن ٻولي اها آهي جنهنکي سرائيڪي سڏجي ٿو. بابا فريد، شاه حسين، بلي شاه ۽ سلطان باهو جي ڪلام جو لهجو ۽ لهندي واڙو آهي. بهرحال هاڻ سرائيڪي ۽ پنجابي هڪ ٻئي تي ڏاڪڻيو بيٺيون آهن. ڪي پوڻهاري ۽ چون ۽ لکن ٿا تہ سندن ٻولي هڪ مستقل ٻولي آهي. ڏوگري ۽ جدا ٻولي ليکجي ٿي ۽ ان ۾ جدا پروگرام ايندا آهن. پنجابي دانشور ڏوگريءَ کي ۽ سرائيڪي ۽ پوڻهاريءَ وانگر پنجابيءَ جوئي هڪڙو روپ ڏهرائين ٿا. سرائيڪيءَ جي جدا مستقل ٻولي هجڻ واري ڳاله تہ خير هاڻ ڇڏگن ڇڏهي ويئي آهي. مزو اهو آهي تہ سرائيڪيءَ جي حامين کي سرڪاري "قومي" ٻوليءَ جا علمبردار ۽ پٽ ٻڌي ڪائن سرڪاري ٻوليءَ جا ڳڻ ڳارائين ٿا. هوڏانهن پنجابي اديبن کي سرائيڪين خلاف ۽ ڀڙڪائين ٿا. "چور کي چئجي تہ چوري ڪر ۽ ڏٽيءَ کي چئجي تہ گهر سنڀال."

سياسي، انتظامي ۽ اقتصادي حالتن ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ۽ ان جي وسيلي پنهنجي الڳ شخصيت تسليم ڪرائڻ لاءِ ويڙهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. ان پيچيدي مسئلي کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ تسليم ڪرڻ ۽ ان کي سرائيڪي عوام جي حق رسي، سچي پنجاب صوبي جي پوريهيت عوام جي اتحاد ۽ سچي ملڪ جي پوريهيت عوام جي فائدي ۾ حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. قوميت لاءِ ٻولي اهم عنصر آهي. ڀڙ رڳو مادري ٻوليءَ جو فرق ڪنهن قوم جي اتحاد کي ختم ٿو ڪري. مادري ٻوليءَ جي فرق هوندي بہ قوميتون لهڻيون آهن ۽ قائم رهيون آهن. شرط اهو آهي تہ سياسي ڪڏيل قوميت مان فائدو پهچي. "ڪنيو ڪائي فتير ٻيون جهلي پولڙو" واڙو ڪم نہ ٿئي.

۱۲ ٻجا ڏينهن. مانيءَ ڪاڏي اتم. جالندر اسٽيشن. "ر" (رمضان مقدم. ڪيس مون سان ملڻ ڪان منع هئي متان ڪري تہ پوي) هاڻ ڪوڙ جي اپيل بابت راءِ پڇڻ آيو. سڀاڻي لاءِ چيو ماڻس. ڪلهه ڪان ولي ڪچ وقت ان فائيل کي پڙهيو ۽ مٿس ڪم ڪيو اتم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

One foot up and one foot down,
That is the way to london town,
To see the king in his golden crown."

ون فٽ اپ اٿنڊ ون فٽ ڊائون،
ديٽ از دي وي ٽو لنڊن ٽائون،
ٽو سي دي ڪنگ ان هز گولڊن ڪرائون!

نندپڻ ۾ الائي ڪهڙي زماني ۾ اسڪول ۾ ياد ڪيل اهي انگريزي بيت جون سٽون اڄ چڪر ڏيندي اوچتو ياد آيم.

(هڪ پير مٿي، ٻيو هيٺ،
لنڊن شهر جو رستو اهو پيو وڃي!
بادشاهه کي سندس سونهي تاج سان ڏسڻ لاءِ،
وڃڻو اٿو ته اهو رستو ونڊي وڃو)

سلطان باهوؒ چيو آهي:

دل دريا سمندرون ڈونگهي
ڪون دلان ڏيان جاڻي؟

(دل جا درياهه سمنڊن کان به اونهاڻ ٿيندا آهن
دلين ۾ پيل ڳالهين کي ڪير ٿو ڄاڻي؟)

تحت الشعور جي سمنڊ جي تري ۾ الائي کهڙن زمانن جون الائي کهڙيون کهڙيون ڳالهيون، يادون، امنگون ۽ خواهشون پيون آهن جن مان کي ڪڏهن اوچتو ٻي اختيار ٻڙڪو ڏيو ٻاهر نڪريو اچن. کي ته شايد ماڻهو پاڻ سان قبر ۾ کڻي وڃن ۽ پاڻ سان به انهن جي وجود جي سچي نه ڪن. عام ماڻهو پاڻ سان سچي ڪڏهن ٿو ڪري سگهي؟ ماڻهوءَ جي اندر ۾ جيڪي خيال، اڌما، خوف ۽ انديشا لکل آهن سي جي سڀ ڪيڏي ڪٽي شعور جي ٽلهي تي رکي ته جيڪر انهن سيني کي ڏسي چريو ڪوٺ ٿي پوي! انهن ابتڙن جي پاڻ ۾ ٽڪراءَ مان جيڪي ڏماڪا ٿيندا تن کان پوءَ ڪنهنجي شخصيت سلامت بچندي؟ منهنجي پراڻي ڊائريءَ ۾ جان گارڊنر جي هيءَ چوٽي نوٽ ٿيل آهي:

"دانائيءَ جي شروعات پاڻ سڃاڻڻ کان ٿيندي آهي. گهٽن ماڻهن لاءِ دانا ٿيڻ جو سوال پيدا ئي نٿو ٿئي. جو ته ماڻهو جيئن جيئن وڏو ٿيندو وڃي تيئن تيئن هو پاڻ کي فريب ڏيڻ ۽ پنهلائڻ جي فن ۾ پڙ ٿيندو وڃي ٿو. اڌ عمر تائين رسي اسان مان گهٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو پنهنجو پاڻ کان پڳل ڪامياب، مغرور ۽ روپوش ٿي وڃن ٿا."

ماڻهوءَ کي جسماني ۽ سماجي مجبورين، عادتن، اڻ چاڻاين ۽ بزدلين جي هڪڙي چاپي پرجيو وڃي ۽ پوءِ هو چاکيءَ جي اڻ وانگر پيو وهي، پيو وهي، پيو وهي، تان جو هڪڙي ڏينهن نيٺ چاپي کڻيو وڃي ۽ هو پٽ تي ٿهڪو اڇيو ڪري.

ان وچ ۾ هو پنهنجي پر ۾ وڏا ٽپ ۽ چال ٽو ڏي، وڏا ڪم ٽو ڪري، وڏا چٽ پٽن سان هٽي ٽو. پر ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن آخر ڪيس ٽورو شڪ پئجيو وڃي ٽو تہ زماني جو ميلو گهمندي ڪيز سندس ڪيسو تہ ڪو نہ ڪٽي ويو آهي! گچيءَ ۾ هار پيا آهن، هٿن ۾ راندڪا آهن، چپن تي ميلي جي مرڪ آهي پر دل جو ڪيسو ڪٽيل آهي!

ميلي ۾ تون تنها-تنها، ڪنهن کي ڳولين ٽو.
اک ۾ ڳوڙها، هٿ ۾ گجرا، ڪنهن کي ڳولين ٽو!
(ايار)

اهي تہ اُهي جيڪي ويل شيءَ جو وجائجڻ قبول ڪري ان کي وري هٽ ڪرڻ لاءِ ڳولا ڪرڻ جي "فضول" جرئت ۽ جاکوڙ ڪن ٿا. گهٽا، "قابل" ۽ "ڪامياب" زماني ساز تہ مڃين ئي ٿا تہ ڪي هو جو ويو. هو چون ٿا "سڀ ليک ٺاک آهي. اسان تہ پاڻ هي هٽ ڪيو ۽ هي لڏو!" پچاڙيءَ جو هو شاه شاهوڪاريءَ پاڻ کي مڃايو وڃن "واقعي سڀ ليک آهي. ڪجه بہ ڪونہ ويو." ۽ پوءِ هو ماڻهپي جا موتي زماني جي بازار ۾ وڃايو، قربيون ڪنگال ٿيو سواءِ سچين مرڪن جي، سواءِ سچن لڙکن جي، سواءِ طاقتور پيارن جي، نفرتن ۽ پڇتاوَن جي، گهاٽي ۾ ڊوڙندا، پاڻ کي "ڪامياب" ظاهر ڪندا، سهڪندا سهڪندا ختم ٿيو وڃن ۽ پٽيان پاڻ جهڙا ڇٽيو انهن جي اکين تي ڪوپا چاڙهيو، ناهي ٻڌيو انهن کي ساڻئي يا نئين گهاٽي ۾ روان ڪريو وڃن، ۽ گهاٽو هلندو رهي ٿو- قورو طبقن جي چاکيءَ جي ڪامياب الن هٿان هلندڙ ظالم ۽ واهيات سماج جو گهاٽو.

دنيا ۾ ڪهڙيون بہ تبديليون اچن، چٽ پٽن سان لڳن، نيون هوائون لڳن، نيون مندون اچن، وسون ٽين، ڪيڇ پڇي پون پر زماني ساز اُلن لاءِ اهي ڪوپا، اهو پيڇرو اهو گهاٽو! "ڇي پري ٿيو! اسين ڪامياب آهيون، اسين ئي ڪامياب آهيون."

ڏُرپان ئي ڏار جي وڌي وڻ جدا ڪيا
تن سُکن ڪهڙي سار تہ ڪڍي اُنا مينهن ملير تي؟
(شاه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمهڻ جي ڪوشش ڪيم پر نند نہ آئي. پاڻ ڇڪوڙات جو آرائين سبب هوئڻن بہ نند دير سان ٿي آچي. ڏينهن جو سمهو تہ رات جو ايڏا بہ دير سان نند ايندي. "آخر شب ڪي همسفر" پڙهيم. ايڏا تہ نيڪ پيئو هلي. اڳتي ڏسون تہ ڪيڏانهن ٿي منهن متو ڪريس. ڪنهن سولي ڪندي جي اميد تہ هن طبقي جي ماڻهن مان گهٽ زکبي پر ورڻي بہ متان پلجي پئي.

"ايران، عراق ۽ برطانيہ، ارجنٽائين ايڏا هڪيئي ڪي نرا ڏيو بينا آهن. اڪانامسٽ ڪي عراق جو ڏاڍو فڪر آهي. چئي ٿي تہ "من ان جي ڪري مصر عربن ۾ وري مقبول ٿئي." چئي ٿي تہ "مصر ڏهڪي ڏني آهي تہ ايران گهٽي گهٽيءُ ڪئي تہ اسين خاموش نہ وهنداسون." هوڏانهن سعودي عرب ۽ ٻيو سڄو اسلامي عرف آمريڪي سامراج جو چاڙتو ٽولو سعودي عرب جي اڳواڻي هيٺ مصر کي واپس عرب برادري ۾ شامل ڪري پنهنجو ڊالر پرست ڏڙو مضبوط ٿو ڪرڻ گهري. امريڪي، اسرائيلي رجعت پرست جاگيردار نام نهاد اسلامي ٽولي جي عوام دشمن سامراج پرست سياست کي عرب جي سامراج دشمن جمهوريت پسند عوام تي مسلط ٿو ڪرڻ گهري. پر ايران ۽ سامراج دشمن عرب عوام ۽ حڪومتون ان ٽمورتي جي منافق ۽ مڪار سياست کي مڪمل طور ڪامياب ٿيڻ نٿا ڏين."

جنگ اڄ اڪانامسٽ سان گڏ هندستاني انگريزي اخبارن جا انگريزي مضمون بہ نقل ڪري ڏنا آهن. هڪڙو هندستاني سنارڪار ايس. اين چوپڙا پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ "پاڪستان پائني ٿو تہ جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ڪري مُفت ۾ سيڪجھ حاصل ڪريان ۽ اڳلي در کي سڪيٽين ڳالهين تي ٽرڪايان." اهو بہ لکيٽو اٿس تہ ايران پاڪستان کي منجهائي وڌو آهي. هن موجوده حڪومت کي "پنهنجي زندگي" جي نماشام تي پهتل، سخت دباءُ هيٺ آيل، مطلق العنان حڪومت ڪوليو آهي ۽ ڏانهس ڪجھ نفسياتي ترمي ڏيڪارڻ جي سفارش ڪئي آهي. ضحاڻي گرڻي لال حسين ٽائيمس آف انڊيا ۾ لکيو آهي تہ "هندستان هاڻ هڪڙي علائقي جي سربراه طاقت آهي. ان کي نہ روس اڳيان للو چپو ڪرڻ گهرجي نہ امريڪا اڳيان. ڪيس بنهي جي ايڏي پرواه ڪانهي جو هروپرو بنهي سان پنهنجي هڪجهڙي وفاداري ثابت ڪندو وتي. ڪيس گهرجي تہ منجهائن جيڪو هندستان کي گهٽو گهري ان جو اوترو خيال رکي. جيڪو پاڻ کي چڪي ٿي رکي اهو پُل پنهنجي گهر خوش ڪجي." هن لکيو آهي تہ "١٩٧١ع ۾ پاڪستان ٻہ ٽڪر ٿيو ۽ هندستان ۾ اناج جي ڪوٽ ختم ٿي. ان جي ڪوٽ ۽ پاڪستان ٻئي هندستان لاءِ موتمار مصيبتون هيون جنهن ڪيس روس ۽ امريڪا جو محتاج بنائي رکيو هو. هاڻ هندستان پنهنجي پيرن تي آهي، وڏي طاقت آهي ۽ ڪيس ان حساب سان دنيا ۾ هلڻ گهرجي. سندس گفتگو صاف هجي ۽ گهٽي مٽ مٽ ڪرڻ جي پاليسي ترڪ ڪرڻ گهرجيس." مطلب تہ هزاره ٻوليون ئي اور پيا ڪن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڏانهن اڄ اخبارن ۾ آيو آهي ته غيرجماعتي چونڊون ٿيندڙيون. مارشل‌لا رهندو. صدر محترم سڀ بدستور صدر رهندو. سبحان الله! فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ. (اڄا پلا پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪاري رهندا ايندا؟) مطلب ته "يا سچ ڪٿي يا ڄڻ ڪٿي." وچ واري ڳاله ٿيٽي ڪانهي. يارن جو ڏوهه ڪونهي. پريان سڀ کي پڇ واري آهن ياڻ؟ هي مال خزانا هٿيار پنهوار ان لاءِ ته ڪونه ڏنا اٽن ته اوهانکي جڏهن وٽي تڏهن مال پاڻگين جي حوالي ڪري گندي ڪلهي تي رکي ٿيو راهي! ويچارو ويٺنام وارو ٿيو، ڪمبوڊيا وارو لان نول، ايران وارو شاهه ۽ ٻيا سڀ ته آخر هئا. ٻنهه مٽان وري وين تڏهن سڀ پڇاڙيءَ تائين سڀ ٻي ٻولي ڪا نه ڪيائون. سامراج جي سونپيل ڊيوٽيءَ تي پورا رهيا. تان جو جڏهن آخر مٽان موڪل ملين تڏهن عزت آبروءَ سان موڪلائي چوڪلائي وڃي آمريڪا ۾ پنهنجن نون ڪکن پيڙا ٽيا. حياتي قدرت جي وس آهي. شاهه ويچارو موڪلائي ويو. باقي ٿيو ۽ لان نول اڄ سڀ وڏي عزت سان آمريڪا ۾ دلال بنيا وٺا الوليون ڪن. ڪمائي وڃي وٺا آهن، ايئن سڪٽاڪونه ويا آهن. سيڪو ڪم جو مٺ آهي،. چم جو مٺ ڪوبه ڪونهي. ملڪن جا ڪم آهن. ڪڏهن رهن تا ڪڏهن ٽٽا رهن. بندي جي وس ڪونهي. سڀ قدرت جي وس آهي. سو ملڪ خدا ڪندو ته رهندو. پر جي هيڏانهن يا هوڏانهن ٿيو ته سڀ پاڻ وارا انشاالله جيڪي وچن ڪري وٺا آهن سي پڇاڙي تائين پاڙيندا ۽ پويون پير ڪونه ڏيندا! جيسين ملڪ ۾ ڪو ساه هوندو تيسين منجهانئس هٽ انشاالله ڪونه ڪيندا. باقي ڪم آهن قادر تي. لٽي پٽي ٿيو ۽ لان نول وارو گس ته اڳيئي ڏنل آهي.

امير آيو آهي ته موڪل ڏينم ته جيل جي اسپتال وڃان. اڳي ڪوڙ ڪري پڇي ويندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻاهر وڃي پيو ڪچهريون ڪندو هو. سو مون روڪيو اٽمانس. هينئر سڀ نمبردار ڪي چيو اٽم ته ڪمپائونڊر ڪي وڃي اڇ. جي بيمار آهي ته علاج ٽئيس. جي بهانو ڪيو اٽس ته موسو پڇيس. ٻيو وس نه ٿو هلي ته جنهن جهل ڏنو آهي تنهن مان ته هٽ آڻون سڀ نه ڪيان! سرڪار نامدار جي ڪاوڙ مون تي، منهنجي امير تي، امير جي ٻليءَ تي ۽ ٻليءَ جي ٽائيگر تي! جنهنجي جيتري پڇ هجي! مڙيئي ڪم ته هلائڻو آهي نه! ڪنهن نه ڪنهن مان ته ڪاوڙ ڪڍڻي آهي نه‌پرينهن ميو اسپتال وڃڻو آهي. ڏسون چا ٿو ٽئي؟ ريڊيو تان هندستان جي چونڊن جا نتيجا ٻيا هلن. اجهو تالو لڳو آهئ، شين جي ڳولها. وقت تي جيڪا شيءَ ڳول سان ليي. هونئن شيون لتن ۾ پيون لڳنديون، ڪم وقت ڪونه هونديون. پرينهن ٽن سالن ڪانپوءَ لاهور شهرجون ڏينهن ڏڻي سڙڪون ڏسبيون. جيل ۾ انهن عورتن جي جذبن جو احساس ٽئي ٿو جيڪي يا عمر چٹن پٽين ۾ جيئري دفن آهن. ڪماڪميءَ حيدرآباد اسٽيشن لاءِ گهٽيئي مٽا ڏنا اٽم، پر ملي ئي نه ٽي. ملندي ان مهل جڏهن اسپورٽس ميگزين هلندي هوندي يا ڪو الله جو پيارو هن دنيا جي فاني هجڻ جو سبق ڏاڍي مخرج سان ڏيئي رهيو هوندو. اردو سروس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمضان جي ڏيونءِ لڳي آهي. نماز پڙهڻ ويو آهي. زال ماري آيو آهي. مومن آهي. ٻه ٽي درجا اردو پڙهيل آهي. پنجابي هاري ماڻهو آهي. هڪڙي ڏينهن مون کان نهايت معصوميت سان پڇيائين "سائين! ٻيون ڳالهيون ڇهيو، پر هونئن جيڪي دنيا ۾ ٿئي پيو سو سڀ رب جي حڪم سان ٿئي ٿو يا ماڻهوءَ جي پنهنجي وس ۾ ڪجھ آهي؟" هاڻ ته ان قسم جا سوالي سونڊا وهايو ڪيڙي ته "پوءِ جناب توهان جو چا خيال آهي؟" "پلا مذهب جون ڳالهيون صحيح آهن يا نه؟" "پلا فلاڻي ڳاله؟" "پلا فلاڻي ڳاله!" هڪڙي ڏينهن مون آخر چيس، "رمضان ڳاله ٻڌا نه تون عالم آهين نه آئون، نه توکي غيب جي خبر نه مونکي. گنگهار بندا آهيون. گناهن ۾ گتا پيا آهيون. اهڙا سوال پڇي هريرو پاڻ کي ۽ مونکي وڌيڪ گنگهار نه ڪر. الائي بي عقليءَ وچان ڪنهن ڏهڻ ۾ قاسي پئون پوءِ هتان ٻه وڃون هتان ٻه وڃون. هونئن جي عقل موجب پڇين ٿو ته برابر فلاڻي ڳاله جا تو پڇي آهي سا عقل ۽ موجوده علم موجب ٿيڻ ساروئي ڪانهي. فلاڻي ڳاله سائنس موجب بلڪل غلط بلڪ بڪواسي ۽ ڪل جهڙي سمجهي وڃي ٿي، ان جا ڪي دليل هي ٿا ڏين. پر پنهنجو ڪم آهي عقيدي سان. عقيدو ۽ عقل هڪٻئي جا ويري آهن. عقل تي هلنداسين ته ڪم ئي لهي ويندا. وڌن جي نقش قدم تي هلندي اکيون پوري جيڪي ميڙو آهي سو مجون ٿا. وڌيڪ پاڻ چاڻي، سندس ڪم." پر هو ٿو مڃي! جڏهن اڇي تڏهن ڏڏا ڪٽيو ٻيلو آهي. خدا ساڃاه ڏيندس. عقل ۽ سائنس جي مقابلي ۾ جيڪي آيتون ۽ حديثون سگوريون ياد ايندیون آهن اهي ٻه بيان ڪبيون آهن. باقي ٻيو ماڻهو چا ٿو ڪري سگهي؟ نماز پڙهڻ ويو آهي، اجهو ٿو اچي. اچي ڪنگه ڪار ڪري شروع ٿيندو "اچا، جناب، مين ني عرض ڪيا تا....!"

دهليءَ تان مرزا صاحبان پيو ڳائجي. هي جرئت، مقابلي ۽ سرمستيءَ جو سُر آهي. مرزا چوي ٿو "ميري بکي (گهوڙيءَ جو نالو) تون ڏرن فرشتي، تي ميڙون ڏري خدا." ("منهنجي گهوڙيءَ کان فرشتا ڊجن ٿا ۽ مون کان خود خدا ڊجي ٿو!") نعوذ بالالله من شرذالک.

۸۲- ۵- ۲۱ صبح جا ۲۰- ۷

ارجنٽائين بابت خبرون ٻڌڻ لاءِ بي بي سي رکي اٿم. آواز ٺٽو اچي. ٻن ٽن منٽن ۾ اردو خبرون ايندیون. ڪيرالا ۾ ڪانگريس وارن جي گڏيل محاذ ڪٽيو آهي. هماچل پرديش ۾ ڪانگريس شايد هاريائي پئي جنتا هٿان. اولهه بنگال جي پوزيشن ايا ظاهر ڪانهي. بهرحال ايا ڳاله گهڻي صاف ڪانهي. چيني پارتي ڳالهيون ڪلهه ختم ٿيون آهن. ڏسجي ٿو ته پارت سرحدي سوال کي بنيادي اهميت ڏئي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ پارتي عوام اڳيان ڏيئڊو نظر اچڻ چاهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرحدي سوال پارت جو مسئلہ ڪشمير آهي، جنهن بابت اجائي نرمي ڪندي ڪا بہ سرڪار نظر اچڻ ٿي چاهي. روس چين تي الزام هنيو آهي تہ اهو صلح کان نڪائي رهيو آهي ۽ اجائي ڏڏي جهڙا شرط وجهي رهيو آهي. پائنجي ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ چين ۽ پارت مان منيءَ ۾ هڪهئي سان سخت چڪتاڻ گهڻائي رهيا آهن. ان جا تمام بنيادي نتيجا نڪرندا. اڄتي هلي شايد روس ۽ چين جي وچ ۾ بہ چڪتاڻ ٿورڙي گهٽ ٿئي. روس جي ناه جي آڇ جو چين کي فائدو ۽ آمريڪا کي نقصان اهو ٿيو آهي جو آمريڪا کي تائيوان کي نوان هٿيار ڏيڻ جي مسئلي تي پوئتي هٽڻو پيو آهي. ارجنٽائين ۾ صلح نہ ٿيو تہ امريڪا لاءِ لاطيني آمريڪا ۾ ٿرڙيءَ مان ڦٽ ٿي پوندو جيڪو جڏهن چئي. ش ڪونہ مليو. رات ڪجهہ ننڊ آئي ڪجهہ نہ، رات جو وهجيس. اڄ جمعون آهي، وار لهارائڻ گهرجن. حجام هميشہ غلط ٺائيم تي ٿو اچي. الائي چو؟ اڄ ۱۲ بجي تائين خون واري اپيل جي مفت جي مصيبت بہ ڪچيءَ مان ڪيڏي آهي. روز پيو ماٺهو اچي تہ "چا ٿيو؟" سٽ ڪم ڇڏي محنت بہ ڪريو ۽ هرهر پڇ پڇان کي بہ منهن ڏيو. ماٺهو ڳالهہ ڪريو جڏهي ٿيو پڻي ۽ وتي بهانا ڏيندو! اهڙي حالت ۾ مون کان تہ ڪاوڙ سبب ڪم ئي نہ پچندو آهي. ايئن لڳندو آهي تہ جنهن جبر ۽ ناانصافيءَ خلاف ماٺهو سڄي عمر وڙهندو رهيو آهي سو معصوميت، مجبوري ۽ مظلوميت جي ويس ۾ ماٺهوءَ جي مٿان سونڌو ڪٽي اچي بيهي رهيو آهي! ڪٽان بہ ڪو حال احوال ڪو نہ آيو آهي. "نہ خبر، نہ خواب، نہ ڪو اولي آئيو." سڀ خط ضبط ٿيا پيا آهن. نہ هٽان هٽي اچن نہ هٽان وڃن. ننڊڻ پهرين درجو پڙهندڙ ٻارن جا ماڪوڙن جهڙا ليڪا بہ ڏسڻ ٿا ڏين تہ متان ڪوبہ هولي ۾ ڪا خوفناڪ ڳالهہ هجي!

۴ بجا شام. بہ ٽي ڪلاڪ لڳاتار محنت ڪري مس مس رف لکيل راءِ فيئر ڪئي اٿم. دل ۾ سنهن ڪنيو اٿم تہ وري تکڙو اهڙو ڪجهہ ڪم ڪو نہ ڪندس. هاڻ وڃي ڪيس سمجهيو اٿم تہ ڪيس سچو ٿي سگهي ٿو. پر جنهن نموني ڳالهہ ڪئي ويئي آهي سا سراسر ڪوڙي آهي.

بي بي سي تان هندي خبرون پيون اچن. ريڊيو بہ چئي آهي ۽ موسم بہ خراب آهي. بهرحال برطانيہ، فاڪلينڊ ۾ ڪاروائي ڪئي آهي. پر اعلان وري بہ جنگ جو نہ. پر فقط "دفاعَ وڌائڻ" جو آهي. سيڪريٽري جنرل بہ پنهنجي ناڪاميءَ جو اعلان ڪيو آهي. پر اڃا بہ ممڪن آهي تہ آمريڪا وچ ۾ پئي هنهي تي ٿورو ڪري. هونئن انگريز فاڪلينڊ ۾ لٽا بہ آهن.پر اڃڪلهہ سفارت ڪاريءَ جو فن اڄتي وڌيل آهي. اڃا بہ ڪجهہ امڪان تي سگهن ٿا ڪنهن ناه جا. چو تہ گهر جو گهوٽالو آهي. بهرحال ڏسجي.

سويل بابا رفيق آيو هو ۽ رامائڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي ويو تہ ڪيئن رام ۽ لڇمڻ کي بنواس مليو. ڪيئن هنومان سڃو مسئلو حل ڪيو. سمنڊ ۾ پٿر وجهي. جانورن رستو بنايو .... ڪوروئن جو بہ قصو ٻڌايائين. حالانڪ ٻئي منهنجا ڪجهہ ٻڌل ۽ پڙهيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيل جي هن پوڙهي مهاجر سپاهيءَ جي مطالعي جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ ويلو ٻڌان. هونئن ڪن ڳالهين جي مونکي خبر هئي ٻه ڪا نه. مثلا سمنڊ ۾ پٿر اڇلائي جانورن رستو ٻتايو سا ڳاله مونکي معلوم ڪانه هئي، منجنيق سان پاڻي پرڻ جي ڳاله ٻڌايائين. صبح جو شاڪر شاهه، ڪرامتن جو داستان ٻڌائي ويو آهي، ٿ ڪيئن ڪيس دعائن سان پٽ جائو ؟ ڪيئن هن ۱۹۶۵ع جي جنگ ۾ جوهر ڏيکاريا. بابا وچارو پچاڙيءَ تائين سدائين پنهنجي مرشدن جون ڪرامتون ؟ سندن باري ۾ خواب ٻڌائڻ لاءِ بيچين رهندو هو. نه ٻڌبو هو ته ڪاوڙجي گاريون ڏيئي اسان کي تڙي ڪمري مان باهر ڪڍي ڇڏيندو هو. دڙڪا ؟ گاريون کائي ٻه، گهڙ مان تڙجي ٻه، اسان پنهنجي مرشدن جون ڪرامتون نه ٻڌيون سي پچاڙيءَ ٽائين نه ٻڌيون سين. هاڻ ويٺا شاڪرشاهه جون ڪرامتون ٻڌون ؟ ڪنڌ لوڏيون! شاڪرشاهه هن قيد تنهائيءَ ۾ هڪ وڏو عالم، فاضل ؟ فيلسوف ٿو لڳي. نه ته اجهو ٿو امير ٻليءَ جون سڄي ڏينهن جون ڪار گذاريون ٻڌائڻ شروع ڪري! يا اجهو ٿي پاسي واري لائوڊ اسپيڪر تان مسجد جي چندي لاءِ گجگوڙ شروع ٿئي. رات جو ٻه ماڻ ڪانهي ان ويچاري لائوڊ ڪي. اجهو شروع ٿي ويو! رڳو ٽالي وڻڻ جي دير هئي!

۸۲- ۵- ۲۲

ش هٿ آيو هو. ڏسجي. جيل وڏي ۾ وڏي تربيت آهي. بليڊ جي پٽي، پينسل جي ٽڪر، ڪاغذ جي ننڍڙيءَ ٽڪريءَ، ٻيڙيءَ جي ٽوٽي، سلام پهچائڻ يا ٻن ٻنهن سجاٽپ ۾ ايندڙ اکرن واري چٽي پهچائڻ لاءِ ڪيڏي نه جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي! پاڻ تي ڪيڏو نه جبر ڪرڻو پوي ٿو. ڪيڏين نه لاهين چاڙهين، ورن وڪڻن مان گذرڻو پوي ٿو، ڪيترو نه برداشت ڪرڻو پوي ٿو، ڪيترو ناڪامين تي پاڻ هيرائڻو پوي ٿو! ڪيڏي نه رٽا بندي ؟ ڪيڏي نه تياري ڪرڻي پوي ٿي ؟ ڪيترا نه خطرا کٽڻا پون ٿا! انهن ڳالهين لاءِ باهر ماڻهو سوچي ٻه نه ٿو سگهي. هتي شنوائيءَ تي باهر وڃڻ لاءِ ڪيڏي تياري ڪجي ٿي، ڪيڏو خوشيءَ ۾ پريو انتظار ٿو ڪرڻو پوي، ٻيا ماڻهوءَ کي ڪيڏي نه رشڪ جي نظر سان ڏسن ٿا! ماڻهو پاڻ دل ئي دل ۾ پاڻ کي ڪيڏو نه اهم سمجهي ٿو! "هي ٻيا هيترا سڀ هتي، آءٌ باهر دنيا جا رنگ ڏسندس، ملاقاتين سان ملندس، وڪيل سان ڳالهائيندس، جج جون ڳالهيون ٻڌندس، ڪيس عرض ڪندس ؟ پوءِ هفتن جا هفتا ان دوري جا داستان ٻڌائي سڳهندس!" اسپتال ڏانهن ويندڙ کي علاج جي اميد، ڪهڻ، باهر جي هوا جو شوق وڌيڪ هوندو آهي. اڪثر اها ئي سندس مڪيه دوا ثابت ٿيندي آهي. انجام تي ويندڙ ويڳس، شيخ جيئي جي ميلي تي ويندڙ مومل مريڊياڻي يا ڊاڪٽر بروڪ جي دوا جي ڀهاني ڪراچي لاءِ سنيرندڙ خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيب لڌڻ ايڏي سڀت کا نہ ڪنديون هونديون جيڏي ڪورٽ يا اسپتال لاءِ سنيرندڙ قيدي ڪندا آهن.

دنيا پوليس جي نالي کان ائين پچندي آهي جيئن ڪانوءُ پچي ڪمان کان. هتي ڪورٽ وڃڻ لاءِ يا ٻئي ٻهاني ٻاهر نڪرڻ لاءِ پوليس گارد جو انتظار ايئن ٿيندو آهي جيئن محبوب جي قاصد جو ڪبو آهي. گهڙيءَ گهڙيءَ پڇا ٿيندي "ايا پوليس کا نہ آئي آهي!" جنهن مهل ماڙيءَ تان ڪو اطلاع ڏيڻ ايندو تہ "پوليس اچي وئي" تنهن مهل قيديءَ جي دل ڪي هڪ پيرو خوشي جو جهٽڪو اچي ويندو. جي نہ آئي ۽ جي قيدي هوندو ابو بڪر زرداريءَ جهڙو سياسي قيدي ۽ ڊپٽي هوندو نواز جهڙو تہ پوءِ هلنديون لکپڙهون ۽ ڏمڪيون. پُٽ پُٽ ڪندڙ قاصد پيا ايندا ويندا. نواز منهن ٻڌڙو ڪري چئيون پڙهي اچلائيندو رهندو. تان جو ڏينهن پورو ٿيندو. وري ٻئي ڏينهن دڪڙ تي اٽو لڳندي ساڳيو حشر شروع ٿيندو. ٻاهر نڪتو تہ پوءِ سوال آهي تہ پوليس گارد کهڙو آهي. جي آهي ڪنهن سيونت ۾ تہ واه واه نہ تہ سڄي واٽ ڪل ڪل، جهيڙو ٻوريت. جئن ٻاهر سنيريل مايون ويچاريون پير پيون سورينديون آهن تہ جيڪو واڌو ساڻ هلي تنهن کي "غيرت" جي مصالحي جي چپٽي اجائي سرس نہ پيل هجي ٿيئن هتي بہ پير پيا سوربا آهن تہ گارد ۾ ڪو ماڻهو ۽ حيا هجي ۽ هٿرادي ڪاموزڪي قانون جي چپٽي گهٽي نہ چڙهيل هجين. اجايو گهٽو لالچي بہ نہ هجن. صفا ڏهٽا بہ نہ هجن. آءٌ بہ گارد جو انتظار پيو ڪريان. پانيان تہ اچي، ڪنهن سبب اچڻ ملتوي نہ ٿئيس ۽ هجي بہ ڪنهن افعال ۾. مونکي بہ اسپتال وڃڻو آهي اڄ. پر جهڙو نمونو آهي تہ گارد جي آيو تہ بہ ڏبل هوندو. فضيلتون کوڙ باقي ڏينداڙ چرڻ بہ ڪو نہ. پر جن لڏيون تن گهٽي ئي چڏيو، صحيح سياسي قيدي ڏهني طرح هونئن بہ ۲۴ڪلاڪ ڏيوٽيءَ تي ۽ حالت؛ جنگ ۾ رهندو آهي. هر قسم جي اڻ وٽندڙ اوچتين ڳالهين لاءِ تيار هوندو آهي. چگهائيءَ جي گهٽ، بچڙائيءَ جي گهٽي توقع رکندو آهي. سو آئي تہ روزي ويئي تہ بلا! بقول سرشار عقيليءَ جي "ڪا نہ پچا درويش رکن ٿا، ڪيئي اچن ٿا، ڪيئي وڃن ٿا." ها باقي ڪو تعصبي ۽ ميسٽي نواز وانگر هروپرو ڏڏا ڪري تہ پوءِ اوئين گهٽتائي ڪا نہ ڪبي آهي.

ائين ئي ٽيو جئين ٿيندو آهي. اسپتال کو نہ ونبي ويا. حالانڪ خود ڏٺين اچي چيو تہ "گارد گهرايو ويو آهي." همراهہ رلي ويا. هاڻ هٿ اچڻ ڇڏيو. هفتي ٻن جي محنت مردار تي ويئي. هاڻي سياڻي پريهن جڏهن موڪليندا تڏهن رڳو اوباسيون ڪائي موٽي اچبو.

وار لهرايا اٿم. اخبارون پڙهيون اٿم. ارجنٽائين واري لڙائي چالو آهي. صلح جا دروازا ايا مڪمل طرح بند ڪو نہ ٿيا آهن. سلامتي ڪائونسل رات اڌائي ڇا ڪيو؟ ولي خان چيو آهي تہ "اچو تہ گڏجي سرخ خطري کي منهن ڏيون." ويچارا اهڙا جهموريت پسند تومپرست گهٽيون ٿا هڻڙيون پليون ڳالهيون ڪن، پرپريان قبول ئي ٿا پون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگيردار، سرمائيدار ۽ سندن محافظ ۽ خادم ملان ۽ سندن آقا سامراجي..... ولي خان صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ سرخ خطري خلاف جدوجهد لاءِ تيار ٿي ٽٽا ٽين. هو پائين ٿا خود ولي خان صاحب سندن جهنڊي هيٺ جهاد ڪرڻ لاءِ اڇي حاضر ٿئي. "جنگ" کي انديشو آهي ته هندستان متان ائٽمي تنصيبات تي حملو ڪري. روس سان ناهه جون اميدون پٽي ڏيکاري. ڊاڪٽراسرار صاحب هڪڙي امير جي هٽ تي بيعت ڪرڻ جي فتوا ڏني آهي. ياسر عرفات جو هندستان وارن باقاعدي سربراه مملکت جي حيثيت ۾ استقبال ڪيو آهي. ڪيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ٽا ڏين. بيگم پٽو حڪومت جي حامين طرفان ايم-آر-ڊي تي ٽيندڙ حملن جي مذمت ڪئي آهي. اڻ سڌيءَ طرح بزنجي تي تنقيد ڪئي اٿس. صوبائي خودمختياري اهم ڳاله آهي. آئين ۾ ان ۾ واڌارو جيترو ٿئي اوترو ٺيڪ. ان واڌيءَ گهاڻيءَ جو جيڪو اثر بلوچستان ۾ پوندو سنڌ ۾ اهڙو ڪو نه پوندو. بلوچستان ۾ جڏهن ٻه صوبائي حڪومتون لهي ان ۾ بزنجي، مينگل ۽ مريءَ کي نظرانداز نه ڪري سگهبو. ان ڪري ان جو سڌو فائدو بلوچ قوم کي ملندو. هتي جيڪي نوان ۽ پراڻا سنڌي حڪومت جا وارث آهن ۽ جيڪي سياڻپ ۽ پريهن ۾ ٽيندا رهندا سي بچن شل موجوده پاورن هيٺ ئي ماٺهن کي اڇي ئي گهٽو خوش ڪريو ويٺا آهن. انهن کي وڌيڪ پاور ملندا ته اڇي کان ۾ وڌيڪ سنڌي ماٺهن جي جيڪا "خدمت" ڪندا سا سيڻپ کي اڃيئي معلوم آهي. اسان وٽ صوبائي حڪومت جي پاورن ۾ واڌاري جي ڳاله ملڪ جا مالڪ ڪن ته انهن جي ڪٽي تائيد ۾ ڪجي. باقي "مدعيءَ سست گواهه چست"، هوڏانهن يونٽ جي تائيد لاءِ ۾ تيار ۽ اسين نچڪارو ٻڌي ٻيهي رهون ته "نه! هنن غريب پروڙن جا پاور اڃا ٻه گهٽ آهن." سا ڳاله نهي ٿئي. بهرحال هر ڳاله جي باوجود پس پيش ڏڪهي نظر رکي ان مطابي جي پرخلوص ۽ پرجوش حمايت جاري رکڻ گهرجي. بلڪ ان کان وڌيڪ لاءِ گهر ڪجي ۽ انهن لاءِ جدوجهد ڪجي. پر جيسين ماٺهو اها ڳاله مڃين تيسين اسانکي رسي، ڏلي مٽان ڪري، گهر جي ڪنڊ ۾ نه وجي سهي رهڻ گهرجي. هر وقت يکي ڏڪهي عرصي جا ۽ ڪي فوري جدوجهد جا مرڪزي سوال هوندا آهن. هن وقت مکيه سوال ملڪ ۾ اندڻي منڊي جمهوريت جي بحاليءَ ۽ ان سان گڏ ان کي واقعي وسيع ۽ گهرو ڪرڻ جو آهي. ان سان صوبائي خودمختياريءَ واري ڳاله مجارائڻ لاءِ قوتون گڏ ٽيندیون ۽ ماحول به ساز گار ٽيندو. جيکي گهرجي تنهن کي مجارائڻ لاءِ طاقت به گڏ ڪجي. رڳو وڏي نعري هڻڻ جي معنيٰ وڏي سياست ناهي. وڏيون فتحون روزمره جي ننڍڙين ننڍڙين فتحن جي گڏ ڪرڻ کانپوءِ حاصل ٽيندیون. هڪڙو وڏو نعرو هڻي ڇوءِ ڇڄي وڃيءَ گهر جي ڪنڊ ولي ويهي رهڻ عقلمندي بلڪ سنجيدگيءَ جي ڳاله ڪانهي. اها ڳاله به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان جيڏ هر صوبي جون مخصوص حالتون سنڌن ليڊرن کي هڪڙي مخصوص سياسي واڌ ولڻ تي آماده ڪن ٽيون. انهن سيڻپي مختلف بلڪ ڪٽي ڪٽي بنيادي تضاد رکندڙ واڌن کي ذهن ۾ رکي گڏيل واڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻڻ گهرجي. ڪنهن به هڪڙي صوبي جي پسند جي وات ٻئي صوبي جي ماڻهن لاءِ مڪمل طرح اطمينان بخش ٿي نٿي سگهي. سنڌي ماڻهن کي سيني مسئلن تي پنهنجين مخصوص حالتن ۽ ضرورتن جي ٻين صوبن جي دوستن اڳيان وڪالت ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن اطمينان بخش ناه تي پهچڻ گهرجي. مثلاً هينئر سنڌ جي بنيادي ضرورت ملڪ گير طاقتور گڏيل جمهوري جدوجهد آهي. بزنجي صاحب واري ڳالهه ته "ٻيا صوبائي خودمختياريءَ بابت اسانجون گهرون مجو نه ته جيئن قصو آهي سو جيترا ڏينهن هلي پلي هلي، اسان جو ڇا؟ اسين وجي تا گهر ويهون." سا سنڌي ماڻهن کي ڏول ۾ ڪا نه وهندي. منهنجي خيال ۾ ته اها بلوچستان جي ئي فائدي ۾ ڪانهي. پر بهرحال اها پاڪستان جي ٻين ٽن صوبن جي عوام جي فائدي ۾ يقيناً ڪانهي. انهن جي سڀ کان وڏي ضرورت اها آهي ته سندن نڙيءَ تان لت لهي ۽ گهٽ بوسٽ ختم ٿئي ته جيئن ٻيون ڳالهيون ۽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو گس نڪري پئي. هينئر ٻيون ڳالهيون ڇڏي چونداسين ته "سڀ کان پهرين اسانجي هيءَ ڳاله مڃيو" ته اها ٽينڊي. "ميان! راڄ ٽو اُڄ مري، شيرُ خان ٽو ڏاڙهه ڏوئي!" واري ڳالهه. هر ڳالهه جو هڪڙو وقت، هڪڙو طريقو ۽ هڪڙو گس ٽيندو آهي. هڪ حد تائين ٻلي ڏٻاءَ وجهي. اشراف هو به ڪونهن. ٻلي ماڻا ڪاٽا ڪجن، ٻلي سنهن قسم ولڇن، پر ڇيهه نه ڪجي. پچاڙيءَ جو نيٽ ڪنهن نه ڪنهن حد تي رسي ئي الحال ڳاله ڪُنائجي. وري ڪا سان ستي ٿئي ته وري نئين سج نئين ڳاله. يڪو "نه" ڪي نون ڪوٽ" ڏيئي نه ويهي رهجي. اسين سنڌي اڳتي ان يڪي "نه" ، واري ڳاله جا ڪڙايل آهيون ۽ مٿو پيا ڌُنيون ته مٿان وري بلوچستان جي ليڊر حضرات ڪي به اڇي يڪي "نه" جو شوق ڪنيو آهي! "چري ڪيئن، چي ويران ويو وڏا!" "اڳي هيس هيڪڙي هاڻ ٻي ٽيون سين ٽي!"

۲۰- ۵ شام. چڪر ڏئي آيو آهيان. انبن کي الائي ڪهڙو مرض اچي لڳو آهي. هڪڙا مينهن ۽ واڇ ڪيرايا ٻيا وري هن مرض کري پيا چٽن. چون تا هڪڙو ڏاڍو ملو آهي. پر جهڙا افعال آهن تهڙو هڪڙو سوٽ لاءِ به ڪونه سرندو.

دروازن کي ڪلف ملڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر آيو. چيائين ته سياڻي صبح جو سويل ڪجه به نه ڪائيندءِ ۷ بجي ٽويانا جيپ ايس پي موڪلينداو. ميو اسپتال ۾ ائٽمڪ سينٽر ۾ ۸ - بجي پهچڻو آهي. علاج خدا ڪري ڪو ٿئي باقي. هونئن مڙيئي ٽيو وڃڻ.

اڄ سوچيم ته حڪومتن جي به سينارٽي جونيارٽي ٿئي ٿي! انسان کي عقلمند جانور (هوموسيپئنس) ٿئي انڪل ۴ لک سال ٿي ويا آهن. انهن چئن لکن سالن جي عرصي جون جي ۱۶ پٽيون ڪجن (۲۵ هزار سالن جي هڪڙي پٽي) ته ان عرصي جون ۱۵ پٽيون انسان ڪنهن به حڪومت کانسواءِ گذاريون آهن. فقط هڪڙيءَ پوئين پٽيءَ جي آخر ڏاري وجي دنيا تي حڪومت جو وجود قائم ٽيو آهي. پهرين ڇڃ وقت ۱۲ ڪوهين الڳ بادشاهي هوندي هئي. هلي هلي گهٽي عرصي کان پوءِ وجي انهن جون گڏيل ملڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومتون قائم ٿيون. آسپاس جي ملڪن ۾ ايران جي گڏيل ملڪ گير حڪومت سينٽي ڪان سينئر حڪومت آهي، جيڪا اڄ ڪان اٽڪل اڍائي هزار ورهيه اڳ، موهن جي دڙي جي سن ۱۵۰۰ق. م ۾ تباهيءَ ڪان اٽڪل ۹ صديون پوءِ ۵۵۹ ق.م ۾ سائرس اعظم قائم ڪئي. هندستان جي متحد حڪومت ٽي صديون پوءِ اشوڪ اعظم ۲۷۲ ڪان ۲۳۲ ق. م جي وچ ۾ ڪئي. انهيءَ ئي زماني ۾، اشوڪ اعظم جي وفات ڪان فقط ۱۲ سال پوءِ سال ۲۲ ق.م ۾ پاڙي واري عظيم ملڪ چين ۾ شهنشاه چين شي هئانگ گڏيل چيني حڪومت جو بنياد رکيو.

سنڌ ولايت جي حڪومت جون اڳوٽيون سڀ ڳالهيون چڏي رڳو راءِ گهراٽي ڪان شروع ڪجي تہ اها اٽڪل ۴۵۰ع ۾ قائم ٿي. اڄ ڪان اٽڪل ساڍا پندرنهن سو سال اڳ.

عربستان جي گڏيل حڪومت جو بنياد ان ڪان ۾ صديون پوءِ ۶۳۰ع ۾ حضور صلعم جن فتح مڪي ڪانپوءِ رکيو. روسي حڪومت انهن سيني ڪان جونيئر آهي. اها تاريخي طرح بنه هاڻي هندستان ۾ لوڏي گهراٽي ۽ سنڌ ۾ جام نندي جي حڪومت جي ۲۴ سالن گڏرڙ ڪانپوءِ، ۱۴۸۵ ۾ قائم ٿي جڏهن ۱۴۸۰ ۾ چنگيزي منگولن ڪان جان چڏائڻ ڪانپوءِ، ماسڪو جي شهزادي، شهزادي (Grand Duke) اعظم جو لقب اختيار ڪري موجوده روسي حڪومت جو بنياد رکيو. اسان واري نئي نڪوري پاڪ حڪومت اڃا ڇهن ڪڙ جي آني مان مس ٽپي آهي. ڪيس قائم ٿئي اڃا خيرن سان اڌ صدي ٻہ ڪا نہ ٿي آهي تہ توڙي اڌ وڃايو ويٺي آهي. ڪرمي پٽ پينگهن ۾ پڏرا!

خبرون ٻڌيم. ارجنٽائين، برمائيه جي وچ ۾ ڪهمسان جي لڙائي اجهاٽي. سلامتي ڪائونسل وري گڏبي. ڏسجي. عرفات هٿي ٻہ ايندو. ملتان تان گهٽي زماني ڪانپوءِ مستاني ۽ پرواني ڪي ٻڌم. اڳي ئي وٽندڙ ڪلام ٻڌايائون. ٻنهي ڪي سگوري رمضان* ۽ "د" سان گڏ ملتان ۾ پڏو هوسين سرائيڪي ڪانفرنس جي موقعي تي. ڪهڙا نہ ياد گار ڏينهن هئا! ڪيڏو نہ مزو آيو! قبلي** جو رڳو بوسڪيءَ جو سنڌي پٽڪو ئي سڄي ملتان کي ڪٽيو ٻيٺو هو. ان جو ڪيڏو نہ فائدو ٿيو! ڪهڙا ڪهڙا نوان ماڻهو مليا، ڪهڙا ڪهڙا تعلقات قائم ٿيا، واقفيت وڌي، ڏهن ڪليوِ وسيع تر منظر سامهون آيو. راڄن کي بہ خبر پيئي تہ هيڏانهن بہ ڪا وسندي آهي. هبراهن خوب سفارتي جوهر ڏيکاريا هئا. ڪانفرنس جي ڊيليگيٽن مان هڪڙو ڪو نہ چڏيائون (سنڌي ماڻهن ۾ هر قسم جا جوهر بي پناه آهن پر ڪير انهن کي جاڳائي، تربيت ڏئي، همت ڏياري، رهبري ڪري؛ ڪم ولي تہ هو هر ميدان ۾ لڙي سگهن ٿا. پر ڪوڙ صحيح ليڊر شپ جي آهي، صحيح واٽ جي آهي، صحيح نظريه ۽ صحيح ڪم ڊنگ جي آهي.) طبيعت خوش ڪري چڏيائون. ڪيڏا نہ مزا ٿيا. جيڪڏهن آدمشماريءَ ۾ هڪڙو خانو شاعرن جو رکجي تہ پوءِ دنيا ۾ شاعرن جي آبادي سڄي دنيا ۾ شايد پهريون نمبر يوپيءَ ۾، ٻي ڪراچيءَ، خاص

* سگوري رمضان- لکاڻو ٻهراٽي

** قبلي- عالم شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري لياقت آباد ۾ ٽين سرائيڪي علائقي ۾ ليڊي، ڪانفرنس ۾ اڄ جيترا ٿا شاعر هئا، سڀ ڳالهيون ڪيون ٿا، سوچيان ٿو ته منهنجي وڏي پيٽ ڏسي ها ته پنهنجو مشهور معروف تبصرو ڪري ها ته "شاعرن جو مئا، ايڏي ڪچي ڪيئن تا هٽن!" (هن چريءَ کي شعراءَ ڪرام جي مان ۽ مرتبي ۽ سندن ڪلام جي عظمت جي ڪهڙي خبر؟)

ويهي ويهي آءٌ ته اتي ئي بخار ۾ ولجي ويس ۽ جيسين اتي هئاسين تيسين وري سونت ۾ ڪو نه آيس. بهاولپور جي نواب صاحب جي ياءُ مامون الرشيد جي دنر ۾ به مون جهونٽا پئي کاڌا! اتي پروائي مستاني، ديره غازي خان جي خورشيد بيگم، ثريا ملتانيڪر ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پٺاڻي خان ڳايو هو. ها سچي روبينه به آئي هئي. ثريا ڳايو هو.

ڪڙي ڏيندي آن سنيهڙي انهان لوڪان ڪون
الله آڻ وڃاوي ساڏيان جهوڪان ڪون.

چيائون ته بهاولپور جي فوج گذريل جنگ ۾ عظيم وڙهڻ ويئي ته سندن بينڊ جي ڌن تي اهو ڪلام ڳائبو هو! ثريا کي ملڪ سرائيڪي جو لقب نواب صاحب ڏنو هو. پيو ٻڌايو هئائين "آءٌ چٽون رل يار پيلو پڪيان ني" ان ڪلام کي تنگ توري چڏيائين.
خورشيد بيگم جون ڳايل ٻه سٽون اڄ به ياد آهن.

تيڏي ڪوه تي ڪڙي آن، ڪوه داسا واتما ڪون
اسان جڳ لٽيريءَ، تسان لٽيا ساڪون.

("اسين سڀي جهان جي دلين تي ڏاڙا هٽڻ وارا ماڻهو، تنڪي به تو هٽي لٽي رکيو!") ۽ پوءِ پٺاڻي خان ٻڌايو ته خواجه فريد جي عظيم ترين تخليق:

ميڏا يار وي تون، دلدار وي تون
ميڏا ڪعبا، قبلا، مسجد مندر..... وي تون

اهو ڪلام پٺاڻي خان تي ختم آهي.
۽ پوءِ آيا هئا ڊينڊڙا حضرات پنهنجي دستوري ڊيوٽيءَ تي. اسان کان انروبو گهريائون. آيا، مٺ مٺ! ميسٽا ميسٽا، هنن جي ڳالهين جو ڏنگيل پاڻي به نه گهري. جي ڳالهين ڪڪانيا، تن ٻڻن پاسي ٻڻيوون. (شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي بہ اتي جا ماڻهو اسان کي سنڌ لاءِ قرب رکندڙ مليا، جن بہ اسان کي سنڌي ماڻهن جي ڪري جهجهي عزت ڏني، تن جي نالي بہ نالي هسٽري شيٽ کولي وينا. هي چوں هي فلاڻي جو ايجنٽ، هي رجعت پرست، هيءَ سچي رجعت پرست سازش آهي.

سچي ڳالهہ ٻڌي اسان چيون "اوهان جي وڏي وڏي مهرباني. اوهان جا يار اسان کي روز ملندا آهن. پاڻ هڪٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻيو وينا آهيون. خدا سڀ چڱي ڪندو." آخري تير اهو هلايائون تہ "هيءَ تحريڪ اسين ان لاءِ پيا هلايون تہ اوهان سنڌين کان اڳ سنڌ جا ضلعا ولون." بس پوءِ تہ آءٌ شروع ٿي ويس. هاڻ سوچيان ٿو تہ اهڙن ماڻهن جي اشتعال انگيزين کي ايڏي اهميت ڏيڻ منهنجي ڪيڏي نہ ڪچائي هئي. گهٽ ۾ گهٽ اسان جي انهن سان هلت بنہ سڌي سادي هئي جيڪا اهڙن معاملن لاءِ موزون نہ آهي. عام ماڻهن ۾ ڪيڏو نہ پيار، ڪيڏي نہ پنهنجائي هئي. نيڪ آهي، ڪي ميسٽا بہ هوندا. رڳو زبان جا مٺا بہ هوندا. پر سڀ اهڙا ٿي ٿا سگهن. اسان کي ايئن لڳو جڻ اسين پنهنجي گهر جي بہ ڪن نهايت پيارن ماڻهن سان سالن جي وچوڙي کان پوءِ مليا آهيون. ها سچي ياد آيو. رات جو پهتاسون ديرسان هوٽل ملي نہ. هٽي هٽي نيٺ آڏيءَ جو هڪڙي هوٽل ۾ ڪمرو مليو. "ماني؟" چي "ختم ٿي وئي!" چوڪيدار کي سڏي منٽ ڪري پئسا ڏئي موڪليو سون تہ "سچي شهر مان جتان ڪو مانيءَ نڪر هٽ اچي ولي اڇ. اسان ۾ چرڻ جي پهچ ڪانهي". گهٽي گهٽي ديرِ ڪانپوءِ ماني ڪٽي آيو. ماني ڪائي حساب گهريو سون تہ سڀ پئسا ڪيڏي ڪٽي اسانجي اڳيان رکياٿين. چيوسين "بل گهٽو ٿيو؟ اهو ڏيئي ٻيا پئسا مونڪائي اڇ." چيائين "سائين سچي شهر مان ڪا بہ ماني ڪائڙ جهڙي ڪانہ ملي. چيم اوهين سنڌ جا مهمان آهيو. ٻڪيا ڪيئن سمهندا؟ سو وڃي گهر ۾ جيڪي ٿي سگهيو ڪرائي ڪٽي آيو آهيان." اسان اصل حيلا ڪري ٻيهي رهياسين، پئسا ڪونہ ورتائين. چي، "سائين شابس آٿئو! گهرجي نڪر جا پئسا ونبا! چوڪيدار آهيان تنهنڪري؟" جنهن ونڊ رهايائون تنهن جي قربن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اڪثر سوچيندو آهيان تہ "ڪاش سنڌي ماڻهو گهر جي ڪنڊ ۾ ٻوٽ سڃائي لکي وهڻ بدران سچي دنيا جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ پکڙجي پون ۽ نوان علم، نوان عقل، نيون طاقتون، نوان دوست ۽ نيون نظرون حاصل ڪري صدين جي غلاميءَ جي اثرن کي تاريخي لحظن ۾ ختم ڪري رکن!"

ويون پب پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آڻون تن ڏوٽين جي، پچان پير پهي،
رُجن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا.
(شاهہ)

نٽي، روهڙيءَ، هالن جي شهرن جي عظمت، سمنگ چارڻ، جام نندي، مخدوم هاشم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرهوڙي شريف، هوشو هيمون، لطيف، خليفي نبي بخش، سسئي، مارئي ۽ تاريخ معصومي جي ڳالهين سان گڏوگڏ دنيا جي تاريخ، ڪاليداس، چيني، انگريزي، رومي، يوناني، ادب، تاريخ ۽ سائنس، نيوٽن، اينسٽائين، بوعلي سينا، منگول، فريڊرڪ اعظم، هٽيبال، سنزو هومر، شيڪسپيئر، لارڊ بيڪن، هيگل، علم ڪائنات، علم الارض، علم سماج، علم انقلاب، خلائي سفر ۽ ادب، تاريخ جنگ، علم المستقبل (فيوچرالاجي آئينڊي بابت سائنسي اندازا لڳائڻ) جهڙيون ڳالهيون به پڙهن ۽ انهن تي سوچين، مڪاني ۽ سنڌي ڏهن به رکن ۽ عالمي تاريخي شعور به رکن.

وهي منجهين وڳ، ڪٽوريءَ ڏار چري
ماءَ منهنجي ڪرهي، پڌرپگ مر لڳ
جڳ سين جهڙو جڳ، هيئين سين هٽ چري
(شاهه)

ڏوري ڏوري ڏيهه، ماءَ ڪاهوڙي آڻيا،
مين پيرين ڪيهه، ڪُه جاڻان ڪنهن پار جي!
(شاهه)

ڪمزورن کي پنهنجي ڪمزورين جي تلافي ڪرڻ لاءِ هڪڙو ئي رستو آهي ته هو پنهنجي ڪمزورين کي گهٽائڻ سان گڏ پاڻ ۾ اهڙا نوان گڻ پيدا ڪن جو انهن جي مدد سان پنهنجي ڪمتريءَ کي برتريءَ ۾ بدلائي، نيٺ برابري حاصل ڪن. پنجن پيپرن ۾ ڪنيل گهٽ مارڪن جي تلافيءَ لاءِ جڏهن باقي پنجن ڪمن ۾ سيني کي هاريو تڏهن وڃي گهوڙي جا ڪن برابر ٽيندا، ٻيا ته نهيو پر رڳو هن ملڪ جا ٻيا ٽي صوبا ڪيترين الڳ الڳ ڳالهين ۾ اسان کان برتر حيثيت ولاريو ويٺا آهن. خود اسان جي صوبي ۾ به ٻين جي ٻيٽ ۾ اسان جي حيثيت چا آهي؟ آخر ان جي تلافي پاڻهي ته ڪانه ٿي ويندي. رڳو ميڪ ڪرڻ سان ته قومون زوال مان ڪمال ڏانهن ڪونه وڌنديون. "سنڌيو! جاگيردار غلاميءَ جي سوچ ۽ سنڌن رجعت پرست علم ۽ عمل جون زنجيرون ۽ ديوارون ٽوڙي اڇتي وڌو." بقول ڪنهن * ڏاهي جي "توهان وڃائي وڃائي وڌ ۾ وڌ اهي زنجيرون وڃائيندا، ڪٽڻ لاءِ سڄو جهان اڇيان پيو آتو." قومن ۽ چڑوچڑ واڙڻ هجومن ۾ فرق اهو آهي جو قومون رڳو وقتي ٽائيم پاس ڪونه ڪنديون آهن پر پاڻ کي پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي اينڊڙ نسلن ڏانهن جوابدار سمجهنديون آهن. ان سلسلي ۾ سروجني ديويءَ جي هيءَ بنگالي نظم پڙهي ڏاڍو متاثر ٿيس:

* ڏاهو- ڪارل مارڪس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمهي رهو منهنجا ٻارو
صبح تائين سلامتيءَ سان سُتاپيا هجو.
چو تہ اسان جو اوجاڳو ڊگهو آهي،
جيتريءَ دير اوهين ستاپيا هوندا،
اسُين ٻنيءَ پُوکيندا سين.
اسين خواب پيا پوکيون.
اميدن، ڏکن ۽ ڳوڙهن سان پريل خواب پيا پوکيون،
تہ جيئن اوهين جڏهن جاڳو
تڏهن اٽي فصل لٽي سگهو.
ٻارو!
پرهہ ٿيٽي آهي، رات گذري ويئي آهي.
اسان جا پورهيا پورا ٿيا،
اسان جون ٻنيون سرسبز ٿي ويون آهن.
اسان جا هٿ ڪمزور ۽ هڏ هيٺا هئا،
پر اسان ٻاٽ اونداهي رات ۾،
توهان جي ايندڙ شان شوڪت جا خواب ڏٺا،
توهان جي ٻجن کي ڳوڙهن جو ريج ڏنو سون.
اسان جو اوجاڳو ختم ٿي ويو.
جاڳو ٻارو!
اسان توهان لاءِ خوابن جو جيڪو فصل پوکيو آهي.
ان لاءِ اسانکي شاباس ڏيندؤ.
يا ان تي افسوس ڪندوءَ؟
اسان کي ڏوهي ٺهرائيندوءَ،
يا اسان کي معاف ڪري ڇڏيندوءَ؟

۸۲-۵-۲۳

۳۰- ۷ صبح جا ساڍا ست. هٿ منهن ڌوئي آيو آهيان. اڄ چانهہ تہ نهيو پاڻيءَ جو گلاس بہ پيئڻو ڪونهي. ڪپڑا ڦاٽي ويا آهن. همراهن کي بہ جوڙا ونيو موڪلڻ لاءِ ڇيو هوم پر شايد کين گهٽن ڪمن ۾ ڦاهہ وسري ويئي. اوٺهاري لاءِ بہ پهراڻ ململ جو ڇيو هوم. ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪوٽ ڪونهي. اسلم وارو ڪوٽ هاڻي ڪافي سينيئر ٿي ويو آهي. رٽائر ٿيڻ گهڙي تو. ٻيا گرم ڪوٽ آهن ۽ وڏڙن جون نشانيون بنجي ويا آهن. همراه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچن تہ چوان، قميض جا بٽڻ کوڻهن. امير کان پڇيان. ڪو ڪبوتر صبح صبح جو الائي ڪٿان اچي هتي نڪتو آهي ؟ "گهگهوتو!" "گهوگهوتو!" لڳايو ويٺو آهي. دهلي ؟ لاهور بنهي تان غزلن جي صورت ۾ ماتم مچيل آهي. اڪثر سڪڻا بي روح رسمي لفظ آهن. انهن کي ڏهرائيندي صديون گذري ويون ا ٽئن، نڪو ٽا پاڻ ٽکن نڪو ٽا سندن ٻڌڻ وارا. امير بٽڻ لاءِ صفا انڪار ڪري ٻيٺو آهي. ٽائيگر ٻاهران ڊوڙندو ڊوڙندو اچي منهنجي بستري کي هيٺان چڪ هٽي هاڻ کٽي لکي ويو آهي. امير سڄو ڏينهن ويٺو ساٽسن ڪڇڙيون ڪندو آهي ؟ الائي پنهنجي هوليءَ ۾ ڪيس ڪڇڙيون سمجهاڻيون پيو ڏيندو آهي. بلڪل ائين جيئن ماٿو پنهنجي ننڍڙي پٽ يا پاءُ کي ڏي. تنهن ڏينهن منير اچي اڌ ڇرچي ؟ اڌ سنجيدگيءَ سان ڏانهن ڏني تہ "ٽائيگر مونسان رٺو آهي!" پوءِ وڏو بيان ڪري ٻڌايائين تہ چو رٺو آهي. پر ٻي ڏينهن ڏاڍو پئي پرچايائينس. آخر هڪ ڏينهن وڏي فخر سان ڪيس پڪڙي آڻي آيو تہ "ٽائيگر مون سان پرچي ويو آهي." باهر ماٿو ماٿهوءَ جي شڪل مان بيزار آهي. خود پنهنجي شڪل مان. هتي جانورن جو بہ ايڏو قدر آهي جيڏو ڪنهن جگري دوست عزيز ؟ اولاد جو. قدر ڪرڻ وارا اهي آهن جن مان ڪيترا ماٿهوءَ کي مارڻ ۾ ايتري دير ڪندا جيتري بگهاڙ هڪر کي هڙپ ڪرڻ ۾! اڄ لڳي اٿم. بار بار پانيان تہ پاڻي لاءِ چوان. پوءِ ياد ٿو اچيم تہ اسپتال وڃڻو آهي ڪجه ڪائڻو پيئڻو ڪونهي. فريده خانم پئي ڳائي لاهور تان. ڏن سدائين هڪڙي ئي اٿس. پر ڏن ڪا اٿس ڇا! "غير سي دوستي کرو ليڪن ....." مولانامحمدعلي جوهر جو ڪلام. هي مولانا بہ گهٽ ڪو نہ هئا. هوڏانهن مذهبي واعظ ؟ تقريرون ؟ هيڏانهن هي عشقيہ غزلن جا شغل ؟ سهڻين صورتن جون ڳالهيون. ساڌن سان سنمک، پئنچن سان پورا.

ارجنٽائين جو الائي ڇا ٿيو؟

ساڌا ٻارهن ڏينهن جہ اجهو هينئر اسپتال مان موٽيو آهيان. امير چئي ٿو پهرين ماني کاءُ پوءِ چانهه. مون چيو اٿس تہ چانهه کا نہ پيئندس. ماني بہ ٿي بجي کائيندس. پٽي هيءَ واردر ماڻيءَ کان سيکيورٽي وارد چڏڻ آيو. جئن نياٽي ڏيءَ يا ننڍي نيٽي ننهن ڪيڏانهن اڪيلي کان ويندڙ آهي، تيئن قيديءَ کي بہ جيل اندر بہ ڪوٺ ڪو وٽن ٻاڙ چڏڻ ويندو آهي. اڪيلو جيل ۾ هڪڙي هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃي کو بہ ڪوٺ سگهندو آهي. ڪجه ڏينهن کانپوءِ ڪيس عادت پڪجي ويندي آهي ؟ هو ازخود پچندو آهي "مونکي چڏڻ ڪير ٿو هلي؟" اڪيلو ويندي هو خود پيو شڪي شڪي ٿيندو آهي ؟ ڪيئن ڪجه عجيب ڏوه ؟ ناڪاسب هلت جو احساس ٿيندو آهي، پائيندو آهي تہ ڪو ساڻ هجي! پڇيو مانس "ڪر خبر ڪهڙو حال آهي؟" چيائين! "صبح جو ۴ بجے اڇان ٿو، رات جو سوهڻي ڀهل وڃان ٿو. اها بہ خبر ڪانهيم تہ پاسي واري دڪان وٽ ڇا پيو ٿئي." چيو مانس "تنهنجو پنهنجو ڇا حال آهي؟" چيائين، "بس ڳاله نہ پڇ! اڳي چئبو هو "شڪر آهي دال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روڻي ملي پيئي،" هاڻ تہ دال جي ڳالهہ ڇڏ عياشيءَ جي ڳالهہ ٿي پيئي آهي ....."

مٿي ڀ سور وڌندو ويو. ٻاهر ڳوڙ پيو ٽڻي. سياڻي سومر جو ڏينهن آهي جو سپرنٽنڈنٽ ڪي دورو ڪرڻو آهي، يعني رائونڊ تي اچڻو آهي. ايندو ڪونہ آهي. پر صفائي آرتوار ڏينهن ٽيٽي آهي. صفائيءَ وارا پيا شور مچائين: ہ ٽي پيرا آهستي ڳالهائڻ لاءِ چيو. اتمان، پر وري ہ ڳوڙ پيو ٽڻي. آخر وڃي سيني کي چيو اتم تہ وڃ، هليا. نمبر دار کي چيو اتم تہ هن کي ڪيڊ دروازو بند ڪري ڇڏ.

هرهر نند ڏڻڪ ڪري مٿي جو سور وڌي ويو آهي. گوري کائيندس تہ ہ مزو نہ ايندو. چانہ ہ آهي تہ نقصانڪار پر امير کي چيو اتم تہ چانہ ناهي. ان کي وري گرميءَ جو زڪام آهي! هو گرمي سهيو ڪونہ سگهي ۽ آءٌ سردي! جمون اسٽيشن تان گانا پيا اچن. سويل ڳوناڻي پروگرام ۾ لفظ "گاه پٽو" ڪتب آڻدائون. سوچيم هي لاڙ جا سنڌي اکر جمڙن ۾ الائي ڪٿان آيا؟ پنجاب ۾ گاه کي گاه ہ چون پر عام طور "پٽا" اکر ڪتب آڻين. "گاه پٽو" جا لفظ هتي کو نہ ٿين.

اڳڻ جي چوڌاري چکر ڏيئي آيو آهيان. هاڻ ڪجه سور گهٽ ٿيو آهي. نمبردار چئي ٿو "چکر چيف چئي ٿو تہ مڙن ماڻهن کي اهڙيون اهڙيون صفايون ڪرائي ڏنيون آهن. ميجر جو ڪمرو ۽ اڳڻ شيشي وانگر پيو چمڪي. پليجو بادشاه ماڻهو آهي. ڇڏي ٿو تہ سجو وارد چمڪائي ڏياس. خيروس وارو آهي. جڏهن چوي تڏهن وجو. جڏهن منع ڪري تہ هليا اچو" دل ۾ چيم تہ "شيشي وانگر چمڪائيندا مسڪين قيدي موچڙن سان، تون ۽ آءٌ ٽيندا سين رڳو شيشي کي ڏسڻ وارا" بهرحال موجوده چکر چيف راجا نيڪ ماڻهو آهي، سڀ قيدي تعريفون ٿا ڪن. اڳي هن جهڙو ظالم ٻيو کو نہ هو. ڪئين قيدي ماري مرٽينگ ڪري وڃائين. نيٽ هڪڙو اڻٽ مري ويو. ڪيس هليو. جيل ۾ پيو. هاڻ اشراف ٿي ويو ٿو ٻڌجي. تنهن ڏينهن آيو تہ چيائين تہ "تفسير جو فلاڻو ڪتاب مس مس هٿ آيو آهي. ڪن نقطن تي پاڻ ۾ ڳالهائيندا سين" اڄ اسپتال ويندي پڇيو مانس "تفسير تي تبادلہ خيالات ڪرڻ ڪڏهن اچبو؟" چيائين "انشاءَالله جلد حاضر ٿبو."

اڄ صبح ماڙيءَ تي پهتس تہ گارد جو صوبيدار پنهنجي لاءِ لشڪر سان پهچي ويو هو. معلوم ٿيو تہ "اسٽرانگ گارد" جو سلسلو آهي. جڏهن آخر روانا ٿيڻ وارا ٿياسين تہ صوبيدار صاحب چيو تہ "هڪڙي هٽبي." مجيد قريشيءَ سمجهايس تہ "بي ڪلاس آهي. ان کي هڪڙي ڪا نہ لڳندي آهي ....." پر هو مڃين نہ. آخر مُون سمجهايس تہ "مون کي نظربنديءَ دوران سنڌ توڙي هتي هڪڙي نہ لڳي آهي. آءٌ اڳي ہ هتان ٻاهر اسپتال ويندو رهيو آهيان." چيائين "اها ڳالهہ سنڌ ۾ رهي. تنهن ڪانسواءَ تو سويل جو چيو تہ منهنجون ٽيسٽون هتي ٿيون ئي ڪونہ آهن؟ هاڻ چئين ٿو آءٌ ٻاهر ويندو رهيو آهيان" ٻس پوءِ تہ مونکي جيڪي ڪجهہ چوڻو پيو سو چيم. همراه ڪجه دوناڙ هنيا پر وارو گهٽ مليس. هڪو ٻکو ٿيو پر مڙڻ ٻي عزتي سمجهائين. مجيد قريشي مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسلامي جونس" ۾ ڏسي (جنهن جو مظاهرو اڳين ٻارهين مهينن ۾ هنن کي نه ڏٺو هو. سدائين مرڪندو ڏٺو هئائون). هڪدم سپرنٽنڈنٽ ڏانهن ڏسڻ لڳو. منٽ ۾ اچي اعلان ڪيائين، "صاحب جو آرڊر آهي ته هن جيل جو خاص آفيسر ڳڏجي هلندو." صوبيدار ڏڪو ٽيڻ تي هڪدم چيائين "اها ڀاڙه ڪريو نه! مون تان ذميواري ته گهٽ ٿي." جناب عظمت شيخ صاحب جيلر ڳڏ هليو. اسٽيشن ويگن ۾ مون سان گڏ اڳيان ٻه اهو وينو، صوبيدار پٺهنجي انالي سان پويان وينو. هٿڪڙيءَ وارو پوليس وارو ٻه خالي هٿڪڙيون چٽڪائيندو سائس گڏ وڃي وينو. اسان لاءِ ته هٿڪڙي زيور آهي. پر چيم ته خواه مخواه چو؟ جناب عظمت شيخ جهڙي چيز ڪنهن ٻه جيل ۾ ڪا ورلي هوندي. هڪڙو نشورو غذاب آهي. سندس فضيلت ۽ تميز جو ذڪر فضول آهي. ٽنگون ٽيبل تي پير ماٿهن ڏانهن. ڪنهن وڏيءَ هستي جو عزيز آهي. سو چويس ڪير ٻه ڪو نه. پائر شوڙا جا ميمبر اتس. روز جيستائين ويهه قيدي، پنج نمبر دار نه ڪُٽي، جيسين پنجن ڏهن سپاهين کي گاريون نه ڏئي يا سسپينڊ نه ڪرائي (اڳ انهن کي ٻه ماريندو هو.) تيسين آرام ڪونه اچيس. هڙو في سبيل الله اذيت پسند ماٿهو مون جيلن ۾ ڪونه ڏٺو. پر خير مون سان ته جئين هلٽو اتس تئين هلٽو پوندو اتس ۽ هلندو آهي. هن پيري ٻه ائين. مون سڃي واٽ اکر ٻه ڪونه ڳالهايو. ٻهانو اهو ڪيم ته مون کي اڃا ٻه ڪاوڙ آهي، پر حقيقت ۾ مُون عظمت صاحب کي گنتگوءَ جي تڪليف ٿي ڏيڻ گهري ته متان اجايو مٿي تي نه چڙهي وڃي. تنهن کان سواءِ سواري ۽ نظارن جو مزو ٻڌڻي ولڻ گهريم.

بي بي سي تان اردو خبرن جو ٽائيم ٿيڻي ويو. ارجنٽائين برطانيه جي جنگ هلي پئي. روس فائربندي جي اپيل ڪئي آهي. برطانيه چيو آهي "ارجنٽائين ٻيٽ خالي ڪري ته پوءِ." ايران عراق تي سرسيءَ ۽ خرم شهر ۾ گهيرو مڪمل ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي. اتفاق سان ريڊيو "وائيس آف ويٽنام" جيڪو ٻه سال اڳ هٽ آيو هو ۽ پوءِ گم ٿي ويو هو سو اوچتو پاٿهي هٽ اچي ويو. عجيب خبرون ڪندو آهي. سندس انگريزيءَ جو لهجو خاص آهي. انائونسرمائيءَ جي انگريزي ٻڌي شڪ پيم ته ويٽنامياٽي ته ڪانهي! هئي. انگريزي پروگرام پيو هلي. اهم تاريخي احوال پيو ڏي.

۲۴-۵- ۸۲

ڪله شام جو بخار محسوس ڪيم. ۶۰۳ ٿي ويا آهن. اڄ وري ٻه اسپتال وڃڻو آهي. ۱۵ منٽ اهو سوچيو ته اڄ ته مراڄ ٻه الائي نيراني وڃڻو آهي يا نه. ياد آيم ته هنن شايد اڄ ڪائي پي اچڻ لاءِ چيو. ڪله ٻه ٻي ٽيسٽ ڪائڻ پيئڻ کان پوءِ ٿي هئي، سو ناشتو تيار ڪرايم، پر جڏهن آيو تڏهن وري شڪ پيم ته متان ائين نه هجي. ٻڌتر. آخر فيصلو ڪيم ته جڏهن پڪ ٿي ڪانهي ته پوءِ اجايو خطرو چو کٽجي. حالانڪ اڄ ٻه لڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽم ۽ بک بہ

ڪلھ آيو ڊين جي ٽيسٽ ڪيائون. ائڊمي توت جي تباھ ڪندڙ وجود مان بس اھي ئي ڪجھ فائدا حاصل ڪيا ويا آھن جو ھجلي پيدا ڪئي وچي ٽي، مرضن جي سجاٽپ ۽ علاج وغيره ۽ ٻين اھڙين ڳالھين ۾ بہ ڪم آندي وجي ٽي. اھڙو ساڳيو مرڪز حيدرآباد جي ايل ايم سي ۾ بہ آھي.

ڇٽ ڪن زمانن کان پوءِ ڪلھ ڪار جي سواري ڪيم. مون کي تہ وسري ويو ھو تہ ڪار جي سواريءَ ۾ بہ ڪو ايڏو مزو اينڊو آھي! اھڙا مزا ٻڌيي ھوندي ايندا ھئا. پوءِ تہ ماٿو ڪار ھلائي ھلائي ڪار جي سواريءَ جي لطف کان ئي محروم ٿي ويو. اڀلو اھا چٽي ٽي پيئي.

ڪو ڳائي پيو:

آج اگر کانٹون پري ھين زندگي کي راستي،
ڪل نئي گلشن کلين گي آدمي کي واسطي.

۲۵ -۵ -۸۲

صبح: "مَترا بلوريا ملي جائين چوڙيا." (بلوري اکين وارا يارا چوريءَ چوريءَ اچي ملي وڃ!). جمونءَ تان دوگري گيت پيو ھلي. سويل گيت ۾ ھي اکر ھئا. "چيل چبيلا ماٿو" "رنگ رنگيلا ماٿو" "ماٿو" لفظ دوگريءَ ۾ ڪيئن آيو ۽ گاھ پئو بہ، سو سمجھ ۾ نٿو اچي. حد اھا آھي تہ مون ڪاڪي پيرو مل جي "قديم سنڌ" بہ اجا تائين کان پڙھي آھي! ماٿو جيترو ٿورو گھٽو پڙھندو اوترو ئي اڻ ڄاڻائي ۽ جھالت جو احساس وڌندس. لسانيات تي توجھ ڏيٽو پوندو. گرئيرسن وغيره. سراج ۽ بلوچ صاحب جو عربي ۽ سنڌي بحث اڃ پڙھيو ھوم. پر اھو پڙھڻ بس ائين ئي ھو. سچو قصو نٹين سر سمجھٽو پوندو. گريخشاٽيءَ، جي رسالي جو مھاڳ تنھن ڏينھن ڏٺم. اھو ئي نظريو "سنڌي سنسڪرت کان نڪتي آھي." بھرحال بولين ۾ ڳڏيل (ڪامن) لفظ ايترا گھٽا آھن جو عام پڙھيل کي ان جو اندازو ئي ڪونہ ٽي سگھندو. سرائيڪي، پنجابي ۽ سنڌيءَ جي تہ ڳالھ ئي ڇڏيو. سنڌي، بلوچي، پشتو، گجراتي، ھندي، بنگالي (پات- پت) جا عام لفظ سون ھزارن جي تعداد ۾ ساڳيا آھن. رڳو اُچار يا لھجو بدليل ھوندو يا ھڪ اڌ اکر بدليل ھوندو. خبرون ڪٿون اٽم، ايران نيٽ خرم شھر تي قبضو ڪري ورتو. ان جا نتيجا زبردست نڪرندا. رجعت پرست بادشاھن، ملڪن ۽ شيوخن جي حويلين ۾ رڙ ورڙ ھوندي. سامراجي بازيگرن کي ڏاڍا وڻ پوندا. ھوندا. ارجنٽائين ويتر رنڊڻي ۾ رولو وڌو آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيري بنا يون گهڙيان بيتين
جيسي صديان بيت گئين!

ڪن ڪن سڻن ۾ ڪيڏو نہ زبردست تاثير هوندو آهي! اخبار پڙهندي هي سڻون ٻڌي اخبار پڙهڻ تان دل ڪجي ويئي.

علم ڪائنات (Cosmology) تي هڪڙو ڪتاب پيو پڙهان. ڪائنات بابت سالن کان پيو پڙهان. هلندي هلندي پيرن هيٺيان جڙ زمين نڪريو وڃي. ڪائنات کان اڳ ڇا هو؟ وقت ڇا آهي؟ جاءِ ڇا آهي؟ خلا ڇا آهي؟ مادو؟ ازل، ابد؟ انت، بي انت؟ حد ۽ لاحد؟ ڇي ڪائنات ۾ وڪڙ آهي! ايا ايستائين جي ڳالهه ئي پوري سمجهه ۾ نٿي اچي تہ مٿان وري هنن ڄا ٻيا ڏڏا! پر آخر ڪنهن نہ ڪنهن کي انهن مسئلن تي غور ڪرڻو آهي. انگريزي دور کان اڳ گذريل هزار سالن ۾ سڌ ۽ هند ۾ ڪنهن سائنسدان جو نالو ڪونہ ٻڌو اٿئون. بي دنيا ۾ الائي ڪير ڪير تي ويا آهن. هن ڪتاب ۾ هڪڙو چرچي طور سوال جواب ڪيل آهي. چي پادريءَ کان پڇيائون "ڪائنات بنائڻ کان اڳ خدا ڇا پئي ڪيو؟" جواب ڏنائين "اهڙا ڏڏي جهڙا سوال پڇڻ وارن بيوقوفن لاءِ دوزخ پئي ٺاهيائين!" مطلب تہ ملن ۽ پادرين جي ساهون اهڙا اوٺها سوال نہ پڇا آهن.

۵ بجي شام.

تتيءَ ڏڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٽٽي اونداهه، پير نہ لهين پرينءَ جو.

سبحان الله! لطيف ۽ ڪنور! عظيم ڪلام ۽ عظيم آواز جو سنگم! جڙ زمانن کانپوءِ ٻڌو اٿم. آل انڊيا جي سنڌي سروس وري اوچتي بنا ڳولڻ جي ازخود ملي ويئي آهي. رفيق سان ڏڳهي ڪچهري ٿي. ڏاڍو پلو ماڻهو آهي.

۲۶-۵-۸۶

پورا يارهن مهينا اڳ هن جيل ۾ آيو هوس. لکڻ جا الاهي ڪم پيا آهن. ڪوبہ ڪونہ ٿيو آهي. اڄ زور ڪري ڪتاب ۾ نوٽ ڪيل خاص دلچسپ پنجابي پهاڪا پنجابيءَ جي نوٽبڪ ۾ لکڻ جو ڪم ڪيم. هيستائين ٦٦ لکيا اٿم. اردو سروس ۾ تاريخ ساز جي تقرير پئي هلي. آخري ٻڌن سڻن مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن "شاه لطيف" نالي ماڻهوءَ جي ڪلام بابت تقرير هئي. پهرين سوچيم تہ آسان واري بابت تہ ڪانہ هئي؟ پوءِ چيم تہ يو پي، سي پي ۽ دکن جا سيڙ لوڻ پنجو ڪٽي ويا آهن جو ٻين جو وارو ايندو؟ منجهن سيڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڊر سڀ قائد اعظم جا قريبي ساٿي، سڀ انگريز کي ڀڄائڻ وارا! انگريزي جاسوس بہ سڄي هندستان جا عظيم قومي رهنما. سندن مسيت جو هر ملون متبحر عالم، هر تڪ بند شاعر بي بدل. اردو نام نهاد "قومي" اخبارن جي صفحن جا صفحا انهن جي احوالن سان سينگاريا پيا آهن. ٻيا ته لهيا پر اسان جا ملان بہ مظلوم، جن جو نام نهاد "قومي" رڪارڊ ۾ پاڻ تي بہ نالو ڪونهي. پشتو جا ڪُجھ پهاڪا آهن پر تورا، پشتو ۽ بلوچي شاعري ۽ پهاڪن جي ڪتاب لاءِ ماٺهو ڊوڙائي ڊوڙائي بيٺو آهيان پر نام نهاد "قومي" ڪتابن جي دڪانن تي هن ملڪ جي ماٺهن جي ٻولين جا ڪتاب ڪٿي؟ همراه اچن ته 'گل شڪر' گهرايان. سنڌي، پنجابي، سرائيڪي، بلوچي ۽ پشتو پهاڪن جو تقابلي مطالعو ڪجي. انهن ادبن جي ۽ هندي ادب جي تاريخ جو تقابلي مطالعو بہ ٿيڻ کپي. هندي ٻاراڻو ڪتاب بہ گهرايو اٿم. پر ملي ٿي ٿو. پشتو الف ب سکي ويو آهيان. پر هندي جا ماڪوڙا ڏسيو همت ئي جواب ڏيو وڃي. پر خير چڏبس ڪونہ. رڳو ڪتاب ملي يا ڪو انڊو منڊو استاد هٿ چڙهي. بي بي سي چئي ٿي ته ارجنٽائين جا جنگي جهاز ڪنٽرول وارا آهن. انگريز سرڪار جي دعوا مطابق ايراني وزير اعظم خامينيءَ نئين آزاد ڪرايل خرم شهر جو دورو ڪيو. ڪيڏو نہ عظيم ڏينهن هوندو ايرانين لاءِ جن لاءِ ڪُجھ وقت اڳي دنيا سمجهيو ٿي ته ويا ختم ٿي ۽ وري بہ وڃي سامراجي چاڙتن جو ڪاچ ٿيا. پر عوام جڏهن انقلابي جذبي سان سرشار ٿي ڏڪجي، اٺ وڻ ۽ دليريءَ واري جدوجهد ڪن ٿا تڏهن سامراج جا اوچا پهاڙ پورا پورا ٿيو پون ۽ "اڳيان ٽڪر ٽر، متان روهه رتيون ٿئين!" وارو ڪم ٿيو وڃي. زنده باد ملت ايران ۽ زنده باد ايراني عوام!

ٽيو ڏينهن اسپتال ويندي ڪيڏا نہ عجيب احساس دل ۾ پيدا ٿيا! بي انداز ماٺهو. قسمين قسمين، هر عمر ۽ هر طبقي جا ماٺهو. بيل گاڏيون، ريڙها، اسڪوٽر، ٽيڪسيون، بسون، ڪارون، ٽرڪون، هل هلان، آواڻ شور، ٽريفڪ جا سگنل. نہ مقدم، نہ سپاهي، نہ برجيون، نہ لوهي سيخون، نہ هيبت جيڏا دروازا ۽ گيٽ، نہ سنترين جا هوڪريا، نہ خوف، نہ هراس! ماٺهو بنا واڻين ۽ سسن جي پئي هليا. ڪنهن کي ڪنهن جي ڳٺتي ڪانہ هئي ته متان ڀڄي نہ وڃي! هڪڙي (الائي ڪهڙي) رستي تي پهچي پوءِ سمجهيم ته رستو ڏنل آهي. هتان اڳي ڪيئي پيرا ڪار ۾ لنگهيو آهيان. آخر لاهور جي نهر وٽان لنگهياسون. ڪئين پيرا ان جي پاسي ڪان لنگهيو آهيان، پر نالو اڄ معلوم ٿيو "گلبرگ نهر." ڇڀو هن پاسي بہ گلبرگ آهي. لاهور جي ڊفينس ڪالوني. آخر مال آيو سڃاتم "الحمرا". فن جو مرڪز. اڄ نوٽ ڪيم ته خوبصورت لهيل آهي. عجب جي ڳالهه جو هي مختصر (اوٽ موٽ ۳۰- ۴۰ ميل) جو سفر انهن تمام ٽورن سفرن مان هڪ هو جن ۾ مونکي بيحد مزو آيو. هٿن پهريدارن جي وچ ۾ قيد جي حالت ۾ پاڻ کي بلڪل بي فڪر محسوس ڪيم. اڳي اڪثر ته پاڻ گاڏي هلائيندي هئي، سجو وقت اهو فڪر ته متان ائڪسيڊنٽ نہ ٿئي. ٻيو سجو وقت سوچون، ذميداريون، رڦائون، غور فڪر ڳٺتيون ۽ انديشا. هٿ گاڏيءَ جي ويل ۾، خيال الائي ڪٿي! بس ايترو شڪر آهي جو وڃيو ڪٿي ڏ ڪٿي پهچو هو. ٽيو ڏينهن ڪابہ اپائنٽمينٽ ڪانہ هئي، ڪٿي بہ پهچڻو ڪونہ هو. ڪنهن سان بہ بحث ڪرڻو ڪونہ هو. ڪنهن کي قائل ڪرڻو ڪونہ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كوبہ كمر لازمي طرح كرٽو كوڙ هو. نہ ميڙنگ، نہ تقرير، نہ آڏي پچا، نہ آرگيومينٽ. واندوئي واندو. مڪمل واندو! ڏهني توڙي جسماني طرح. اهڙي ڪيفيت زندگيءَ ۾ مونکي ڪٿڻ گهٽڻ سالن کان پوءِ ورلي ڪا ملندي آهي. نہ ٿہ هر وقت وڻ ولان، پڄ پڄان. جنهن ڏينهن ڪڙيو گنهور هاري ڪانفرنس ٿي پئي اُن ڏينهن آسپيج تي ويٺي، ايڏو ٽڪل، ايڏو ٽڪل هوس جو چيم ٽر رڳو اچوڪي رات خير سان گذري، وري هفتو گهر ماڻ باهر کوڙ نڪرندس. پاڻيم تہ اجهو ٿو هتي ڏهي پوان (ان مهل هڪڙي چري ننڊڙي چوڪري اچي پڇسان ويٺي ۽ نهايت معصوميت سان چوڻ لڳي "بابا! مون سان گالهيون ڪر!")

هُر شئي پياري، عجيب ۽ مزيدار پئي لڳي. پاٽي، وڻ، ٻوٽا، جايون، پريان آسمان. لُٺ بہ ٻہ طرفو قصو آهي. نظارو بہ سئو هجي ۽ ماٺهوءَ جي دل بہ نظاري ماڻ لطف اندازو ٽيڻ جي حالت ۾ هجي.

اسپتال پهتاسين تہ پوليس ائن پوزيشن ولي بيٺي جڻ آءٌ ست خون ڪري آيو هوس ۽ هتي آيو ئي ڇاڪي وانگر گولي ٽيڻ لاءِ هوس. (ڇاڪو نيٽ نہ مڙيو. اهي ٿي هنگاما! اهي ٿي پريس داستان) ٻيسٽون ڪيائون. رت ورتائون، وچ ۾ انتظار ڪرڻ لاءِ چيائون. هڪڙي ڪمري ۾ اچي ويناسون. اڪائونٽنٽ جو ڪمرو هو. ان ڪي الائي ڇا ٻڌايائون. نهايت عزت سان گڏيو. ڇانهن بسڪوٽ کارايائين. پاڻ ڪمر کي لڳي ويو. هڪڙو همراهہ (وچولي درجيءَ جو ملازم) بيماريءَ بابت ڳالهائڻ لڳو. ڳالهہ نيٽ ڦري گهري اتي آئي جتي هميشہ ايندي آهي. چيائين "اسين معمولي نوڪر آهيون. پر مسئلو بلڪل آسان هو. قربانيءَ ۽ شهادت مسلمان جو ڏاج آهي. قرباني ڏيون ها تہ هيءَ حالت نہ ٿئي ها. جيڪي همراهہ بنگلاديش ۾ ٻڌجي پيا هئا، انهن جي قرباني ڏيون ها تہ انهن کي جنت جون حورون نصيب ٿين ها. ۽ هتي اسان کي بہ اهي ڏينهن کوڙ ڏسڻا پون ها. هو بہ خوش ۽ اسان جو بہ ڪم ٿي وڃي ها." سندس مطلب سمجهي مرڪيس. ڪنگ ايڊورڊ ڪاليج جي لان تي وڃي ويناسين. انسپيڪٽر ۽ عظمت چورن کي سڃي ڪرائڻ جي مشڪلاتن ۽ قيدين کي سدو ڪرڻ جي نسخن تي خيالن ۽ تجربن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۾ لڳي وياسين. آڏون لان تي ويهي اخبار پڙهندو رهيس. ڊاڪٽر ۽ پين جو رويو عزت ۽ خاص خيال رکڻ وارو هو. هنن شايد کين ٻڌايو هو تہ همراهہ هتي جو ڪوهي. منهنجي حليي، شڪل ۽ ڪپڙن بہ ڳالهايو پئي. پوليس جو هيترو انالو بہ هو. مطلب تہ هر ڪنهن کي احساس نظر آيو ٿي.

ٻئي ڏينهن وري ساڳيو ڏڙو! اڳئين ڏينهن صوبيدار پويان ويٺو هو. اڄ ڪار ڪنهن جج جي اسڪورٽ ۾ ويئي هئي. دستوري چڪر هو. سيشن بہ، ڊرائيور ڪانسواءِ. اسين ٻيءَ اڳيان ڪير ويهي ڪير پٺيان؟ صوبيدار چئي تہ آءٌ تہ پٺيان ڪوبہ وهندس. ڳالهہ خسيس پر مسئلو نازڪ. پٺيان ڪير وهي؟ آخر حل اهو نڪتو تہ "سڪيورٽي جو سوال آهي. بنا هٿڪڙيءَ قيديءَ جو اڳيان وهڻ خطرناڪ آهي. اهو پٺيان وهي، جتي ٻي پوليس رائفلن سان موجود آهي. اتان پڄي ڪوبہ سگهندو." ڳالهہ ۾ ڪجهہ بہ ڪو نہ هو ۽ سيڪجهہ بہ هو. ڏوهہ انهن جو بہ ڪوبہ هو. عام طرح ڪو بہ آفيسر پنهنجي اسٽاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳيان پٺيان چڪڑي ۾ ويهڻ لاءِ تيار ڪو نہ ٿئي ها. ظاهر آهي تٽائنس ماٺهو ڪلن ها. پر مون سان ہہ مسئلو هو. قيدي قومن ۽ ماٺهن جا حق ايترا ٽورا وڃي بچندا آهن جو انهن خسيس ۽ ظاهري طرح ڪل جهڙن حقن تان بنا حجت جي ۽ چپ چاپ هٿ کڻڻ هنن لاءِ جڻ پنهنجي وجود جي موت کي تسليم ڪرڻ جي برابر هوندو آهي. هنن وٽ بچت ۾ ڪابہ قوت هوندي کانهي جنهن سان هو ٽيل نقصان جي پوءِ ہہ تلافي ڪري سگهن. هنن لاءِ 'تر جي گڏي سو چوٽون کائي' وارو قصو هوندو آهي. انهن خسيس کان خسيس حقن جي سلامتيءَ لاءِ ضرورت وقت پوئتي نہ هٽڻ يا ضرورت وقت خطرو نہ کڻڻ، ثابت قدم نہ رهڻ ۽ نقصان نہ سهڻ، ٻئي ڳالهيون هنن کي اهڙو نقصان رسائيندڙ آهن جنهن جي پوءِ تلافي ٿي ڪانہ سگهندي آهي. مون کي خبر هئي تہ آڻون بي وس قيدي آهيان. قيدين لاءِ ٽرڙين مان ٿڌ ٿي پوندا آهن. ڪامورا پاڻ ۾ جڏ ٿي، خسيس مان خسيس ڳالهہ تي وڌي ۾ وڌو ٿڻ مڃائي وجهندا آهن. دشمن کي بل ڏيڻ ۽ سو ہہ هڻڻي خسيس ڳالهہ تان نادائي ۽ ابهرائي ٿي سگهي ٿي. خود حڪومت ہہ دل ۾ خوش ٿيندي تہ چگو ٿيو جو هن کي ٽيهہ ڪيڊائون. ضرورت پئي تہ معذرت ہہ ڪرڻي چڏيندي يا ڪنهن کي ٽرانسفر يا سسپينڊ ڪري ناراضگيءَ جو ڊونگ رچائي چڏيندي. پر سڃي ڳالهہ ۽ حالتن ۽ سنڊن توازن تي ڪجهہ سيڪينڊن ۾ غور ڪري مون چيو تہ "آءٌ اتي ئي ويندو آهيان. توهان مان جيڪو چاهي پٺي وڃي پٺيان وهي." وڏو گوڙ ٿي ويو. آخر ٻئي ڇڻا اچي منهنجي پرسان اڳيان ويٺا. منهنجي حالت اهڙي ٿي جو اندر هڻڻ ڪري آءٌ ڊرائيور سان وڃي لڳس، تنهنڪري چيم تہ "ٽي ڪونہ وهي سگهنداسون ہہ وهون." ان تي عظمت لهي صوبيدار کي چيو "بابا هي سڪيورٽي جو مسئلو آهي. تون ڇاٽين تنهنجو ڪم. پٺي پنهنجي ڪاروائي ڪر ۽ جتي وٽئي اتي قيدين کي وهار!" هاڻ هي ٻئي هڪڑي پاسي. قصو ڪوتاهہ مون چيو تہ "آڻون پويان بلڪل ڪونہ وهندس. توهانکي جيڪو ڪرڻو آهي سو پٺي ڪريو" عظمت کي ہہ چيم تہ "تون هن کي ڇڇون ڇو ڪرين! تون ہہ مون سان هاڻ نہ ڳالهاءِ!" عظمت ڇڪو اندر. الائي ڇا ڇياڻين ڇا نہ ڇياڻين. ان وچ ۾ گلزار جيلر آيو. ان صوبيدار کي سمجهايو. راج مڙي اچي گڏ ٿيا، ڳالهہ ۾ ڪجهہ ہہ ڪو نہ هو. جنگاڻ شاهي. عظمت ٻاهر اچي اعلان ڪيو تہ "آءٌ ٿو هلان! توهان وڃو" واٽ ۾ صوبيدار تلافيون ڪيون. چي، "هي ذميواريون ڪٽي رعايتون آءٌ ڏيان، نہ تہ مون کي لينڊ آيو آهي تہ هن کي ڊبل هٿڪڑيون لڳنديون. خطرناڪ ترين ماٺهو آهي." مون چيس "اها فضول ڳالهہ آهي. مهرباني ڪا ہہ ڪانهي. جئين عام طرح ٽيندو آهي تئن آهي" ڇياڻين تہ عظمت مون کي چيو آهي تہ "هي سياسي ٻياسي ماٺهو ڪونهي. رڳو اهي ڏڏا ڪندو آهي ۽ ڪنهن جي ڳالهہ نہ مجيندو آهي ان ڪري اندر ڏيو آهي. سياسي جيڪي هڻا سي سڀ بندو بست ڪري نڪري ويا. يا پنهنجي گهرن ۾ نظر بند آهن." مون کان جيڪا قوالي ڇڏي سا ٻڌائي مانس. ڪجهہ پئسو ٽڪو ڳالهہ ڊول ۾ وينس يا ڇا، بهرحال پوءِ ڪجهہ وڌيڪ خيال ڪيائين. هلندي شرط ان ڏينهن ٽيسٽ وڻڻ واري ڊاڪٽر سان ڳالهہ ڪيائين. ان اچي چيو" توهان چانهہ پيندو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيو "ها، مون غلطيءَ وچان احتياطًا ناشتو ڪو نہ ڪيو آهي." بسڪوٽ گهرايائين. چانهه هٿ سان ناهي ڏنائين. وڏي عزت، وڏي احترام ۽ وڏي قرب سان. چي "اسين نوڪر ماڻهو آهيون. سياڻي توهان حاڪم ٿيندا اسانکي چوندا هيئن ڪريو. اسان ائين ڪنداسون" ويڄا (آسٽريا) مان پڙهي آيو هو. اِئٽيچ تشخيص ۽ علاج جو ڊاڪٽر هو.

وري ڪالهه ڪو همراهه "ش" آيو. وري ڳالهيون. ون يونٽ، يحيٰ، جنرل گل حسن ۽ رحيم ۽ قوميت. مون چيس مونکي توهان جي هر نقطي سان اختلاف آهي. اها نواءِ وقت ۽ اردو ڊائجسٽ جي پروپيگنڊا آهي، جيڪا پنجاب کي زهر وانگر کائي ويئي آهي. پنجابي حڪمران طبقي جي ڪيل ڏوهن جي ڏکهي فهرست تي پاڻ هڪ تفصيلي بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي. ضرورت آهي ته عوامي سطح تي پنجاب توڙي ٻين صوبن جا تو جهڙا صحيح جذبا رکندڙ نيڪ نيت ماڻهو پاڻ هڪ ڏڪ ٿين ۽ هڪبئي جي نقطه نظر کان واقف ٿين ۽ غلط فهميون دور ڪري رهيل نقطن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪن.

ڊاڪٽر پنهنجي ياءِ ڪي ولي آيو ۽ شروعاتي تعارف ڪرايائين. ان وچ هڪ پروفيزملڪ نظر آيو. (لاهين چاڑهين، ورن وڪڙن واري ڏکهي، اٽانگي آورچ ۽ سورهيائيءَ واري جدوجهد جي نسخي جو تاثير!) گپ شپ. خاص نہ. ٽيسٽن جو رزلٽ مليو. ڳلٿڙو يا الائي ڇا پنهنجو ڪم ڪهڻ ٿو ڪري. واٽ هڪ صوبيدار پنهنجي نوڪريءَ جا حال ٻڌائيندو آيو. ماڻهو خراب ڪو نہ هو. پر عادت جي مجبوري.

جيل اندر گهڙياسين ته عظمت هڪ دم صوبيدار کان پڇيو "ڇا ٿيو؟" مطلب هوس ته پوليس منهنجو ڪجهه علاج ڪيو يا نہ؟ منهنجي وهڻ لاءِ ڪرسي اچڻ هڪ دير ٿي. هونئن به مون کي خبر نہ هئي ته عظمت مون هٿان "سندس بي عزتي بلڪ سڄي جيل ڊپارٽمنٽ جي بي عزتيءَ ۽ خواريءَ" جو کهڙو پيانڪ ۽ جڙتو داستان پيش ڪيو هوندو. ان ڪري في الحال "چڏ منڊو واريءَ هه"! واري اصول تي عمل ڪندي پنهنجي وارد هليو آيس. کالهه رات سوچيندو رهيس ته عظمت چيف جسٽس لاهور سان پنهنجي مائٽي پيو ٻڌائي. جيل آفيسر ضرور ڪائنس ڪن هٽندا هوندا. جيل ڊپارٽمنٽ جي عزت جو به مسئلو ٿي سگهي ٿو. چئي سگهن ٿا ته اسان هن سان همدرديءَ طور پنهنجو آفيسر ڪيڊي ڏنو ته انکي پاڻ سان گڏ ويهڻ به نہ ڏنائين ۽ ڪيس لاهي ڇڏيائين. هيتري ٻاهرين پوليس توڙي جيل پوليس جي اکين اڳيان.

"ٻين گهٽن ماڻهن وانگر منهنجو به زندگيءَ جي وڏي عرصيءَ تائين گهٽو گڏر سفر "هينئين جي زور" ۽ "بهادريءَ" تي رهيو آهي. "جيڪي هوندو سو ڏسي رهبو. اهڙين ٽڪي ٽين پٽسن وارين ڳالهين کي ڪير ٿو پڇي؟ خوامخواهه ڪنهن کي جهيڙو ڪرٽو هوندو ته پاڻ وري ڪنهن کان ڏجون ٿا چا؟" وغيره وغيره. پر سياسي ۽ تاريخي مطالعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي تجربي کان پوءِ اهي ڳالهيون ٻاراڻيون ۽ جٽاڻيون لڳيون، خاص ڪري جدلي مادييت، محمد ﷺ جي سياست ۽ مثبت سنارتڪاريءَ (ڊپلوميسيءَ) لينن، اسٽالين، مائو هوچي من ۽ لي دوئان جي لکڻين ۽ سنارتڪاريءَ جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ خبر پيئي آهي ته "زندگي هيڻان کان مٿي ۽ مٿي کان کيٽ جو سفر آهي، عظيم شيون، خسيس شين مان لهيل آهن، زبردست ڊرامائي ڪاميابيون توڙي تباهيون معمولي ڪمن جي آهستي آهستي ۽ تيز تيز نمونيٰ جمع ٿيڻ کان پوءِ وجود ۾ اچن ٿيون. جيڪو ماڻهو اڳتي وڌڻ سان گڏ گهربل تيزيءَ سان پوئتي ٽئو هڻي سگهي اهو دشمن جو آسان ترين شڪار آهي، اهو ويڙهو ناهي".

سنڌيءَ ۾ چئي ويا آهن ته "ٻاهر، پاڻيءَ ۽ دشمن کي گهٽ سمجهڻ مورک جو ڪم آهي" خاص ڪري ويڙهه توڙي سنارتڪاريءَ ۾ خسيس شيون ٽيندڙيون ئي ٻاهين. پنجابيءَ ۾ هڪڙو ڏاڍو دانائيءَ وارو پهاڪو آهي "دشمڻ وچ انج رهو جيون ٻتيان دندان وچ جيبهه" (دشمن جي وچ ۾ ائين رهو جيئن ڏندن جي وچ ۾ جيڀ)

معلوم ٿيو ته مجيد تريشي به موڪل تي ويو آهي. آنڪري اهو به معلوم ڪو نه ٿيندو ته ميان عظمت کهڙو ممڻ مچايو آهي ۽ انجو کهڙو اثر پيو آهي؟ اهو سوچي سپرنٽنڈنٽ کي چئي لکيم. جنهنجو مطلب هو ته "ايندڙ رائونڊ ۾ مون وٽان ٿيو وڃجو. ايندڙ رائونڊ سومر تي ٿيڻو آهي. اڃان ڪجهه ڏينهن پيا آهن. ان وچ ۾ م ق به ايندو پوءِ ڏسبو.

ڪاله چئي لکيم. اوچتو سپرنٽنڈنٽ اچي نڪتو ۽ رڙ ڪڍي، پڇيائين "کهڙو حال آهي؟" ٻڌايومانس ته "هاڻي شايد بيمارين جي سيڙپ ٿي رهي آهي ۽ علاج ممڪن ٿي سگهي". چيائين. "اسين توهان جو هر حالت ۾ علاج ڪرائي توهانکي مڪمل طرح ٺيڪ ناڪ ڪنڌاسون، ضرورت پئي ته توهانکي وري به اسپتال موڪلينداسين. اسانجو خيال آهي ته توهان صحتمند ۽ خوش رهو" مون عظمت واري باري ۾ پڇيس ته "مونکي دل ۾ ڪونهي. مون سوچيو ته معلوم ڪجي، متان توهان کي خيال ٿيو هجي ته پوءِ باقاعدي ڳالهه پوله ڪجي." چيائين "مونکي پائيءَ جو به خيال ڪونهي. مون هڪڙي ماڻهوءَ کي چيو ته پوليس کي ڊپ آهي ته متان پليجو صاحب پڇي نه وڃي. پر اسان ماڻهو چاريا آهن. مون چيو ته پليجي کي چئجو ته تون آزاد آهين. گهر وڃ ته چوندو ته "پهرين ليٽر ڏيکاريو ته کهڙي اٿارٽيءَ موجب مونکي باهر وڌو آهي!" ڊپٽيءَ عظمت لاءِ هن چيو "چوکرا ٻار آهن". سپرنٽنڈنٽ چيو ته "مون وٽ دانهن ڪٽي آيو مون چيس ته "تون مٽ ڪري ويهي رهه، تنهنجي وڃڻ جي ضرورت ڪانهي." سپرنٽنڈنٽ چيو "آءُ سچ ٿو چوان ته توکي هتي، هن بيماريءَ جي هيڏي تڪليف ۾ ڏسي. مونکي سخت ڏک ٿو ٿئي."

آخر چيائين "جڏهن به ڪو ڪم هجي، به اکر لکي موڪل. آءٌ هليو ايندس." پوءِ معلوم ٿيو ته جنهن ماڻهوءَ سان مٽين ڳاله ڪئي هئائين سو هومر سيڪريٽري پنجاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. دل ۾ سوچيم ته ويڑهه جي اصولن جي پڪڙي ڪريو ويٺو آهيان. جهيڙن جي ڪوٽا کڏهو کڻ ختم ڪريو ويٺو آهيان. ڪئين ڇهيڙا اڃا ٿي مچيل آهن: (۱) سرڪاڑ نامدار جو جهيڙو (۲) بيماريءَ جو جهيڙو (۳) انگريزي اخبار نه ملڻ تان (جيڪو جيل ۾ بين الاقوامي اهميت جو مسئلو آهي ۽ ايران عراق جنگ کان گهٽ ڪونهي!) فوجي ميجر قيديءَ سان جهيڙو. (۴) ڊاڪٽر تي هفتو اڃ داڻن وغيره جي سلسلي ۾ سخت ڪاوڙ ظاهر ڪيم (ڊاڪٽر ويچاري ڳاله بدي اڇي معذرت ۽ تلافي ڪئي). (۵) خط پٽن نه ملڻ تان هتي جي ايس- پي، سي- آئي- ڊي لاهور سان جهيڙو (پنجاب سرڪار سان گرما گرم لکپڙهه هلندڙ آهي) (۶) ٽيون ڏينهن چڪر چيف (صوبيدار) جي موڪليل صفائيءَ وارن ماڻهن جن گوڙ پئي ڪيو، تنڪي مڙي اماڻي چڏيم. انڪري جڙ چڪر چيف جي بي عزتي ڪيم. (۷). ۽ هاڻي هن بچي شل عظمت جنهن مان کارداريون ڪڍ آهن تنهن سان جهيڙو ۽ ڳاله سچي جيل جي وقار ۽ عزت جي هڻڻ ڪري سچي جيل جي وقار ۽ عزت سان جهيڙو. پاڻ کي چيم ته "اهي هيترا سارا ساڻگئي وقت جهيڙا آخر ڪهڙي ڪتاب ۾ جائز آهن؟ ڪٽي ڪجه بهتر ٿئي پر ويڑهه جي اصولن جي سنگين خلاف ورزي ته ٿي، جيڪا ناقابل برداشت آهي. اهي سڀ جهيڙا ڪنڊڙ قوتون پاڻ ۾ گڏجي مون خلاف خميني ۽ وانگي يڪو جهاد شروع ڪري ڏين ته مفت جي هچا ڪچيءَ ۾ پڪجي ويندي." جيل جي افواه نيوز ايجنسيءَ مشهور آهي، انهيءَ ايجنسيءَ جو اطلاع آهي ته "سنڌ جو شاگرد ليدر علي حيدر شاهه ڪوئيٽا ۾ گرفتار ٿيو آهي ۽ هن وقت شاهي قلعي ۾ آهي. سندس ڪو ٻيو دوست به تازو گرفتار ٿيو آهي." مطلب ته قلعي ۾ سندين جي نمائندگي ٿي رهي آهي.

سچو ڏينهن حيدرشاه بابت سوچيندو رهيس.

واهڙ پريون مَ پاءِ، تو پڻ ليکو ڏيڻو
وهاڻيءَ ويندءِ، اوير اتان هان لهي.
متو آهين مچ، ٽلها ٽوٽونا هڻين.
تو جا پائين اڄ تنهن پاڻيءَ پناڏينهڙا.

ڪله ولي خان ۽ ٻين کي پنجاب بدر ۽ قيد ڪيو ويو آهي. ارشاد احمد حقانيءَ بزنجي جي آپي شاهي پاليسيءَ تي دوستاڻي تنقيد ڪئي آهي ۽ ڪيس ايم آر ڊي سان ساڻ ڏيڻ جي صلاح ڏني آهي. ڪالم نگار ظفر اقبال سرڪاري وعدن جو بي رحميءَ سان مذاق اڏايو آهي. اصل ڪا ڳاله پوئتي ڪانه چڏي اتس. هاڻي ڊالري ليدرن پنهنجيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زالون، عورتن خلاف هلندڙ جهاد جي ميدان ۾ آندیون آهن. بيگم لياقت علي خان ۽ اپوا تي حملا ڪرايا ويا آهن. هنن جو بليڪ ميلنگ جو پراڻو سي آئي ڊي جو سيڪاريل ٽيڪنيڪ جاري آهي. 'دليل دلائل نہ ڏيو! اتندي شر ط هماليہ جبل جيڏو ڪوڙو الزام هٽي اڳي جو حواس خطا ڪري ڇڏيو! پلي سڄي عمر صفايون ڏيندو وتي.' ٽئي بہ اڻين پيو. سندن شڪار ڪيل سڄو ڏينهن صفاين ۾ پورا آهن. ڪوبہ ڪونہ ٿو خود سندن سُڌ سماءُ لهي ۽ اهو پڇي ٿ "اوهان جو سياسي شجرو ڪهڙو آهي ۽ ڏنڊا ڪهڙا ۽ ڪنهنجا پيا ڪريو؟" بليڪ ميلنگ جي جواب ۾ صفائي ڏني معني مڙس ويو! صحيح طريقو آهي دشمن جي ڳالهہ جو نهايت سنجيدو مدلل ۽ قائل ڪندڙ جواب ڏيڻي ان سان گڏوگڏ سندس مجرمانہ اصليت جو پردو بي جگريءَ ۽ بي رحميءَ سان مڪمل حقيقتن سميت پيش ڪرڻ ۽ ڪيس اڳهاڙو ڪري دليل ڪري ڇڏڻ، پر ڪوڙ ۽ وڏاءُ ڪان قطعي پاسو ڪجي. ان جي بدران صحيح حقيقتن جي ڳولا تي جاکوڙ ڪجي. دماغ ڪان سوچڻ جو پورو پورو ڪم ونجي. ڪوڙ جو مقابلو ڪوڙ سان نہ پر وڏي جاکوڙ سان معلوم ڪيل ۽ بي خوفيءَ ۽ قابليت سان پيش ڪيل سچ سان ۽ ان سچ جي آڌار تي وزندار دليلبازيءَ ذريعي سنڌائتن موتمار ڏڪن هٽڻ سان ڪجي.

۳ ڄڃا شامر. ننڊ نہ آئي، سا نہ آئي. هن مهل ماسڪو ايندو آهي. سو اهو برزنيف جي زرعي مسئلن بابت ڪيل تقرير نشر ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي: پاڪستان، پارت، برطانيہ، چين، روس، آمريڪا سيني جي ريڊين ڪي وارو ڏبو آهي، سيني جي ڳالهہ ٻڌبي آهي. جهٽ لڳو ٿ آسٽريليا، جرمني، ايران، ڪوريا ۽ افغانستان جهڙا ريڊيا بہ ٻڌي ولڻا آهن. جيڪو آيو سو ڪار. گهٽ ۾ گهٽ ريڊين ڪي جمهوري حق ڏجي ٿ پنهنجي ڳالهہ ٻڌائين، پلي هر ڪو فقير پنهنجو "داستان بيان ڪري ٻڌائي!"

امير چئي ٿو، "سلوار نهين پائي!" ڏمر ٿ برابر وهنجي ڪپڑا ٿ مڙايا اٿم، پر سٽ ساڳي ميري پيئي اٿم!

ڊائريءَ ۾ هونئن ئي ماٺهو سڀ خيال ۽ ڳالهيون لکي ٿو سگهي. ڪو روسو (فرينچ اديب) هجي ٿ بہ ڪي نہ ڪي ڳالهيون چڏي ويندو. سياسي ماٺهو خاص ڪري قيدي سياسي ماٺهوءَ جي ٿ ڳالهہ ئي ٻي آهي. ٻي ڳالهہ ٿ هن ڊائريءَ ۾ جيڪي رايا يا ڳالهيون لکان ٿو سي سياسي خيال کان باقاعدي سوچيل سمجهيل (آفيشل) ڳالهيون ٿي ٿيون سگهن. هي ٿ ڪچا ٿڪا خيال جيئن اچن ٿا، تيئن لکان ٿو. انهن مان ڪي قائم رهندا، ڪي تبديل ڪرڻا پوندا. پنهنجي حال سارو باقاعدي ۽ مستند ڳالهيون اهي آهن جيڪي مضمونن، مقالن يا تقريرن جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿيون. هي پرائيويٽ خيال آهن ۽ ممڪن آهي ٿ لکڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ئي غلط نظر اچن ۽ بدلائڻا پون! هونئن خدا ڪندو ٿ منجهائين رڍي ۽ ڪٽ ايترو گهٽو ڪونہ ڪرندو پر ٿ بہ ڳالهہ ڏهن ۾ صاف هٽ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏون ڏون! وهنجڻ ڪري نڪ وهڻ جا خيال پيو ڏيکاري. سادا چار ٽيا آهن، پنجين بجي چڪر ڏيندس. سادي پنجين مهل در پورُ ٽي ويندي. هونئن پهرين مئي کان پوءِ صرف وارڊ بند ٽيڻ گهرجي، ڪمرو نہ. ماٺهوءَ کي باهر ورانڊي اندر سمهي سگهڻ گهرجي، پر پهري لاءِ ملازم (سپاهي) گهٽ آهن سپرنٽنڈنٽ چوائي موڪليو هو ته نئي ڏينهن ترس. اڄ پُل ڪيم جو ڊپٽيءَ کي ڪوند چيم ته "گهٽ ۾ گهٽ سانجهيءَ تائين ته باهر رهڻ ڏيو. هي وچئين جو تالا ته نہ ڏيو" پر جڏهن ويسر جند ڇڏي.

باهر ڪنهن برتن جو ڪڙڪو ٽيو. هڪ سيڪنڊ لاءِ ائين لڳو جڻ ڪو چئي پيو "ڪير وارو!". شام.لطيف آباد. گهر. گيٽ تي ڪير سان پريل بالٽيءَ وارو ماٺهو. منهنجي هٿ ۾ ڪير جو ٽانو. نورن الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو؟ سيڪنڊ جي بہ هڪ ننڍڙي حصي ۾ جڻ بجليءَ جي تيزيءَ سان سجو منظر ڏهن جي پردي تي ڊوڙي ويو! ان ئي سيڪنڊ ۾ وري ڪٽي ڏس ته ڪوٺ لڪپت سيڪيورٽي وارد، ساڳيو ڪمرو، امير، منير، ٽائيگر ۽ آڻون! واه ڙي لاشعور تنهنجون بازيگريون ۽ ڪرتب! ينج ٽي ويا آهن. هاڻي چڪر ڏيان.

۸۲-۵-۲۷ صبح

سويرا جهان پر، بسيرا وهين هو
جهان پہ بسيرا، سويرا وهين هي.

(جتي صبح هجي، جهوپڙي اتي هجي. جتي جهوپڙي هجي، صبح اتي ئي آهي) ها، مائي لتا! برابر، پر جتي پنهنجي جهوپڙي هجي، اتي اوندهہ ئي اوندهہ هجي ته پوءِ؟ صبح جو نالو نشان ئي نہ هجي ته پوءِ؟ جتي مفت خورَ ڦورو ۽ ظالم نہ هجڻ گناهہ هجي، منافق، مڪار ۽ ڪوڙو نہ هجڻ گناهہ هجي، وطن فروش، قوم فروش ۽ ضمير جو سوداگر نہ هجڻ گناهہ هجي، انسان ذات جي قاتل دشمنن جو دلال، سياسي پاڙ ڪائيندڙ ۽ شڪاري ڪتو نہ ٽيڻ گناهہ هجي، جتي، مائي لتا! تنهنجي ذات، عورت ذات ٽيڻ گناهہ هجي، حق پرست، با غيرت ۽ سرفروش، انسان دوست ۽ انقلابي ٽيڻ گناهہ هجي ۽ جتي نيڪ پيارين ۽ خوبصورت شين ۽ ماٺهن جو وجود ئي گناهہ هجي ته پوءِ اتي ڇا ڪجي، لتا؟ ته پوءِ منهنجي صلاح آهي ته هڪڙو ڪم ته اهو ڪجي ته سُر جي ستن سمنڊن مان پنهنجي آواز جي جادوءَ سان هماليہ جبل جيڏا غصي جا شعلا پڙڪائي اهڙي نظام کي جلائي رک ڪرڻ ۾ مدد ڏجي، جنهن ۾ اهو سڀ ڪجهہ ٽيڻ لازم ۽ اٽڻ آهي. پوءِ هڪڙي ڏينهن نيٺ جتي صبح هوندو پنهنجون جهوپڙيون بہ اتي هونديون ۽ جتي پنهنجون جهوپڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونديون، صبح ٻ اتي هوندو! سجو پگهر جي پيو آهيان. وهنجان، ڪپڑا ٻ بدلايان. ايا ڪالهه بدلايا اتم. پر سچا ڳالهه پيا آهن. اڄ پرويز ملاقات تي ايندو خدا ڪري رسالا ۽ ڪتاب آڻي! هتي هڪڙي وڏي ضرورت آهن سنا ڪتاب ۽ رسالا. ٻاهر رسالا ۽ ڪتاب جام آهن تہ پڙهڻ جي فرصت ۽ ضرورت ايڏي ڪانهي. هتي فرصت ۽ ضرورت سخت آهي پر رسالا ۽ ڪتاب ڪونهن! "ڪٽي دور سچا ڪٽي چور سچا." امير چئي ٿو "اي جوڙا تسان نون سوٽردا اي. او نهين سوتردا. او جيڙها منهي وانگون لڳدا اي" (هي جوڙو توکي نهي ٿو. هو ٿو نهي جيکو منهيءَ وانگر ٿو لڳي." مون چيس "اسين ويندل ئي منهيءَ ۽ ريتيءَ جي پٽ جا آهيون. پٽرن ۽ ريتيءَ جي وچ ۾. جهڙو ديس تهڙو ويس." هاڻي هنکي ڪيئن سمجهايان تہ منهيءَ جهڙو اپرو ويس لطيف جي مارن، سامين، جوڳين ۽ ڪاهوڙين جو ويس ٻ آهي.

اسين تتان آئيون، جتي ڪهنبو ناهه
جي وجون ڪنهن وهانءَ تہ پڻ مٽئون لوئيون
(شاهه)

بهرحال شڪر آهي هي جوڙو تہ امير کي منظور آهي. گهر جا پاتي اچن ٿا تہ تڪڙ ۾ سچي گهر گهاڻ جو پورو حال احوال ڏيو ڪونہ سگهن. جي سچو سربستو احوال لکي اچن ها تہ ٻ چگو. جنهن ونڊ احوال هوندو آهي تنهنجي نظر ۾ فقط مڪيہ مڪيہ نقطن جي اهميت هوندي آهي، پر ٻڌڻ واري لاءِ سچي ڳالهه ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ضروري هوندي آهي. خبر چار ٻ انسان جي ڪيڏي نہ وڏي ضرورت آهي؟ ڪپڙن ٿانٿي وڇ جي ڳالهه تان معيار زندگي وڌائڻ نہ وڌائڻ جي مسئلي بابت سوچ ۾ پئجي ويس. سوچيم تہ ذاتي معيار زندگي وڌائڻ ۽ قومي عوامي معيار زندگي وڌائڻ جي جدوجهدن ۾ تضاد آهي. پرپور سکي ۽ شاندار زندگي گذارڻ جي لاءِ جيکي ڳالهيون ڪپن سي گڏيل عوامي انقلابي جدوجهدن کان سواءِ نہ ملنديون. ذاتي معيار زندگي وڌائڻ جي جدوجهد ذريعي عام ماڻهن جي وڏي گهٽائيءَ کي گهربل پرپور سکي، شاندار زندگيءَ جا فقط کي مٿاچرا نمائشي ۽ خسيس جزا هٿ اچي سگهندا. سچي عمر انهن پٽيان ڊوڙبو ۽ هلاڪ تبو تہ اعليٰ زندگيءَ جي اهم ترين ڳالهين جي حاصلات لاءِ گڏيل عوامي انقلابي جدوجهد ۾ هٿ ونڊائي ڪونہ سگهبو. رڳو فوري ضرورتون پوريون ڪبيون تہ بہ ڪم ڪونہ هلندو. فوري ذاتي روزمرهہ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ بہ وقت ڪيڏو آهي ۽ جاکوڙ ڪرڻي آهي ۽ دائمي ضرورت وارين گڏيل ضرورتن لاءِ بہ وقت ڪيڏو ۽ جاکوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻي آهي. انهن بنهي ۾ توازن پيدا ڪرڻو آهي. انقلابي ماڻهن کي فوقيت پوئين ڳالهه کي ڏيڻي آهي. چو ته وڏي اڪثريت صرف پهرين ڳالهين ۾ رڌل آهي ۽ پوئين ڳالهه ڏانهن پائي ۽ جيترو به ڏيان نه ڏي ڏئي.

ان جي تلافي ڪرڻ لاءِ ۽ توازن کي درست ڪرڻ لاءِ انقلابي ماڻهن کي گهٽو ۽ مڪمل ڏيان ڳڙيل جدوجهد ڏي ڏيڻو آهي ۽ ان لاءِ گهڙبل قربانيون ۽ تياگ ڪرڻا آهن. پڙ جي ماڻهو شروعات ڪري ۽ ان تي مضبوطي ۽ اورچائي سان قائم رهي ته پوءِ تياگ ۽ قرباني ۽ وارو مسئلو به ڪافي حد تائين حل ٿيو وڃي. پوءِ سادي رهڻي ۽ کهڻي ۽ کي ڏسي ڏسي ماڻهو ان کي پاڻ ۾ نه ته به بين ۾ قبول ڪري ونڻ تا. اڳتي هلي اها رهڻي کهڻي خود فيشن بنجيو پوي. جيئن مائو واري ٿوپي.

رات پوٽا نو.

اڄ پرويز آيو. ڪتاب ۽ ٽيئي رسالا آندائين. ڪتاب هڪ به سٽا ۽ ٻيا هالو چالو آهن، گذارو. اڄ هن جيل ۾ رهندي پورن ۱۱ مهينن کان پوءِ ۾ (سابق پي پي صوبائي وزير) سان ملاقات ٿي. پهريائين خبر ڪانه هئس. پوءِ خبر پيس ته ۳-۴ دفعا هٿ ٻڌي معافي ورتائين ته سچاتم ڪونه. زال ملڻ آئي هيس. گلزار جيلر دستور موجب ٻانهون ٻڌي ڪيڪاريو. عظمت به هو. مون اڄ لاپرواهي ۽ غلطي ڪئي، عظمت ٽورو لاڙو ڏيکاريو ته مون کيس لفٽ ڏيئي ۽ ساٿس ٽورو ڳالهايم. حالانڪه مون کي دم جهلڻ ڪپندو هو. الائي ڇو مونکي اهڙن ماڻهن سان ليک ٽوپي نه ٽو اچي. بنيادي سبب اهو آهي ته نفسياتي طرح اهڙن ماڻهن کي پنهنجي متابلي جو ماڻهو تصور نه ٽو ڪجي ۽ ماڻهوءَ جو تحت الشعور ساڻن ويڙهه جي ضرورت ئي تسليم نه ٽو ڪري. ان ڪري جلدئي ڳالهه لئي منٽي ڪرڻ گهري ٽو. پر اها منهنجي سخت پل آهي. اهڙا ماڻهو پوءِ سمجهن ٿا ته هو جيڪا بيهودگي ڪندا سا ڪين ڦهي ويندي. بهرحال اها منهنجي پراڻي غلط پاليسي آهي جنهن مان مس مس جان ڇڏائي هيم ته اڄ وري ساڳي غلطي ڪري ويٺس. هٻاڻي چا ڪجي؟ سوچجو.

نوجوان * عجيب رويو اختيار ڪري رهيا آهن. نامناسب ۽ بيفائدو. ساڳي پراڻي ڪهاڻي، اول مٽ مٽ ۽ پوءِ اوچتو ٻيڙيءَ تي چاڙهي ڦرهو ڪيڙي ونڻ جي ڪوشش. هي ماڻهو هن طريقي سان پس‌وپيش سياست ۾ ڪڏهن به ڪامياب ڪونه ٿيندا. ضرورت کان زياده چالاڪي سياسي خودڪشيءَ جي برابر آهي. بهرحال مسئلي جو حل ڪيڏي سگهجي ٽو. پر ڪيئن؟

* نوجوان- اردو ڳالهائيندڙ نام نهاد انقلابي گروه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيو حال برنجي جو آهي. صورتحال جو طرف پيچيدي آهي. ايم آر ڊي ۾ شامل نہ ٿيو. منهنجو خيال هو تہ برنجو ۽ اسين سڀ گڏجي ايم آر ڊي کي زور ڏيارون تہ ضياءُ جو تختو وڏيڪ جلد اونڌو ٿئي سگهي ٿو. برنجي صاحب تي جن حلقن جو اثر هو سي اندر ئي اندر ضياءُ شاهيءَ سان مليل هئا. هڪ بهترين موقعو هٿان وڃايو پيو وڃي. اڻ ڄاڻائي، نااهلي ۽ تنگ نظريءَ سبب، "ڪل" جو تصور بہ ڪونهي. سيڪو جزي کي سڀ ڪجھ سمجهيو ويٺو آهي. "م"* جو ايکي بابت ننڍڙو مضمون بلڪل فرسٽ ڪلاس آهي. سٺو لکيو اٿس. ڳالهہ بن اکرن ۾ پوري ڪئي اٿس. ڪٽي اختصار جي بہ وڏي ضرورت آهي. آءٌ باهر هجان ها تہ پانيان ٿو تہ ڳالهہ جي ڪا منهن مهاڙ ڪرڻ ۾ هٿي ملي ها. ها، اڄي توبہ زاري ڪرڻ ڪانپوءِ اڄ وري قاسي گهاٽ جي قيديءَ جي منٽ تي سندس ڪيس بابت راءِ ۽ صلاح ڏيڻ قبول ڪري ويٺو آهيان! هاڻي ٻئي ٽئين ڏينهن ماٺهو ڪنڌ تي چڙهيو بيٺو هوندو تہ "هڪدم ڪيس پڙهي، اسانکي راءِ ۽ صلاح ٻڌايو سا بہ لکي!" مهيني بن لاءِ جان ويل ۾ هوندي. "عقل بنا عذاب گهٽا سهندينءَ جندڙي" پر قاسي گهاٽ ۾ بند ٽيل ماٺهوءَ کي جواب ڏيندي بہ شرم ٿو اچي. وڃجي ڪيڏانهن؟

۸۲ -۵- ۲۸ پوٽا ست صبح.

وهنجي آيو آهيان. بي بي سيءَ تان آواز صاف ٿو اچي. هڪڙو ريڊيو ائن ٻيو سيل چٽ، چٽي پري بہ بجليءَ تي ريڊيو هلائڻ جي موڪل ولبي. نہ تہ ريڊيو بينڪ الاقوامي خبرن ۽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد لاءِ بي ڪار رهندو. فقط ايترو سڻاءُ پيو تہ برطانيہ حملو ڪيو آهي، سندس فوجون وڏي رهيون آهن، ارجنٽائين جوابي حملو ڪيو آهي، آمريڪا برطانيہ کي ميزائل ڏنا آهن ۽ ارجنٽائين جي احتجاج ڪري رد ڪيو آهي. خير هفتي بن ۾ اڃا ڪارا پڌرا ٿي پوندا! بهرحال سامراج جي گهر ۾ گهوٽالو وڏيو. "پرائي ڏيءَ تان کارک بہ ڇڳي" (يا ڏکو بہ ڇڳو!) بدمعاش وڙهيا ڀلا. "بڙي ميان تو بڙي ميان، چوٽي ميان بہ سبحان الله" آهن. فاڪلينڊ ۾ ارجنٽائيني فوجن جو ڪمانڊر بہ بٽياتي شيءَ آهي. ستن پيڙهين کان ولي عوام جو قاتل آهي، فوجي خاندان آهي. جڏهن بہ جمهوريت جي ڳالهہ ٿيندي آهي يا حڪمران ٽولو جمهوريت جو ڊونگ رچائيندو آهي، تڏهن هي خاندان بغاوت ڪندو آهي. ڏاڏي بہ ائين ڪيو، پٽس بہ ائين. هن لاڪيٽي جو فوجي تجربو آهي ئي اهو جو پنهنجو حق گهرندڙ هارين جي بغاوتن کي ڪچليندو ۽ جمهوريت جي گهر ڪندڙن جي صفائي ڪندو رهيو آهي. تاريخ جا عجيب کيل آهن. ڏکڻ آمريڪا ۾ سامراج جي گهوٽالي کي تيز ڪرڻ ۽ عوامي قوتن کي اتي پير رکڻ جي جاءِ

* "م" - پروفيسر عزيز الدين احمد، مظلوم قومن جو دوست پنجابي ترقي پسند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڏيڻ (ارجنٽائين جي رجعت پرست قاتل ٽولي، ڪيوبا جي انقلابي وزيراعظم، ڪاسترو کي پيغام موڪليو آهي! "جڏهن وين واهون تڏهن ٿري ٽيا فقير") لاءِ تاريخ ٻين سان گڏ انهيءَ ست پيڙهياتي عوام دشمن، قاتل ۽ سامراجي چاڙتي جناب برگيڊيئر جنرل ماريو مينينديز کان ڪم ورتو آهي!

۳۰- ۴ بجي شام. ننڊ آئي پر الائي ڪير آيو جو ڏٽي پئي. ٻڌ ننڊڙا گدرا ڪاڏا اٿم، انڪري آرايون پيون پوسرن. هتي جا گدرا ذري گهٽ سردن جهڙا آهن. قد ننڍو اٿن، باقي هونئن جهڙا سردا. ڪلهه رات امرتا پريتم جو "نوين رُت" مجموعو پڙهيم. امرتا بہ عجيب چيز آهي. شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، انشاءَ پرداز، ٽيليڪاسٽر ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا. (ڏسون اسلم جي امرتا ڪهڙو ٽي ٻوٽو ٻاري!) ڳالهيون اُهي ٿي ساڳيون پر نظر ڪمال جي:-

"رانجهن وي تيرا نان
پهلي ليتا مولوي، جس رکهيا تيرا نان
فير رانجهن رانجهن کردي رهي، تيري کرمان والي مان
رانجهن وي تيرا نان،
امڙي ني ليتا، بابل ليتا، ليتا فيربهرا ن،
پيٽا ليتا، پاپيان ليتا، ليتا ساري گران
رانجهن وي تيرا نان،
ڪسي نون دوش ڪوئي نہ ڏيوي، ڪري نہ ڪوئي منان.
پر تد ڪيون ٻڌي گناه وي رانجها، جد مين هير تتي، مونهون لان،
رانجهن وي تيرا نان."

"رانجهن ڙي تنهنجو نالو،
پهرين مولويءَ ورتو جنهن (تنهنجي ڪن ۾ بانگ ڏيئي) نالو رکيو.
پوءِ رانجهن رانجهن ڪندي رهي، تنهنجي ياڳ پري ماءُ.
رانجهن ڙي تنهنجو نالو
اُمڙ ورتو بابل ورتو. پوءِ پاٽرن ورتو
پيٽن ورتو، پاڃاڻين ورتو سڄي ڳوٺ ورتو.
رانجهن ڙي تنهنجو نالو
ڪنهڪي بہ ڪو ڏوهه نٿو ڏئي، ڪو ٻڌ ڪنهڪي منع نٿو ڪري،
پر تڏهن گناه چو ٿو بنجي ، ڙي رانجهن،
جڏهن آءٌ هير تتي، وات سان ولان ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رانجهن ڙي تنهنجو نالو."
جواب آهي:

"رانجهن تيرئ دا نان
ني هيري، رانجهن تيري دانان،
ڪي هويا جي مولوي لينداِ،
لي لينديِ امڙي، تي بابل وي لينداِ،
لي لينديِ ويرِ، بهابهيان وي لينديان،
تي پانوين لينداِ سب گران،
پر اڪ هيرئ جي تون نہ لينديِ، تان اڄ ڪون لينداِ اوهداِ نان،
صديان پچون اڄ وي ڪڙيان،
اپني اپني سڃڻ داِ، رکه ديندِيان نين رانجهن نان،
ني هيري! رانجهن تيري دانان!"

"رانجهن تنهنجي جو نالو"
ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو
چا ٿي پيو جي مولويءَ ورتو.
پلي امڙ ٻہ ولي تہ ابو ٻہ ولي،
پائر ٻہ ولنس ۽ پاڃايون ٻہ ولن هاِ،
پلي ڪٽي سڄو ڳوٺ ولي
پر ائي هير! جي تون هڪڙي نہ ولين هاِ،
تہ اڄ ڪير ولي ها سندس نالو؟!
صدين کانپوءَ اڄ ٻہ چوڪريون،
پنهنجي پنهنجي سڃڻ جو رکيو چڌين رانجهن نالو،
ائي هير! رانجهن تنهنجي جو نالو!

ق- زال تي ڪاوڙ، چي "ڪم جو خانو خراب ڪري چڏيائين." ٽي ويءَ جو مسئلو جلد ڏينهن ٻن ۾ حل ٿيندو. بند ٿيڻ جو وقت ڇهه بجه. دروازو بند نہ ڪرڻ جي ڳالهه. دماغ جي تازگيءَ جو نسخو.

امرتاپريتم جي ڪتاب جي ٻي ڪاپي سوکڙيءَ طور مجيد قريشيءَ کي ڏنم. ڏسون تہ ڪيس ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي يا نہ. امڪان گهٽ آهي. اڄ چڪر ڪونہ ڏيئي سگهيس. پٽ ٻہ ڪائي چڏيم. هاڻ رات جو چا ڪائبو؟ امير چئي ٿو تہ ڪدو ٿو تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريان. ٽرانسڪائين بابت ڪجھ ڪتاب پڙھيم. شايس آھي لينن کي ۽ سندس لڏي کي جن ھڻڻ لھاڙي، خر دماغ ۽ بيھودن ماڻھن کي برداشت ڪيو سندن عملي غدارين جا ڏڪ برداشت ڪري ۽ پنھنجو ذھني توازن برقرار رکيو ۽ کين نيٺ ڪُٽڻ ۾ ڪاميو. ھڻڙي زبان دراز بيماري ڪنھنکي چنبڙي پئي تہ پوءِ ان جو ڇڏڻ مشڪل! گھٽڻ ڏينھن کانپوءِ لينن جي لکڻين جا ٽڪرا پڙھيم. چا دماغ آھي! جڏھن ڪيس پڙھجي تہ تڏھن ماڻھو پاڻ کي ڪچي پاراٿي جو ڪٻابي ٿو محسوس ڪري. علمن جا ست سمنڊ پيٽ ۾، انھن کي کوزي ۾ بند ڪري سگھڻ جو ڪمال، علم دماغ تي سوار نہ پر ان ۾ ھضم ٿيل، انجو جوھر ۽ عطر ڪيندي رھڻ جو عمل سڏائين جاري، انکي عمل ۾ تبديل ڪرڻ جو سلسلو چالو، ھر فن مولا، عالم با عمل، سر تريءَ تي چئو طرف جنگ جاري ۽ سا بہ اھڙي ميڊان ۾ جنھنجي کھڙي ڳالھ ڪجي!

ڪرڙي ڪائي رت، پت نہ وجھي، وات ۾،
پڙ ۾ پھلوانن جي، ويٺي پرکي پت،
جنين نيڙ نہ نست، نينھن نہ لائي تن سين،
(خليفو نبي بخش)

ساڻگئي وقت ھارن جھڙو معصوم، درويشن جھڙو سادو، عاشقن جھڙو مجبتي ۽ نھنو! ھڻڻ ماڻھن جي صحيح ڳالھ کو لطيف ھجي جو بيان ڪري سگھي. اسان ھڻڻ کي تہ ماڻ اڇيو وڃي.

سريو سين سکوت، جوڳيءَ سندي ذات کان
(لطيف)

سچ تہ لينن جي ذات جو پورو پورو جلال، جمال ۽ ڪمال پسائي سگھڻ، ھڪڙي تخليقي معجزي کان گھٽ ڳالھ ڪانہ ٿيندي.

ڏري گھٽ سال کانپوءِ لينن جون ڳالھيون ٻڌي ذھن ھڪ دفعو وري انقلاب ۽ عوامي دوستيءَ جي آسمانن جو سير ڪرڻ لڳو.

ڪا جا آندي ڪيچين وٽڪاران وائي،
سُٽي مون سائي، نيٽين ننڊ وھ ٿيي
(شاھ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۵-۲۹ صبح جا ساڍا ست وڳا.

انگريزن ڀارون ٻيٽ تي قبضي جي دعوا ڪئي آهي: ريڊيو پاڪستان ببرڪ ڪارمل ڪي جنا ب ڪري پيو ڪوڙي (فلاڻي ڪي ڪوڙي اڄ! ڙي جي زبان) ("ر" جا ڙ ۾ الائي ڪهڙا حال آهن) يعقوب ڪيوبا ويو آهي. اعلان ٿيو آهي ته بلوچستان ۾ عورتون ڪائونسلن جون ميمبر ٿي سگهن ٿيون! گرفتار ٿيل قيدين تي پوري ڏهني قبضي ڪرڻ لاءِ هڪڙا پوليس وارا ڪيس ماريندا آهن، ٻيا سندس همدرد ٻڌا آهن. هڪڙي پاسي عورتن کان نالي تاتر انسائي حق ۽ ڪسي وڃڻ لاءِ هڪڙي يڪي لوڏ پئي لهي، ٻئي پاسي هي عنايتون ۽ ڪرم. سامراج هندو، يهودي، مسلمان ۽ ٻين پراڻن توڙي نون دينن ۽ ڏرمن کي نئين سر جيئرو ڪرڻ جي آڙ ۾ ٽين دنيا جي آڏ غلام غريب ۽ انقلابي عوام کي پنهنجي چاڙتن هٿان جساماني، روحاني، ثقافتي ۽ نظرياتي نازي لوڙهن ۾ بند ڪري رکڻ گهري ٿو. کين پنهنجي زرخريد پادرين، پنڊتن، ملن، پڪشوئن ۽ ٻين هٿان اهڙو ٻتال ۽ دهشت زده رکڻ گهري ٿو جو هو سامراج ۽ سندس چاڙتن جي ڦر لٽ ۽ غلاميءَ خلاف ٻڙڪ ٻولي نه سگهن بلڪ اها سوچ ئي سندن ذهن مان نڪري وڃي. هو اهڙا ڏنل ۽ هيسيل ڏور بنجي وڃن جو کين ستي ٻ ڇرڪ پيا پون ۽ اشاري تي حڪم جي تعميل ڪن. ان جي خلاف جيڪو تاريخي ردعمل ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو ٿيندو تنهن جي اڃ کين پرواه ڪانهي، پر سياڻي جڏهن ماڻهو نيٽ سمجهي ويندا ته ڪليسائين، مندرن ۽ مسيتن تي ڊالرن جي هن مينهن جو مطلب ڇا آهي، جڏهن ڪاري ڍڳي جا ڏڻي جاڳندا، تڏهن پاڻهي هر ڪنهن کي خبر پئجي ويندي ته گهٽين ويهين سئو آهي.

۸۲-۵-۳۰

رات ننڊ گهڻي دير تائين ڪا نه آئي. ڏاڍي گهٽ هئي. ان ڪري ڇڃ دير مختلف ڪتاب نظر مان ڪيندو رهيس. پنجابي شاعر هاشم شاه جو ڪلام ۽ ماسڪو ۾ رهندڙ آمريڪي صحافي هئري اسڪوارز جا جنگ عظيم ڪانپوءِ روس بابت ڪيل تبصرا. پراڻي زماني جا اهي تبصرا پڙهي دل ۾ عجيب ابتڙ احساس پيدا ٿيا. انبيون وڏيون پيون ٽين. گهٽيون ڪري ويون آهن، پر ايا ڇڃ ٻيٽيون آهن ۽ هاڻي منجهائن انڙين جي خاص خوشبوءُ پيئي اچي. ڪنهي مني خوشبوءُ! (وات ۾ پاڻي اچيو جي ڪنڌ جي تصور سان!) امير ۽ گيٽ وارن نمبردارن جي پاڻ ۾ ويڙهه چالو آهي. نوڪڙيءَ تي. ٻئي راند ۾ غش آهن. انب هيٺان لڳا پيا آهن. شاڪر شاه آيو هو، چاهه جو ڪوپ ٻ پيئندو مانيءَ جا سڪل ٽڪر ٻ گڏ ڪرائيندو پنهنجي مذهبي خيالن جي تبليغ ٻ ڪندو ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حَسَاب ۾ مونکي ٻہ "بنائيندو!". هونئن ماڻهو برو ڪونهي. رقيق جو نئيڙو ڏوهنو اسپتال ۾ بيمار آهي، بدن ۾ رت نهيس ٿو ۽ جيڪو نهي ٿو سو پيشاب ۾ نڪريو وجيس. ويچارو ڏاڍو منجهيل آهي. پر هي ۽ شاڪر شاه جنهن معاشري مان آيا آهن تنهن ۾ هر ماڻهوءَ جو ڪم آهي پاڻ کان وڏي ماڻهوءَ جي خوشامد ڪرڻ ۽ ڪيس وندرائيندو رهڻ. منجهائنس رڳو ڪم ڪيڻ ۽ منجهائنس ڪنهن ٻ قسم ٻڌي سچي همدرديءَ جي ٽوڪ نہ ڪرڻ. رفيق ان اصول پٽاندر پنهنجي پريشانيءَ کي لکائي، چرچا پوڳ ڪري مونکي وندرائيندو رهيو. پر ڏٺم تہ همراه جي اندر ۾ ڪا ڳاله آهي، رڳو پنهنجي "فرض ادائي" پيو ڪري. تڏهن وڃي خبر پئي. سچي ڳاله ٻڌائڻ کان پوءِ ٻ وري مونکي وندرائڻ جي "ڊيوٽي" ڏيڻ لڳو. آخر جڏهن مون تفصيلي احوال پڇيس ۽ چرچو پوڳ ڪرڻ نہ ڏنو مانس تڏهن ماڻهن وانگر پنهنجي اصل بيحد غمگين حالت ۾ آيو. زال جوانيءَ ۾ مري ويس. وري شادي نہ ڪيائين. ڏين ۽ پٽ کي ماءُ وانگر سانديائين. ڏهن ۾ ساه پساه اٽس. اوچتو ڇيائين "چون تا ڏهناڻا ڪميٽا ٽين تا" پوءِ مثال ڏنائين. ڳالهين جا ڳهيرِ تہ اهي ماڻهو آهن ئي. مون پنهنجي دستور موجب سچي ڳاله سمجهايس. مون ڇيس "اهي جاگيرداري وڏيرڪي سرداري معاشري جا ڪرتوت آهن جيڪو ڏهناڻي ڪي ڪميٽو ٽيڻ نہ رڳو بيڪاري ٽو پر ڪيس ان لاءِ مجبور ٻ ڪري ٽو. نہ تہ هڙ ٻار قدرتي طرح پنهنجي ماءُ جي ڪري ناناڻن کي سچو پيار ڪري ٽو. پر ڏاڏاڻن طرفان آهستي آهستي ڪيس پنهنجي ماءُ بابت ۽ ماءُ جي عزيزن بابت احساس ڪمتري ۽ احساس جرم ۾ مبتلا ڪيو وڃي ٽو. سندس نس نس ۾ انهن خلاف زهر پريو وڃي ٽو. فقط پيءُ سنو ۽ پيءُ جا مائٽ سنا. مرداڻي برتريءَ جي سماج ۾ اولاد ماءُ جو نالو ٻ نہ وٺي نہ تہ ماڻهو ڪلندا. "تون ڪٿجو پٽ؟" ٻار جو پهريون جواب آهي "امان جو!" ٺهڪڙا پڇجي ويندا. ڪيس شرمسار ڪيو ويندو. "اڙي بيوقوف چئو بابا جو." اتان قصو شروع ٿيندو ۽ سچي زندگي هلندو. سچي عمر ناناڻن بابت طعنا سهڻا پوندا ۽ انهن خلاف پروپيگنڊا ٻڌڻ ٻڌڻي آخر "چريا لوه ٻ تپيو پون" واري ڳاله ٽي پوندي آهي. ناناڻن سان نفرت ۽ انهن لاءِ حقارت مردانگيءَ ۽ غيرت جو پهريون شرط بنايو ويو آهي. سرداري ۽ وڏيرڪي سماج انسان جي انسانيت کي جيڪي روگ ڏنا آهن تن ۾ هڪڙو وڏو روگ اهو ٻ آهي....." منهنجي خيال ۾ ڳاله سمجهيائين. پهريائين ٽوڙو هڪو ٻڪو ٽيو، پر پوءِ ڳاله سمجهي مطمئن ٽيو.

۱۲-۳۰ بجا. ڪن زمانن ڪانپوءِ پندت اونڪرناٿ جو ڏاڪ پيرويءَ ۾ خيال "مت جا جوڳي، مت جا!" پٽيو ٻڌان. سبحان الله! هڪڙي "خيال" ۾ دل جي درياه جون ڪهڙيون ڪهڙيون نہ زوراور چولیون سمايل آهن! ڪن ماڻهن، گهڙين، شين، جاين، ڪلامن ۽ ڪتابن جو ڪيڏو نہ انتظار ڪرڻو پوندو آهي ۽ پوءِ نتيجو ڪڏهن توقع جي ابتڙ نڪرندو آهي! هن خيال ٻڌڻ جو مون ڪيڏا سال انتظار ڪيو آهي! شڪر جو اهڙو ئي زبردست آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھڙو سال اڳ لڳو. اڌ ڪلاڪ هليو. وڻ وڄائي ڇڏيائين. سنڌين کي به ڪلاسيڪي راڳ جي تعليم ونڊ گھرجي ۽ ان کي پنھنجي رنگ ۾ گھڙي ڪتب آڻڻ گھرجي. ڪلاسيڪي راڳ جي اندي پوڄا ڪرڻ ۽ ان کي اول ۽ آخر سمجھڻ به جھالت آھي (جيڪا هندستان ۽ پاڪستان ۾ عام آھي) ٻئي طرف انکي بلڪل نظر انداز ڪرڻ به سخت غلطي آھي. سنڌي راڳ کي پشتو، بلوچي، پنجابي ۽ بنگالي عوام جي راڳ مان به پورو فائدو ونڊ گھرجي. بنگال جا به راڳ (پوربا ۽ پنيالي) ته اسان کي خوب استعمال ڪرڻ گھرجن. چا اثر ۽ گھرائي آھي انهن راڳن ۾! ريڊيو تي ته خير ڪڏهن ڪڏهن هڪ پر ڏاڪا جي انجنيئرنگ انسٽيٽيوٽ ۾ فردوسي بيگم ۽ بدرالدين احمد کان جڏهن اهي راڳ ٻڌم تڏهن ايئن لڳو جڻ روح جي سمنڊ جي تري ۾ جيڪي درد ۽ سوز جيڪي احساس ۽ اڌما، ڪن جُڳن کان ڪل هڪ سي ڪنهن تاري شعور جي سطح تي آڻي ڪڍيا آھن.

(نو ون ازائن آئيلينڈ انٽو هم سيلف (No one is an island unto himself) "کو به ماٺهو پنھنجي سر سمنڊ جي ڪنهن ٻيٽ وانگرٻي دنيا کان ڪٽيل ڪونهي ۽ پنھنجو پاڻ ۾ پورو ڪونهي." قومون به ايئن آھن. ٻي دنيا جي ملڪن ۽ قومن جي ماضيءَ ۽ حال کان، سکڻ خوبين ۽ خامين کان ۽ ساڻن ڇاڻ ۽ سمجھ ۾ ڏات جي مٽا سٽا کان ڪٽيل ملڪ ۽ قومون، دنيا جي وھڪرن کان ڪٽجي گندي پاڻيءَ جا تلاءَ ٿي ويندا آھن. مڪانيت ۽ عالميت، قوميت ۽ بين الاقواميت جي وچ ۾ صحيح توازن ڳولهي لهڻ ۽ سڌائين صحيح حالت ۾ برقرار رکڻ ڪانسواءِ ملڪ ۽ قومون جھجھن جا جيس ۽ جوڙ رهي نٿا سگھن. سنڌ جو وڏي ۾ وڏو اميو اهو آھي جو اهو دنيا جي عظيم سياسي، ثقافتي ۽ تاريخي وھڪرن جي وچ سير کان اڪثر ڪٽيل آھي.

۲ بجا شام: ٿوري ننڊ ڪري اٽيو آھيان، شاڪر شاهه الائي ڪٿان گدرو ڦرمار ڪري آيو. سو گڏجي ڪاڏو سون. اهڙو منو ڪو نه هو. انجو مطلب ته منهنجو اهو جيڪو خيال هو ته هتي گدرا ٽين ئي سردن جهڙا منا، سو صحيح نه آھي. ڪي ٽين ڪي نه. اخبار پڙهي ستو هوس. جيل ۾ اخبار پڙهبي ڪانهي، سڄي چٽي ڇڏبي آھي. اشتهار به ڪي ڪي ته ڏري پرزي پڙهبا آھن. ڪلهه سعودي عرب، ايران کي شيطاني حڪومت سڏيو آھي. اقوام متحده ۾ ايراني سفير چئي ٿو ته صدام کي گرفتار ڪرڻو آھي. انگريز ارجنٽائين تي زور پوندا وڃن. لاطيني آمريڪا جي رياستن يورپ ۽ اتر آمريڪا خلاف نهراڻ بحال ڪيو آھي. آمريڪا علي لاعلان برطانيه جي مدد پيو ڪري. اڄا وڌيڪ ڪرڻ لاءِ تيار آھي. پر انگلينڈ ايتري بحري قوت ڪٿي آھي ۽ ڪيس آمريڪا ۽ چليءَ وغيره جي ايتري مدد پئي ملي جو ڪيس وڌيڪ مدد جي ضرورت ڪانهي. مولانا نوراني چئي ٿو ته "جماعت اسلامي دهشت پسند تنظيم آھي". ايم آر ڊي کي فاشسٽ ڪوٽيو اٿس. جماعتي قاضي حسين احمد چئي ٿو ته "اسين ملڪ اندر رهي جهموريت جي بحاليت جي جدوجهد پيا هلايون." خواجه خيرالدين چوي ٿو "پاڪارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزارتن لاءِ مذاڪرات پيو هلائي". بزنجو چئي ٿو ته "ايم آر ڊي سان ڳالهيون ختم نه ٿيون آهن، هلن پيون،" چئي ٿو ته "اُهي جدوجهد نه تا هلائڻ گهرڻ، اسين جدوجهد هلائڻ لاءِ ڪاپي ڏر جو اتحاد ناهيندا سيون". اصغر خان جي گهر ۾ نظر بنديءَ، کي ٻه سال پورا ٿيا آهن. منو پائيءَ جي ڪالم ۾ چيل آهي ته اردو جي ڇهين ڪلاس جي ڪتاب جي ڏهين سبق ۾ پٽاڻ ڪوٽ جي پارٽي هوائي اڈي مٿان يونس حسن خواجه شهيد جي بهادري، قرباني ۽ شهادت بابت جيڪو قصو بيان ڪيل آهي سو سڄو من گهڙت آهي. سرڪاري رڪارڊ موجب يونس ان اڈي ڏانهن ويو ئي ڪو نه! اهڙو واقعو ٿيو ئي ڪونه! يونس سنئين سڌي هوائي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيو پنهنجي منزل تي پهچڻ بنا، واپس مونڊندي. سندس منزل ٻه هلواڙه هيئي نه پٽاڻ ڪوٽ جو هوائي اڈو! عبدالعزيز خالد ۽ رياض فرضيءَ جي لائوڊ اسپيڪرن جي آزار خلاف مضمونن کان پوءِ محمد ڪريم نالي لکندڙ ان آزار بابت گهوڙا گهوڙا ڪئي آهي. ان شور کي "ڪينسر" جهڙي ناسور جو عذاب، "ناقابل معافي" جرم سڏيو اٿس. چئي ٿو "قرآن ۾ لکيل آهي ته بلند آواز گڏهه جو آواز آهي. عالمن سڳورن گڏهه کان ڪيئي دفعا وڌي آواز وارا لائوڊ ڪٽي هنيا آهن. مسجد خدا جو گهر آهي. خدا جا پاڻيسري امن ۾ هڻڻ گهرجن، پر اهي هت سب ڪان وڌيڪ آزار ۾ آهن. ان ڪري کو ٻه ماڻهو خدا جو پاڻيسري ٽيڻ لاءِ تيار نه آهي، ماڻهو پنهنجا گهر وڪڻن پيا، پر ولڻ وارو ڪونهي. ملائن جو ڪرنٽ ۽ ڊيجاريندڙ فل آواز ٻڌي ڊپ کان ٻار مائٽن کي چنبڙيو وڃن، جانور ٻه ڇڇيو وڃن." وڌيڪ چئي ٿو ته "ماڻهن مولوين کي ڳائيندي وٺ ڪنديءِ ڏسي پارٽي گانن جا ڪيسٽ ڪٽي ورتا آهن. انهن ٻه مولويءَ وانگر دڪانداري چالو ڪئي آهي"

شام جا پوٽا ڇهه. چڪر. منير چئي ٿو ٻاهران سارين جو پلاءِ گهرائي انبن جو پال ٿيا وڃون. انب ايترا ڪونهن ته ٻه سوڻ ڪرڻ جيترا ٿيندا. ڏسون اها اسڪيم ڪيتري قدر ٿي ڪامياب ٿئي. پهرين تاريخ ملازمن جو پهرو بدلبو. رفيق ۽ شاڪر شاهه ويندا. ائمنسٽي انٽرنيشنل جي خط سان گڏ جيڪا ڇپي آئي آهي تنهن جي هيٺيان لکيل آهي (اي ايڇ) سڄو ڏينهن سوچيم ڪيرٿي سگهي ٿو. اندازو لڳايمٺ ته عبدالحئي قريشي جيلر ٿي سگهي ٿو. اها ڳالهه اڄ حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ جيلر ۽ ڊپٽيءَ تي ٽيل فائرنگ جي خبر پڙهي خيال ۾ آيم. آمريڪي صحافيءَ جو ڪتاب ڪافي واقفيت ڏيندڙ ۽ سوچ پيدا ڪندڙ آهي. ڊاڪٽر برف جي ورندي ڪا نه ڏني آهي. ڪيترن ڏينهن کان جهموري اتحاد کي ڪشادو ڪرڻ بابت سوچيندو رهيو آهيان، پر تاريخي حالتن ۽ موقعن جي صحيح واقفيت نه هڻڻ ڪري کو ٻه صحيح رستو في الحال ذهن ۾ نٿو اچيٿ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۵-۳۱

صبح ۸ بجي.

اردو سروس. "فرمائش." تاريخ ساز پروگرام ۾ بڙ جي وڻ جي سازاھ ۾ ھڪ تقريز پڌم. واھ ڙي بڙ تنھنجا مان شان! ديرسان اٽيس. رات ننڊ ئي ڪا نہ ٿي آئي، سو اٿي ڪتاب پڙھندو رھيس. صبح جون خبرون ھلي ويون. 'ارجنٽائين جو الائي چا ٿيو؟ بھرحال جيڪي بہ ٿيو ھن کان پوءِ لاطيني آمريڪا اھا ڪا نہ رھندي جيڪا اڳ ھئي. آمريڪا جي سامھون واري ان جاگير جا ھاري ھاڻي جاگيردار ضاحب کي گھٽو وقت آرام سان موجون ڪرڻ کو نہ ڏينداء پنجن ڏھن سالن ۾ اھا ڏرتي سامراج لاءِ تپي ٽامڻي ٿي پوندي. "ٽائيگر آھديا اي ميري واسطي پاني ٽڙونکيا کرو..... نيڪ اي" امير ڪليو پيو چوي "ٽائيگر ٿو چوي تہ مون لاءِ پاڻي جي چٽڪار ڪندا ڪريو..... نيڪ آ." واقعي ٽائيگر لاءِ چٽڪار ٿي پيئي آھي ۽ مزي سان ليٽيو پيو آھي. قيد ۾ ڪن جانورن جا رعب آھن. چون ٿا تہ سڪر ۾ ابوبڪر وارن نور جو ٻچو پاليو ھو. ڪنھن ٻليءَ ان کي کائي چڏيو يا ڪجھ ڪيو. ٻليءَ کي گرفتار ڪيو ويو. وڻ سان ٽنگيو ويو مٿس ڪيس ھلائي. ڪيس سزاياب ڪيو ويو. ڪيس سنھڙن لکڙن سان ماريو ويو. طارق اشرف اھو حال ڏسي سخت بيچين ٿي ويو. سپرنٽنڈنٽ کي اطلاع مليو. آيو. مطلب تہ نور ۽ ٻليءَ جو ڪيس وڏو سياسي ڪيس بنجي ويو. 'ھونئن ٽائيگر آھي تمام خوبصورت، چست، چالاڪ ۽ مزيدار ماڻھو. عيب رڳو اھو اٿس تہ راند جي شوق ۾ ٽڪل ٽنل ماڻس تي اوچتو چال ڏيئي وڃي مٿان پوندو. ھوءِ ويچاري سڃي چرڪي ويندي. ٻيو پينٽ تي بي ايمان ٿيو پوي. ڪاڏي مھل پائئي تہ امان نہ ھجي رڳو آءٌ ھجان. وتائي وارا ڪم اٿس. وتائي جھڙو عقل ڪونھيس جو ٻيد جو وقت چتائي، ماڻھن جو طعام تيار ڪرڻ کان پوءِ سندن مرئي وڃ، ماڻس سان گڏجي طعام گڏ ڪرڻ ۽ پوءِ ان جو ٻہ مري وڃڻ ۽ "ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ"! واري اسڪيم تيار ڪري سگھي.

ميجر صاحب اڄ آزاد ٿي ويو. مون کيس پڙھيو ھو. ھن کان وڌيڪ خطرناڪ ثبوت مون کنھن ٻہ ٻئي کيس ۾ پنھنجي توڙي ٻئي ۾ نہ ڏٺو. پر قانون قانون آھي. خاص ڪري اڇلھ تہ آھي ئي قانون جي بالادستي! جڏھن کان ولي طبقا ٺھيا آھن ۽ دنيا ۾ حڪومت وجود ۾ آئي آھي، ڦورو طبقن پنھنجي فائدي لاءِ قانون ٺاھيا آھن ۽ انھن کي پنھنجي فائدن لاءِ عوام خلاف استعمال ڪيو آھي. سدائين ڊڪٽيٽر شپ رھي آھي. "جيڪو ڏاڍو سو گابو" "ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٺا" ڪڏھن ڪڏھن ھن اصليت مٿان "عدل ۽ انصاف" جا بخملي پوش ٻہ چڙھيل ھوندا آھن ۽ اھو ڪڏھن وڪرما جيت جو انصاف ڪڏھن عدل جھانگيري ٻہ سڏيو ويو آھي. پر ھر ٺھيل قانون جو جوھر ۽ تت ٿر لٺ ۽ ظلم جي واھيات نظام کي گھٽ ۾ گھٽ گڙ ٻڙ سان قائم رکڻ پئي رھيو آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلاب جو پهريون فرض آهي عوام جي فائدي ۾ عوام دشمن نظام جي خلاف قانون ناهڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ. تيستائين عوام دشمن قانون پلي موجون ماڻي ونن.

پنهنجي رت ۾ رينگو جهنڊو اپ تائين جهولينڊو
اهڙو ڏينهن به ايندو ساڻي، اهڙو ڏينهن به ايندو!
(اياز)

ڪجهه ڪم نه ٿو پهچي، رات جو سخت گهٽ ۽ ايس سبب ننڊ تمام دير سان اچي ٿي. ماٿو بدن مان بيزار رهي ٿو. پانڌي ته سنا ڪتاب هجن سي ويٺا پڙهجن يا پٽ شٽ هڻجن، پٽ شٽ هتي ڪنهن سان هڻجن ۽ خبرون به ڪهڙيون ڪجن؟ هتي اچڻ جي سيني کي سخت منع آهي، گيٽ جي پهريدارن جناب منير ۽ ٻين کي به عام طرح اندر اچڻ ڪونهي. اندر فقط آڻون ۽ ٽائون. آڻون ۽ امير پاڻ مڙ گڏ وهي سگهون ٿا. امير جي ڳالهه جو موضوع آهي ٽائيگر. منير جو موضوع آهي امو سيٽ چنهن وٽ رهندو هو. بس الله الله خير صلاح. مجيد قريشي جي گفتگو جو موضوع به جيل ۽ ان جو ڪم. امريڪي ڊاهي رالف والدوايمرسن، ماٿوءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ جهڙو تعليم ڊاهن جي صحبت ۽ سفر کي ضروري ڏهرايو آهي تهڙو اڪيلائيءَ کي. فقط پاڻ سان گڏ رهڻ وڏي دل گرديءَ جو ڪم آهي. ۽ سفر جهڙو بلڪ ان کان به وڌيڪ دلچسپ ۽ فائديمند آهي.

۸۲-۶-۱ سادا اٺ صبح.

وهنجي (سهسندي گرم پاڻيءَ سان) ناشتو ڪري، چڪر ڏئي آيو آهيان. اڄ امير جي وارد ڪان پاهر نه وڃي سگهڻ جي سزا ختم ٿي. هاڻي امير يڪو گهر ڪو نه ٿيندو. ننڊ اڌ رات تائين ڪا نه آئي. ديرسان اٺيس، صبح جون خبرون ٻڌي ڪو ته سگهيس. رات ٻڌيم. اندرا ڌيا کي خط لکيو آهي جيڪو نٿور سنگهه ڪٽي آيو آهي. رات، پاڪستان سان ڳالهين کي ملتوي ڪرڻ جو هڪڙو سبب اهو ته ڪو نه هو. جو اندرا گذريل چونڊن ۾ پاڪستان واري مسئلي کي ڪتب آڻڻ ٿي گهريو؟ آمريڪي پروفيسر، فارن ايسٽرن ايڪانامڪ رويو وغيره اندرا ۽ روس جي وچ ۾ ٽڏائي اچڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. اندرا کي ٻڌهي هندستاني ڪميونسٽ پارٽين جي مخالفت تي خاڙ ته ونندا هوندا ۽ جن سرمائيدارن جي ڪيس حمايت آهي سي مٿس ان باري ۾ نفسياتي توڙي ٻيو دٻاءُ ته ضرور وجهندا هوندا. بهرحال ٻنهي ملڪن جون حالتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄڪلهون آهن جو ڪنهن وقت تائين سندن تعلقات ويجهڙائي وارا ٿي رهيا آهن.پراڻا ايران جي عراق ۾ گهڙڻ خلاف صلاح ڏني آهي، ڇئي ٿي ان ڪري ٻين کي مداخلت جو موقعو ملندو. ڇئبو روس ڪنهن وڏي ممڻ جو خطرو ڪٽي آمريڪا کي سونهري موقعو ڏيڻ نه ٿو چاهي. حالانڪ صدام بدمعاش ۽ رجعت پرست عرب حڪمران ٿولن کي جيتري سزا خميني ۽ وارا ڏين سا ٿوري. سعودي عرب ته اڳهاڙو ٿي بيٺي رهيو آهي. ڇي خميني جي حڪومت شيطان جي حڪومت آهي ۽ سامراج دشمن حڪومت سان رجعت پرست عرب حڪمران ٿولا تعلق ختم ڪري ڇڏين. منهنجي خيال ۾ وچ اوپر ۾ طاقت جو توازن وري آمريڪا جي خلاف ٿي رهيو آهي. امريڪا جا چاڙتا عرب حڪمران ٿولا هاڻ آهستي آهستي سخت دٻاءُ هيٺ اچي وڌيڪ اڳهاڙا ۽ خوار خراب ٿي رهيا آهن.

(هان ميري جيسي حسيئه ڪا دل جسي مل جائي!) اڌ انگريزي گانو، اڌ انگريزي ڏن ۾. اردو سروس باهر ٻاريو ٻيٺي آهي.

ارجنٽائن ڇيو ٿي ته شهزادو ائنڊريو وارو جهاز ناقابل شڪست (Invincible) انوينسيبل سخت ڏکيو آهي ۽ بڏندي ڏنو ويو آهي. جي ٻڏو هوندو يا سخت ڏکيو هوندو ته انگريزن کي ڪافي صدمو رسندو.

۷ بجا شام. بي بي سي ڇئي ٿي انگريزي فوجون پورٽ اسٽينلي کان ۲۱ ميلن ٿي لڙي رهيون آهن. اسلامي نظرياتي ڪائونسل نئين سياسي ڏانچي بابت اڄڪلهون تجويزون ڏنيون آهن جيڪي ون يونٽ کان به بد تر اڳوڻو آمراڻ نظام قائم ڪنديون جيڪو علاءُالدين خلجي، محمد تغلق ۽ ارغون ترخان ۽ نادر شاهه جي راڄ جي ياد ڏيارينديو. اهو سڀ اسلام جي نالي ۾ ٿيڻو آهي. پوپ صاحب پرانيسٽن جي چرچ ۾ عبادت ڪرڻ کان سواءِ يهودي ربين (ملن) ۽ مسلمان عالمن سان به ملاقاتون ڪيون آهن. سامراج مذهب کي هاڻي عالمي پيماني تي استعمال ڪري سڀورن رجعت پرستن ۽ عوام دشمنن کي متحد ڪري سڄي دنيا ۾ مذهب جي نالي ۾ عوام جا صدين جي جدوجهد کان پوءِ هٿ ڪيل انساني ۽ جمهوري حق کانئن کسڻ گهري ٿو. پاڻ چگو. دنيا جا مظلوم عوام ڏهن ويهن سالن جي جدوجهد ۾ هڪڙي ٿي ڏک سان دنيا جي سمورن مذهبن کي استعمال ڪندڙ دين فروشن ۽ مذهبي ٺيڪيدارن ۽ سندن آڳاڻين ۽ انهن سڀني جي آڳاڻين کي سڃاڻي ويندا. هونئن الائي ڪيترو زمانو لڳي ها. هاڻ ماڻهو سامراجي چاڙتن واري هٿرادي هندو ڏرم، نام نهاد "اسلام"، يهوديت ۽ عيسائيت جو اصل مطلب سمجهي ويندا!

ڪلهه ميجر موڪلائڻ آيو. ڏسڻ جهڙي چيز هو. باهر بدڙ آهي. ڏڏي هوا پئي لڳي، پر ڏوڙ گهٽي آهي. سلمان رشدي جو انگريزي ناول (مڊ نائيٽ چلڊرين) "آدي رات جا ٻار" شروع ڪيو اٿم، ڪتاب جي تعريف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو ڪريو مغربي اخبارن جا نقاد مٿان ٽيو ڪريو پون .سندس پيٽ نيپال ۽ ميلان ڪنڊيرا سان ڪن تا جيڪي انگريزيءَ ۾ لکندڙ ٽين دنيا جا "مشهور" ناولسٽ آهن . نيپال ته خيرن سان جديد رجعت پرست آهي ، ڪنڊيرا جي خبر ڪانهي ، چورن جا پائر ڳنڊي چوڙ. هن کي ڏسون، هيستائين ڪردار نگاري بوگس آس، ڏسون اڃان من کو ٻوٽو ٻاري .

منهنجي خيال ۾ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جون تجويزون ۱۹۷۳ع جي آئين جو تختو بلڪل اونڌو ڪرڻ جي مترادف آهن جنهنجي سزا آئين مطابق "سزائي موت" آهي. منهنجي خيال ۾ اعليٰ عدالتن ۾ آئين ۽ قانون جي موجوده حالتن ۾ بہ گهٽ ۾گهٽ ڪائونسل جي ميمبرن خلاف آئين جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ بچ ڪرڻ جي الزام هيٺ مقدمو داخل ڪري سگهجي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ ان لاءِ ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. اهڙي ڪوشش ضرور ٿيڻ گهرجي چاهي ان جو نتيجو پلي ڪجهہ بہ نڪري .

گهوٽيتن جي مذاق اڏائڻ لاءِ جيڪي ڳيچ زالون ڳائيندیون آهن تن کي لاڙ ۾ هيرا چٻو آهي. هتي انهن کي چون "سنٽيون." اهي هت پنجاب ۾ باقاعدي ريڊيو تان بہ ايندیون آهن ته ادبي ڪتابن ۾ بہ چپيون آهن . هڪڙي سٽ بار بار ورجائبي آهي "وي نلجيو لج ٽانون نهين" "اڙي بي لڄا! توهان کي شرم ڪونهي." سنٽي وڃي پيئي.

۸۲ -٦- ۲ صبح سادا ست.

بلاسي ڪوئي هات ملتا رهي
تيراحسن سانچي مين ڍلتا رهي

اردوسروس. ڪرونا ، عرش ملسياني جو غزل پئي ڳائي . ڏن عجيب آهي ۽ آواز اڇا بہ وڏيڪ دلفريب. حضرت عرش هندستان جي مشهور اردو شاعرن مان آهي ۽ هندو آهي.

مجيد قريشي سپريم ڪورٽ لاءِ اپيل تيار ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي هڪڙي ججمينٽ موڪلي آهي. پڙهي ڏٺي اٿم، ڳالهہ سنئين سولي ۽ڪيرڏوتي آهي. ان ۾ اپيل جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ تعلقي لاهور جي ڳوٺ پراڻا خان جي هڪڙي پنجابي خوشي محمد ماڇي جي نوجوان پٽ برڪت کي پنهجي عزيزياڻي الله رکي زال محمد بوٽا وٽي ويئي. بد قسمتيءَ سان الله رکيءَ کي برڪت نہ وٽيو . عزازت جي آڙ ۾ برڪت کيس ڪئين مارون ڏنيون، پر الله رکي قائل نہ ٿي سگهي . لاچار ۲۲ جون ۱۹۷٦ع تي صبح جو نوڻين ٻجي ڌاري برڪت مسئلي جو "آخري حل" ڪرڻ لاءِ الله رکيءَ کي ڇرا هٽڻ شروع کيا. هوءَ پڇندي اچي حسن الدين آرائينءَ جي گهر ۾ ڪري. برڪت باقي ڇرا اتي اچي هنيس . ڪل ارڙهن زخم آرپار ڪيائين . الله رکي موڪلائي ويئي. حسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الدين جي ننهن شهناز ۽ ٻيا راڄ شاهد، ڏينهن ڏڪوبچاءُ اهو ته "هونڪي خبر ڪانهي". وڪيل لاءِ پئسو ڪوبهي. هونئن اهي به هن حالت ۾ چا ڪري سگهن ها؟ سيشن طرفان ۱۹۷۸ ۾ ڦاسي، هاءِ ڪورٽ جي جج محمد رفيق ۽ سهراب خان طرفان ۳۰ مارچ ۱۹۸۲ع تي ڦاسيءَ جي سزا بحال. الله رکيءَ جي حسن کي سانچي ۾ ڊالجندو ڏسي حضرت عرش ملسياني وانگر هٿن مهٽڻ جي بدران هٿ جي صفائي ڏيکاريو، ويچاري برڪت کي مهانگي پئجي ويئي آهي. ڇهه سال قيد ۾ تي ويا اٽس. اڳتي جي خبر خدا کي.

مادام سوئچائين چو هيءَ قول پڙهيم! "جن گهٽو سنو آهي سي انهن وانگر آهن، جن کي گهٽيون ٻوليون اچن ٿيون. انهن ماڻهن ٻين سيني ماڻهن کي سمجهڻ ۽ انهن کي پنهنجو پاڻ سمجائڻ سکي ورتو آهي." ۽ ڪنهن نامعلوم داناءَ جو هي قول به پڙهيم ته "مصيبت بيوقوفن کي تنگ ڪري ٿي، گيدين کي مايوس ڪري ٿي، ڏاهن ۽ جفاڪشن جي ڪل صلاحيتن کي باهر ڪڍي ٿي ۽ ڪاهلن کي محنتي بنائي ٿي." يوناني ڏاهي پنداڻ پوڙهيڻ (جنهن مان راڄ ٻيزار آهي) تنهن لاءِ هيئن چيو آهي "قربائتي ۽ آبروءَ واري پوڙهيڻ لافانيت جي ٻالپسڻ آهي."

شام ۷ ٻجا. ريڊئي جي تار همراهه پُل ۾ ڪيي وڏي. تار اسان مان ڪنهن کي ڳڻيڻ ڪانه اچي. ڦهرائڻ موڪلي اٿم. اڄ شام جو چڪر ڪونه ڏنم. گرمي ڇڄ آهي. پکو هلي پيو پر گهٽ ئي محسوس ٿئي. ايا بسم الله آهي، هتي جي گرميءَ جي. ڪافي فلڪون ڏيکاريندي. آڪٽوبر جي پچاڙيءَ تائين هلندي. سيارو وري اپريل جي اڌ تائين هلندو. ڪم الاهي رهيا پيا آهن. تنهن ڏينهن ڪمپائونڊر شريف چئي ويو ته رت جي ٽيسٽ جو نتيجو مهيني کان پوءِ هن مهيني جي ٢٢ تاريخ ملندو. مطلب ته تيستائين بيماريءَ جي سچاڻپ جو ڪم ملتوي. منهنجيون بيماريون همشيم ڪئين سالن کان پوءِ تڏهن سچاڻيون آهن جڏهن اهي منهنجا ڪم لاهي ڇڏيندیون آهن. هاڻي به ايئن. جيل ۾ هينئر لاڳيتا اڍائي سال اها غير معمولي سرديءَ جي تکليف هلي آهي. ايا خدا کي خبر آهي ته "ڪاله آهي چا؟" بهرحال هاڻ ائٽمي همراهن کجه پير ڪُر ڪيو آهي. وڏيڪ ڏسجي. هر بيماري سالن چا سال نامعلوم رهي آهي ۽ هر بيماري ڏري گهٽ تباه ڪري ڇڏيو آهي. هر هڪ تي منهنجي وت کان باهر اسان جي حساب سان بي انداز خرچ آيو جو هر پيري ٻابا ڪيو ۽ آءٌ سندس بيماري تي اٽ آنا به خرچ ڪري نه سگهيس، هڪ ته علاج باقاعدي ڪرڻ ئي نه ڏي، ٻيو پچاڙي ۾ آءٌ اچي هتي رسيس. هر پيري علاج جو بحران پاڻ سان ٻڌي ٻيا بحران شامل ڪري آيو! قصو بحران واڌو بحران نه پر بحران ضربيان بحران بنجي ويو. هاڻ اڍائي سالن کان لکپڙهون پيون هلن، پر سهي جون ٽنگون ٽن مان ٻٽ ٽيڙ لاءِ تيار آهن، چار ٽيڙ لاءِ نه. منهنجي خيال ۾ مون قيد جي دستوري تکليف ڪان ٽيڙو بلڪ ان کان به وڏيڪ امڪان هو ته صبح جو ماڻهو الائي موجود هجي الائي نه!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر دفعي ڏهني طور ڀاڻ کي هر قسم جي نتيجي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، هڪڙي دفعي ته پڪ ٿي ته قصو ختم ٿيو. اهو اڳوٽي "جمهوري ۽ عوامي" حڪومت جي دور ۾ ٿيو (جمهوري عوامي حڪومت= پيپلز پارٽيءَ جو وڏيرڪو ڊڪٽيٽري راڄ). جڏهن آءٌ خيرپور جيل ۾ هوس ۽ خيرپوز کان حيدرآباد ڪيس جي شنوائي تي آيو هوس، اتي بيماريءَ جو انپڪ ٿيو. قومي اتحاد جي تحريڪ هلي پئي، ڊاڪٽرن جي هڙتال هئي. ڪئرولينيي وارد ڪليل هو، پر سرڪار نامدار جي منع هئي تہ سواءِ ڪيل حڪم جي هنن قيدين جو علاج نہ ٿئي. سول اسپتال جي ڊاڪٽرن سڀئي هٽڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو. سفر ناممڪن. ڊاڪٽر لهي ڪونہ. ان بيماريءَ جي سلسلي ۾ اسلم ۽ ساٿي جبل جي همت ۽ احساس، نندڙي اياز جي لاڳيتي حاضريءَ ۽ خدمت هونڪي سڄي عمر ياد رهندا. ان ڏينهن آءٌ صحيح معنيٰ ۾ هڪ پل ۾ موت جي منهن مان ايئن بچي ويس جيئن ڪار جي خوفناڪ ائڪسيڊنٽ ۾ ٽنگ ٽڪري وئي پر جان بچي وئي، هتي بہ منٽن جا سودا هئا. اسلم پنجن منٽن ۾ الائي ڪٿان، الائي ڪهڙو ڊاڪٽر پيدا ڪري نہ ونبي ها تہ مسئلو "حل" ٿي وڃي ها.

پر بيمارين جو مڪيہ ڪارڻ منهنجي ڇهالت پئي رهي آهي. مون ڪتابن ۾ لکيل هڪ طرفين ۽ سطحي ڳالهين کي سو فيصدي حقيقت سمجهي انهن تي لفظ بہ لفظ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مثلاً جي "ستراط تو چئي ماڻهو جيئن ٿيا کائڻ لاءِ ۽ آءٌ کان تو جيئڻ لاءِ" مون نتيجو ڪڍيو تہ "ماڻهو بہ ڳراہ ڪائي بہ نہ مڙي تہ پوءِ ٽين گراهن کائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ڄاڻہ جي چئن ڪوپڻ سان بہ ختم ٿي وڃي تہ پوءِ باقائدي ماني کائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟!" جي "پاڻ کي سختين تي هيرايو" "مجاهد ٿيو!" مون سياري ۾ ڳرم ڪپڙا پائڻ جو ڇڏ قسم ڪٽي ڇڏيو. ٽوپي بہ نہ، رات جو سوڙ بہ نہ. سڄي رات سيءَ ۾ ننڊي ۽ جاڳندي صبح ڪري ڇڏيو. وري پي رات ائن. ائين سال گذري ويا. مون زندگيءَ جي جسماني ۽ مادي پاسي کي خيال پرست فلسفي جي اثر هيٺ نظر انداز ڪري ڇڏيو. مون سمجهيو تہ سڀ خيال، سڀو ذهن ۽ سڀ عمل ئي سڀ ڪجهہ آهن. انهن جو جسم سان، صحت سان، ڪاڏي سان، شيءَ واءَ کان بچاءَ سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. مطلب تہ سڄو زور ويڙهہ تي. بچاءَ جو خيال ئي نہ، بلڪ ان کي بزدلي سمجهڻ. حالانڪ خيال مادي مان ئي پيدا ٿين ٿا. آسمان مان ڪونہ ٿا نازل ٿين. بيمار جسم ۾ پس‌وپيش بيمار خيال ئي وڃي رهندا. اها خبر مونکي "ڏاڍي دير سان پئي!" تڏهن پئي جڏهن ان غلط سوچ مون کي ڏري گهٽ تباہ ڪري ڇڏيو. وري بہ شڪر ٿيو جو بابا جا هٿ رسيمہ پاڻ ۾ بہ ڪجهہ ارادي جي مضبوطي هئي، ڪجهہ جسم بنيادي طرح سختين تي هريل هو. سڀ ڪان وڏي ۽ بنيادي ڳاله تہ جدلي ۽ سائنسي سوچ ۽ عمل جي واٽ هٿ آئي جو ماڻهوءَ جو ڪجهہ نہ ڪجهہ بچاءُ ٿي ويو. بهرحال منهنجو تحت‌الشعور ايڏا تائين بہ انهن ڳالهين ۾ خيال پرستيءَ ۽ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفائيءَ جو شڪار آهي. ان خلاف جدوجهد جاري آهي. اها جدوجهد مون اٽانگين کان، اٽانگين حالتن ۾ بہ جاري رکي آهي. شڪر آهي جو مون هر وقت ڪتابن، ماڻهن ۽ زندگيءَ کان نئين سکيا حاصل ڪرڻ، نوان آزمودا ۽ تجربا ڪرڻ، ڏهني ۽ عملي نيون چيزون تخليق ڪرڻ، پنهنجي غلطين کي ڳولهڻ، انهن جو قبولدار ٿيڻ، انهن جو اطلاع ڏيڻ ۽ انهن خلاف وڙهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪڏهن بہ مڪمل طرح نہ ڇڏي آهي. ٿورن وقتن جي ڳالهہ ٻي آهي. منهنجي خيال ۾ غيرت ۽ جوانمرديءَ جو روپ هڪڙو ڪونهي، بيشمار آهن. پنهنجي خيالن ۽ ڳالهين مان جيڪي غلط ثابت ٿين تن کي ڇڏيو رهڻ ۽ انهن خلاف وڙهه نہ ڪرڻ هڪڙي باضمير ماڻهوءَ لاءِ غيرت ۽ جوانمرديءَ جو مسئلو آهي. هڪڙي سچي انسان لاءِ ان کان وڏي بي غيرتيءَ ۽ بي همتيءَ جي ڳالهہ ڪانهي جو هو پنهنجي غلطي ثابت ٿيڻ تي سمجهڻ کان پوءِ بہ اها مڃي نہ سگهي، ان کي ترڪ ڪري نہ سگهي، ان خلاف جدوجهد نہ ڪري سگهي ۽ ان کي ڇڏيو پيو رهي.

منهنجو خيال آهي تہ صحيح باضمير انسان اهو آهي جنهن کي جيڪڏهن مرڻ کان صرف هڪ منٽ اڳ پتو پوي تہ هن سموري زندگيءَ ۾ جيڪي سوچون ۽ عقيدا رکيا سي غلط هئا ۽ سندس سموري زندگي رائگان ۽ فضول گذري ويئي، تہ هو ان ڳالهہ جو اعلان ڪري پوءِ دم ڏئي تہ "مون سموري زندگي جيڪي سوچيو ۽ ڪيو سو غلط هو!" فقط ان روپي تي سختيءَ سان قائم رهڻ سان ئي ماڻهو حقيقتن جي ڳولا ۽ عمل جي سچائيءَ تي ثابت قدم رهي سگهندو هوتئن نہ آءٌ پاڻ کي ڏهني طرح هميشہ ان موت کان هزارين دفعا وڌيڪ خوفناڪ گهڙيءَ لاءِ تيار ڪندو رهندو آهيان جڏهن ماڻهوءَ کي اوچتو اهو معلوم ٿي وڃي تہ منهنجا پياري ۾ پيارا خيال، ويساه ۽ عقيدا غلط ۽ بي بنياد هئا، منهنجا جوش ۽ ولولا گمراهيءَ تي ٻڌل هئا ۽ منهنجا عظيم ڪارنامہ فضول ۽ واهيات هئا، جيڪڏهن اهڙي پيانڪ گهڙي خدانخواسته آئي تہ مونکي يقين جهڙي اميد آهي تہ آءٌ هزارين موٽن کان بدتر انهيءَ موت کان منهن نہ موڙيندس ۽ پنهنجو فرض پوري همت سان ادا ڪندي، حقيقت جو نہ رڳو اعتراف بلڪ اعلان ڪري سگهندس.

ٻئي طرف حقيقت کي ڄاڻي سڃاڻي ۽ سمجهي ماڻ بہ نہ ڪبي.

ڄاڻي سڃاڻي وهان ڪيئن ماڻ ڪري؟!
(شاهہ)

هو ڀلن آءٌ وهان تہ ڪو ائن جڳائ!؟
(شاهہ)

مڙيئي رڪارڊ جي پورت بہ ڪانہ ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻريائي ٿو ٻاڻ ڦوڪ ٿو لڳي انبرين!

مونکي مجموعي طور پاڻ بابت ڪوبہ احساس ڪمتريءَ يا بنيادي پيڇاڻ ڪونهي، بلڪ آءٌ زندگيءَ جو بيحد شڪر گذار آهيان، جو ان مونکيٰ هن کان بدتر نہ ڪيو آهي. مونکي خوشي آهي تہ زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ هن ملڪ جي ماڻهن جي جدوجهد ۾ آءٌ بہ شامل آهيان ۽ پنهنجي پتيءَ جي ڏيوٽي ڏيئي رهيو آهيان. ان ڳالهہ تي بہ مونکي بيحد خوشي بلڪ فخر آهي تہ ميڊان جدوجهد ۾ آءٌ همشيہ عوام جي صفن ۾ رهيو آهيان ۽ نہ انهن جي دشمنن جي صفن ۾. هن ملڪ ۾ سياڻي لاءِ اڄ جيڪي نوان ٻج پيا پوکجن، تن ۾ مون سميت اسان جي ساڻين بہ پنهنجي پتيءَ جا نوان ٻج پوکيا آهن. انهن کٽن مان سياڻي ڀتيناً کيڍ ٿيندا.

پر انهن شينهي ڳالهين جي باوجود منهنجي زندگيءَ جو کيڏو نہ وڏو حصو اڻ ڄاڻائيءَ، جهالت، وهم، خوف، انديشن، فضول جاکوڙن ۽ لا حاصل پندن ۾ برباد ٿيو آهي! مونکي هڪڙي وک صحيح کٽڻ لاءِ ڏهہ وکون اوجهڙ ۾ رلڻو پيو آهي. هر شيءَ لاءِ زندگيءَ مون کان بازار جي اڳه کان سؤڻي وڌيڪ قيمت وصول ڪئي آهي. هر منزل تي آءٌ تڏهن پهتو آهيان، جڏهن ان جي ڳولا ۾ ڏکا جهلي جهلي، سهڪي سهڪي ايترو بيزار ٿي چڪو هوندو آهيان، جو اها منزل مون لاءِ ڏري گهٽ بيڪار ۽ بي معنيٰ ٿي چڪي هوندي آهي: ڏاڍي طرح منهنجي جاکوڙ جي خرار ترن مان تولو بہ تيل جو مس ٿيڻي حاصل ٿيو آهي. جڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ کي حاصل ڪري، ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جو وقت ٿيندو آهي تڏهن الائي ڪيئن ۽ الائي ڇو اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي يا تہ اها سون مان قري پتل ٿي پوندي آهي يا آءٌ ڪيڏانهن ٻئي ڪنهن مسئلي ۾ اڙ جي غائب ٿي ويندو آهيان!

آءٌ پانيان ٿو ان ۾ منهنجي ذات جي دخل سان گڏ جن غير معمولي حالتن جي آءٌ پيداوار آهيان تن جو بہ دخل آهي. مثلاً آءٌ اتي جايس جتي اناج جي ڪوٺ، پاٽيءَ جي ڪوٺ بلڪ چانو جي بہ ڪوٺ آهي. ڳوٺ ۾ دهل بہ نہ وڄي ڇو تہ اهو حرام آهي. ماڻهو حق تي چوندا آهن "هنن پليجن جو گهوٽ ائين پيو ويندو جين کو جنازو ڪنيو وڃي!" منهنجي زماني ۾ راند بہ حرام هئي. بدعت! جڏهن آءٌ پڙهڻ ويٺس تڏهن انگريزي اسکول تہ ٺهيو سنڌي اسکول بہ ٺهيو پر ملان مڪتب ۾ پڙهڻ بہ حرام هو. مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ بابا وڏي ملان مڪتب ڏي وڃايو تہ ان کي اسان جي ڳوٺ جي ميانجين (ملن) ناجائز ۽ حرام ٺهرايو ڇو تہ ان ۾ ڪٺ مٺ بہ پڙهايو ٿي ويو رڳو قران پاڪ نہ. ٺٽي واري مولويءَ کان بہ فتوا ولي آيا. مونکي اڄ بہ اهي راتيون ياد آهن، جڏهن ملان مڪتب خلاف راڄ گڏ ٿيندا هئا، سڄي رات ڪتا ڀهندا (پونکندا) هئا، وڏا وڏا ڳالها ٿيندا هئا، ڳوٺ تي خوف ۽ دهشت طاري هوندي هئي. نيٺ جڏهن بابا وڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مڙيو ۽ فتوائن جي باوجود ملان مڪتب وجهايائين تڏهن پڻ اسين جيڪي ان جا پهريان شاگرد هئاسين سي ڪو ماٺهو ايندو هو تہ پنهنجا سنڌي ٻاراڻا ڪتاب لکائي هڪدم وڏي سڏ.واڪا ڪرڻ شروع ڪندا هئا سون"الف زير نو نا يي زير،ني اِني،" متان ڪافرن وارو سنڌي الف بي وارو ڪتاب ماٺهو ڏسي نہ ولن! ميان جي طيب کي جوڙ ڪٽ ايندي هئي سا اسانکي سيکاري پوءِ ضرب وڌڻ لاءِ وري وڃي ملان ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهيو. اهڙيءَ ريت مون لاءِ زندگيءَ جي ڏري گهٽ هر شيءَ ممنوع رهي آهي. جيڪا ڳالهہ ٻين لاءِ عام، معمولي ۽ دستوري سان منهنجي حالت ۾ زلزلن ۽ طوفانن جو باعث بنائي ويئي.

ان جي جواب ۾ منهنجون زندگيءَ ڪان تقاضائون بہ ٻين جي ٻيٽ ۾ سئوڻيون وڏي ويون. مون سيکجهہ حاصل ڪرڻ ۽ سيکجهہ ٽيڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجي ڪوشش معنيٰ ننهن چوٽيءَ جو زور. للهيون سڏون ڪرڻ مونکي اڃن ڪونہ! ڪا ڳالهہ ڇڪي آهي تہ ان جو مطلب ٽيو تہ اها ضرور ڪرڻ گهرجي ۽ چا ۾ ٽي پوپ ڪرڻ گهرجي، هر قيمت تي ٽيڻ گهرجي.

ٽورو سمجهہ ۾ريو ٽيڻ ڪان پوءِ مون جيڪي ڪجهہ ٽيڻ لاءِ سرٽوڙ ڪوشش ڪئي تن ۾ غازي محمد بن قاسم جهڙو فاتح ٽيڻ، شرلاڪ هومز جهڙو افلاطون جاسوس ٽيڻ، آرسين لوپن جهڙو ڏاڪو ٽيڻ، اقبال جو مومن ۽ شاهين ٽيڻ ۽ بدعتن جي پاڙ پٽيندڙ وهابي عالم ٽيڻ بہ شامل آهن . سمورن رومانوي ناولن جي بهترين ڪان بهترين هيرن جهڙو هيرو ٽيڻ ان ڪانسواءِ. البت مٿرڪ ڪانپوءِ پورهيت انقلابي ٽيڻ جو فيصلو ٽيو جو قائم آهي. پر ان سان گڏ بهترين وڪيل ٽيڻ ،بهترين اديب ٽيڻ، بهترين نقاد ٽيڻ جا پروگرام بہ شامل. هاڻ اهي سڀ ڪم هڪڙو ماٺهو ساڳئي وقت ڪري تہ ڪيئن ڪري؟ هر ڪم هڪ سڃي عمر جي تقاضا ڪندڙ.

هزارون خواهشين ايسيڪ هر خواهش پہ دم نڪلي
(غالب)

زندگي ريگزار آ جنهن ۾ چو طرف آرزوءَ جا ڪانڊيرا
(ايار)

تنهن ڪان سواءِ زندگي جو واسطو بہ جنگشاهيءَ جي ٺڪرن جهڙن، سخت ۽ غير لچڪيدار ماٺهن سان. بسم الله بابا سان. "زمين جبند نہ جبند گل محمد." پوءِ امان. پوءِ سڄو گهر ۽ قبيلو. ڪوڙيءَ کي گهيرو. ردعمل ۽ بچاءَ طور مون ۾ سختيءَ جي مقابلي ۾ سختي پيدا ٽيڻ ۽ وڌيڪ سختيءَ جي مقابلي ۾ اڃا بہ وڌيڪ سختي پيدا ٽيڻ. نہ تہ ڇپون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ کي ڀڄي پور پور ڪري ڇڏيندا! سختي معنيٰ اڃائي سختي بہ. سختي معنيٰ مخالفت ۽ اڪثر ڀاڪر سبيل الله بہ! تان جو زندگيءَ جو هڪڙو پل گذارڻ بہ هڪ چئلينج کي منهن ڏيڻ هڪ آزمائش مان پار پوڻ ٿي پيو. کاڏو نہ. ننڊ نہ. سکون نہ. ۲۴ ڪلاڪ ويڙهہ، جسماني، ذهني، نفسياتي، روحاني، اقتصادي ويڙهہ. سڄي جهان سان، سموري زندگي سان ويڙهہ. وندر بہ ڪمہ، خوشيءَ ڪرڻ بہ ڪمہ، مرڪ ۽ ڪلهہ بہ ڪمہ- ماڻهوءَ مان مشين.

ان سموري عمل سان گڏ زندگيءَ جي انقلابي نصب العين تي بہ قائم. اهي رويا، همدرديون، احساس ۽ عالمي انقلابي مقصد بہ قائم. معنيٰ هزارين دشمن، کي ڏنل کي اڻ ڏنل، ڪو بہ سمجهوتو نہ، کابہ ڏائي نہ، کا بہ رعايت نہ، ڪو بہ بچاءُ نہ، اگهاڙي تلوار ذاتي معاملن ۾، وڪالت ۾، ادب ۾، سياست ۾، هر ڪاله ۾. معنيٰ ايا بہ وڌيڪ مخالف بلڪ دشمن. سڄو سال جدوجهد ڪجي تہ دشمنيءَ جي هڪڙي لهر ڪانپوءَ ڏس تہ ڪجهہ بہ ڪونهي! حيدرآباد، ادب، تنقيد، نعپ، ون يونٽ خلاف جدوجهد، قومي سوال تي بزرگن سان اختلاف، مطالعو، وڌيڪ مطالعو ايا وڌيڪ مطالعو، مقالا بحث، بحث، بحث، دشمنيون، دشمنيون، دشمنيون. تان جو وجهہ ملڻ تي بزرگن جو حملو شروع ٿي ويو. الامان والحفيظ! پٽرن جي ڳوٽ ۾ جم ۽ نيپاج ۽ پٽرن جهڙن ماڻهن جي وچ ۾ پٽرن جهڙي زندگي نہ گذاريل هجي ها ٿہ ماڻهو يا دانهون ڪري ڀڄي وڃي ها يا چڙيو ٿيو گدو بندر ۾ داخل ٿيو ويڙو هجي ها. پر جنگشاهي ۽ ٽيوات ۾ جاول، پليل،محمد صلعم، سترا ط ارسطو،بدر احد، قادسيہ، يرموڪ ،اسٽالن گراد، لانگ مارچ، ڊين بين ٿو جا داستان پڙهيل. گورڪي، هارورد فاسٽ، پبلو نرودا، ناظم حڪمت، منصورحلاج، اسپارٽڪس، مارڪس، لينن، استالن ، مائوَ هوچي منه جهڙن جو عاشق وغيره وغيره وغيره وغيره، وغيره اڏيين جو پرستار ۽ سڀ ڪان وڏي ڳاله تہ لطيف جو عاشق، ڪتابي ۽ مريد! پوئتي پير ڪيئن ڏي؟

.....ٿوڪ تہ لڳي انپرين!

مسئلا مسئلا، جيل، فوجي عدالتون، ائڪسيڊنٽ، بيمارين، الزام، سازشون، فتنا، ويڙهيون، تبليغون، تنظيمون، اتحاد ٽٽڻ، ڊهڻ وري ٽٽڻ، وري ڊهڻ.

.....ٿوڪ تہ لڳي انپرين!

تحريڪ جو بنياد رکڻ لاءِ تبليغي دورا اهڙي حالت ۾ ڪيا ويا جڏهن ويهي ڪو نہ سگهيو هو. لينن پيو هجبو هو ۽ ماڻهو سوال هن قسم جا پڇندا هئا: "توهان کي وڌيرن جي دلاليءَ جي هر مهيني پگهار گهٽي ملندي آهي"؟ (سوال پڇندڙ هيئنڙ تحريڪ جو يار آهي). دورا، بنگلا ديش، مجيب، ياشاني، ٻٽو رانگاماٽي، چٽاگانگ، ڪاڪسز بازار لاهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئٽا، پشاور، بيروت، دمشق، استنبول، روم، جرمني، افسانا، مضمون، تنقيدون، ڪتاب، رسالا، جلسا، تقريرون، فوجي عدالتون، هاءِ ڪورٽون، رٽون، آئيني ترميمون، سنڌ بدريون، تنهايون، ڊائريون ۽ هي نصيحتون:

هي تان ٽورڙيون جي تون پورا پسي پلئين
راتيون ٻيون گهٽيون جي تو ايندين هيڪلي!
(شاهه)

اکيون پورجڻ لڳيون آهن. امير ٽوڪون پيو ڏي. پهري وارو نمبردار سان اوجهري پيو ملازم جي اوچتي چاپي جي ڊپ سبب ويچارو هر هر چرڪ پريو اٽيو ويهيو رهي. سمهان.....

٨٢-٦-٣

ريڊيو اسپتال ۾ آهي. صبح سان ئي شاڪر شاه اچي تڪتو. اورنگزيب جي شيعي امير نعمت خان عاليءَ جي هوشياري ۽ مومن نوازي جا قصا ٻڌايائين. تنهن ڏينهن رامپور جي شيعي نواب جي سني نوابن سان نوڪ جهوڪ جا داستان ٻڌايائين. مزي سان سندس ڳالهيون ٻڌي چيم" اهي سڀ پليون ڳالهيون، بدمعاشن کي چگيون سيکڻون ڏنائون. پر مونکي اها ڳالهه ڪڏهن به سمجهه ۾ اچي ڪا نه سگهندي ته سون هزارن ۽ لکن هارن ۽ عورتن جو رزق کسي کين اجن، بکن،بيمارين، جهالتن، خوفن ۽ دهشتن جو شڪار ڪري، محلن جي ٽڏين هوائن ۽ برف خانن ۾ ست رچيون ڪائيندڙ.عيش ڪندڙ ۽ وقت جي يزيدن ۽ شمرن جي پاڇي ۾ سنڌن بيعتون ڪري سنڌن پاران ماٺهن جا شڪار ڪندڙ ماٺهو، اجيا ۽ بکيا معصوم ٻچا کهائڻ ۽ وقت جي بادشاه جي بيعت کان انڪار ڪرڻ واري حسين عليه السلام جا حامي ۽ شيعا ڪيئن تا ٿي سگهن؟ يا محلن ۾ رهندڙ ۽ هوائي جهازن ۾ سفر ڪندڙ پنجن مٽن پيڙن وارا ماٺهو، فاقا ڪندڙ ڪٽيءَ ۾ ڊڪيل ۽ ڪپڙن ۾ چتيون لڳل آمنه جي پٽ (صلعم) جي دين جا علمبردار ڪيئن ٿا ٿي سگهن ؟" چيائين "سڀ بدمعاش آهن، فقط خميني مومن آهي!" مون چيو " خميني ته آهي. اڪثي هلي خميني وارا ملان به لازمي طرح مسڪين ايراني عوام سان وڙهندا، مٽن ناحق جي ڊڪٽيٽرشپ مڙهيندا. پر ٻيون ڳالهيون ڇڏي هو هينئر سامراج ۽ سندس چارٽن عرب رجعت پرست حڪمران ٽولڻ سان جيڪا ويڙهه ڪري رهيا آهن تنهن تي هزار سلام. امام العصر امام خميني زنده آباد!" خوش ٿي چيائين "زنده باد!"

پوٽا به پهر گرمي. اڄ منهنجي اخبار کا نه آئي. ڦاسي گهاٽ جيڪو لڳ لڳ آهي اتان گهرايم. عام قيدين کي عام سزا ،کانسواءِ خاص سزا ڏيڻ وارو هنڌ بند وارڊ، ڦاسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهاٽ، جنهن ۾ سزائي موت جا قيدي رهندا آهن. ٽاسي ڏيڻ جي جاءِ ۽ سياسي قيدين کي سزا ڏيڻ لاءِ کين سخت ۽ غير معمولي چوڪيءَ ۾ تنها رکڻ جو وارڊ يعني سيڪيورٽي وارڊ هڪٻئي جي لڳ هوندا آهن. ٽاسي ڏيڻ جي جاءِ يعني خود ٽاسي گهاٽ ۽ هن سيڪيورٽي وارڊ جي وچ ۾ رڳو پت آهي، سا بہ هيٺ. رات جو ٽاسي ڏيڻ مهل جيڪي بہ بلب ٻرندا آهن سي اجهو هو ٽنگيا پيا آهن. جڏهن ماٺهن کي ٽاسيون ڏيندا آهن تہ انهن جي اڇ وچ وغيره جا آواز صاف ٻڌبا آهن. منهنجي هوندي ڪيئن ماٺهن کي ٽاسيون آيون آهن. موکو نمبردار منهنجي هن وارڊ ۾ رات جو اڇڻ کان ڏڇندو آهن. چئي ٿو "مونکي لاش ٿا نظر اچن" پاڪستان جو هڪڙو بدنام ترين شخص تارا مسيح هن جيل جوئي جلاد آهي. هتان ئي ٻين هنڌن ڏانهن ونڊي ويندا اٿس. اخبار ۾ خاص خبرون ڪونهن. ايران، عراق ۽ فاڪلينڊ جي لڙائين ۾ حال ماڻ آهي. ڏسون تہ چا ٿو ٿئي. ارجنٽائين جي هڪڙي ليڊر چيو آهي تہ لڙائيءَ ڪانپوءِ اسين پنهنجي خارجہ پاليسي جو نئين سر جائزو ونڊنداسون. بلوچستان جي عبدالباقيءَ مضمون لکيو آهي تہ "پنجاب سنڌ هڪ آهي ۽ هئڻ گهرجن" هڪٻئي زهريلا مضمون لکندو آهي. ريڊيو اڄ بہ ڪو نہ ناهي ڏنائون، بلڪ ان تي ڪم بہ ڪو تہ ڪيائون. اڄ منير کي ڪنهي ڪٽي ويا آهن. گيٽ تي پڄ ڏوڙ جي ڪم تي هنيو اٽائونس. شايد سوچيو اٿن تہ گهٽڻا ڏينهن سيڪيورٽي وارڊ ۾ معتبريون ڪيون اٿس. ڪنڌ ۾ ور پئجي ويو آهي، سور آهي.

ٽي وي جي رسيد جو ڪو بہ نالو نشان ڪونهي. بزنجي ۽ ايم آر ڊي جي اٽڪٽ هلي اچي. هتي ويٺي تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ هڪڙي پاسي فاشسٽ ٽولا نالي ماتر ڪوڙيءَ سچيءَ جمهوريت جو بہ نالو نشان مٽائڻ جي پويان ۽ ٻئي پاسي اهي مطالبا تہ موجوده صوبائي خومختياريءَ جو دائرو اڃا بہ وسيع ڪرڻ قبول ڪريو. "اٽ ا ٿي ئي نہ چي سيٽ يارو ڏي!" ڪلهي بدنصيبي ۽ بي عقلي آهي. ۽ اڃا ڪا بد تر ڳالهہ؟! يا ڪو اهڙو پيچيدو مسئلو آهي جنهن جو مون کي في الحال اندازو ٿي نٿو سگهي؟ هي ماڻهو ننڊڙا ٻار آهن چا؟ جو نہ ٿا سمجهن تہ جيڪو ملڪ يا قوم پاران گهٽي ۾ گهٽي گهر ڪري وڃي گهر ويهي رهي، سو هروپرو ملڪ يا قوم جو گهٽو خير خواه ۽ گهٽگهرو ڪو نہ ٿي پيو! گهٽگهرو اهو آهي جيڪو وقت جي سمورين حالتن کي خيال ۾ رکندي اهڙي ڳالهہ ڪٽي جنهن لاءِ گهٽي ۾ گهٽا ماڻهو تيار ۽ بي چين هجن يا انهن کي سمجهائي تيار ۽ آتو ڪري سگهجي ٿو. باقي وڏا نعرا هڻڻ ۽ مطالبا ڪرڻ ۾ هڪڙو خرچ ٿو ٿئي ؟ وات جي پلاءُ کي گيهہ جي کهڙي ضرورت؟ هڪڙو چئي "اسان کي آسمان جا تارا کپن" ٻيو چئي "اها کهڙي ڳالهہ آهي؟ اسان کي تارا نہ چند کپي!" ۽ ٽيون چوي "سچ!"

منير آيو اهو چوڻ تہ مونکي بدلي ڪرائي وري هتي رک مجيد قريشيءَ کي چئي. هن کي وهم گمان ۾ بہ ڪو نہ هوندو تہ جيل جي انتظاميہ ڳالهين ۾ دخل ڏيئي اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خسيس ڀَالهه لاءِ منٽ ڪرڻ مون لاءِ ڪهڙو نہ بيحد مهانگو بيسود ۽ پس پيش فضول ۽ نقصانڪار ڪمر ٿيندو . مونکي اهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ اچي ئي ڪو نہ. ڪوڙ ۽ مڙيئي آسرو مون کان ڪونہ پڇچي. ٻئي طرف هڪڙي غرض واري ماڻهو ۽ کي ٿڏي نموني اهڙيون ڀَالهيون سمجهائي قائل ڪرڻ مونکي ڪو نہ اچي. پوءِ قصو هلي سو ڪيئن هلي؟

دراصل ماڻهن جي گهٽائيءَ سان ايمانداري سان اهڙي هلت ڪرڻ جيڪا هنن کي وڻي ٻ ۽ مونکي ڪو غلط ۽ خراب ڪم ٻ نہ ڪرڻو پوي سا وات مونکي اڄ ڏينهن تائين ٿي اچي. هيترا سارا مون کان لک دفعا وڌيڪ سچا ۽ ايماندار ماڻهو هيترن لکن ڪروڙن ماڻهن سان ڪيئن نياڻي ويا ۽ نياڻين پيا سو راز مونکي اڄ ڏينهن تائين معلوم ٿي ڪو نہ سگهيو آهي. الائي ڪڏهن معلوم ٿيندو؟! منير ٻڌايو تہ مجيد قريشي ايندڙ مهيني بدلي ٿيندو،مجيد پاڻ ٻ ڪجهه ڏينهن کان اهڙيون خبرون پئي ڪيون ۽ "وجان! وجان" جا سنهڙا سر پيو ڪڍي. جي هي ويو تہ هڪڙو پيرو هن جيل جي دنيا جيڪا ٻن دنيائن منجهان هڪڙي دنيا آهي. (هڪڙي جيل جي دنيا ٻي جيل کان ٻاهرجي دنيا) تنهن ۾ سچ ٿي ويندي، پوءِ تہ هن جيل جا قيدي جڏ رڳو راڪاسن جي حوالي رهجي ويندا. خود مون لاءِ ٻ هڪڙو وڏو ٿيڙو ايندو ۽ مونکي بلڪل نئين قسم جي وڌيڪ سخت حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو. جيل اختيارين وارن سان هنن ۱۱ مهينن تائين جو ڪو ٻ وڏو ٽڪر نہ ٿيو آهي، تنهنجو هڪڙو ڪيڏ مجيد قريشي ٻ آهي، جنهن مون لاءِ ڪنهن ٻ ڀَالهه کي صفا اهڙو ناقابل برداشت بنجڻ نہ ڏنو آهي جو مونکي مجبورا گوڙ ڪرڻو پوي ۽ سخت تلخي پيدا ٿئي، هو هن وارد جو انچارج بڻيو رهيو آهي ۽ جن سخت ۽ اڻانگين حالتن ۾ آءٌ رهيو آهيان تن کي گهٽ ۾ گهٽ ناقابل برداشت بنائڻ هن جو ئي ڪم آهي. بهر حال ڪامورا بدليون ٿيندا رهندا، قيد جو ڪارو بار هلندو رهندو. چر پر ۽ تبديلي لاڳيتي چر پر ۽ تبديلي، فطرت، زندگي ۽ انساني سوچ جو اٽل قانون آهي. اها چر پر ۽ تبديلي ئي فطرت، زندگيءَ ۽ سوچ جي وڌاري جو اصل ڪارڻ آهي.

نڪو سڪ نڪنين، نہ ويساند نيين
(شاه)

صبح ۳۰، ۹ بجے

چڪر ڏيئي آيو آهيان. ڪلهه چيائون ريڊيو اڄ ڏينداسون. اڄ تہ جمعرات آهي. (سنڌيءَ ۾ بلوچن وانگر فونيٽڪ صورتخطي جو نہ استعمال ڪجي؟ هنن جيڪي اکر اچارجن ٿا، سي ڪيڏي چڏيا آهن؟ جيڪي ساڳئي اچار وارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائڻ ۾ اڪثر آهن تن نمان هڪڙو رکيو آهي ٻيا ڇڏي ڏنا اٿن. مثلاً خ جو اچار وڻن آهي ئي ڪونہ. تنهن ڪري خير کي چون حينءُ پر لکن حيرءُ ٿو هيرءُ ح کي جواب، جو ٿو ان جو اچار هُ ۾ اچي ويو! سويل خبر پيئي ٿو ۸ ڏاڪڻ ٻيا ٻہ اچي ويا آهن. عيد محمد وارا جيڪي ٽيون ڏينهن آيا تن کي ٿو ٻي ڪلاڪ هو پر ٻين کي اڃا سي آهي. پٽ تي سڏا پيا آهن. پريشان آهن. چي "هيڏو ڪوڙ! قرآن ڪٽيو اٽيو ٻيئا آهن ٿهن جو سُنهن انصافي انصاف ڪندا سُون ۽ ڏس ڪٽي ٿو ڪلاڪ کان پوءِ نسورو ڪوڙ ڪرڻي سال سزا، ڏنڊ وغيره وغيره. هيڏو مُڪر ۽ منافقي!" ڳالهه ڪندڙ بار بار پئي چيو!..... "سائين سو ٻہ هيڏا سارا عزت ۽ آبرو وارا ماڻهو! توبهه! توبهه!" مُون چيس "ان آبروءَ جي آسري متان رهين! اُهڙا آبرو اسان جي مؤمل واري ناتر آٽيئي. گهُٽ ئي هڪڙي ٿو ڏسي ٿو مون! پوءِ حفيظ ٽيوٽي واريءَ ڳاله ٿو:

بحر بلائون بيڙيون آفتون اڃگر
واٽ وڃڻ جي نہ ليئي پيا پڪڑي ڪوڙ ڪپر!

"نام نهاد عزت آبروءَ" وارا ماڻهو پوليس جي معتبر ٽائون ۽ هر دم حاضر ناظر مشيرن ۽ بازارحسن جي معززن کان شروع ٿيندا آهن ۽ اراڪين سلطنت، اميران دولت، پوپن، مهاپنڊتن، شيخ الاسلامن، سلطانن، ڏنڊي جي زور تي ٻنيل خود ساخته خليفن ۽ شهنشاهن تائين هوندا آهن. وچ ۾ پوليس ۽ حد جا ڪامورا پنهنجي پنهنجي ليول تي عزت ۽ آبروءَ جا سرٽيفڪيٽ عطا ڪندا رهندا آهن ۽ هر ڪو دل ۾ خوش ٿو "آءُ آبروءَ وارو ماڻهو منهنجو "رڪارڊ صاف" مونکي ڪير چوي!" کين ڪهڙي خبر ٿو "عزت ۽ آبروءَ جا آهي سرٽيفڪيٽ ڪاغذ جون ٻيڙيون آهن. حاڪم طبقن ۽ ٽولن جي مفادن جي هڪڙي لهر انهن ڪاغذ جي ٻيڙين کي هڪ پل ۾ ٻوڙي سگهي ٿي. آهي "عزت ۽ آبروءَ" جا لوڙها ماڻهن کي عوام جي مظلوم اڪثريت کان ڪاٽ ۽ کين هڪٻئي جي ساڻ کان محروم ڪرڻ لاءِ آهن. ڪم لٽڻ ڪاڙ ڪاڙو. جيستائين ڪوڙو ظالم ماڻهن، ٽولن، طبقن ۽ نظامن کي، اوهانکي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي تيستائين توهان عزت ، آبروءَ وارا، ضرورت پوري ٿي ۽ اوهانجي "عزت، آبرو" سنڊن کنهن ڳالهه ۾ رڪاوٽ ثابت ٿي ته اوهان جي "عزت ۽ آبروءَ" جون ٽنگون ڪاٽ هوندیون! "عزت ۽ آبروءَ" وارا زگو ڏاڪٽر ڪوٽ لکپت جيل جي سُپرنٽنڈنٽ جي ڪلاس جي ڪولين ۾ پٽ تي پٽل نہ آهن. الائي ڪهڙا ڪهڙا عزت آبروءَ وارا ڪهڙي منزل تي رسيو وڃن. حاڪمن جي چاڪريءَ ۾ ٽورڙي ڪسر آڻي ته قاضي القضاتن ۽ شيخ الاسلامن جهڙن مڙسن مان هڪڙن جون ڪلون لٽل، بينڪ جي وات ۾ گوبر ۽ ڪرفتي ٽين جي اڳاڙن پٽن تي چهڪ، رت جون ليٽبيون ۽گوشت ڏرا ڏرا تي اڏامندڙ صاحب قران شاهجهان جو لاڏلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مويي پٽ دارا شڪوه ۽ ڀڻڻ هاڻي ۽ تي سواں خوار خراب، دهليءَ جي گهٽين ۾ ذليل ۽ رسوا، خليفته المسلمين امير المومنين امين الرشيد ولد امير المومنين هارون الرشيد ولد امير المومنين مهدي ولد امير المومنين منصور جعفر باني بغداد کوليءَ ۾ بند، قاتلن جي تلوارن جو وهاڻ سان بچاءُ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پٽ تي چڙهون پيو هٽي ۽ قتل ڪرائڻ وارو واجب القتل باغي مامون الرشيد امير المومنين جي قتل جي ڏوهه ڪرائڻ جي سنگين "سزا" طور سموري مسلمان امت ۽ علماء ڪرام ۽ صوفيان عظام طرفان امير المومنين ۽ خليفته المسلمين تسليم ڪيو ويو! توهان ڪاميابيءَ سان رد چورايو يا قر ڪيو ته هت وڌبا ۽ جي بادشاهي يا خلافت چورايو يا قر ڪريو ته توهان سلطان يا امير المومنين يا گهٽ ۾ گهٽ ته به صدر ٻنبا. ڏوهه جيئن وڏو تيئن ان جي سزا هلڪي، تان جو جي توهان پنهنجي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا ته توهان نه رڳو بي گناه ٿي پوندا پر انلو بين ڪي ڏوهي ۽ گنهگار نهرائڻ ۽ سزائون ڏيڻ وارا ۽ هدايتون ۽ نصيحتون ڪرائڻ وارا پڻ ٿي پوندا!"

ڏاڍي گرمي ۽ گهٽ آهي، وهنجي آيو آهيان. سوچيان ٿو ته مونکان ٿي ويئي، جيل جي راڄا رسم موجب ڊاڪٽرن کي سلام موڪليان ها ۽ کين ڪنهن سامان سڙي جي ضرورت هجي ته ڏياري موڪليان ها. اهي ڪم ڪري فاضل يا ٿڻي پٽي عالم شاهه، پاڻ اڻ گهڙيا ڪاٽ. شاڪر شاهه اڄ ثناءَ الله فراڊئي جو قصو پيو ٻڌائي. چي "پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو فراڊيو ثناءَ الله هتي سالن کان قصوري چڪين (بند وارد) ۾ بند آهي. ۸ ڪروڙ روپين جا ڪوڙا بل ۽ چيڪ تيار ڪري، انهن تي مالڪن جون ڪوڙيون صحيحون ڪري، اهي ڪٽش ڪرائي ڪائي ويو. جيل ۾ به آفيسر ڪانئس ڏاڍو ڊڄن ٿا. راولپنڊيءَ ۾ هو ته هوم سيڪريٽريءَ ۽ ڪورٽن جون صحيحون ڪري جيل اندران ويٺي ويٺي قيدي آزاد ڪرائي چڏيائين! ڊبل گارد ويندو اتس. سالن کان بند آهي ته متان ڪوڙو ڪاغذ نه صحيح ڪري ممڻ نه مڃائي. پنو ۽ ڪاغذ هن جي ويجهو به نه وڃڻ ڏيندا آهن. اها ڳالهه جيڪو ٿو اچي سو ٿو ڪري. هر ڪنهن جي وات تي ثناءَ الله جو نالو آهي ته بس هڙو فراڊيو لڳ ٿيو نڪو ٿيندو." مون چيس "ويچارو معمولي ننڍڙو فراڊيو آهي. اصلي ۽ وڏن لڳن ۽ فريبين جي پيٽ ۾ ايتري ننڍڙي فراڊ ٿو ڪري، جيتري ننڍڙا ننڍڙا جيب ڪترا چوڪرا يا مال جا چڙا ۽ مائينڊ چورائيندڙ سيڪڙا ننڍڙا چور ڪندا آهن". حيران ٿي پڇيائين ته "پلا وڏا اصلي فراڊيا ڪهڙا؟" مون چيس "ڏس! هڪڙا معمولي سيڪريٽريءَ جي ليول کان گهٽ ڪاموراً هئا. انهن جرم ڪرڻ جي سازش ڪئي. هن ملڪ جو وزيراعظم مارائي چڏيائون. جيڪي ملڪ جا صحيح يا غلط اڳواڻ هئا تن کي آهستي آهستي ڪري رستي تان هٽائي چڏيائون. پاڻ ملڪ جا ۽ ان جي اربين کربين روپين جي ملڪيت جا مالڪ بنجي ويا. سالن جا سال پاڻ ته اها ملڪيت اربن کربن جي لٽيائون پر سندن "الين پيڙهي اُٺ ماکوڙو ماسات" واري لاڳاپي وارا به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قارونيءَ خزانن جا مالڪ بنجي ويا. هاڻي اهو مال سندن پيڙهيون ۽ ڪوڙ ڪٽائيديون. هو شريف بنجي ويا، عزت وارا بنجي ويا، الائي ڇا ڇا بنجي ويا.

"ٻئي مُجرم ٽولي هندن ۽ سڪن جي ڇڏيل پاڪستان ۾ سموري اربن ڪرپشن جي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ جي سازش ڪئي. هنن هڪڙو وڏو تاريخي فراڊ ڪيو. ٽانڊو ڪٽڻ آيا ۽ بورچي بنجي ويا ۽ بورچيءَ کي چپائون ته تنهنجي رنڊڻي ۾ صفائي ڪانهي، ٿوڻ باهر نڪر. کي ۽ ۽ ڇٽا هٽ ڪريو چون ته "ڪلوءَ جي ڪانپور ۾ ڪروڙ جي بلڊنگ هئي"، ڪلو ڪروڙ جي بلڊنگ جو حقدار بنجي ويو. ڪلو ۽ ان ٽولي جو شاهد. ان ٽولي جا حقداريءَ جو فيصلو ڪرڻ وارو ۽ اهو فراڊيو ٽولو اعتراض ٻڌڻ ۽ اهو قبول يا رد ڪرڻ وارو ۽ ان ٽولي جو ماٿهو. ويندي آخري اپيل ٻڌڻ وارو ۽ ساڳئي پڻ جو. قانون ناهن وارا ۽ پاليسي ناهڻ وارا ۽ ان سازشي ٽولي جا ماٿهو. مطلب ته "..... ۽ جهان خان ته هلو ۽ جهان خان وڃ!"

وهي قاتل، وهي شاهد، وهي منصف ڏهڙي.
اقربا ميري ڪرين خون ڪا دعوا ڪس پر

(قاتل ۽ اُهي، شاهدي ۽ انهن جي هلي ۽ جج ۽ اُهي. منهنجا مائٽ ڪيس ڪن ته ڪنهن تي ڪن؟)

"ڏسندي ڏسندي شهرن جا شهر ۽ ڪروڙين ايڪڙ زمين اڪين اڳيان چورائجي ويا. ڏٺي ويڇارا ڏسندي ۽ بيڪاريندي رهجي ويا. مزو اهو ته ڦريل ماريل، ڦرجڻ سان گڏ غدار، علحدگي پسند، ڪافر ۽ ملڪ جا دشمن ۽ ٿي ويا ۽ فراڊيا، فراڊ ڪان پوءِ ملڪ جا محسن، ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جا رکولا ۽ اسلام جا محافظ ۽ بنجي ويا! ان کي چئبو آهي فراڊ، اصل فراڊ.

"ٻئي فراڊيءَ ٽولي ايوب جي حڪم تي يڻي جي مخالفت ڪئي. اصل حدون ڪري ڇڏيائون، پر جڏهن اهو هٽي ڏٺي اڳتي نڪري ويو ۽ خلقتون سنڌس پويان لڳي پيون، تڏهن هيءَ ۽ ان جي پويان لڳا. سندس تابعدار موچڑي ڪنيل، سندس گاريون ڪائيندڙ بنجي ويا. آهستي آهستي ڪري يڻي کي اڳ ۾ ڪري سڄي ملڪ جي مال دولت، طاقت حڪومت تي قبضو ڪري ويا. يڻي جا فدائي ۽ رهيا ۽ سنڌس قاتل دشمنن سان ۽ ملت ۾ رهيا. يڻي جي اصل حامين کي ٽڙيائون ۽ سندس دشمنن کي ورسايائون، زور ونايائون. ظاهري حڪومت يڻي جي، اندر سندس قاتل دشمنن جي. يڻي جي پيرن ۾ ويهي سندس پير ڪيائون، آخر ڪيس مارايائون. متان گوڙ ٿئي، تنهن ڪري قاتلن پاران پهرا ڏنائون، انتظام ڪيائون، حدون ورهائي ڪنيائون. سڄو ڪم پوري بندوبست سان ڪيائون. پر ڪم اهڙو ڪيائون جو هينئر ۽ يڻي صاحب جا وارث ٽيو ويٺا آهن ۽ يڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي مارائڻ وارن سان بہ ٻڌ آهن، جيڪو حڪومت تي آهي تنهنجا بہ ماڻهو آهن، جيڪو ايندو تنهن جا بہ ماڻهو آهن. دشمن آهن تہ فقط ان جا جيڪو وري ڪڏهن بہ پاور ۾ ڪونہ آڻي سگهندو. سياڻي ٻڌي جي پارٽيءَ جي حڪومت نهي تہ اهي وري ٻڌي جي نالي ملڪ جا ميمبر، وزير ۽ حاڪم ٿيندا، ٻڌي پاران بيان ڏيندا، ٻڌي جي دشمنن يعني غريب عوام ۽ ڪارڪنن کي ڏمڪيون ڏيندا، جيل پريندا، ايندڙ اعليٰ حاڪمن سان ساز باز ڪندا، جي خدانخواسته هتي اندرا جو راج آيو تہ بہ هنن جون اهي ئي پنج ئي گيم ۾، مٽي ۾ تلڪ هٽي، اندرا کي هار پارائي پرنام ڪندا، هندي جملا ڳالهائي ڪيس چوندا تہ هي غريب عوام ۽ ڪارڪن تنهنجا دشمن هئا.. پر اسان انهن کي زوريءَ مجائي توهان جي اڳيان جهڪايو آهي. جي خدانخواسته روس آيو تہ هي ڳاڙهيون جهنڊيون ڪٽيون سيني کان اڳ انقلابي نعرا هٽي سندس استقبال لاءِ ٻيڻا هوندا ۽ جي آمريڪا مائي باپ جون فوجون آيون تہ هي کين شڪار ڪرائيندا ۽ آمريڪن جهنڊيون لهرائيندا. هينئر بہ ميسٽا ٽيو وينا آهن. جڏ جن ملڪ تپايا هئا، راج ٽاپي ماريا هئا، جن ٻڌي جهڙي قابل ۽ استاد ماڻهوءَ کي استعمال ڪري سوريءَ چاڙهائي چڏيو سي ڪي ٻيا هئا! هنن جي ملائڪن کي بہ خبر ڪانهي! پنجابي چوٽي موجب "ميسٽي ڪائي منهن نہ هلائي" (ميسٽي ڪائي وات نہ چوري) بادا بي ميار ٽيا وينا آهن، جڏهن ايا وڏيڪ ڪاڏي جو موقعو آيو تہ چيتي وارو چال ڏيئي اڏندا، اڏندا تہ وڻ گهوڙو ٻڌڻ ڪونہ ڏيندا. ڪم لاهي وري چپ! جڏ وات ۾ زبان ئي ڪونهين، ڪلمي جي خبر، جيئري زمين داخل. اهي آهن زحمت پرست عوام دشمن سياست جا گوريلا. اصل فراڊيا، وڏا فراڊيا، اربن ڪربن، لکين جانين جا فراد ڪرڻ وارا.

"هڪڙي جنگي جهاز جي خريداريءَ جي ڪميشن ڪيتري؟ اربن ڪربن جي سامان جي ڪميشن ڪيتري؟ سا بہ دالڙن ۾ ملندي ۽ باهران ئي باهر آمريڪا يا سئزرلينڊ جي بئنڪن ۾ داخل ٿيندي. سڄي ملڪ جي عوام جي بادشاهيءَ تي فراد ڏريعي قبضو ڪجي تہ پيدائش ڪيتري؟ روز جي؟ مهيني جي، سال جي؟ پنجن سالن جي؟ اهي آهن اصل ڏاڙا، بادشاهي ڏاڙا، بادشاهي فراد، هڪ بن سان نہ ڪروڙن ماڻهن سان فراڊ، سڄي دنيا جي ڏسندي سندن اکين اڳيان فراد، خدا کي حاظر ناظر ۽ دانا بينا ڄاڻائيندي ۽ "مجيندي، رسول مقبول جي حمد ۽ نعت پڙهندي، دين اسلام جي خدمت ۽ پاڪستان سان وفاداريءَ جا قسم کڻندي، الله رسول، اسلام ۽ پاڪستان سان فراد. سندن دين، آئين ۽ قانون سان فراد، ان کي چٽيو آهي اصلي تي وڏا فراد. باقي هي ويچارا ثناءَ الله مڙيئي بکئي پيٽ لاءِ پيا مٿا ڏين ۽ قصوري چڪين ۾ زندگيون پوريون ڪن. "اصلي تي وڏا" فرادي ارب هضم ڪري ۽ لک مارائي بہ عزت آبروءَ سان رهي مري ويا يا ايا تاج تجمل سان وينا آهن.....

"تنهن کان اڳ اليڪشن ٽي، برابر ڏانڊلي ٽي. جهڙي چٽجي تهڙي ٽي. پر هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل غير ضروري. فرادي ٽولي نمبر ٻئي فرادي ٽولي نمبر ٽين ۽ چوٽين سان گڏجي سازش ڪري غير ضروري ڏانڊلي ڪئي. اليڪشن ۾ هونئن ئي پٽو ڪٽي ها، تمام وڏي اڪثريت سان ڪٽي نہ ته ٻہ وڏي اڪثريت سان. ڏانڊليءَ جي قطعي ڪا ضرورت ڪانہ هئي. بهرحال ڪئي ويئي! زمين آسمان "ڏانڊلي" "ڏانڊلي" جي واڪن سان گونجي اٿيو. تحريڪون هليون، اربن جون ملڪيتون تباهہ ٿيون، ماٺو مٺا ۽ ماريا ويا، دين! دين! جا نعرا لڳا، جمهوريت، اصلي جمهوريت جا نعرا لڳا. نتيجو؟ پٽي جي فرادي حامين جي غير ضروري ڏانڊلي ۲۰ سيڪڙو ته هٿن جي ۱۰۰ سيڪڙو. اليڪشن ڪالہ ٿي جواب، بالغ ووٽ ڪالہ ٿي جواب، ملڪ جي اڌ آبادي ڪي گهرن ۾ تالا هٽي بند ڪرڻ جو حڪم. عدالتن جا اختيار ختم، جمهوريت جو ٽالو نشان ختم، الله، رسول، اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ هڪڙي پيانڪ نادرشاهي نظام جو قيام ۽ اليڪشن ۾ گهٽ وڌائي خلاف زمين آسمان هڪ ڪرڻ وارا چپ، نہ نعرا، نہ تحريڪون، نہ آگ ۽ خون جي راند، ڇا ته ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ، ڇا هنن جو ٿڙ ڪو واسطو ئي ڪونهي، اهي ماڻهو ٿي ڪيئن ٻيا هٿا جيڪي جمهوريت جمهوريت ڪريو ڦاٽيو ٿي مٺا!

جمهوريت جي نالي ۾ عوام کي بچ ستہ جي بادشاهيءَ جي خوالي ڪريو هي بادا بي ميار ٿيو هوائي جهازن ۾ چڙهيو سڄي دنيا جي شهرن ۾ دعوتون پيا کائن ۽ تبليغون پيا ڪن! پير ٻي پٽ تي ڪونہ ٿو لڳين..... ان کي چٻو آهي "اصلي تي وڏا فرادٍ ۽ انهن کي چٻو آهي اصلي تي وڏا فرادي....."

سوچ ۾ پئجي ويو نيٽ چيائين "صحيح آهي، ٿناءَ الله ويچارو ايڏو فرادي ڪٿي؟ سوچجي ٿو ته ان ويچاري سان ته پاڻ فراد ٿيو جن جوڙيوالن رقم ڪاڏي سي ٻاهر ويٺا آهن، هي ويچارو ڦصوري چڪين ۾ عمر پيو برباد ڪري."

شام پوٽا ٽي. برف آئي آهي. هاڻي باقائدي ملندي. اخبار اڄ بہ ڪانہ آئي آهي. اڄ ڪاسي گهاٽ مان ڪونہ ٿو گهرايان، ڪلهہ گهرائي سون ته جلد مونکي ڏيڻ وسري ويئي. همراه کي وڃي سڄ لٽي ملي. سا بہ الائي ڪٿان ڪٿان ڦري. انگريزي اخبار بہ ڪانہ ملي. برف جي مونکي ضرورت گهٽ آهي، پر آيو ويو پيو پيئندو. مونکي اڄ ٽوڙو زڪام جو بہ اثر آهي، چڪون پيون اڃن. بن مهينن جي سفر کان پوءِ سليمہ، ڄ گندلي، سورج ۽ تمرجا خط آيا آهن. ۸۲-۴-۱ تي سليمہ لکيو آهي "..... مون کيترائي لينٽر لکيا آهن پر جوابي احوال بلڪل نہ ٿو ملي..." "ز" لکيو آهي ته "من ٿن اهم ماڻهن جا خط لکيل آهن..... بار پرهہ ۽ بختاور مون وٽ آهن. آءٌ ڏادي پٽصرف آهيان." "گندليءَ لکيو آهي (سندس اکرن ۾) "پيارا بابا شال خوش هجو تنهنجو خط پڙهي آءٌ ۽ ڪلي ڏاڏو خوش ٿيا سين. اسين ڪراچيءَ ۾ رهون ٿا. ٽائيگر کي سلام ڏجائين. حيدرآباد واري اٽان وڏي مڙي ويئي. آءٌ ٽيئن ۾ آهيان. امان وڏي تنهنجي ماءَ بلڪل ٺيڪ آهي. اسين توکي ياد ڪريون ٿا. تنهنجي گندلي" سورج لکيو آهي (سندس اکرن ۾) "پيارا بابا شال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش هجو. تون جو خط مليو. آئون ڏاڍي خوش ٿيس. اڄ تون کي مون خط لکيا ٿي اسين ڪراچيءَ ۾ وينا آهيون. اما وڏي ۾ خوش آهي اسين توکي ياد پيا ڪريون تا اسين سڀ خوش وينا آهيون تون ڪڏهن ايندا. تون جي سورج

رفيق ملازم سان وارث شاه جي هير جي ڪن ڏکين لفظن بابت ڳالهه هولهه ٿي. ڪن لفظن جون معنائون ڪيس ۽ نه آيون. بهرحال ڪجهه ڏکيا لفظ سمجهه ۾ آيا ۽ مطلب ۾ جيڪي خال هئا سي ڪافي دور ٿيا. منير چيو ته مجيد قريشي ڪيس گڏيو ان چيو ته تنهنجا پٽرول بابت پوليس وٽان ڪاغذ ٺيڪ ٿي آيا آهن. پيو تنهنجي ڏيوٽي هتان نه بدلائڻ بابت ٻڌ چئي ٿو چڏيان. ڏاڍي تڪڙ ۾ هو. چي "ڏيوٽي! اڄڪلهه مڪيه مسئلو جمهوري اتحاد، بزنجو ۽ ايم آر ڊي آهي.

"To a wonderful guy : "ز" واري ٽئي اهم ماڻهوءَ جو خط وسري ويم. لکيل آهي (ٽو اونڊر فل گاءِ وٿ with all the best wishes, love, respect and bad names- Q" آل دَ بيسٽ وشز، لو، ريسپيڪٽ اينڊ بيڊ نيمس- ٽيو) "هڪڙي لاجواب ماڻهوءَ ڏانهن- سورين بهترين تمنائن، سموري پيار احترام ۽ گارين سان - ق"

۷ بجا شام انگريزي اخبار پڙهي رکي اٿم، اخبار چوي ٿي ته روس جو ايران تي اثر واجبي آهي. آمريڪا ايران سان ڳجهه ڳوهه ۾ تعلقات سڌارڻ ٿو گهري. ان ڪري ان جي ٽوري گهٽي مدد پيو ڪري، واپار پيو وڌائي. ڏکڻ ڪوريا کي منع ڪئي اٿس ته عراق کي هٿيار نه ڏي، شايد رڳ اٿس ته خميني جي مرڻ کان پوءِ ايراني جنرلن کي جيڪي هينئر ميسٽا ٿيا انقلاب جا فرمانبردار ٿيا ٻيا آهن تن کي استعمال ڪري ايران کي وري سامراجي چاڙتي طور ڪتب آڻجي، عرب، روس ۽ شام کي ٽورڙا ويجها پيا اچن ته شام روس کي سمجهائي جو ته مصر ۽ آمريڪا جو ڏڪو ايران کي گهٽو ڏيجاري ڪونه سگهندو. ارجنٽائين ۾ لڙائي اڃا فيصلو ڪندڙ منزل ۾ ڪانه داخل ٿي آهي.

۸ جيئن ڪڏهن ٻي اختيار دل چاهيندي آهي ته اڄ جيڪر فلاڻو ماڻهو ملي ته جيئن ڪتابن جي ٻه اوچتي چڪ ٽيندي آهي. اڄ نئي ڪتاب ڏسڻ تي دل چاهي ٿي: ڪلسن جي عربي ادب جي تاريخ (ٻه جلد) براؤننگ جي فارسي ادب جي تاريخ (ٽي جلد) مولانا شبليءَ جو ڪتاب شعر العجم (ڇه جلد) زماڻا ٿي ويا آهن انهن کي پڙهئي، شايد نئين ۾ جڏهن "انڊا اونڊا ويچ" ڪتاب پئي لکيم تڏهن پڙهيا هئم جڳيءَ طرح. پر آهو زمانو ٻيو هينئر گهڻيون ڳالهيون ڏسڻيون آهن ۽ ڪئين نقطا صاف ڪرڻا آهن. ڪتاب مان فائدي جو دارومدار رڳو ڪتاب تي ڪونهي. پڙهندڙ جي جاڻ ۽ سمجه جي ليول تي ٻه آهي، دراصل مسئلو هي آهي ته دنيا جي سيني ملڪن جي ادبن جي ڪا گڏيل تاريخ اڃا تائين شايد ڪانه لکي ويئي آهي، جي آهي ته هتي ان جو پتو ڪونهي. گورڪي اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊا ڪندو هو. هڪڙو عالمي ادب ڇڻي شاهڪارن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو هئائين، اهو الائي ڪٽي پهتو؟ سو به هو روسي ۽ هو. ان ڪري جي ڪو ماڻهو پائتي تہ جيئن ماڻهو ۽ کي پنهنجي ملڪ جي ادبي تاريخ معلوم آهي تہ مثلاً سندي ادب جو پهريون ڪيڏ نالو ڏهين صدي ۽ جو سمنگ چارڻ آهي تيئن سنسڪرت ۾ ڪير هو؟ (جواب پهرين صدي ۽ جو اشو گهوش)، فارسي ۽ جو؟ (جواب ڏهين صدي ۽ جو رودڪي) انگريزي ۽ جو (چوڏهين صدي ۽ جو چاسر) وغيره. اها ٻي وڃان وچان ڳالهه. عالمي ادب جو هڪڙو باقاعده نقشو ڏهن ۾ ڪونهي، انڪري ماڻهو ادبي مڪانيت يا وڌ ۾ وڌ علاقائيت جو شڪار آهن. ان ڪري عالمي ادب جي صحيح معني ۾ ترقي ٿئي ٿئي. هڪڙو عالمي تاريخي ادبي شعور پيدا ٿئو ٿئي. هن صدي ۽ ۾ وطنيت ۽ بين الاقواميت انساني ترقي ۽ لاءِ پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن.

ٻه ڪتاب جيڪي وري پڙهڻ لاءِ دل ٻي اختيار ڇاهيو ٿي سي اتفاق سان ملي ويا آهن. هڪڙو آهي آسترو وسڪي ۽ جو (هائو د سنيل واز ٽيمپيريد) (دارو رسن کي آزمائش) ٻيو آهي چيني ناول (++ ٽريڪس ان د سنوئي فاريسٽ) "برفاني ٻيلي ۾ پيرن جا نشان" جيڪو چوپو جو لکيل آهي. اتفاق سان چوپو عظيم شاهڪار ناول (سانگ آف يوٿ++) "جواني جو گيت" جي لکندڙ محترم ينگ مو جي قيادت هيٺ جيڪو چيني اديبن جو وفد آيو هو تنهن سان گڏ آيو هو ۽ آسين حيدرآباد جا ڪجھ اديب ساڻن مليا هئا سون. مون ينگ ۾ ۽ چوپو کي ٻڌايو هو تہ توهان جا ناول اسان کي بيحد وٺيا. ڏاڍا خوش ٿيا. خاص ڪري چوپو، جو تہ سندس ناول اڃا مس تازو انگريزي ۾ ڇپيو هو. آمريڪي ناول نگار جي بي مارڪنڊ جو ناول (++ سنسيئرلي يوئرس) اڃ ۾ ڇڏيو اٿم، سو پڙهان.

۳۰-۹ رات. ناول ڪافي مزيدار آهي، هيستائين. ڪنڊ ۾ سور اڃان ٻيٺو آهي، ڪجھ ناول پڙهڻ جو خيال آهي ڪجھ سمهڻ جو. اڃا ڪجھ پڙهان.

۸۲-۶-۵ پوٽا ۹ صبح.

بيا گويم برايت داستان ها.
ازان پيشين، ازان شيرين زمان ها.

(اڄ تہ قصا ٻڌايان؟ انهن زمانن جا، جيڪي اڄ ڪان ڪهڙو اڳ گذري ويا، ۽ جيڪي اڃوڪي زماني کان گهڻا مڻا هئا!)

اڄ صبح ڪان الائي ڇو اهو شعر چپن تي آهي. شايد ان ڪري جو ڇڪر ڏيندي گذريل وقتن جون ڪئين عجيب گهڙيون ياد اچي ويون. الائي ڇو؟ ڪنهن خاص وقت تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا خاص گاله ڪو خاص وقت جو ٿو ياد اچي؟ سمجهان ٿو ته ماڻهو ليڪ آهي، خوش آهي ته خوشيءَ جون گهڙيون ياد ٿيون اچن، جي رنج آهي ته ڏک جون گهڙيون ياد ٿيون اچن.

"ڏک جي زماني ۾ سک جي گهڙين جي ياد اچڻ کان وڌيڪ ڪو ڏک ڪونهي!"

اهو عظيم شاعر دانتي جو چوڻ آهي. منهنجي خيال ۾ عام طرح برابر ايئن آهي پر دانائ ماڻهن سان اهو قاعدو هر حالت ۾ لاڳو ڪونهي.

۱۲ بجڻ ۾ پهر.

اڄ جنگ اخبار ڪانه آئي. ڪاسي گهاٽ واري خالد جي موڪليل، پاڪستان ٽائيمس سرڪاري چمچي آئي. ڪا خاص خبر ڪانهي. جنگ جي هڪڙي چوٽي ايڊيٽوريل جو انداز سرڪار مخالف هوءَ جنگ موقعي پرست ۽ هوا جو رخ ڏسي هلندڙ آهي. اڇڪلهه ۾ ٽي ٽڪا جمهوريت لاءِ ٻڌڻي پيئي ڏيکاري ، بهرحال ڪنڊ رجعت پرست کان موقعي پرست ورڻي ۾ ٻه ٽي ٽڪا گهٽ ڏليل. سنڌ ۾ اندازو ٿئي ٿي سگهيو ته هتي جي پريس خاص ڪري هتي جي مڪيه اخبار نوائي وقت ملڪي زندگيءَ جي معاملن ۽ عام سياسي سوچ ۾ ڪيڏي نه زهريلي ۽ رجعت پرست آهي. ان جي پيٽ ۾ جنگ جڙ وڏي انقلابي اخبار ٿي لڳي. جنگ لاهور ۾ نوائي وقت جا پانڌيا ڪيڏيا چڏيا آهن، سرڪار حد کان وڌيڪ نوائي وقت جو ساٿ ٿي ڏئي ۽ جنگ کي سڪائي رکيو اٿس. ٿو ٻڌ جنگ هڪ گاله ۾ نوائي وقت کي ماري ٿي، اها گاله پنجاب جي ماڻهن خاص ڪري پنجابي نئين نسل جي سوچ لاءِ ڪافي بهتر آهي.

ريڊيو اڄ ٻڌ ڪوند مليو حالانڪه مجيد قريشيءَ کي چئي ٻڌ لکي اٿم. اڄ رمضان جيو "امان پوڙهيءَ کي ملاقات لاءِ گهڙايو اٿم." مون ڏٺو ته هي پاڻ پنجاه کان مٿي، هن جي ماءُ ته ۷۰-۸۰ جي پيٽي ۾ هوندي. پڇيو مانس "ڇو؟" چيائين "رحم جي اپيل لاءِ ججمينٽ هاءِ ڪورٽ کان ونٽي آهي، سا امان اچي ڪنهن کي چئي ولائي ڏي." ڏاڏو قياس آيم. رحم جي اپيل ۾ چا ٽيٽو آهي؟ تنهن لاءِ جهور پوڙهي مائي بهراڙيءَ مان اچي، شهر ۾ ڪنهن واقف ڪي ڳولي هاءِ ڪورٽ مان نقل ولي! مجبوراً ڪيس چيم ته ماڻهين کي چڏ، نقل پاڻ ائين ولڏاسين. م ق کي چئي يا باهر ڪنهن کي چئي. جيل ۾ خير جا ڪم ڪرڻ ناممڪن آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو مجبور ٿيو پئي.

۷ بجا شام.

ڪلف ڪڙولا پڄجي ويا آهن. اڄ مڙيئي گهٽ چگيري آهي، بدن سجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پگهر جي پيو آهي، اڄ هڪڙو دلچسپ خط پڙهيم، اهو انڪ کان دهليءَ موڪليو ويو هو. اسين پانيون تا ته اسلام کي خاص نموني ڦهلائيندڙ ۽ نافذ ڪندڙ رڳو هاڻ اسان جي دور ۾ پيدا ٿيا آهن. ايئن ناهي. اڳي به تسمين تسمين اسلام ڦهلائيندڙ ۽ نافذ ڪندڙ ٿي گذريا آهن. دراصل حضور جن جي هجرت کان اڄ تائين جي ڪل عرصي يعني ۱۴۰۲ سالن جي عرصي ۾ خلفاءِ راشدين جي حڪومت جي ۲۹ سالن جي زماني ۽ عمر بن عبدالعزيز جي ٻن سالن جي حڪومت جي زماني کي ڇڏي يعني ڪل ۱۴۰۲ سالن مان ۳۱ سالن کي ڇڏي باقي ۱۳۷۱ سالن جي دور ۾ روءِ زمين جي مسلمان حڪومتن ۾ گهٽو ڪري سڀ جا سڀ اهڙا ئي اسلام ڦهلائيندڙ ۽ نافذ ڪندڙ هٿا جهڙو هيٺ ذڪر ڪيل شخص. هي خط سال ۱۱۵۱ هجريءَ جي مهيني جمادالاول جي شروعات ۾ دهليءَ پهتو. انگريزي سال هو ۱۷۳۹ع. لکندڙ لکي ٿو:

"بادشاه سلامت جي ضمير تي روشن هجي، ته منهنجي ڪابل اچڻ ۽ ان تي قبضي ڪرڻ جو سبب خالص دين اسلام جي خدمت ڪرڻ آهي."

هي خط اسلام جي هن خادم ڪابل جي شهر ۾ موجود گهٽن مسلمانن کي قتل ڪرائڻ کان پوءِ لکيو هو. خط لکڻ کان پوءِ هن پشاور کان ولي نئين تائين ۽ اوپر تائين دهليءَ ۾ لکين مسلمانن کي ڳجرن ۽ مورين وانگر وڍڻ ۽ سڄي اسلامي هندستان سان باهه ۽ خون جي هولي کيڏڻ ۽ لکين مسلمان عورتن ۽ ٻارن کي زنا ۽ بدفعليءَ لاءِ غلام ڪري بازارين ۾ وڪڻڻ جا نيڪ اسلامي ڪارنامه سرانجام ڏنا. اهو خط لکيو ويو هو دهلي جي شهنشاهه کي ۽ خط لکندڙ اسلام جي خادم جو ناالو آهي نادر شاه. اڄ ٽن جلدن ۾ پنجاب جي هڪڙي تاريخ پڙهي پوري ڪيم. هي ٻيو پيرو ڏنو اٿم. پنجابي ويچارا محمود غزنويءَ هٿان جيئن پنهنجي حڪومت کسائي ويٺا، تيئن وري رنجيت سنگه کان اڳ تائين پنهنجي حڪومت قائم ڪري ڪونه سگهيا. هنن جو ڏوهه ڪونهي، حالتون ئي اهڙيون هيون. تاريخ ۾ عام تاثر اهو ٿو ملي ته غلاميءَ جي انهيءَ ۷۷۷ سالن جي عرصي (۱۰۲۱ کان ۱۷۹۸ تائين) ۾ پنجابي مسلمانن ڌارين سامراجين خلاف ڪا خاص جدوجهد ڪانه ڪئي ۽ نه پنهنجي حڪومت ناهڻ جي ڪوشش ڪيائون. هو مجموعي طرح ڌارين سامراجين جا حامي رهيا. پنجابين ۾ ٻن ٽولن جون بغاوتون ۽ هٿيار بند جدوجهدون هندستان جي سامراج دشمن ڏگهين هٿيار بند جدوجهدن ۾ اهم مقام رکن ٿيون. هڪڙا گکڙ پيا سڏ. گکڙ اهي جن محمود غوريءَ کي ماريو. مرهٽن جو ناالو آهي، پر گکڙ ۽ سڏ، جدوجهدون به اورچائي، سورهيائي ۽ قرباني ۾ پنهنجو مٺ پاڻ آهن. بدقسمتيءَ سان حالتن جي ڪري مسلمان پنجابين کي مغلن جي حامي ۽ مذهب پائي هٿ ڪري، انهن کان خاص ڪري سکن کان سخت نقصان ٿيا. سکن ۽ مسلمانن هڪ ٻئي خلاف سخت بي رحميون ڪيون. نيٺ سکن، پنجابي مسلمانن توڙي مغلن توڙي پٺاڻن ٽنهي کي شڪست ڏني. گکڙ توڙي سڏ نسلن. جا نسل وڙهيا، ڪچلجي تباهه ٿي ويا. پر هر پيري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري اٽيا. بهرحال سامراج دشمن جنگين خاص ڪري گوريلا جنگين جي تاريخ جي طالب علم کي ڪٿڻ ۾ سکن جي گوريلا لڙائين جي لمبي تاريخ نهايت گهٽي معلومات ڏيندي. پنجابي تاريخ انگريز جي دور تائين پوٽين الن صدين ۾ چار قابل ذڪر سياسي ماڻهو پيدا ڪيا آهن.

انهي مان ٻه گوريلا اڳواڻ هئا ۽ ٻه تيز ۽ قابل سياستدان. اهي هئا، جسرت ڪٿڻ بندو بيراڳي فقير، آدينا بيگ آرائين تپيدار ۽ رنجيت سنگھ.

جسرت ڪٿڻ پوري اڌ صدي (۱۳۹۴ کان ۱۴۴۲ تائين) پنجاب ۾ تغلق ۽ سيد گهراڻي جي اقتدار خلاف لڙندو رهيو. ماکوڙي ۽ هاڻي جي مقابلي ۾ هن خود دهليءَ جي شهنشاهن کي مجبور ڪيو ته سندس پيڇو ڪن. هو هر هنڌان بچي نڪتو ۽ وڃ وانگر پٽيان اچي دشمن تي ڪڙڪيو. بندو بيراڳي هڪڙو تارڪ الدنيا جوگي هو ۳۶-۱۳۷۰ سالن جو هو ته سکن جي آخري گڙو گوبند سنگھ دکن ۾ ڪيس سڪ بنايو. اورنگزيب جي وفات کان ٿورو پوءِ گروگوبند سنگھ پنهنجي وفات کان اڳ ڪيس پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو. اهڙيءَ ريت هڪڙو ويراڳي فقير اٽڪل ۴۰ سالن جي عمر ۾ ويراڳيءَ مان ٿري اوچتو گوريلا ليڊر بنجي ويو. ايندڙ الن سالن ۾ هن پنجاب ۾ مغل اقتدار جون پاڙون لوڏي ڇڏيون. جندي بيراڳي جي گوريلا لڙائين جو داستان هڪڙو اهڙو حيرت ۾ وجهندڙ داستان آهي، جنهن جا مثال هندستان جي تاريخ ۾ تمام ٿورا ملندا.

ميان آدينا بيگ لاهور تعلقي جي ڇنو آرائين جو پٽ هو. هو تپيدار ٿي مغلن جي نوڪريءَ ۾ پرتي ٿيو. جڏهن ۱۵ ڊسمبر ۱۵۵۸ تي هو مئو تڏهن هو دهلي دربار کان ظفر جنگ بهادر جو لقب ۽ پنجاب جي وائسراءِ جي عهدي جو پروانو حاصل ڪري چڪو هو. بلڪ ان وقت هو ڊري گهٽ پنجاب جو غير خودمختيار حاڪم بنجي چڪو هو. هو سازش جو بادشاه هو. هن ساڻيءَ وقت مغلن، ابدالي پٺاڻن، سکن، مرهٽن ۽ پنجابي راجائن کي آگرين جي چڪين تي نچايو. هو ميدان ۾ اعليٰ فوجي ڪمانڊر هو. هڪ زبردست منتظم هو پر سندس خاص ڪمال سازش هو. هن مغلن خلاف ابداليءَ کي گهرايو. ابداليءَ جي پٽ کي مرهٽن هٿان بي عزت ڪري لاهور مان ڪڍايائين. پاڻيپٽ جي ٽين لڙائيءَ کٽڻ کان پوءِ به احمد شاهه ابداليءَ جي گورنر کي هن لاهور مان ٽڙي ڪڍي ڇڏيو.

رنجيت سنگھ سکن جي هڪڙي معمولي قبيلي جي سردار جو صفا اڻ پڙهيل، بد صورت ۽ ڪاڻو پٽ هو. ۱۸ سالن جي عمر ۾ سبز شان گڏ لاهور تي قبضو ڪيائين ۽ دليري، قابليت، ڊپلوميسي، سازش، تخيل، ٽرلٽ ۽ دانائيءَ سان صدين کان پوءِ پنجاب جي پهرين پنجابي حڪومت نه رڳو قائم ڪيائين پر هلائي ڏيکاريائين. هن اڻ پڙهيل ٿڻ سڪ، نيپولين جي جنرلن کي آگرين تي نچايو، انگريزن، پٺاڻن، مسلمانن سينئي سان منهن ڏنائين. هندستان جي سڀ کان زياده طاقتور ۽ تربيت يافته فوج تيار ڪيائين. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو غير معمولي ماڻهو ۽ حاڪم هو جنهنجو داستان هندستان جي تاريخ جو هڪڙو نهايت دلچسپ ۽ اچرج ۾ وجهندڙ صفحو آهي.

سکن جي حڪومت ۴۹ سال هلي. اها ان وقت جي حالتن موجب زبردست ۽ بي مثال عوامي جمهوريت ۽ فولادي ضابطي وسيلي تيار ٿيل قوم ۽ فوج جي مدد سان وجود ۾ آئي ۽ رنجيت سنگھ جيڏي مرڻ کان پوءِ اڻ سالن اندر چڙواڳي ۽ آپيشاهيءَ انکي برباد ۽ ختم ڪري ڇڏيو.

"چون!" "چون!" وارڊ جي گيٽ جي ڪلف ۾ ڪو چاهي پيو ٿيرائي. شايد پهرو بدليو آهي. "لڪ!" نئون پهريدار. در مٿان ائين چڙهيا ويٺا آهن جو ڇڪيڏهن هي ائين هڪيا تڪيا سڄي رات منهنجي مٿان اپا ٽيا نہ ٻيٺا هجن ها تہ آءٌ جيڪر گهٽا ڏينهن اڳ هي شاهي تالا پڄي يا لوهي شيخون ڪاڻي، هي اجگر جيڏيون ديوارون ٽپي گولي ٽي وڃان ها!

۸۲-۶-۶. ۱۱ بجے صبح.

اڄ شاڪر شاه ٻڌايو تہ مجيد قريشيءَ جي ساهيوال بدلي ٿي آهي. مون وٽ ۾ اپيلون رهيل هيون سي صبح کان هنيون ڪڙو ڪري لکي ڪيس اجهو هينئر نمبردار هٿان موڪليون اٿم. منهنجي ٽي ويءَ جو ڪم هاڻي وڃي مهينن تي پيو. هيءَ دائري ۾ الائي ڪيترا ڏينهن هيئن بنا ڪنڪي لکي سگهجي؟!

۳ بجے شام.

ستو پيو هوس بلڪ ليٽيو پيو هوس تہ منير آيو. سمجهيم تہ ڪا ڳالھ ٿو ڪرڻ چاهي. معلوم ٿيو تہ مجيد قريشي جي بدليءَ ڪري پريشان بلڪ مايوس آهي تہ منهنجي پٽرول تي نڪرڻ جي لڪ پڙھ جيڪا ڏري گهٽ مڪمل ٿي وئي آهي سا مجيد قريشي جي وڃڻ کان پوءِ بيڪار ٿي ويندي. اڌ ڪلاڪ ڪجھ دلداري، ڪجھ وٺ وٺ، ڪجھ ليڪچر، ڪجھ تبليغ، ڪجھ مسئلي جو حل ۽ واٽ، ڇيو مانس تہ "تون خون جهڙو ڪم ڪري ٻڌي سال سزا ولين هاڻ ڏڻي گهٽ اڃي ڇڏڻ تي ٻيٺو آهين تہ ٻہ تون اوکو ۽ پريشان!

"هن ويچاريءَ کي ان کان ماري ڇڏين ها، تيزاب وجهي هن جي زندگي برباد نہ کرين ها... توکي سزا ڪهڙي ملي؟ ۽ هاڻ باقي وقت رهيو گهٽو آهي؟" وغيره وغيره: ڪجھ مرڪيو آهي، ڪو ٽيو آهي، ڪنڌ پيو لوڏي. قصو پيو ٻڌائي تہ ڏوھ برابر منهنجو آهي ۽ هوءَ ويچاري تباھ ٿي وئي..... بهرحال في الحال همراھ ٽاڻ ٿي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ لڙڪائي آيو هو ۽ هينئر سينو ڪڍيو پيو وڄي.

۷ بجي شام .

جي پي مارڪنڊ جو ٽاول پڙهي رکيو اٿم ٻاتي پويون آڏ رهيو آهي، خبر ته پئي ڪاڏانهن ٻيو ڪاهي. ڪارخانيدارن بابت آهي. سويل م. ق آيو هو. ٻه ٽي منٽ ويٺو پريشان ٿي ڏٺو. چيائين ته تنهنجي ٽي-وي ۽ جي رسيد اڄي پيئي، ۷ بجي بس ۾ پهچندي سرگوڏي کان. مٿير لاءِ چيائين ته ان جو ٻه هفتي اندر ڪمر ٽي ويندو. تڪڙو هو ڪوشش ۾ هو ته سيالڪوٽ بدلي ٿئي ۽ جي نه ته روڪجي. مزيدار مقابلو آهي. سندس ساهرا (خاص ڪري سُس) ۽ سندس پٽي ۽ پاڻ ۾ رنج آهن. جوٽس پنهنجي مائٽن جي پاسي آهي. هي سندس پٽي ۽ جي. هي لاهور ۾ آهي ته جوٽس ڇٽ مائٽاڻي گهر آهي. ان کي ۽ سسٽس کي سيکٽ ڊيڊ لاءِ پٽس ويو سو سندس بدلي ۽ جو آءِ جي ۽ وٺ بندوبست ڪري آيو جنهن سان پٽس جا تعلقات آهن. پر ان وچ ۾ جوٽس کي ڪڙڪ پئجي وئي ۽ بدلي ۽ جو آرڊر ساهيوال جيل لاءِ آيو ۽ نه سيالڪوٽ لاءِ. اهو هو سسٽس وارن جو جوابي حملو. سهرس جا ڊي-آءِ-جي سان تعلقات آهن. هي وري آءِ-جي وٺ ويا پر ان ڇيو ته في الحال وڃي چارج ولي ساهيوال، پوءِ پيلي موڪل ولي! مطلب ته جوٽس واري پارٽي ڪٽي وئي. جوٽس ٻه ڏاڪريڊ جي آفيسر ياڻي آهي، تعليم ڪاتي يا ڪنهن اڳڙي ڪاتي جي. ساهرا چونس تا جي هتي نڪو رهين اسانجي شهر ۾ ته پٽهين جي. شهر (سيالڪوٽ) ڏاڍهن وڃڻ اسين بٺ ٽوڪي ڪونه ڏيندا سين! ٻئي ڏينهن پنهنجي نالي سان آهن. هن جا پائر پيٽ لنڊن ۾ آهن. جوٽس جا پائر لبيا، ڪويت ۽ جرمني ۽ ۾ آهن. هتي هر ڪنهن وچولي طبقي جي گهر جا ٻه ٽي پاتي لنڊن يا يورپ ۾ ضرور آهن. هي دنيا جي ملڪن ۾ رهندڙن جوته ڪاٽو ئي ڪونهي.

۸۲-۶-۷ ۹ بجڻ شامر.

وهنجي، چڪر ڏئي آيو آهيان. پشتو پهاڪا پڙهيم. لفظن جي معني کي پيرو ڏنم، ڪيترا پشتو ۽ سنڌي لفظ ڏري گهٽ ساڳيا آهن. بلڪ ڪي لفظ ته سنڌي ۾ پشتو مان آيل تا ڏسجن. "گهٽو" جهڙو بنيادي سنڌي لفظ پشتو جو ايترو بنيادي لفظ آهي جو اهو پشتو جي قديم پهاڪن ۾ استعمال ٿيل آهن. مثلن پشتو پهاڪو آهي:- "پٽ گهٽو قصا ٻانو ڪئي غوا مڙدارڙه وي" "پشتو صورتخطي ۾ لکبو "گنرو قصا ٻانو ڪٻني غواسرداري وي" يعني گهٽن قاصاين جي وچان ڳڻون مڙدار ٿي ويندي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملان ڏنڌا ڪٽي ٻيهي رهيا آهن تہ نا محرمن ڏانهن اکيون ڪٽي نہ نهاريو ۽ زالن کي گهرن ۾ تالا ڏيئي ڇڏيو. هوڏانهن اسلام جا ٻيا ٿنيا اولیا الله جا صوفي بزرگ حڪم تا ڏين تہ دنيا ۾ چيڪي بہ سهڻيون صورتون آهن سي الله تعالیٰ پنهنجي خدائي حسن منجهان ناهيون آهن ، اهو حسن خود خدا جي حسن جو جلوو آهي. ماڻهن جون جيڪي نگاهون انهن موچارين صورتن کي ڏسن ٿيون انهن نگاهن ۾ بہ رب سمايل آهي! مثلن حضرت جامي عليہ الرحمت جنهن جو ڪلام سڀ ملان پڙهن ٿا ۽ سندس صفتون ڪن ٿا، سو فرمائي ٿو تہ:

"اي مولا! سهڻن جي چهرن مان پنهنجي سونهن جا جلوا ڏيکارين ۽ پوءِ عاشقن جي اکين جي وسيلي خود پنهنجي سونهن جو ديدار ڪرين!" "حسن خود از روئي خوبان آشڪارا کرده- پس بچشم عاشقان خود را تماشا کرده (جامي)"

هاڻي ماڻهو ويچارا وڃن ڪيڏانهن؟ هوڏانهن ملان گرز کٽيو بيٺا آهن تہ سهڻي صورت ڏانهن اک بہ نہ کڻن هيڏانهن هو الله جا پيارا چون ٿا تہ "ڏسو! توهان جي اکين سان خود رب ديدار ۾ محو ٿو ٿئي. هاڻ رب جو ديدار ڪير بند ڪري، ڪير اکيون پوري؟

هوڏانهن حضرت هاشم شاه بادشاه (۱۷۳۵ - ۱۸۴۰) تہ مورڳو چئي ٿو تہ حقيقي عشق تہ معمولي ڳالهہ آهي، اصل ڏکيو ڪم تہ آهي مجازي عشق! اهوئي اصل عشق آهي. خدائي عشق ۾ چاهي؟!

"رب دا عشق بهون سکالا، ايهہ بهون سکالي بازي
گوشہ پکڙ رهي هو صابر، ڇڏ تسبيح بني نمازي
سڪ آرام، جگت وچ سويا، اتي ديک هو وي جگ راضي،
هاشم خاک رلاوي گليان، اي ڪافر عشق مجازي!

"رب جو عاشق ٿيڻ سولو آهي، اها معمولي راند آهي. صابر ٿي تسبيح ڪٽي وڃي ڪنڊ ۾ نماز ٿي وهڻو آهي، دنيا ۾ سک ۽ آرام ملندو، عزت ۽ مان ملندو، هر ڪو ڏسي خوش ٿيندو، پرهاشم! هي جيڪو مجازي عشق آهي نہ، اهو ڪافر عشق ماڻهوءَ کي گهڻين ۾ رلائي، دربدر ۽ ذليل ڪريو ڇڏي!" "(اهو ڪم ڏکيو آهي!) اهو مسئلو جاميءَ جو شعر پڙهي ڏهن تي آيو اٿم. هاشم شاه جي "سسئيءَ" چي ڳالهہ آهي. پر سندس چوسٽا بيت بہ مشهور آهن. منجهس ڪافي انو ڪائي (Originality) آهي. ڪٿان ڪٿان لطيف جي پرسان پاسو ڏيو بہ اچيو لنگهي!

مون وٽن واڪو ٻڌڻ ڪم، ٻروچ جو،
(شاه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(كوڪ دلا كوئي كوڪ تهردي مت صاحب جي سُڻ پاوي)
(هاشم شاهه)

(دل! ڪا دانهن ڪر! دانهن بہ تهر جهڙي دانهن! تي سگهي تو تہ تنهنجي سِر جو سائين ٻڌي ونيِ!)

هي سٽون بہ هاشم شاهه جون آهن:

مائي بيٺ اکين وچ ويکين، مينون چاڪ ڪيها ڪجه دسدا!

(امان مون کي رانجهڻ ڏاڍو ڪيئن تو نظر اچي اهو ڏسڻو اٽئي تہ اچي منهنجي اکين ۾ ويهہ ۽ انهن سان ڏس!)

نہ بن شيخ مشائخ پياري نہ پهن لباس فقردا
بن گهائل مر دل دي پيڙي اي تا دام مکردا

(اي دل! شيخ مشائخ متان ٿئين، فقيري لباس کان پڄ پري، هي شيءِ مکر جا جار آهن! ڪنهن انسان جي عشق ۾ گهائل ٿي وڃ! جڏهن مرين تڏهن بہ بي ڪنهن بيماريءَ سبب متان مرين! عشق جي درد جي بيماريءَ ۾ مرجانءِ!)

عاشق دين نہ مذهب رکدي انهان درد خدا ڪر جاتا

(سچا عاشق انساني عشق جي درد کي خدا ڪري ڄاڻن تا. سندن ٻيو ڪوبہ دين ۽ مذهب ڪونهي!).

اياز چيو آهي،

نهر اها ئي لهر ڪٽي آ
گدري ويو جو پهر ڪٽي آ

ڏيڍ سو ٻہ سو سال اڳ هاشم شاهه چئي ويو آهي:

نديان نير رهن نت تارو او ڪدي نہ هوون هلڪي
جو جل اج گئي اس راهين اوه فير نہ آون پرڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ندين جو پاڻي سدائين وهندو رهندو اهي سڪي سڪي وري تار ٿي ويندڙيون. پر جيڪو پاڻي اڄ منجهائنس وهي ويو. سو وري ڪڏهن به موٽي نہ آيندو)

ڪيترن ڳالهين ۾ پنهنجي وقت کان اڳتي جو شاعر آهي ۽ هڪ حد تائين سندس نواڻ اڄ تائين قائم آهي. مثلاً هند ۽ سنڌ جي شايد ڪنهن به شاعر وقت جي بادشاهن جي باري ۾ هيئن نہ چيو آهي:

ڪهڙ سڻ حال حقيقت هاشم، هُڻ ديان بادشاهان دي
ظلمون ڪوڪ ڪئي آسماني دکيان زور دلان دي،
آدميان دي صورت دسدي رکشس آدمخوري
ظالم، چور، پليت، زناهي، خوف خدائيون کوري

(هاشم! اچو ڪن بادشاهن جا حال ٻڌائي ۽ ٻڌ! بيحد ڏکويل دلين سندن ظلمن بابت اهڙي دردڀري داهن ڪئي آهي جيڪا آسمان ۾ وڃي رسي آهي. اهي بادشاهه انسان ناهن پر ماڻهن جي ويس ۾ راکاس ۽ آدمخور آهن. اهي ظالم آهن، چور آهن، پليت ۽ زاني آهن. خدا جي خوف کان خالي ۽ ڪورا آهن).

اڄ سوچيم "ڪاش مونکي ڪجه اهڙ ترين هوليون سکڻ لاءِ وقت ۽ ماحول ملي ها. اينجلس عربيءَ ۽ اسپينيءَ سميٽ ۲۰ هوليون ڄاڻندو هو. مائوزي تنگ ۸۰ سالن جي عمر ۾ انگريزي پڙهي سگهيو! ڪاش آءٌ دنيا جي عظيم فنڪارن ۽ دانائن کي سندن اصل مادري هولي ۾ پڙهي سگهان ها. سڻو ڪي يوناني ۾. امرءُ القيس کي عربيءَ ۾، فردوسي ۽ قرة العين طاهره کي هاڻوڪي ڏکا اسڪارٽ فارسيءَ ۾ نہ پر اصل فارسيءَ ۾، ڪاليداس کي سنسڪرت ۾، تلسيداس کبير ۽ ميران کي هنديءَ ۾ پڙهي سگهان ها!" اها ڳاله بلڪل ممڪن هئي، بشرطيڪ اسان جي ملڪ ۾ رڳو اردوءَ جو مرض نہ هجي ها. لکنؤ ۽ دهلي کان سواءِ ٻي هيتري سڄي خدائيءَ جي وجود جو به احساس هجي ها ۽ دنيا جون هوليون سيکارڻ جو پورو انتظام هجي ها. چيني مون کي شايد قيامت تائين کان ايندي. باقي پانيان ٿو ٻي هرڪا هولي مناسب وقت ۾ سکي سگهان ٿو.

منير ريڊيو ڪٽي آيو آهي. ان سان گڏ بجليءَ تي وڄائڻ جي وائر به آهي. هاڻ ته مزا ٿي ويا! اوچتو هڪڙي فلم ڳڇيءَ ۾ ڦاڪي وئي آهي. ڦرڙيءَ کان وڏيرڙي ۽ ڦٽ کان ايان گهٽ آهي پر ٽي سگهي ٽي. ڪجه ڪرڻ جا رستا جيل ۾ ڪٽي؟ بري ڳاله ۽ سابه بري وقت تي! ٻارنهن مهينن ۾ هي ٻيو وڏو بحران آهي. منهنجو تجربو آهي ته جيڪي ماڻهو دنيا ۾ ڪنهن به ڳاله ۾ به وکون اڳيريون ڪٽڻ چاهين ٿا ۽ چار ماڻهو پاڻ سان پيڙا ڪرڻ گهرن ٿا، تن جي راه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ باهرين نہ اندرين هوندي آهي. اڪثر حالتن ۾ دشمن جي اڪثر سوچيل سمجهيل دشمنيءَ سبب نہ پر پنهنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان رڳو بي خيالي، اڻ ڄاڻائي، لاپرواهي، جهالت، هلڪائي ۽ خودمطلبي سبب گهٽي ۾ گهٽو نقصان ٿيندو آهي. ڪو ماڻهو هارنهن مهينا پلي پيو سڄي جهاڻ کي پيرين پوندو رهي ۽ سندن ڪاڪشوريون ڪندو رهي، پر سندس هڪڙي يا بن پنهنجن پٽن، پائرن يا ٻين يارن ۽ پوئلڳن طرفان ڪيل هڪڙي ئي خرمستي اسندس سموري ڪئي تي پاڻي ڦيرائي، سندس محنتون مردار ڪري، ڪيس ڪائنڊ تڙو ڪري ڏوهارين جي پڇري ۾ ٻيهاري سگهي ٿي. جيڪي ماڻهو چئن يارن، پائرن ۽ همدردن جي وچ ۾ وڏي اطمينان سان ويٺا رهاٽيون ڪندا آهن، تنڪي جي آها خبر هجي ته جيڪي ماڻهو سندن ڳالهيون پيا ٻڌن تن مان ڪيترا ٿوري دير کان پوءِ وڃي سندن زور تي ۽ سندن آڙ ۾ راڄ تپائيندا، نٽ مستيون ڪندا ۽ ڏيڪ ڇڏيندا؛ سندن واسطي ماڻهن ۾ همدردي وڌائڻ بدران سندن واسطي نت نوان دشمن پيدا ڪندا، ته جيئن سندن ڪهڙين ڪرٽ تان ارواح ئي ڪجي وڃي! پٽي صاحب جو مثال ئي ڪافي آهي. هن ويچاري ڏاهپون، حرڪتون، نهايون ۽ خدمتون ڪري سال ۾ ٻه ڪڙ جا ماڻهو ناهيا ته سندس ڪن "فدائين" ۽ "سرفروشن" پنهنجن ڪارنامن سان اڍائي هزار ماڻهو سندس سر جا ويري بنائي ٽي ڇڏيا! "آهيرَ آڻي اوبٽي، رن وڃائي رٽيو!" ان ڪري ئي چيو اٿن. "ٻني ته دوست جيسڪي دشمن اس ڪا آسمان ڪيون هو." "جنهن جا تو جهڙا دوست هوندا اُن سان تقديرَ جي وڙهڻ جو ڪهڙو ڪم؟ تون ئي ڪافي آهين!"

تنهن ڏينهن منيئر جي حالت ڏسي ڏاڍي ويس. اڳي جڏهن سندس ڏيوٽي پويون ڏنهو هتي جي ٻدران ٻئي هنڌ لڳائي وئي تڏهن مڙس سهڪندو مون وٽ آيو. منهن ڳاڙهو جهليو جهل ئي نه ڏئي. چي "منهنجي ڏيوٽي ٻدلائي منشيءَ، منهنجي!" "ويو ڪلي ويو ڳاڙهو پيلو ۽ ڪاوڙ ٿئي چي، "مون چيس تنهنجو دماغ خراب ٿيو آهي! خبر نه اٿئي ته موڪلي فقط ٻه اکر پليجي صاحب کي چوڻ جي ديرَ آهي. هڪدم جيلر کي چوندو ۽ ..." مون ان وقت ئي اندازو لڳايو ته هن سڄي جهان ۾ ٻڌاکون هٽي، آڪڙيون ۽ خرمستيون ڪري منهنجي نالي کي ئي هن جيل ۾ گار ٻنائي ڇڏيو. هوڏانو هر ڪو ماڻهو مون کي انهن خرمستين جو سرپرست ٻلڪ ڪارڻ سمجهي منهنجو ويري ٿيو ويٺو هوندو. اڄ مسڪين ۽ غريب رمضان جي حالت ڏسي چڪرائجي ويس. سوچيم ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ته هي مسڪينڙا، منهنجي "پاور" جي آسري کنهن ڏکهي جي ٻه ڏاڙهي پٽ ۽ منهنجي ڪيڏانهن متو ڪڍائڻ کان ٻڌ ڪونه گسندا! کي ماڻهو پيستي ٽکي جو نفعو ڏسي دوست بنجي پوءِ پنهنجي ڪشيري جي معتبريءَ لاءِ ناقابل تلافي نقصان ڏئي ڇڏين تا. سبب خسيس ۽ هڇا اٽ جيڏي! بهرحال لاهين ڇاڙهين ۽ ورن وڪڙن واري ڏاهپ ۽ سوجهائي واري جدوجهد ته اڳيئي رکي آهي. هلا ياڙيا جيل! تنهنجون مڙسن لاءِ مجبوريون! اجهو ٽي وي اچي وئي، انڪل ٻه مهينا اڳ ۸۲-۴-۱۰ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي ويا هئا. اڄ ڪجھ انب پال وڏا اٿن. سويل مجيد قريشي آيو ھو. اڄ ٺيڪ ھو. شايد اڄا ب ٽي ڏينھن هجي، هن جيل واري حالت ڪيس چڏين ٿا. جالندر امرتسر ٽي وي تان گرلس اسڪول جمون جا چوڪرا ۽ چوڪريون دوگري گيت ۽ ناچ ڏيکاري رهيا آهن. ڪاب هلڪڙائي ۽ نرڙائي ڪانھي ۱۳-۱۳ سالن جا چوڪرا ۽ چوڪريون نهايت معصوميت سان هڪڙو پيار جو منظر پيا ڏيکارين. هڪڙو ب زبردست فنڪار آهي. واھ!

مجيدقريشي ڪي گھرايو هوم. بجلي وارو گھرائي ٽي وي فٽ ڪرائي ۽ پاڻ سيٽ ڪري ويو آهي. ۽ مسئلو ب في الحال حل ٿي ويو. اڪثي ڏسجي.

"اول الله نور اُپايا
قدرت دي سب بندي
ايڪ نور سي سب جگ اُپجيا
ڪون ڀلي ڪون منڊي"
(بابا نانڪ)

جالندري ٽي وي تان بابا فريد، پنجابي شاعري جي جنم داتا تي مذاڪرو پيو هلي. هندي نانڪ، سوليوشن ايڪس، ٻن ڪردارن جي اداڪاري جو جواب ڪونهي. مزاحيه ڊرامو آهي. واه جي ڪهاڻي آهي.

۸۲-۶-۸ سوا ڏهه.

ڏاڍي گرمي آهي. پکو فل پيو هلي تہ ب پگھر پيو اچي. ماني ب ڪاڙ ٽي وڻي. امير ڪي چيو اٿم تہ ڪير جو ڪوپ ٽوري پتي وڃي ٿاهي اڇ. ڏسان من پيٽ جي سوڙ ۾ گھٽتائي ٿئي. سپرنٽنڈنٽ ڪي لکيو اٿم تہ رات جو فقط باهرين گيٽ بند ٿئي تہ جيئن ماڻهو باهر سمهي سگهي. هنيئر تہ وڃين جوئي ڪمري ڪي تالا هٽيو وڃن، پوءِ ماڻهو پلي پيو رڄهي. جنهن مهل ڪمري مان باهر نڪري چڪر هڻڻ جو وقت ٿئي، تنهن مهل هٽي چڏين تالو، پوءِ شام جو ننگ ڏکهي ڪيئن ڪجي؟ ڏسون چا ٿو ڪري؟ اڄ عورتن بابت ڪجھ ڏاهن جا خيال پڙهيم، ۽ وڻيا. شيڪسپيئر چيو آهي:

"منهنجي دل ڪي عورت جي سونهن تہ سندس باجھ جيتيندي."

جرمن داناءَ گوئٽي چيو آهي: "فضليت ۽ خوش اخلاقي پرائٽ لاءِ عورتن جي صحبت ۾ اٿڻ ويهڻ لازمي آهي."

هندستاني ڪانڈيءَ چيو آهي: "انسان جيڪي ب دنيا ۾ گناهہ ڪيا آهن تن ۾ سڀ کان وڏيڪ ڏاڍيل سڀ کان ڀيانڪ، سڀ کان وحشي گناه اهو آهي جو هن انسانيت جي ذات سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني عورتن سان ظلم ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ عورت جي جنس ڪمزور جنس ڪانهي. ٻنهي جنسن مان عورت جي جنس ئي وڌيڪ اعليٰ ۽ عظيم آهي چو ته اڄ تائين عورت ئي قرباني، خاموشيءَ سان پيڙا پوڳڻ، نڀائي، ايمان ۽ سمجھ جو مجسمو آهي."

بنگالي داناءَ ٽئگور چيو آهي: "عورت! جيئن سمنڊ ڌرتيءَ کي گهيريو ٻيٺو آهي تيئن تو ۽ پنهنجن لڙکن جي اونهائين سان دنيا جي دل کي گهيري ۾ ولي ڇڏيو آهي."

فرينچ داناءَ بالزاڪ چيو آهي: "عورتن جي غلطين جو ڪارڻ گهٽو ڪري هميشہ اهو هوندو آهي جو هو ٻين جي چگائيءَ ۽ سچائيءَ تي ويساه ڪندیون آهن."

مسٽر باوي، انگريزي ڏاهي چيو آهي: "خدا کان پوءِ اسان تي عورتن جا احسان آهن. پهريون تہ اهو جو اسانکي زندگي ڏني اتن ٻيو اهو جو ان زندگيءَ کي رهڻ جي لائق بنايو اتن."

راشن جو گوشت اڄ بنھ ٿورو آهي، الائي ڪنهن گهوبي هنئي آهي؟ واپس ڪيو اٿم. ٽي وي ڏسجي ٽي. اکين تي پيل بار جي ڪري پڙهڻ تي دل نہ ٽي چوي. سانجهيءَ چتر هار آهي. رات آخري پروگرام فراق گورک پوريءَ کان لکنئو ٽي وي طرفان ورتل انٽرويو جو رکارڊ هو. ٻين جا ۽ پنهنجا شعر ٻڌايائين يا ٻڌايا هئائين. (چو تہ تازو وفات ٽي اٿس) سندس ٻہ شعر مون نوٽ ڪيا.

اڪا دڪا صدائي زنجير
زندان مين رات هو گئي هي
جب دل کي وفات هوگئي هي
هر چيز پي رات هوگئي هي.

انداز زبردست هئس جيئن سيني جغادري شاعرن جو هوندو آهي. نت نون نازڪ خيالن کي خوبصورت ۽ دل ۾ چيندڙ لفظن ۾ ادا ڪرڻ ۾ فراق سان هندستان ۾ ڪو دم هٽي ڪونہ سگهندو. پر سندس سماج بابت سمجھ ايڏي اونهي يا وسيع ڪانهي. هوڏانهن جوش جا سماجي احساس وڌيڪ تيز آهن. غزل پرستيءَ کان ٻاهر نڪري نظم کي پنهنجو ڪرڻ ٻہ پلو ڪم، پر سندس ٻولي لفظن جي شان شوڪت ۽ دٻدبي واري هئي. سولیءَ سنڌيءَ ۾ مونکي سندس لفظ هميشہ خواہ مخواہ جي پرتيءَ وارا اوٽ پٽانگ ڪجسا ۽ بور لڳا. هونءَ نياز فتح پوريءَ وانگر ڏهني طور وڏو دليرِ ۽ باغي جاگيردار شاعر هو. جي سنئين مٽ اچيس ها ۽ ماڻهو ڪوڙيون تعريفون ڪري مٿو نہ ڪيندس ها تہ سولي ۽ عام فهم ٻولي ٻہ سندس در جي گولي هئي. فارسي ۽ عربي جا اکر ڪٽي، انهن جي اصل مفهوم ۽ صحيح استعمال جون ٽنگون ٻانهون ٻچي، انهن کي بدصورت ۽ بيڙو ڪري سچاٽ ڪان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو تہ توهان جي جديد پاڪستاني علمي اردو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيار! بوگس عربي+ بوگس فارسي+ بوگس انگريزي= بوگس پاڪستاني علمي اردو! غالب جو ڪافي ڪلام خواهمخواه جي مشڪل لفاظيءَ جو شڪار ٿيل آهي. سندس بهترين ڪلام اهو آهي، جيڪو سندس خطن وانگر سادو، خوبصورت ۽ بي مثال آهي.

ابن مريم هوا ڪري ڪوئي
ميري دکھ جي دوا ڪري ڪوئي.

اردوءَ جي سيني وڏن شاعرن جي ڪلام جو وڏو حصو ان فضول مشڪل پسندي ۽ خواهمخواه جي ڪوڙي علمي معتبريءَ جي نذر ٿيل آهي. خواجه ميردرد جهڙا ڪي ٿورا آهن جيڪي ان بيماريءَ کان گهٽي قدر بچيل آهن. قلي قطب شاهه، ولي دکني، درد، نظير اڪبر آبادي، بهادر شاهه ظفر (اصل ۾ ذوق؟) جو ڪلام ان ڪري حال سارو گهٽي ياڳي نسبتا حقيقي شاعري آهي، خواهمخواه جي لفاظي ناهي. هونئن جڏهن اجائي لفاظيءَ کان آجا آهن تڏهن ميرَ جي شعرن جو کهڙو جواب؟

ميرَ ان نيم ناز آنکهون ڪي.
ساري مستي شراب ڪي سي هي

بي اختيار مصري شاه ياد اچي ويو آهي.

ڪنيائون ڪلي نيٺ گهرا گلابي!

اتي ڳاله ياد اچي وئي. پارٽنو چوي ٿو ته ارسطو جي سائنسي عظمت جي جائز احترام جو ناجائز استعمال ايندڙ ڪئين صدين تائين سائنس جي واڌاري جي راه ۾ رڪاوٽ بنجي ويو. اسان شاهه جي عظمت کي ايئن استعمال ڪيو آهي جو جڻ شاه جي شاعريءَ مان بي شاعريءَ جي پاڻي سڏ اندر کي به کين سرجيو ۽ اها شاعري خدانخواسته نانگي نيٽي رهجي وئي. لطيف سيني روماني داستان جو عطر نچوڙي ڪڍي انهن ۾ الائي ڇا ڇا ملائي انهن کي اهڙيون چيزون بنائي ويو آهي جو وري ٻئي ڪنهنجي واتان انهن داستانن جو نالو به ماٺهو پائڻي ته نه ٻڌان. تنهن ڪان سواءِ بيت به رڳو شاهه جائي مزو ٿا ڏين. اها ڳاله اسان جي لاءِ نقصانڪار آهي. پنجابيءَ جا جيترا غير داستان گو شاعر مشهور آهن جهڙوڪ بابا فريد، شاهه حسين، بلي شاهه، سلطان باهو، حيدر ملتاني، خواجه فريد- اهڙائي مشهور آهن داستان گو شاعر پيلو (مرزا صاحبان)، دامودر (هيرانجها)، احمد گجر (هير)، حافظ برخردار رانجها (سسئي پنهون وغيره)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارث شاھ، مقبل (هير)، هاشم شاھ (سسئي)، ميان محمد بخش (سيف الملوڪ) وغيره.

هاڻي تہ امرتا پريتم جي خراج تحسين ڏيڻ کان پوءِ پنجابي جو وڏو شاعر وارث شاھ تسليم ٿئي ٿو. جيڪو "محض" هڪڙو داستان گو آهي. اسان وٽ حفيظ تيوٽي جهڙا داستان گو اهڙا آهن جن جو مقابلو ڪنهن وڏي ڊنگ داستان گو سان ڪري سگهجي ٿو. پر اسان مان ڪيترن کي اسان جي داستان گوئن جي رڳو سکڻي خبر آهي؟ بهرحال مون کي تہ ڪانهي. تنهن کان پوءِ لطيف کان اڳ جا شاعر قاضي قاضن، شاھ ڪريم ۽ شاھ عنايت ميون عنايت معمولي شيون ناهن. لطيف لطيف آهي. پر هنن جا بہ ڪيترائي بيت لطيف جي رسالي ۾ ايئن ملڻا پيا آهن جو سواءِ ڪنهن جغادريءَ جي، ٻئي کي پتو ئي ڪونہ پوندو تہ ڪهڙو لطيف جو ڪهڙو ٻئي جو! ڪريم جي هن شعر جي بندش ۽ سندس تاثر ۽ ماجرا لطيف کان گهٽ آهي؟

آيل سهڻو رد، سوهڻي ڪام وسهي
ستي هڪڙم گڏ، جان جاڳان تان ناھ پرين!

(امان خواب اجايا آهن، خواب تي متان ڪاوسهي)

يا قاضي قاضن جي هن شعر کان وڌ ڪو ٻيو!

ڪنز قدوري ڪافيا جي پڙهي پروڙين سڀ
تہ ڪر منڊي ماکوڙي ڪوھ ۾ پئي ڪچي اپ.

وڏن "علمي" پڪڙن ۽ ائنڊن جي سموري اڊنبر جا ڪم ئي لاهي رکيائين! سنڌي غزل، ڪافي ۽ بيت بہ هرو پرو گهٽ ڪونهن، اسان مان گهڻا سچل، مصري شاھ، خليفي نبي بخش، سانگيءَ ۽ ساوڻ فقير جهڙن شاعرن جي ڪلام مان فيض ولن تا؟ منهنجي خيال ۾ لطيف تي گهڻي ۾ گهڻو ڪم ٿيڻ کپي ۽ ان ۾ ڪابہ کوٽاهي نہ ٿئي. ان سان گڏ اسان جي ماڻهن کي ٻين اڳين توڙي وچين دور جي شاعرن جي ڪلام مان بہ فيضياب ٿيڻ گهرجي ۽ انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي.

ساڳيءَ طرح منهنجي خيال ۾ نثر ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي پيرو مل مهر چند آڏواڻي جو جيترو قدر ٿيڻ کپي اُن جي رتيءَ برابر بہ نٿو ٿئي. حالانڪ انهن جا ڏيڻهن بہ تمام وڏي دام ڏوم سان ملهائڻ گهرجن ۽ سڄي سنڌ ۾ ملهائڻ گهرجن. مونکي پڪ ڪانهي پر آءٌ يانيان تہ قليچ جهڙي شيءَ ان زماني ۾ پاڪستان جي علائقن ۾ تہ ٺهيو پر دهلي، يوپي ۽ لکنؤ ۾ بہ ڪانہ هئي. مونکي ان پٺ ۾ ٻيو ڪو بہ ماڻهو ڪونہ سمجهي، جنهن اڪيلي سر پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ايڏو اڻاھ اعتبار ۾ بہ نہ ايندڙ ڪم ڪيو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۶-۹ ۴ بجي شام.

ٽورو سمهي اٽيس ۽ غدر پارٽيءَ جي تاريخ بابت پڙهيم. هيءَ اها پارٽي آهي جنهن سان مولانا عبيدالله سنڌي جو واسطو پيو. مزو هي ته غدر وارا سڀ پنجابي ۽ هي مسلمان سو به مولانا ۽ مٽان سنڌي. پر ڏريون ٿئي اصل ۾ سڀ ۽ پنجابي. (مولانا اصل ۾ سڀ هو). هيءَ پارٽي آمريڪا جي ڪئليفورنيا رياست ۾ پورهيو ڪندڙ سڀن ۱۹۱۳ ۾ هندستان جي آزاديءَ لاءِ ٺاهي هئي. سنڌن اخبار جيڪا هو آمريڪا ۾ ڪيندا هئا تنهنجو نالو هو "غدر" يعني بغاوت. ان تان اهو نالو پيو.

ڪئليفورنيا ۾ ڪل ۱۰ هزار سڀ پورهيت هئا. ۱۹۱۴ ۾ غدر پارٽيءَ انهن کي چيو ته پنهنجا ڏاڙيون ڇڏي هلي هندستان آزاد ڪرايو. ڏهن مان اٺ هزارن سڌ ٿي لبيڪ چيو! انهن مان اڍائي هزارن کي برطانيه سرڪار نظر بند ڪيو. ۴۰۰ جيل ۾ وڌا ويا ۽ هنن ٿي سخت چوڪسي رکيائون. آخر ۾ همراهن بغاوت ڪئي. سمجهائون ته پنجابي فوج به ساڻ ڏيندي. ان نه ڏنو. بغاوت ناڪام ٿي. گرفتاريون ٿيون، ۴۲ ڦٽا ڦاسيءَ تي چڙهيا، ۱۱۴ حبشي حنم قيد ڏيئي ڪاري پاڻي موڪليو ويو ۽ ۹۲ بين کي مڪاني جيلن ۾ سزايابَ ڪري رکيو ويو. پر ايڏي ڪربلا کان پوءِ به همراهُ مڙيا ڪونه، وري وڃي ماسڪو ڪان نڪتا. برلن ۾ اڏو ڪابل ۾ اڏو ويٺنام ۾ اڏو شنگهائي ڏانهن تاصد. مطلب ته، جان جان هئي جيئري ورڃي نه ويئي!

جيسين منجهائن هڪڙو به بچيل هو تيستائين وڙهندا رهيا. آخر اها تحريڪ ڪميونسٽ تحريڪ ۾ شامل ٿي ويئي ۽ ان ڪميونسٽ تحريڪ کي چونڊيءَ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن ڏنا. سڀن جي تاريخ پڙهڻ جهڙي شيءِ آهي، حيرت انگيز شيءِ آهي سڀ. امرتا پريتم به ته مولانا سنڌيءَ وانگر سڀ آهي! ياد رهي ته اسان جي پنهنجن سنڌين هنن جو وڏو تعداد سڀ مذهب جو پوئلڳ هو ۽ آهي. البت جيئن اسان جي حرن ۾ هڪڙا فرقي ٻيا سالم جماعت، تيئن هي به پر امن سڀ آهن. عقيدا ساڳيا البت رهڻي ڪهڻي ٿوري نرم. پاڪستان جو بازوئي شمشيرزن آهي پنجاب. ان ۾ مسلمان ياري اڪثريت ۾. ۱۹۳۱ ۾ مسلمان ۵۶۰۵ سيڪڙو هئا ۽ سڀ فقط ۱۴ سيڪڙوا! ان ۱۴ سيڪڙو جي خسيس اقليت پورا سؤ سال بازوئي شمشيرزن تي راڄ ڪيو آهي. اڍائي سو سال اڳ ڪانوئي انگريزن جي دور تائين پنجاب ان خسيس اقليت کان ڪنبندو رهيو آهي. انگريزن جي دور ۾ به سامراج خلاف مردانگيءَ جا جيڪي به ڪم ٿيا (سڪٽي جاڙي بازيءَ ۾ سڀ مقابلو ڪونه ڪري سگهندو) تن ۾ سڀ چانيل هئا. البت سڀ جاگيردار ۽ رجعت پرست طبقو به پنهنجي نالي سان هو. هنيئر ان بلا کي آمريڪي سامراج استعمال ڪرڻ گهري ٿو ۽ ڪري رهيو آهي. پر کوڙيءَ کي گهمرو ڪونهي. انقلابي جدوجهد ۾ سڀ اڄ به وڏو ڪم ڪري رهيو آهي. جوش مليح آبادي جي مشهور نظم جو هڪڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ياد آيو آهي:

وه بگهت سنگهه جس کي غم مين اب بهي دل نا شاد هي.
اس کي گردن مين جو جالا تها وه قندا ياد هي؟.

سڪ انقلابي پگت سنگهه هن ئي لاهور شهر جي، شهر جيل ۾ ۲۳ مارچ ۱۹۳۱ تي آزادي ۽ جا نعرا هٺندي ڦاسي چڙهيو هو. مطلب ته عشق وانگر وطن دوستي، انسان دوستي، عوام دوستي، حق پرستي، قرباني ۽ سچي انقلابي سورهيائي جي به ڪا هڪڙي ذات ڪانهي، ڪو هڪڙو وطن ڪونهي، ڪو هڪڙو روپ ۽ رنگ ڪونهي، اها شيءَ ڪڏهن بدر ۽ ڪربلا جو ميدان آهي، ڪڏهن غلام باغي اسپارٽيڪس ۽ عيسي جو صليبن تي سنگسار آهي، ڪڏهن منصور جا اناالحق جا نعرا آهي، ڪڏهن لطيف جا بيت ۽ فردوسي جا ترانا آهي ته ڪڏهن ويٽنامي ٽروئنگ پينرن، جو ن آف آرڪ، قرة العين طاهره، دودي، دريا خان، هوشو هيمون ۽ لومبا جون سرڪش للڪارون آهن، ڪڏهن پگت سنگهه ۽ وان ٽروئي جي سورهيائي آهي، ڪڏهن سسئي جي جفاڪشي ۽ جاکوڙ ۽ سهڻي ۽ جي سرفروشي آهي ته ڪڏهن مارئي جي سانگين ۽ جهانگين سان ازل وفاداري ۽ سدا سويارو ست آهي. اهي سڀ هڪڙي ئي شيءَ يعني انسان دوستي ۽ جا مختلف رنگبرنگي روپ ۽ جلوا آهن.

"آڄا جي! مين تشريف لي آوان گا. اُنتي تريڪ!"

(۲۹ تاريخ) هڪڙو ڪلارڪ آئين چئي موڪلائي ويو آهي. ويچاري مسڪين سان ظلم آهي. گجرانوالي شهر ۾ ۵ ايڪڙ زمين شهري آئس. قيمت ۲۵ لک. مائٽن جو اڪيلو پٽ، مسواڙين مسڪين کي ستايو آهي.

وڪيل کي غريب ماڻهو ڪٽان ڦي ڏئي؟ لاچار مون قيدي ۽ کان منت جي بيگر وٺي پئي آئس. هاڻ "ان تي تريڪ" تشريف ڪٽي ايندو. چيائين "پستول لاءِ درخواست ڏني آئم. ماڻهو شهر ۾ چرا ڪنيو پيا هلن ڪو هٽي ڪڍي تر!" مون پچيس "پرٽيل آهين، شاديءَ ۾ ڪنواربتن کي ڏاج به ڏنو هوندوءَ!" چيائين "هائو، پر ٻين ايڏا به گهٽو ٽي ڏنو بابا کي چيائين لٽ ڪي، آسين ان کان ٻيٽو ڏينداسون." پر مصيبت وري به اها جو ماڻهو چرا ڪنيو پيا هلن!

۱۰-۶ شام رات مزو ٽيو. امرتسر جالندهر ٽي وي تان غلام محمد ۽ سندس سنگتي (اسان جي طالب پالاريءَ وانگر) دوگريءَ ۾ مورا پيا ڏين. رات امرتسر جالندر ٽي وي جي خوبصورت انائونسرن وڏي درامائي انداز ۾ مرڪندي چيو "انگڻ ٻهاريا تو جا وانو نهاريا" هڻ توانو اسي اڪ ملتاني ڪلام سڻائي آن! ۽ پوءِ رونا ليلي وڏي انداز سان شروع ڪيو "انگڻ ٻهاريان تنهنجون وانون نهاريان!" جهڙو آواز تهڙي اسٽائيل ۽ انداز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪ سارڻدا پگھرائي وڏائين. لاهور ۾ پرائي اسٽيشن تان اڌ سئڌياڻي رونا ڪي سندي ڪلام ڳائيندي ڏسي ڏاڍو مزو آيو. رونا بہ حدون ڪري ڇڏيون!

"تيري سونهن پُلي گيو پيٽا ڪاٽا."
(تنهنجو سونهن وسري ويو ڪاڏو پيتو!)

ڏوگري مورا پيا هلن. پس منظر ۾ جمون ۽ ڪشمير جا خوبصورت پهاڙي منظر پيا ڏيکارين. چشما، گل، مال چارينڊ ڏنان شاهُ بلوط جا وڻ، لاهيون، برف، نيرو آسمان ۽ رنگبرنگي ڪپڙا.

"تاري پيچي گوريئي اسي پُلي گئي، اسي رُلي گئي."

"پٽيان تنهنجي گوري ڙي! اسين پلجي، وياسين، اسين رُلي وياسين!"

منير اچي اطلاع ڏنو ته مجيد قريشي چارج ڇڏي ويو. آئي جيءَ جي فون آئي ته هڪدم بي دخل ڪري اوڏانهن موڪليوس. ڪلاڪ بہ قريشيءَ جون تعريفون پئي ڪيائين. جيل ۾ جڻ صوبائي وزارت ڏهي پيئي، قيدين ويڇارن لاءِ هاڻ ماٺهوءَ پاٽي رات پئجي ويئي. مون لاءِ بہ سپاٽي ڪان قيد جي نوعيت بلڪل بدلجي ويندي. اڳي اڌ ڳالهائڻ سان ڪم ٿيندو هو، نہ ٿيندو هو ته آءٌ صبر ڪندو هوس. هاڻ ڪوبہ ڪو ڏڏو اڌارينداً، مونکي هڪ حدڪان پوءِ گوڙ ڪرڻو پوندو. نتيجو اهو ته هاڻ جيڪا سڪون سان پڙهائي ۽ ٿوري لکائي پيا ڪريون سا ختم ٿي سگهي ٿي. سمو وقت ضايع ٿي سگهي ٿو. فضول ۽ نڪمين چڪتائڻ ۾ جن مان نڪو دود نڪو ثواب.

اڄ هندستاني فلم ايندي باقي اڌ ڪلاڪ اٿس. مونکي ته ٽالو بہ وسري ويو آهي! بهرحال ڊرمينڊر آهي. (هندستان جي ڊريم گرل خوابن جي راڻي هيما مالنيءَ وارو) ڏسون ڪهڙي آهي. امير ماڻي پيو پچائي. آڻون بہ تيسين يانيان ته پاڻيءَ جا بہ ڏول پاڻ تان وڃهي وڻان. گرمي بدن کي ڪائي پيئي. فلم جو نالو آهي "ريشم ڪي ڊوري". نالو ته هوائي آهي. اجهو شروع ٿي ويئي! ڏسون!..... هيروئن آهي دليپ جي زال سائره بانو. اڌ هلي پورو ٿيو آهي، وچ ۾ وقفو ٿيو آهي. شاڪر ٽڪر پيو ٻاهر ڪدائي شيخن مان! ويچارا جيل جا سپاهي! قيدين سان گڏ قيدي. ماءُ مري وڃي ته موڪل جي پڪ ڪانہ. ۲۴ ڪلاڪ حاضري، جيتري سنڊن قيدين ٿي آڪڙ اوتري آفيسرن هٿان وري سنڊن بي عزتي، سڄو ڏينهن ڏوڻ سڄ تي سيڻ ڪيترا ويچارا ٻيڙيءَ ٽوڻي ۽ ماني ٽڪر لاءِ جهوتا پيا ڏيندا..... وقفي ۾ ماني کائي وڃجي.

رات پوڻا ڏهه. فلم بس رڳو قابل برداشت هئي. اهائي پراڻي سرمائيدار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروپيگنڊا:- "سرمائيدار پيءُ آهي، مزدور سندس ٻچا آهن." پليل سرمائيدار گس تي آيو ۽ پنهنجي ڏهٽي مزدور عاشق کي پرٽائي ڏنائين! گانا بہ جڙ ڪوڙ هئا. البت هڪڙي گاني جا ٻول توڙي ڏن وڻيا:

"اي چمڪا پسينا بن کي نگينا
ڪالي رات بيتي، محنت جيتي، ري محنت جيتي."

هڪڙو سنڌي جملو بہ هڪڙي سيٽ ڪان چوائي چڏيائون "هيءَ تہ سينيي ڪالھ آهي." جملو ٻڌي دل خوش ٿي ويئي.

۸۲-۶-۱۰ صبح.

واڇ خراب آهي. ٽائيمر جي صحيح خير ڪانهي، ريڊيو تان دوگري گيت پيا اچن. دوگري سرائڪيءَ وانگر مٺي ٻولي آهي. سندس لهجو نرم ۽ نماٽو آهي. سندس راڳ جون ڏنون بہ شوخ ٻدران نرم آهن. اڳڻ ۾ ڪٽ وڇايو انبن جي اوٽ ۾ ويٺو آهيان. اندر ڏاڍي گهٽ آهي، ٻاهر ٺڏي هوا پئي لڳي. پهاڙي آلاپ پيو ٿئي.

اوباگين پڪيان ني انبيان چلار شوقٽي!

(اي متهنجي شوقين محبوب! باغن ۾ انبيون پڪيون آهن)

چانن اي رات تي گلابي اکيان
آيا جو بٽي بروڻ دا سينگار شوقٽي.

(رات چانڊوڪي آهي تنهنجيون اکيون گلابي آهن. تنهنجي جوڻ کي لهندڙ سينگار اڇي ڏيو آهي)

۸۲-۶-۱۱ صبح پوٽا تو.

"ميائون!" "چا هي ٽائيگر؟" "ميائون!" "چا هي؟ چا هي؟" "ميائون!" ٽائيگر جو منهن چت جي هيٺان زوشن دان ڏانهن آهي، ڪنهن شيءَ ۾ نگاهون ڪتل آٿس. رنڊڪي مان اميٽر چئي ٿو "ڪهڙا اي مينون ڪبوتر دا ٻچا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦڙ(جهلي) دي! او ڪبوتر دا بچا ٻاري(دري) تي ٻيٺا اي! پتہ اي سانون ڦڙڪ دي گاڪي نهين !" مون ٽائيگر کي چيو" نڪر ڪتا! توکي پراوا پڇا جهلي ڏيون تہ تون انهن کي ماري کائين! ڪبوتر جو بچو چئي تو تہ مون کي ٽائيگر جهلي ٻڌي ڏيو تہ آءٌ لونگا هٽي ڏسانس!"

وهنجي اچي ويئو آهيان. گرمي! صبح سان ئي ملڪ تپي باهہ تي ويو آهي. اڄا تہ ڪٽي! ڪالهہ کو بہ ڪم ڪار کو نہ ٿيو آهي . پشتو سٻتن کي ڪلاڪ اڳ پيرا ڏنم . هاڻ پانيان تو تہ نيٺ ڪڏهن سکي ويندس. ڪجهہ سڀاءُ سمجهہ ۾ اچڻ لڳو آهي. اڳي تہ انّي جو گهوباڻو ڳالهہ ئي مغز ۾ نہ ويهي. پر منهنجو پراڻو نسخو آهي، نئين ڪان نئين شيءَ کي في الحال بسم الله ڪري ڪٽي هٽ ڳنديو. اصل ڇهڻي وڇوس، صفا ٽڪي پئو تہ ڪٽي ڏئو ڪريوس. وري ٽڪ لهي بيزاري لهي ۽ ٽورڻ شوق ٻہ ٽئي تہ وري ولوس، توڙي سالن جو وڻئو چو نہ پڄي وڃي. ٽڪ ۽ وڻئو قدرتي شيون آهن، انهن جي بلڪل پرواهہ ڪوٽي ڪانهي. پشتو جا ٻہ پهريائين اردوءَ ۾ لوڪ گيت پڙهيم. سبحان الله! هڪڙو لوڪ گيت تہ مونکي ڇڏهن ٻہ ياد ايندو آهي تہ ڇڏهن منهنجا لڳ ڪاندار جي ويندا آهن ۽ آءٌ چاهيندو آهيان تہ مون ۾ ايتري طاقت هجي، ايتري طاقت هجي جو سڀ ڏيئي هماليہ جبل کي ڪٽي وڏير کي جاگيرداري سماج جي نظام ۽ ان جي ريتن رسمن تي هٽي ڪين پوز پور ڪري ڇڏيان! گيت جا بند ڪجهہ هن قسم جا آهن:

(نالو اهو آهي يا اڇو ٻيو)
ڪچا ٻہ پهر آهن،
ويچاري نيمڪئي!
ڪچا ٻہ پهر آهن،
معصوم نيمڪئي کي مامس ولي پيو وڃي.
ويچاري نيمڪئي! ڪچا ٻہ پهر آهن،
نيمڪئي کي ڳوٺ جي وچ ۾ ٻيهاريو ٻيٺا آهن،
ويچاري نيمڪئي!
ڪچا ٻہ پهر آهن،
نيمڪئيءَ اڄا ڪچڑيءَ وهيءَ ۾ آهي.
ويچاري نيمڪئي! ڪچا ٻہ پهر آهن،
۽ نيمڪيءَ کي مامس ڪهي پيو.
ويچاري نيمڪئيءَ
رات جا ٻہ پهر
۽ نيمڪئي سامائجڻ شرط، "ڪاري" تي ڪسجي ويئي
ويچاري نيمڪئي، ڪچا ٻہ پهر آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پشتو جو هي ڪتاب حيدرآباد سينٽرل جيل کان هاڻ ڪورٽ ڪراچيءَ ويندي ورتو هئم. ڪڏهن لڳو پيو آهيانس، ڪڏهن مهينن جا مهينا پيو آهي، پر ضما چڏيانس نه تو. ڪتان کو اکر، ڪتان اڻ، جيڪو تو پشتو ڳالهائيندڙ ڏسان تنهن تي پنهنجي پشتو جو آپريشن تو ڪريان. مسٽر پاڪستان کي چيو هوم ته "مون سان گهٽو پشتو ۾ نه ٿ بلوچيءَ ۾ ڳالهائي، لاچار پنجابيءَ ۾. اردو يا ستڌي اصل نه." مسٽر پاڪستان تي اهو نالو مون رکيو هو. اهو ئي ماڻهو ڏٺم جيڪو پاڪستان جي پنجن ئي صوبن جون ۽ سرڪاري قومي ٻوليءَ (عوام جون قومي ٻوليون اکثر سرڪاري قومي ٻوليءَ کان الڳ هونديون آهن) ڳالهائي سگهي ٿو. اردوءَ ۾ ان کي پڙهو جو ڪراچيءَ جو هو، بلوچي انکري جو رهندو ئي اصل کان بلوچي علائقي ۾ آهي ۽ اٽ ويهه ٻه ٻولي هوندي کان ولي بلوچن سان آهيس. پشتو ان کي اچيس جو ماٽس پشتون (پٺاڻ) آهي، پنجابي انکي اچيس جو ڪجهه ڪراچيءَ جي واتن چاکڻ کان سکيو ڪجهه هٿي پنجاب جي جيلن ۾ ست مهينا رهي سکيو آهي، باقي رهي سندي سو اها ان کي اچيس جو پاڻ سندي پيڙهه جو پٽ آهي! کيسا ڪٽ ۽ چرش گانجي جي وکري جو ڪاروبار هوس. عمر ۱۵-۱۶ سال مس هئس، پر اک ڪنهن ۾ ٽي ڏينهن مون ونڊ مهينو ڪن مشڪتي ٽي رهيو.

پارٽ جي ڪنهن اسٽيشن تان هارن جو پروگرام پيو اچي. مون نوٽ ڪيو آهي، ته هنن جا ڪجهه هار اهڙا تيار ٿي ٽي وي يا ريڊيو تي اچن تا جو اسان جا وڏا به انهن جو ڏکيو مقابلو ڪري سگهندا. خاص ڪري خود ڪلاميءَ (Solilogy) ۾ هو حيرت انگيز آهن. هڪڙو هار ڳالهه شروع ڪندو. پوءِ ڳالهه ڪندي پنهنجي پنهنجي پيءُ ماءُ، استاد ۽ دوست مطلب ته ڪيترن ئي ماڻهن جو ساڳئي وقت پارٽ ڪندو ويندو آهي. اصل ڏسڻ ونڻان هوندو آهي. هارن ۾ خود اعتمادي غضب جي آهي. شايد اتي جي جهوري سرمائيدار ماحول جو اثر آهي. اسانجا هار اسٽيج تي واکا ڪرڻ ۾ زور هوندا ته هوندا، باقي صحيح فن ۾ شايد تمام گهٽو پوئتي آهن. وڏيرڪي جاگيرداري ماحول يا فسطائي سرمائيداري ماحول ۾ شهري هار به رڳو جاهل رجعت پرست وڏن جا ٽيپ ٽيو پيا هلن.

ساڍا نو بجي رات. ڏاڍي گرمي آهي. منو پائيءَ جي ڊرامي سيريز "سونا چانديءَ" جو هڪڙو پارٽ ڏٺم. دل چسپ تو ڏسجي.

هڪڙي چوڪري "چاندي" (شيبا حسن) جي اداڪاري زبردست آهي. اڄ اسرائيل ۽ شام جي جنگبنديءَ جي خبر آهي. بن ٽن ڏينهن کان ان باري ۾ پريشاني هئي ته الائي چا ٿيندو. جي بيروت تي قبضو ٿي ويو ته فلسطيني ڪچلجي ويندا. هوڏانهن عراق هڪ طرفي جنگبندي ڪئي آهي. ڏسون ان جو ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري. معاملو پيچيدو آهي. بهرحال اسرائيل جو بيروت تي آسانيءَ سان قبضو نه ڪري سگهڻ به وڏي ڳاله آهي. هڪڙو اسرائيلي جنرل به مئو آهي. ايران مدد لاءِ اڪتي وڏيو ڏکڻ يمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽئنڪون ڏياري موڪليون، ٻيا پاڙيا رڳو اخباري بيان بازي ڪندا رهيا. پارٽ ڊاڪٽر ۽ دوائون موڪليون آهن. اسان وارن کان ته اهو به ڪونه پڇيو رڳو بيان بازي ٿي. ضيا کي گڏي جو سور پيو آهي. اڄ سلبريءَ جماعت اسلاميءَ خلاف مضمون لکيو آهي. چي "رڳو نظرئي جون خبرون پيئي ڪري، پاڪستان جي ڪاميابي جو راز ڪانهي. اقبال کي استعمال ڪري ٿي، قائد اعظم خلاف آهي." ڊاڪٽر اسرار منجهائن آهي. تنگ نظر ۽ ڪل ٽڙيل آهي. همراهن کي احوال الائي رسيو الائي نه. خبر ناهي چا ٿيو. چا نه ٿيو. پيسا ختم ٿي ويا آهن.(پي پي سي * ۾ توڙي هونئن.)

همراه ملاقات تي ايندڙ خميس تي الائي ايندا يا اڃا ٻي خميس تي. اڳ چئبو هو تہ جڏهن اچن تڏهن ٽيڪ، پر هاڻي پائنجي تہ جيترو جلد ملي حال احوال ڏيئي ونجي سگهجي اوترو بهتر. متان وقت ضايع ٿئي. ڪيس جو الائي چا ٿيو.؟

۸۲-۶-۱۲ پوٽا ڏهه صبح.

اڄ چڪر ڏيئي پوءِ وهنجيس. اڳ وهنجي پوءِ چڪر ڏيندو هوس تہ پگهر جي پوندو هوس. اڄ ململ جي قميص ۽ هڪ جي سٽ پاتي ا ٽهم. وينو به پڪي هُيٺ آهيان. گرمي وڌندي وڃي. صبح جو هندستان جي تاريخ بابت ڪتابن جي فهرست نقل ڪيم ۽ پڻ پنجاب ۾ انقلابي تحريڪ جي تاريخ جو ڪجهه مطالعو ڪيم. هڪ دفعو پڙهي ا ٽهم، هاڻ ٻيو پيرو ڏيئي نوٽ وٺندس. پهريون دفعو ته ڪابه واقعي ڪم جي ڪاله سمجهه ۾ اچڻ مشڪل آهي. واقعي سڌا ڪتاب به ٿي دفعا پڙهجن تا ۽ انهن جا نوٽ وٺجن تا تڏهن انهن مان فائدو ٿئي ٿو. شوڪت علیءَ جو انگريزي مقالو پڙهيم جنهن ڇيو آهي ته اردو ادب ۽ تنقيد انگريزي ادب ۽ تنقيد جو نقل آهن.

پوٽا اٺ راڌ. خبرون پيو ٻڌان. ٻي ٻي سي هٽ ئي ٿو اچي. ٻي شارٽ ويو تي هڪڙي غير ملڪي اسٽيشن تان وڃي پيس جنهن تان هڪڙي عجيب ساز مان جهڙوڪر سچاتل ميوزڪ پڻي آيو. آخر وڃي سچاتم. الغوزو راڻو! ڏن هئي. "منهنجي راڻل کي رحم پوي ڏور وڃيو ڏينهن لائي!" ٿوري دير کان پوءِ ميوزڪ ختم ٿيو ته اناؤنسر چيو "يہ ريڊيو ماسڪو هي!" هر ريڊيو اسٽيشن پنهنجي سچاٽپ لاءِ خاص موسيقيءَ جو ٽڪرو وڃائيندي آهي. لاهوراسٽيشن جي سچاٽپ جي ميوزڪ ۾ هيءَ ڏن شامل آهي: "لال ميري پت رکيو بلا سندڙي دا، سيوهڻ دا شهباز قلندر!" الغوزي تي راڻي جي ڏن به ريڊيو ماسڪو جي اردو پروگرام جي هڪڙي سچاٽپ واري ڏن ٿي ڏسجي.

---

* پي پي سي - قيدیءَ جي جيل وارن وٽ جمع ڪرايل رقم جنهن مان سامان ونڊي سگهندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۶-۱۳ ساڌا ٽي بجڻ شام.

ٽورو سمهي اٿيو آهيان. ش آيو هو، تنهن ننڊ مان اڀاريو. ايئن يڌ شڌ: منير کي بدلي ڪري قاسي گهاٽ مٿان رکيو آ ٽن. رمضان کي بدلي ڪري "ڪوٽ موتني" تي رکيو آ ٽن. هن کاڙهي جي زل ۾ جيل جي ديوار وڌ پهرو ڏيندو ته متان کو قيدي ڏوڙ پائي ديوار تي چڙهي پوڄي نه وڃي. اها سزا واري ڏيوڻي آهي. شاڪر شاهه ۽ رفيق جي به بدلي ٽي آهي. پهرين ته شاڪر شاهه جو مٽو ئي ويو هو. پر هاڻي وري به مڙس وڃي ڪنهن حال ۾ ٽيو آهي. مڙئي ڪنهن ڪنهن مهل اڇي منهن ڪڍي وڃي سگهندو، پکو وٽي نه ٽو. گهٽي پکي هلائڻ جو نتيجو آهي. ۲ سال پينون گهرايون هيم سي آيون آهن، صفا ڪني ويون هيون. هي آخري آهي. همراهن کي ياد ڪري چڄي ته ڪا سئي پين ۽ ٻال پينون ولي ڪٽي اڇن ٻئي پيري. فلسطينين به جنگ بندي قبول ڪئي آهي. ڪجه لئي رکيائون. ارجنٽائين وارو جنرل گالٽيري چئي ٽو ته "آمريڪا اسان سان ڪن سالن لاءِ تعلقات خراب ڪيا آهن" چئي ٽو ته ضرورت پيئي ته روس کان به مدد ولنداسون. ولي خان وارن کي کوئٽه وڃڻ کان روڪيو اٿن. افغانستان بابت ايٽو- ڊي- پي ۾ اختلاف ٿئي ڪرٽا هئا. سرڪار نٽي چاهي ته اهي اختلاف ٽين ۽ اين ڊي پي افغان مسئلي بابت پنهنجو رويو تبديل ڪري. ضيا گڏجي جي سوڙ ڪري اسپتال ۾ داخل آهي. اڄ اخبار ٽيو ته همراه نيڪ ٽي ويو البت ڊاڪٽرن کجه ڏينهن اسپتال ۾ آرام ڪرڻ لاءِ چيو اٿس. جنگ جي ڪالم نگار نظير ناجيءَ لکيو آهي ته "ڏسجي ٽو ته آمريڪا وڌ هاڻي افغان مسئلي ۽ پاڪستان کي اڳوڻي لفٽ ڪانهي. برطانيه، پارت ۽ آمريڪا جا اختلاف دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي ۽ ان ۾ ڪامياب حاصل ڪئي اٿس. سعودي عرب اندرا جو شاهاڻو استقبال ڪيو. لڳي ٽو ته ولي خان "ضرورت کان وڌيڪ" اهميت حاصل ڪري رهيو آهي. ان جو فوج کي به نقصان پوندو انڪري سياسي پابندين هٽائيون وڃن ته معاملو خراب ٿيندو. اخبار ۾ آهي ته سرڪار بجٽ کان اڳ شوريٰ ۾ رهيل ماٺهو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر ماٺهو تيار نه ٿيا. هاڻي بهرحال ۵ جولاءِ کان اڳ ڪڍندا. منير وڃان جهڙ هٽي آيو. پاڪر پائي روئي وڃائين. چي، "هتي ڏاڍا سولا آهيون، پر هتي جڙ گهر جا ياتي هٿاسين!"

۶ بجڻ شام. هنيئر ٽي وي تان خبر ٻڌم ته شاهه خالد گذاري ويو آهي.

بادل ڙي بادل! منهنجا نيڻ ٿا بس ڪن!
رت آئي، رت وئي، جهولي ۾ ٿا ڏينهن جهلن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهنجندي اياز جو اهو گيت چپن تي اچي ويو. جهونگاريندي نئين ڏن ڏهن ۾ آڻي. ڪو سمجهو ماڻهو پرسان هجي ها ته فرسٽ ڪلاس ڏن نهي وڃي ها. جنهن دور ۾ بيا گس بند ٿي ويا هئا ؛ ٽٽافتي هلچل وسيلي مٽان مڙهيل مات ٽوڙڻ جي تجويز ناهي هيم ؛ عمل شروع ڪيو هوسين، تڏهن لطيف جي ورسين سان گڏ اياز جي روشن خيال ؛ وطن دوست ڪلامن جون ڏنون ناهڻ پويان ڪيئن چيلهه ٻڌي پيا هئاسين! ڪماڪمي ڪري نٽي مان اچي حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي ڊئريڪٽر سان جهيڙو ڪيم ته اياز جو ڪلام چو ٿا براڊ ڪاسٽ ڪريو! ٻوري ڪان ڪيس هلائي سڏو آيو هوس، پوءِ هڪڙي مهم شروع ڪري ڏني سين. انهيءَ مهم جي سلسلي ۾ اياز جو ڪلام پهريون دفعو جنهن ڏينهن ڳايو ويو سو اڄ به ياد اٿم. آءٌ ؛ زرينه اسڪوٽر تي چڙهي پبلڪ اسڪول آيا هئاسين. ڪلام به ياد آهي. اياز جو اوائلي دور جو ڪلام آهي. مون به ستڊس پهريون ڪلام اهو پڙهيو پسند ڪيو ؛ مشهور ڪيو هو.

رات انڌيري واءُ ڏڪيري اڀ تي تارا چاياِ.
هاءِ پرين ياد آياِ!
ڇرڪ ورا پياراِ پيارا نيريءَ گهرائيءَ ۾ تاراِ
مون جيئن اک به نه لاتائون ٿي.
پل پل جهاتيون پاتائون ٿي
آهي نينهن به ننڊ جو ويري
جاڳي مون جاڳايا
هاءِ پرين ياد آياِ.

ڪلام جهڙو چڱي تهڙو ڪونه لڳو. ماڻهو ان قسم جي ڪلام جا عادي ڪونه هئا. پهريون تجربو هو ناڪام ٿيو. ڪيڏا بور ٿيا هئاسين! پر سالن جي اورچائيءَ ڪان پوءِ ڳالهه ئي ٻي ٿي وئي! روزي ڪارنر. جويو صاحب پيو ڳائي:

ڪهڙي ڪاريهر جو ڏنگ
چورائي آيو آ چنگ!
هاءِ ڪٿي هوءَ سير مئي
جنهن جي لاءِ رڙي تو ڪنگ!

چا گيت هو. چا آواز هو! چا ڏن هئي! چا ڏينهن هئا! هڪ ڏينهن محمد جمن کي پڪڑي گاڏي کاتي واري جاءِ ۾ ولي آيو هوس مٽس ورڪ ڪرڻ ته اياز جي ڪلام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڏنون ٻاهي ۽ ان ڪلام کي عوام ۾ ڦهلائڻ ۾ مدد ڪري. جمن چئي: "اهو وري ڪهڙو شاعر آهي؟" ريڊيو وارن ويچارن لاءِ شاعر يا تہ اڳوڻا يا تہ اهي جيڪي ريڊيو جا ملازم هجن. ٻيا وري ڪهڙا شاعر؟ آخر مٿس تبليغ ڪري ڪيس هڪڙو ايار جو ڪلام "پونر پري آڪاس" مان پڙهي ٻڌايم.چيائين "اهو ٻہ ڪو ڪلام!" ڪليو ڪليو مون تان چرچا ڪري تہ ڪهڙن ماڻهن کي شاعر ٻيو چوان. بهرحال ڇيو مانس تہ ڏن تہ ڪا ٻڌي ٻاهي وٺ. چرچا ڪري ڪري نيٺ "رون!" "رون!" ڪرڻ شروع ڪيائين. نيٺ ڏن ٻاهي ٻڌايائين. طبيعت خوش ڪري ڇڏيائين. ٽئين ٽئين ڄاڻ مسواڙ تي ورتي هيم، ڪنولو هڪڙو پيل هو جنهن ٿي ٻئي ويڻا هٿاسين. واڊڻ ڇنڊ هٿس. انڪل سان ويهڻو ٿي پيو. جمن ٻي ڏن ٻاهي ٻڌائي. واهه! پر ڪاله اها ٿي تہ "هي ٻہ ڪو ڪلام ڇٻو!" پوءِ ٻي ڏن. ڇوٽين ڏن. مانيءَ ڪاڏي سون. ڏنون ڏهندیون رهيون. آخر منهنجون اکيون پورجڻ لڳيون. جمن لڳو پيو آهي.منهنجي اک لڳي تہ ڇڪيو مونکي اتاريو ويهاريو ڇڏي. ڇي "مونکي ولي آيو آهين ڪلام چوڻ لاءِ ۽ پاڻ ٻو سمهين!" منٿون آزيون، پر جمن چوي "سمهڻ جو سوال ئي پيدا ٿو ٿئي، طبعيت مس هاڻ ڇيو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اڄي تہ رڳو تنهنجي زبردستيءَ ڪرڻ تي پئي رون! رون! ڪيئر." سڄي رات ايو ڪريو ويهاريو ويٺو هوم. هڪڙو سانوڻي درياهه هو جنهن پئي موجون ماريون. ان رات کان وڏيڪ جمن جو ڪلام مونکي ڪڏهن ٻہ نہ وڻيو. ڪاش مون وٽ ٽيپ ريڪارڊر هجي ها! جيڪڏهن مقصد فقط پنهنجي ذات جي خوشي نہ هجي ڪو واقعي عظيم گڏيل مقصد هجي، تہ پوءِ ان جي حاصلات لاءِ جيڪا گڏيل جدوجهد ڪجي ٿي تنهن جا ڏڪ سڪ زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو ٿين تا. ڪنهن عظيم مقصد کي ڪامياب بنائڻ لاءِ گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ ڪا نئين تجويز ڏيجي، ڪوبہ سنجيدگيءَ سان ان تي غور ڪرڻ لاءِ ٻہ تيار نہ هجي؛ توهان حيلا ڪري ڇڏيو پر ڪو قائل ئي نہ ٿئي، آخر توهان بسم الله ڪري ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪريو. سال کان پوءِ اها تجويز اهڙي ڪامياب ٿي وڃي ۽ ان جا ايترا حامي ۽ عملبردار ٿي وڃن جو ڪنهن کي ٻہ اهو ياد نہ رهي تہ هيءَ تجويز ڪا توهان ڏني هئي ۽ ان جي هيڏي مخالفت ڪئي وئي هئي ۽ توهان اڪيلي سر ان چون شروعاتي ۽ اڻانگيون منزلون طئي ڪيون هيون. در شمار ارچہ نياورد کسي حافظ را- شڪر کان محنت بي حدّو شمار آخر شد (حافظ شيرازي)

(جيتوڻيڪ هن هيڏي ساري ڪارنامي ڪرڻ تي ڪنهن ٻہ حافظ کي ليکيو ئي ڪونہ پر تہ ٻہ شڪر آهي جو هي سخت ڪشالو تہ اڇي پوروتيو!) اها ڪاله سوچي تجويز ڏيندڙ ۽ ان تي عمل شروع ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ کي جيڪا خوشي ٿيندي تنهن جهڙي سڄي خوشي ڪن ماڻهن کي لک روپيا ڪمائڻ تي ٻہ مشڪل ٿيندي هوندي. گڏيل جدوجهد جي دور ۾ هڪڙو مست بنائيندڙ نشو هوندو آهي، پنهنجي گڏيل وجود ۽ قوت جو سوپارو احساس هوندو آهي. ان جا ڏڪ ٻہ عام سکن کان سوين دفعا وڌيڪ يادگار بنبا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا دور بار بار ايندا رهن تا. پهريائين ڪامريڊ حيدربخش جتوئي واري قمبر، شهداد ڪوٽ اليڪشن جي جدوجهد سان قصو شروع ٿيو. آءٌ ايل ايل بي جي امتحان ۾ هئس ۽ نئين مهينا ڪن هٿ ۾ پڙهائي ڇڏي قمبر پهتو هوس. پوءِ هاري ڪميٽيءَ جي هلچل، ون يونٽ خلاف ۽ جماعتي فاشزم خلاف ادبي ۽ سياسي هلچل، نعپ هلچل، جيئي سنڌ جي هلچل، شاگردن جي تحريڪ، ثقافتي هلچل، عوامي تحريڪ کي منظم ڪرڻ جي جدوجهد ۽ عوامي تحريڪ جي قيادت هيٺ هاري هلچل، ايوب ۽ يحييٰ جي ڊڪٽيٽر شپ خلاف هلچل، پيپلز پارٽيءَ جي دور ۾ وڏيرا شاهيءَ جي ڊڪٽيٽرشپ خلاف هلچل، حيدرآباد سازش ڪيس خلاف قانوني جدوجهد، شيرين سومرو ٽربيونل ۾ قانوني جدوجهد، هاٿوڪي آمريت، خلاف جدوجهد، ۱۹۸۳ جي جدوجهد، طرحين طرحين جون جدوجهدون، هر هڪ جا پنهنجا پنهنجا مسئلا، پنهنجا ساٿي، پنهنجون سوچون، شڪستون، ڏک سک آزمودا ۽ تجربا، شڪر جو هر دفعي پڙ جي وچ ۾ بيهڻ ٿيو آهي، ڪنڌ پاسي ۾ نه.

هڪڙو هڪڙو واقعو دور ۽ ان جون ڳالهيون دل تي لکيون پيون آهن. ٽورڙن ٻين مطالعي جي ڏينهن ۽ ذاتي سکن ڏکن جي ڏينهن کي ڇڏي، ٻيا زندگيءَ جا سڀ کان قيمتي ۽ سدا بهار ڏينهن اهي ئي هئا، اهي ئي آهن زندگيءَ جو ثمر. انهن کي ڪيئي ڇڏجي ته باقي زندگي ڏري گهٽ وڌي پُڙي بچندي.

ڪي ڏينهن هيا، جو نينهن هيا، ۽ ڪينهن جي سونهن وروڻهن هئي
نه رهي نه رهي نه رهي او الا! گذري ب ويئي، گذري ب ويئي.
(اياز)

اي دوست بهار ورجي گل کيا، جهڙ ڇايا پيمانا ڇلڪيا
هوءَ باد خزان ب رهي نه سدا، گذري ب ويئي گذري ب ويئي!
سڪ ڏيئي، ڏک ورتا ها، ڪنهن پياري جا جگ ساري جا
پڇ ئي نه ايازِ اهي ڏکڙا، گذري ب ويئي، گذري ب ويئي!

پنهنجي عوام پاران جدوجهد لاءِ سڀ ڪجهه وقف ۽ قربان ڪري ڇڏڻ مهل ماٺو ڇا آهي ۽ سڀ ڪجهه پنهنجي ذات ۽ خاندان جي سک لاءِ وقف ۽ قربان ڪري ڇڏڻ مهل ماٺو ڇا آهي! جڏهن ايازِ وچ ميدان ۾ هو تڏهن ڇا نه هو!

مون ايازِ جي ڪلام سان گڏ ايازِ جي ذات تي به گهڻو سوچيو آهي. سندس زندگيءَ کي سندس شيخ برادريءَ جهڙين سنڌي شهري وچئين طبقي جي عام واپاري ۽ ڪامورڪين برادرين جي زندگيءَ جي فلسفي کان، ذاتي آرام، سلامتي، نفعو ۽ ملڪيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريائين ۽ عزت آبرو ۽ ٻيون معتبريون شوءُ واري. فلسفي کان قطعي اڻ متاثر ٿيل نڙو چئي سگهجي. ساڳي طرح ڇنهن سکئي ستايتي ۽ خوش حال طبقي ۾ هو پنهنجي محنتي ۽ ڏهين جدوجهد سان نهايت ڪامياب وڪالت ذريعي داخلا حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري چڪو آهي تنهنجي ڪجهه اڻن الوقتڻ ۽ ڪجهه ترقي پسند فلسفي کان ۽ فزيڪ ۽ اطالوي زوال پرست اديبن ڪافڪا، ڪامو، بادليئر، شارٽري (وجوديت ۽ زواليت پرستيءَ جو هڪڙو روپ، بلڪ هڪ حد ڪانپوءِ عملي طرح بدتر روپ آهي.) وغيره جي زهريلي، بزدل، مطلبي، مايوس بنائيندڙ ۽ هر قسم جي ڪلالت فرار ۽ غداري لاءِ ڏهني بهانا ميسر ڪندڙ ادب جي فلسفي کان ۽ ان کي الڳ ڪري نڙو سگهجي. ٻين اکثر ماڻهن وانگر هن جي زندگيءَ ۽ فڪر ۾ ۽ تضاد آهي. خود ستدش فڪر ۾ ۽ هڪڙي طرف لطيف آهي ۽ ٻي پاسي حافظ، خيام ۽ ٽئين پاسي ترقي پسند شاعر آهن ۽ چوٿين پاسي مٽيان زوال پرست اديب ۽ شاعر آهن. قرندڙ گهرندڙ گڏ وچڙ خيالن، غير جدلي سوچ جي انداز ڪافي وسيع پر اڻ پختي ۽ اڻ سائنسي سماجي ۽ تاريخي ڄاڻ ۽ زندگيءَ جي سرمائي داري دنگ سان ماڻهو تاريخ جي موجوده دور جي سياست جي تيزيءَ سان گوهيون ۽ چال ڏيندڙ جڙ گهوڙي تي پنهنجو هوش جواس آخر ڪيترو وقت برقرار رکي سگهي ٿو؟ تنهن ڪان سواءِ هر ماڻهو ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٽڪيو پوي. ڪيس ساهي پٽڻ جي، نئين سر غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر ڪي ماڻهو هٿ ڏوئي سندس پويان پئجي ويا. ڪيس ويهڻ ئي نه ڏين. اصل ڪيس تپائي اچي ڪنيائون. منهنجي خيال ۾ اها ملڪ جي اصل مالڪن جي ٻڌيل ماڻهن جي ڪينين چتو ڪرڻ ۽ خوار ڪرڻ جي هڪڙي سوچيل سمجهيل سنڊي ادب دشمن، سنڊي شعور دشمن اشتعال انگيزمهم هئي جيڪا پنهنجي ناپاڪ مقصد ۾ ڪامياب ٿي. بهرحال اياز جو لکل ۽ ڊبل خود پرست، موقعي پرست ۽ قابل رحم روپ ظاهر ٿيو. انسان مان هر ڪنهن جي اندر ۾ انسان جو مخالف روپ لکل ۽ ڊبل آهي. جيڪڏهن انهن شعوري ڪوشش ڪري ان جي ڀڃڻي تي ڇڪهيو ان کي ڊاڙيو ويندا هوندا سون، تيسين اهو لکل ۽ ڊبل رهندو. موقعو مليس ته ڇڪ ڏيئي ٻاهر ايندو ۽ ماڻهوءَ کي الف ڪري ٻيهاري ڇڏيندو. خدا هر ڪنهن کي انهي واقعيءَ کان بچاءُ ڏئي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي شيطاني پاسي کي دٻائڻ ۽ کچلڻ جي توفيق ڏئي.

سنڌ ۾ آءٌ پهزيون ماڻهو آهيان، جنهن اياز کي هڪڙي عظيم شاعر طور سڃاڻي، اها باقاعدي مهم شروع ڪئي ته سنڊس ان عظمت کي سڃاڻڻ سنڊس ڪلام جو ڀرپور فائدو ورتو وڃي. تن ڏينهن آءٌ نواءِ سنڌ ڪراچيءَ ۾ سب ايڊيٽر هوندس. شايد ۵۲-۱۹۵۳ع جي ڳالهه آهي. ڪهڙو ٻه اخبارون هلائيندو هو. هڪڙي سنڌ آبزرور جنهن جو ايڊيٽر پير علي محمد راشدي هو ۽ ٻي نواءِ سنڌ جنهن جو ايڊيٽر مولوي عبدالغفور سيتائي هو. سنڊس تڪيه ڪلام هو "اهو.... اهو اهو" تڏهن ڳالهائيون خودبخود ڪڙو ۽ باوقار ماڻهو هو. "اهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو هي چا آهي ..... اياز جي شاعري اهو چورو شڪارپوري وات ڪاڙهوس..... اهو ورڻ توهان شاعر بڻايو آ. توهان کي لطيف ۽ سچل سائين وٽن! جي؟ انهن ٻڌي لکو. مون کان به نه پڇو، جيڪو لکو سو ڇاپي ڇڏيو! سب ايڊيٽر آهيو. اهو توهان جي اختيار ۾ ڏيون ٿا، پر هڪڙن تي... "زوراور" روز پيو چوندو هو "زوراور! نئين زندگي لاءِ ڪو مضمون ڏيو! ڪا خدمت ڪريو! معاوضو به ڏبو. ڪجھ نه ڪجھ خدمت ڪريو!" هيئي ڪان پوءِ مضمون موڪلائي ڏنائين. "زور اور! ڪا ٻي چڱي شيءِ لکي ڏيو! هي ته تا چاپين مالڪ! ڇون تا هي اياز ڪير آهي؟" ٻين ڳالهين سان گڏ اياز بابت انڊا اونڊا ويچ ڪتاب لکيم. بلڪ سچي ڳاله ته ڇپجو پائي زبردستي ۽ مڃڻ ٿي لکارايو. نئين ڪتاب لاءِ لائبريري ڪاٻن جي پڙهڻي پئي. زوراور کي مولانا عبدالواحد سنڌي به سڏيندا آهن ۽ ڇپجو پائي کي شمشيرالحيدري به چون. ۽ پوءِ "اياز! اياز!" ڪري اسان سڄي سنڌ بلڪ پاڪستان کي متي تي ڪٽي ڏنو. هڪڙي پاسي اول مون ۽ جوئي صاحب ۽ رشيد (جوڳي تي جڙاءُ نسورو ئي نينهن جو) ۽ ٻين ويجهن اديبن ۽ پوءِ ٻئي پاسي زرينه ۽ نيٺ ٽئين پاسي سنڌي شاگردن ۽ پڇاڙي جو هارين. (شير خان کان سڻو اياز ڪير ڳائي!) ۽ ڏسندي ڏسندي اياز جي بي مثال ذات ۽ اٿاه محنت ۽ اسان سنڌ جي ماڻهن ڪڏهن اياز کي سنڌ جو حقيقي آواز بنائي ڇڏيو!

پوءِ ناناڻي نڪ، طبقاتي چڪ، نظرياتي زوال ۽ فطري تڪ، ڏهڪ تڪبر ۽ لئي ڪرڻ جي حرص پنهنجو ڪم ڪيو. پوءِ جيڪي ٿيو سو سنڌ ڏٺو. پوءِ اها منزل آئي جو اياز سنڌ يونيورسٽي جي وي سي هائوس ۾ مون سان ائين پئي ڳالهايو جيئن ڪو هوشيار پوليس انسپيڪٽر ڪنهن نامياري ڏاڙيل مان ڪم ڪيڏ لاءِ ساڻس ڊپلوميٽڪ نموني ڳالهائي. ٻڌبو هو ته هر ڪنهن کان پيو پڇي ته "تون پليجي جو ماڻهو آهين نه! مونکي سڀ خبر آهي! هي ڪتاب پليجي جا آهن نه! مونکي خبر آهي..." سنڌ جو آواز قري پوليس جهڙو آواز بنجي پيو ۽ پوءِ ظفر اچڻ ۽ فهميده رياض جي گهر آخري ملاقات! اف! اڄ به ائين ٿو لڳي جڏ کو ڀيانڪ خواب يا ڪا ديڃاريندڙ فلم ڏٺي هيم.

پر اياز جون اهي ۽ ٻيون ان کان به وڌيڪ ڏک ۽ لڄ جهڙيون ڳالهيون هن حقيقت کي ٻڌلائي ٿيون سگهن ته سچل ۽ سامي جي عظمت پنهنجي جاءِ تي هزارين دفعا تسليم، پر فن توڙي گوناگون جمهوري، روشن خيال ۽ ترقي پسند مواد جي خيال کان لطيف کانپوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ منڪر اياز آهي. اياز مڪمل طرح پورهيت، جمهوري ۽ انقلابي شاعر ۽ منڪر نه آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو. اڄوڪي ڏاکي تي وڏو شاعر فقط سرمائيدار انقلابي جمهوري ترقي پسند ئي ٿي سگهيو ٿي. خود فيض سان به اهو ئي قلم لاڳو آهي. پر اياز کان وڏو سرمائيدار انقلابي جمهوري ترقي پسند شاعر نه سنڌ ۽ نه ئي سڄي پاڪستان ۾ موجود آهي ۽ نه رهيو آهي. سرمائيدار مان هتي مراد اها ناهي ته اهو پاڻ سرمائيدار هجي يا سرمائيداري جو حامي هجي، پر اهو ماڻهو جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڪي ڳالهيون ڪري سي حقيقت ۾ ۽ بنيادي طرح سرمائيدار جمهوريت جي منزل سان تعلق رکنديون هجن ۽ نه ڪي ان کان اڳتي پورهيت انقلابي جمهوريت ۽ سوشلزم جي ڏاڪي سان.

هتي مهينو مهينو ڪن مون سان بہ ٻيا ماڻهو رهيا آهن. پڙهيل ڳڙهيل ۽ سمجهو. هڪڙو نقوي نازشي پنجابي ليدر بہ هو. انهن سان مون لطيف ۽ ايياز جي ڳالهہ ٻوليه ڪئي. ڪجه اردو ۽ انگريزي ترجما ڪيا. تمام ڊگها بحث مباحثا هليا. هو سخت پنجابي وطن دوست هئا ۽ نئين پنجابي تومپرست تحريڪ جا سرگرم حامي. آخر هو اها ڳالهہ مڃڻ تي آماده ٿيا تہ لطيف برابر پنجاب جي سورن ڪلاسيڪي شاعرن کان بلڪل نرالو ۽ ٻي شيءَ هو ۽ ان سان هنن جو مقابلو ئي ڪونهي. هڪڙو هتي جو پروفيسر، جيڪو انگريزي ادب جو پروفيسر ۽ پنجابي وطن دوست ۽ ادب نواز هو، تنهن گهڻا ڏينهن اڳ اها ڳالهہ سمجهي، تسليم ڪئي ۽ شاهہ جو رسالو گهرائي ان جو (اردو ترجمي ۾) مطالعو ڪرڻ شروع ڪيائين. هي بہ شاهہ کان بيحد متاثر ٿي ويا. جڏهن مون ڇيو تہ ايياز فيض کان گهڻ مشهور پر وڏو ۽ وسيع شاعر آهي تہ منهنجي منهن ۾ نهاريڻ لڳا. بهرحال ٻولي جي ديوار ڪري آءُ مثالن سان انهن کي پوري طرح قائل ڪري ڪونہ سگهيس پر ڪافي وقت ملي ها تہ هو ضرور سمجهي وڃن ها. ايياز سان پاڪستان جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر جي ٻيڻ جو سوال ئي ٿو پيدا ٿئي. ها، فڪر ۽ سوچ جي برتريءَ جي ڳالهہ ٻي آهي. پورهيت انقلابي جمهوريت پسند شاعر پنهنجي فڪر جي ڪري ڳالهہ ئي اور ٿا ڪن. ان ميدان ۾ هو بين ڪان پري آهن. پر اهو ادب ايڏا نئون آهي. فڪر ۽ فن جي هم آهنگيءَ ۾ وقت لڳندو. نين روايتن ناهڻ ۾ وقت لڳندو. اڄ سوچ ۽ فن جي پوري هم آهنگيءَ واري شاعريءَ ۾ ايياز ٻي مثال آهي.

سنڌس آخري مجموعو، مجموعي طرح مايوسي ڦهلائيندڙ آهي. ان ۾ گهٽو ڪري دهشت زده ڪامورو ايياز تو ڳالهائي. پر تہ بہ سنڌس فن اهو ئي آهي.

منهنجو خيال آهي تہ ايياز ڇڙيون ڳڙيون بلائون اڇيون ٽڪڙيون مرنديون ناهن. ڪهڙو عجب هو پنهنجو ڦهر جو دماغ ۽ اٽاهہ ذهني ۽ روحاني صلاحيتون ڪتب آڻي، پنهنجي خود پرستي، مايوسي، ڊپ، شڪست خوردگي، آرام طلبي ۽ ملڪيت پرستي جو پاڻ ئي علاج ڪري ولي! جي ائين ٿيو تہ سنڌ لاءِ ڪيتري نہ عظيم خوشيءَ ۽ فخر جهڙي ڳالهہ ٿيندي! شال ايياز هن تباهيءَ مان وري نئون جمي پوي! پر جي نہ تہ بہ ايياز جيڪي سنڌ کي ڏنو آهي، ان جي ٻيڻ ۾ پاڻ کي ۽ سنڌ کي جيڪو نقصان رسايو اٿس سو گهڻ آهي. تاريخي طرح ڏسجي تہ گهٽي ۾ گهٽو نقصان پاڻ کي ئي رسايو اٿس. ايياز فرد، ڪامورو يا سياستدان جيڪي آهي سو آهي. پر ايياز شاعر عظيم ۽ ناقابل فراموش آهي ۽ سدائين رهندو. ايياز شخص کي بلئڪ لسٽ ڪرڻ جو اسان کي حق هجي تہ هجي، ايياز جي شاعريءَ کي هميشہ لاءِ بلئڪ لسٽ ڪرڻ ۽ ان تي ليک ڏئي ڇڏڻ جو ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بہ حق ڪونهي. اها شاعري سنڌ جي عظمت جو اڻوڀ انگ آهي. بهرحال، اياز جو مثال سڀني وطن دوستن، عوام دوستن، جمهوريت پسندن ۽ انقلابين لاءِ سبق آهي.

نہ ڪين ٻانهڙين ۾، نہ ڪين ڳرهئوم،
نہ مون سينڌ نہ سرمون، نہ سينگار ڪئوم،
تيلانهن ڪانڌ سندوم، رکوئي ڏيءَ ڳڙي.

.....

سونا ڪُرَ ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوٽا ٻانهن ۾، سينڌ سٽياءُ وار،
تيلانهين پيءَ پچار ڪانڌ منهنجي چڏيي!

.....

چانڪ چڙهنديس ڪٺ تي ريجهائيندس راءُ،
اهڙو ئي الله جو پورهيتون پيش ڪري.

.....

گهورئو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ ڪي،
ڏوري له ڏهاڳ، جنهن ڪر لاهُو داسڙو.

.....

چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهين جو نہ وڻي گيرب ۽ گاءُ،
جي ٽڙي ٽورڙياءُ، تہ دوس دسائي داسڙو.

.....

سيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جڙاءُ،
سيڪنهن پانيو پاڻ ڪي، ايندو مون گر راءُ،
پينو تن دراءُ، جي پسي پاڻ لڄائيون!

سنڌ ۾ بي انداز ماڻهو آهن جي ڪنهن زماني ۾ سنڌي عوام جي سروس ۾ هئا. هاري ورڪر، مزدور ورڪر، شاگرد رهنما، ادبي ڪارڪن، سياسي ڪارڪن. سوين چهرا اکين اڳيان پيا ڦرن. ڪالا ڪنهن جا ولڻي ڪنهن جا ولجن. جڏهن ڊيوٽيءَ تي هئا، حرڪت ۽ هلچل ۾ هئا، جهجهن جي نجات ۽ پلائيءَ لاءِ ذاتي آرام ۽ نفعي تان هٿ کڻيو ڏک، ڪشالي، قرباني ۽ سورهيائيءَ جي پڙ جا پهلوان ٿيو ٻيڻا هئا تڏهن مڙسن ۾ الائي ڪٿان جون مٽيائون اچي گڏ ٿيون هيون. جا مڙسن جو فلڪون هيون.!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڙي لکان ٿي فلڪ نہ پوندي هيٺ
ڏکڻ يار ٻاجهون ڏل ماندي هي.

ڇا همتون، ڇا حوصلا، ڇا قابليتون، ڇا دليريون ۽ ڇا ڪاميابيون! ڏٺي پئي بک لهندي هئي! جنهن گس تان مٿيندا هئا ان جا وڻ پٽا سندن وايون ڪندا هيا. جنهن سر جي ڪنديءَ تي رات رهيا اهو سر سرهو ڪري ويندا هئا.

اچي آريءَ جام جو وڻ وڻ منجهان واس.
پر: لڳي تہ لک سوا، ٽٽي تہ ٽڪو ئي نہ لهي.

جڏهن سنڌي ماڻهن جي نوڪري چڏيائون تہ جڙ تہ اهي مڙس ئي ڪونہ رهيا! پنهنجي وطن ۾ جهڙا مسافر مسافر!

شالا مسافر ڪوئي نہ ٿيوي ڪڪ جنهان تون پاري هو!
تاڙي مار اڏار نہ باهو! اسين آپي اڏڻ هاري هو!
(سلطان باهو)

(شال ڪو به وطن کان بي وطن نہ ٿئي. ماڻهو اڙو بي ملهہ ۽ بي مانو ٿيو پوي جو جڙ ڪڪ به ان کان وڌيڪ ڳرا. باهو! تاڙي وڄائي انسان کي چو ٿو اڏارين؟ اسين پاڻ ئي هلڻ وارا آهيون!)

اڄ سنڌن منهن ۾ نهاري، سنڌن ڳالهيون ٻڌي، سنڌن خيال ۽ سوچون معلوم ڪري ائين ٿو لڳي جڙ ماڻهو مڪيءَ جي قبرستان مٿاڇري ڪٽو هجي. شاندار نقش نگار چٽ ۽ گل، عمديون عمارتون، اندر لاش!

ڪالهوڪو ڪيڏي گيو سندو جوڳين جوش؟!

مرڻ ناهي مهڙو پرڻو ناهي گار. جسم جي مرڻ ۾ عيب ڪونهي، هر ڪو هلندہ پر شل روح، جذبا، سوچون، حوصلا ۽ عزم، مدي خارج، پراڻا نہ ٿين ۽ مري نہ وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين سج نئون مونکي ورهه ويڙهيچن جو!

.....

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي تون ٿو لهين سڄ،
وڃي ڪيڇ چئج، تہ ويچاري واڌ مئي.

.....

توڙي لهين نہ پير، توءَ راحت آهي رڙهڻ ۾

.....

منجهان منهنجي روح جي وڃي ساجن وسري،
تہ لڳي مر لوھ ٿر ٻاٻيهو ٽي مران!

.....

جان جان هئي جيئري ورڃي نہ وينءِ،
وڃي يُونِ پيئي، سڪندي کي سڃڻين!

مطلب اهو ناهي تہ ماڻهوءَ تي عمر جي حالتن جي تبديليءَ جو اثر ئي ڪونہ پوندو ۽ ماڻهو جهڙي نموني نوجوانيءَ ۾ پڄ ڊڪ ۽ جسماني جاکوڙ ڪري سگهندو آهي اهڙي ئي هميشہ ڪندو رهي! نہ وري اهو مقصد آهي تہ قوم جو هر فرد ٻيا ڪم ڏڏا ڇڏي سڄو ڏينهن رڳو قوم قوم ڪندو وتي! مطلب آهي تہ سڄي قوم جي، هر فرد کي پنهنجي قوم ۽ عوام جي نجات، ترقيءَ ۽ آبروءَ جو شديد احساس هجي ۽ ان کي ٻہ پنهنجي زندگيءَ جو هڪ اهم فرض ڪري ليکي ۽ ان لاءِ هڙان وڙان جيڪي ٽي سگهي سو ڪري. ڪافي ماڻهو اهڙا ٻہ هئڻ گهرجن جيڪي ٻين جي پيڇ ۾ ان جدوجهد تي وڌيڪ توجهہ ڏين ۽ ان لاءِ پنهنجو ڪجهہ وقت ۽ پنهنجي وسيلن جو ڪجهہ حصو وقف ڪن. ڪجهہ تعداد اهڙن ماڻهن جو ٻہ هئڻ گهرجي جيڪي پنهنجو نسبتاً سمورو وقت نسبتاً سمورا وسيلا فقط ان جدوجهد لاءِ وقف ڪن. جڏهن هنن جون ٻيون ضرورتون ۽ مجبوريون کين ائين ڪرڻ نہ ڏين تڏهن هو ٻيلي ڪجهہ وقت پوئتي هٽي ساهي پٽين. ٽي سگهي تہ اڳي جيترو ئي ڪم ڪن ۽ قربانيءَ ڏين ۽ چيو نہ تہ ٻہ جيترو گهٽي ۾ گهٽو ڪري سگهن سو ڪن. مطلب تہ ڪي ماڻهو اهڙا ضرور ٻہ ضرور هجن جي جيئن اڳتي وڪ ڪٽن تيئن وري يا عمر پوئتي لئوٽو نہ هٽن. ڪم جون نوعيتون ۽ ان جي رفتار بدلبيون رهن. ٻيلي ويساهيون ڪن. ٽڪ ڇڻن اڳتي وڌڻ لاءِ عارضي طرح پوئتي ٻہ هٽين. وين وڪڙن ۽ لاهين چاڙهين مان لنگهين. پر مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي ڏيوٽي صفا نہ ڇڏين. يا سج ڪٽي يا ٻج ڪٽي. وري ٻي وائي نہ ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنين ڏاڍي جوءَ، ٿئين ڪُچيو ڪين ڪي!

.....

تہ پڻ تي ويون جي پنهوُنءَ پاڻ لکائيو!

.....

ان تڙ منجهان تِک، ڏني پاڻ اُڇ ٿئي!

.....

ٻيا در تن حرام، اِي در جنين ڏيکيو!

.....

حبين هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو.
سومون سپ جماں اورڻ اهو ئي ٿيو!

.....

تاڻين متيءَ ٿوڻ اوڙي ڪن نہ آسرو!
تان تان تاڄ تو ڏي، جان آگ نہ اُجهائي!

.....

تيغ تنين جيءَ کي، ڪٽڻ لڳي ڪڏهن

.....

ٻڌا درَ وڃي مَروڙ! اي اَمل اِئائين سپجي!

.....

هلندي حبيبن ڏي، ڪرها! موڙ مَ ڪنڊ.
وليون وڃ وات، ڪنڊ مَ ٽيرج ڪيڏهين.

.....

ساڃڻ سيءَ جماڻ اکيون اوهان جي آسري.

.....

مين متيءَ سمڙا، ڪهين سڏ ڪرين.
سات نباهيو ٽين، اي ڇڙ سندي سڄڻين!

ٻيا بہ پنهنجي حال سارو گهٽتائي نہ ڪن. ڪڏهن گهٽ ڪڏهن وڌ، پر ڦوس پڇندي پويون پير اصل نہ ڏين. ضدا گهر جي ڪنڊ اڪل نہ ونن. رڳو اڇ پڇهبجي پُٺ ويڑ ڪي نہ لڳن. سياڻي جو بہ خيال ڪن. وڏن ڳڻيل معتلن کي بہ نہ وساريائن. سپ ڏل جيءَ ڦوڙي سچائيءَ سان حال سارو هٿ هٽ ڪندا تہ گهٽن ڪئي ڇپر بہ ڪجي پوندو. ڏڙيءَ تلاءِ، نيٺ ڪڏهن نہ ڪڏهن ٻيڙا تري وڃي ڪنن مان پار پوندا.

"پستول آيا سي!" هڪڙي همراه ايندي اعلان ڪيو آهي. "اڇا؟" "بڙيان گالان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٻڻيان!" "ڪٿهن کي؟ چو؟" "اپني صاحب کو!" "ڪيون؟" "معلوم ٿيو ته اڳوٽي سپرنٽنڈنٽ مسٽر حميد اصغر عرف پستول جيڪو هينئر آءِ آءِ جي آهي ۽ هٿي ئي رهي ٿو تنهن جي نوڪر کي هن سپرنٽنڈنٽ مار ڪڍائي آهي. ان تان هو ڪاوڙجي آيو هو. هي همراهه قيدين لاءِ تمام سخت آهي. هو قيدين لاءِ تمام يار ويس ۽ هرڏلغزيز هو. پوتاڙيو هو. قيدي سندس تعريفون ڪريو ڪريو ڪريو پوين. "پٺهنجي صاحب بہ پلا جواب ۾ گاريون ڏنس؟" جواب ۾ شرارتي مرڪ، "نان جي ڪتي! اوهه ٿي دفتر وچ وڙ گيا". "پلا پنهنجا جيلر ته پاڻ واري صاحب پاران ڏتا هوندا!" "نان جي نان ڪتي! او وڙ گئي اندر ڪرسيان وچ. اودي سامني ڪون آئي؟" "گاريون توريون ڏنائين گهٽيون؟" "جي او پورا آدها گهنٽا گالان ڪيدا رهيا. انگريزي وچ بڙيان گالان ڪڍيان" "تو کي انگريزي اچي چا؟" "سر! پتا تي پئجاندا اي نان!" "پلا پاڻ قيدي ته پنهنجي صاحب جي پاسي آهيون نہ؟" "اجي چدو سر جي (Sir) جي! پستول ڪون سڏاوي؟" (ماڙيءَ ڏانهن اشارو ڪري) "تو بہ ڪرو جي!" پستول جي زال جون بہ تعريفون، چي نيڪ نمازڻ هئي. "پلا پاڻ واري صاحب جي بيگم بہ نمازڻ آهي نہ؟" "تونہ ڪروهي". چي "اڄ ئي مونکي ڄاڻه پيئڻ تان ٻاهرين ڏيوڻي تان ڪيرائي ڏوڙائي اندر موڪليو اٿس. نمازون وري چا جون؟" ٻيو ٿو چوي "سر جي! اوتي هي هي بڙي سخت. پر اي وي بڙا بدمعاش هي. شريف اي وي نهين". هو ڏند ڪيڍو ڪلي. چي "ٻاهر ڪم سان وجي ٿو ته راڄ ڦريو چٽ ڪريو ويٺو آهي." صاحبن جي بيگمن مان بہ پيداواري. اڌيون اڌيون گهنٽريون ٿو هٿي جو شام جو ڏس ته ۱۰-۱۵ روپيہ الائي ڪٿان ڪٽيو اچي. جيئن منير ويو آهي تيئن جيڪو نمبردار پهڙي تي اچي ٿو سو وريو ڪونہ ٿو ليي. هر پهڙي تي ٽيئن صورت. شايد فيصلو ڪيو اٽن ٿو هٿي ڪو بہ ماٺهو هڪ پهڙي ڪانپوءِ وڌيڪ نہ رهي. متان خراب ٿئي. جي ٿئي بہ ته نہ ٻئي ڀيري ايندو ۽ نہ ئي خرابيءَ جو ڪو اثر ٿي سگهندو. اسڪيم ته ڪارگر آهي. ڏسجي.

سادا ٽي بجہ شام. گرمي ڏينهون ڏينهن حياءُ چڏيندي وڃي. اڄ بہ ن پهرن جو ٻوسٽ سبب ننڊ ڪانہ آئي. بدن سجو پگهر سان شرابور. پٽا اگهاڙا ڪريو ويٺو آهيان. بدن، بنيان بہ سهيو ڪونہ سگهي. پٽن تي آرايون نڪرڻ آيون آهن. پٽسا ڪوٺهن جو ڦرڙين جو پاڻوڌر ولان. ٽورڙو آهي، اهو ڪنجوسي ڪريو بچايو ويٺو آهيان، متان ڪنهن رات گرمي صفا ننڊ ڪرڻ ڪانہ ڏئي ته پوءِ استعمال ڪريان. همراهه الائي ڪڏهن اچن جيسين همراه نہ ٿا اچن تيسين پرويز بہ نہ ايندو. نہ ته گڙ ٻڙ ٿي ويندي. بهرحال ٻن ڏينهن جي ڳالهه آهي.

سوچيان پيو ته هيءَ ڪاپي ٻاهر موڪلڻ جي ڪوشش ڪريان يا ڇهن مهينن ڪان پوءِ ڏڏي موڪليان. اڳيون ٻيون ڪاپيون لاپتہ آهن. ڊپ اٿم ته هيءَ بہ لاپتا ٿي ويندي. هٿي وري حالتن جي ڪا بہ خبر ڪانهي. جيل ۾ پنهنجي ساهہ تي بہ پروسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي.اڪ چنپ ۾ ڏينهن مان رات ٿي سگهي ٿي. رات پارتي فلم هئي "اڄي بس رهڻي دو" نالي مان ئي ظاهر هو ته ڪهڙي هوندي. فقط گيتا بالي سچاتل هئي. هيرو به هوائي هو. البته ڊائلاگ ڪرشن چندر ۽ پين ٻن جا لکيل هئا. شايد ڪرشن چندر جوڪائي ۽ جي زماني ۾ اڃين وقتن ۾ اهي ڏنڊا ڪيا هئا. خير جهڙي واهيات سمجهيم ته هوندي اهڙي ڪا نه هئي. گيتا بالي پنهنجي دستوري عاليشان اداڪاري ڏيکاري. هڪڙو به گانا به مشهور هئا. "ساري ساري رات تيري ياد ستائي" لوڪ راڳ جو پروگرام به هو. سنهي قداور برف جهڙي سفيد گجيندر ڪور درديلي آواز ۾ماهيا ٻڌايا:

گڏي آ گئي ٽيشڻ تي
پران هٽ وي بابو
سانون ماهيا ويکڻ دي!

(گاڏي ٽيشڻ تي اچي ويئي، ڏي بابو هٽ پري، اسانکي پنهنجو جاني ڏسڻ ڏي!)

ڪوئي تي کان بولي
سجنان دا خط مليا
وچ ساڌا وي نان بولي

(ماڻه۽ تي ڪانو پيو بولي، سڄڻ جو خط آيو آهي. منجهس اسان جو نالو به پيو بولي) (يعني اسانجو نالو به لکيل آهي ۽ پکي۽ وانگر پيو بولي) ۽ پوءِ پنجاب جي انوکي ترقي پسند شاعر شوڪمار بٽالوي۽ جو مشهور گيت ڳايائين "ني اوٽي ميرا يار وسدا!" اصل وڻ وڃائي ڇڏيائين، ڇا انداز ڇا گيت، ڇا سر ۽ ڏن!

جٽي اعطران دي وگدي اي چو
جٽون لنگهدي اي پوڻ وي کهلو.....
جٽي چانڻ چنهان دي خوشبوءِ
جٽي بدوبدي اکهه پيندي روا!
ني اوٽي ميرا يار وسدا.....

(جتي عطر جا خوشبودار چشما وهن ٿا، جتان لنگهندي صبح جي هير به نظارا ڏسڻ لاءِ بيهي رهندي آهي، جتي چانڊوڪي آهي، جتي چناب جي پاڻي۽ جي سرهاڻ آهي. جتي اڪ الائي چو بي اختيار روئي پوندي آهي، اي سکي! منهنجو يار اتي ٿو وسي!)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي ڪجھ ھن قسم جي ڳالھ آھي:

"جتي ان جا انبار آھن ۽ ھارڙا بکيا سمھي رھن ٿا، جتي ڪپھ جون ڪنيون ڪوھن تائين آھن ۽ ٽياٽيون ننگيون آھن، جتي قدرت مھربان آھي ۽ انسان بي رحم آھن، جتي ميدان وسيع آھن ۽ دليون دپ وچان سسيل آھن، اي سکي! منھنجو يار اتي ٿو وسي!"

شو ڪمار جو ھڪڙو ٻيو ڪلام بي عجيب آھي. خاص ڪري جڏھن ان کي ھڪڙو فنڪار جگجيت سنگھ ڳائيندو آھي، تڏھن چانو ڪري چڏيندو آھي.

اڪ ڪڙي جدا نام محبت.

(ھڪڙي ڇوڪري جنھن جو نالو محبت)

انوکي ڳالھ ڪئي اٿس ۽ اوپر پنجاب ۾ ان جو قدر بے آھي.

مين وي جھوک رانجھڻ دي جانا
ڪون ميري نال چلي
رانجھڻ يار طبيب سڏيندا
مين تن درد اولي
مين وي جھوک.....

(مون کي بے رانجھن جي ڳوٺ وڃڻو آھي مون سان گڏ ڪير ٿو ھلي؟ رانجھن يار طبيب ٿو ٻڌجي، منھنجي جان ۾ ڏکيا درد آھن.)

الائي ڪھڙي اسٽيشن تان الائي ڪير پيو ڳائي. پناڀي جن جون سڪون پيو لاھي، پنجابي ۾ شاھ حسين جو ڪلام آھي.

ڪھي حسين فقير نماڻا
سائين سنھيوڙي گھلي
مين وي جھوک.....

(حسين فقير نماڻو ٿو چوي سائين نياپا موڪليا آھن.)

شاھ حسين جو ڪلام ۽ محمود قادري جو آواز ھو.

سائين محبوب، بلي شاھ جو ڪلام ٿو ٻڌائي. آواز ٻيڪ اٿس، ڏن ٻيڪ ڪانھي. ڪلام بے ائين آھي. پاڪستاني اسٽيشن تي ڏسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۶-۱۴

صبح، وقت جڏهن پتو ڪونهي. واڻ جو پٽو ڇڄي پيو آهي، آڏوميٽڪ گهڙي ٻڌائي رهي آهي. ٻاهر ڪنڌ تي ويٺو آهيان، ڪينئر وهنجي آيو آهيان. ڏڍي هوا پئي لڳي. مڇي اڏائي ٿي. پر اسين واريءَ جا ماڻهو ايتري في سيڪڙو اندر آهي. هاڻ سڄ ۾ ڪيترن مان نڪتو آهي. رات گرميءَ ڇڪو حساب ڪتاب ورتو. پگهر مان وهنجي ويئس. سخت هوسٽ سبب ننڊ ئي نه اچي. يانيان ٽو ۱۲ بجي تائين اهو حال هو. پوءِ اٽي وري ٻيو دفعو وهنجيس. هڪ بجي ڌاري هوا بدلجي ويئي، ڏڪار ٽيڻ لڳي. رات لاهور تي سڳورا مڪمل قبضو ڪريو ويٺا هئا. ۸۰ سالن جي پوڙهي هڃ شاهه خالد لاءِ روڏن مڃايو ويٺا هئا. هوڏانهن لبنان ۾ خون جي ندي پئي وهي تنهن لاءِ رڳو منافقيءَ جا ٻڙاڙي بيان ڏئي ماڻ ٿي ويا. مڪمل سازش آهي. آمريڪا ۽ سنڊس چاڙتا عرب حاڪم طبقا اسرائيل سان صلاح ڪري، شامَ ۽ فلسطين کي چاڙتن ۾ شريڪ نه ٽيڻ جي سزا پيا ڏين. اسان وارو حڪمران ٽولو به شامل آهي. گڏدي جو سور به انهيءَ مهل پوٽو هو. راتوڪين خبرن ۾ هو ته بيروت واري هوائي اڈي تي اسرائيل جو قبضو ٿي ويو. رات تائين بيروت تي قبضو ٿي ويو هوندو پوءِ چا ٽيندو؟ في الحال ته آمريڪا، اسرائيل ۽ سنڊن عرب چاڙتا خوشيءَ جون ڪڇيون هڻندا هوندا. فلسطيني ڏري گهڻ ڪچلجي ويا آهن. وري لازمي طرح اٿندا. بهادر ۽ اٽو رڇ ويڙهو قوم آهي. پر ڏڪ به مرڻ جيئڻ جو لڳو اٿن. ڏسجي وري ڪيئن ۽ ڪڏهن تا سسي ڪٽن.

رات جالندر ٽي وي تان سرمئي شام پروگرام آيو. تمام دلچسپ پروگرام هوندو آهي. ڏات پهريون پيرو بيڪارُ هو. اردو سروس تان يو پيءَ جا لوڪ گيت ويٺو ٻڌان. تمام وٺندڙ آهن. اجهو هينئر خبرن جي خلاصيَ ۾ ٻڌايائون ته ارجنٽائين جي فوجن هٿيار ڦٽا ڪيا آهن. لبنان ڇو الائي چا ٽيو؟

شام، انڪل سادا ست بجه. اڄ به لاهور تي ڪو به ڇڪو پروگرام ڪونه هو. آرتسن تي هينئر "مجمع" پروگرام راڳ جو پيو هلي. پر اڄي جهڙو دم ڪونهيس. البت هڪڙي ويساري ماڻهوءَ جو تماشو ڏيکاريائون . وڏو فنڪار ٿو ڏسجي. ويشڪ ۾ ساڻس منهنجي به جاءِ ڪانهي. هاڻي چتر هار ايندو. ڪڏهن ڪڏهن اهو به ايئن هوندو آهي. سياڻي فلم آهي. نالو ان جو به هوائي آهي.

خبرن مان معلوم ٿئي ٿو ته اڄا بيروت تي اسرائيل قبضو ڪونه ڪيو آهي. هوڏانهن ارجنٽائين جي فوجن هٿيار ڦٽا ڪيا آهن. ضيا سعودي عرب ويو آهي.

چتر هار آشا پاريک پريم وواه ۾. جواب ناهي. سيني ڪان نزالي. گانو بيڪار. امیتابَ بچن گانو بيڪار. راجش ڪنڌ هيما مالني، "ميري سنگ آيا تيري يادون ڪا ميلا اڪيلا گيا تا نه آيا اڪيلا" لاجواب گانو، لاجواب منظر. هنن جا نالا ٿا اچن، بيڪار. گهٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ريکا آهي. اميتاب واري آشا پاريک "ڪاڪا ميرا نالم ڪر- ڪهي ميري پريتم ڪي گلي سي گذرنا" فلم راجپوت؟ - ريکا!

۸۲-۶-۱۶

صبح وٽن هيليان ڪٽ تي ويٺو آهيان. ظفر جو غزل پيو وڄي. تاج ملتاني. رات پوئين رات اساڄي ڪڪ م سخت سور پيو. بسڪو پين کاڌم، اڄا ڪو نه ويو آهي. ڊاڪٽر ائين آهي. ڪمپائونڊر کي گهرايو اتم. هلڪو سور ٻيٽو آهي. اڄ افغانستان بابت جينيوا م گالهه ٻول ٿيندي. لبنان م الائي ڇا ٿيو؟ ماريو پينزو جو ناول (فولس ڊائي) (احمق مرندا آهن.) شروع ڪيو اتم. شڪر آهي صفا مٽ م مانڊاڻي وڏل ڪانهي. مڙئي اپري سيري، ڪا نه ڪا گالهه آهي، جا سمجهه م نه اچي ٿي. آمريڪا ۽ يورپ جو زوالپت پرست گونهن خور ادب پڙهڻ سان پاڻ کي سيکت ڏيڻي آهي. پر نه پڙهبو ته هنن جي ٻڪاڻ جي اصلي حقيقت ڪيئن معلوم ٿيندي. پاڻ تي جبر ڪري، ڏيوٽي سمجهي رڳو جاڻ رکڻ لاءِ ناول پڙهان پيو. ٿنهن م سان جيڪو سيني کان مشهور آهي يعني پاڪستاني "ناول نگار" رشدي جو ناول سو ته پنج صفحائي تا پڙهجن ته دماغ تي مٽن جا بار پئجيو وڃن. چوڏري شريف ڪمپائونڊر آيو هو. سمجهو ماٺو ڪري گالهه سمجهياٽين ۽ سمجهايائين. دوا موڪلڻ جو چئي ويو آهي. چياٽين ته اسسٽور ڪيپر اسپتال طرفان وڏي ڊاڪٽر جي هدايت موجب ملندڙ راشن جي ڪن شين تي قاعدي قانون جا اعتراض کيا. مون چيس "جيڪو چپ آهي، تنهن کان توهان هر ويرو زبان کولائڻ چاهيو تا؟" اها گالهه اڳين صرف گوڙ فساد جو نتيجو ٿي ڏسجي. ڪڏهن ڪڏهن گوڙ فساد ضروري آهي. پر طيڪ انتي پيٽ نه پار جي. بلڪ ڏوا طور استعمال ڪجي، ڪڏهن ڪڏهن سخت ضرورت مهل. هيراهن کي چا چئجي، ڪائنس پيا پڇجي ۽ ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. تنهن جي ياداشت هڪڙي لکيم سا کا نه ٿي ليي. (ڪٽي گڙ ٻڙ کانهي؟ تلاش ڪجي؟ چورن مٽان مور نه ڪوڙ لڳا پيا آهن؟ امڪان گهٽ آهي. پر گهٽي خرابي ٿيندي ان ماحول م آهي جڏهن ان جو امڪان گهٽ ڏسڻ م اچي. ڏسبو) هي تيار پيو ڪريان.

ڏرتي جي تاريخ تي ٻيهر هڪڙي نظر وڌيم ۽ ان تي غور ڪيم. سوچيم ته هراهن حساب ٻڌو آهي ته ڪائنات ۴۰ ارب سال (۴ هزار ڪروڙ سال) اڳ ڦاٽڻ شروع ڪيو. اسان وارو تارو (جنهن جهڙا ٻيا اربين ڪربين تارا آهن) کي ان کان سو هزار دفعا وڏا جنهن جو نالو اسان سج رکيو آهي، سو لهين انڪل پنج ارب (پنج سئو ڪروڙ) سال اڳ يعني ڪائنات جي ڄاتل تاريخ جي پوئين اڌ پتي م. انهن پنجن ارب سالن م ۴ ارب سال سج هو پر ڏرتي ڄاڻا ڪا نه لهي هئي. ۽ ارب سالن کانپوءِ ڏرتي لهي. هينئر سنڈس عمر ۴ ارب سال آهي، يعني ڪائنات جي عمر جون ۱۳ پتيون ڪجن ته ۱۲ پتيون عرصي م ڪائنات هئي، تارا وغيره هئا. اسان جي ڏرتي ڪا نه هئي. پوئين تيرهين پتي م اها پيدا ٿي. انهن ۲ (ٽي سئو ڪروڙ) ارب سالن جي عمر م پهريان ۲ ارب سال ڏرتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪا بہ جاندار شيءَ ڪا نہ هئي. جيڪي جاندار اڄ موجود آهن تن سيني ۾ ڏرتيءَ جو شايد سيني کان سينيئر باشندو مڇي آهي، جنهن جي عمر اٽڪل ۳۲ ڪروڙ سال چئي وڃي ٿي . اٽڪل ۲۳ ڪروڙ سال اڳ قديم قسم جا ٻوٽا ۽ سکيءَ توڙي پاڻيءَ تي رهي سگهندڙ ساه وارا پئدا ٿيا . اٽڪل ۱۵ ڪروڙ سال اڳ ڏرتيءَ تي سرندڙ بلائن جو راڄ هو. اٽڪل ۵ ڪروڙ سال اڳ باقاعده ٻوٽا پيدا ٿيا. کير ڏيندڙ جانور (انسان بہ آنا ڏيندڙ نہ کير ڏيندڙ جانور آهي) فقط ڏيڍ ڪروڙ سال اڳ پيدا ٿيا. ان سموري عرصي ۾ انسان يا انسان جهڙي شيءَ دنيا ۾ موجود ڪا نہ هئي. فقط پاڻ ڪروڙ يا ڇهجويهه لک سال اڳ باندر جو هڪڙو قسم آفريقا ۾ رهندو هو. جنهن جو نالو هاڻ آسٽريلو پيٿيڪنس ائفرينيسس(Australo Pithecus Afrinese) رکيو ٿين. ان جو مغز نندڙو هو ۵۰۰ ڪيوبڪ (سينٽي ميٽر) ان جانور مان ٻہ شاخون ڦٽيون. هڪڙي شاخ جانور جي جانور رهي. ان جي دماغ جي ماپ بہ ساڳي رهي. سندس نالو رکيو ٿين آسٽريلوپٿيڪس ائفريڪنس (Australo Pithecus Afrinese) اها شاخ اٽڪل ۲۵ لک سال اڳ ڏرتيءَ تي هوندي هُئي. ٻي شاخ اٽڪل ۲۰ لک سال اڳ موجود هئي. ان کي هاڻ هوموهئبيلس (Homo Habilis) جو نالو ڏنو ٿين. ان جو مغز ۵۰۰ ڪيوبڪ س.م کان وڌي ۶۵۰ س-م تي ويو. آسٽريلو پيٿيڪس آفرڪنس باندر مان ٻي شاخ پيدا ٿي آسٽريلو پٿيڪس رو بسٽس (Robustus) ان شاخ جا باندر پنهنجن وڏن کان وڌيڪ جاڻا هئا. پر مغز انهن جيترو ئي هئن. پنجن لکن سالن کان پوءِ اٽڪل ۱۰ لک سال اڳ اها شاخ ختم ٿي وئي. ٻئي طرف وڏندڙ مغز واري هوموهئبيلس شاخ مان ٻئين شاخ پيدا ٿي جنهنکي اڄکلهه هوموا ريڪٽس (Homo Erectus) سڏو ماڻهو سڏين ٿا. هي جانور سڌو هلي سگهندو هو. سندس مغز بہ وڌي ۹۰۰ س-م تي چڪو هو . اها شاخ ۱۰-۱۵ لک سال اڳ ڏرتيءَ تي رهندي هئي. ان مان پوءِ ٽيون نسل پيدا ٿيو. اٽڪل ۴ لک سال اڳ. ان جو نالو رکيائون هوموسئپينس (Homo Sapiens) (عقل وارو ماڻهو). اهو جانور آهي جنهنکي انسان سڏجي ٿو ۽ جيڪو ترقيءَ جا ڏار ڏاڪا ٽپي اڄ هن منزل کي رسيو آهي. چئن لک سالن جو اهو نسل هٿي هئي نيٺ اٽڪل پاڻ لک سال يعني ۲۵ هزار سال اڳ تائين پٿر جا اوزار استعمال ڪرڻ سکي ويو. ان کان پوءِ هلندي هلندي ان ۲۰ هزار سالن ۾ ڪوڏ جي ۽ آمري وغيره جهڙيون تهذيبون ناهيون. ڪجه هزار سال پوءِ يعني اڄ کان ۴-۵ هزار سال اڳ تائين هن موهن جو ڏڙو ۽ هڙپا جهڙا شهر ۽ آبادیون ناهي ورتيون. آريا اٽڪل ساڍا ٽي هزار سال دنيا ۾ ڦهليا. هيڏانهن بہ آيا. يهودين جو بادشاه حضرت دائود ٽي هزار ورهيه اڳ راڄ ڪندو هو. يوناني دانا پيٽا گورس، هندي داناءَ گوتم بدھ، چيني داناءَ ڪنفيوشس ۽ يوناني داناءَ ارسطو اٽڪل اڍائي هزار ورهيه اڳ دنيا تي پيدا ٿيا. حضرت عيسيٰ عليہ سلام اٽڪل ٻہ هزار ورهيه اڳ ۽ حضرت محمد صلعم اٽڪل ڏيڍ هزار ورهيه اڳ پيدا ٿيو. عظيم فرينچ سرمائيدار انقلاب ڪي اٽڪل پوڻا ٻہ سئو سال ٿيا آهن. عظيم آڪٽوبر پورهيت انقلاب ڪي ۶۵ سال،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيني انقلاب کي ۳۲ سال، ويٽنامي انقلاب کي ۷ سال، فقط ۹۰ ڏينهن لاءِ * آيل کي پنج سال، افغان ۽ ايراني انقلاب ۽ پٽي جي شهادت کي ۳ سال ٿيا آهن.

۱۹-۶-۸۲

"پيٽچوت نہ آکيا ڪرو. ٿورو گهرائجي چوان ٿو:" "آچا! واقعي گاريون ڏيڻ آهي ته بري عادت. پاڻ مان ڪيڏ گهرجي." "پيٽچوت آکيا ڪروا". آچا معاملو چگائي مدائيءَ جو ناهي صحيح اچار جو آهي. "م" سرائڪي ۾ سيکاريم. چيو اتمانس ته غلط اچار ڪريان يا غلط ڳالهايان ته درست ڪندو ڪر. ڏينهن ۾ گهٽيون اهم ڳالهيون ٿي گذريون آهن. پهرين ڳاله ته ساڄي پاسي وٽ زبردست سور شروع ٿيو. اهو ٻن سالن کان پوي ٿو. چيائون ته متان گڙدي جو سور هجي، پراسپتال ۾ ٽيسٽون ڪرڻ ۽ فوٽو ڪيڻ کان پوءِ چيائين ته "گڙدا بلڪل ٺيڪ آهن." پر پوءِ ٻه سور پٽي ٿو. هڪ ٻه چار ڏينهن هلي ٿو. هن دفعي ته سخت تڪليف ڏنائين، اتفاق سان سور ان رات سخت پيو جنهن رات واچوڙو آيو. بجلي ۽ پاڻي بند، اوندهه اندوڪار، انڪري رڌ پچاءُ ٻه بند، هڪڙو بک ٻيو سور. آڏيءَ کان اڳ ڪمپائونڊر آيو. هيڊ واردر چگو. ڪوئلا گهرايا ويا، لالٽين آيا، چانهه جي ڪوپ سان ٻه سلائيسون ڊبل روٽي کاڌيم، علاج ٻيو ته ڪو نه هو، نوولجين جي انجيڪشن لڳي، نند اچي ويئي. ساڄيو ٻئي ڏينهن ٻه سور، پر ٿورو گهٽ..... خميس جو ڏينهن هو. ملاقات جي توقع هئي، گل ۽ غلام حسين قاضي آيا. ڪانگل مسڪين جو فيصلو ٿي ويو. فاضل ٽي لک شاديءَ جي پويان هلائي چڏيا، ڪم مڙئي رڪارڊ جي پورائي، سگاوتيءَ جو معاملو آتي ئي اتي، پاڻ ڪجهه گڙ ٻڙ. بي وس آڻن بار چڏيا. ڪي احوال پهتا هٿا. گل ڪي نہ. الائي چو؟ بابا رفيق جو قصو ٻه گڙ ٻڙ. جاچ ڪبي. رسالا، ڪي ڪتاب، سامان، دوائون گچ. اياز حسب دستور ڪو نہ آيو. امتحان شايد ٿي ويا آتس.

.. ملاقات ٿي ويس پٽي ته وات ٿي نياپو مليو "م" جو ته آءٌ وڌيڪ تڪليف ۾ آهيان، مونکي پاڻ وٽ گهرائي. اڳي ٻڌو هوم ته سخت تڪليف ۾ آهي، سائس هلت بلڪل خراب ۽ ناجائز آهي. سوچيم ته ٽي سگهي ته گهرائيجيس. مشڪلات اها هئي جو منهنجي صحت ڪري پکو وغيره ڪڏهن هليو ٿي ته ڪڏهن صفا بند. اهو هن لاءِ عذاب ٿي سگهيو ٿي، ٻيو ته سپرنٽنڈنٽ ۽ سندن وچ ۾ سخت اڻبٽت ۽ چڪري هلندڙ هئي، سپرنٽنڈنٽ الائي مڃي الائي نہ؟ اتفاق سان ڊيوڙي ۾ (ماڙي) يعني سپرنٽنڈنٽ جي آفيس ۾ گهڙندي ئي ڊلم ته ساهون سپرنٽنڈنٽ ٻيٺو آهي. حال پچيائين، ٻڌايو مانس. چيائين "مون کي خبر ئي ڪا نہ هئي. ڊاڪٽر آيو؟" چيو مانس، "ها، پر اڪيلو آهيان. رڳو

* ۹۰ ڏينهن لاءِ- جنرل ضياءالحق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشقتيءَ سان ڪم نہ ٿو هلي، بيمار ٿيان ٿو تہ ڪو ٻيو ماڻهو هجي تہ بهتر. "م" مون وٽ رکو تہ بهتر." هڪو ٻڪو ٿي ويو. مون چيو تہ "توهان لاءِ ڪا مشڪلات هجي تہ لهيو." هڪدم سور پي چيائين "نہ نہ ڪا ڳالهہ ڪانهي پلي اڇي پر هو ايندو ڪونہ. توهان ٻڌا اوڏانهن ويجو؟" مون چيس "هو ايندو." هڪدم ڊپٽيءَ ڪي چيائين "شهزادا صاحب هيئن ڪر، اڄ ئي "م" ڪي پليجي صاحب ڏانهن ڏياري موڪل!" "حاضر جناب، اسين توهان جي خوشي چاهيون ٿا." آءٌ شڪر ادا ئي ڪري وڃي همراهن سان مليس. شام جو مون کي ڊرپ لڳي پئي هئي تہ "م" اچي نڪتو سامان سڙن سان.

۸۲-۶-۲۴ ۱۱ بجہ ڏينهن.

"پنج ڏينهن ٿي ويا آهن، ڊائري لکڻ جو وقت نہ مليو آهي، دل بہ ٿئي ٿئي. رات جو ٽي ٻوءِ تي ايترو وقت ۽ ڏيان تو خرچ ٿئي جو صبح جو لکڻ تي دل ٿئي ٿئي. امير خط پيو ڳولي، پنهنجي حرڪتن ۽ ناهلين سان چريو ڪري وڌو اٿس. ميسٽو ٽيو پيو هلي، ٿنهن ڏينهن گوشت ڪاڙهي انجو رس ڪڍي پاڻ پي ڇڏيائين، اسان کي ٻوڙ ڏنائين. چي "زس مون هاري ڇڏيو نالي ۾." "چو؟" چئي "بس ائين!" چپ! جيڪو سوال پڇ جواب ۾ رڳو مڙ مڙ! ڪيڏانهن ان ڪري ٿو جو متان ان کان چڙ نہ ڳچيءَ ۾ پٽجي وڃي. هي وڃي الائي ڪهڙن برن کي باهيون ڏئي.سياسي ماڻهو الائي ڪهڙن ڪنراڪن ۾ مبتلا هوندا آهن، پائيين تہ اڃايو ڪوڙو گوال تي نہ بيهي رهي ۽ اڃايون رندڪون نہ پيدا ٿين، جيئن آرام سان بنا رڪاوٽ ڪم هلي ٿيئن چگو. گندلي سليم ۽ "ز" جا اپريل وارا ٽي خط مليا. سليم لکيو آهي تہ خط پڙ ڪو نہ مليو آهي. "ز" لکيو آهي تہ "گندلي مون سان گڏ شڪارپور ۽ سيوهڻ ڏڻين ۾ هلي هئي، ڏلم تہ تو لاءِ لکي دعا پئي گهريائين." گندليءَ لکيو آهي "پيارا بابا پونوارا شال خوش هجو. پيارا بابا آءٌ پاس ٽي وئي آهيان ٻيو نمبر پاس ٽي آهيان سيوڻ ٽي ويس تنهنجي لاءِ دعا ڪئي. تون بن مهينن ڪانپوءِ ڇڻي ايندي آءٌ توکي ڏاڍو ياد ڪريان ٽي. تنهنجي فوٽو ڪي ڏسي مون کي روئڻ ايندو آهي. تنهنجي گندلي. ز ۽ گندليءَ ڪي لکيم. سليم کي لکندس. "ز" سان امان وڏي حيدرآباد واري جي تعزيت ڪيم.

"م" ملاقات ٽي ويو آهي. ڇڄ ڏينهن ڪان پاڻ ۾ ڪهريون ڪيون اٽئون ۽ اسڪيمون لڙايون اٽئون. پهرين هر ڪو ماڻهو پنهنجي بهترين خوبين سان پيش ٿيندو آهي ۽ پنهنجي خامين کي لڪائيندو آهي. پچاڙيءَ جو خوبيون ۽ خاميون ڪجهہ ٻڌلس ۾ نظر ايندين آهن. سڙائڪي آهي ان ڳالهہ جو سندس طبعيت تي اثر آهي. ڪليءَ دل وارو زنده دل ۽ بهادر ماڻهو ٿو لڳي. ٻ- جويو آهي. بي جوءَ سان رهي ٿو. اها پنجايٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ وڏي جهيڙاڪ ۾ آهي. پهرين ويچاري سرائڻ آهي. ۾ سال وزير هو. پوءِ ۾ ميمبر رهيو. قومي اتحاد وارن ماري مرٽينگ ڪري ڇڏيس. قلعي ۾ ٽي مهينا رهي آيو آهي. آگرين جا نهن چڪي ڪيڊي ورتائونس. هتي ۾ روز هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ ٻئي هنڌان ٽئي هنڌ دوڙائيندا رهيا اٿس. سپرنٽنڈنٽ سان ۾ اٽڪٻت اٿس. ان وسان ڪيس ڏليل ڪرڻ ڪان ڪو نه گهڻايو آهي. آخر لاچار ٻي واهو ٽي. مون ڏانهن نياپو ڪيائين. هاڻ خوش آهي. هي پنج ڏينهن ڳالهيون ڪندي ۽ حال احوال ڏيندي ونندي گذري ويا آهن. مون چيس "مون کي سرائڪي سيکار" چيائين "سندي سيکار ته پوءِ!" هاڻ لڳا پيا آهيون. هڪ ٻئي کي اکر پيا ڏيون. اڳتي جي خبر خدا کي. هينئر ته ڳالهيونئي ٿيون ڪن. ٻڌي صاحب جو فدائي آهي. پر مٿس هلکي سلکي اصولي تنقيد سهيو وڃي. قومي حق خود اختياري جي ڳالهه جي تائيد ٿو ڪري. سرائڪي لغار ۾ لڳل اٿس. شعر ۾ چوندو آهي. مون کي پنهنجو اردو ڪلام ٻڌائي ٻڌائي سڪائي وڌو اٿس. ڪلام سٺو آهي پر. مون لاءِ سڀ پراٽيون ٻدل ڳالهيون آهن. نئين ڳالهه ڪانهي. يڪيو آهي. گهر جو خرچ ۾ جوٽس مائڻن کان ولي ڪندي آهي. ريڊيو ۾ ڪونهيس. سرڪار ٽي لک پراٽو قرض وياجن سان ڪڍي ضبطيون ڪيون اٿس. ۾ دفعا چوريون ڪرايون ويون اٿس. هوئين ملتان ۾ ڪجهه اباٽي اڏاوت اٿس. قيمت پڇي مانس. "چي آءٌ ان کي ليڪ ڪري نه سگهيس. ڪريان ها ته چڱي قيمت ڪري ها." پڇيم "پوءِ ۾؟" "ٽيهه پنجيهه لکن جي ٿيندي." پنجاب جا سنيد پوش ڪارڪن ويچارا انهن حالن ۾ آهي. بهرحال وزيرن ۾ هي ڪنگال ليکبو آهي. حال سٽن ۾ آهي. ڪئين ڪيسن ۾ اٽڪايل آهي. هينئر نظر بند آهي.

۷ شام. "م" ملاقات تان موٽي ٻڌايو ته چون ٿا ته اخبارن ۾ آيو آهي ته "م" کي پنجاب پي پي جو صدر مقرر ڪيو پيو وڃي. جوٽس، افضل سنڌو ۽ سندس پيٽوپو ملاقات تي آيا هئا. چيائين ته پنڊيءَ جي انگريزي اخبار "مسلم" پاڻ ٻنهي بابت پهرين صفحي تي خبرون ڏئي رهي آهي. چيائين "سپرنٽنڈنٽ اڄ ۾ منهنجي بي عزتي ڪئي، مون ۾ سيني جيلرن اڳيان گوڙ ڪيو ۽ سيني کي چيم ته اوهين شاهد رهجو هي منهنجي پويان دشمن ٽي پيو آهي." جڏهن ٽڏو ٽيو ته مون چيس ته "تو غلطي ڪئي بلڪ زبردست غلطي ڪئي، مقصد اهم آهي يا ذاتي گهٻ وڌايون؟ مس مس گڏ رهڻ ٽيو آهي، تون هن کي بل ٿو ڏين ته توکي وري ٽئين پاسي ولي وڃي." مڃيائين. منو پائيءَ جي اڄ جي ڪهاڻي "تصويرون" ڏنيم. ٻڌي. ڏهني طرح سوچ ويچار ۽ انتظار جي حالت آهي. کي کي عرضا ڏينهن بلڪ گهڙيون فيصلي ڪندڙ ٽيندڙ آهن. ايئن ٿو لڳي ته ايندڙ مهينو ۾ اسان جي تنظيم لاءِ بلڪ ملڪ جي عوام لاءِ ڏکهي عرصي جي مقصدن جي روشنيءَ ۾ فيصلو ڪندڙ ٽي سگهن ٿا. حالتون تمام ٽورڙو ڪجهه ڪرڻ جي اجازت ڏين ٽيون، ان آهروس ڪجي ٿو. تر تان گسي سگهجي ٿو. خطرناڪ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تباه ڪن غلطي به ڪري سگهجي ٿي، شاندار تاريخي موقعا به وڃائي سگهجن ٿا، هر شيءَ آهي به ناهي به. ضرورتحال تمام پيچيدي آهي، خطرن ۽ امڪانن سان پُر آهي، پر انهيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ سگهڻ جي گنجائش مون لاءِ ذري گهڻ نه هڻڻ جي برابر آهي. پهريون دفعو بي وسيءَ جو احساس شديد آهيءَ. آءٌ باهر هجان ها تہ شايد حالتن ۾ ڦيرو موچارو ڦيرو آڻڻ ۾ ڪافي هٿي ڏيئي سگهجي ها. ڏسون يار چا تا ڪن! حالتون ۽ اتفاق ڪهڙو ڪردار تا ادا ڪن. بهرحال ڏيڻهن ڪافي "ڏوتي بدا ڏوتي چوڙا" وارو ڪم رهيو آهي، ڏهني طرح تڪجي پيو آهيان، هاڻي سڀاڻ حالتن ۽ اتفاقن جي ڪيل فيصلن جو انتظار ڪرڻ جي سيو ڪجهه نٽو ڪري سگهجي.

۸۲-۶-۲۵:

صبح جا نو بجا، چڪر ڏيئي وهنجي ناشتو ڪيو اتم. "م" پدنگ لاهي ٿا ڪاڏي سين، ان ۾ انب به وڏو هٿائين. سڻي هئي. "م" صفائي پيو ڪرائي ڪلهه ڪان. امير آزار ۾ آهي. هيترا مهينا سڪتو ويهي منهنجو رت پيتو هٿائين، سجو ڪمرو گندو پيو هو. هاڻ ڪيس چُرٽو پيو پوي. ڪلهه خبر پئي تہ مجيد قريشيءَ جي وڃڻ بعد جيڪا اسسٽنٽن(جيلرن) جي ڊيوٽين جي ورهاست ڪرڻي هئي سا ڪلهه ٿي آهي ۽ رضا وٽ نظر بندن جي جيڪا عارضي چارج هئي اها ختم ڪري نظر بندن لاءِ مستقل انچارج مترر ڪيو ويو آهي خوش خصلت ۽ صاحب فضيلت محترم پيارو دوست عظمت شيخ! "م" کي پاڻ سان رکائڻ جي سزا ٿي ڏسجي. مزا ٿيندا. قوت برداشت لاءِ هڪڙو نئون چئلينج. "م"، امير سان گڏ هوڙ پيو رڙي. پنهنجيون ڪجهه پريشانيون ۽ مسئلا بيان ڪيائين پئي باهر جڻي ڪرسيون وجهيو ويٺا هئا سون. ڪيس معيار زندگي پورهيتن جهڙو ڪرڻ، ملڪيت پرستيءَ جي مخالفت ڪرڻ، گهر بار کي ان راهه تي هلڻ لاءِ تبليغ ڪرڻ ۽ انقلابي استادن ۽ انهن جي راهه تي هلندڙ عظيم پورهيت سورمن جي زندگين جو مطالعو ڪري انهن مان سبق سکي انهن جي پيروي ڪرڻ ۽ پنهنجي نظرياتي سطح بلند ڪرڻ جو ليڪچر ڏيئي ويٺو آهيان. جوڻس جي دانهن ٿو ڪريٰ تہ "معيار زندگي برقرار رکڻ ۽ وڏائڻ پڻيان ديواني آهي ۽ مون کي چريو ڪري رکيو اٿس." ان لاءِ چيو اٿانس تہ "انقلابي ماڻهن جي رهٽي ڪهڙي ڪهڙي هئڻ گهرجي تنهن بابت پنهنجي نظرين جو اعلان ۽ تبليغ شروع ڪر، زبردست مقالو لک، هڪڙو نقل جوڻهين کي به موڪل ۽ چئينس روز ٻي ڏڦا هن جو مطالعو ڪري، هارن کي به پڙهي ٻڌائي. کا نہ ڪندي، پوءِ تہ به ڪجهه نہ ڪجهه اثر پوندس." چوي ٿو "ها لکان پيو." لکڻ جو سٽو آهيءَ، شايد لکي به.

ايار جي ڏوميسائيل لاءِ ڏي سي ٽي جي موڪليل فارم کي پُرڻ لاءِ اهو ڳولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽ ڪري اڳيان رکيو اٿم. جون جو مهينو پورو ٽيهٽ تي آهي، گذريل سال هن مهيني جي پندرهين تاريخ محمد فاضل ڀٽي، بابل جڪراڻي، قربان ابڙي، غلام نبي سومري، بتا محمد خان جڪراڻي، الطاف شاهه ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ تورڙي ٻين تنظيمن جي سزا يافته نوجوان ساٿين نثار مگري ۽ ٻين کي سکر ۾ ڇڏي حيدرآباد ويو هوس. سکر انڪلاڻ ۾ مهينا اڳ ۲۰ اپريل تي فقير رحمت الله سان گڏ پهتو هوس ۽ ٻئي ڏينهن انگريزي ڊائري ۾ نوٽ ڪيو هئم. " ڪلهه ٻن پهرن جو فقير رحمت الله سان گڏ هتي پهتس. واٽ تي خرچ پاڻ ڪيائين. گيٽ تي تلاشيءَ جي، دستوري ريڙهه پيڙهه، رفيق صفي، ميراڻي (آفتاب)، قاضي عبدالقادر آغاصدرالدين ۽ هڪڙو مسٽر ٻيو مستري قيدي ساڻي آهن. پيٽ جي تڪليف اڃا ختم ڪانه ٿي آهي. ڪمزوري. جيل ۾ ڪو به باقاعدي ڊاڪٽر ڪونهي. غمگين، ڪمزور، ڳڻتيءَ ۾. مارشل لا ڪان موڪل جي شرط ڪري گهر وارن سان ملاقات ڪانه ٿي سگهي. گهر ڏند ۾ ضبط ڪري گهر مان هارن کي ڪڍي ڇڏيو ويو. اسلم خيرپور ۾. هائي ڪورٽ ۾ شنوائي ۸۱- ۵- ٦ ڪرمي ۽ چمڙيءَ جي تڪليف خلاف محڪم ارادي سان جدوجهد ڪندس. بدليل جڳه ۽ ماحول تي هران ٿيو. گهر وارن سان ڪوبه رابطو ڪونه ٿي سگهيو. گهر ۽ انکي ڇڏائڻ جي ڪوشش جي نتيجن جي ڪابه خبر ڪانهي. چا پاڻ کي هتي ڪارآمد نموني مصروف رکي سگهندس؟ ڏڻن کي جاري رکڻ جي گهر ڪرڻ گهرجي. لکڻ جي باوجود لائبريري وارو ڪونه آيو. چيني مصنف هان سوين جي آٿٽ ڪهاڻي ٻيو پڙهان. لڳي ٿو ته دلچسپ هوندي. " انڪل ڊيد مهيني ڪانپوءِ نوٽ ڪيو هوم "۸۱- ٦- ۲ صحت قابل برداشت. ڪوبه تخليقي ڪم نه. جسيس بيگار ۾ مبتلا. بينظير جي پڇا. ان وچ ۾ مائي بينظير سکر سينٽر جيل اچي چڪي هئي. سڀتي هئي، لاڳاپو ڪونه ٿي سگهيو. بن هفتن ڪانپوءِ وري حيدرآباد ٽرانسفر ڪيائون. ۸۱ -٦- ۱۷ تي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪيو هيم. "۸۱- ٦- ۱۵ تي هتي ٽرانسفر ٿي آيس. وارد ۾ شيرخان، حسين شاهه بخاري، پيرمحمد جوٽيجي، صديق اسلم، اسماعيل سوهي، غازي صلاح الدين ۽ دائود پناڻ سان ملياس. ڪلي سليمان، ڪريم، غوث شاهه، مگرپو وغيره پر وارن واردن ۾ آهن. ميرمحمد جوٽيجو ڪله اسپتال ويو آهي، موڪن جي آپريشن. اسماعيل سوهي سان هنڌيوالي اٿم. اسلم پرويز مون کان به ڏينهن اڳ آيو. ڪمشنر حيدرآباد عبدالله جي ميمڻ سرڪار پاران مونکي ۽ اسلم کي جيل مان سندس پنگلي تي گهرايو. آڇ نه قبول ڪيم. زرينه، ايان گندلي، ۽ ڪليلي ڪله آيا. ٻئي ڪچهري. سليم چون ٿا نيڪ ٿي ويو آهي. ايان خالد جي شاديءَ جون خبرون ٻڌايون. ڏسجي ٻيو ته سڄو وقت پناڻ ڪالونيءَ ۾ ئي رهڻ جي عادت پان جند ڇڏائي ٻيو. سواءِ اسان ٽن ۽ دائود خان، غازي، اسماعيل ۽ ميرمحمد جي ٻيا هليا ويا آهن. صحت اڳي جي پيٽ ۾ بهتر ..... فاضل ڏانهن لکيم، کو به جواب نه ..... ٻن مهينن کان وڌيڪ عرصي ۾ کوبه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارائتو ڪم ڪونہ ڪيو اٿم. هي سستي ۽ بيڪاري ڪڏهن ختم ٿيندي؟ گهڙو حالتون * غير تسلي بخش؛ ايئن ٿو لڳي ته سڄي ڳالهہ مان ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪرندو ڏسي ۽ سڀائين ساڳي حالت جاري رهندي ڏسي همراہ ڪ ٽي پيا آهن. ان ڳالهہ جو ڪيئن علاج ڪجي؟ ڳالهہ لاعلاج ته ڪانہ ثابت ٿيندي ۽ گهر کي ڏاهي ته ڪانہ وڃهندي؟"

۸۱-۶-۱۸ تي لکيو هوم ..... "رات شب برات هئي. دائود خان جي گهران سيرو آيو. سوهي صديق، اسلم ۽ غازي جي ڪلاس کي انگريزي سيکارڻ شروع ڪيم. ڪافي دلچسپ ۽ ڪامياب. دائود خان چئي ٿو آڻ سومر کان شامل ٿيندس، جو اهو مون لاءِ پاڻ وارو ڏينهن آهي. هاڻي گهڻ بور ٿو ڪري ..... فاضل کي لکيم. پٽ اياز کي ..... پڙهڻا لڳي مڙ رهڻ وارا ڏينهن ياد ڪيم. ڪافي مطمئن ٿيس انهن ڏينهن کي ياد ڪري جيڪي مون لاءِ گهڻي پاڳي اڻ وٽندڙ هئا. حافظي يا فطرت جي اها ڪهڙي نہ ڪيڏ آهي جو ماڻهو ماضي جون رڳو سڀيون ڳالهيون ياد ڪري ٿو ۽ ان کريہ ماضي جي واپسي لاءِ واڇائي ٿو ۽ حال تي پڇتائي ٿو. تخليقي ڪم ڪڏهن شروع ڪري سگهندس؟ تمام جلد، تمام جلد شروعات ڪرڻ گهرجي. فاضل جي ڪابہ خبر ڪانهي. چو؟" ۸۱-۶-۲۲ تي نوٽ ڪيو هوم "عبدالسلام ٿهيم آزاد ٿي ويو ڪلہ مسٽر بجل ميمڻ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ آيو ۽ زماني ڪانپوءِ ٽيندڙا پاشو** جو قسمت نامو نيٺ تصديق ٿيو. ڏاڍو خوش ٿيس. اسرائيل طرفان عراقي ايٽمي ري ائڪٽر تباهہ ڪرڻ جي نتيجن ۽ ٻني صدر کي ڪيڏ جي نتيجن تي بحث ڪيوسين ..... سندم بدلي ٿي چڪي آهي. ..... غازي جي ڪهاڻي ٻڌيم ..... سليم جي ڪابہ خبر ڪانهي. ناخوش، صحت انتظار مر وجهندڙ." ٻئي ڏينهن صبح ۸۱-۶-۲۳ تي نورالاهي گهرايو هو. پاڻ ۽ ڀيڻي آغا غلام نبي الڳ ڪمري مر ويٺا هئا. نورالاهي قبول ڪيو. ته منهنجي ٽرانسفر ڊسٽرڪٽ جيل ڪوٽ لکپٽ لاهور ٿي آهي. پوءِ ٻنهي مونکي پنهنجائي واري حڪمتي انداز مر سمجهايو هو ته مونکي ٽائيم پاس ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي سرڪار چئي ٿي سو لکي ڏيڻ گهرجي. ڪلاڪ ڏيڍ سمجهايو. هئائون. مون سندن همدردي لاءِ پر خلوص ٿوڙا ڇيا. باقي "آئون ڪئن لوئي لاهيان ڪارڻ ٻن ڏينهن؟!" تان جو پورو هڪ سال اڳ اچوڪي تاريخ ۸۱-۶-۲۵ تي انڪل هن ئي وقت ۹ بجي سپاهين جو ڊنبلو اچي نڪتو هو. شاهنواز جوڙيجي، اسلم، صديق، دائود خان، غازي ۽ ٻين دوستن کان موڪلايو هوم. هڪڙي همراہ واٽ جي خرچ لاءِ ۴۰۰ روپيا ڏنا هئا. شاهنواز پڇيو هو ته خرچ جا پئسا آهن؟ گهڙان اياز کي ڪنيو هوم. ٻئي ڇٽا گاڏي جي انتظار مر پليٽ فارم تي ويٺا هئاسون. خبر ئي ڪانہ ٿي پيئي ته مستقبل جي پلاند مر چا لکل آهي. اياز چيو هو ته "مون وٽ ۸۰-۷ روپيا آهن، ڪپن ته ڪٽي وڃ." مون انڪار ڪيو. اُن وقت پليٹ

* گهرو حالتون- پارٽي جون حالتون

** ٽيندڙا پاشو- اياز لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فارمر تي ويٺي مونکي ايازَ ڪيڏو پنهنجو ڪيڏو پيارو لڳو هو! مڙس ماڻهو ٿيو ويٺو هو. مون توري ٽسلي ڏني مانس پر اڳيئي ٽاٽ هو. (نظرياتي تعليم ۽ انقلابي تاريخ جي مطالعي جو اهو فائدو آهي ته ٻاهر ٻڌا ۽ عورتون ڪُڇيءَ جو ڏسال ڪونه ٿا ڏين. مڙس ماڻهو تي هر ڳالهه برداشت ڪن ٿا، ڪنهن سان ڳالهه تي حيران پريشان ٿا ڏين.) مرين هر ڪن پنجابي مسافرن سان جهيڙو ٿيو هو. جاءِ ئي نه ڏين. واٽ تي ڊاڪٽر اسرار احمد جي هڪڙي حامي وڪيل سان ڪچهري ٿي هئي. جماعتي تي ڏٺو. لاهور ۾ ڪير ڪونه ملیو هو ۽ ڪُرو پاڙو ڏئي ٽيڪسي ڪري هتي پهتاسون.

هينئر منويائيءَ جي سلسلي وار ڊرامي "سونا چاندي" جي قسط ڏٺي سون. دل ونڊان آهي. مکيه ڪردار واري چوڪري ڪمال جو ڪم ڪري ٿي. سڀني عوامي ڪردار جو هڪڙو عاليشان مثال آهي. بيروت تباه ٿي رهيو آهي. بظاهر فلسطيني ختم ٿيڻ وارا آهن. رجعت پرست آمريڪي چاڙتا عرب ۽ غير عرب مسلمان حڪمران طبقا سازش ڪريو، تماشو پيا ڏسن. مڪر ۽ منافقيءَ جون حدون ٽپي ويون آهن. جماعتيا ناڪ پيا ڪن. جيڪو فلسطين جو نالو ٿو ولي تنهن تي چڙهيو وڃن. اڄ ٻلي سيءَ ڳوشت ڪائي ويئي. ڪُنڊاح صاحب جي ۱۹۴۲ ۾ لکيل سوانح عمريَ پيو پڙهان، مزيدار انڪشاف آهن ڪانگريس ۽ ليگ بابت.

۲۶-۶-۸۲

اڄ "م" گهوڙا گهوڙا ڪئي ته "امير منهنجا ۴ سگريٽ چوڙايا آهن". تمام گهٽي جوش ۾ اچي ويو. غريب کان غريب ماڻهو پاڻ کان وڌيڪ بڪئي ماڻهوءَ طرفان ٽڪي جي ملکيت هڪڙي سگريٽ کان محزوم ڪرڻ تي ڪيڏو نه باهه ٿيو وڃي! ان وقت هو غريب ناهي، هو ملکيت واڻ جي ڪُتب جو پاتي ۽ ملکيت ديويءَ جو پوڄاري آهي. ملکيت جو بچاءُ عزت ۽ غيرت جو سوال آهي، عقيدي ۽ دين ايمان جو سوال آهي. ڪنهن پاڻ کان غريب ۽ بڪئي ماڻهوءَ طرفان انَ ديويءَ کي هڏ لائق معني ملکيت واري ماڻهوءَ جي بت تان ٽيئي ڪپڙا لاهي ولڻ چوري ۽ ٻيون اهڙيون بدمعاشيون خود عوام جي خلاف بدمعاشيون ٽين ٽيون، بريون ۽ نقصانڪار ڳالهيون آهن، پر ملکيت کي پيرُ ڪڙي پوجڻ ۽ ان کي غيرت، دين، ايمان جو سوال ڪري ولڻ بہ بکين لڙڪو ملکيت واڻ طرفان اصلي ملکيت وارن جي ڏهني غلاميءَ جي برابر آهي. ان مسئلي تي توازن قائم ڪرڻ انقلاب جي اهم ضرورت آهي. نه چوريءَ، نه ڦريءَ ۽ ملکيت جي ٽرلڻ جي همت افزائي ڪجي ۽ نه ملکيت جي پوڄا ڪرائجي. اهي ڳالهيون "م" کي سمجهائي ڪيس ڏڏو ڪيم، نه ته امير کي جوش ۾ سزا لاءِ جيل. واڻ جي حوالي تي ڪيائين. ماڻهو بہ موڪلي چڪو هو. بهرحال ان سبب ڪري مونکي امير جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيد مان اڄ رهائي ملي. ڪيس بدلي ڪيو ويو. سواءِ ڪنهن الزام جي، بيماريءَ جو سبب ڏيئي. ٻيو مشقتي آيو جيڪو ٽيڪ ٽو ڏسجي. شل نہ ڪو بي حيا مظلوم ماٺهو ڪنهن ٻئي مظلوم ماٺهوءَ يا مظلومن جي ڪنهن حامي ماٺهوءَ جي گردن تي سوار ٿي ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪري! ڪيس خبر آهي تہ هي ماٺهو مظلوم خلاف ڪابہ دانهن ڪوڪ ڪانہ ڪندو، هن سان ڇا بہ ڪريان ٿيٻي ويندو. جي دانهن ڪندو بہ، تہ بہ سيڪو منجهائنس لاهيندو تہ "ميان! تون هڙو مظلومن جو حامي ۽ مظلومن خلاف شڪايتون!"

"م" اڄ بہ پنهنجا گهڙو مسئلا ٽيبل تي رکيا تہ صلاح ڏي تہ ڇا ڪريان. زال، ٻار، پيٽ، اڳين زال، پيٽيويو مالي مشڪلاتون قرض، سرڪاري "گهيراوءَ جلاؤ"، چورين وغيره جو احوال اڳتي هڏائي چڪو آهي. اڄ گهر جو ڪيس بيان ڪيائين، خاص ڪري جوٽس جي رويي جو تجزيو ڪيائين. مسئلو پيچيدو ٽو لڳي، پر حل ڪيو.

شام جا ساڌا چار بجا. ڄالندڙ تان ٻار راس ليلا پيا پيش ڪن. وچ ۾ ڪرشن مرلي پيو وڄائي. چوڌاري نندڙيون گوپيون نچن، ڏونڪا وڄائيندیون پيون ڏرن، واهہ!

چترهار، فلم نوري، پونم دلون بيحد خوبصورت پهاڙن جي ويس ۾، خوبصورت منظر. "آجاري آجاري او ميري دلبر آجا" راجيش کنا، شرميلا ٽئگور. برفاني منظر، اميتاب بچن، راکي- شتروگهن سنها، کالاپٿر ۾ فلم دلدار ۾ "اسکول مين ڪيا پڙهو گي، دل کي ڪتاب پڙهہ لو!" اميتاب بچن "مين پل دو پل کا شاعر هون، پل دو پل ميري کهاني هي."

٨٢- ٦- ٢٧ بجے شام.

لوگ کهتي هين کہ تو اب يي خفا هي مجھ سي
تيري آنکهون ني تو کچھ اور کها هي مجھ سي

دهليءَ تان سيما شرما، جان نثار اختر جو غزل پيئي ڳائي ۽ خوب پيئي ڳائي. ڏاڍي سريلي آهي. ڪنڊ ٻاهر وڃائي ويٺو آميان. چڪر ڏنو اٿم. اڃا شيو وغيره کو نہ ڪئي اٿم. صبح جي هير پئي لڳي، ڏاڍو مزو پيو اچي. "م" ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، کنهن خيال ۾ ٻڏو پيو آهي. نئون مشقتي چانهہ پيو ناهي. رات اسان چيس "تون بيمار آهين، تنهنجي اکين ۾ ساوڪ جا آثار آهن." اڄ شايد روزو کونہ رکيو اٿس.

اڄ "م" شاهي قلعي جي ڪهاڻي هڏائڻ شروع ڪئي. تمام دلچسپ آهي. چيومانس "لک" چيائين "لکڻ جي گهٽي مشق ڪانهيم" "پرواه ناهي گهٽي روايتي مشق انلو خراب آهي." "قيدياڻيءَ جي ڊائري ۽ "جنم قيدي" ڪهڙين حالتن ۾ ڪهڙن غير اديب ماٺهن لکيا، سو هڏايو مانس ۽ تيار ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جا ۹ بجا: "دوسرا آدمي" فلم هلي پئي، شڪي ڪپور نيتوسنگھ ۽ راکي آهن. عام رستي کان هٽيل آهي. سڀي اداکاري آهي، ٺنهي جي.

۲۸-۶-۸۲

۹ بجا صبح صبح جو باهر کٽ وجهائي ويٺس ۽ "م" سان ڪچهري ڪيم. چيائين "اسان جي پاسي ذاتي، گهريلو ۽ پالتو "ڪامريڊ" ٿيندا آهن." ٿوري دير رکي چيائين "اسان وٽ روس رهندو آهي." مون چيس "اها جنس اوهان وٽ ڪيئن ٿي پيدا ٿئي ۽ روس پنهنجو ملڪ ڇڏي اوهان وٽ ڪيئن رهيو پيو آهي؟" چيائين "اسان جي پاسي جاگيردار جيئن سڀن ڪتن ۽ ٻين جانورن جي سڌسماءُ رکندا آهن ۽ ڪنهن سڀي گلر يا ڏڪي جو ٻڌندا آهن ته هر قيمت تي اهو هٽ ڪرڻ پاڻ وٽ رکندا آهن. ٽيئن ڪارڪنن جي به پڄا رکندا آهن ته اڇڪله ڪهڙو ڪارڪن ماڻهن ۾ وڌيڪ نالييرو ۽ مقبول آهي، ۽ پوءِ هر حيلي ان ڪارڪن کي ريجهائي، ڪارائي ليبارٽري پوليٽ ڪرڻ پاڻ وٽ هيرائي ولندا آهن، پوءِ اهو ٻئي ڪنهن ڪم جو نه رهندو آهي. انهن جو ذاتي، گهريلو ۽ پالتو جانور ٿي پوندو آهي. اهڙن بزرگن کي اسان واڻن جاگيردارن ۽ وڏيرن جو ذاتي، گهريلو ۽ پالتو ڪامريڊ سڏيو ويندو آهي." پڇيم "پلا روس اوهان وٽ خير مان رهڻ لڳو آهي؟" چيائين "جڏهن به وڏيرن کي سٽس پوندي آهي، تڏ فلاڻو ڪامريڊ روس جي سفارتخاني ۾ مقبول آهي ته ان بابت سموري پڄا ڪندا ته برابر هن جو لاڪاپو مٿي پکو آهي يا نه. جي پڪ ٿين ته برابر پهتل آهي ته پوءِ ڪماڪمي ڪري ان جي دعوت ڪندا يا پنهنجي ڪنهن پالتو ڪامريڊ کان ڪرائيندا. دعوت به دعوت هوندي. وٽسکين جي نئي وهائي چڙيندا. آخر ٻن دعوتن کانپوءِ همراه هڙي پوندو ۽ مهيني ٻئي ڀڳو بيٺو هوندو پوءِ کو غير پالتو ڪارڪن روس يا چين، يا انقلاب جي ڳالهه ڪندو ته ان کي چوندا "ميان روس جو اسان کي ڊپ نه ڏيار! روس هڪڙو ڏڦو چو تو اچي، ڪٽي ست دفعا اچي! اسان وٽ روس اڳيئي ويٺو آهي. ڪالهه به دعوت ڪائي ويو آهي!" مون چيس "ڪٽي روس ويٺو آهي ڪٽي چين. الائي ڪهڙن ڪهڙن وڏيرن، سردارن ۽ سرمائيدارن وٽ الائي ڪهڙا ڪهڙا ڳاڙهين اکين وارا روسي چيني ڪامريڊ پيا پلجن. در اصل لکنو ۽ دهليءَ جي جاگيرداري ماحول ۾ پليل ڪامريڊ گادي نشينن هتي هارين ۽ مزدورن کي سجاڳ، ۽ منظم ڪرڻ بدران پنهنجو مڪيه زور وڏيرن، سردارن ۽ سرمائيدار کي "ڪامريڊ" بنائي انهن جي معرفت اڪ چنبي ۾ انقلاب آڻڻ تي لڳايو آهي. هي ٻانڀن ته اسين وسڪيون پيو ۽ پڳل تتر کايو وڏيرن کي پئيلائي، کين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي بنائي سندن ڇهڻ ڇهڻ پيا ڪريون ۽ هو سوچين ٿا ته جئين هيتريون ردون، ڏڳا، ڏوڙ اعليٰ نسل جا ڪتا، گهوڙا ۽ پيا جانور پيا پاليون، تيئن ولر ڪامريڊن جو ڏاري ڇڏجي. نالو ٿيندو! ڪنهن وقت ڪم ۾ اچي ويندا. جڏ انشورنس ٽي ويئي انقلاب خلاف. انقلاب جي مرض کان بچاءُ جا ٽڪا ۾ لڳي ويا. سندن طبقي کي انهن ٽڪن لڳڻ کان پوءِ اها بيماري ڪا نه ٿيندي." "ٽيون ڏينهن ٻن پهرن جو اوچتو محسوس ٿيم ته ڪا شيءَ ڪنڊ آهي. پڇيم، "ٽائيگر؟" "معلوم ٿيو صبح کان جئين يوسف بالو ڪٽي پٽيان پئي پجايو هئس تيئن وري ڪو نه آيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سماءُ ورتم: رات ۾ ڪو نه آيو. ڪلهه شام جو اوچتو اپٽن لڳو ته جڏ ڪا ٽائيگر جهڙي شيءَ لنگهي ويئي، غور سان ڏٺم ته برابر ٽائيگر آهي ۽ يوسف پٽيان اتس. يوسف کي گهٽو روکيم پر هن جند نه ڇڏيس. ٽائيگر ڊوڙي اچي زير زمين نالي جي منهن وٽ پهتو. سڌ ڪيو مانس پر ڊپ ۽ هراس وچان ولي ناليءَ ۾ ٽپو ڏنائين. گم ٿي ويو.

آءٌ اهي شيون پالينڊو ناهيان، ڪڏهن ۽ نه. چو ته ماڻهن جي پالڻ ۽ منهنجي پالڻ ۾ فرق آهي. ماڻهو پنج سال ٻڪريءَ جو چيلو پالي ان کي وڏي شان مان سان ڪٽي نڙيءَ تي ڪاتي رکندا! چي "جلال تا ڪريونس!" مون وٽ ٻڪريءَ، سهي ۽ عورت جي ٻار ۾ ڪو ايڏو وڏو بنيادي فرق ڪونهي. ٻار سڀ ٻار آهن- مائرن کي پيارا، معصوم، وٽيندڙ زندگيءَ جي محرومين ۽ ڏکن کان بچڻ جا مستحق ۽ سکن ۽ خوشين جا حقدار. هر جاندار جو فرض آهي ته انهن جي مدد ڪري، کين بچائي، سکيو ۽ خوش رکي. ڇري وهائڻ لاءِ پالڻ ڪهڙو پالڻ ٿيو؟ منهنجي خيال ۾ ٻڪريءَ ۽ ڪتيءَ جي پنهنجي ٻچن جي لاءِ مامتا ۽ ايڏي بي لوث، ايڏي گهري، ايڏي عظيم ۽ ايڏي مقدس آهي جهڙي عورت جي مامتا. اهڙي سوچ ۽ اهڙو رويو رکندي، هن وڏيرڪي سماج ۾ جانورن سان ڇا ماڻهن سان پيار ڪرڻ ۽ ان کي نپائڻ ۽ نا ممڪن آهي. ماڻهوءَ کي قدم قدم تي پيار جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿئي ٿي، پيوفائي ڪرڻي يا سهڻي پوي ٿي. ڪيڏانهن هوڏانهن جون تقاضائون ۽ ڪيڏانهن اسان جو مجبوريون، اسان جا ازلي ۽ ابدي فرض، انهن کي پوري ڪرڻ جا پنڌ ۽منزلون !

اياز ٻڪري پالي هئي، ان جي گراڙ (چيلڙي) ٿي. شايد ديانڪا نالو هوس. لطيف آباد ۾ لينگ ٽپا ڏيندي هئي. ماڻهوءَ جو ٻار ٻڪريءَ جي ٻار سان خوبصورت ۽ من موهيندڙ لينگن ۽ ٽپن ۾ ڇا مقابلو ڪندو! الائي ڪيڏانهن ويئي هلي. پوءِ موتي آيو. الائي اياز ڪٿان چورائي آيو. موتيءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن؟! ساهه پساهه موتيءَ ۾، موتي، موتي! نندڙي ٻار وانگر معصوم پر چالاڪ، ذهين، حرفتي، باوقار ٻار. هڪڙي ڏينهن ڪيس چتي ڪتي ڪائي وڏو سمجهيون سون ته موتي ٻه چٽو ٿي پيو. ٻارن جا ولر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتيءَ کي پٽر هٽن، اسين ڪجھ ب ڪري نہ سگھون. ڏوڙي مون وٽ آيو. منھنجي ڪ
ھ ڪو ٻار ھن ڏپ اھو ت اڇھو ٿو ڇتو موتي ٻار کي کائي.
آصف کي ب ڇتي کاڌو ھو. بچي ڪونہ سگھيو. ان ڏپ کان مون موتيءَ کي پٽر
ھٽي ڪڍيو. پوءِ ٻين ھنيس. اھڙيءَ ريت اسان پنھنجي اکين اڳيان پنھنجي ھٿن سان
پنھنجي گھر جو ھڪڙو پياروں منڙو معصوم ٻار بي گناھ قتل ڪري ڇڏيو. آءُ نہ ايار
سان اکيون ملائي سگھيس نہ پاڻ سان. اڄ تائين اھو واقعو ياد ڪري تڑپي اٿندو آھيان.
"موتي بابا! مونکي معاف ڪر. آءُ مجبور ھوس!" پر موتي جيڪو مونوٽ ٻارن جي
پٽرن جي دانھن ڪٽي آيو ھو، تنھن جي اکين ۾ منھنجي پٽر لڳڻ ڪانپوءِ جيڪا حيرت،
صدمي ۽ ميار جي گھائيندڙ نھار ھئي، سا ڪتان ٿي معاف ڪري!
چڪر پئي ڏنم ت ڏنم ت ٽائيگر تيزيءَ سان ڪمري ۾ اچي گھڙيو.
مون اندر گھڙي دروازو بند ڪيو، پر ھن ڏپ کان ولي دانھون ڪيون.
حيلا ڪري ڇڏيا سون، نہ ويھي، نہ کائي، نہ پيئي. آخر دروازو کولي
ٻاھر ڪڍيو مانس، ھليو ويو. ھوا زور سان لڳڻ شروع ٿي آھي، سامھون وڻ
جھومن پيا. اندر نل چالو آھي، ڏينھن ٿڏو ۽ وٽندڙ آھي، وھنجان.

۸۲ -۶- ۲۹

۷ بجے. ٻاھر وينا آھيون، ھمراھ پنھنجي گھرو مشڪلاتن جو تفصيل ويٺو ٻڌائي.
چئي ٿو "ھاڻ چا ڪريان؟" مون صلاح ڏني مانس. قبول ڪيائين. مسئلو بلڪل مشڪل
۽ پيچيدو آھي، علاج ب مشڪل ۽ پيچيدو آھي، ڪري ب سخت آھي، آپريشن ب آھي.
ڏسون ت چا ٿو ڪري سگھي.
رات گھٽي دير تائين جاڳندا رھياسين. ھڪڙي ڳالھ "پنجابين جي سنڌ ۾ ٽيل
قتلام" بابت ب ھئي. حالانڪ ھن جو رويو انتھائي ذميوارانہ ھو پر جماعت اسلامي ۽ سنڌ
جي زمينن تي ناجائز قبضا ڪندڙ مجرم ٽولن جي ڳڏيل پروپيگنڊا اھڙي وسيع پڻماني
تي ٽيل ھئي جو ڪنھنجي ب ڳالھ ان جي اثر کان آجي ٿي ٿي سگھي. اھي پروپئگنڊا ۽
ڳالھيون ٻڌي غصو روڪڻ مشڪل ٿي پيو. مون چيو "پوليس ھتي جي ھئي، فوج ھتي جي
ھئي. سنڌ جي صوبائي حڪومت جي مشينري حسب دستور بي حس، نا اھل، بي وس ۽
مفلوج ھئي. ناجائز قبضيدار ھٿيار بند ۽ منظم ھئا. جي انھن جا قتلام ٿيا ھوندا ت گھٽ
۾ گھٽ فرسٽ رپورٽون ٿاڻن ۾ داخل ٿيون ھونديون. انھن جي آڌار تي انھن ماڻھن جي
لسٽ شايع ڪئي وڃي جن کي سنڌين انھن ڏينھن قتل ڪيو ھو ت اسين جواب ڏيون، ورنہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن بدمعاشن جي پروپيگنڊا جو اسان توڙي اوهان ماڻهن کي گڏجي جواب ڏيڻ گهرجي.
هو متفق ٿيو. هن لاءِ اها ڳالهه نئين هئي ته سنڌ ۽ پنجاب جو قتلام ٽالي جو ڳالهه دراصل
ڪو وجود ئي نه ٿي رکي؛ سموري ڳالهه پناهگير، پنجابي سرمائيدار پريس، ناجائز
قابضين ۽ جماعت اسلامي جي پروپيگنڊا جي ايجاد آهي

۸۲- ۶- ۳۰ صبح ۷ بجي:

يه ڪون آيا ميري من کي دواري
پايل کي جهنڪار لئي!
سوچ مين ڈوبا پاگل منوا.
سپنون کا سنسار لئي.
يه ڪون آيا!

منادي ڪائي پيو هاڻ لتا آئي آهي. ڏن کا آهي چا!

جانا تا هم سي دور بهاني بنا ليئي.
اب تم ني کتني دور لڪاني بنا ليئي!

هاڻ شروع ڪيو اٿس:

ميري وينا تم بن روئي.
سجنا! سجنا! سجنا!
تجه بن ميري گيت اڌوري
هونٽون پي شرمائين
.....
تڙپ تڙپ ره جائين.
ميري پيڙ نه جاڻي ڪوئي
ميري وينا تم بن روئي.
سجنا! سجنا! سجنا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سادا ڇهه شام. سڀ قيدي بند ٿي ويا آهن. اسان جو در بند آهي. جالنڌر تان هڪڙو ڀهراڙيءَ جو فنڪار مرزا صاحبان ڳائي نچي رهيو آهي. جهڙو آهي پاڻ خوبصورت ۽ شاندار. تهڙو آهيس آواز، ناچ، انداز ۽ لباس. اڄ فلم آهي. الائي ڪهڙي؟ حسب دستور ايريل ڦري ويو آهي ۽ تصويرون صاف ٿيون ڏسڻ ۾ اچن. فلم جو الائي ڪهڙو حال ٿيندو؟ سياڻي خميس آهي. پرويز اچڻو آهي. ان سان چا ڳالهائجي، ان بابت اڳواٽ سوچڻو آهي. ڪپڙا ميرا ٿي ويا آهن، ميرا به ميرن جهڙا. هينئر وهنجي بدلايان ٿو. "م" جي مسئلي تي ڏينهن جا ڏينهن ويچار ۽ بڊ چوڙ ڪري جيڪو فيصلو ڪيوسين ان جو وڏو مڪيه حصو اجهو ٽورو وقت اڳ بدلايو ويندا آهيون. جڏ هڪڙو بار سر تان لهي ويو آهي . ماٺو سمجهو ۽ مزيدار آهي، سجو ڏينهن ڇرچا ٻڌائي ڪلائيندو آهي. پاڻ به ڪلي ڪلي بي حال ٿي ويندو آهي. خاميون ته پوءِ معلوم ٿيندیون. في الحال خوبيون ڪافي نظر اچن ٿيون. ڏاڍو اعتبار ڪندڙ ۽ صاف گو ٿو ڏسجي. الجزائرين کي مغربي جرمڻي وارن کان فوٽ بال راند ڪنديءَ ڏسيو ويندا آهيون. مزا ٿي ويا . فلسطينين جو الائي ڇا ٿيو؟ پوئتي هڻڻ ضروري ۽ مناسب آهي. هيءَ تباهي عارضي ثابت ٿيندي ۽ ان جا وڏا مثبت نتيجا نڪرڻ جي توقع آهي. "م" جي تحڪيم مڪرمه ايا خيرن سان گهر ويئي آهي. ڏسون ڪڏهن ٿي گهر مان نڪري ڪم ڪري. ن- پ، جيل جي ڳڙ جي ڪنڊ واري ڪير جي لسيءَ جا به ٻه گلاس چاڙهيا اٿئون. آهي روزائتن لاءِ پر اسين به بيمار سيمار آهيون، اسان کي پيارينداڙ ته به ڪجه نه ڪجه ٽواب ٿيندن. اڄ "م" سياست ۾ مذهب جي ڪردار تي بحث ڪيو ۽ پي پي جي ان سلسلي ۾ موقف تي بحث ٿيو. منهنجو چوڻ هو ته جهڙي منظم نموني عالمي سامراج ۽ ان جا سڀ دنيا ۾ چاڙتا مذهب کي سامراجي ۽ رجعت پرست عوام دشمن مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن تنهن جي مد نظر مذهب کي چالو سياست ۾ ملوث ڪرڻ هڪڙي پاسي مذهب جي اصلوڪي شروعاتي ترقي پسند روح جي توهين آهي ۽ ٻئي پاسي عوام لاءِ هڪڙي زبردست مونجهاري ۽ سندن ويرين لاءِ هڪڙي زبردست موقعي جو ڪارڻ ٿيندو. گهڻي ۽ تفصيلي بحث بعد هو قائل ٿيو.

۸۲-۷-۱ صبح.

اردو سروس ۾ ڦوال "آيا بنا، آيا هريا لا بنا!" هڪڙي مُوچاري ڏن ۾ منقبت پيش ڪري رهيا آهن. هاڻ خبرون. فلسطيني ڪمان لبنان خالي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهي آهي. سڀ ڪنهن چور سامراجي چاڙتا ۽ سندن آقا آمريڪا، فلسطيني انقلاب جي نام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهاد لاشن جو ڪفن چورائڻ لاءِ سنيريا وينا آهن.

۲-۷-۸۲ صبح.

ٻاهر ڪٺ تي ويٺو آهيان. "م" اڃان هينئر اک ڪولي آهي. چانهه تيار ڪئي پيئي. اردو سروس تان غزل پيا اچن. ڪلهه پرويز جي اچڻ جو وارو هو ڪونه آيو. چيائين پئي ته شناختي ڪارڊ ڪونه لهرايو اٿم. ان بنان اچڻ ڏاڍا ڏين پر مجيد قريشي مڙئي ملاقات ڪرايو ڇڏي. تي سگهي ٿو ته ڪلهه بنا شناختي ڪارڊ جي آيو هجي ۽ مونڪائي ڇڏيو هجين. فاضل وارن کي ٻن هفتن بعد ۱۵ تاريخ اچڻ لاءِ چيل آهي، جي همراهه ايندڙ هفتي آيو ته انهن کي ملاقات کي پندرهن ڏينهن پورا نه ٿيڻ ڪري مو ڪائي ڇڏيندا، ڪجهه ڪجي. رات ديرسان اوچتو ڪائيگر الائي ڪٿان اچي نڪتو. سخت بکيو ٿي لڳو. ٽورڙو ڪر ڪائي وري گم ٿي ويو. ايم- آر- ڊي ۾ ڪجهه ساهه پساهه ڏسجي پيو. پي ايڻ پي جا ڪارڪن به گڏيل مظاهرن ۾ گڏ هڻا ۽ گرفتار ٿيا، شايد يوسف مستي خان به گرفتار آهي، معراج وارا به گرفتار آهن. ۹ تاريخ فلسطينين جي جنازي نماز وغيره جو پروگرام آهي. ڪالهه ٽيون ڏينهن چڪيون ڪيرايون ويون آهن جمهوريت جي بحاليءَ وغيره لاءِ. پارا چنار ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ کي گولي لڳي آهي ، موٽ ۾ گولي بازيءَ ۾ اٺ ماڻهو ماريا ويا آهن. الذوالفقار. چئي ٿي ته صاحب کي گولي آسان هنئي آهي. آمريڪا سنڊس چارتا عرب ۽ غير عرب مسلمان حڪمران فلسطينين جي همدرديءَ جا بول پيا هولين. هٿراڏو خون ڪرايل جي قبر تي ڳوڙها! فلسطيني قتلام جي باوجود حوصلا نه ٽا هارين، اها ڳالهه آمريڪي چاڙتن جي سازش کي. ڪنهن ڏينهن خاڪ ۾ ملائيندي ۽ سازشين جا برا حال ڪندي.

تم ميري پاس هوتي هو گويا،
جب کوئي دوسرا نهين هوتا .

مومن جو ڪلام پيو ڳائجي. ڪير محترمه آهي؟ آواز موچارو آٿس. اندرا نلنيڪر هئي. پراڻا گانا پيا هلن. " نين ملي،نين هوئي بانوري ديکتي هي ديکتي مين کهو گئي. جاگتي هي جاگتي مين سو گئي. ابتک مين جاگنا نه چاهون ري، نين هوئي بانوري "

" م " آيو آهي. ڳالهه ٿري گهري پئي، جي- ايم- سيد، ايوب جي آخري ڏينهن جي تاريخ تي آئي. پوءِ اسلام جي شروعاتي تاريخ، امويين، عباسين، بيت المال، خمس وغيره تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي. اڄ جمعو آهي. گرمي بہ آهي، چانھ ڇا بہ يڪا ٽي ڪوپ پيو وينا آهيون. "م" ڪي چانھ جي گھٽي پٽ آهي، سڄو ڏينھن پڙھو پريو وينو آهي، ترماس خالي ٿيڻ نٿو ڏي. مونکي بہ هيرائي وڏو اٽس گھٽي چانھ تي.

ڏاڍي گرمي آهي! سويل نمبردار اچي ڪن ۾ ٻڌايو تہ "پستول آيو آهي، ٻن ٽن ڪلاڪن کان ڊيوڙيءَ ۾ وينو لکپڙھ ڪري. ڊپٽي شهزادو اسسٽنٽ چوڌريءَ سڪندر ۽ ٻيا وينا آهن. ڪولر پنھنجو فٽ پيو ڪرائي" "ڇا لاءِ آيو آهي؟ چارج ولٽ آيو آهي ڇا؟" "خبر ناهي. ڏسجي تہ ائين ٿو." پوءِ پستول جي قيدي نوازيءَ جا داستان، جڏ آغا شاهي جي ٽٽي ۾ ڪيل ڪاڙنامن جا داستان هجن، انھن کان بہ وڌيڪ اعتبار نہ اڇڻ جھڙا، پر جنھن کان پڇ سو ساڳي ڳالھ ڪري. ملازم کان پڇيوسون. چيائين "وينو برابر آهي پر شايد ڪورکارڊ پيو تپاسي. صوبي جي جيل فيڪٽرين جو اي آءِ جي آهي، ان لاءِ آيو ٿو ڏسجي." هونئن بہ موجوده سپرنٽنڈنٽ جي بدليءَ جا افواهہ گھڻا شروع ٿيل آهن. خلق خدا جي دعائون پيئي ڪري تہ "وڃي!" ڪيترن سببن ڪري، مونسان قاعدي موجب ليک ناک هلڻو پيو اٽس، ليک هليو آهي ۽ ڇيڪ ڇيو اٽس، تنھن ۾ تفاوت ڪو نہ ڪيو اٽس ۽ نتيجي طور حال سارو آءٌ ليک ناک آهيان. پر هن جيل کي جيڪو سڃي پنجاب جو سخت ترين جيل بنايو وينو آهي، تنھن جي اثر کان آءٌ ڪيئن ٿو بچي سگھان؟ پنھنجي پر ۾ ماڻھن کي جيئري قبر ۾ وجهيو وينو آهي. انسان همت ۽ سمجھ ۽ جدوجهد کان ڪم ولي تہ قبر ۾ بہ ڪو سوراخ ڪري زنده رهي سگھي ٿو. اها ڳالھ الڳ آهي. آءٌ پاڻ تي قولادي ضابطو نہ رکيو وينو هجان ها ۽ هن کي ڪو بہ بل نہ ڏينڊو رهيو هجان ۽ جدوجهد لاءِ هر وقت اڳواڻ تيار، هوشيار ۽ خبردار نہ هجان ها ۽ ڪيس خبر نہ هجي ها تہ هن سان صحيح نموني نہ هلبو تہ هي تمام ڏکيو پوڻ واڙو ماڻھو آهي تہ جيڪر هي درويش ڪنھن ڳالھ ۾ ڦاسائي نہ ڪري ها. هي لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڻن واري جدوجهد جو نتيجو آهي جو همراهہ ليک ناک هلي ٿو ۽ عزت ۽ احترام سان پيش اچي ٿو. نہ تہ پار ڪنھن ڳالھ ۾ ڪسر ڇڏڻ وارو ڪونهي. پستول جو اچڻ معمولي هن جيل ۾ غريب قيدين لاءِ، مارشل لا جو لھڻ ٽيندو. اسان لاءِ ساڳي ڳالھ آهي، چور سان بہ وهٽو ساڻ سان بہ وهٽو.

"اتني بڙي جيون ساگر ۾ تونبي پاڪستان ديا." "م" ڳائي پيو. ڇئي ٿو "سوالي دا سوال صرف اتنا هي ڪہ ايها چيز تسان ڪٽان هٽ ڪيتي تي ايدا نان ڪي هي"؟

"اها چيز خالص سنڌي آهي ۽ نالو اٽس علڻ فقير." ڇئي ٿو تہ "اهو توهانجو قومي ترانو هئڻ گھرجي. نظريہ ضرورت موجب تخليق ٿيو آهي." هاڻ وينو "هو الا هو الا" ڪري، مون تان چرچا ڪري تہ توهان جو عظيم فنڪار واقعي انقلابي آهي. رکيو رکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳائي. "اتني وڏي جيون ساگر مين تو ني پاڪستان ديا! هو الا هو الا!"

۸۲-۷-۳ صبح.

لتا شروع آهي:

تمر نه جاني كس جهان مين كهو گئي.
هم پري دنيا مين تنها ره گئي.

ساحر لڌيانوي جون سٺون آهن. كيڏانهن هي سٺون ۽ كيڏانهن اسانجي سنڌي فلمي كلام جون الي ڏيارينڊ سٺون، جن جي ٻيو نه نهيو ٻولي ۽ گرامر سان غلط هوندي آهي. كي نه انهن ماڻهن جون لكيل هوندیون آهن، جن كي سنڌي اچي ئي كانه! پنجابي پروديوسر حضرات جي ناهيل سنڌي فلمن مر اها بي حيائي آخري حد تي پهتل آهي. پياروں دوست محترم عظمت شيخ آيو هو. افعال ساڳيا هئس، پر لاچار كي آچاڪ اشراف ٿيو مسكينڙو بنيو ويٺو هو. اسرائيلي، فلسطيني مسئلي تي گالهه ٿي، چيائين ته "روس خراب، هٿيار ڏيئي عربن كي مارائي ڇيو. مصري سان سوران پڄي وڃي امريكا ٻيڙا ٿيا." مون وضاحت كئي. مجيائين. "م" جو ذات پائي آهي. "م" چيو هو ته مون كي چيو اتس ته "پليجو صاحب مون تي ناراض آهي سو مونكي پرچائي ڏي." ان كري مون تڏي آئي. ساڻس تنگ پوڻ مناسب نه سمجهيو ۽ ساڻس ڏند كيڪڙ كيم، بلڪ معاملو در گذر كرڻ واري نموٽ كيم. سپرنٽنڈنٽ كي لكيم ته ڊاكٽر كي فون كري ته علاج جلد شروع كري، ٻيو لكيومانس ته زات جو اندريون دروازو كولي ڇڏ. پر سپرنٽنڈنٽ هوئي كونه. سياڻي ڏسجي. "م" سندس ڊائري كي لڳو پيڻو آهي، لكڻ جو ڏانو اتس، پختائي جي كمي آهي، سكي ويندو. گرمي آهي، وڻ هيٺ ويٺا آهيون. اخبار لاءِ پيسا موكليا اٿئون. كلهه جنگ كا نه ملي، چي "پئسا ختم ٿيا ويا آهن ڊپارٽ جا." اڄ موكلياسون. پڇا كيم عظمت كان، پرويز كالهه آيو ئي كو نه هو. چو؟ لكجئس. ته ايندڙ هفتي نه آچي. عظمت كي ٽي وي جي بانس لاءِ ٻوٽو آهي.

رات ساڌا اٺ بجا. چٽر هار هيما مالني ۽ ڌرمينڊر. گانو ڏاس نه. سنجيو. هندوستان جي ناچ جي راڻي. هيلن. ناچ معمولي. سياڻي فلم "محبوب كي مهندي" آهي. راجيش كنا ۽ لينا چندو كر آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايهو بيلا بيتي جائي، بدرا چائي.
(اها گهڙي گذرندي وڃي، جهڙ چانيو بيٺو آهي.)
هڪڙي گيت جي پس منظر ۾ خوبصورت نظارا پيا ڏيکارين.

بدرا چائي- تم نہ آئي.
يونهي رينا بيتي جائي.

(جهڙ ٽيو تون نہ آئين- ايئن رات گذرندي وڃي)
هڪڙي لٻا ٻيو خوبصورت عورت کي انتظار ڪندي ۽ واڇائيندي پيا ڏيکارين. پاڻي ۾ تي ڏيو ٻاريل آهي.

هري هري سي، پري پري سي
موتيون سي جڙي جڙي سي
اُجلي اُجلي نکري نکري
ڪوئي نہ دلاسا ڪوئي نہ آشا
يون هي رينا بيتي جائي
بدرا چائي تم نہ آئي.

پارت پانڌيم ناچ پيو ٿئي. ناڇڻين کي ڏسن جو گجرو چوڻي ۾ ۽ آهي، ڳچي ۾ هس اٽس، ٻانهن تي بازو بند اٽس. لباس ڏکڻ هندوستان جو پيل اٽس، گلي ۾ مالها، ڪنن ۾ کان ڦول.

۸۲-۷-۴ صبح.

رات تمام دير سان ستاسين. آڏي اسور تائين جاڳندا رهياسين. ڪلاڪن جا ڪلاڪ گرما گرم بحث هلندو رهيو. ڳالهه نڪتي اتان تہ آيا خواجه فريد جيڪو "م" جي چوڻ مطابق بهاولپور جي نوابن جو درباري شاعر قصيده گو ۽ پير هو ۽ جنهن تي نواب صاحبان پنهنجي عوام دشمن مفادن لاءِ قبضو جمايو ويٺا آهن ۽ ڪيس استعمال ڪري پنجاب ۾ سرائڪي تحريڪ تي رجعت پرستيءَ جي مهر پيا هڻن، تنهنڪي مجموعي طور ترقي پسند عوام دوست شاعر ڪوبہ سگهجي ٿو يا نہ. اتان بحث ادب،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومي تحريڪ، مارڪسزم، ليننزم، لکيڙ جڏي فڏيري ۽ اڪرن ۾ اڏيل مارڪسزم ليننزم، مشيني مارڪسزم، هڪ طرفائي (پراڻا گيت پڻا هلن.

نجر لاگي راجا توري بنگلي پر
جو مين هوتي راجا بن ڪي ڪوئليا
ڪو هوڪ رهتي راجا توري بنگلي پر.)

پنجابي مهاجر نقلي مارڪسزم، ليننزم، سندن قومي تحريڪ خلاف بغض ۽ ڇالون، پيپلز پارٽي جي پنجابي مهاجر "ترقي پسندن" جي قومي مسئلي بابت شاونسٽ غير مارڪسي ليڻني نظرين، وات، رجعت پرستيءَ جي غلبي ۽ جوابي انقلابي ۽ سندن ان ڪالهه ۾ حصي ۽ سندن تاريخي جوابداري، تصوف ، اسلامي جمهوري تحريڪ جي اوائلي دور ان تي جاگيردار فوجي رجعت پرستيءَ جي قبضي تائين ڦهلجي ويئي. ۽ ٽي ڏينهن اڳ جدلي ماديت جي بنيادي اصولن تي ڪافي ڳالهه ٻوله ٿيل هئي، ان ڪري انهن اصولن جو ۽ ذڪر آيو. مطلب ته ڏڏو جنگاڻ هليو. اڄا ليڊياسين مس ته روزي جي سحري ڏيڻ وارو اچي سهڙيو.

۵-۷-۸۲

اڄ طبعيت ٺيڪ ڪانهي: پيٽ ۾ سور اٿم. اينٽا ڪس جي اڏ گوري ورڻي اٿم. باهر ويٺا آهيون. ڪلهه ڏاڍي گرمي هئي، اڄ ٻه آهي. اڄ موجود فوجي راڄ کي ۵ سال پورا ٿيا آهن، پر ڏسجي ته اڃا ڪاسي مان پاڻي ٻه ڪا نه پيئي آهي. "سج ڪڻي يا ڇ ڪڻي" واري نيت اڻن، حجام آيو آهي، وار لهريان.

۶-۷-۸۲

"م" چئي ٿو ته لسي ڪرڻي پيٽ ۾ سور ٿو ٿئي: بهرحال ڪلهه شام جو روزيدارن واري لسي پيتم. اڄ ڪو نه پيئندس. سور ڪجهه گهٽ آهي. راڻ ڪان ڊبل پهرو شروع ٿي ويو آهي: محترم جناب شيخ عظمت جا ڪرتب آهن. ۲۴ ڪلاڪ سپاهي مڙان ٻورا ٿيا ٻيڻا آهن. چئو ته ڪر واڻ ۾ ٿو پوين ڏينهن ٻه ڏسون ٿا. "ويئي سگن ڪي ڪن ٻه ڪپائي آئي" وارو ڪم ٿيو آهي. ٻيون ڏينهن سپرنٽنڈنٽ ڪي اندريون دروازو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات بند نہ ڪرڻ بابت ياد گيري ڊيارينم تہ ڊبل پهرو شروع ٿي ويو ! سياٽي نظربندي ۽ جو هي مدو ختم ٿي رهيو آهي ! پريتهن نئون مدو شروع ٿيندو. جيسين نئون ليٽر وارد ٻہ نہ پهتو آهي تيسين "م" ويلو خبرون ڪري تہ "تون سياٽي آزاد ٿي ويندين تہ پوءِ چا ڪندين؟!" باقاعدي وهاري سجو پروگرام تيار ڪريائين تہ " فلاٽي کي منهنجا سلام ڏج، فلاٽي سان ملج، فلاٽي کان فلاٽو ڪم ڪرائج، منهنجي گهر ملڻان وڃج، اتي نشتر اسپتال جي ڊاڪٽرن کان تپاس ڪرائج" وغيره وغيره. اڄ ڪجهہ ڏينهن گهٽ گرم آهي، رات تہ گرمي ۽ دنگ ڪري ڇڏيا! چئو تہ ڪنهن کوري ٻہ پيا هڻاسين. ڪلهہ (فولس ڊائي) ناول پورو ڪيم ٦/٥ سئو صفحا انگريزي جا معلي سندي ۽ جا ٻہ ادائي هزار صفحا! ناول جون تعريفون کي ٽيل آهن چا! پر چئو ٿہ ڪر ٽيپ کانپي چڙهيو آهيان. نام نهاد "جديد" ادب وارو ساڳيو پوڙهو پراڻو رينگٽ تہ دنيا بي معني آهي، سيڪڇهہ بکواس آهي، بهتر زندگي ۽ جو تصور فضول آهي، ڪجهہ ڪوٺهي، پيار سچائي، وفاداري، قرباني، جدوجهد، ڪاميابي، نيڪي، انقلاب، سڀ فضول، ڪجهہ ڪوٺهي، سيڪڇهہ بکواس! جيڪو ان ادبي چرش ۽ آفيم تي هريو سو چئو. اسان جي سندي ادبين مان ڪيترا ڏسڻا وائسڻا، ان گندي نشي ٻہ وڙتل تا ڏسجن. جيڪو موقعي پرستي، ڪم چوري، سستي، لاپرواهي، بي ايماني، بزدلي، دوکي ۽ غداري ۽ لاءِ ڏهڻ کي تيار ڪري تو.

دماغ کي ان مسلسل بوريت جي عذاب کان ڇڏائڻ لاءِ شولوخوف جو انقلابي ناول "ڊان بهتا رها" وري پڙهڻ شروع ڪيو اٿم.

شام ٣ بجے. گرمي پور ڪري ڇڏيا آهن. گرمي ۽ ٻہ "م" توري ۽ جو حلوو ناميو آهي سو ويٺا کائون. پيٽ جي سور جو الائي چا ٿيندو؟ وڌندو يا گهٽجندو؟ انگلينڊ ۽ جرمني ۽ جي وچ ۾ فوٽ بال جي ميچ پيا ڏسون. آئون کوڙ نہ ڏسان پر هي کوليو ويٺا آهن. لاچار ڏسڻو پوي تو. آل چرچل زور ۽ آل هٽلر ڪمزور آهن.

٨٢-٧-٨

رات ڏهين بجي چتر هار هلي پيو. راجيش-ڪنا ۽ شبانہ اعظمي دو گانو پيا ڳائين. "تمهين يي ضد ٿي ڪي هر پڪارين، همين يي اميد ڪي تم پڪارو" رات فلم "رواج" هئي، سنجيو مالا سنها ۽ شترروگهن سنها هئا. وقت پاس ٿيو. ڪلهہ نظر بندي ۽ جو نئون حڪم اچڻو هو نہ آيو. گوڙ ڪيم تہ "مونکي ڪيو ڇڏيو تہ گهر وڃان." شام جو گلزار ۽ نئون جيلر مشتاق اعوان آيا. چيائون تہ "مٿيان چون تا تہ نظر بندي وڌائي رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون. آرڊر ايندو." چيم" نهيو." اڄ چيائون ته "ايا بہ آرڊر ڪونہ آيو آهي." اسان جا تجزيا ۽ تبصرا ٻڌڻ ونّان هئا. سڄو ڏينهن "ڏوتي ٻڌا ڏوتي ڇوڙ" وارو ڪم هو. "م" جو چوڻ آهي تہ نظر بندي وڌائڻ جو فيصلو ايا نہ ٿيو آهي،ٿي سگهي ٿو تہ پرينهن ڪن. چڏي بہ ڏين. ۹ تاريخ خير سان گذرڻ جو انتظار ڪندا هجن. بيگم ڪانہ وئي آهي. پرينهن ڏسون تہ ۱۵ تاريخ ڪير اچي ٿو يا نہ ۽ جي ها تہ ڪير.؟ گرميءَ سبب قلم ڪٽڻ تي بہ دل نٿي ٿئي. هڪ ٿئون جوڙو پيو ڳائي. "موسم! موسم! لولي موسم" اڄ هاءِ ڪورٽ ۽ صوبن جي سمورين تعلقي، ضلعي بارن جي صدرن ۽ سيڪريٽرين جي گڏجاڻي هئي. ان ۾ آئين جي بحالي ۽ نظربندن جي آزاديءَ جا سوال ايجنڊا تي هئا. سياڻي هڙتال آهي. سرڪار بہ جزوي شرڪت ڪئي آهي. ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. بيروت ۾ فلسطيني ايا وينا آهن ٽانڊن مٽان. اڄ محترم "عظمت شيخ" صاحب آيو هو. ڏاڍو مٺو ڏاڍو نرم، ادب ۽ احترام ۾ ٻڏل. نئين ڊپٽيءَ "م" کي ڇيو تہ "ٿون توهان ونڊ ايندس". نئون ڊپٽي نسبتن شريف ماڻهو ٿو ٻڌجي. نئون پروموٽ ٿيو آهي تہ بہ اڄ ئي اسٽاف کي ٽوڪيائين تہ ملاقاتين سان فضيلت سان هلو. هاڻ سواءِ عظمت جي باقي ٽيئي جيلر ۽ ڊپٽي نسبتن نيڪ ماڻهو آهن. سپرنٽنڈنٽ ڪجھ ٽڊو آهي. اڳوڻي گرمي ڪانهيس، اڄ صبح جو ملازمن ڇ وقت قاسي چڙهندڙن ۽ قاسي ملڻ بابت پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا وينو ٻڌايا. سيالڪوٽ جي هڪڙي مسڪين قيديءَ جي ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو. "هيڊ وارڊر چيو تہ هن کي وهنجاريو سياروهو گرم پاڻي ڏنو سين. وهنجيو ڪپڑا ڪٽي چمي پاتائين. نماز پڙهيائين، زور شور سان چٽي آواز ۾ قران پاڪ جي تلاوت ڪيائين. آواز ۾ ڪو سر ڪو نہ هوس. هٽ پٽيان ٻڌائونس. ڪجھ سخت ٻڌي وڌائونس. هونئن هٽ پٽيان جيترو سخت ٻڌل هوندو اوترو فائدو. ساهہ اوترو آرام سان نڪري ويندو. چيائين "هاڻ مون کي ولي هل. مونکي سور ٿو ٿئي." مون چيس "ايا سپرنٽنڈنٽ، ماجسٽريٽ ۽ ڊاڪٽر اچڻا آهن. ٿوري دير هوندي اڃا. پر خير هل! ولي آيو سانس. "سيني کي سلام ڪيائين. جلاد کي چيائين، "جھٽ ڪراهاڻ ڏير نہ ڪرائي!" هن بہ سيکنڊ ڪرائي ورتا. ڪاري ٽوپي پهرائي سيکنڊ ۾ رسي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ورتائين. سپرنٽنڈنٽ اک جو اشارو ڏنو هن ڪٽي جھڪو ڏنو. رسي بہ ڪانہ چري. همراهہ همٽ پريو هو، بدن جو گهاڻو. جيئن ماڻهو بدن ۾ پريل هوندو تئين ساهہ هڪدم ۽ آرام سان نڪري ويندو. هلکن ماڻهن کي منٽ اڌ لڳي ٿو پريلن کي نہ، پهرين جھٽڪن سان ئي مٽکو ٽٽيو وڃي، ماڻهن کي خبر ئي ٿئي پوي."

پراڻي ڪنهن زماني جي فلم "شمع پروانا" ۾ ٽريا نهايت خوبصورت ۽ شاندار رول ۾ ڳائي رهي آهي. هوءَ ڳائيندي بہ پاڻ هئي. سامهون کو پراڻي زماني جو ايڪٽر آهي، زبردست ٿو ڏسجي. پر نالو لائي چا اٽس. هاڻ مشهور گانو پيو ڳائجي. "چلتي چلتي، ميري يہ گيت ياد رکنا. کبي الوداع نہ کهنا. پيار کرتي کرتي هم تم کهين کو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جائين گي ان هي بهارون کي آنچل مين ٽڪ کي سو جائين گي" اجهو انگريزي ڳائيندڙ سڪٽي اچي ويئي! لاجواب! چا سونهن، چا مرڪ، چا آواز "م" سبحان الله سبحان الله ويڙو ڪري.(.....) مئدرڊ، اسپين مرتيندڙ عالمي ڪپ فوٽ بال سيمي فائنل ميچ سياري ڏريعي دهليءَ ۾ ڊيڪاري پئي وڃي. هينئر جالينڊر اسٽيشن کي دهليءَ سان ڳنڊيو اها ميچ هن ٽي وي اسٽيشن تي به ڊيڪارڊ شروع ڪئي اٽن. اسان جي ٽي وي ءَ تي به پئي ڏسجي، دهليءَ وسيلي پروگرام لائيو پيا..... ڊيڪارين. مون چيو" آڻون ڪو نه ڏسندس. مونکي ننڊ ٽي اچي. سادا تيار نهن ٽي ويا آهن ." م" چئي ٽو ته پاڻ ۾ رضا نامو ڪريون. تون ڏهه منٽ ڏس پوءِ آڻون آواز بند ڪري مئچ ڏسندس. صبح جو ملازم چيو هو "تو بها ڏاڍو ظلم آهي! ٻئي پائر هئا، سندن پٽيءَ ڪاوڙ ۾ ڪنهن کي سونٽو هٽي ڪڍيو، همراه مري پيو. ڏٽين چيو پوڙهي جڙاماڻ چا ورندو شروندو؟ سو ستڏس بن پٽن تي فرياد داخل ڪيائون ته انهن ماريو آهي. ڪيئن هليو قاسي. اپيل ۾ قاسي. ٽپيل ۾ به قاسي. رحم جي درخواست رد ٽي ويئي. جنهن رات قاسيءَ تي چڙهيا منهنجي مٽن ڏيونٽي هئي. هو چئي "ادا جو ڪهڙو حال آهي؟" هو چئي" ادا جو حال ٻڌاءِ" ٻئي صفا بي گناه، پچاڙيءَ جي ملاقات تي راڄ اچي گڏ ٽيل جنسي قيام هئي. هتي عجيب نمونو ٽيندو آهي. مرڻ وارو پوين کي دلداريون ڏيندو آهي، پچندو آهي ته "مونکي ڪٽي دفن ڪندو؟ هتان ڪيئن ڪٽي ويندو؟" پچاڙيءَ وارا ڏينهن ته ڪيترا دنيا کان لاتعلق تي ويندا آهن، جيئري ئي دنيا کان موڪلائي ويندا آهن. اسين زور ڪري انهن سان ڳالهيندا ۽ انهن کي پرچائيندا رهندا آهيون ته متان مري نه وڃن. چو ته قاسيءَ کان اڳ ڪير قيدي مري ويو ته اسان تي وڏي جوابداري اچي ويندي آهي. ڪڏهن اتفاق ٽي پوندا آهن. به پارتي جاسوس ٽي چيائون انهنکي هن جيل ۾ قاسيءَ چاڙهيائون ته رسو ٽٽي پيو. تڙ تڪڙ ۾ هڪدم ڪٽي پاسي واري ڪاهي تي چاڙهيائون. پچاڙيءَ جي ڏينهن ۾ هر ڪو گهٽ ڪري سچي پچي ڳالهه ڪندو آهي. هڪڙو همراهه قاسي تي چڙهيو. رات جو منهنجي ڏيونٽي هئي. مون ٻڌو هو ته همراهه بي گناهه آهي. پچيو مانس "تو هي ڏوهه ڪيو هو؟" چيائين ته "مونکي هتي ڪوڙ ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور؟ منهنجي ملائکن کي بي خبر ڪانهي. باقي ان ڳالهه جي ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته مون ٻيا ٻه ۴ خون ڪيا آهن! هڪڙي ڪنوار قتل ڪيم جيڪا مهينو اڳ پرڻي هئي. آءٌ سنڌس گهر مان کاٽ هٽيو پئي ويس ته جاڳي پيئي ۽ ولي گهوڙا گهوڙا ڪيائين. ڏڪ هٽي پورو نه ڪريانس ها ته مونکي پڪڙي وجهن ها." مونکي ياد آيو ته اسين قاسي گهاٽ سان لڳو لڳ ڏهن قدمن تي وينا آهي ڳالهيون ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۷-۹

صبح آڳ.

يوسف ٻُجلي فيوز ڪري هاڻي ٻاهر ڪانيون ٻاريو چانھ پيو تيار ڪري. نسيم بانو جان نثار اختر جو ڪلام ٻڌائي ٿورو ڪيو آھي. "مر" ڪلامن ۾ ٻڌو پيو آھي. ڪلھ ملاقات هيس. ڏاڍو خوش ٿي موٽيو. بيگم صاحبہ ان جنس شريف منجھان ٿي ٻڌجي. جيڪا گھر کان ٻاهر ماٹھن ۾ انقلابي هوندي آھي ۽ گھر ۾ "جديد ۽ روشن خيال" رجعت پرست ھجا هوندي آھي. پٽ مريءَ ۾ داخل ڪرايو هٹائين. ان کي ولي آئي هئي ڪلھ اتان. پنڊيءَ ۾ پٹس آھي. ڪلھ اتان ٿي موٽي ٿ روبو ڪجھ بهتر هوس. ان ڳالھ ڪري ۽ پٹ سان ملي خوش ٿيو. حيدرآباد جي سياسي قيدين جو مذاقي نعرو "مولي ھاڻ ٿ فلاٹي ڳالھ بہ ٿي ويئي. ھاڻ ٿ ڇڏاءِ!" سو اھو نعرو مون کان ٻڌي وڏي مجنٹ سان پکو ڪري ورتو اٿس. ڪلھ چيائين "مولي ھڻ تان پڇي وي ميڪون مامُون آکٹ لڳي هن. ھاڻ ٿ ڇڏاءِ!" سندس نندڙي پٽ ڪيس گھر ۾ ڏنو ڪونهي، سو سڏيس ٿو مامون! وڏو پٽ جڏهن جيل پرسان لنگهندو هو ته چوندو هو ته "امي! وه ابو کا گھر!" هن جي ياٹين امان جو گھڙ هو آھي ۽ بابا جو گھر هي جيل آھي. آڻون کو سندي جملو ڳالھائيندس ته ڪڏهن ڪڏهن رڙ ڪري چوندو "اي سادا سرائڪي لفظ وي تسان سنڌهيان چرا گدا!" "اھو اسان سرائڪين جو لفظ بہ اوهان سنڌين چورائي ورتو!" نمبردار سان "مر" ڪچهري پيو ڪري. چي "شيخوپوري ضلع جي شرق پور شريف جو ويٹل آھيان. ۲۵ سال قيد پيو ڪاٹيان. فلاٹي درگاھ جو مريد آھيان." مون چيس "پلا درگاھ شريف وارن کا دعا ڪئي اٹئي يا نہ" چي "سر جي! دعا ٿيندي آھي روزي سان، روزو ٿو. ته پوءِ دعا ڪاڻ لڳندي." مون چيو "روزو ڪهڙو؟" چي "روزو اھو ته دعا بي لوث (بي لوث) ڪجي. ڪا لالچ نہ هجي پر. جي ماٹھو ولندو زمينون، مينهون، ڳئون ۽ دولتون ته پوءِ دعا ڪهڙي لڳندي." سزائي موت ته ڪاڻ آئي هيءَ؟ "آئي هئي. سادا ٿي سال کولي ۾ (سزا ئي موت جي کولي ۾) رهيس. پوءِ جج اسلم رياض حسين گورنر ٿيو ته ان کولي ٽوڙي. (سزائي موت ختم ڪري جنم ٽيپ ڏني.!) في سبيل الله ٿي ويئي. اسان جو ڪير بہ ڪونہ هو اتفاق سان ٿي وئي نہ ته (ڪلي) هيستائين هڏا بہ سڙيا پيا هجن ها." "ڪنهن کي ماريو هيئہ؟" "ناجي نا! ماريو منهنجي سوٽن، اهي چڻي ويا، آڻون ۽ هڪڙو ٻيو سوٽ آھي سي ري گناھ آھيءَ ۾ اچي وياسون. (ڪلي) قتل ٿيو ته مون سارين جي وهر پئي ڪئي. بس اچي ٽوڙهو وڃائون. چئي "تو قتل ڪيو آھي." (ڪلي) اسان جا سوٽ جن ماريو هو سي ڪئين ڏينهن کان پوءِ همٿ آيا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُڻي ۽ سيني کان اڳ ويا. بس سائين اسين ٻاهراڙيءَ جا ٻي عقل هاري ماڻهو ٻيو جيل ۽ مٺ مان ڪيدي ڇڏيو آهي. مشقت ۽ ڪريون ٿا ڏينهن ۾ ڏهه دفعا ڏليل ۽ ٽيون. ٽورو ٽئي ته "هل! پيشي!" پيشي ٽي ته معافي ڇڏ! سال ٻيا ۽ ڪاڻٽا پُڄي ويندا، مارون موچڑا جدا. بس سر جي! غريب جو آهي الله" وري پنهنجي پاڻي جي هڪڙي مولوي صاحب جي تعريف ڪرڻ ويٺو ته اهو شهيد ٿيل قرآن شريف ماڻهن کان ولي انهن جي بدران نوان قرآن شريف ٿو ڏي. چي "سائين ڪم اهو. ٻيا سڀ ڪوڙا." اسان چيو "بيشڪ!" صبح جي ديوڻيءَ وارو ملازم برڪت ذات جو اعواڻ آهي، اڳوٽو مشقتي طارق ۽ اعواڻ هو، ۽ محترم "شيخ عظمت" ۽ اعواڻ (شيخ پيري مريديءَ ڪري آهي) ڪلهه ڪلام ويٺي پڙهيو سين. سلطان باهوءَ جي اهو ۽ اعواڻ، نئون اسسٽنٽ مشتاق ۽ اعواڻ. مون اڄ ويهي ويهي چيو "هاڻ ته اعواڻ ملڪ کي ورائي ويا آهن. جيل ۾ رڳو اعواڻ ٽي ويا آهن. هاڻ ته هي ملڪ ڇڏجي، گورنر- ملڪ اميرمحمد اعواڻ مان جنڊ، ڇڻي ته وري وزير ٻيو اعواڻ مٽان نازل" "ڇ" چيو "اعواڻ اڃا ٻيا ۽ آهن." مون چيو "مثلاً؟" چيائين "محمد خان ڏاکو، جنرل ملڪ جنرل اقبال ۽ ٻيا ڪيئي جنرل ۽ اعليٰ آفيسر." محمدخان ڏاکوءَ ۽ بابت تازو بيان آيو هو ته ايوب کي ملتان ۾ قتل ٿي ڪيائين. پاڻ ۽ اخباري انٽرويو ۾ قبول ڪيائين ته "برابر ايوب هوائي جهاز لاهڻ بنا ملتان مان هليو نه وڃي ها ته منهنجو ارادو ڪيس مارڻ جو هو." "ڇ" چيو "غريبن جو حامي هو، پاڻ سڻ ۽ ٻن ايڪڙن جو مالڪ آبادگار آهي، پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي ذاتي حڪومت قائم ڪريو ويٺو هو. اڄ پڙهيل آهي. فوج ۾ حوالدار هو. اتان پڄي آيو هو. وڏا وڏا ماڻهو ماريائين. سيشن ڪورٽ مان ۷ ڦاسيون ۽ ۲۲۷ سال قيد مليل هوس. پٽي صاحب واري عام معافيءَ ۾ چار ڦاسيون ٽٽي جنم قيد ۾ تبديل ٿي ويون. باقي ٽي رهجي ويون. اتفاق سان آڻون ان وقت وزير قانون هوس. سو ڪاغذ ڪٽي هٿو هٽ گورنر کان ٽي ڦاسيون معافي ڪرائي جنم قيد ۾ تبديل ڪرائي آيس. پوءِ سمورين سزائن کي ڪنڪرنٽ ڪيم. سڀين سالن جي سزا کي گهٽائي آڻي ٽورڙي تي ڇڏيم. مٽان ٻي ڦاسي آيس، اها هاءِ ڪورٽ مان جنم قيد ٿي. هاڻ ڪاڻٽ اڃي چڙهيو آهي. تمام تيز، بهادر ۽ چالاڪ ماڻهو آهي. هٽڻ حرام آ ٿس."

سوچيان ٿو ته انسان ڪيئن نه واقعي ڪُهه کان ڪنڙو (نرم) ۽ لوهه کان ڏاڍو آهي! ڪلهه عظمت شيخ ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي چيو ته "فلاڻو جيل جو ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ ڇوندو آهي ته "مٽان آسمان آهي هيٺ (پنهنجي نالي) فلاڻو آهي ٻيو ڪوبه حرافي ڪونهي، منهنجو نالو ٻڌي زالن جا ڪچا ٻار ڪري پوندا آهن." مون چيو "هر ظالم ايئن چوندو آهي. چاهي ظالم وڏيرو هجي، چوڌري، سردار ۽ خان هجي. ڪامورو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئجسٽريٽ هجي يا جيل ۽ پوليس يا فوج جو آفيسر. ٻڌل ۽ بي واه بي هٿيار قيدي ۽ سان وڙهي پاڻ کي سورمو سمجهڻ وارو ڪاموريو يا پنهنجي بي هٿيار عوام کي ڏهائڻ وارو حاڪم اهڙو سورمو آهي جهڙو پينگهي ۾ پيل ابهم بار کي گهٽو ڏيڻ وارو غنڊو مخصوص ٻارن، عورتن ۽ ڪيڏين اڪيان پنهنجي دليري ڏيکارڻ واڻن ماڻهن کان وڌيڪ بيزدل ۽ بيغيرت ماڻهو دنيا تي ٽيڻ مشڪل آهي." ڏڪر ته همراه پيلو پڄي ويو آهي. مون ڳالهه چاري رکي "مڙس مڙس کان زور اهو جيڪو ڪلئي ميدان ۾ هڪجهڙن هٿيارن ۽ هڪجهڙين حالتن ۾ برابريءَ جي حالت ۾ پنهنجي جيس ۽ جوڙ سان وڙهي سوپ ڪٽي. چوندا آهن "ايري تان ڇلياسين ته جهلجهي ئي نه، ڏاڍي تي بچياسين ته اڻي ئي نه!" سو پاڙيو شل نه ڪنهن بي واه مڙس تان پوي، جهل ئي نه ڏيندو ۽ شل نه ڪنهن ڏاڍي تي نظر پويس. پڇ لڪائي ٻوٽ چڪيندي بس نه ڪندو همراه پل لاءِ ٻڌي ويو. تورو سهي ڏڪ پچائي چياٿين ته "ڪو غلطي ڪندو ته ان کي سزا ته ڏيڻي آهي، قانون مطابق ڪاروائي ڪرڻي آهي." مون چيو "قانون جي پاڻ کي خبر آهي ته ڪنهن ٻاهيو آهي. ڪنهنجي لاءِ ٻاهيو ويو آهي، ڪيئن هلايو پيو وڃي پر ان موجب به سزا مناسب حد تائين هجي." چياٿين "جناب کي ماڻهو به ڏاڍا بدمعاش آهن." مون چيو "مثلاً؟" چياٿين "تنهن ڏينهن هڪڙو نئون قيدي سزا ولي آيو. تلاشي وٺڻ نه ڏي. آڪڙ ڏيکاري. وڏي صاحب وٽ مهمان ويٺا هجن. ان ڪري سور پي، ٽڏا ئي سان ڪم ٽپايو سون. اندر ولي وڃي بند وارد ۾ پوري مرمت ڪئي سونس. سڪ ڪن ٻيد هنياسونس گ..... تي پيشاب اڇي ويس. سجو رتو رڙ ٽي ويو. معافيون ورتائين، توبهون ڪياٿين. پئي ڏينهن ڏپٽي صاحب اڪيان پيش ٽيٽو هوس. ولي ويس. ڏپٽي صاحب چيس "هاڻ تنهنجي مغز مان هوا نڪتي آهي نه. ڪنن ۾ هٿ وجهي توبه ڪر ته آئنده وري بدمعاشي نه ڪندس" ته چي "چا جي توبه؟" وري ڪٽي ڏسيو سونس. اگهاڙو ڪري مارڻ لڳس. ڏپٽي سندس بدن تي زخم ڏسي گهبرائجي ويو. چي "هي ته پورو ٽيٽو پيو آهي. خون ڇڇيءَ ۾ وڃهڻو اٿو چا؟ ولي وڃوس!" هاڻ سيني کي اگولو ڏيکاريو پيو هلي. ڪم ڪري ته وس وارو نه ڪري ته وس وارو. ڪهنداسونس ته ڪوڻ؟ اهڙا اهڙا جرامي پيا آهن. انهن کي چا ڪجي؟"

اتي مونکي اهو واقعو ياد پيو جيڪو "م" ڪجه ڏينهن ٿيا جو ٻڌايو هو. چيو هٿائين "آئون ڪيمپ جيل مان هيڊانهن بدلي ٿي پئي آيس. ٽرڪ ۾ هيا به قيدي هٿ هڪڙو سفيد پوش قيدي مونکي هٿ ڏيئي چوڙ لڳو "سائين آئون توهان کي سڃاڻان ٿو!" خبرون پڇيون مانس ته چياٿين ته "فلاڻو آهيان. ايم اي پاس ڪيم، ليڪچرار ٿيس. مٽيان خون جي ڪيس ۾ قاسي ويس. ڪلهه جنم ٽيپ ملي اٿم. ڪوٽ لکپت جيل ولين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا هلن. اتي ٽيپ کائٽي آهي." مون سمجهايس تہ "هي پنجاب جو هڪڙو سيڪ کان رهڻ جيل آهي هن کي فوجي ڪيمپ ڪري ليکيندا آهن. ان ۾ سمجھ سان رهڻو آهي ۽ کو بہ اجايو ڏڏو. فساد ڪرڻ تاهين." ماٹهو شريف قسم جو هو. چيائين "جناب! انهيءَ بنيادا ۽ اشراف ماٹهو ڏڏي فساد کان پري پجندڙ آهيون. قضا قاسائي وڏو آهي، انشاءَالله کا گهٽتائي کان ٽيندي." اندر گهڙياسون تہ هنن ڪي چيائون تہ "ٽپٽ تيڄ ويهي رهو." ڪنڊ هيٺ ڪريو هو ويهي رهيو ٻين سان گڏ. موٽڪي آفيس ۾ ڪو ڪم هو سو اتي وڃي ٿو. ٽوري ڏير ڪانپوءِ ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ جيل مون داخل ٿيو. شهزادو عظيم. هُي احترام ۾ اتي بيٺو. آسسٽنٽ پڇيس "چو بيٺو هئين؟" هن چيو "جناب احترام طور اتي بيٺس" ۽ ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ اڳيان پيش ڪيائونس تہ "هي بنا اجازت اتي بيهي رهيو." شهزادي چيس "اڙي چو؟" هن انگريزي ۾ چيو "جناب توهان آفيسر آهيو. احترام طور اتي بيٺس!" ڊپٽيءَ چيس "اڙي مونسان انگريزي تو ڳالهائين؟" هن انگريزيءَ ۾ چيو "حضور آءٌ ايم اي انگلش آهيان." چيائين "وري انگريزي؟" عادت موجب شهزادو صاحب اچي گارين ۾ ڇڻو. ليڪچرار ٻڌندو رهيو. نيٺ شهزادي بس ڪئي ۽ چيائين "هن کي ولي وڃو. وڃي ٺيڪ ڪريوس!" بس اک چنبي ۾ الائي چا ٿي ويو. سڄي ڊيوڙيءَ ۾ "ڏاڙ! ڏاڙ!" پڄي وئي. ليڪچرار ٽپو ڏئي شهزادي صاحب کي لت هٿي ڪرسيءَ تان ڪيرائي وڌو. صاحب رسکي ٽيبل هيٺان لکو. هن پٽيان ٻہ ٽي لتون هٿي ڪڍيس. اسسٽنٽ جهلڻ آيس، انکي ٽونشي سان ڪيرائي وڌائين. دهشت چائنجي وئي. ڪير ويجهو نہ اچي؛ هن صاحب جي نہ ننڍي چڏي نہ وڏي. آخر مڙس کي جهليائون ۽ ولٽي وڃي اڳهاڙو ڪري دسي مارڻ شروع ڪيائونس. منو ڪلاڪ ولر ڪتن جو ماريندو رهيس، کو سنڊ ڪونہ چڏيائونس. سجو رت رت ٿي ويو. نيٺ جڏهن ماري ساڻا ٿي پيا تڏهن ڪٽي وڃي وڏي صاحب اڳيان پيش ڪيائونس. ان چيس "تو پڙهيل ڳڙهيل ماٹهو ٿي ڪڙي اها حرڪت چو ڪئي؟" چيائين "جيڪو مون کي بي عزت ڪندو ان جي مون وٽ عزت سلامت کان رهندي." آفيسر ٿي حڪم ڪرڻ جو ڪيس هلائي ٽيهن ڏڻڪن جي سزا ڏنائونس. ٻئي ڏينهن آٿي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهيائونس. برک ۾ ڪڙي ٽيم ڏڻڪا هنيائونس، اف بہ ڪونہ ڪيائين. اسٽريچر ڪٽي آيا. لت هٿي پري ڪري چڏيائين. پاٹهي پنڊ ڪري هلڻ لڳو. وڃي بند وارد ۾ بند ڪيائونس. اتي پڇتائونس تہ "رڳو وات سان چئو تہ مونکي افسوس آهي. مونکي معاف ڪريو ٿڙ پڙ جيڪا سهولت ڇئين سا ڏيندا سون." هن چيو "سهولت چا جي؟ مون سان جيڪو ٽڻ ٽڻ ڪندو تنهنکي آءٌ ڏڏهن بہ نہ چڏيندس." مهينو ۾ پوزيو ويندا هئس. آخر ڪڪ ٿيڻ بندوارد مان ڪيائونس. هاڻ ڪو بہ عملدار ساڻس ٽڻ ٽڻ ڪونہ ڪري. بابا پٽ ڪانسواءَ ڪو ساڻس ڳالهائي ڪونہ. ڊپٽي صاحب ان پاسي منهن بہ ڪونہ ڪري." ان سموري ڳاله جي انهن نمبردارن تصديق ڪئي جن کيتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڻ ۾ حصو ورتو هو يا جن ونڊ هو بند وارد ۾ بند هو.

سوچيم ته واقعي ماڻهو ڪيڏو نه ڪونئرو آ لوهه کان به ڏاڍو آهي. جي پاڙيو ٽئي ته پنهنجي قائد جي قاتلن جا بوٽ چمندڙ پاڙي سنڊي وڏيرو بنجي وڃي آ جي مرس ٽئي ته ڏاهر، دودو درياخان، مخدوم بلاول، صوفي شهيد، هوشو پيرصبغت الله شاهه، هيمون کالاڻي، نظيرعباسي، يڪو آ الائي چاچا بڻجي وڃي!

ماڻهوءَ جي بلندي توڙي پستي کيڏي نه اٽاه آهي. جي پست ٽئي ته يزيد، چنگيز، هلاکو، هٽلر، مسوليني، آمريڪي سامراجي، بيگن ٽي پئي آ جي بلند ٽئي ته گوتم، عيسيٰ، محمد ص، سقراط، ارسطو، اسپارٽيڪس، مارڪس، لينن، مائو آ هوچي منه ٽي پوي.

۸۲- ۷- ۹

چوڙ ڳئي بالم مجهي هائي اڪيلا چوڙ ڳئي.
چوڙ ڳئي بالم ميرا پيار پڑا دل توڙ ڳئي.
ايسي چلي برها کي آندهي
تڙپت هون دن رات.
چوٽ ڳيا بالم پيار همارا ٽوٽ ڳيا.

لتا آ مڪيش پيا ڳائين. "م" کان پڇيم. "لتا بهشت ۾ ويندي، دوزخ ۾؟" مرڪي چيائين "ڪلمو پڙهي ته پوءِ بهشت ۾ ويندي." چيم "مڪيش؟" چيائين "اهو به جنتي آهي. پر پهريائين ڪلمو پڙهي." پڇيومانس "جي ڪلمو نه پڙهن آ دوزخ ۾ وڃن ته پوءِ تون ڪيڏانهن ويندين"؟ چيائين "دوزخ ۾ ٻيو ڪٿي؟"

شام. چه بجا. جالندر ريڊيو تان پنجابي ۾ سسئي پنهون جو نانڪ نشر پيو ٽئي. پنهون جي پيءُ جا ڀائيلاڳ پيا هلن. هاڻ ڪشمير بابت فلم پئي هلي. دل ڏند ۾ ٻيڙيون پيون هلن. منجهن ننڍڙا هار وڻا آهن. هي هار برف تي پيا ترکن. هاڻ ڪشميري لوڪ گيت پيا ٻڌائين. هار وڏي غور سان پيا ٻڌن.

چترهار. امتياب بچن، ڏرمينڊر سنجيو آ شتروگهن سنهاڻ ڏرمينڊر آ امتياب قوالي پيا ڳائين. ايا کا به سچاتل اداڪاره نظر کان آئي آهي. گوپ، ديوآنند، اوم پرڪاش، سلڪشنا پنڊت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرب فيلسوف، تمر لطيف جمع جي ڪتاب "اسلامي فيلسوفن جي تاريخ" ويٺو پڙهان. منجهس الڪندي، فارابي، بوعلي سينا، امام غزالي، ابن طفيل، ابن باجه، ابن رشد، ابن خلدون، ابن عربي، ابن مسطوم، اخوان الصفا جي زندگين ۽ فڪرن جي تاريخ ڏنل آهي. لکندڙ روشن خيال ٿو ڏسجي. آنو ٻه سمجهو ٿو لڳي. انهيءَ موضوع تي ڇڪن ڪتابن جي مونکي سڃان ڪان تلاش هئي. تصوف جي تاريخ جي تلاش اڃا ڪامياب نه ٿي آهي. ڪا سڻي تاريخ هٿ ڪبي. ڪافي ماڻهن تي ڪم رکيل آهي. هي ڪتاب ٻه وڏي ڪوشش سان هٿ آيو آهي. جيل جو ماستر صاحب جو خوش قسمتيءَ سان هڪڙو قابل عالم سڳورو ٻه آهي تنهن آڏي ڏنو آهي. مولانا صاحب انهن پلارن نوجوانن مان آهي جيڪي قديم سان گڏ جديد علمن ۾ ٻه يونيورسٽيءَ جي حد تائين فاضل آهن؛ دين جي تبليغ جي جذبي سان نوازيل آهن. قاضي ڪورٽن جو امتحان ٻه ڏئي آيا آهن ؛ اميد ته جلد قاضي مقرر ٿيندا. اسان جا گناه ڏسي اسان تي قياس ڪائي اسان کي ديني تعليم ڏيڻ جو ارادو فرمايو اٿن. مترجم قرآن شريف ڏيئي ويا آهن ؛ چئي ويا آهن ته روز سبق ولو معنيٰ ؛ تفسير جو. اسين سندن ٿورائتا ٿيا آهيون ؛ سبق لاءِ ٻي ڇين ٿيا ويٺا آهيون. رڳو گرميون ڪجهه ساهه پٽڻ ڏين. هڪڙو ڏينهن سڄو لڳندو رڳو ڪانئن انهن علمن ؛ ڪورسن جي معلومات حاصل ڪرڻ ۾ جن ۾ پاڻ خيرن سان تجصيل ڪري چڪا آهن. مون کين پنهنجي بدقسمتيءَ ؛ گناهه گاريءَ جو حال ٻڌائيندي چيو هو ته "ديني تعليم ڪان بي بهري آهيان. اها ٻه خبر ڪانهي ته ديو بندي سڏا يا بريلوي، وهابي، چڪا يا شيعا حضرات. وڏي بدقسمتي اها جو اهي فرق معلوم ڪرڻ جي اڻ تڻ ٻه ڪانهيم. اسان جڏن جي پاڻي جنهن جي ڏاڙهي رکيل آهي ؛ جيڪو روزو نماز ڪري ٿو سو پڪو مسلمان. وڌيڪ خبر خدا کي. اوهين روشني وجهڻ پسند ڪندوءَ ته ٻڌنداسين. نه ته خوش هجو. ذاتي طرح آڻون لطيفي طريقي جو آهيان" پڇيائون "اهو وري ڪهڙو طريقو آهي؟ مون ته ڪڏهن ڪونه ٻڌو" چيو مانس "اسين گمنام قسم جا ماڻهو اسان جا طريقا ٻه گمنام قسم جا. اسين مرشدنا شاه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي مسلڪ جا پيروڪار آهيون. چيائين "واه! واه! واه! سبحان الله! شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪهڙي ڳاله ڪجي! استاد سندس هڪڙو شعر ٻڌايو هو "ڪاتيءَ وارو. ڪاتيءَ تکيءَ وارو. اهو ٻڌائجو. ذرا! توهانکي ياد آهي؟" مون چيو "ڪاتين وارا شعر مرشد سائينءَ جا الائي ڪيترا آهن. هي ته ناهي؟"

ڪاتي تکي مَ ٿئي، مَ مُنياڻي هوءِ
مان ورمِن توءِ، مون پڙيان جا هٿ ڙا؟

فرمايائون "اهو! اهو. معنيٰ سمجهايو". سمجهايم. چيائون "ها توهان پنهنجي طريقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا اصول ڏيئي ٻڌايا. "موٽ ڇيو "اصول" ته ڳچ آهن ۽ تفصيلي وضاحت بہ ڪرڻي پوندي پر مختصر، هي ته مرشد سائين جو مسلڪ آهي ته لاڳيتي، اڻ ورڇ سورهيائي ۽ سرفروشي ۽ واري پوڙهئي، ڀاڪوڙ ۽ ويڙهه ذريعي وطن دوستي ۽، عوام دوستي ۽، انسان دوستي ۽، رواداري ۽، سهڻ، سخاوت، وسيع نظري ۽، پيار ۽ محبت جي آدرشن کي عملي جامو پهرائي مظلوم پيڙهيل ڏکويل ماڻهن جي دنيا ۾ انهن هٿان انقلاب آڻي سڪ، سڪار ۽ خوشي ۽ جو نئون جهان اڏڻ ۽ امڙي رڌ پنهنجي حقيقي محبوب جو قرب ۽ راضپو حاصل ڪرڻ. مرشد سائين ۽ جي نظر ۾ دين جي ظاهري رسمن جي پيروي بہ برحق پر اڻ جو اصل روح کو ٻيو.

جيڪو ماڻهو ڏکويل انسانن لاءِ دوزخ بنيل هن جهان کي بهشت بنائڻ لاءِ جاکوڙ ۽ ويڙهه ٿيو ڪري تنهن لاءِ رب جي بهشت ۾ ڪا بہ جاءِ ڪانهي. دين تي ليکيداري جڏائي اڳيئي ڏکويل ماڻهن جي زندگي ويتر وڌيڪ عذاب ۾ وجهڻ وارن کان وڌيڪ رب جي حضور ۾ لعنتي ماڻهو تي سگهي ٿي نہ قول الله، رسول ۽ سنڊن مذهب ڪي ذاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ وڏو گناه ٻيو ڪونهي. هر قسم جي انفرادي توڙي اجتماعي ظلم سان وڙهڻ کان وڏو ثواب ٻيو ڪونهي "ٻڌي ڪلي وڏائين. چيائين "شاه لطيف ينڀائي توهان جي اها عالمانا تنزير ٻڌي ضرور داد ڏئي ها! مون ڇيو "توهان جو خيال آهي ته آڻون وڌاءُ ۽ مبالغ آرائي ٿو ڪريان. هاڻ خود مرشد سائين ۽ کي ٻڌو، پوءِ پاڻ فيصلو ڪريو ته مون وڌاءُ ڪيو آهي يا ڳالهه گهڻائي ڪئي آهي.

روزا ۽ نمازون اي ۽ پڻ ڇڏو ڪم.
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين ۽ کي.

...

اُن پر نہ ايمان، جيئن ڪلي گو ڪوڻائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

...

تهڙا چاليها نہ چاليه جهڙو پسڻ پرين ۽ جو
ڪهڙي ڪاتب ڪريين متي پنن پيه
جي ورق وارئين ويهي ته اکر مڙيئي هيڪڙو

...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملين ٿو ماڻ، پتو ڏئو پيٽ ۾.
سچائي الله ٻڌي ڏنائين ڏوڻ ۾.

...

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهان ئي ڳجھ ۾،
سو جي سڻن ڪنن سين، ڳڻت وارا ڪي،
تہ ساز سمورا سي هوندي پٽون ڪن پلڪ ۾.

...

جيئن جيئن ورق وارئين تيئن تيئن ڏئو ڏوھ
تنهن کهڻي ۽ ڪبو ڪوھ، جي رهڻي ۽ رهيو نہ سپرين.

...

ڪوڙو ڪاڳر ڪورئين ويڙو وڃائين مس.
ڏورتائين ڏس، اکر جيئائين جڙيا!

؛ پوءِ ڪجھ مارئي ۽ جا وطن دوستي ۽، غريب مارن سان وفاداري ۽ ؛ آڻ نہ ڇڻ بابت شعر بہ پڙهيم ؛ معنيٰ ڪري ٻڌايم. بزرگ جي منهن ٿي ڪيئي رنگ آيا ويا. پاڻ تي ضابطو هوس. سبحان الله! سبحان الله! ڪيندو رهيو. سوچيم تہ لطيفي مسلڪ ؛ طريقي ٿي سنڌون ستو وار ڪو نہ ڪندي ڪو ٻيو گس ڪيندو. ٽيو بہ ايئن. پڇيائين. "اوهان کهڙي پارٽي ۽ جا آهيو؟" ٻڌايم. "اوهان جو منشور کهڙو آهي؟" "سڄي ملڪيت قومي ملڪيت بنائڻ گهرون ٿا؟" آڏي پاڇا شروع ٿي ويئي. بہ ڏينهن جاري رهي، ڪلھ ؛ اڄ "م" وچ وچ ۾ ڳالھ ڪري. مون ڏٻوٽي هيي الائي کهڙيون خبرون ڪري. ماٺ ڪرايوماٺس. مولانا کي اها اڻ تڻ تہ ڏسان تہ هنن مذهب کان اڻ ڄاڻ ماڻهن کي رستي تي آڻڻ ۾ گهٽي دير ٿي لڳي ؛ مون کي اهو ڏسڻ جو شوق تہ محترم جنرل ضياءَ جي دور جي "علماءِ اڪيڈمي" جا فارغ التحصيل ۱۹۸۲ع ماڊل مولانا صاحب ديني ؛ دنوي علمن جي کهڙن خزانن سان مالا مال آهن ؛ انهن کان ڪيئن فيض حاصل ڪري سگهجي ٿو. هن ڏينهن جي گفتگو جو نچوڙ مون اهو ڪڍيو تہ "حضور جن، چئن خليفن سڳورن ؛ خليفي عمر بن عبدالعزيز جي ايڪٽيهين سالن جي حڪومت جي دور کي ڇڏي باقي گذريل چوڏهن سئو سالن ۾ جيڪي "مسلمان" حڪومتون رهيون آهن ؛ موجود آهن سي نہ رڳو غيراسلامي هيون پر اسلام دشمن بہ هيون ؛ انهن جو تختو اونڌو ڪرڻ هر سچي مسلمان جو فرض هو." ڪنڊي ڪرڪنڊي مولوي صاحب جن مس مس ڪنڌ لوڏ ڪئي. ونن کي بہ دليل باقي بچيل ڪونہ هئا. لاچار چيائون "هاڻ اهو ٻڌايو تہ اسلامي حڪومت قائم ڪيئن ڪجي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيو ته "اهو اوهان پلارن جو ڪم آهي جن کي دين جي خبر آهي. انسان کان پڇو ڪيسن ۽ سياسي ڏڻن بابت. باقي دين جون ڳالهيون اوهان کي ئي سونهن ٿيون." چيائين، "ماشاءالله، وڏيڪ گفتگو ڪنداسين." بحث ۾ پل صراط تان لنگهڻو هو. ڏاڍا نازڪ ۽ ڏکيا مرحلا آيا. مولانا صاحب ٻڻي پيرا فتوا جون ڪوڙ ڪيون اڇلايون پر رب رحم ڪيو. ٿوري تان بچي وياسون. سولي سنڊيءَ ۾ مولانا جو مطلب هو ته ڪو به ماڻهو ڏنبي سان اقتدار تي قبضو ڪري ولي ته ان خلاف بغاوت ڪرڻ ڪفر آهي . ان جي سزا موت آهي. ماڻهن جو ڪم آهي ته حڪومت جو نالو بدنام نه ولن رکو پنهنجا اعمال سڌارين. ان ڳالهه تان کين لاهڻ ڪجهه ڏکيرڙي ڳالهه هئي. جڏهن سڀ واهون بند ڏنائين تڏهن لاچار ڪٽي ماڻ ڪيائين. منٽو چيڙهوءَ ڏهين ماڻهو ٿو ڏسجي.

۱۱-۷-۸۲

"م" ڪلهه کان جدلي ۽ تاريخي مادييت بابت سوال پڇندو رهيو آهي. روز ڪلاڪ به جي گفتگو هلي ٿي. ڪلهه جدلي مادييت بابت ۽ اڄ تاريخي مادييت بابت گفتگو ڪيم .

ويچاري "م" سان هڪڙو مزيدار گهرو حادثو ٿيو آهي. پهرين سرائيڪ گهر واريءَ کي ۽ سوٽ کي خط لکيائين. سوٽ جي خط ۾ ٻي گهر واريءَ بابت شڪايتون لکيائين. اهي ٻئي خط هڪڙي اتفاق سبب وڃي ٻي گهر واري(پنجابڻ) کي مليا آهن. هاڻ ويچارو ڊڪرن ۾ آهي ته الائي ڪهڙو خنام ڪٽندي. مائيءَ ۾ گهٽتائي پئسي جي به ڪانهي. جيڪي ڪري سو وس واري. چئي ٿو ته هتي جيل ۾ اڇي سجو جيل مٿي ٿي ڪٽندي دير ڪا نه ڪندي. هندي فلم "ڊولي" شروع ٿيڻ واري آهي. راجيش کنا، ببيتا، اوم پرڪاش وغيره آهن .

اڄ سجو ڏينهن ٽانڊا وڃڻ آهن! هيئڙو به ڪمرو ٿتو ٽامڻي ٿيو پيو آهي. اڄ معلوم ٿيو ته نئون نظر بندي جو آرڊر پهچي ويو آهي. مشتاق اعوان ۽ رضا ملڻ آيا هئا. ادب تي ڳالهه ٻولهه ٿي. هندي فلم مڙيئي ٽائيم پاس هئي. سعيده بانو جالندر ٽي وي تان ڳائي پئي. صورت، آواز ۽ ڏن انوکا ۽ لاجواب آهن.

"آج مين جاٹا پيڪي ني، ڦل ديدي"

ڏنون بلڪل انوکيون آهن. آواز ۾ گونج آهي. ادائن جو جواب ناهي.

"شاوا ميري چليا داٹا پاٹي رليا .
چلا ساڌا کوه تي آوين ساڌي جوه تي
وس ميري مان دي چدي گي تي آن گي
شاوا ميري چليا داٹا پاٹي رليا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(شاباش منهنجا چلا، داڻو پاڻي گڏجي ويا. منهنجو چلو ڪوهه تي آهي، تون اسان جي جوءَ تي اچجانءِ. امان جي وس آهي، موڪل ڏيندي تہ ايندا سين.)

سعيده بانوءَ جو مقابلو فقط قوالڙ انپڙها صابري ۽ انگريزي سکڻي ڪري سگهن ٿيون. ٻہ چوڻيون. ڪارو لباس، اکين ۾ خمار مرڪ قاتل، قد بت قهر جو آواز صفا انوکو ۽ انداز بلڪل نرالو. بلا جي خود اعتمادي لاپرواهي، اکيون وڏيون، وڏيون، ڪاريون ڪاريون، اداس اداس، پراسرار.

ڪوڪان ٻيڙ گيان
نيهون نہ لڳدي زوري

(نينهن زبردستي نہ ٿيندو آهي. دانهون ٻي ويندين آهن)

هاڻ سسئي پنهون ٻيئي ڳائي،

ڇڙي پاسي ديکهان مينون پنهون دسدل

(جنهن پاسي نهاريان مونکي پنهون نظر ٿو اچي.)

هاڻ ماهيا:

تيري وچون رب دسڻ اڻي سجدا تان ڪيتا.

(تومان رب ٻيو ڏسجي، اسان تڏهن سجدو ڪيو.)

هاڻ سهڻي ميهار:

ڪس تتڙي ٻي ظلم ڪمايا
پڪا چڪ ڪي ڪچا رکايا
سهڻي ڪچي گهڙي تي جاوي
رهاوي منهين نوال ملا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۲-۷-۸۲

ٻاهر وينا آهيون. ڏينهن ڪجهه ڏڏوآهي. پنجاب جي سياسي صورتحال، احمدين، ٽرانسڪاين وغيره بابت ڳالهه ٻولي ٿئي. "م" پنهنجي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي دوري جا احوال ٻڌايا.

۱۳-۷-۸۲

ٻاهر وينا آهيون. ٿڌي هوا پيئي لڳي. رات ٻاهر ستا هئاسون. مزو آيو. واچوڙي ۽ لٺ جي ڪري ٽورو مزو خراب ٿيو. ڪلهه سپرنٽنڈنٽ خلاف معمول هتي آيو. نئون ڊپٽي به ساڻ هوس. چيائين "پنجاب سرڪار ڪافي زور لڳايو ته توهان کي آزاد ڪجي. ان لاءِ توهان کي چار پنج ڏينهن نظر بندي جا آرڊر نه ڏياسون، جو پنجاب سرڪار ان ڪوشش ۾ هئي ۽ نوان آرڊر رکيو ويٺي هئي. پر سنڌ سرڪار کي اوهان تي ايڏي ڪاوڙ آهي جو اوهان جي آزادي لاءِ تيار نه ٿي ٿئي. هاڻي توهان حڪومت کي لکو ته مونکي واپس سنڌ ٽرانسفر ڪيو وڃي. آئون به ڪجهه لکندس. ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه ٿي سگهي." ڪلهه ڊرافٽ ٻنايو سين. اڄ موڪليون پيا. ڪلهه سپرنٽنڈنٽ جو رويو پنهنجائي وارو هو. چيائين ته "سنڌ واپس ويندا ته اسان جي گلا ته ڪانه ڪندا!!" مون چيو "اسين سنڌي ماڻهو جبل جيڏي بي واجبي وسارڻ ۽ تو جيتري چڱائي هميشه ياد رکڻ جا عادي پئي رهيا آهيون" "ٻيو حڪم؟" چيم "رات جو ٻاهر سهڻ جو انتظام ٿئي." چيائين ته "رات جي ڊبل پهري جو بندوبست آهي؟" چيائو نس "هاڻي سنتري واري سان ڊيوٽي تي آهن" چيائين "تي ويو سانجهي ڪان پليجي صاحب وارا ٻاهر سمهندا". وڏي بحث مباحثي کان پوءِ ڊرافٽ کي آخري شڪل ڏني سون. "م" نئي نقل ڪاربان تي تيار ڪيا. اڄ مشتاق اعوان کي درخواست موڪليم. ته ان چوائي موڪليو آهي ته ٻه ڪاپيون ٻيون تيار ڪري موڪليو. اهي "م" اندر تيار پيو ڪري. چيو مانس ته "پاڻ مزدرو ماڻهو آهيون. مزدور "پوءِ" جو اکر ڪم نه آڻيندو آهي. مزدور فوراً جيڪو ڪم ملندس سو ڪندو آهي. جنهن وقت ڪرٽو هوندو آهي ان وقت ئي ڪندو آهي." ان اصول مطابق لڳو پيو آهي. نه ته هونئن ديرڪري ها. (دماغ مان وزيري جي ڏپ دير سان نڪرندي آهي.)

رات جالنڌر تان هڪڙو نائڪ ڏڻ سون. بور هو. بشيمن جي قسط ليڪ هئي. "سونا چاندي" بهتر هوندو آهي. سڪ-فنڪار لڳو پيو آهي. ناهوڪو جوان آهي. ڪپڙا به واه جا پاتا اٿس. آواز ۽ انداز ليڪ اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بري عشقي دي مار
تنبا وجداهي نا
(عشق جي مار بري آهي، منهنجو يڪتارو وڄي ٿي ٽنو.)

اڄ قبلو مولوي صاحب وري آيو ۽ وري اچي ٽوڙيا هٽڻ لڳو. تصوف جي تاريخ جو ڪتاب گهريو هوم، سو ٻڌي ڪٽي آيو. مون گهڻو ئي نٽايو. چيم "عقل ۽ عقيدو ابتڙ شيون آهن. مذهبي معاملن ۾ انسان کي جيئن توهان پلارا چئو اهڙا عقيدا رکون. انهن خلاف ڪاب ڳالهه ڪانه ڪجون." چي "جيڪا ڳالهه عقل ۽ سمجهه سان نه ڪجي تنهنجي ڪچڻ جو ڪهڙو فائدو؟ خدا تعالي جو حڪم آهي ته غور ۽ فڪر ڪريو. عقل کان ڪم وٺيو. غور ۽ فڪر بنا ايمان ڪنهن به ڪم جو ڪونهي." مون چيو "جناب انسان مسڪينن کي ايتري سگهه ڪانهي جو انهن منجهيل مسئلن جي ڏهٽين مان سلامتيءَ سان لنگهي پار ٿيون. جيئن چئو تيئن ڪجون، جيئن نه چئو تيئن نه ڪجون." نه مڙيو. لاچار مونکي عقل وارن بدبختن ۽ گمراهن جا عقيدي، ايمان ۽ مذهب بابت ڪتابن ۾ لکيل نڪتا نظر ۽ سندن ڪجه دليل بيان ڪرڻا پيا، چيم "هاڻ انهن بدبختن جا ڪهڙا جواب ڏجن جيڪي پليٽ خود گيتا، قرآن، توريت ۽ انجيل وارا ثبوت نه پر عقلي دليل گهرن. انهن کي چا ڪبو؟ اها ته الها جاءِ آهي جتي بس رب پاڪ جو فضل گهرجي. بي جاءِ ڪانهي." چيائين "ان جا جواب سولا آهن." ڏنائين. مون کي سندس دليلن ۾ نظر ايندڙ عقلي نقيص بيان ڪرڻا پيا. ڪلاڪ به لڳي ويا. مون چيو "حضور مولانا، عقل کي هٿيو جهنم ۾، توهان ايمان جي ۽ عقيدي جي ڳالهه ڪريو. عقل واري ڳالهه جي ڏهٽ ۾ گهڙندا سين ته ڦاسي پوندا سين." آخر چيائين "توهان خود انهن جا جواب دليان تيار ڪري ڏيو." مون چيو ته "مون وٽ هجن ها ته ٻاقي چا ڪپي؟ دعا ڪريو ته رب جو فضل رهي." دعا ڪيائين ۽ بحث جي جند ڇڏيائين. بحث ۾ مذهب جي اسرٽ نسرڻ جي تاريخ، انساني فڪر جي تاريخ، ڪتاب (اوريجن آف دي آئيڊياز آف گاڊ)، جيمسن فريزر جو ڪتاب "جادو ۽ سائنس" ۽ ٻين ٻئي انداز مسئلن جو ذڪر ڪرڻو پيو. مولانا صاحب جا بدقسمتيءَ سان پير ڪٽي نه ڪپي نه پيا. سگهن هيما نچي پيئي. بهراڙيءَ جو لباس پهريل آتس. سندس مشهور معروف مڙڪ پنهنجي پوري آب تاب سان موجود آهي. شڀي ڪپور ۽ نيتو سنگهه، اشوڪ ڪمار جي جهلڪ ريکا ۽ شڀي ڪپور.

۱۴-۷-۸۲

شولو خوف جو ناول "اور دان بهتا رها" پنو پڙهان. رجعت پرست ۽ زوال پذير "جديد" ناولن جي جاهلانه پيچيءَ ڪاڻ پوءِ هڪڙو اعليٰ مقصد وارو فني شاهڪار پڙهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعت کي ڏاڍي خوشي پئي ٿئي. بک کان پوءِ طعام جو قدر ٿيندو آهي. حقيقي ترقي پسند ادب پڙهڻ جو سچو پچو مزو "جديد" يا "نئون" واهيات ۽ بي معنيٰ ۽ گندو يڪي برائي يڪي ادب پڙهڻ کان پوءِ ئي ٿئي ٿو. رات ٽوري خارش ٿي. شايد ٽينٽران جا ڪيڙا پائڻ جي ڪري. سياٽي ملاقات جو ڏينهن آهي. فاضل ۽ عالم شاهه کي ڳهرايو هوندم. ڏسان اچي سگهن ٿا يا نه، ۽ جي اهي نه اچي سگهيا ته ڏسون ته پرويز به اچي ٿو يا موڙڳو کوڙيءَ کي گهمرو ٿو اچي. هن دائريءَ جو چا ڪريان؟ "م" کي جيل جي اسپتال ۾ گهرايو اٿن. سندس واسطي ٻاهران کو ڊاڪٽر آيو آهي. اڄ اٺ هيئان کڻ تي ويٺو آهيان. سنٽري مٺان ملڪ الموت وانگر بيٺو آهي. ان ويچاريءَ جو به ڏوهه ڪونهي. ۱۹ سالن جو جوان آهي. روزائتو ٻئي هنڌ ڇانو ڪانهي، ڪيڏانهن وڃي؟

۱۸-۷-۸۲

نئي ڏينهن ڊائري کان لکڻ اٿم. واڪ ئي نٿي ٿيو. اڄ ڪجهه ٽڏڙي هوا آهي، ٻاهر ويٺا آهيون. ۷-۱۵ تي محمد فاضل، نظر ۽ ايار آيا هئا. معلوم ٿو ٿئي ته اڳئين خط جو اثر ٿيو. ڏاڍو خوش ٿيس. پر ڏڪم ته ايار بيمار هو. ٽائيفائيڊ مان اڃا کوڙ چڙهيو هو. سوچيم ته ناحق آيو. وڌيڪ بيمار ٿي پوندو. وري جو چيومانس ته ملتان رستي موڪجو. تنهن تي به پوءِ پڇتايم ته ناحق چيم. معلوم ٿيو ته زرينه ليڪ نه آهي. افسوس ٿيم. سوچيم ته آڻون هجان ها ته ڪيس زوريءَ ولي سندس علاج ڪرايان ها. اسلم کي لکيو اٿم. ڏسان چا ٿو ڪري. نئون ٻن بينڊن جو ريڊيو، ڪجهه سنڊي ڪتاب، اٺ سبيل ڪپڙن جو جوڙو ۽ دستوري سامان آندائون. ايار ۱۰۰ ۽ فاضل ۱۰۰ روڪ ڏنا. فاضل ۵ تاريخ تي ايندو. ان وچ ۾ پرويز نه اچي، نه ته ۵ تي فاضل ملي ڪونه سگهندو. ڏسون ملتان رستي ويا يا نه. ڪچهري سٽي ٿي. صورتحال ساڳي پيچيدي آهي. محترمه نيٽ وئي آهي. ڏسون ته چا ٿو ٿئي. هي همراه هتي ڪيس جي نبيري لاءِ ڳاله ٻوله ڪري ويا آهن. ٻڌڻ آهي. نازڪ ۽ پيچيدو معاملو آهي. ڏسون ته ڳاله ڪٿي ٿي بيهي. رفيق صفي، سليمان ڏاهري، زينت، اسلم، امان، ڪي، سڀ فرزند اڃا آيا ناهن. نظر هوشياريءَ سان همراه کي مصروف رکيو. ماڻهو ته ڪم جا آهن گهٽا يارا! رڳو خدا ساڃه ڏين، پنهنجي ڏنڊي مان هٽ نه ڪڍن. هٽ هٽ ڪن ته ڪٽي مان کيڙ ٿي وڃن. "ويلي شينهن به بک مرن هلندي گدڙ به ڏئين". پر هڏم ته ڪيترا لٽ کوڙيو رلي مٺان ڪريو گهرن ۾ پيا آهن. سي به ڏسٽا وائسٽا. سپرنٽنڈنٽ سان مليس. چيائين ٽرانسفر جي پنجاه سيڪڙو چانس آهي. مون کوشش ڪئي آهي، نٿي هنتا ڪن فيصلي ۾ لڳي ويندا. تلهي ليکي ظاهري ته اڳين ٿو ڏسجي ته ڳاله ٻوله هيئين ليول تي ڪيل آهي، مٽيئن تي نه. ضياءَ جي ان بيان ڪان پوءِ ترعيد تي سياسي قيدي آزاد نه ڪيا ويندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ ڏانهن ٽرانسفر واري ڳاله به ڪين ڪاڻ آڻڻندي. همراهن جو موڊ خراب ٿو ڏسجي فلسطين واري سازش ۾ خوار ٿيڻ ڪري. ان ڪري برٽيا بيٺا آهن. الله پليندن. ڪلهه مولانا صاحب وري به چهين ڏندين اچي نڪتو. وري به بحث. ارسطو، ابن رشد، ابن باجه، ابن طفيل، امير معاويه رضه، حضرت علي ڪرم الله وجهه، سپاهي يا سپه سالار يا ٻئي؟ آخر مون کان پڇيائين "پلا دنيا ۾ ڪا اهڙي به حڪومت ٿي گذري آهي جيڪا توهان جي نظر ۾ مسلمان بادشاهن جي حڪومت کان بهتر هجي." مون چيو "سيني جو ساڳيو حال هو. سڀ جاگيرداري ڊڪٽيٽرشپون هيون. سڀ ٽورو ۽ ظالم طبقن جي ٽرلٽ ۽ ظلمن جا گهاٽا هيون. فقط سندن اڙون ۽ ڊونگ ڊار ڊار هئا. هڪڙين حڪومتن عيسائيت جي آڙ ٿي ورتي ۽ عيسائيت جي نوراني هجڻ جو ڊونگ ٿي رچايائون، ته ٻين اسلام جي آڙ ۾ مسلمانيءَ جو ڊونگ ٿي رچايو، ٻين ٻڌ مت جي آڙ ولي مهاٻوڌيءَ هڻڻ جو ڊونگ ٿي رچايو". ٽورو ديرڪي مون چيو "مونکان غلطي ٿي. منهنجو جواب غلط آهي. اهڙي حڪومت هئي جيڪا انهن سيني کان مذهبي ڳالهين کي چڏي بين ڳالهين ۾ انسانن لاءِ بلڪ خود مسلمانن لاءِ گهڻ آزاربندڙ ۽ گهڻ ٿر مار ڪندڙ هُئي." چيائين "ڪهڙي؟" مون چيو "انگريز جي هندستان تي حڪومت" چيائين "ڪيئن؟" مون چيس "انگريزن جي ڏينهن ۾ هيئن پنج، پنج سال مارشل لا ڪڏهن لڳي؟ ڪهڙي لاقانونيت، ڊڪٽيٽرشپ ۽ فسطائيت هئي؟ هيئن بنا سبب ڏيکارڻ جي بنا مقدمي کوبه ماڻهو سالن جا سال قيدي رکي سگهجيو ٿي؟ خود مذهبي آزاديءَ جي معاملي ۾ جيتري ضمير جي آزادي سيني مذهبن جي ماڻهن کي انگريز جي ڏينهن ۾ هئي اها اڄ نه هندستان ۾ آهي نه پاڪستان ۾. عام غريب مسلمانن جون جانيون، مال، عزتون ۽ آبرو جيتريون انگريز جي ڏينهن ۾ گهڻ خطري ۾ هيون اوتريون ڪهڙي نام نهاد مسلمان بادشاهه جي ڏينهن ۾ هيون . تاريخن لکڻ وارا درباري ته هٿ جون وينا هٽن. اصل صورتحال ڪيڏي پيانڪ هئي، سا ڄاڻو ماڻهن کان ڳجهي ڪانهي. وري انگلينڊ جي هندستان ۾ حڪومت کان به بهتر حڪومت آتي جي عوام لاءِ امريڪا، انگلينڊ، فرانس، هالينڊ، سئزرلينڊ، جرمني وغيره سرمايه دار مملڪتن ۾ آهي. اتي جي عوام جا حق ڏسو ۽ مسلمان، جاگيردارن، نوابن، بادشاهن، خليفن جا عوام خلاف قتلام ۽ ٻيا سنگين جرم به ياد ڪريو". وڃڻ مهل چيائين "توهان موڪلائڻ مهل اتندا نه ڪريو. توهان علم جا بحراعظم آهيو. انسان کي تعظيم ڇڪائي". سندس وڃڻ کان پوءِ "م" چيو "رڳو بحراعظم نه پر بحران اعظم! سوچيم ته دنيا جي پورهيت عوام جا جيڪي عظيم استاد سڄا پڄا بحر بيڪران آهن انهن سان جي هي ملي سگهن يا انهن کي پڙهي سگهن ته جيڪر ڇا چوڻ تي مجبور نه ٿين!

مون سي ڏٺا ماڻ جنهي ڏٺو پرينءَ کي
تنهي سندي ڪاءِ، ڪري سگهان نه ڳالهڙي.

سانجهي ۽ هنديءَ فلم آهي. الائي ڪهڙي؟ رات چتر هار هو. خاص نه هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاله پوپٽي هيرا نداڻيءَ جي آتم ڪهاڻي پڙهي پوري ڪيم. دلچسپ هئي. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ثقافتي ۽ علمي زندگي ڪيڏي زنده هئي تنهن جو پتو پوي ٿو. سنڌي عالمن جا ڪهڙا ناڻ هئا سا به خبر پوي ٿي. ان ناڻ اندر عورت ذات لاءِ ڪيڏي ذلت ۽ بيوسي هئي سا به خبر پيئي. پوپٽيءَ جهڙي گلاب جي ڳل جهڙي حسين چوڪريءَ کي ور نه ملي سگهيو چاڪاڻ ته هوءَ لک روپيه ڏيئي ور خريد ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. ان سماج کان ته سلوارن وارن (مسلمانن) جون ڏيون ڪاشيون، جيڪي مارون موچڑا ڪاپو غريب غربن سان پرڻجيو ته پون. ڏاج نه هئڻ ڪري سڄي عمر ڪنواريون رهڻ تي مجبور ته ڪونهن.

هندو سماج ۾ ذات پات، ڏيتي ليتي ۽ ٻيون ڪئين گنديون رسمون مسلمانن کان به وڌيڪ ۽ بدتر صورت ۾ آهن. هندستان جهڙي عظيم ملڪ جي هندو توڙي مسلم ماٺهن جو هزار سالن تائين لاڳيتو عرب، ترڪ، افغان، مغل ۽ انگريز سامراجي ڏاڙيلن جي غلام رهڻ جو مکيه سبب اهو ذات پات جو مرض هو. تاريخ جي شاگرد جي حيثيت ۾ منهنجو خيال آهي ته انساني تاريخ ۾ انسانن جي وسيع پورهيت اڪثريت کي سماجي طرح جيترو ڏڪيل، هندستان جي هندو سماج ۾ ڪيو ويندو رهيو آهي تنهن کان وڌيڪ ڏڪيل هن کي ڪنهن به ٻئي سماج ۾ شايد نه ڪيو ويو آهي. ويد اپنشد، سنسڪرت، ڪالي داس، تلسي، ڪبير وغيره وغيره سڀ ليک پر هندستاني سماج جي مکيه حقيقت آهي ناهن انسانن جي گهٽائيءَ خلاف ذلت واري غلامي ۽ پيد پاءَ ۽ ڇوت ڇات آهي. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي درٻارين ۽ ملازمن ۽ انهن جي عزت ڪندڙن جي چوٽ جي باوجود انهن ٻنهي دورن ۾ به سنڌي هندن خلاف زبردست مذهبي تعصب ۽ ظلم ڪيو ويو. هنن جي زندگي ذلت ۽ غلاميءَ واري زندگي ٻڌائي ويئي. حالانڪه هو هن ملڪ جا اصل باشندا آهن. تاريخ ۾ مليل اڻ پورا احوال (مثلاً الرحيم وارن طرفان ڇپايل ڪتاب "تيرهين صديءَ جا مشاهير" وغيره) تا پڙهجن ته هتي جي تعصبي ملن جي اسلامي تعليم "لا اکره في الدين" (دين ۾ زبردستي ناجائز آهي) خلاف هندن سان ڪيل سنگين جرمن ۽ خرمستين جا احوال پڙهيو لڳ ڪاندارجيو وڃن. نائون مل جي پيءُ سان جيڪو قهر ڪيو ويو سو به وحشانيت جي آخري منزل آهي. پر هندو عامل يعني هندو ڪامورا حاڪم طبقن جا پرستار ٻٽيا موجون ماڻيندا رهيا. انگريز آيا ته هي انگريزن جا سرفروش حامي بنجي ويا. انگريز سامراجين جي پاليسي هئي ته ماٺهن ۾ موجود اختلاف وڌايو ۽ انهن ۾ نوان اختلاف وجهو. ڪٽي هنن مسلمان حاڪم ٽولن کي سرس رکيو ڪٽي هندن کي. سنڌ ۾ هنن سنڌي وڏيرن ۽ جاگيردارن سان گڏ هندو سرمائيدار کي اڳيرو ڪيو. پهريائين مسلمان جاگيردارن جي پيٺ ۾ هندو سرمائيدار کي زياده ٽيڪر ڏنائون. جڏهن سرمائيدار ڪانگريس جا حامي بنجي انگريز کي اکيون ڏيکارڻ لڳا ته وري مسلمان جاگيردارن کي مٽي ڪنيائون. بهرحال هندو سرمايه دار انگريز کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو ٻيو نمبر حاڪم بنجي ويو. ڪُجهه پنهنجي بهتر سماجي نظام جي ڪري ۽ ڪجهه انگريز جي سرپرستيءَ جي ڪري، هن پاڻ کي سنڌي ماڻهن جي وڏي گهٽائيءَ يعني مسڪين هارين نارين ۽ غريب شهرين جي پيٽ ۾ (جيڪي اتفاق سان مسلمان هئا) کيڙن ٻڌي رکيو. تنهن جو هڪڙو مثال اهو هو ته سنڌ جي اعليٰ ڪاڏن تي پليل گلاب جي گلن جهڙيون سنڌياڻيون جڏهن حيدرآباد ۾ گهمڻ نڪرنديون هيون ته انهن کي ڏسڻ ۽ عام غريب سنڌي شهريءَ لاءِ ڏوهه هو. سيلانن غريبن کي ان ڏوهه سبب مارڻ لاءِ باقاعده تربيت ورتل جوان جا ڪنڪ موجود هئا. گهڻيون ۽ سرمايه دار اپسرائن لاءِ رزرو هيون. سواءِ سرمايه دارن جي ٻيو ڪير به نه اچي ۽ نه ڏسي. مذهب جي آڙ ۾ تضاد طبقاتي هو. اهڙو هو جو پوپٽيءَ جي ڪتاب ۾ سنڌين جي گهٽائيءَ جو ذڪر فقط ايترو آهي ته سڪٽن وارا ڪيس ڪٽي پئي ويا جو ڪيئن ڇڏايو ويو. سيلانا سهڻين چوڪرين کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. تسيئن جا رکيل شيدي انهن کي ماريندا هئا. ٻيو ٽيو خير. هن طبقي عام غريب سنڌين تي اهڙي ئي ڊڪٽيٽرشپ مڙهي ڇڏي هئي. جهڙي سنڌي جاگيردارن مڙهي هئي. مذهب جي آڙ ۾ اصل ڳالهه طبقاتي ڦر لٽ، ظلم ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي هئي. مذهبي تعصب سون تي سهاڳ جو ڪم ٿي ڏنو. هندو سرمايه دار عام غريب مسلمان خلاف طبقاتي ڦر لٽ ۽ استحصال سان گڏ اهڙي ذلت واري چوت چات قائم ڪئي جو ان کي هڪ لحظو برداشت ڪرڻ به انساني خوداري لاءِ موت برابر هو. بدقسمتيءَ سان عام غريب ۽ سفيد پوش هندوءَ پنهنجي سرمايه دار طبقي جي انهن ڪالهين ۾ عام طرح اهڙي فرمانبرداري، پوئواڙي ۽ پوئلڳي ڪئي آهي جهڙي عام غريب مسلمان پنهنجي آقا وڏيري ۽ جاگيردار طبقي جي ڪئي. اهڙيءَ ريت انگريزن جا ٻئي ناهي چاڙتا طبقا يعني هندو سرمايه دار طبقو ۽ ان کان وڌيڪ ڪمزور ۽ ڪمتر مگر ان جهڙو ئي ٿوڙو ۽ ظالم مسلمان جاگيردار طبقو سنڌي غريب مسلمانن ۽ هندن کي هڪٻئي جو جاني دشمن بنائي ڪين ڦريندا، لٽيندا ۽ موجون ماڻيندا رهيا. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي جيڪا حالت ٿي تنهن لاءِ رڳو انگريز، ورهاڱي يا ليگي سياست کي ذميوار ٺهرائڻ ڪافي ناهي. هندو سرمايه دار طبقو ۽ سندس پيروي ڪندڙ به انهنجهڙائي ذميوار هئا. هندو مسلمان عوام، خاص ڪري هندو مسلمان سفيد پوش طبقي طرفان هندو سرمايه دار ۽ مسلمان جاگيردار طبقي ۽ سنڌن آقا جي سياست جيڪي اکيون پوري پيروي ڪرڻ به انهن حالتن لاءِ جوابدار آهن. انهن حالتن ۾ سنڌ کان وڌيڪ بهتري جيڪو آڻي سگهيو ٿي سو هو هندو سرمايه دار ۽ سنڌس پوئلڳ هندو سفيد پوش طبقو. اهي پنهنجي انگريز وٽ هلندي جو ناجائز فائدو ولڻ حد اندر ڪن ها، پنهنجي وقتي برتريءَ کي دائمي نه سمجهن ها، عام غريب مسلمانن خلاف ايڏي ذلت واري چوت چات ۽ نفرت وارو ورتاءُ نه ڪن ها، انهن خلاف بي رحم ڦر لٽ ڪجهه حد اندر ڪن ها، ماڻهن جي مسلمان جاگيردارن جي ڦر لٽ خلاف مدد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ها، گڏيل سنڌي قوميت لاءِ پرپور ڪوشش ڪن ها، ڪجھ رعايتون ڏين ها تہ جيئر هندو مسلم تعلقات اڳرا نہ ٿين ها، جھڑا پوپٽي ڏيڪاري ٿي ۽ مسلمان ۽ هندو فرقي پرستن کي بدمعاشي ڪرڻ، فضا کي زهريلو بنائڻ ۽ هندو مسلمان سنڌي عوام جي ہڏيءَ کي روکڻ جا ايڏا وجھ نہ ملن ها. اهي ئي ان پوزيشن ۾ هيا تہ سنڌي عوام کي ايئن نہ ٿيڻ ڏين ها جيئن هو هينئر آهن.

۲۲-۷-۸۲

عيد، چنڊ جو تہ ٻالو نشان بہ ڪو نہ هو. چون ٿا تہ "ڏکي بازيءَ" سان عيد ڪرائي ويئي آهي تہ متان سياڻي جمع ڏينهن عيد ٿئي، بہ خطبا پڙهجن ۽ ماٺهو سمجهن تہ حاڪمن جو خير ڪونهي! اسان وٽ عيد تي ڪائڻ جو ڪجھ بہ ڪونهي جو ڪٽي ڪائون. ڪلھ ياد پيو سين تہ عيد لاءِ ڪجھ ولجي. چيوسين سياڻي ولندا سين تہ اڄ عيد ٿي ويئي. طارق کي نياپو موڪليو. ٽئون پر پهچي بہ. ڪلھ ڪو ڪپڙن جو وڳو ۽ سنڌي ڪتاب ڏئي ويو آهي. پرويز يا سليم پائي؟

ٻڌن ڏينهن کان گرما گرم بحث نڪريو پون. پهريائين مولوي صاحب اڳيان محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جو بحث چڙي پيو. "م" محمد بن قاسم جو حامي ٿيو سو بہ اهڙو جو سمورا ليکا لنگهي ويو. اکيون ڦاڙهيون، مرڻ مارڻ لاءِ تيار زبردستيءَ مسلمان ڪرڻ نہ ڪرڻ "فتح ڪرڻ" سلطنت شاهي ۽ سامراج جي ڳالھ نڪتي. خير صلاح سان وڏو جنگاڻ ٿي پيو. خبر پئي تہ "م" کي پنهنجي پرائي جو ڪو خيال ڪونهي. بحث برائي بحث جي بہ لغار اٿس. بحث ۾ پيو تہ سنڌو سيڙهو نہ ٿو ڏسي. رڳو گوڙ ڪري پنهنجي ڳالھ ڄائڻ جي ڪٿي اٿس. اهڙي بحث ڪري مونکي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌائين جيڪي مون کي هونئن چوڻ جو ڪو بہ ارادو ڪو نہ هو ۽ جن کان مون پاسو ڪرڻ ٿي گهريو. ڪلھ وري بہ بحث برائي بحث ڪيائين. وري بہ اکيون ڦاڙهيون، مرڻ مارائڻ لاءِ تيار. هڪڙيءَ مان ٻي، ٻيءَ مان ٽين مڙئي ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجي ڳالھ سر ڪرڻي. ٻئي دفعا وچولي قسم جي ياٿوري وڌيڪ سخت ڏمال ڪيڏي پيم. ٻئي دفعا معذرت ڪيائين. پر مڙندو ڪو نہ ۽ ڪيس ڇيڪ ڇڏڻ جو ارادو مون کي بہ ڪونهي. لفاظي هڪڙي عادت ٿيو پوي. انکي ڇيڪ ڇڏڻ معنيٰ پاڻ کي ويل ۾ وجهڻ. ماٺهو پيارو ۽ ڏهين آهي، ان کي پنهنجي حال تي ڇڏڻ مناسب ڪونهي. سندس ڪن مهٽ ضروري آهي. ڪبيس. ڇڏ بس ڪو نہ. ڪلھ فيروز تغلق جي سنڌ تي ڪاهڻ ۽ شڪست ڪائڻ وارو مضمون ہڏي چيائين "سنڌي هارائي ويا، شهنشاهہ ڪٽي ويو!" ڪلاڪ کان پوءِ مس وڃي قبول ڪيائين برابر سنڌين ڪٽيو! دراصل هن کي سنڌين تي سخت خار آهن. چي "ٻئي جهڙو عظيم سنڌي مارائي ويٺا تماشو ڏسن. اف بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا نہ ڪيائون! سنڌين جي بهادريءَ جو مون وٽ نالو بہ نہ وٺ!"

رات هندستان وارن "نورِ الاهي" فلم ڏيکاري، جنهن ۾ خواجہ غريب نواز جون ڪرامتون ثابت ڪيل هيون. موضوع نوراني هو. فلم واهيات هئي. "م" جي زال ڪراچي ويل آهي. پٽيان نندڙا پٽ گهر ۾ آتس.

۲۲-۷-۸۲ شام ۵ بجا.

عيد جو ڏينهن. ڪلهہ مشتاق اعوان اسسٽنٽ (يعني جيلر) ملڻ آيو هو. مونکي ڏاڍا ميرا ڪپڙا پيل هئا بدلائڻ وسري ويم. "م" کي بہ ميرا پيل هئا. اڄ "م" مازهن جي دال تيار ڪرائي. پيٽ ۾ سور آتم. هن پهرن جو ننڊ ئي ڪا نہ آئي. "دان بهتا رها" پڙهان پيو. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو "رشتاناتا" پڙهي پورو ڪيم. روشن ۽ ترقي پسند خيال آتس. ڳالهہ ڪرڻ بہ اچيس ٿي. بوگس جديد ادب جي غلاظت جي ماحول ۾ هن جا خيال ڏهن ڪي طراوت ڏين تا. ڪيترن ايامن بعد اڪثي وڏن گهرجي، سوچي سمجهي ڏکيون ڪهاڻيون ۽ ٿي سگهي تہ ناول لکڻ گهرجن. ڪهاڻين جو دائرو موجوده وقت جي ادبي تقاضائن کي پورو نہ ٿو ڪري. اهو نهايت تنگ ۽ گهٽ ڪارائتو آهي.

منير ملازم (سپاهي) رڻو آهي. اڄ سجو ڏينهن اندر کو نہ آيو. باهر باهر ڦرندو رهيو. معلوم ٿيو تہ صبح جو مون ۽ "م" ڳالهيون پي ڪيون، سو مون يوسف کي چيو تہ "منير کي پريان ڪرسي وجهي ڏي." ان تان مڙس رڻو آهي. رات برڪت کي چيوسين تہ "سمجهائينس". پر هينئر ڏيوٽي هيس، تہ بہ اندر کو نہ آيو. پلي هوا ڪائي.

رات. ٽي وي پيا ڏسون. سونا چاندي، منو پائي. ويچارا ترقي پسند اديب. مسڪين بهراڙيءَ جي عورت کان جاگيردار خاندان جي خدمت ڪرائي ڪيس قابل عزت ڏيکاريو پيو وڃي. اهو ئي ازلي بدمعاشيءَ وارو موضوع. وفادار فرمانبردار ۽ خير خواه غلام ۽ پچاڙيءَ جو قدر سڃاڻندڙ آڻا. هندي ڊرامو بور آهي. هيءَ وري ڪير آهي؟ جاتل سجاتل ٿي لڳي. اڇا، انيسہ صابري آهي! ساڳي! ساڳي سونهن، ساڳيون وقار ۽ شان واريون ادائون. ساڳيو خاص آواز. ساڳيو محفل تي ڇائنڇٽ. تاڙيون ويٻي وڄائي. "م" بہ ويٺو وڄائي ۽ رکي رکي "سبحان الله!" جا نعرا پيو هڻي. انيسہ هندي دوها پئي ڳائي. شايد امير خسرو جا آهن. هاڻ غزل. هي غزل ايڏو سٻو ناهي. ڪنهن ردي سدي شاعر جو آهي. اهو بہ وڏو ميو هوندو آهي، جڏهن ڳائڻ وارو بادشاهہ هوندو آهي ۽ هو جيڪو ڪلام پيو ڳائيندو آهي اهو ٽڪو بہ نہ لهندو آهي. اڪثر سريلا فنڪار انهيءَ بيمارين مرورتل هوندا آهن. جيڪو ڪلام ملندو اٽن سو وٽي ڳائيندا آهن. تڪليف وٽي پڇا ڪري سڌا ڪلام هٿ نہ ڪندا. آيو سوڪار ان ڪري هو اڪثي وڃي نہ سگهندا آهن. هاڻي انيسہ پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل چيڙيو آهي. هاڻي هُوءَ سراپا اداسي، سراپا ڏک، سراپا جدائي ۽ سراپا موڪلاڻي بنجي ويئي آهي. رکيو رکيو اداس ۽ غمگين نقوي مُرڪي ٿي. بتول "م" جي "سراپا تباهي ۽ بربادي" بنجي ويل آهي. غزل زبردست آهي ۽ هوءَ ان کان وڌيڪ زبردست بنجي ويئي آهي. اوچتو سوچيم "هيا راڳ ۽ عاشق خاص ڪري سندي يار بے هينئر هي ڏسن ها ته جيڪر کڻڙو نه سڏو ٿئي! جويو صاحب بے هي غزل ٻڌي ته کڻڙو نه مزو ٿئي!" غم ته غم، ماڻهوءَ جي خوشي بے ۾ آهي. اکيلي سر ذاتي خوشيءَ ۾ اها ڳالهه ڪٿي؟

بندش پيل، "تحريڪ" رسالي جو ايڊيٽر□ صاحب توجه ڏي! هڻڻ موقعن تي غير موجودگي ليڪ ناهي. رسالي جي نمائندگيءَ ٽيڻ گهرجي.

جيل، پوليس، سمگلرن جون ڳالهيون پيون هلن. ملازم (سپاهي) پيو چوي "قصور جو سپرنٽنڈنٽ سڪ قيدين کي رات جو ڪيو چڏيندو هو. اهي وڃي هندستان مان ڏاڙا هٽي آڻيو ڏيندا هئس" "سڪ ڪٽي جا هٽا؟ پارت جا هٽا ته پڇي ٿي ويا؟" "نان جي نان! سڪ واعدي دا پڪا! اوني ڪٽي پڇا؟ اهي ته هتي جا پاڻ وارا آهن، جن جو ڪم رڳو دوکو آهي. سڪ الڻ لکن جو مال ڪٽي آيا، هتي وارن انهن کي پٽي نه ڏيڻ لاءِ انهن بنهي پائرن کي ماري مال هضم ڪري چڏيو. سکن جو پيءُ آيو پارت کان. چوي "اٺ لک هيا ولو مونکي پٽ موٽائي ڏيو!" پر پٽ ڪٽان موٽن. هي ڪروڙ پتي کي ايئن ٽيا آهن؟ سپ ايئن ٽيا آهن. لاهور ڊسٽرڪٽ ..... جو پريزيڊنٽ ..... ڪير آهي؟ انهن جو سردار آهي. صفا اڻ پڙهيل، پر سمگلنگ مان ڪروڙ ڪروڙ جي ڪولي. سيني جو سردار وري ..... آهي" "....وزير؟" "ها سائين وزير.....؟ ..... اهو ساڳيو سيني سمگلرن جو سردار. لکو ڏهر وٽ راوي درياءَ ۾ هڪڙو ٻيڙ آهي. اتي سمگلرن جي باقاعدي رياست آهي. پوليس کي مجال ناهي جو وڃي. ويندي ته باقاعدي لڙائي ٿيندي. باردر وٽ آهي. باردر ڏٽان سڪ اچي سمگلرن سان گڏجي وڙهندا. هندستان پاڪستان جي لڙائي پڻجي ويندي. چوڏري صالح پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو وارداتيو آهي، اهو بے لکي ڏهر طرف واريءَ ٻيڙ ۾ رهي ٿو. سيني کي خبر آهي. سيني کي پتي پيئي ملي، گهر ويئي. باقي اسين ڏهه منٽ دير سان اچون يا تورو اکيون پورجن ته هڪدم سسپند."

شام. آسمان رنگبرنگي ويس اوديو ٻيٺو آهي. شام وٽندڙ آهي. گ آيو هو. حيدر شاهه بابت پڇا. عينڪ جو فريم ٽٽن پڇي آيو آهي. پيسن ولٽ کان انڪار. "بے هزار رپين تائين ڏيئي سگهان ٿو." شروع شروع ۾ هڪدم اهو جملو وري ياد آيو. شربت جو شيشو.

بن پهرن جو نند کائ آئي، بدن تي ٽورڙي خارش سبب. چار ڪوپ چانهه جا پيو ويٺو هوندس ته خارش ته ٿيندي. "م" سچو ڏينهن چانهه جو ترساس پريڙ ويٺو آهي. ان کي ڏسي آڻون بے لڳو پيو آهيان. گهٽي چانهه معني "خارش" مون لاءِ.

□ بندش پيل "تحريڪ" جو ايڊيٽر- سيد عالم علي شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڏان بهتا رها" پڙهي پورو ڪيم. شايد اردو ۾ ان جو ترجمو ڏيل هو.
رات ٻه ڀاڙا اڇو ڏڙيون پوڻ شروع ٿيون هيون. "يوسف ڏڙيون آهن يا مينهن پوندو؟"
چي "هڻ نهين رکتي بارش" اندر ويڳا آهيون. سنتري هنڌ ڀيو ڪٽائي. انڊر ڪرائي.

۸

۲۵-۷-۸۲

رات اڃايو ٿيڻ ڪٽي ويڳاسين. مينهن جون مس ڪي ڦڙيون پيون.
ڏيٽ واڙا آهن. ۱۱ بجڻ ڌهليءَ تان پارٽ جلي آئيين اصدر جي سنهن ڪٽ جي ريسم
ڏيکاري ويندي جا سياري ڊريعي جالندر تان ڏسبي. اڇو! (راشڊ پتي يون (صدارتي
محل) مان سڏي نشريات شروع ٿئي ٿي) مٿيان لفظ اسڪرين تي ظاهر ٿيا آهن. سامهون
پارٽ جو ضدارتي محل آهي. منجهس انٽيل ۴۱ ڪمرا آهن. اڳي وائيسرءِ منڇس
رهندو هو. هاڻي پارٽ جو صدر اڳي وائيسريگل لاج سڏبو هو. هاڻي راشڊ پتي يون
مهمان اچڻ شروع ٿي ويا آهن. اڇو مائي اندر ا پٽيان سڏجيو ٿ جوٽس آهن. هتي ٻه
ويچاري اندر ا کي ڪو پڇي نه ٿو. سپندس ويهڻ لاءِ نه ڪنهن خاص جڳهه ڇو
بندوبست ڪونهي. جڳهه لاءِ مٿا پيئي ڏئي. هڪڙيءَ مائيءَ اڃي جڳهه ڏني اٿس، سا
به ڪيس. پٽس ٿ نهڻس اڃا جڳهه پيا ڳولين. هي ستير پيا اچن. هاڻي فوجي جنرل،
دربار هال پڄي ويو آهي. اڳوٽي ٿ ٿئين صدر جو انتظار آهي. انائوسر پيو چوي
"پاڙي وارن ملڪن مٿ جمهوريت جون شمعون هڪ ڪري وسامي ويون آهن. هتي
پارٽ مٿ اها روشن آهي". اڇو پراڻو ٿ ٿئون صدر اڃي ويا. مهاتما بڌ جي هڪ وڏي بت
جي هيٺان اسٽيج تي به شاهي ڪرسيون رکيون آهن. ٻئي ان تي ويٺا آهن. هڏم
سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن جو اهو اعلان پڙهيو آهيءَ ته ڪياني ڊيل سنگهه ٿئون صدر
چونديو آهي. هاڻ چيف جسٽس ڪياني کي سنهن ٻيو ڪٽائي. هاڻي گياني تقرير پيو
ڪري، جهيلو جهليو هنديءَ مٿ. هاڻ هو اڃي صدارتي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي ٿ اڳوٽو
صدر پاسي واري ڪرسيءَ تي. ڪلهه رات نيلڻ سڄيو ريڊيءَ پنهنجي الوداعي تقرير مٿ
پاڙي وارن ملڪن مٿ جمهوريت جي خاتمي واريءَ ڳالهه ڪئي هئي.

پارٽي سرمائيدارن جون پاڙون مضبوط ٿي چڪيون آهن. انهن تمام ڏکين حالتن مٿ
سرمائيدار جمهوريءَ نظام قائم رکيو آهي. پر مون کي انديشو آهي ته اندرا به پٽي صاحب
واريءَ غلطي ڪري رهي آهي ٿ فوج کي حد کان وڌيڪ مضبوط ڪري رهي آهي. ٽين
دنيا جي ملڪن مٿ جنرل ميسٽا ٿيا ٽائم پاس ڪندا آهن ٿ سياسي حڪومت
کي پڏائي ان معرفت هٿيار گڏ ڪرائي، فوج وڌائيندا آهن ٿ پوءِ سامراج سان سازش
ڪري، عوام جي جاتيءَ تي لت رکي چڙهي ويهي رهندا آهن. انهن تي ٿ سندن
جمهوريت جي ڏکين ڳالهين تي پروسو ڪرڻ خطرناڪ ڳالهه آهي. پارٽ فوجيءَ راج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چائنڊ کان تورو پريرو ٻيٽو آهي. ملڪي حالتن ۽ امريڪي سازشن سبب حالتون وڌيڪ سڏڪين ٿيون ته فوج ڪانه گسندي. آمريڪا جي سازشن جو مطلب نه آهي ته سياسي حڪومت کي ناڪام بنائي سامراج جي چاڙتي فوج لاءِ ميدان صاف ڪجي.

٢٦-٧-٨٢

اردو سروس ۾ خوبصورت ڏنن وارا گيت پيا هلن. آهن ته الائي ڪهڙي ٻولي ۽ جا؟ شايد ڪشميري ۽ جا آهن. آشا ڪول ۽ ديتا ڪول هيون. ٻولي واقعي ڪشميري هئي.

٢ مهينا اڳ اسپتال ويو هوس ٽيسٽن لاءِ. اڄ تائين تشخيص جو نتيجو نه مليو آهي. ڪو به علاج شروع ڪونه ٿيو آهي. ڪئين ليٽر ويا آهن. پروفيسر کي وقت ڪونهي. اهڙي ريت ٽي سال ٽي ويا آهن. اڃا تشخيص ۽ علاج جو مرحلو ڪو نه آيو آهي. اهي آهن هن شريف ۽ انصاف پسند ۽ اسلامي حڪومت جي قيدين جا ناڪ! ميان چي ٽوڙي ۾ خيال پيو ڀڳجي. ڀڳٽي ليڪ ناڪ آهي. سپرنٽنڊنٽ آيو هو. اڄ صبح جو مون لکيو هوس ته "مون کي علاج جي باري ۾ توسان ڳالهائڻو آهي. ڊاڪٽر کي نه ايندو. مجبور ايندو ته لکندو ته مون کي ڪونهيس. انڪري مون کي ڪوشش ڪري اسپتال موڪل ته هن منڊن ۾ جيڪي لکڻو اٽن سو لکن ۽ روز روز جي لکائي پڙهائي مان ته جند ڇٽي." ڇيائين "بلڪل موڪلبو. ٽي ويو. مون کي ڏينهن ۾ ڇڏيو ته انتظام ڪري ونان ته جيئن توهانجو وڃڻ ڪارائتو ٿئي ۽ توهان سکيا موٽي نه اچو." اڄ وري ڇيائين "ڳوٺ وڃي اسان جي شڪايت ته نه ڪندو ته مونسان سٺو ڪو نه هليا" حسب دستور تکڙو آيو تکڙو ويو. ڏٺي نه اچڻ جي معذرت ڪئي ته ڪراچي ويل هوس. سپرنٽنڊنٽ منهنجي ٽرانسفر لاءِ ڪوشش ڪرائڻ جي به ڳالهه ڪئي. آءٌ ٿو سمجهان ته سنڌ سرڪار اها ڳالهه قبول ڪندي. ڪجهه ديڙ ڪان پوءِ جيل جو ڊاڪٽر آيو. ڇيائين ته "فون ڪيو اٿئون ته جنهن ڊاڪٽر توکي تپاسيو آهي ۽ ٽيسٽ لاءِ موڪليو آهي. يعني ڊاڪٽر سبط الحسن سو ولايت هليو ويو آهي! بهر حال توکي ڪنهن فزيشن ڏانهن موڪليون ٿا."

"م" جي بحث برائي بحث جي عادت سڪائي وڏو آهي. اڄ ان ڳالهه تي بحث ڪيائين ته (انسيفابول) ۾ وٽامن بي وڏي مقدار ۾ پيل آهي. مطلب ته شل نه ڪا ڳالهه وات مان ڪريس. ان کي ثابت ڪرڻ مرڻ جيڏو جو سوال بنائي ڇڏيندو. جي ماٺهو ڇڏيس ٿو ته روز روز هر ڳالهه تي ائين ڪندو. جي نه ته سچو ڏينهن ويٺو بحث ڪجي ۽ بور ٿجي.

اڄ بحث ڪجهه ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو اٿم. ڪلهه "م" چيو ته مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ تڪليف آهي. ڊاڪٽر سان ويٺي بحث ڪيائين. ڊاڪٽر جي وڃڻ کان پوءِ مون چيس ته "مختلف سڪائيندڙ دوائون ڪائين ٿو، مٺان سگريٽ ۽ چانهه ۲۴ ڪلاڪ چالو آهي. ڪٿس ٽيندو ۽ ائين لڳندو جڏ دل ٽي ٻڌي." چيائين "چانهه ڇڏيان ٿو." ڏسون.في الحال ته ٿو پيئي. همت وارو ماڻهو آهي. هر قسم جي حالتن ۾ رڪ وانگر بيٺو آهي. جڏ سڃي دنيا خلاف اٿس. سپرنٽنڈنٽ جڏ ذاتي خاندائي دشمن اٿس،سرڪار سندس تباهي ڪرڻ ۾ ويهن ڦيٰ نهن جو زور لڳايو آهي . رهيل ڪسر جوڙس پوري ڪئي آهي. پٽ جي ڪنڊي ۾ سخت ضربون اٿس. دماغ تي چوٽون اٿس. ڪنڊ تي سمهي ڪو نه سگهي. مالي طرح تباهه برباد ٽي ويو آهي. روز ٻئنڪ جا قرض چڙهندا وڃنيس. ڪيس پنهنجي ملڪيت وڪڻي ٻئنڪ جا روز وڌندڙ قرض لاهڻ جي اجازت ۽ ڪانهي! مطلب ته مڪمل گهيري ۾ آهي، پر حوصلا بلند اٿس. ڇڙا پي پي وزير ۽ ميمبر ته ڇا ڪارڪن ۽ سنڌ ۾ هجن ته ٻيو ڇا ڪپي. مون نوٽ ڪيو آهي ته هتي جي پي پي ۽ سنڌ پي پي جي حوصلي ۽ قرباني جي معيار ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هتي جا جيل اڄا پريا پيا آهن . ٻيو ته ٻهيو پر عورتون ۽ ڪو نه ٽيون ڪٿن. قلعو آباد آهي. سنڌ جي پي پي جي ڳالهه نڪر ندي آهي ته مونکي ان پاران شرمسار ٽيڻو پوندو آهي، جو گهٽتائي وري ۽ سنڌين جي ٽي ٽئي.

۲۷-۷-۸۲

تلهو چڪر چيف(صوبيدار) اڇي نڪتو. چيٰ "هلو!" "ڪيڏانهن ؟" "اسپتال!" "ڪهڙي؟" "جيل اسپتال" "مون سمجهيو ته مٿو اسپتال تا وڃيو هلن. جيل اسپتال ۾ وڏو ڊاڪٽرن جو ويڙهو هو. پروفيسر ڊاڪٽر سبطين ۽ پروفيسر چوڌري صديق ۽ هئا. ڪلهه ڊاڪٽر جيل جي چيڪ هو ته ڊاڪٽر سبطين ولايت ويو آهي. چيائين "آءٌ ته ڪيڏانهن ۽ ڪو نه ويو هوس. ۽ن مهينن کان پوءِ ويندس. تنهنجو نالو ٻڌي هڪ دم هليو آيس " . ڊاڪٽر صديق(سرجن ايل ايم سي مان پڙهي ويو آهي)چيو "آءٌ ته موڪل تي هوس پوءِ ۽ هليو آيس !" مون ٿورا ميڙا. تپاسون ڪيائون.

ڊاڪٽر صديق اڪيلائيءَ ۾ تپاس ڪندي پڇيو "توهان سان هي ليڪ هلن تا يا نه؟" مون چيو "ليڪ تا هلن" چيائين "مون کي فڪر هو." مون چيو "سنڌ ۾ پڙهي آيا آهيو ان ڪري؟" چيائين "ها ..... هتي ۽ سنڌي ڊاڪٽر آهن . هڪڙو ڊاڪٽر سڃڻ ريلوي ۾ وڏي عهدي تي آهي . ٻيا فوج ۾ آهن . مون وٽ اچي گڏبا آهن." چيائون "توهان جي بيماريءَ جو جناب چور پڪڙيو اٿون!" دوائون لکي ڏيئي ويا آهن. ڇئي ويا آهن ته "اسان کي فون ڪندا ته هڪدم پهچنداسون." "م" چيو هو ته منهنجي جيل جي لاءِ ڊاڪٽر کي چئج . چيم "في الحال اثر کو نه ٿيو وري ايندا ٽيسائين ڪم ليڪ ٽي ويندو." "م" چيو چانهه چڏڻ ڪري فائدو ٿيو. بيگم صاحبه جي بيماريءَ جو ٻڌي غمگين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. چئي ٿو ته بيگم صاحب کي ڪجھ ٽيوٽر پارٽي رجعت پرستن جي هٿن ۾ راندیڪو بنجي ويندي. ڏاڍو پريشان آهي.

سنڌي ڪتاب آهن ئي ڪونہ. انڪري انهن کي ڪنجوسي ڪري بچائي رکيو اٿم. ته آهستي آهستي پڙهندس. هڪڙي ئي ڏينهن ۾ ختم ڪري ٽاهن، پر هاڻي لڳو پيو آهيان. مشتاق باڪاٿي جو "هو جي پھڻ پپ چا" پڙهيم. هلڪيون هلڪيون ڳالهيون آهن، پر نيڪ آهن. گهڻن نالن جي لسٽ ۾ هڪ هنڌ پنهنجو نالو پڙهي حيرت ٿيم. حالانڪ فقط هڪ ڊگهي لسٽ ۾ نالو جاڻايل هو ته هي به هڪڙو اديب آهي ته به عجيب لڳم. هيترا سال ان نالي جي ذڪر ٿي جيڪا ادبي وڏيرن جي مڪمل بندش پيل آهي تنهن جو چا ٿيندو؟ هي جو ٻئي ٽي چڪو آهي ته ان نالي وارو ڪو به ماڻهو سنڌي ادب ۾ پيدا ئي ڪو نہ ٿيو آهي، ان "ٻئي ٽيل حقيقت" جو چا ٿيندو؟ ويچاري مشتاق کي خبر ئي ڪانہ هوندي ته هن هڪ دفعو بي خبريءَ ۾ اهو نالو لکي سنڌي اديبن جي هڪڙي معزز ٽولي کي پاڻ تي ڪيڏو نہ ناراض ڪيو آهي.

صبح جو مرادَ علي مرزا جو ترجمو ڪيل عربي ٽائٽل "مونجهارو" پڙهيم. سٺو ترجمو آهي. توفيق الحڪيم جي سماجي سوچ پراڻي سرمائيداري روشن سوچ آهي. اونده ڪان روشني هزار دفعا پري. ترقي رجعت جو ضد. رجعت نہ ڪپي. ترقي ڪپي. ترقيءَ جا به قسم آهن. ڪا به شيءَ قطعي ناهي. هر شئي نسبتي آهي. روشني ۽ ترقي به نسبتي آهن. رجعت پرست جاگيرداري سوچ ڪان روشن ۽ ترقي پسند جاگيرداري سوچ بهتر. ڪنهن زماني ۾ (هزارين سال اڳي) جاگيردار سوچ انقلابي سوچ هئي. ان زماني ۾ غلامداريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ جاگيردار انقلاب آڻي رهيا هئا. اهو اڳي جي پيٽ ۾ ترقي پسند ڪم هو. روشن خيال ۽ ترقي پسند جاگيرداري سوچ تنگ نظر، رجعت پرست جاگيرداري سوچ ڪان برابر بهتر هوندي آهي. پر اها سرمايه دار روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ ڪان پوئتي پيل هوندي آهي. ڪيترين حالتن ۾ قدامت پسند سرمايه دار سوچ به روشن خيال ۽ ترقي پسند جاگيردار سوچ ڪان بهتر هوندي آهي. روشن خيال ۽ ترقي پسند سرمايه دار سوچ اڪثر پوئتي پيل پورهيت ۽ عوامي سوچ جي پيٽ ۾ رجعت پرست هوندي آهي. سو توفيق الحڪيم روشن خيال آهي پر سرمايه دار روشن خيال. ان ڪري مذمت فقط وزير، طاقت جي ناجائز استعمال ۽ قانون جي ناجائز استعمال جي آهي، باقي جاگيردار نظام ۽ ان جي رياست، حڪومت ۽ قانون جي ناهي. "بادشاه سٺو آهي. قانون سٺو آهي، رڳو انهن کي صحيح نموني استعمال ڪجي، يعني هي نظام ڏاهي ٻيو نہ اڏيو. رڳو ان ۾ توري درستي ڪريو." بهرحال چالو حساب سان ڳالهه پلي ۽ روشن خيال آهي. ڪيترن ڏينهن کان ڊائري لکڻ تي به دل ٿئي ٿئي. بس پانيان ته رڳو مزيدار ڪتاب وٺڻ، پڙهڻ، لکڻ نہ. دماغ تي بار نہ وجهان. رات ڏاڍي غلطي ٿي، امرتا پريتم جي نظم "بدائش جو" پروگرام اچڻو هو. آءٌ سمهي پيس. اڄڪين ڏينهن ته باقاعده امرتا جو ڪمپيئر ڪيل پروگرام هو جالندر ٽي- وي تان، اهو به نہ ڏسڻ، ننڊ ڪٽي ويئي! اڳي البت ڏسڻو هوم هڪ دفعو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ۷ بجي. پٺاڻو خان پيو ڳائيندو سبحان الله! "م" بہ ويٺو ڪنڌ هڻي. چپن تي مرڪ آڻس. حالانڪ اڄا ويهہ ڏينهن ٿيا جو زور شور سان بحث پئي ڪيائين تہ فريد بهاول پور جي نواب جو درباري، عوام دشمن، رجعت پرست شاعر هو. اکين مان جنسي ٽانڊا پئي نڪتس. مون کي ہن ڪلاڪن جي جهڪهي هٽائي، هزارين سالن جي ادبي ۽ سماجي تاريخ جا حوالا ڏيارائي، نظرياتي دليل بازي ڪرائي، پوءِ نهايت معصوميت سان چيائين، "بهرحال هاڻ خبر تہ پئي تہ فريد نيڪ ناڪ هو! ڏسو نہ! پڪ تہ ڪرڻ ڪپي نہ! ايتري ڇير لاءِ مون کي سوين ڪتاب پڙهڻا پون ها! اڇوڪي ايڏي دور ۾ ايترو وقت ڪٿي؟!"

۸۲-۷-۲۸.

ڪاري ڪاري بادلا
ميري آنگنا نہ شور مچا

پراڻو پراڻو گانو پيو هلي. وري

مرلي بيرن پئي
هو ڪنهيا توري مرلي بيرن پئي
بانوري مين بن گئي

(مرلي ويريا ٿي ٿي پئي. ڪرشن تنهنجي مرلي منهنجي ويرياٽي ٿي پيئي. آءٌ بانوري ٿي پيس ڪرشن تنهنجي مرلي ويرياٽي ٿي پيئي.)

اڄ صبح کان "م" ورزش کي لڳو پيو آهي. هيترا ڏينهن رگوڙيڙو ٿيو پيو هوندو هو. کالهوکي سختيءَ واري نصيحت تي عمل پيو ڪري شايد. مون کي دوائون لائي ڪڏهن ڏينداڻ؟ صبح تڏڙو وٽندڙ آهي. پيٽ مان سُور اڃان پوريءَ طرح ڪو نہ ويو آهي. ڏونرو ڪنو هو نہ ڪائڙ ڪپندو هو. ڪو بہ ڪم ڪو نہ ٿو پڄي. جيڪي ہ اکر جتي آهن اهي اتي پيا آهن. اڇڪلهہ ڪتاب پڙهڻ تي سخت مود آهي. هڪڙو ڪتاب جيڪو پڙهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ بيچين آهيان سو آهي مارڪسي فلسفو. مون فقط جدلي ماديت وارو پاڳو ته بار بار پڙهيو ۽ ڪجهه سمجهيو آهي، پر تاريخي ماديت کي ايڏا پنج ست پيرا ڏيڻ ۽ نوڻ ونڻ ڪپن. ساڳيءَ طرح ادبي متالو* پورو ڪرڻ چاهيان ٿو، پر واڪ ٿو ٿئي. مارڪس، اينجلس ۽ لينن جون آٿت ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ انهن جا نوڻ ونڻ تي دل آهي. ڪاش سڌ جا هزارين ترقي پسند پورهيت دانشور ۽ شاگرد دنيا جي ٻين عظيمَ انسانن جي حياتين ۽ سائنس سان گڏ هي عظيم حياتيون به پڙهڻ ۽ پروڙڻ جو سياڳ حاصل ڪري سگهن. هن ملڪ جي پڙهيلن جي اڪثريت علم ادب جي معاملي ۾ ايڏا آڳوٺي ڇوسڻ، پٽڙي رب ۽ ٽافيون کائي پيٽ پرڻ جي حد به ڪاڻ ٽپي آهي. هتي اسان جو روايتي اديب سائمن ڊي بوئر پڙهي ته ڪمال ٿي ويو. اسان لاءِ آسمان جي آخري حد سارتري، ڪامو، فرائڊ وغيره آهن. مايوسيءَ جي ان گندگيءَ ۾ ليٽڙيون پائي اسين پانيون تا ته ڇڻ صدر المنتهيٰ کي رسي وياسين! هڪڙي ٻي ٽِنڊ متل آهي. انگريزي سکڻي ڪاهڻي. سڀ ڪتاب اچڻ ڏيڻا ڪونهن. جي ڪتاب به آهن ۽ انگريزي به اچي ٿي ته محنت ڪري ڪم جا ڪتاب پڙهڻا ڪونهن. نتيجو جيڪو نڪرڻ ڪپي سو نڪري ٿو. رجعت پرستي ترقي پسنديءَ جا جبا اوديو ويٺي آهي. اسان مان جيڪي ترقي پسند رجعت پرست ناهن تن جي منزل مقصود ظاهري طرح عوامي پورهيت انقلابي سماج آهي، پر اسان جي چاڻ، سوچ، سمجهه ۽ اسان جي تخليق ڪيل ادب جو تجزيو آهي ته ان جو جوهر سرمايه دار ترقي پسندي آهي، يا بي شعور ۽ جاهل پورهيت ترقي پسندي ۽ نه باشعور زنده ۽ ويڑهو پورهيت ترقي پسندي . اسان جا ڪافي اديب عوام بابت لکن ٿا ، پر خود عوام ٿي، عوام جي باشعور ويڑهو انقلابي نقطه نگاهه ۽ موقف مطابق نٿا سوچين ۽ لکن. سموري عوام لاءِ نٿا لکن هڪ خاص محدود طبقي لاءِ لکن ٿا، باشعور ڪٽان ٽيندا؟ لکي لکائو پڙهي الائو! سنجيدي، لاڳيتي اوچ علمي ۽ سائنسي مطالعي کان ونڻ وجهو ۽ عالمي ادبي ۽ علمي بازار ۾ رڳو چالو قسم جو "مشهور" علمي ادبي پٽڙيون ڏبون پيبيون ۽ لستون ولٻيون ته انقلابي پورهيت شعور جهڙو انتهائي علمي، سائنسي اعليٰ درجي جو شعور ڪٽان حاصل ٽيندو؟ پوءِ آهن ڏز هٽڻا، پراڻا ۽ پاروٽا جملا ڏهرائڻا، نوان بي معنيٰ ڪوڪلا فقرا گهڙڻا، اکرن سان ڪيڏٽو ماٺهن کي ڪوڪلي جذباتيت ۽ اسرازيت جي ڪاڪ ۾ ڦاسائڻو جاگيرداري، سرمايه داري ترقي پسنديءَ جو نقل ڪرڻو سطحي، نالي ماتر ڪوڙي ۽ ڪوڪلي ترقي پسند سمجهه ۽ سوچ سطحي، نالي ماتر ڪوڙو ۽ ڪوڪلو "روشن خيال، ترقي پسند" ادب پيدا نه ڪرائيندا ته ٻيا ڪهڙا ڦاڙها ماريندا؟ پنجاب جو وچولو طبقو ويچارو ڪيڏو ڏکيو آهي تنهن جو

* ادبي متالو- ادبي تنقيد جو ڪتاب "سندي ذات هنجڻ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيوٽ ترقي پسند وڪيل ..... ئي بس آهي. هتي جا ماڻهو چون ٿا ته "ويچارو ٦٠-٧٠ ڪروڙن جي پونگي ۽ ۾ سسي لڪائي. ويٺو آهي، تهڙا ٦٠-٧٠ ڪروڙ ڪٽش مس اتس. هڪڙو نرسري ۽ هائي اسڪول ڪوليو اتس. ان جون شاخون بہ آهن. ان مان مهيني ۾ ويهہ لک روپيا مس ٿا ملنس. پٽ پرٽايا اتس. ننهون ڏاج ۾ ارب ارب روپيا يعني هڪ سو ڪروڙ ڦي ننهن ڪٽي آئي آهي. هڪڙي، صنعتڪار ..... جي ڏيءَ آهي، بي بہ ڪنهن اهڙي مسڪين جي جائي آهي. هاڻي. ويچارو وڃي ته ڪيڏانهن وڃي؟ هتي جيل ۾ هو ته گهران ماني بہ ڪو نہ گهرائيندو هو. چو جو گهر جو انو چو ڪائي؟ پيٽرول چو برباد ڪري؟ برتن چو گسائي؟ سنجو ڏينهن، چون ٿا، جيل مينوئل هٿ ۾ ڪٽيو ويٺو هوندو هو ۽ گوشت پيو تورائيندو هو. ان اسڪول ۾ چون ٿا ته ڪروڙ پتي ماڻهو پڻهنجا ٻار جمندي ئي رجسٽر ڪرائي چڏيندا آهن. تڏهن داخلا ملندي اتن. ان ڳالهہ ۾ (سچيءَ ۾) ضرور وڏاءُ هوندو پر ان ۾ روپئي مان پيسي جيتري بہ سچائي ليکجي ته بہ ويچارن جي حالت جو تصور ڪري سگهجي ٿو. سفر ۽ جيل ۾ ماڻهوءَ کي مردن جي ڪمن سان گڏ اهي بہ ڪم ڪرٽا پوندا آهن جيڪي عام طرح عورتن جي حوالي هوندا آهن. هينئر راشن جي گوشت گهٽ ملڻ سبب گوڙ ڪريو ويٺا آهيون. ملازم چئي ٿو ته آئون پورو ٿو ڏيان، اسين چئون ٿا ته اوهين ڪائي ٿا وڃو. وري مرچن جي اگهہ تي بہ گوڙ ڪيو اٽئون. مصيبت اها جو اسان کي باهر جي اگهن جي خبر ڪانهي. هي ساوا مرچ اسان کي ست روپيا ڪلو ٿو ٻڌائي، آهن الائي ڪهڙي اگهہ؟

قياس آرائي پئي ٿئي ته ١٥ آگسٽ تي صدر محترم ڇا چوندو يا ڪندو؟ مون چيو ته "اهو ئي ڪندو جيڪي ٢٣ مارچ تي ڪيائين. اخبارن کي چوندو ته "بڪ بڪ بند ڪريو نہ ته سيني کي ٽڪا هٽنداسون." ٻي واه هاڻي ڪانهي، هاڻي جيڪو سامهون اچي تنهنکي ٽڪو هٽڻو ۽ جيترو وقت ائين کڏي سگهجي اوترو کڏڻو". مون اندازو ٻڌايو آهي ته ايندڙ سال هن مهيني همراهن جي حالت ڪافي تشويش ناڪ ٿي چڪي هوندي ۽ ڪليو ڪلايو بچاءُ جي جنگ لڙي رهيا هوندا. "م" چوي ٿو ته "ڪجهہ قياس ڪر! وقت ڪجهہ گهٽا ئي." مون چيو "چگو ٿن مهينن کان پوءِ وري غور ڪندا سين، في الحال اندازو اهو ٿا رکون.

شام ٧ بجے. پارٽي فلم اچڻ واري آهي. الائي ڪهڙي؟ پنجابي يا ڊرمي هوندي ته وڃائي چڏيندي. پارٽي پنجابي فلمون هوائي هوندين آهن. ڊرمي يا نام نهادمذهبي فلمن جو بہ آزار آهي جن ۾ رڳو پيرن ۽ درگاهن جي پوڄا ۽ سندن ڪرامتون ڏيکارينداً آهن. تازو اعلان ٿيو آهي ته فلم پنجابي هوندي! سويل چوڌري شريف ڪمپائونڈر اچي دوائون ڏئي ۽ سئي هڻي ويو آهي. سئي هنتي ۾ هڪڙي لڳندي. قيمت في سئي پنجاهہ روپيا. اهڙيءَ ريت ٽن سالن کان پوءِ علاج شروع ٿيو آهي. ڏسون ته ڪو ڪڙ تيل نڪري ٿو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ. سپرنٽنڈنٽ همٽ نہ ڪري ها تہ لکپڑھہ هلندي ۳ سال ٻيا ٻڌائي وڃن ها. اڄ ضبح جو چٽ لکي سندس ڪيل ذاتي ڪوشش لاءِ تورو مڃيو اٿم.

۸۲-۷-۲۹

بهترين صبح آهي. هير پئي لڳي. همٽ منهن ڏوئي تورو چڪر لڳائيٽي اچي ويٺو آهيان. پاڻ کي تمام تورڙو پر بهتر محسوس پيو ڪريان. ريڊيو چالو ڪندس. پر خبرون هونديون فلسطين جي تباهيءَ جون ۽ عرب وزيرن، جاگيردارن، شيخن، سلطانن، بادشاهن، صدرن، سڄي عرب جاگيردار ۽ سرمايہ دار حاڪم طبقي جي ٻيءَ غيرتيءَ، غداريءَ، قوم ۽ وطن فروشيءَ جون ۽ ڪوڙي لپي لڳل جڙتو اسلامي ملڪن جي حاڪم طبقن جي منافقي، مڪر ۽ بي حياييءَ جون. اهي ٻڌي چا ڪبو؟ .

هڙي بهڙين ڏينهن تي چا ڪجي؟ يا تہ پنهنجي ڳوٺ ٻيٽوات جي الهندي پاسي گرون (گرائونڊ هوائي اڈي) ڏانهن نڪري وڃجي، ڪيچ ۽ نوان انقلابي مولود، مداجون، ڪافيون ۽ ڪلام ٻڌجن ۽ يٽ شٽ هٽجن يا لطيف آباد ۾ الهندي پاسي سنڌو دريا جي ڪناري تي يارن سان گڏ ويهي ستن آشمانن ۽ ستن زمينن جي ڳالهين بابت ڏاڙ لڪاءُ هٽجن يا اياز سان گڏجي پٽاڻ ڪالونيءَ جي الهندي واري ميدان ۾ چڪر هٽجن اياز جون خبرون ٻڌجن يا جنگشاهيءَ ۾ ٻاڻن جي چانگ، ولي وڃي الهندي ٽڪر تي ويهجي ۽ ٻارن جون پاڻ ۾ راندیون ۽ ويڙهيون ڏسجن، سندن دانهون ٻڌجن ۽ سندن فيصلا ڪجن. يا وري لطيف آباد جي گهر جي گيٽ وٽ ڪرسيون وڇهي نجم عباسيءَ سان ادبي معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪجي ۽ سندس اونهي آڏي ڇپا جا جواب سوچجن يا جويي صاحب کي ڳولهي همٽ ڪجي ۽ ساڻس تخليقي رهاڻ ڪجي يا فاضل کي ولي سنڌ الاجي هليو وڃجي، هڪ هڪ ڪتاب ڪيائي ڏسجي، ڪجهہ همٽ لائي ڪجهہ پڙهي ڏسجن، نوٽ ولجن، لسٽون ناهجن ۽ دانشور پروفيسر ٽائيپ مخلوق جي خيالن جي دنيا سان آشنائي نئين ڪجي يا جي ڪٿان منشي اچي نڪري تہ ڪائنس سندس يا لطيف جو ڪلام ٻڌجي. نہ تہ پوءِ گهر ويهي زرين، ٻکي ۽ منيءَ کان لوڪ گيت ۽ قومي نغما ٻڌجن. .....خير في الحال تہ هتي ئي ويهي تا ڪوٽ لکپٽ جي اسلامي قيد خاني اندر اسلامي نظر بندیءَ جي سعادت حاصل ڪريون ۽ روحاني لستون ولون. اڄ زماني کان پوءِ مولانا رياض کوکر صاحب جن آيا. غلامیءَ جو نظام، پراڻا ملڪ "فتح" ڪرڻ جائز آهي يا نہ، سنڌ تي عربن جي ڪاهہ، قران مجيد ۾ غيرعرب نہ ٻين، غير عرب ميون ۽ غير عرب تاريخ جو ذڪر نہ ڪجڻ، فلسفي جي ٻين نقطن، غلامدار جاگيردار سرمايہ دار ۽ سو شلسٽ نظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انهن جي پاڻ ۾ ٻيٽ جي موضوعن تي گاله ٻولهه ٿي. پچاڙيءَ جو پاڻ هڪڙي قيديءَ کي فرمايائون "سپاٽي اچي ٻانهن جي سور لاءِ مٽي پڙهائي وڃ!" "م" جي ملاقات کان ٻه آڱي ويچاري هفتي کان سخت انتظار ڪيو آهي. اڄ ڪتاب هڪ هڪ ڪري ڏنم. بلي شاه ۽ شاه حسين جي ڪلام مان چونڊ ڪلام لکيو هوم. اها ڪاپي نه ملي ته نه ملي. باقي "داورسن ڪني آزمائش" جو انگريزي ترجمو ملي ويو.

شام ساڍا ڇهه بجا. لاهور ٽي وي تان "آج ڪيڻي کهاني" اچڻ واري آهي. "نشيمن" خيرن سان پورو ٿيو. "آج دي کهاڻي" آئيٽم ٻيڪار هئي. مقصد اهو ته ٻهراڙي جا جٽ ٻهراڙيءَ ۾ ئي ٻيلا هجن. شهرن ۾ اچي پاڻ کي بي خوار خراب نه ڪن. ۽ سرڪار نامدار واسطي مسئلا پيدا نه ڪن. ساون روپن جڙامي لاءِ ڪما ڪمي ڪري ڏهين بجي تائين جاڳيس. "اوچنگاري ادب" جو شهپارو هو جنسي ماتم هو. ڏيڍ ٻٽ سان شروع ٿيو ۽ ٽوڙ تائين اوچنگارون ۽ گهوڙا گهوڙا هلندڙ رهي. دهليءَ تان مائي اندرا جي مان ۾ ڏنل زيگن جي وائيٽ هائوس ۾ دعوت جو اکين ڏٺو احوال نشر ڪيو ويو. ريگن چيو "دنيا ۾ امڙا ڪي به ٻه ملڪ نه هوندا جن جي وچ ۾ ايڏي هڪجهڙائي هجي جهڙي هندوستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ آهي" مائي اندراچيو "دنيا ۾ ڪي به ملڪ امڙا نه هوندا جيڪي هڪ ٻئي کان ايڏا مختلف هجن جهڙا امريڪا ۽ هندوستان." پاسي ۾ سوشلسٽ رقيب روسياه نه هجن ها ته امريڪا بهادر امڙين گستاخين تي هندوستان کي هوند ڪرڻي ڪائي وڃي ها. پر ڇا ڪجي؟ دنيا ۾ مزدور هاري حڪومتون قائم ٿي ويون آهن. سرمائي دار سردار ويچارا پٺهجي سرمايه دار ڪئمپ جي سرڪش ملڪن کي پوريءَ طرح سزا به ڏيڻا ڏئي سگهن. عالمي طاقت جو توازن به امڙو اوٽهه ويهه ٿيو بيٺو آهي جو ڪنهن سان منهن ۾ ور وجهي ڳالهائڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي

"ڪاٽيارو بلي ڪوئي جي جوءِ؟" "چور جيءُ ماءُ روئي گهڙي ۾"

معلوم ٿيو ته "م" جي زال خيرن سان مونٽ واري آهي. "م" جو ڪمر به ڪيو اتسن. نتيجي جي خبر خدا کي. بهرحال هڪڙي منزل طئي ٿي. اڄ جمعون آهي. چپ چپات لڳي پيئي آهي، ڪم به پيو آهي. ناول پڙهڻ تي دل به ڇڻي ٿي، پراڻا ڪيئي ڪم به رهيا پيا آهن. ڪتاب اڌ پڙهيا پيا آهن. ڪن جا نوٽ اڌ ۾ آهن ۽ ڪيترا پڙهي نوٽ ولي. مونائٽا آهن. پر ڪن مهينن کان پيا آهن. صوف ڪڃي آيا آهن وڃڻن. بس آهن قيد ۽ بند جون صعوبتون ڪاٽيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۷-۳۰

شام ساڍا ٽي ٻجا. "م" چئي ٿو "ٻاهر وڏي جهڙ آيا ٻيٺا اي" (ٻاهر جهڙ لڳو پيو آهي). ٻن ٽن ڏينهن کان گرمي ۽ پور ڪري ڇڏيا آهن. مس مس جهڙ ٿيو آهي. ٺڏي هوا لڳڻ شروع ٿي آهي. "نبي! اسي نينان دي آکهي لگي" (سرتيون! اسين نيٽڻ جي چوٽ تي لڳاسين!) حامد علي بيلا پياري ڏن ۽ مٺي آواز ۾ شاه حسين جو ڪلام پيو ڳائي. سويل بلي شاه جو سهڻو ڪلام ٻڌايائين. ڏن سنڌي ٻڌائيپ هئي.

فاضل ڏارا جيڪو شربت جو شيشو ولي آيا هئا، تنهن مان شربت لاهي پيتو اٽئون. مونکي اهي شيون واپرائڻ وسري ويندیون آهن. ايئن پئي خراب ٿي ويندیون آهن. "م" چئي ٿو اڳوٽي شيشي کي يوسف هٿ ڳنڍي پورو ڪري ڇڏيو. مون ۾ هڪ دفعي ڏسي ورتو مانس. لڪ ۾ ڪائي ڪائي پوسٽو ٽي پيو آهي. تنهن ڏينهن ڏسون ٿي سڏڪا پريو پيو رو ئي. ماڻ ڪرائي پڇيو سونس ٿ ٻڌائي ئي نه، بهرحال معلوم ٿيو ٿ جيل مان عيد ٿي آزاد نه ٿيڻ ڪري پيو روئي. "م" چيو "جنهن مهل بلوچستان ۾ ٻروچن کي اونڌو ٻنڌيو پئي ماريائون، تنهن مهل ٽي رنا. باقي هتي مهينو ٻه جيل ۾ ٿو رهڻو. پوين ٿ اڪ تان ڳوڙهو ٿو سڪين!" يوسف پنهنجن انهن مجاهدين مان آهي، جن بلوچ "باغين" کي سڏو ڪرڻ جي "قومي" مهم ۾ حصو ورتو. مون پڇيس "پلا اها ڪا خبر پيئي ٿ اهي بدمعاش ماڻهو پنهنجي پياري پاڪستان ۽ پنهنجي اسلامي حڪومت خلاف ڇو بغاوت ڪريو وينا هئا!" ڇيائين "ٻاهريون حڪومتون ڪين پيسا ڏينديون هونديون. ڪين تربيت ڏينديون هونديون". ٻڌايائين ٿ "اسين بلوچ ڏاڙن ڪي ٻڌيو ايندا هئاسين ٿ ڪانئن باغين جون خبرون پڇون. هو چوندا هئا ٿ "اسين ڏاڙا آهيون. ٻڪريون پيا چاريون. اسان کي خبر ئي ڪانهي ٿ باغي ڪير آهن." واقعي ساڻن ٻڪريون هونديون هيون. ڪپڑا ٽانڊل ليڑون ليڑون. پير ۾ ٽنڊل جتيون يا صفا اگهاڙا. ڏاڙهيون وڏيل، بنهه بوش، پر هوندا سڀ باغين سان ٻڌ هئا. اسين ڪين آفيسرن جي چوٽ موجب اونڌو ٽنگيو ماريندا هئاسين. ٻه ٻه ٽي ڏينهن ماري ماري آخر نا اميد ٿي ڪين بي ڏوهي سمجهي ڇڏي ڏيندا هئاسون. ويندي مهل ڪين ڪجه انو ڪنبه، چانهن جي پتي ٻه ڏيندا هئاسين ٿ ناراض نه ٿي وڃن. هو پريان وڃي سپ شيون زمين تي هاري انهن مٽان لت جو نشان لاهي ويندا هئا." اسان پڇيس "پلا اوهان جو ٻه ڪو نقصان ٿيو؟" چئي "نقصان ٿيندو ئي ڪهڙو اسان جو هو. هو جيلن جا واقف هوندا هئا. الائي ڪٽان گم ٿي ويندا هئا..... اسان جا ڪيئي هزار ماڻهو مارجي ويا".

جيل جو بنه ڪينهي. ٿوري ٿوري ڳاله تان اڪ ۾ ڳوڙهو. جنهن ڪرنل سزا ڏني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتس تنهن جي ٽوري گلا ڪبي ته ٽڙي گل ٽي پوندو. چي "آءُ ڇڏيندو سانس ڪونہ." هتي اڌ قيدي فوج مان پگل فوجي سپاهي آهن. انڪل ۴-۵ سو ٽيندا. لنگر (بورچي)، بوٽي پنجي (باغ پاڙي) ۾ اڪثر سڀ پگل فوجي هوندا آهن. آفيسرن جي جاين تي ۽ اهي ڪم ڪندا آهن. هتي جيل وارا ويچارن کي ڏاڍو تنگ ڪندا آهن. بورچيءَ جو ڪم ڪنيار خاني کان ٻيو نمبر سخت ڪم آهي. پنجين ائين ڏينهن ڪين بيد لڳندا آهن. چي "ماني چو خراب پکي؟" "انو ٽورو چو آهي؟" "مانيون پوريون چو نہ ٽيون؟" اڪثر غريب آهن پنجاب جي حساب سان. سنڌن ٻڌڙا مائٽ ويچارا هڙون ٻڌيو ملاقاتن لاءِ دربدر ٽيندا وتندا آهن. هن هُن کان اپيلون ۽ معافيون جون درخواستون لکائيندا وتندا آهن. سڄو ڏينهن اکيون در ۾. ڪيڏي مهل ٽي معافي اچي. مطلب ته مڙس جيل جا ٻنهه ڪونهن. ڪم جا سڀا پر گهٽا چور. مردانا چور. رڪ ٽڙ ته لهي ئي ڪو نہ. خاص ڪري ڪاڏي جي شين جا ويري آهن. مون کي هي چوٽون فوجي مشقتي(برداشتي) مليو آهي. پهرين نظر جي ڇٽ ۾ پندرهن ڏينهن هئا ته پڇي ويو. چي "پندرهن ڏينهن ڪيئن گذرندا؟" آزاد ڪشمير پڇي ويو. ٻيو بهترين ماڻهو هو طارق. ٽئنڪن جو مستري هو. امير تو بخاني جو هو. هي يوسف پيدل فوج جو نائڪ هو. امير اسانجي راشن جو گوشت ڪاڙهي پيو پيئندو هو! باقي ڇوڪ اسانجو. مون قياس ڪري رکيو مانس پر مون کي پوپٽيون پڙهائي ڇڏيئين. نڪو ٻڌي نڪو سڀي. سڄو ڏينهن رڌڻي ۾ پوريو پيو هوندو هو. پوءِ معلوم ٿيو ته ان ٻالي پولي ڇوٽ ۾ چار خون ڪيا آهن. هتي ميسٽو ٽيو ويٺو هو. ڪيسن مان فوجي اثر هلائي ڇٽي ويو هو. هاڻي ڊپ هوس ته گهر ويندس ته اهي ڪهي ڇڏيندم. فوج ۾ رڳو ملهون وڙهندو هو. چناب جي ڪنڌيءَ تي ڪچي جو ويڙل آهي. پٺاڻ آهي. پر ٻولي سرائڪي اتس. آءٌ دانهون ڪري ڪري رت ٽي پوندو هوس، پر سهي جو ٽنگون ٽي. ٻئي ٽئي ڏينهن چوندو هو "ڏسو مون کا ورندي ڏني؟ مون چيو مائٽ آهي. پنج پادر هٽي ڪڍي ته وس ٻارو آهي." مطلب ته ٻڌڻ وري ۾ مون تي. ڪن کي آفيسر ڪڍندا آهن کي پاٿي پڇيو اچن. طارق ڪيترا پيرا استعينا لکي ڏني. قبول نہ ٿيئي. پوءِ چا ڪيائين جو ليس نائڪ جي عهدي بدران کلهن تي ليفٽيننٽ جون ٽيٽون کٽي هئيائين. سيني کي خبر ته هي ليفٽيننٽ ڪونهي. ڪوڙيون ٽيٽون هنيون اتس. ته ۽ قاعدي موجب ٽيٽن کي سلام ڪرڻو هو. هي سڄو ڏينهن پيو گشت ڪري ۽ سلاميون ولي. ڪ ڪ لڳي پيئي هئي. آخر ڪورٽ مارشل ڪري وري پاڻڳل ڪري اسپتال موڪليائونس. اتي ڊاڪٽرن عذاب ڏيئي واپس ڪيس. پوءِ وري صاحب جي سرڪاري گاڏي بنا اجازت کٽي جوٽس سان ملاقات لاءِ شيخوپوري ويو. مطلب ته وڏا ڏڏا ڪري نوڪريءَ مان پاڻ ڪڍايائين. سڙا ڪمائي ٽڙندو گهر ويو. الائي چو تا فوج کان پڇن؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي قيدي ليکي ٿي ڪم ڪندا آهن. جيل ۾ ٽي ويون ريديا لهن. اهي ڪمپنيون لهرائين. سندن اندر ڪارخانا آهن. ڪنيارُ خانو بہ ليکي تي ڏنل آهي. ليکو هڪڙي نوجوان ڇوڪريءَ وٽ آهي. ماڊرن قسم جي آهي. روز ڦٽلون پائي ايندي آهي. قيدي سڏينس "ڪمهياريءِ!" يعني ڪنيارڻ. اهو نالو پڪو پيل آهي.

"اور ڈان بهتا رها" پڙهيُ پورو ڪيم. شايد اصل ڪتاب جو فقط اڌ ترجمو ڪيل آهي. ان ڪري ڳالهه وچ ۾ اوچتو ڪٽجيو وڃي. اردوءَ وارو ترجمو جيستائين آهي تيستائين پڙهندڙ جي همدردي انقلابي ڪاسڪن بدران غير انقلابي ڪاسڪن سان رهي ٿي.

انقلابي ڪاسڪن جو ڪردار اهڙو اپاريو ويو آهي جهڙو غير انقلابين جو. پڙهندڙ جي انقلابين جي نقط نظر سان ڪابہ همدردي ڪانہ ٿي ٿئي. سندن ڪردار بي جان ۽ مشيني آهن . غير انقلابين جا زنده، چرندڙ پرندڙ ۽ رنگين آهن. نہ وري ڪاسڪ ڳولن ۾ ڪابہ اهڙي خاص طبقاتي چڪتاڻ ڏيکاريل آهي. انهن ڳولن کي هڪ مثالي ڳوٺ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ پهرين ظلم ڪان سواءِ پوءِ ڪابہ غريب عوام مٿان چٽي يا مصيبت ڪانہ ڏيکاري وئي آهي.

شولوخوف عظيم فنڪار آهي، نوبل انعام ملهيل اٿس. ٻيا ناول لکيا اٿس جن ۾ مٿيان نقص ڪونهن. هن ناول کي بہ عالمي ادب جو شاهڪار ڪري ليکيو وڃي ٿو. ڪن ڳالهين ۾ اهو اُن جو حقدار بہ آهي، پر اُهو هيستائين پورهيت انقلابي فني شاهڪارن جيُ ڪسوٽيءَ تي پورو ٿو اچي. هيستائين اُهو ترقي پسند بہ ڪونہ ٿي سگهيو آهي. باقي حصيءَ ۾ اها ڪوٽ شايد پوڙي ڪرڻ جي ڪوشش ٿيل هجي. خود سوشلسٽ ملڪن جي عام تخليقن توڙي انهن جيُ مڃيل شاهڪارن کي بہ انقلابي پورهيت فن جيُ ڪسوٽيءَ تي پرکڻو پوندو.

پهرين عالمي ثقافتي ڪانفرنس پيئيُ هلي. پاڪستان جي نمائندگي الائي ڪهڙن بزرگن ڪئي هوندي. جماعتي هوندا. ٻيو ڪير ٿا ٿي سگهن؟ بهرحال هيءَ ڪانفرنس انتهائي اهم قدم آهي. ثقافت جو مسئلو هڪڙو بنيادي مسئلو آهي. ان ۾ علم، ادب، فن، تعليم وغيره جا سمورا مسئلا اچي وڃن ٿا. جاگيردارن سرمايهدار ۽ سامراجي ثقافت يعني سندن علم، تعليم، ادب ۽ فن دنيا جو ٻيڙو غرق ڪري ڇڏيو آهي. ان جي تدارڪ بابت سوچڻ انسان ذات لاءِ بيحد ضروري آهي.

اخبارن ۾ ۱۴ آگسٽ تي اسان جي سچاڻ قول جي پوري ۽ يڪ سخن صدر صاحب طرفان ٽيڪ واري تقرير بابت قياس آرائيون شروع آهن. وڪيل گوڏي کان مٿي ڪٽيو ٻيٺا آهن. سرڪار نامدار پوئتي هٽڻ جا گس پئي ڳولهي. فلسطين جي مسئلي تي بہ پوئتي هٽي ڪجه عزت بچائي هٿائين، پر پوئتي هٽي بہ آخر ڪيترو هٽندي؟ ڪجه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت کان پوءِ شايد وري ڏنڊو ڪٽندي. اکيون ٽوٽاريندي، پر هر روز سندس عمل جي آزاديءَ جو دائرو تنگ ٿيندو وڃي. سياسي طرح الف ٿي بيٺي آهي. باقي رهيو آهي ريڊيو. ٻي وي ۽ اخبارن تي قبضو ۽ ڏنڊو. ڏسون انهن سان ايڏا گهٽا مهينا يا سال ڪم ٿي هلايو سگهي. فضا ۾ وڏي پيماني تي سازش جا اهڃاڻ ٻه ڏسجن پيا. ليڊر حضرات ڇا بيان پراسرار آهن. چي "غير جماعتي چونڊون ٻه اکين تي!" بيگم صاحبہ بيمار آهي. جي اها هيڏانهن هوڏانهن تي ته پٽيان ليڊر هوندا آهي بزرگ جن اول ملڪ کي تباهه ڪيو. پي پيءَ کي تباهه ڪيو پٽي صاحب کي ڦاسيءَ تي ٽنگايو. قاتلن جي ڪڇ ۾ ويهي غداريءَ جا انعام حاصل ڪيا ۽ ڪروڙن مان ارب لاهيا ۽ هاٿي وري ستا جتا ٿيو بيگم صاحبہ جا وارث ۽ هڏ ڏوکي ۽ پي پيءَ جا ڪرتا ڌرتا ٿيا وينا آهن.

۸۲ -۷-۲۱ ۶ بجے.

صبح وٺندڙ آهي. ڏونرو لهرياسون پر نہ جميو. شايد ٻوءِ جمي. باهران گهرايوسين ته دربان گهرائڻ نہ ڏنو. چي آردر ناهي. چگو ٿيو. غريب ماٿهو پٽسا ٻڌي پيا. چيو ٻه مختيار هو. رات ڪجه خارش محسوس ٿي. گوشت ڪائڻ ڪري رات جو؟ چانهن يوسف چئي ٿو تيار آهي. اچي. هميشه وانگر اڄ صبح جو ٻه "م" جو ڪم ڏنو اٿم. اڄ ٽورو ڪيو اٿس. وٽ وٽ لڳايو بيٺو آهيانس. هونئن پاڻ ٻه ويل ڪونهي. وهندو ته ويٺو هوندو نہ ته نہ. ان ڪري ٻئي چوٽين ڏينهن ٽورو وغ ڪيو آهي، وري تيار ٿي ويندو آهي. پورو ڪيائين ته پوءِ "چانڻ تي دريا" پنجابي ڊرامي جي ڪردار جي چواٽي "چار پيسي تي خرچ هون گي پر چيز چنگي بن جائيگي" (چار پٽسا خرچ ٿيندا، پر شيءَ چگي لهي ويندي.)

سياڻي آگسٽ شروع ٿيندو. ايڏا ڪاٻه جولاءِ شروع ٿيو هو. تنهن ڏينهن بهار هو. وقت ڪيئن نہ ٿو گذري! پر لڳل اٿس ڪي! بيهي ئي ٿو. ماٿهو ايڏا مس اچيو هن دنيا جي ڪا ڳاله مغز ۾ ويهاري ته عمر جي ڪوٽا ختم! يوسف اڄ هتان بدلي ٿي ويو. ڪيترن ڏينهن کان سندس "م" سان ٿي پيئي. سجو ڏينهن منهن سڄايو ويٺو هوندو هو. زبان جو به کارو سيني جي دانهن هئي. تنهن ڏينهن ڪمپائونڊر جي ڏري گهٽ ٽوپي ٿي لاڻائين. نئون مشتغي آيو آهي. اهو الائي ڪهڙا رنگ ڪندو.

جنگ اڄ سياستدانن سان ناه ۽ گول ميز ڪانفرنس بابت ايڊيٽوريل لکيا آهن. خبر آئي آهي ته امريڪا پارت کي ايف ۱۶ هوائي جهاز ڏيڻا ڪيا آهن. پاڪستان کي ۴۰ ايف ۱۶ ملندا نہ ۸۰. خبر ناهي اڳ ڪهڙي ڳالهه طئي ٿيل هئي. ايران عراق جنگ جو نتيجو ايڏا ظاهر کو نہ ٿيو آهي. ظاهري طرح ايراني گهٽو ڦيبا کونهن. ايم آر ڊي پنجاب جي سامهيوال واري اجلاس ۾ پوليس مداخلت ڪئي آهي. افغان مهاجرين وري مقامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن سان جهيڙو ڪيو آهي ۽ هڪڙي چوڪري قتل ٿي آهي. ۳۵ هزار مهاجرن کي لڏايو ويو آهي. اسرار احمد لڳو پيو آهي . بيروت وارو بحران هلي پيو. اندرا اڄ آمريڪا ۾ آهي. هن سال جي پڇاڙيءَ ۾ ريگن ۽ برزنيف جي گڏجاڻي ٿيڻي آهي.

مجيد قريشيءَ کي لکيو ويو آهي. سپرنٽنڈنٽ ڪيڏانهن هاهر ويل آهي. مالش لاءِ ماڻهو گهريو اٿم. اهو ڏس ۾ ڪري ڏسجي. گوريون ڪان پيو. خارش ٿي آهي ٿورڙي. ان جو ۾ تدارڪ پيو ڪريان. اميد ته سپ ٺيڪ ٿي ويندو. خميس ڏينهن ڏسون ٿا ڪو ملاقات تي اچي ٿو يا نه. جي اچي ٿو ته ڪيئن؟

۸۲ -۸-۱

مهينو بدلجي ويو. زبردست صبح آهي. ٺڏي هوا لڳي پيئي. آسمان ۾ جهڙ آهي. رات پوئين رات مينهن پيو. ٽپڙ ڪٽي اندر پگا سين ته مينهن بند ٿي ويو. خير صبح عاليشان ٿي ويو. جهڙ ۽ مينهن بابت ڪيڏيون نه وٽندڙ يادگيريون پيون پون. نئيوات. مينهن جي ڦڙ ڦڙ، چڻين بدران ڳوٽيون متن ۾، ريتي، چيٽا، نئي. مال جون رنيون، ڦرن جون مستيون، مٺا پت، چنن مان پاٽيءَ جي ٽم ٽم. آلين ڪالين جو دونهون ايترو جو سجو گهر دونهون ٿي وڃي. ڪم ڪار بند، شهر ۾ ميوا پاڇيون پسي خراب، نين جو گهوگاٽ، وهنجڻ، ٽبيون، ترڻ، راندين، نيون پونگيون، واسي ماڻهو، ڏارين ڪتن جي هاڱ، بک، ماني ڪائي وهنجڻ، وري بک ۽ وري مانيءَ جو مطالبو گروندو، ميرڻ واري ٻڻي، ڳاگيون، ڦلاڙيون، سنگالون، ڪنڀ، ڪوديڙ، بصر، منگها، للر، مليرو، ڪيڙ، مڪڙ، لسي، مانين ۾ گهوگهاٽ. جوڳين جون مرليون، پارن جا هشام، بتي فڪرن چوڪرن ۽ نوجوانن جا مارڪا، ڪوه تي مارڪا، مڪي، ڪلفٽن، وڏي هوندي ڦٽي جي جاءِ جي نيسارن مان وهندڙ پاٽي، سائين فتح محمد شاه ۽سرماڻ جون خبرون، مڪليءَ جون پڪنڪون، حيدرآباد گاڏي ڪاتي، لطيف آباد ۶ نمبر، پناڻ ڪالوني ۽ لطيف آباد ۴ نمبر جي جڳهين جي اڳڻ ۾ وهندڙ پاٽي، ڪوهه مريءَ ۾ مينهن، فاضل سان گڏ بيروت ۾ بارش. ڪلاڪن جا ڪلاڪ. شيشن مان بيهي ڏسڻ. فرينڪفرٽ جرمنيءَ ۾ روز مينهن پوڻ. هيٿ برف مٽان مينهن، ماڻهن کي پرواه ئي نه هجڻ، فرينڪفرٽ ويندي وات ۾ هوائي جهاز جو مينهن سان ٽڪرڻ، ڏنڊ ۽ ڪوهيڙي ۽ مينهن ۾ جهاز جو هوائي اڈي تي لهي نه سگهڻ، هڪڙي ڪوشش ناڪام، اڌ ڪلاڪ بعد ٻي ڪوشش ناڪام. اعلان ته هاٿي آخري ڪوشش ڪبي جي اها ڪامياب نه ٿي ته لنڊن جي هيٿرو هوائي اڈي تي لهنداسون. ماڻهن جي حالت، مرده چهرا، دهشت پر سپ چپ. منهنجي حالت. سپ دل ۾ چون ته ٽين ڪوشش ڪندا ته تباه ٿي ويندا سون. پر چوي ڪير به نه. نه هندستاني پرفيسر، نه خوبصورت آمريڪي دوشيزه، نه ٽلها سيٽيون. ايئر هوسٽس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشيني مُرڪ جي مٿان موت جو ڊپ چڙهيل . هيٺ لهڻ ۾ ڪامياب ٿيا سون ته سڄو اُڏو ڏنڊ، ڪوهيڑي ۽ برسات ۾ غائب هو. اڪ نہ ڏسي گوڏي ڪي. آءٌ حسب دستور پلجي وڃي غلط ٽرين ۾ چڙهيو هوس، جنهن ڪان پڇان سو جرمن ڳالهائي. انگريزي بدران جواب..... رڳو اشارا. جنهن ڏينهن اسين لٽاسين تنهن جي ٽئين ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم ته اسان جي اچڻ جي ٻئي ڏينهن ساڳئي اڏي تي لهندي هڪڙو هوائي جهاز تباهه ٿي ويو. ۷۰ مسافر ختم ٿي ويا. بي انداز زخمي ٿيا. منهنجي ڪار ۾ سنڌ. هلندي وات ۾ مينهن ڳڏجي وڃي پوءِ ته مزائي اوٽيو وڃن. چار سال اڳ آءٌ ۽ عالم شاه وسندڙ مينهن ۾ ڪراچيءَ کان حيدرآباد آيا سون پئي. ٽليون نالا تار هئا، رستو ٻڏل هو، پاسا ڪاڌل هئا. ڪارون خراب هيون. ڪن ڪن هنڌن تي رستو ٻڏل هو، هر ڪو انڪل تي پاسن ڪاڌل رستن تان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جي ٽورو اندازو غلط ٿئي ته ڪار ڏو پاٽيءَ ۾ سو به تيز نئين، شايد نئين بارڻ جي پاٽيءَ ۾، جنهن ۾ لاش به نہ لهي. اسان جي ڪار دستور موجب وائيپرن کان آزاد، لائيٽ خراب، بريڪ پورا سارا، پنهنجي مرضيءَ جي مالڪ، وٽيس ته اسي جي اسپيڊ هلي ، وٽيس ته پنهنجو حق خود اختياري استعمال ڪري جمهوري نموني اڳوٽو ڪڍي اڏ تي ئي بيهي رهي. ان سفر جا اکين تي جادو ڪندڙ ، روح کي نشو ڏيندڙ ۽ زندگيءَ ۾ نہ وساريڻ جوڳا منظر، ان جا خطرا، خاص ڪري، هڪڙي هنڌ ته جڏ پل ضرا ط تان لنگهي پار پياسين. ٻئي سال سن به وسندي مينهن ۾ وياسون. ساڳيو آءٌ ۽ عالم شاه گڏ، جامشوري وٽان پلو پڇائي ڪنيوسين. وات ۾ ڪائيندا پئي وياسين. وات ۾ نيون پيئي وهيون. الائي ڪيئن پهتاسون. بهرحال سن جي شهر ۾ گاڏي گپ ۾ قاسي پيئي. راڄ مڙپا تڏهن نڪتي.

ڪڙيون پوڻ شروع ٿيون آهن. فيصلو ڪيو هوسين ته چانهن گهٽ پيئنداسين پر هينئر "م" کي چيم ته "مونکي هڪڙو ڪوپ ٻيو به چانهن پيئڻ گهرجي يا نہ؟ چو ته بارش جي موسم آهي." "م" چئي ٿو "بلڪل صحيح خيال آهي پر منهنجو خيال آهي ته مونکي به هڪڙو ڪوپ چانهن جو ٻيو به پيئڻ گهرجي. توهانجو چا خيال آهي؟" مون کي لاچار ها ڪرڻي پئي. حالانڪ چانهن هن لاءِ وڌيڪ خراب آهي.

رات مسز گانڊيءَ جي آمريڪا واري دوري ۾ سندس طرفان آمريڪي نائب صدر جارج بش کي ڏنل دعوت ڏيکاريائون. اندرا کي پهريون دفعو وڏا ٽهڪ ڏيئي کلندو ۽ چرچا ڪندو ڏٺم. موج ۾ هئي. ڏسون ته ان جو نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري. ريگن پنهنجي تقرير جي پچاڙيءَ ۾ تلسي داس جو هڪڙو لاجواب انتلابي شعر پڙهيو جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو مهاتما گانڊي ڪيو هو. حالانڪ عام طرح تلسي داس پراڻي مذهبي خيال جو شاعر آهي. ڪهڙين نہ عظيم انساني تخليقن کي ڪهڙا ڪهڙا ماٺو ڪهڙن ڪهڙن متصدن لاءِ استعمال ڪندا رهن تا! رات چتر هار ۾ هو. ان کان اڳ گجراتي ناچ هئا. منجهن هڪڙي ڇوڪريءَ ته ڪمال جو ناچ ٿي ڪيو ۽ پاڻ ۾ دلڪش هئي، ساڀس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ نچڻ وارو جوان ہو. چتر هار ۾ گهٽي وقت ڪان پوءِ وحيده رحمان آئي. آشا پاريک ہ هئي، وڏي ڳاله ته دليپ ہ هو ته مڌوبالا ہ هئي. لاهور تان انگريزي فلم هئي، پر بيڪار. ڪلهه ہ هڪڙي بيڪار آمريڪي ويسٽرن فلم ڊيڪاريائون، ..... سانجهيءَ ڪنهن زماني جي زبردست هيرو سريندر سان تعارف ڊينداء. پُنا اڳهاڙا ڪري مينهن ۾ گهميا آهيون. ڊهڻون تڏ ٿئي ٿي يا نه.

"مه" چوي ٿو ته "ڊائري ۾ لک ته ۱۹۸٦ ۾ پاڻ ٻئي هن سامهون ٽي ويءَ ۾ نظر ايندڙ انگليڊ جي ڪرڪيٽ ميدان ۾ موجود هوندا سين. ٻيو لک ته انهيءَ ميدان جي ڪنڊ ۾ پاڻڪي فاضل راهو ڳولهان اچي ملندو ۽ پاڻ کي ملڪ جا تازا حال احوال اچي ڊيندو ۽ پاڻ ان جي روشنيءَ ۾ هلنداسون".

۵-۸- ۸۲

چار ڏينهن ڪجه ڪونه لکيو ا ٿم. رات فلم مجبوبا ڏٺي سون. ايس ڊي برمن جي موسيقي هئي. راجيش کنا، هيما مالني، آسراڻي (سنڌي هندو) يوگيتا بالي وغيره هئا. گانا ٽورا پر سٺا هئا. "ميري نيناساون بهادون پهر پي ميرا من پياسا" (منهنجون اکيون سانوڻ جي برسات وانگر پيون وسن ته به منهنجو من ايڏي پاڻيءَ هوندي به اڃايل آهي) ۾ سپاهي جيل انتظاميه جا دادلا آهن. ڪاڻائو پٽ آهن. منجهائن هڪڙو لنگر (بورچي خاني) تي هوندو آهيءَ ۽ ٻيو اسٽور تي. ملازمن جون بدليون ٽين ته هي هڪ ٻئي جي ڊيوٽيءَ تي بدلي ٿيندا رهندا آهن. اسٽور وارو شريف شروع ڪان ته سڀاڻين احترام سان هلندو رهيو آهي، پر گذريل مهيني جڏهن منهنجو راشن ولي اچڻ سندس حوالي ٿيو آهي تڏهن کان منهنجي گوشت مان اڌ رکيو چڏي. تازو مون کي سماءُ پيو ۽ گوڙ ڪري رپورٽ ڪرڻ بنا، اها حرڪت بند ڪرايم. ۾ چار ڏينهن ٽيا آهن جو هي بدلي ٿي آيو آهي لنگر تي ۽ اچڻ شرط مونکي مانيءَ جي مسئلي ۾ تنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. "ماني هينئر نه پوءِ اچي ولو". "آ ماني ڪانهي چانهه ولو!" ڪلهه ڊپٽيءَ کي لکيم. ۾ اسسٽنٽ مشتاق اعوان ۽ عظمت شيخ ولي آيو. شريف کي ۾ ولي آيو چيائين "شريف کي ۾ آندو ا ٿم توهان اسان جا مهمان آهيو. ڪاڻ ڪوتاهي ڪانه ٿيندي. تڪليف لاءِ معافي." "ڪاڻ ڳاله هجي شريف کي گهرائي ولو". شريف کي چيائين، "تو کان ڪوبه مسئلو حل نه ٿئي مونکي ٻڌائي". مشتاق اعوان چيو "مجيد قريشي زوردار سلام ڏنا آهن!" عظمت کي چيو سين "اچين ٿو؟" چيائين "توهان سيٽ آهيو. مون کي سڄي جيل کي منهن ڏيڻو آهي. سڄو ڏينهن ٿو هلان". ٽيون چوٽون ڏينهن اڌ جيل کي ڪاڻيو اٿس. زخمين جون قطارون پٽ تي پيون هيون. ڪن کي زخمن بعد بيد به هڻايائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڌري سڪندر ۽ ساٿس گڏ. ڇڙو آدمخور سنڊ جي ڪنهن ۽ جيل ۾ ڪو نه ٿو ٻڌجي. ڇو ڇو منجهائنس بيزار آهي. پر هتي سنڊ جي مقابلي ۾ اجتماعي عزت جو احساس گهٽ ٿو ڏسجي. شيڪو ذات ۾ پورو آهي. ڪلهه خبر پيئي ته جيڪي سياسي قيدي سزا ياب ٿي اچن ٿا تن کي باقاعدي عام قيدين سان گڏ سپرنٽنڈنٽ اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي. جوڙي جوڙي ٿي پٽ تي وهندا آهن. ڪنڌ هيٺ ڪري. ڪلهه نوابزادي نصرالله خي پارٽيءَ جو هڪڙو وڪيل مسٽر ارشد قريشي ۽ ايئن ڪُٽڻ هيٺ ڪري پٽ تي وڃي ويٺو سپرنٽنڈنٽ اڳيان! همراهن کي ڇيڙڻ ته "قد بت جا ته گهٽيئي سٺا آهيو ۽ هٿ ۽ ويڙهه ۾ به گهٽ ناهيو. في الحال قربانيون ۽ هينئر سڃي پاڪستان ۾ شايد اوهانکي هتي گهٽيون ڏيٽيون پيون آهن. پر جيل ۾ ٻڌيءَ سان رهڻ جو ڍنگ ايڏا نه سکيا آهيو. هر ڪو آپي شينهن، ساڻ حسد، گلا، ذات پرستي، اجتماعي غيرت جو ڪو به شعور ۽ احساس نه. ٻڌي ۽ گڏيل ويڙهه جي روايت غير موجود. اسان وٽ شڪر آهي بدترين مخالف پارٽين جا ڪارڪن ۽ هڪبئي خلاف انتظاميه جو ڪڪ نه سهندا. هڪڙي سان ٿي ته مجال آهي جو ٻيا سڪ سهن. پاڻ ۾ ڪيڏا ۽ وڙهيل ڇو نه هجن. گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهه ۾ ته اسانجا ماڻهو برتر آهن. ڪجهه ٻيون قومي برتريون پاڻ ۾ پيدا ڪري وڏيونسيٽن ته اميد ته مجموعي ڪمتري جو علاج ٿي پوندو يا ويجها اچي پونداسين." ٽڏي هوا پيئي لڳي. رات پوئين رات ٽڙ ٽڙ وري ٽپڙ ڪٽائي اندر ڪرايا. مينهن ڪونه پيو. ٻه ٽي ڏينهن سخت مصروف رهيو آهيان. "م" کي ۽ وهايو اٿم. ڪنهن مهل نڪائي ڪنهن مهل چيلهه ٻڌيو ٻيهو رهي. مڙئي هٿ واندو ڪيوسين، اڄ ملاقات جو ڏينهن آهي. خميس. "ش" نياپا آڻي نيئي آهستي آهستي ڪري همراه جي گهر جو وارث ٿي ويهي رهيو آهي. ڏسجي ٿو ته حسب عادت ڳالهه وڌائيندو ۽ جهيڙو تيز ڪندو.

محترم ڪراچيءَ مان موٽي آئي آهي. سياڻي پٽ کي چڏڻ لاءِ ڪوه مري وئندي. اڄ ملاقات تي ايندي. "ش" همراه کي ڊيڄاري ويٺو آهي ته "مائي سخت ڪاوڙيل آهي. ڏڏو ٿڄ!" شل ڪنهن روشن خيال خاتونءَ کي ڪو جهوري مڙس هٿ نه چڙهي وڃي! اصل رهو ڪڍي رکندس! ڪُڇي پڇي ڪونه سُگهندو. رجعت پرستيءَ جو الزام ڪير سهي!؟ ڪروڙين غلام ۽ ڪوٽن ۾ قابو عورتن وچان جيڪي ٿورڙيون عورتون عورتن جي حقن لاءِ گڏيل عالمي ويڙهه جي نتيجي ۾ ڪجهه برابريءَ جا حق حاصل ڪري ويون آهن تن مان کي ان جو سخت ناجائز استعمال ڪري عورتن جي برادريءَ ۾ مغرور، آڪڙباز ۽ استحصال پسند وڏيريون بنجي ويون. غلام عورتن تي لئي رکن ٿيون. ٻئي طرف جيڪي مڙدَ عورتن جي حقن جا حامي آهن، تن کي بليڪ ميل ڪن ٿيون. ڪين خبر آهي ته عورتن جي برابريءَ جا حامي مرد رجعت پرستيءَ جي الزام کان هر ڏلت برداشت ڪندا. ان ڪري هو پنهنجي ۾ين عورتن کان خصوصي برتريءَ جو ناجائز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائدو ولي عورتن خواھ پنھنجي گھر جي جمھوريت پسند پاتين لاءِ عذاب ٿي پون ٿيون. شروعاتي ڏاڪن تي تہ شل نہ ڪنھن مظلوم کي ظالم ٿيڻ جو موقعو ملي! شل نہ ڪنھن ڪمتر کي برتر ٿيڻ جو موقعو ملي! انھن جھڙو ظالم ۽ برتريءَ جو پوڄاري ٻيو ڪونہ ٿيندو. وڏيرڪو مزاج رکندڙ اھڙين عورتن طرفان ٿيندڙ استحصال جو مقابلو ڪرڻ عورت جي چونڪاري جي واسطي جدوجھد جو ھڪ اھم فرض آھي. ھيءَ محترمہ بہ انھن استحصالي ۽ بليڪ ميل ڪندڙ آزاد ۽ روشن خيال بليڪ ميلر وڏيرين مان ھڪ ٿي ڏسجي. مڙس ھڙي خوفناڪ ويڙھ ۾ رڌل رھي ۽ ھن محترمہ جا ناز نخرا، زيادتيون، معتبريون، ٽرلنٽ ۽ بليڪ ميلنگ بہ سھي. ھن يار لاءِ اصل ويل فوڄي ٽولي جا عذاب نہ پر ھيءَ ڪوڙ جي روشن خيال ۽ "نمائشي ترقي پسند" وڏيري آھي: پيٽ ۾ تڪليف اٿم. ڊاڪٽر شاھ عراق جي پيش. پوڻ جي خوش خبري ڪٽي آيو آھي. ڏسڻ تہ در حقيقت چا ٿيو آھي.

ڪلھ آئي. جي پوليس پريس ڪانفرنس ۾ چيو آھي تہ ھوائي اڈي وارو ڏماڪو تخريب ڪاريءَ جو نتيجو ٿي سگھي ٿو. پوليس ڊوڙ ۾ آھي. ھڪئي پوپان ٻڌي حادثا ٿيا آھن. چون تہ تخريب ڪاري آھي. اخبارون ايڊيٽوريلن ۽ ڪالمن ۾ روز ٿيون ضيا کي منٿون ايلاز ڪن تہ ڪو "مثبت" اعلان ڪري. پر ھي ويچارو اعلان ڪري تہ ڇڙو ڪري؟ ابتا سبتا اعلان ڪندو وتي تہ پوءِ ھي لستون، ھي رعب تاب، ھي بھشت جا ليکا، ھي خدائي فوجداريون ڪيڏانھن ويندیون؟ ھار تہ ڪونھي. جيسين ڪو ٽڪا ٽولي ڪري نہ ڪڍي تيستائين ھمراہ اھڙا چريا ڪونھن جو رڌي پکي چڏي وڃي ڏکا جھلين.

اندرا ايا آمريڪا کان ڪونہ موٽي ٿي ڏسجي. بيروت تي آخري حملو ٿيو آھي. ڏسون چا تو ٿئي. عالم شاھ ۽ عارب آيا ھئا.

"م" جھڪي سنڌي ۽ يوناني نسخا ھٿي سکيا آھن. تن شايد ڪجھ ڪم ڪيو آھي. اڄ جوٽس ملڻ آيس. چي اھو اڳوڻو ماڻھو ٿي ڪونہ ھو. بس نوڙيون پئي ٿي، ھٿ ٻڌيو بيٺي ھئي. ڪيڏانھن ويئي اھا اڳوڻي سيٽ ٽوڪ ۽ مطالبا، ڪيڏانھن ويون ٻيون ڳالھيون. "جي"! "جي!" پئي ٿئي رڳو!

في الحال ويچاري جي ڪنڌ مان ھن بلا جو عذاب ڪجھ گھٽيو. ڏاڍا قسمين قسمين ڪاڌا رڌي موڪليا ھئائين. ڪپڙا فرسٽ ڪلاس سياڻي آئي ھئي. "م" چئي ٿو تہ ھي ڪاڌا توکي رشوت ڏيڻ لاءِ موڪليا ا ٿس. نہ تہ آءُ مانيءَ ٽڪر بہ ڪونہ سنيران. ھون چيس تہ اھو توکي ٿي ڏيکاري تہ آءُ تنھنجو ۽ تنھنجي قيدي ساٿيءَ جو ڪيڏو خيال ٿي ڪريان ۽ تنھنجي عزت ڪيڏي ٿي ڪريان. سيويون، ڪيڪ، ٻڌي ٻوڙ، ڪوفتا، انب ٻيا فروٽ اڇيان رکيا آھن. ھاڻ ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ! مائي شل اللہ ڇڻ مان ليڪ ڪريئي! سپرنٽنڈنٽ ٽرانسفر جي باري ۾ ٻڌايو تہ سيڪشن آفيسر بيمار آھي، پرينھن ايندو پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿس ڳالهائيندس. اڄ هڪڙي رٽائرڊ ڊي. آئي. جي آغا جنگ ۾ مضمون لکي حڪومت جون لاکون لاهي ڇڏيون آهن. چي جيڪو وڏو ٿو پاري سو خدا جو باغي آهي. مطالبو ڪيو ا ٿس ته چوندون ڪرايون وڃن، آئين بحال ڪيو وڃي وغيره وغيره. جنرل يحيٰ جو سڳو پاءُ آهي! ميجر ٽواني جيڪو پٽي صاحب جو قاتل دشمن آهي ۽ سدائين ان خلاف مضمون لکندو رهندو آهي، تنهن لکيو آهي ته مسلمان ملڪن جا حاڪم فلسطين جي مدد نه ٿا ڪن. الله تعالىٰ قيامت ڏينهن سندن ڪارو منهن ڪندو! سندس چوڻ آهي ته پاڪستان جي فوج هڪدم لبنان موڪلي وڃي. گڏاٽي واري جهازن ٽوڙڻ جي ڪارخاني ۾ ٻاهه لڳي آهي. پي آئي اي جي بس ڪي نقاب پوش ساڙي ويا آهن.

٦-٨-٨٢

ڇه بجي صبح. جهڙالو ڏينهن، ڪنهن ڪنهن مهل ڪا ڦڙي اچيو مٺان ڪري. "ٽپ!" "م" پيو چوي "پهريائين هٿمبرگر ڪائون، پوءِ ڏونئرو ۽ پوءِ چانهه. مٺان سيويون پيون آهن. اُهي گرم ڪرائي وٺون! ٺيڪ آهي؟" آئون چوانس ٿو "بلڪل ٺيڪ! خوراڪ جو سمورو ذخيرو تباهه ڪرٽو آهي!" ۽ "برباد ٻر! تباهه ۽ برباد؟! "بلڪل تباهه ۽ برباد!" رات ٻه مينهن جي ڦڙ ڦڙ ٻاهر سمهڻ ڪونه ڏنو. چترهار ۾ رات پراٽا گانا ٻڌاسين ڪي سنا هئا. شاڪر شاهه سان ان ڳالهه تي بحث ٿيو ته دنيا جي هيترن سارن ملڪن جا ماڻهو اچوڪي جمهوري دور ۾ خانداني حڪومت برداشت ڪندا يا نه. پوءِ سوچيم ته فضول بحث هو. شاڪر شاهه سان اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ نادانيءَ آهي. اجايو هڪڙي ڪم جي ماڻهوءَ کي خوامخواه دل ۾ ٽينڊو. ڪله عالم شاهه هڪڙي ٻال پين قسم جي شيءَ ڏني، چي پروفيسر صاحب آمريڪا ولايت مان آندي آهي، اڄ صبح جو لکيم ته چڱي لڳي. چوٽي آهي. "م" چيو "پارڪر آهي." ڏٺم ته برابر پارڪر هئي. مس ڪانه هيس. شبير کي ڏنم ته مس وجهه. پڇيومانس ته "مس پرڻ جاڻين" چي "ها!" پوءِ معلوم ٿيو ته همراهه پين ڏري گهٽ ٽوڙڻ وڏي آهي. هنن فوجين کي اها پٽ آهي. ڪم سمجهڻ بنا، اچي نه اچي، ها ضرور ڪندا ۽ هٿ ضرور ڪنديندا.

مينهن تيز ٿي ويو. لاچار لڏي لانچي اندر اچڻو پيو آهي. کايو پيو ٽاڻ ٿيا وينا آهيون. "م" سندس روز مره جو ڪم اڃا شروع ڪونه ڪيو آهي. نٽايو ويٺو آهي. هڪڙي عادت اٿس. شروع ٿيو ته پيو هلندو. نٽائيندو به شروعات ۾، پوءِ گهٽ. ڪنهن ڳالهه ۾ مطمئن ٿيڻ کان نٽائيندو. خر مغزيءَ وارو بحث ڪندو. ڪوڙا اجايا ڏڻي جا دليل ڏيندو هڪڙي مان ٻي، ٻيءَ مان ٽين، ٽينءَ مان چوٽين ڳالهه ڪندو. پر آخر جڏهن ڏوڙائي ڏوڙائي جهلبس ۽ ڳالهه زوردار نموني سمجهائيس ته پوءِ اڪثر سمجهي ويندو ۽ ان تي ڪجهه قائم به رهندو. منهنجي به ڪم تي في الحال ته دل ئي ٿي چوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمن ڪان لڪو ويٺو آهيان. هاڻ ته پين ۾ فرسٽ ڪلاس ملي ويئي آهي. هاڻي ته ڳالهه اڳيرڀي ٽيندي رهڻ گهرجي. ڪله نئون نياپو جا ۾ پرچا ڏئي ويا. فونٽن ۾ زرينه جو فونٽو ٻڌ هو. زرينه جي راڻي واري سيريز ۾ ڪيل ڪم مان اياز خوش آهي، هن فونٽو مان ۾ لڳو ٿي ته ٽيڪ ناڪ ڪمر ڪيو آ ٿس. هڪ ٻيو ٻڌ فونٽو آهي. شاديءَ ڪان سڌت پوءِ وارو آهي. آڏ ڪان ڪنڌيل ڏسڻ ۾ پيو اچي. ڇهڙي ٿي هڪڙي جهڙالي ڏينهن تي تلڪ چاڙهيءَ تان ڪڍايو ويو هو. ياد آيم ته هن دفعي وري قيد ٽيڻ جي وقت ۽ اڳين قيد مان نڪرڻ جي وقت جي وچ واري ٻڻن مهينن جي عرصي ۾ تانيا ۽ انيتا سان مليو هوس. تانيا سخت ناراض هئي. خرچي ۾ نه ورتائين. لاچار انيتا ۾ مونٽائي ڏني. چيو مانس ته "بابا آءُ گذريل ٻن ٽن سالن کان رڳو جيلن ۾ رهيو آهيان تنهنڪري ..." ايڏا جملو ختم ٿي ڪونه ڪيم ته تانيا چيو هو ته "آسان کي خبر آهي!" مون حيران ٿي پڇيو "ڇا خبر آهي؟" چيو هئائين "آسان کي خبر آهي ته اوهان جيل ۾ ڪونه هوندا آهيو. ڪراچيءَ ۾ مزي سان ويٺا هوندا آهيو!" وڌيڪ حيران ٿي چيم "ڪنهن اوهانکي ٻڌايو!" ته ٻڌائي نه. آخر ٻڌايائين. مطلب ته سياست ۾ ٽڏا پڇون ته ٻن پراون معصوم ٻارن جي دلين ۾ زهر ڀري ڪجه سور گونگو ڪريون! ڪٿي ماٺهو ويچارا رڳو ڦٽائڻ سڪيا آهن. ناهڻ جو ويچارن ٻڌو ئي ڪونهي.

ماٺهو اياڻا، دلڙيون نه جوڙين (اياز)

جلال چانڊيه جي سموري هڻ ڏڻان مان مونکي فقط هڪڙي سٽ وڻندي آهي:

ڪرڪي ڳنڍڻ جون ڳالهيون،
يار چنڻ ۾ چاهي؟

ڳنڍين سارو ڏينهن، چنڻ مور نه سڪيا! (لطيف)

۸۲- ۸- ۷ :۸ بجه صبح.

رات لاهور تان سونا چاندي ڏلوسين. ٽيڪ هو. جالنڌر تان ڊرامو ٻڌ نهايت اثرائتو هو. هيستائين جيڪي فنڪار جالنڌر تان آيا آهن تن ۾ هڪڙي چوڪري غمن جي پارٽ ۾ ۽ هڪڙي خوشيءَ جي پارٽ ۾ لاجواب آهن. نالا ڏين ٿا هندي صورتخطيءَ ۾ سو خبر ئي ڪانه ٿي پوي. منهنجي خيال ۾ پاڪستان ۾ هنن جي متابلي جو فنڪار شايد گهٽ هجي. هونئن جالنڌر کان لاهور جا فنڪار وڌيڪ فيشنبل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ زيان دراز ۽ جارح ٽائيپ (.....) آهن.

ڪجھ ڊينھن کان ڊاڪٽر جو ليکيل فروٽ خراب ٿو اچي. اڄ شڪايت ڪئي ويئي. فيصلو ٿيو ته هي موسم فروٽ جي ڪانهي، ان کي خراب ٿو اچي. بند ڪري چڏجي، انهيءَ کي چڱبو آهي. "ويئي سگن ڪاٽ ڪن بہ ڪپائي آئي!"

اڄ مولانا رياض ڪوکر آيو. چيائين "ملڪ جو نظام خراب آهي. سڀ ماڻهو نانگن وانگر آهن. ڪوبہ اعتباز جوگو ڪونهي. چو؟" مون چيو "جاگيرداري، سرمايہ داري نظام ۾ ڦوروڻ ۽ ظالم طبقن ۾ جيڪو ہار جمي ٿو تنهن کي ماڻ پينءَ عوام خلاف مجرم ٻڌجڻ جي سٽي ملي ٿي. ڪيس روز ڪاند ڪا لڳي، مڪر، فراڊ، دوکو ميسٽپائي، منافقي، بي رحمي ۽ ظلم سيکاريو وڃي ٿو. سنڊن گھر، اسڪول آفيسون، عدالتون، ڪتاب، فلمون، سينيمائون، مطلب تہ هر شي کين عوام خلاف جرم ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿي. ان جو زهر عوام ۾ ڦهلجي ويو آهي. صدين کان ڦهلايل ۽ روز بروز وڌيڪ ڦهلجندڙ آهو زهر وڏي جدوجهد ۽ وڏي عرصي کان پوءِ دور ٿيندو. توهان ڪيترا بہ عالم هجو پر ڪاڪ توهانجي نہ سرمايہ دارن ۽ جاگيردارن جي حمايت ڪرڻ وارن جي قبول ٿيندي. هر ڪاڪ جي تہ ۾ طبقاتي مناد لڪل آهي." چيائين، "برابر، فلاٽو مولانا جاهل آهي. ڪاڪ مون ڪاڪ ڪئي اها ڪنهن کان مڃي" چيائون. "اسان فلاٽي مولانا کان پڇي پوءِ جواب ڏينداسون". مون پڇيو "اهو مولانا سرمايہ دار آهي يا سنڊن حامي آهي؟" چيائين "بلڪل وڏو سرمائيدار پرست آهي" مون چيو "سوري تاريخ پڙهي ڏسو. حاڪمن وٽ مقبول مولانا يا دولت مند طبقي جو هوندو آهي. دولتمند طبقي ۾ نئون شامل ٿيل هوندو." رات مزو ٿيو. مس اک لڳي تہ "م" جي سڏوسڏ لڳي ويئي. اٽيس. چي "هي ملازم مسئلو ٿو پڇي!" لاچار اٿي ويٺس. ملازم چيو "اسان وٽ مولوي آيو آهي. جيڪو ڇوي ٿو قبرن تي دعا گھرڻ ناجائز آهي، اهو مولوي صاحب صحيح آهي يا نہ؟" دل ۾ چيم "قاتس تہ بلائتو! هن چرئي کي هن مهل اڇي مسئلن پڇڻ جي لڳي آهي ۽ سوبہ مون کان، جنهن کي انهن مسئلن سان ايڏي گھٽ دلچسپي آهي." بهرحال سمجهيم تہ "م" جي ڪارستاني آهي، پهرين تہ معذرت ڪيم پر "م" چوي تہ "مسئلي جو ويچاري کي جواب ڏي." دل ۾ سوچيم "گھٽا ڏينهن کن عالمن سگورن اسان اڻ ڄاڻ ڏاڙ ماڻهن خلاف فتوائون ڏنيون آهن! اڄ تہ فتويٰ بازيءَ جي لسٽ اسين بہ ولي ڏسون. سو نهايت عالمانہ شان سان ڪنگهڪار ڪري مون فرمايو "ابا اهو ملڻ ڏريل آهي، قصبي ٿو ڏسجي، ڊالري فرقي جو ٿو ڏسجي!" چيائين "اهو ڪهڙو فرقو آهي؟" مون چيو "اهي جيڪي ڊالري جماعت جا ملان آهن. ملڪ کي ڊالرن تي آمريڪا وٽ وڪڻيو ويٺا آهن اهي!" چيائين "انهن پويان نماز جائز آهي؟" مون چيو "دين فروش ۽ عوام فروش پويان نماز هرگز جائز ڪانهي." پوءِ تہ اچي مولويءَ جي ڪارستانين بابت تنقيد ۾ چٽو! چي "هيئن ٿو پيسا ڪمائي، هونئن ٿو چوڪرا رکي!" مون چيو "ڏئي نہ! انهن ڏين فروش،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرمايه پرستن، سامراج پرستن ۽ وطن فروشن جا ڪرتوت؟" ڪجھ دير ننڊ ڪانه آئي. مس مس اک لڳي، تہ ڪن ٽي ڪو پڙلاءُ پيم جڏ ڪنهن ڳالهايو. ٻا ٽي ويٺس. چيم. "ڇا؟" تہ ٻڌم تہ "مم" سُتي سُتي ڪجھ چئي پيو. چيم "ٽورو زور سان چئہ ڇا ڳالھ آهي؟" ٽورڙو زور سان اهڙي نموني چيائين جو مس ٽي ٻڌڻ ۾ آيو "موت بابت تنهنجو ڇا خيال آهي؟" چيم "هي آڏيءَ مهل موت جو مسئلو ڪيئن درپيش اچي ويو؟" معصوميت سان چيائين "بس ويٺي ويٺي خيال آيو. چيم تنهنجي راءِ معلوم ڪريان" مون چيو "موت مان آءُ بيزار آهيان. دنيا هر چيز، هر ڏک جي باوجود سهڻي ۽ پياري آهي. وڏي ڳالھ تہ اسان کي تاريخ جو عظيم ٽرين، مقدس ترين مقصد هٿ آيو آهي، ان کي ڪاميابي بنائڻ ۾ پنهنجو وڌ ۾ وڌ حصو ولڻو آهي. ان ڪري جيترو وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪارائيتي نموني زنده رهجي اوترو بهتر. پر جي ڪنهن سبب ڪري يا قدرتي طرح موت آيو تہ اُن جي مرڪندي آڃيان ڪري سگھڻ جي اُميد آهي. جنهن ماڻهوءَ پنهنجي زندگي انسان ذات جي خدمت ۽ چاڪريءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هجي ان لاءِ موت بيحد افسوسناڪ ضرور آهي پر ان کان اڳتي وحشت جو ڪو سوال ئي ڪونہ ٿو ٿئي. پرڪ رڳو اها ناهي. تہ ڪو ماڻهو زنده ڪيئن رهيو پر اها بہ آهي تہ مئو ڪهڙيءَ ريت. بيماري سيماريءَ جي ڳالھ ۾ تہ ماڻهو پنهنجي وس ڪونهي. باقي هونئن مقابلي ۾ مرڻ ٽي مئو يا رڳو ڪل بچائي پاڙيو ٽي مئو. انقلابي ماڻهوءَ کي موت جو مسئلو پنهنجي ذهن ۾ اڳواٽ ئي طئي ۽ صاف ڪري ڇڏڻ گھر جي، نہ تہ چئبو هو ايڏا صحيح انقلابي نہ ٿيو آهي. انقلابي جدوجهد ۾ موت جو خطرو هر وقت موجود سمجهبو آهي. ان کي پنهنجي ڏنڊي جو هڪ امڪاني خطرو سمجهي ان ڳالھ جو عادي ٽي ويڙو آهي تہ ڪنهن بہ وقت قدرتي يا زبردستي ۽ هٿرادو موت اچي سگھي ٿو. سنڊيءَ ۾ چوندا آهن تہ "مرڻ ناهي مهڻو پرڻو ناهي گار." چيائين "ليڪ آهي هاڻ سمهان ٿو!"

رات سادا ست. لاهور ٽي سڳورا قبضا ڪريو ويٺا آهن. ڪوبہ ڏسڻ جهڙو پروگرام ڪونهي. جالندر تان يوپيءَ جا لوڪ گيت ٻڌا اٿم. سنا. ڪٽڪ ناچ ڏٺوسين. ٻارن جي پروگرام ۾ راڳ جي استادياڻيءَ سرايمن جو خيال ٻڌايو. سرگم، الاپ ۽ بندش جون معائنون سمجهايائين. مينڊن مرڪن جا فائدا ٻڌايائين. خيال ڪي وڃائي ڇڏيائين. هاڻ چتر هار جي انتظار ۾ ويٺا آهيون. پوءِ انگريزي فلم ايندي. الائي ڪهڙي؟ پارڪر پين مزي سان پيئي لکي. مزو پيو اچي. مون کان هر شي وڃائجي وڃي، ان ڪري ڪا سولي پين تہ ڇا مورڳو ٻال پينون ولڻان. وجن تہ وري ٻي. هينئر پري ٻال پينن جي رکي آهي. رات بيحد ٿڌي ۽ وٺندڙ آهي. آسمان ۾ جُهڙ آهي. نواءِ وقت ۾ سول لبرٽيز يونين طرفان ڪسان هال ۾ ڪيل جلسي جي خبر آهي. جلسي ۾ منهنجي رهائيءَ جو مطالبو ڪيو ويو هو. صدارت سردار شوڪت علي ڪئي. ڪيترن ڳالهائيندڙن حصو ورتو. چڱا موچارا نالا آهن. ماشاءَ الله اسين بہ ٽوري پبلسٽيءَ جي لسٽ ولون. خبر اندر آهي. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان لاءِ اها بہ گنج. "م" جو بہ نالو اچي ها تہ بهتر. اڄ گورنر جيلانيءَ چيو تہ پنجاب ۾ فقط نوبزادہ نصراللہ ئي هڪڙو سياسي قيدي آهي، چئبو اسين ٻيا هيترا ٻارا سڀ لال واه جا چيڙا ٿي آيا آهيون. هيڏا سارا معتبر ۽ هيڏو سارو کوڙ! يا بي حيائي تيرا آسرا!

۸۲- ۸- ۹

عزيز مداري اعوان هينئر ا ٿي ويو آهي. ٽيون ڏينهن چئي ويو هو تہ آءُ سياٽي آزاد ٿيندس. اڄ چيائين تہ جنهن مهل ڊپٽي وٽ پيش ٿيس تڏهن رضا اسسٽنٽ اعتراض کيو تہ هن جو قيد ۲۰ سال نہ ۲۵ سال آهي. ايا ۲ سال ٻيا بہ کاٽڻا اٿس. هر قسم جي باه جي کورن مان پڇي نڪتل ماڻهو آهي. جهڙي تهڙي ڳالهہ تي مرڙو بہ کونہ. مڙندس. پر تہ بہ ويچارو لهسانيل هو. ڳالهائي بہ مشڪل سان پيو سگهي. چي "هيءَ ٽين سزا ملي آهي." سکر ۾ زال ماري هئائين. ڪجهہ سال اتي رهيو. پوءِ هتي آيو. هتي ان تاريخ سزا مليل جنم قيدي معافيءَ سميت ۱۴ سالن کانپوءِ آزاد ٿي ويا. هي سنڌ جو سزا يافته هو. هن تي سنڌ جي ڪري ٦ سال ٻي چڙي پيئي. هاڻي وري چون ٿا تہ ۵ سال ٻيا ٻڌن. جو تون سنڌ جو آهين. انهن توکي ۲۵ سالو لکيو آهي. سنڌ جا ٻيا ماڻهو تہ لهيو پر خود پنجابي قيدي بہ سنڌ سان واسطو پوڻ کري دبل چڙيءَ ۾. ٽيون ڏينهن کيترو خوش هو. چيائين پئي "ڏينهن ڦي ٿا گذرن. رات جو ستي ڪوٺ جا خواب ٿو لهان ۽ چرک پريو ا ٿيو پوان. ڪلاڪ بہ گذارڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. پورا ۱۱ سال جيل ڪاٽيو اٿم. ڳولان نڪتي پورا ۱۷ سال ٿيا آهن. مونکي تہ مائڻن جا نالا بہ وسري ويا آهن. ٻولي بہ اها ڪانهي." اسان دلاسو ڏنس. "م" ڊپٽيءَ کي چئي ويٺو لکي. ڪوشش ۽ ويڙهہ وڏي ڪنداسي سندس لاءِ. پوءِ ڪيئن قسمت. ذات جو اعوان آهي. پر دُعا سلام گهٽي مون سان اٿس، سنڌي جيلن ۾ پراڻي قيدي هٿ کري.

ڪلهہ شام جو غسل خاني ۾ وهنجيس پئي تہ "م" سڏوسڏ لائي ڏني. ٻاهر نڪتس، تہ رڙ کري چيائين. "لتا آئي اي!" ڏٺم تہ ٽي ويءَ تي برابر لتا ليڪي پيئي هئي. مون هڪ ٻہ دفعا اڳ ٽي ويءَ تي ڏٺي آهي. اڇي گلن واري ساڙهي پيل هيس، ڪچيءَ تائين ان ۾ ويڙهي پئي هئي. رنگ ڪارو پر آلاپ جو کيائين تہ چئو تہ ڪوئلن جو ولر گڏجي پيو ڳائي. ٽي ڪلام ٻڌايائين. شايد ۱۵ آگسٽ جي ٽيسٽنگ تي ڪيائون ڏهليءَ تان. رات هڪڙي اڙي فلم ڏٺي سون جنهن جا هيرو ۽ هيروئن نهايت معمولي هئا. هيروئن زرينہ وهاب هئي. هيرو تہ ڏاڍي کين هو. بيڪار جهڙو. ڪو بہ ناڻ ۽ شان شوڪت ڪونہ هو. ڳالهہ ۾ بہ ڪجهہ ڪونہ هو. گانا بہ ٽي هئا سي بہ ڪي خاص نہ. پر انوکي ڪهاڻي، سادي فنڪاري، رفتار سٻي، جرئت ڀرئي عوامي موضوع جي خيال کان مونکي هيءَ فلم هندستاني فلم "مٽي پر چاول" کان پوءِ بهترين، بأ متصد، جرئت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مند ۽ فنڪارانہ فلم لڳي.

رات منادي ٻُڌوسون ۽ ٻڌوسون. ٽي ڪلام ڳايائين، هڪڙو بنگالي ۽ هڪ هندي ۽ هڪ متاثر ڪندڙ شخصيت آهي. تنگ تورڻ ڇڏيائين، خاص ڪري بنگالي ۽ جي مشهور پٽياليءَ سُر واري ڪلام ۾ تہ وجد ۾ آڻي ڇڏيائين. سبحان الله.

پوءِ مائي سورن لتا ۽ ٻي هڪڙي سڪٽي دوشيزه جيڪا ڳائيندي آهي. "نچان مين لڏياٽي تي ميري ڏمڪ جلندر پئندي" (آءٌ لُڏياٽي شهر ۾ نچندي آهيان تہ منهنجي پيرن جو ڏڏڪو جلندر ۾ ٻڌبو آهي) لڏياٽي ۾ نچندڙ سهٽي تہ جواني ۽ شان ۽ مستيءَ ۾ ٻہ پنهنجو منڊپاڻ هُئي. گهنٽائي بنهي ۾ ڪانہ هئي. پنجابي راڳ جي ڪا صنف ڪانہ ڇڏيائون، ويندي جُگتيءَ تائين.

اڄ "ش" منهنجي هوندي "م" خلاف سندس ڄڻءُ جو ڪيس پيش ڪيو. "م" کي مون ٻہ چيو تہ "تون ٻہ "ش" کي پنهنجو ڪيس بيان ڪري ٻڌاءِ." زوردار نموني ها ڪيائين. "ش" ڏمانجي ويو. چيائين "تڪڙو آهيان وري ايندس." وري ڪونہ موٽيو آهي.

هيٺئر "م" سان وڏو جنگاڙ ٿيو. دستور موجب سڄي جهان جا مسئلا ۽ دليل ميدان ۾ آيا. آخر ٻيا دليل کٽي وڃائي تہ چوڻ لڳو "تون سڄي جهان جي مخالفت ڪرين تو، پر پاڻ رڳو راجا ڏاهر جي گلا ٻہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهين." مڙئي کانہ گاله سامهون ڏيٽي. آخر مون جان ڇڏائڻ لاءِ چيو تہ "تنهنجو ڪو عزيز يا ڪو هيرو يا قومي اڳواڻ هجي جنهن لاءِ توکي عقيدت هُجي تہ آءٌ تنهنجي ڪري ان جي گلا کانہ ڪندس." ٻئي پاسي آءٌ پنهنجي قوم جي ڪنهن ٻہ اڻڙي ماڻهو جي خلاف هڪڙو لفظ ٻہ برداشت نہ ڪندس جنهن کي اسانجو باشعور طبقو جائز طرح پنهنجو هيرو تسليم ڪري تو. راجا ڏاهر پنهنجي وطن جي بچاءُ ۾ وڙهيو ۽ قربان ٿيو. ان ڪري اسانجي باشعور طبقي جي نظر ۾ هيرو آهي. ان ڪري جيڪو ان جي شان ۾ گستاخي ڪندو تنهنجو اسين وس پڄندي مٿو ڦاڙي رکتداسون!" پاڻ چيائين تہ "منهنجا ٻہ هيرا آهن." مون چيو "ڪهڙا؟" چيائين "حضرت محمدصلعم ۽ عمر رضہ!" مون چيو "اهي تہ منهنجا ٻہ هيرا آهن. ٻي گاله ڪر!" "مثال طور قائداعظم، علامہ اقبال رحمة الله عليہ ۽ انگريز سرڪار جو وفادار ۽ اسان جو هيرو سرسيد؟" چيائين "هائو"! مون چيو "سبحان الله! ايجان اڳتي! مثلاً چودري ظهور الاهي شهيد، مولوي مشتاق صاحب ۽ انوارالحق صاحبان ٻہ؟" اتي بيهي رهيو. پنهنجي سرسي ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ خسيس کان خسيس گاله مان فائدو ولڻ کان نہ گسندو. ماڻهو ڪم جو ۽ مڙس ماڻهو آهي. پر سندس ڪيئن خراب عادتون ظاهر ٿيون ٿين. آهستي آهستي جي انهن تي کيس ڏڪ ڏنبي تہ سندس خراب عادتون سڀين عادتن تي غالب پئجي ويندیون ۽ هڪڙو سڻ ٿي سگهڻ جهڙو ماڻهو انا پرستيءَ ۾ پوئتي رهجي ويندو.

رات سڄ پڄ تہ مينهن اچي نڪتو. اڄي رڳو ڏڪا ڏهمان پئي ڪيائين. شاڪر شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو "آج ساون ني آنکھ کولي هي، سو رهاڻا اِتني دن!" ڪچ تائين وسندو رهيو. مداريءَ لاءِ "مر" ڪان ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ کي چئي لکايم. ڊپٽيءَ چوائي موڪليو ته آءُ شام جو ايندس.

ٻاهر مينهن محفل مچايو ويٺو آهي. اندر ويٺا آهيون. چانهه جو ٽيون ڪوپ پيئڻ جون تيارِيون آهن. "ش" پنهنجو شعر پيو ٻڌائي. صبح سان ئي مداري آيو هو. پنهنجي معاملي جو احوال ورتائين. خبرون ٻڌايون سُونس ته "ڪلهه ڊپٽيءَ ۽ اسسٽنٽ آيا هئا، هي ڪالهه ٻولهه ٿي." چيائين "مون سڃي ڳالهه ٻڌي آهي!" ڪنڊ هيٺ هوس. مڙس ڪنڊار آهي. "روز روز جي سزا آهي! انهن ڏينهن لکي موڪليائون ته "تون آزاد ٿو ٿئين. اڃ!" سڀ قيدي ورائي ويا. سڀ سامان ورهائي ڪٽي ويا! هينئر مون وٽ چادر بہ ڪا نہ رهي آهي!" زال ماري آيو هو. چئي "١١ ماسات اٿم. ٨ سڳا سوٽ اٿم. ويجهي پري جا ٨ چاچا اٿم. سڳو پاڻيجو ۽ سڳو سوٽ جو پٽ ميجر آهن، تڙ آئون بکيو. غريب. هڪڙو چاچو ملاقات تي آيو. زميندار ۽ وڏو واپاري آهي. هتي ڪانڪ ڪان پريان ۾ دڪان اٿس. ملاقات تي ننڍڙن هارن جي بسڪوٽن جو هڪ پراڻو ڊبو، ٻن رپين جا ڪيلا، ڪل ساڍن نون رپين جا ٽپڙ ولي آيو. ڏاڍو خوش ٿي ملیو سانس. هاڻ سوچيو ويٺو آهيان ته جڏهن آزاد ٿيندس تڏهن ساڍا نو رپيا وڃي سندن ننڍڙن هارن جي ترين تي رکي ڪين چوندس "ابا! هي پٺهين جو مون تي احسان ٿيل آهي. مون تي خرچ ڪيو هياٿين سو ولو ته آئون احسان ڪان آجو ٿي گهر وڃان." اندر ردو پيو آهي، پر مجبوري. تو سان دعا سلام ٿي ته توکي دانهن ڏنم. توهڪدم غور ڪيو. صاحب گهرائي ورتئي. سڀ ٿا چون ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻيٺ لڳا پيا هئا. هڻڙو غور ڪنهنجو ڪو نہ ٿيو! اڳيان ڪنهي منهنجي قسمت! پر ٻيلي! مون کي ڪدائي ڪيئن بہ ڪري!" "م" چيس "آڳ وزير قانون ٿي رهيو آهيان، پر قانون جي ايتري مون کي خبر ڪانهي جيتري پليجي صاحب کي آهي. ڪالهه جيڪا تنهنجي لاءِ دليل بازي ڪيائين تنهن منهنجيون بہ اکيون کولي ڇڏيون. اهي نڪتا ته منهنجي خواب خيال ۾ بہ ڪو نہ هئا. تون پاڻ وارو آهين جو تو کي هڻڙو وڏو قانوني ماهر جيل ۾ پنهنجو ملي ويو آهي. ڊپٽيءَ کي چئي بہ لکي ته مون، پر چئي لکڻ لاءِ مون کي چيائين پاڻ. هاڻي تون دل وڏي ڪر! دل نہ لاهہ!" رات آڏيءَ تائين ننڊ ڪا نہ آئي. سڄو ڏينهن وهنجيو جو ڪو نہ هوس. رات جو وهنجڻ کان ٽائيندي آڏيون ٿي ويون پر ننڊ ڪا نہ آئي. لاچار مڙيئي لڪريءَ شنان ڪيم ۽ پرڪلي پاڻوڌر هنيم تڏهن ننڊ آيم.

مولانا رياض ڪوکر مون کي بہ پاڻ جهڙو خوش نصيب ديندار ٻڌائڻ جي جدوجهد کي جاري رکندي چئي ويو آهي ته "توهان لاءِ هڪڙو تحفو آندو اٿم. فلسفي جو ڪتاب آهي، جنهن سان اميد ته توهان جي هر طرح تسلي ۽ تشفي ٿي ويندي. توهان رڳو هڪڙو پيرو پوري توجہ سان پڙهي ان تي غور ڪري ڏسو." ڪتاب جو نالو آهي "مذهب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سائنس" لکندڙ آهي مولانا عبدالباري ندوي، پروفيسر فلسفو، عثمانيه يونيورسٽي حيدرآباد دکن. مهاڳ لکيو آهي پاکستان جي مشهور سائنسدان ۽ رياضيدان ڊڪٽر رضي الدين صديقي، وائيس چانسلر پشاور يونيورسٽي. ۲۳۸ صفحن جو ڪتاب آهي. ۷۲ صفحا پڙهيا اٿم. پهرين صفحي تي مولانا آزاد جي "غبار خاطر" مان هڪڙو فلسفياڻو ٽڪرو ڏنل آهي. ڪتاب جي علمي سطح ۽ دليل بازيءَ جي انداز ۽ معيار جو اندازو مولانا آزاد جي ڏنل ٽڪري ۽ ڊاڪٽر رضي الدين جي مهاڳ مان ئي ٿي وڃي ٿو. وڌيڪ تصديق هيستائين پڙهيل ۷۲ صفحن مان ٿئي ٿي. دل ۾ سوچيم ته "جيڪڏهن جاگرافي، حساب، الجبرا ۽ جاميٽريءَ وانگر سائنسي فلسفو به اسڪولي ڪورس تي رکيل هجي ها ته جيڪڏ فلسفي جو مئٽرڪ جو شاگرد هن ڪتاب جا پهريان ٻه صفحا پڙهي هن جون بنيادي غلطيون پڪڙڻ شروع ڪري ها ۽ ۳۰،۲۵ صفحا زور مس ڪري پڙهي ان کي اڇلائي ڇڏي ها!" حالانڪ هن ۾ سائنس جي جديد ترين نظرين ۽ ڪوجنائن جو نچوڙ پيش ڪرڻ جي دعوا ڪيل آهي ۽ ڪيئين سائنسدانن جا حوالا به ڏنل آهن! سچو ڪتاب ولايتي نالن، فترن ۽ چوٽين سان ستيل آهي. وڪ وڪ تي ڪو نه ڪو آمريڪي، جرمن، انگريز يا ڪو ٻيو سائنسي نالو ڏنل آهي. مطلب ته ننهن کان چوٽيءَ تائين رڳو "سائنس" ئي "سائنس" آهي. جڏ جاموٽ جا ته وائيسر ئي ٿري ويندا ته "هٽ پٽيان! هيترو مولانا جو سائنسي علم! ڪو بحر آهي بحر! ٻيلي هي جيڪي چوندا سا هوندي به ڪا ڪالهه! جهڙي تهڙي ڪالهه نه هوندي"! ٻين ملڪن جو الائي ڪهڙو حال آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ ولايتي نالا ۽ حوالا جهالت ۽ گمراهيءَ جي پوڙهي ڊائڻ مٿان سرخي پائوڈر ۽ ميڪ اپ بنجي ويا آهن. ڪنهن کي به غير علميءَ، اڻمتپائيءَ ۽ جهالت واري ڪالهه ماٺهن تي مڙهڻي هوندي آهي ۽ سڀائيءَ علم ۽ سائنس خلاف ڏوهه جي ڪا واردات ڪرڻي هوندي آهي ته ٻي سو ولايتي حوالا ۽ نالا گڏ ڪريو ولي. پنجن حوالن پٽيان هڪڙو زڻ، ڏهن حوالن مٿان پنج نسورا ڏينهن ڏني جا ڪوڙا! ۽ حوالا به ڪنهن جا!؟ اڪثر "چانديا چور شباڻي شاهد" مثلاً پاڪستان ۾ "جماعتيا دانشور" يورپ ۽ آمريڪا جي پاڻ جهڙن "دانشورن" جا حوالا ڏيندا. اهي وري هٿي وارن جي شاهدي وجهندا. ڇي "پاڪستان جو ميانجي ڏڻ جهڙو مشهور فيلسوف جنهن جو پاڪستان جي فلسفيانه حلقن ۾ هيڏو قدر ۽ منزلت آهي سو به هيئن ٿو فرمائي!" "تنهن کان سواءِ ڪالهه هڪڙي حوالا ٻيا. حوالا هڪڙا ته انهن مان نتيجا ٻيا! "سوال از آسمان جواب از ريسمان!" سنڌ جا جماعتيا دانشور وڏي خشوع ۽ خضوع سان اهڙن آمريڪي ۽ يورپي "دانشورن" ۽ "عالمن" جا نالا ڪٽندا آهن ۽ حوالا ڏيندا آهن جيڪي حقيقت ۾ سي، آئي اي جا بدنام ۽ خوار خراب پالتو ۽ پاڙت "ادیب" ۽ "عالم" ۽ "دانشور" هوندا آهن. ڪي سنڌي جماعتي "دانشور" ته باقائدگيءَ آمريڪي جاسوسي ڪاتي جي سربراهن جي پروپيگنڈا لکڻين کي عالمانه سندون ڪري پيش ڪندا رهيا آهن! پڪ سان ٻين ملڪن جا اهڙائي "دانشور" وري اسان وارن "دانشورن" کي سندون ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪندا هوندا. مثلاً جرمني ۽ جا سي، آئي اي "دانشور" ۽ لکي سگهن ٿا ته "ٽين دنيا جو مشهور مفڪر، عالم، دانشور ۽علم سماجيات جو ماهر جناب "انبي جو گهوبانو" صاحب جن ۽ هن راءِ جي پُرپور تائيد ڪري چڪا آهن. هو فرمائين ٿا." وغيره. واردات جو ٻيو طريقو آهي هٿرادا مفروضا. بلڪ مفروضن مٿان مفروضا. ٽيون اهو آهي ته علمي ۽ سائنسي معاملا جن ۾ تر تورٽا آهن، تن مٿان خطابت، فصاحت ۽ بلاغت جون چپون ڪيترائي نازڪ ۽ نفيس مگر بي حد اهم ۽ بنيادي حدن، فرقن ۽ استثنائن کي چيپائي اڻڻي هليو وڃي! مفروضن ۽ فصاحت ۽ بلاغت جي ڪارستاني غبار خاطر جي مولانا آزاد واري حوالي سان ئي شروع ٿي وڃي ٿي. فرمائين ٿا" هن سلسلي ۾ هڪ بي جاءِ ۽ پڌري ٿئي ٿي ۽ ان جي پکيڙ ۽ اسان کي پري پري پهچايو ڇڏي. اگر هتي مادي کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي (غلط ۽ بي بنياد مفروضو!) ته پوءِ انساني رتبي ۾ ايرڻ واري اها قوت جنهن کي اسين سوچ ۽ سمجهه جي نالي سان سڏيون ٿا سا چا آهي؟ ڪهڙي چلهه جي چٽنگ آهي؟..... سوال هي آهي ته سوچ ۽ سمجهه جي هيءَ اڻ ڪٽ فضا جيڪا انسان کي پنهنجي آدام جي پاڪر ۾ ڪنيو پئي آدامي سا چا آهي!(بي بنياد فصاحت بلاغت!)چا ان جي جواب ۾ ايترو چئي ڇڏڻ ڪافي ٿيندو ته اها رڳو هڪڙي انڊي گونگي قوت آهي جا پنهنجي طبعي خاصيتن ۽ طبعي حالت ۽ ماپن مان ترقي ڪندي سوچ ۽ سمجهه جي آڙاه جو شعلو بنجي ويئي." (ٻيو بي بنياد مفروضو!) چالاڪي اها آهي ته جيڪا ڳالهه مخالف نه چئي ۽ ڪڏهن ب چئي نه سگهي، اها ڏانهنس منسوب ڪري وڃي ۽ ان کي وڏي شان شوڪت سان فاتحانه نموني غلط ثابت ڪجي! مثلاً فطرت جي سائنس يا سائنسي فلسفو جدلي مادیت آهي ئي فطرت ۽ انساني سوچ سمجهه جي سائنس! اها ڪيئن ٿي چئي سگهي ۽ ڪڏهن ٿي چئي ته "هتي مادي کان سواءِ ٻيو ڪجه ڪونهي؟" جي اهو مفروضو ئي بي بنياد ته باقي ٻي ڳالهه چا ٿي؟ ساڳيءَ طرح سمجهه ۽ سوچ کي ڪنهن ۽ ڪڏهن انڊي ۽ گونگي قوت سڏيو يا سمجهيو آهي؟ سوچ ۽ سمجهه جي شان ۾ سُجي سائنس قصيدا پڙهي ٿي، ان جي قوت جو سرچشمو آهي ئي سوچ ۽ سمجهه. سوچ ۽ سمجهه ٿي انڊي ۽ گونگي ته باقي رهيو چا؟ انساني سوچ کي انڊو گونگو ته پنڊت، پادري ۽ ملان چون ٿا! سائنسدان ڪيئن چوندا!؟ ڪڏهن ۽ ڪٽي چيو اٿن؟ ساڳيو حال اسان جي سائنسدان ۽ رياضي دان جناب ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ جو آهي. ويچاري کي سائنسي فلسفي جي ا ب ت جي خبر ڪانه ٿي ڏسجي. مثال طور فرمائين ٿا "نيوٽن جي ميڪانڪس جو هڪ اهم مسئلو هي هو ته جي ڪنهن شيءَ جي موجوده حالت معلوم هجي ته پوءِ ان جي اڳوٽي ۽ ايندڙ حالت قطعي طرح مقرر ٿي ويندي ۽ فقط چرپر ۽ حرڪت جي قانونن جي آڌار تي علم رياضيءَ جي مدد سان ازلَ کان ابد تائين ان جي سموريون حالتن جي پيش بندي ٿي سگهندي. ميڪانڪس جو اهو ئي مسئلو هُو جيڪو مادي پرستن(!) (لفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Materialists) جي ترجمي ۾ ئي ٻي ايماني! ڇا لڳي سائنس ۽ ڇا لڳي پرستش ۽ پوڄا!) لاءِ آخري حجت جو ڪم ڏئي ٿو ۽ جنهن جي آڌار تي هو ڪنهن خالق ڪائنات جي تصور کي غيرضروري ٺهرائين ٿا. چو ته هنن جي چوڻ پٽاندر ڪائنات جي هر حالت، هر گهڙي مقرر آهي ۽ ان مطابق خودبخود ٺهندي هلندي هلي."

هن درويش کي اها به خبر ڪانهي ته سائنسي فلسفي ۾ هڪڙو سڄو باب آهي ئي ميڪانيڪي ماديت جي ذڪر ۽ انتي تنقيد بابت! ان کي سائنسي فلسفي جي ڏاڪي به ڏاڪي واڌاري جي سفر جي هڪ منزل سمجهندي اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن ان غير سائنسي ماديت جي عينڪ سان دنيا کي صحيح نموني سمجهڻ ناممڪن هو. انڪ حالت ۾ جيڪي ماڻهو اهو چاڻن ٿا ته سموري ڪائنات مادي جي ٺهيل آهي ۽ اڳتي هلي هڪ ڏاڪي تي مادي مان ذهن ۽ سوچ رکندڙ جاندار پيدا ٿيا جن ڪائنات کي ڏسي ان کي سمجهڻ لاءِ خيال ڊوڙايا، کوجنائون ڪيون، قانون، ادب، فلسفا لاميا ۽ اهڙيءَ طرح سندن خيالن مادي پان پيدا ٿي موڙ ۾ خود مادي دنيا تي مادي اثر وڌو ۽ هاڻ هڪ حد تائين ٻئي هڪٻئي تي اثر وجهندا رهن ٿا سي ڪيئن ٿا غير سائنسي ميڪانڪي سوچ ڏارين ۽ سوبه ان کي آخري حجت ٺهرائين ۽ ان کي ڪائنات جي بنيادي سوالن بابت پنهنجو رهبر ٺهرائين؟! تنهن کان سواءِ جدلي ماديت جي سائنسي علم جا چاڻو ماڻهو ڪيئن ٿا ڪنهن شيءَ يا ڳالهه جي ازل کان ابد تائين ساڳئي نموني رهڻ يا سفر کرڻ بابت سوچي سگهن جڏهن ته جدلي ماديت جي الف ب ئي اتان شروع ٿئي ٿي ته "ڪائنات ۾ ڪابه شيءَ يا ڳالهه قطعي، آخري، هر حال ۾ ساڳي، ڪڏهن به تبديل نه ٿيندڙ ازلي ۽ ابدي ٿي ئي نه ٿي سگهي. هر شيءَ لاڳيتي چرپر ۾ آهي. هر شيءَ بدلجندي رهي ٿي. ڪائنات جيئن ته مادي جي ٺهيل آهي، تنهن ڪري مادي وانگر ان جي وجود جو شرط ئي اهو آهي ته اها سدائين چرپر ۾ هجي. ۽ بدلبي رهي. ان ۾ ڪجه جمندو رهي، وڌو ٿيندو رهي ۽ پاڻ مان ڪجه ٻيو پيدا ڪري پاڻ ختم ٿيندو رهي ....." ان صورت ۾ شين جي حالت قطعي طرح مقرر ٿيڻ جي ڳالهه مادي سائنسدانن ڏانهن منسوب ڪرڻ کان وڌيڪ اڻ ڄاڻائي يا نسورو بهتان ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ جي ڊاڪٽر صاحب جدلي ماديت جي ٽن بنيادي اصولن "ابتڙن جو ميلاپ ۽ پاڻ ۾ مقابلو" "مقداري تبديلين جو خاصيت جي تبديلين ۾ بدلجڻ ۽ خاصيت جي تبديلين جو مقداري تبديلين ۾ بدلجڻ" ۽ "نفيءَ جي نفي" جو ڳوڙهو مطالعو ڪيل هجن ها ته هڙيون ٻاراڻيون ڳالهيون نه ڪن ها. اڳتي هلي فرمائين ٿا "پر ڪوانٽم ۽ اضافيت جي نظرين جي آڌار تي پروفيسر هائيزنبرگ ۱۹۲۷ ۾ اهو ٻڌايو ته فطرت جي لڪائن ۾ يقين يا جبر ناهي پر غيريقينيت آهي ....." ويچاري ڊاڪٽر صاحب کي اها به خبر ناهي ڇا ته قدر ۽ جبر، شين جي لازمي يا اتفاقي هجڻ جو سوال، انهن جي پاڻ ۾ لاڳاپي جو سوال سائنسي فلسفو يعني جدلي ماديت ۱۹۲۷ کان گهڻو گهڻو زمانو اڳ ۱۹ صديءَ جي وچ ۾ ئي حل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري چڪي هئي ۽ پروفيسر هائيزنبرگ جي تيئر مارڻ ڪان گهٽو گهٽو اڳ اينجلس "فطرت جي جدليات" نالي ڪتاب "Dialectics of nature" ۾ انهن مسئلن ڪي حل ڪري چڪو هو؟! هونئن به بنيادي ڪم تہ ارڙهين صديءَ ۾ ئي هيگل ڪري ڇڏيو هو! هيءَ جهالت آهي يا بي ايماني؟ مولاناعبدالباريءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن! هنن بزرگن کي خبر آهي تہ پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ فطرت ۽ انساني سماج بابت سچا علم ۽ سچيون سائنسون بندش هيٺ آهن. ماٺهن کي انهن ڳالهين بابت خدا جي خبر آهي. ان ڪري وڏو ٻم ٻکيڙو ڪري، منهن جي پڪائيءَ سان اکيون ٽوٽاري، دهمان ٻڌي، ڪهڙا ٻ اُپ ڪاڙيا تہ ماٺهو ويچارا وسهي ويندا. باقي جو هڪڙي پاسي مذهب جي ڳالهہ ڪبي ۽ ٻئي پاسي انگريزي فترا ڪتب آڻيا ۽ ٻئين پاسي سائنسي حوالا ڏيا تہ ماٺهو اصل فدا ٿي پونداا! اهو ڏينهن ڪاش جلد اچي جڏهن فطرت، انساني سماج ۽ سوچ بابت علم ۽ سائنسون ماٺهو آزاديءَ سان نديڻ ڪان ولي پڙهي سگهن ۽ کين پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ پورو پورو بندوبست هجي. ماٺهو کوڙن جاگيرداري سرمائيداري سماجي علمن ۽ بوگس سائنسن جا ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي آزاديءَ سان سوچي ۽ سمجهي هن دنيا کي بهشت بنائي سگهن.

بهرحال ڪتاب پورو ڪرٽو آهي. جنا پڙهڻ جي مخالفا جي ڳالهہ رد ڪرڻ بي ايماني آهي. حالانڪ "سر ڪنيو راڄ پروڙيو." "خانن جي خاني، مونکي ماني" مان معلوم ٿي!" پر توڙ ڪرٽو آهي. جهالت جي جڙاڻي پروپيگنڊا جو اهو عذاب ٻڌي ڏينهن بيا به برداشت ڪرٽو آهي. مهيتي ٻن کان پوءِ سي آئي ڊيءَ وٽان ٻہ خط مليا آهن: سنڌ جي هڪڙي سينٽرل جيل مان هڪڙي قيدي دوست لکيو آهي. "..... اڄ روز مرهہ کان وڌيڪ ياد آئين. ها استاد! چوندا آهن تہ "ويٺي وريامن فوجون ڦري آئيون!" مون توهان جو چوڻ به نہ ورتو. آزاد ٿيڻ لاءِ وڏا وڏا جتن ڪيم ..... اڄ توکي مجبور ڏسي ۽ مان به بيوس آهيان. ڏري به اوهانجي صلاح تي ٿو هلان. پر هاڻ وڪيل ڪري ڏئي پنجاب مان تہ مون ماٺهون موڪليان ..... فقط توهان جي دعائن جو پٽيار"

ٻئي دوست لکيو آهي:

"مانوارا سائين سڌا سلامت. طرفين جي خيريت بعد گذارش تہ اڄ اوچتو توهان جي ياد ايترو تہ شدت سان ايري جو صبح کان وٺي توهان جو بار بار ذڪر ڪيو اٿم. ان انداز سان جڻ توهان منهنجا تمام پراڻا ۽ ويجها مجوٽ ۽ هن وقت به مون سان گڏ هجو. اڄ الائي ڇو توهان کي ياد ڪرڻ سان ذهني پختگي ۽ عجيب قسم جي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. اگر مان ڪو اديب، دانشور، فلاسافر، شاعر، يا مصور هجان ها تہ شايد اهڙي تخليق ڪريان ها جيڪا شايد ڪوبہ نہ ڪري سگهي! مون ۽ منهنجي قلم ۾ ايڏي طاقت به نہ آهي، جو اندر ۾ اٿندڙ جذبا ۽ من ۾ چولين ڏيندڙ موجون پنن جي پيٽ تي اوتي سگهان ..... اگر ڪجهہ غلط لکيو هجي تہ معاف ڪندا ڇو هڪ شاگرد آهيان ۽ بي سمجه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ. فقط توهانجو نورنبي خيرپور ناٿن شاھ"

لفظ بہ ڪنهن مهل ڪهڙن حالن ۾ ڪنهن مهل ڪهڙن ۾! ساڳئي قسم جا لفظ ڪن حالتن ۾ اڃايا، رسمي، ڪوڪلا، بيزار ڪندڙ بي مانا ٿا ڪن ٻين ۾ موتين جي ملھ، قيمتي، ضروري، معنيٰ ۽ مطلب سان پر، خوشخبريون ٻڌائيندڙ سهارا ۽ دلاسا ڏيندڙ وعدا ڪندڙ پيار، محبتون ۽ عزتون ڏيندڙ. دل چوي ٿي ٿ سڀني سوين هزارين دوستن جا خط اچن، ساٿن ڪچهريون ڪجن، حال احوال ڏجن ونجن، چرچا پوڳ ڪجن، ڏاڙا لڳا هٽجن، قرب محبتون ونڊجن، همٿون ڏيارجن ۽ ونجن، ڪئين رنگ ڪجن! پر مجبوري! دوستن کي منع ڪيل آهي، چو ٿ وچيان ڪٽڻيا ڪندا. پر منع هوندي بہ ڪي مست ملنگ، اڏيا ٽڙيا پيا لکن. طبيعت خوش ٿيو وڃي سندن قربن ۽ محبتن جي جذبن کي ڏسي. جواب ٿ ڏجي پر سي آئي ڊي رڳو ائڊريس نوٽ ڪري خط جي انتظار ۾ ويٺي هوندي ۽ پوسٽ مان ٻاهران ٻاهر چورائي ڪٽي ويندي!

۸۲- ۸- ۱۱

صبح اٺ ٻجا. رات آڏيءَ جو مينهن آيو. ڀڄي اندر ٽياسون. ڪجھ تيز ڪجھ ٽڙ ٽڙ پر ملڪ مڙيئي مٺائي آهي.

آئي مند ملهار آڻون کهنبا ڪنديس ڪپڙا.

ڪلھ چڪر پئي ڏنم ٿ اها سٽ ياد پيم. الائي ڪيئن! شايد يادگيريءَ جو آڻو مينڊ نظام هر وقت يادگيرين جي ٽجوڙيءَ مان عين گهرج مطابق ڪهڪندڙ يادون ڪڍيو ٻاهر ڪري. ڪلھ گلزار اسسٽنٽ آيو. سڻن خيالن جو آهي. چيائين مونکي ٽورو قانون پڙهائي هوشيار ڪر. ٽيون ڏينهن جيڪو جنم ٽيپ لفظ بابت مون ليڪچر ڏنو ۽ آئيني تشريحون ڪيم تنهن کان پوءِ شايد هن ۽ ڊپٽيءَ کي شڪ پيو آهي ٿ متان همراه برابر ڪو وڪيل ٻڪيل بہ هجي. جڏهن مون رٽ ڪئي هئي ۽ سپرنٽنڈنٽ سان قانوني تڪرار ٿيو هو تڏهن هي ايا هتي ڪونہ هو. ڊپٽي ٿ هاٿي آيو آهي. پلو ماٺهو آهي اڳئين جي پيٽ ۾. شريف ماٺهو ٿو ڏسجي. جيتري قدر هن ظلم جي مشنيريءَ جو ڪو اهم پروز شريف ٿي سگهي ٿو.

۸۲- ۸- ۱۲

هارين وارو قصو اڳيرو ٿيو ٿو ڏسجي. ڊائري نوٽبڪ ٽيڪ ٿيو. نئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرائڻو آهي. رات فلم ڏٺي سون "رنگيلا رتن". پهريون دفعو پروين بوبي ڏٺم. ڪپور ۽ اشوڪ ڪمار ڏٺا ڪوڙي، جيون وغيره هئا. ڪهاڻي بوگس هئي. مڙيئي ٽيم پاس. مطلب ته سارو دارومدار سڀن ايڪٽرن تي ناهي. ڪهاڻيءَ جي مرڪزي خيال جي اهميت ۽ دلچسپي، پلاٽ ۽ اسڪرپٽ تي آهي. اڳئين هنتي وارو سيٽ جنهن جي نالي جي خبر ڪانهي سو هن ۾ به هو پر هتي ڳالهه ٻي ۽ هُتي ٻي!

ميهوڳي آهي. رات به مينهن پيو ۽ ٽپڙ ڪٽڻا پيا. هڪڙو ملازم جهنگ ٻلي وانگر سڄو وقت اسان ۾ اکيون وجهيو وينو آهي ته چا تا ڪن، چا تا ڳالهائين! چئو ته ڪر وات ۾ ٽو پئيس! ڪلندو خوشامندون ڪندو قصا ٻڌائيندو پر ڪن ڪڙا! هڪڙو بيهودو اڳي ٻيو کو گهٽ آيو آهي.

معلوم ٿيو ته هائي جيڪر عظمت هائي جيڪنگ ۾ بدلن جا ٽپڙ ڪسي آيو آهي. کين سخت تنگ ڪري ٿو. هائي جيڪنگ جي الزام وارا هتي ۵۰ ڪن ٿيندا. منجهن هڪڙو بن ٽن فٽن جو قاضي آهي پنديءَ جو. کو وڏو آفيسر هو ڪنهن وقت. ٻيا به ڳڇ جيترا اسانجي حساب سان شاهوڪار گهرن جا آهن. هتي جو غريب اسان جو سفيد پوش. هتي جو سفيد پوش اسان جو دولتمند.

ڪلهه "م" جو ملتان وارو عيال جوٽس، ڏيءَ، پٽ، پيٽ ۽ پيٽويو (سئوٽ) آيا. "م" جي رويي ۾ انقلاب جي ڪري ۽ سندس طرفان زمانن ڪانپوءِ ڪين خط لکڻ ڪري بهار بهار هئا. "م" جي عمر ۴۰ سال آهي. سندس وڏو پٽ ناناڻن جي باغ مان ڪين مليل پتيءَ جي باغ مان انب ڪٽي آيو هو. هڪڙي پيتي سيرڙاڙ شوڪت کي ڏنائون، هڪڙي لانگاه کي. ٽين هتي آهي. "م" جي گهر واري (ملتانڻ) مون لاءِ ململ جو ڪڙتو به موڪليو آهي. پٽس هڪڙو وڏو شڪايتي خط به ڏيئي ويس. اڄ "م" غلطي مڃي ۽ معافي ورتائين. پاڪر پائيندي اکين ۾ لڙڪ اڇي ويس. مون چيس ته هاڻي شرح محمديءَ جا باقي رهيل به نڪاح به ڪري ڇڏ. پوءِ سرڪار پلي ڪيڙا به سال رکيو وينو هجي پاڻ بک کو نه مرنداسون. چار زالون هڪڙا مال پهچائيندیون ته پوءِ بک چا جي؟ ٽيون ڏينهن "ش" "م" جي هتي واري بيگم جو اهو خيال پيش ڪيو ته ملتانڻ کي طلاق ڏي! ڪراچيءَ مان ٽي آئي آهي. هاڻي سندس گهر ۾ نظربنديءَ لاءِ ڪوششون پئي ڪري؛ شايد هن وقت کي پنهنجي انهيءَ پراڻي مطالبي کي دهرائڻ لاءِ موزون وقت ٽي سمجهي. اڄ "م" کان پڇيم "هتي آئي توکي گهٽو وقت ٽيو آهي؟" چيائون "پوڻا به مهينا" مون پڇيو "پهرين ڏينهن ۽ اڄوڪي ڏينهن ۾ پنهنجي جسماني ۽ ذهني حالت ۽ مختلف مسئلن جي پوزيشن جي سلسلي ۾ ڪو فرق ڏسين ٿو؟" چيائين "انقلاب اڇي ويو آهي! آءُ ماٺهو ئي نئون جائو آهيان جڏ! صحت بهتر، ماحول بهتر، مسئلا گهٽبا وڃن، دماغ تازو ٿيندو وڃي. بس ڳالهه ئي نه پڇو!!" مون چيس "ان لاهين چاڑهين ۽ ورن وڪڻن واري اٽانگي ۽ لاڳاتار جدوجهد سان ۽ ان اڳواڻ رڪابنديءَ ۽ تياريءَ ۽ انهيءَ موجب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪمل ظابطي هيٺ صحيح لاڳيتي عمل ۽ سختيءَ سان پاڻ سموري عوام جي مسئلي کي به ايئن ڏاکي به ڏاکي حل ڪري سگھون ٿا جيئن تنھنجا مسئلا حل ٿي رھيا آھن. وقت به نسبتاً ٿورڙو لڳندو." چيائين "بلاشڪ!"

۱۳ -۸- ۸۲

اڄ ڪيترن ڏينھن کان پوءِ سج نڪتو آھي. پٽ اڄا پسيو پيو آھي. ھينئر ڪسنجر جي آتم ڪھاڻيءَ جو بنگلاديش جي آزاديءَ جي جدوجھد بابت باب پيو پڙھان. ڪيترين نيون ڳالھيون معلوم ٿيون. اصل ڳالھيون اھي ناھن جيڪي ھي ماڻھو بيان ڪن ٿا. پر اھي آھن جيڪي ڄاڻو ۽ سمجھو ماڻھو سندس چيل ۽ اڻ چيل ڳالھين مان انومان ذريعي معلوم ڪري سگھي ٿو. مغلوم ٿيو ته اھو معاملو آمريڪين لاءِ به عالمي اھميت جو معاملو ھو. يحيٰ کي ھنن احمق ۽ جاھل سمجھيو ٿي. پر پنھنجو چاڙتو ھو. ان ڪري سندس واسطي ساھ ٿي چڏيائون. آمريڪي وزارت خارجہ پارٽ جي موقف ڏانھن جھڪيل ھئي ۽ نڪسن ۽ ڪسنجر يحيٰ جي فوجي ٽولي ڏانھن.

۱۴ -۸- ۸۲

اڄ چوڏھين آگسٽ آھي. رات ننڊ دير سان آئي. ھندستان تان مرزا صاحبان جو نانڪ ڏڪوسين. عام طرح صاحبان کي بي وفا ڏيکاريو ويندو آھي. ھتي ڪيس بي قصور ۽ مظلوم ڪري ڏيکاريو ويو آھي. صاحبان جو جذباتي بحران مشرقي عورت جو ازلي مونجھارو آھي. مائٽ يا محبوب؟ عزت يا محبت؟ مائٽ به ڪھڙا؟ ھڪڙي طرف پاڻ خود جاگيرداري نظام جي زنجيرن ۾ جڪڙيل، اڻ جاڻ، جاھل، بي وس، مجبور بي رحميءَ جو شڪار ٿيل پاسي عورت جي، ڏيءَ يا پيٽ يا زال جي ٻي وسي، مجبوري ۽ سندس خواھشن ۽ سندس زندگيءَ کان قطعي بي پرواھ، بي رحم، ظالم، سفاڪ! ۽ محبوب وري ڪھڙو؟ مائٽن ڇڙوئي! پنھنجي پيري پنھنجي پيٽ ۽ ڏيءَ لاءِ ساڳيو بي رحم قاصائي. پنھنجي محبت ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ فراخ دل، روشن خيال ۽ مجبت جو پوجاري پر پنھنجي پيٽ ۽ ڏيءَ جي فائدي، سندس محبت ۽ زندگيءَ جي ڳالھ نڪرڻ تي ساڳيو تنگ نظر ۽ رجعت پرست، بي قياس! مائٽن وٽ عزت به ڪھڙي؟ بي زبان جانور واري گوليءَ ۽ غلام واري عزت! محبت به ڪھڙي؟ چئن ڏينھن جو چٽڪو! ڪم لٽو ڪاغذ ڦاڙو! ھراسيل، قرضي، بيزار بيزار ٽڪل ٽڪل، ھيسيل ھيسيل مڙس، زھر مان پريل سس سھرو نڻا نون ۽ ڏير، ڏيراڻيون، گلا خور ۽ سازشي پاڙي واڙيون، جسد، ساڻ، طعنا، مھڻا، ٻارن جي لوڏ، ريس، چڻا پيٽي، معيار وڌائڻ جون مجبوريون! تان جو آخر ھوءَ پنھنجي نيئن نس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھ پريل ظلم ۽ بي رحميءَ جو زهر ٻين ۾ اوتڻ شروع ڪري ٿي! هوءَ محبت، پيار ۽ زندگيءَ سان ٽمڙاز دل رکندڙ ۽ هر ڪنهن جي خير خواهي گهرندڙ معصوم انسان مان ڏاڪي ٻه ڏاڪي ٿري هڪ ساڙيلي، حاسد، بي رحم ۽ منحوس نٽان، ڏيراٽي، ننهن، پاڃائي بنجي پوي ٿي. پچاڙيءَ جو هوءَ هڪ سخت رجعت پرست، موت جي تاصد ۽ حساس سڪل سڙيل سس جي روپ ۾ ماٺهن کي ڊيڄارڻ لڳي ٿي. مجموعي طرح دنيا ۾ انسانن جو ڪو ٻه گروهه اڌ انسانيت يعني عورتن کان وڌيڪ مظلوم ڪونهي. جيڪو انقلاب عورت جي تقدير ۾ انقلاب ٿو آڻي اهو ڪوڙو انقلاب آهي. جيڪو انقلاب فقط حڪمران طبقن جي يا سفيد پوش طبقي جي عورتن تائين محدود آهي ۽ پورهيت عورتن تائين ڪهليل ناهي سو ٻه نالي جو انقلاب آهي. اهو فقط عورتن ۾ هڪڙو وڏيرو طبقو پيدا ڪري ٿو ۽ پورهيت عورت جي محروميءَ ۽ حسرت جي احساس ۾ واڌارو ڪري ٿو. اڪثر سوچيندو آهيان ته سنڌي عورت تي اسين جيڪو ظلم ۽ قهر ڪريون ٿا تنهن جي اسان کي ذاتي ۽ قومي طرح ڪيڏي نه ڳري قيمت ڏيڻي پوي ٿي ! ان جو اسان جي ذاتي ۽ قومي غلاميءَ ۾ ڪي ممڪن بنائڻ ۾ ڪيڏو نه بنيادي هٿ آهي!.

اسين خيرن سان مسلمان، ٻه آميون ۽ غيرتمند ٻه آهيون پر سنڌي عورت سان اسان جي جيڪا هلت آهي سا مسلمانيءَ سان ۽ غيرت سان مذاق نه آهي ته ٻيو ڇاآهي !. عيسائين ۾ ۽ هندن ۾ شادي هڪڙي آسماني شيءَ آهي . ڪٿلڪ عيسائي چون ٿا ته شاديون آسمان ۾ طئي ٿين ٿيون . ان ڪري طلاق نٿي ٿي سگهي. هندو ٻه ايئن ٿا چون. پر اسلام ۾ ائين ناهي. هتي ڳالهه ابتڙ آهي. اسلام ۽ شريعت محمديءَ ۾ مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ شادي ڪرڻ ٻين سودن ۽ واپارن وانگر هڪڙو سودو يا واپار آهي! ڪنهن کان سندس مرضيءَ جي خلاف ڪائنس زبردستيءَ کو وٺو ٻه ڪسڻ ڏر آهي جنهن جي سزا هٿ ۽ پوءِ پير ڪٽڻ آهي. سڄي دنيا جي قانون وانگر اسلام ۽ شريعت محمديءَ ۾ ٻه سودو رضا جو آهي، زبردستيءَ جو ڪار ناهي. شريعت موجب بالغ عورت رضا خوشيءَ سان پنهنجي جان مرد سان وڪڻي ٿي. مرد ڪيس ان جي قيمت يا عيوضو ڏئي ٿو. ان قيمت ۽ عيوضي کي حق مهر چئجي ٿو. ڪنهن ٻه ڏر جي راضپي ڪان سواءِ جيئن ٻيا سودا ٿيا ٿي سگهن ۽ جي ٽين ٿا ته رد ۽ باطل آهن ۽ قانون جي نظر ۾ انهن جو ڪوبه شرعي ۽ قانوني وجود ڪونهي تيئن شاديءَ جو سودو ٻه جي ٻنهي ڌرين جي ظاهر ظهور مرضيءَ سان آهي ته سودو آهي، نڪاح آهي، شادي آهي. جي نه ته سودو سودو ڪونهي. زبردستي ٽيل آهي، رڳو نالي ماتر آهي، رد ۽ باطل آهي، ان جو ڪو ٻه شرعي يا قانوني وجود ڪونهي. اهڙي نڪاح ۽ شاديءَ جا ٻه نتيجا نڪرن ٿا. بنا راضپي وارو نڪاح جيئن ته حقيقت ۾ ڪوبه نڪاح ڪونهي تنهن ڪري اهڙيءَ ڪوڙيءَ بي بنياد، رد ۽ باطل، غير شرعي "نڪاح" جي زور تي جيڪڏهن ڪوبه مرد ڪنهن عورت کي زال سمجهي ساڻس تعلق رکي ٿو پوءِ ٻلي ڪٽي ان عورت جي راضپي سان ائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو ۽ اهو غير عورت سان ناجائز تعلق آهي! اسلامي قانون ۽ شريعت محمديءَ موجب، ناراضپي جي شاديءَ وارو تعلق هر دفعي زنا آهي جنهن جي سزا هن دنيا ۾ سڳنسار ۽ هُن دنيا ۾ جهنم! زنا سبب پيدا ٿيل اولاد ناجائز آهي!! ٽڪريل ملان پلي ڪهڙا ۽ ڪٽي پلڻا سلڻا هٽن، تاويلون ڪن ۽ ڏوڙ ۾ ٽهيون ڏين پر ڪو ۽ سچو عالم دين ان سولي سڌي ۽ڪير ڏوتي قانوني۽ شرعي حقيقت کان انڪار نه ڪري سگهندو،حساب ٿو ٻڌون ٿو سنڌ ۾ گهٽو سيڪڙو نڪاح حقيتي نڪاح يعني رضاخوشيءَ جا نڪاح آهن ۽ ناراضپي يا زبردستيءَ جا ناهن؟ باقي جيڪي ٻيا آهن تن مان پيدا ٿيل اولاد شريعت جي نظر ۾ چا ٿيو ۽ خدا ۽ خدا جي رسول جي نظر ۾ چا ٿيو؟ هاڻي اچون غيرت تي. اسان جي ڏيءَ پيڙ يا زال جوڪو پلجي ۽ اولو سولو نالو ولي ٿو اسان غيرتمندن جون کهاڙيون اُپيون ٿي وڃن! جنم ٽيپون ۽ قاسپون قبول ڪري ۽ خون ٿي وڃن! پرجيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان وڏن پڻکن ۽ تکين کهاڙين وارن پائرن ۽ پينرن ۽ عزيزن اڳيان ناراضپي ۽ زوريءَ واري ڪوڙي "شاديءَ" جو ڊونگ رچائي اسان جي پيڙ، ڏيءَ، يا عزيز ناجائز ۽ غير شرعي تعلق لاءِ ولي وڃي ٿو اسين ڏند ڪڍيو ٻيڻا ڪلون! اسان جي غيرت کي ڏرو ۽ لوڏو ڪو نه ٿو اچي! مبارڪ سلامت جي ڏم لڳي پئي آهي! واهه ڙي غيرتي پيءُ! واهه ڙي نر پاءُ! واهه ڙي شير عزيز قريب !.

ٽين ڳالهه، ڪو ماڻهو ڪنهن کي پئسا، ڳڻون، زيور يا ڪو ٻيو عيوضو ڏيئي ان کان ان جي عيوضي ۾ زنا لاءِ ڪا عورت ولي ٿو اسين ان سڃي قصي کي چا چونداسين؟ جي کي ٻيا ماڻهو اهو سودو ناهين، ان بندوبست ۾ شريڪ ٽين ٿا انهن کي چا سڏبو؟ جيڪو ماڻهو اهڙيءَ ريت زنا لاءِ ڪا عورت ولي ٿو ٿان کي اسين فاحش يا رنڊي باز سڏيندا سون. عورت کي فاحشہ سڏيندا آهيون. عورت سپلائي ڪرڻ واري کي پڙوو سڏيندا سين. جيڪو عيوضو پڙوو ولي ٿو تنهن کي پاڙ سڏيندا سون. جيڪڏهن پڙوو عورت سپلائي ڪرڻ لاءِ موٽ ۾، پاڙ ۾، ٻي ڪا عورت ولي ٿو ان عورت جو ولڻ ٻ پاڙ ۾ شمار ڪندا سون.

هاڻي حساب ٻڌجي ٿو جي ڪو ناراضپي واري ڪوڙي ۽ جڙتو نڪاح جي آڙ ۾ پنهنجي پيڙ ۽ ڏيءَ ٻئي ڪنهن کي ناجائز تعلق لاءِ ڪڍي ڏئي ٿو ان کي چا چئجي؟ ان جي عيوض زقم، مال، ڪو سنگ يا ٻي ڪا بچت يا ڪو فائدو سڏو يا اڻ سڏو ولي ٿو ان کي پاڙ نه سڏجي ٿو چا سڏجي؟ ان سڃي ٻي غيرتيءَ جي قصي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن کي ۽ بندوبست ڪرڻ وارن کي چا سڏجي؟ چاچين ماچين کي؟ جڙتو ۽ ڪوڙي نڪاح وجهڻ واري ملان کي؟ مرد لاءِ شادي گهٽين اهم ۽ بنيادي ڳالهين مان هڪ آهي. پر عورت لاءِ زندگيءَ جي سڀ کان بنيادي ۽ اهم ترين ڳالهه آهي شادي. سندس قسمت جو سچو دارومدار ان تي آهي. ان ڳالهه ۾ ساٽس دوکو ۽ ظلم ٿئي ٿو. سندس زندگيءَ کي ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خسيس نفعن نقصانن ۽ سهڙلتن ۾ اڏيءَ تي چاڙهيو وڃي ٿو. ماڻهو جيئن ٻڪر يا گهيڙي کي کارائي پياري لنيننگ ٽپا ڏياري، هڪڙي ڏينهن کاتيءَ جي هڪڙي رهڙ سان کهي چڏيندا آهن تيئن ئي ڏيئن پيٽن کي سانديي نپائي سندن لاڏ ڪوڏ ڪٽي ڪين نندڙين نندڙين ڳالهين ۾ خوش ڪري، هڪڙي ڏينهن قاصائيءَ وانگر کات ڪٽي سندن زندگيءَ جي خوشين جو ڪنڌ ڪپيو چڏين! مجال آهي جو ڪو ڀياءُ پوي. ڪو قياس اچي! ڪو اهو خيال اچي ته هن کي ڪيڏي پيار سان پاليو ويو آهي، هن جي ٻين خوشين لاءِ، سندس جسماني زندگيءَ کي سلامت رکڻ لاءِ ڪيڏا ڪرڪوٽ ڪيا ويا آهن، هاڻي ڪيئن ٿو هن سڀ ڪان نازڪ ۽ سڀ کان وڏي حياتي ۽ موت جي ڳالهه ۾ ساڻس دوکو ڪجي! ڪيس جيئري ئي موت جي وات ۾ ڌڃي! ان مهل اسين ڪيئن نه، پيءَ ماءُ جي شفقت کي، پيار کي، محبت کي، وفاداريءَ کي، انساني حياءَ ۽ شرافت کي، غيرت کي، رحم۽ قياس کي اهڙو وساريو چڏيون ٿا جڏ اسان انهن جو نالو بہ ڪو نہ ٻڌو آهي! اسين ڪيئن نہ هڪدم، اوچتو ئي اوچتي جڏ ڪنهن ٻڌڻ جي ڏهائڻ سان پيءُ ماءُ مان ڦري انساني زندگيءَ جا واپاري، غلامن کي وڪڻڻ وارا، ٻانهن ۽ ڪنيزن جا سوداگر، عزتن جا نيلام ڪندڙ، وحشي ۽ جلاد ۽ قاصائي بنجي وڃون ٿا! پهلوان ۽ ڪوندر پاءُ،جن کي ڏٺي بک لهي، سي پنهنجي گمراهه، بي حس ۽ بي رحم ماءُ پيءُ ۽ ڳوٺ راڄ طرفان، پنهنجي پيٽن تي زبردستيءَ، غير شرعي، غير قانوني ۽ غير انساني نموني هڪڙي ڏاڙيئن مرد جو،جنهن کي سندن پيٽ جي ويجهي اچڻ جو ڪو بہ اخلاقي، شرعي، قانوني ۽ انساني حق ڪونهي، تنهن جو قبضو ڪرائيندي ڏسي، ڪيس سندس مرضيءَ خلاف ناجائز متصدن لاءِ ولجي ويندو ڏسي، اف بہ ٽڪا ڪن! ٻڙڪ بہ ٽڪا ٻولين! انلو ڪيترا ان ناجائز بد اخلاقيءَ واري ڏنڊي مان نفعا (پاڙا) ٿا ڪمائين، عيوضا ۽ سڳ ٿا حاصل ڪن ۽ ٻين سان گڏ بيهي هنبوچيون ٿا هڻن!

تنهن کان پوءِ نڊ پڻ جي شادي! پوڙهن مرضن سان شادي! ٻارن سان شادي! حق بخشائڻ! ٻن ٽن ٻارن کان پوءِ جواني ختم. باقي سموري زندگي مڙس جي ٻي شادي ڪرڻ جي خوف جو خنجر سيني ۾ ڪتل! ڪاريءَ- ڪاريءَ جي خوني رسم جي تلوار لٽڪندڙ!

اڳتي هلون.

ٻيءَ دنيا ۾ نياڻي اتارڻ جا سڀ رستا ڪليل. اسان لاءِ ڏري گهٽ سڀ بند. بس هڪڙو سوڙهو لوگهو آهي. هڏ ڪڏ ڇڄائي، پاڻ کي ماري ساڙي ٻاري، ان لوگهي مان لنگهڻو آهي! ٻيو گس ڪو بہ ڪونهي! ماڻهن کان پڇو ته چوندا، "پهوپيءَ جان آگري ۾ پرٽيل آهي، ماسي خيرن سان ٽنڊي آدم ۾ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ جي هاڻي شادي ٿي آهي پشاور، ٻيءَ جو مڱڻو هاڻ ٿيو آهي، لنڊن ۾ رهندڙ گهوٽ سان. ڇاپي لاهور جي آهي. ٻي ڪوئٽا جي آهي. امان حيدرآباد دکن جي آهي. بابا جن الهه آبادي آهن. وڏو ڀاءُ ڪلڪتي ۾ پرڏيل آهي. ننڍي جي ڪراچيءَ ۾ مڱڻي ٿي آهي." هندو پائرن ۾ ٻيون خرابيون ته ڪٿين اسان جهڙيون يا ڪي اسان کان گهٽ ته ڪي اسان کان بـ چـٽ آهن پر ان ڳالهه ۾ اهي بـ چـٽل آهن. شادي پري پري ٿيندي. جن سماجن ۾ ويجهي مائٽيءَ جي شرط جو ٽوڙهو ڪنڊ ۾ پيل ڪونهي انهن جو ٻار جهندي ٿي سڄي ملڪ جي مائٽيءَ جو وارث. هر ڏينهن ماهه هر موقعي تي ماٽس سان گڏجيو ناناڻين، ماسين، پٽين، چاچين جي گهر پيو ويندو. هونئن بـ هر هنڌ سندس گهر. هر هنڌ سندس مائٽي. هر شهر ۾، هر صوبي ۾ سندس حصو. ڳوٺ، ملڪ، شهر گهمندو. ننڍيءَ هوندي ڪانوني وسيع دنيا ڏسندو ڏهن وڌائيندو عقل ۽ تجربا پرائيندو. ٻيا ڏهه ٻار هو هڪڙي سيني جو استاد!

۽ آسان وٺ؟ "گهر ۾ ڪڏهجي ته ڪچرو ٻاهر ڇو اڇلائجي؟" نياڻيءَ جو ڪنڊ پڇڙو آهي هڪڙي ئي ذات، هڪڙي ئي ڳوٺ، هڪڙي ئي پاڙي ۾ بلڪ ٻاءُ يا پيٽ جي اولاد سان. نتيجو؟ اول ته خيرن سان هر جوڙي مان هڪڙو بـ يا ٽي ٻار يا ته پوڙا هوندا، يا لولا يا ڪنهن ٻئي خاندائي مرض ۾ مبتلا هوندا. وراثت جو قانون پڇڻجو اثر ڏيکارينڊو! ساڳئي بـ بنياد جون شيون پاڻ ۾ ٽڪرائجنديون ته بنيادي مرض، ٻيٽا چوٽا زوردار ٽي مارو ڪندا. ٻار ڪند فهم ۽ موڪا هوندا. سڄي ٻالپڻ هڪڙي ئي ڳوٺ ۾ ئي وڃائي ڇڏيندا . ڇا جا ٻيا ڳوٺ، شهر، بحر، سفر؟ بس هڪڙيءَ ڪتي واري ڇڏ ۾ ڇٽي اڌ عمر پوري ڪرڻي آهي. تنهن کان سواءِ ڏيراٽيون ويرياٽيون. نٽائن، پاڃائين جون ازلي دشمنيون. سندن اولاد پاڻ ۾ پرڏيو ته چوڪريءَ کان ماٽس جو سئيءَ سڳي سوڌو حساب ولبو. رومي حاڪم طبتا ماٺهن کي بکين شينهن جي پجري ۾ اڇلائي اهو تماشو ويهي ڏسندا هئا، ته شينهن ڪيئن تا ماٺهوءَ کي پڪڙي ڪرڻي ڪائين. اسين نياڻين کي پاڻ پيٽ جي اولاد سان پرڻائي جڏ ڪين بگهاڙين جي ولر جي وچ ۾ اڇلايو وجهون ۽ سڄي عمر بنا ٽڪيٽ خوني تماشو ڏسندا رهون تا.

پر جي ڪنهن وڏي انصاف سان شادي ناراضپي جي ناهيءَ ۽ خيرين صلحين راضپي جي آهي تربـ مڙس کي کهڙي مجال آهي جو ڏينهن ڏڻي جو پنهنجي نڪاح بڌيءَ زال سان کلي ڳالهائي سگهي؟ منهن مان سونڊ ڪڍي ماٺهن وانگر چرچو پوگ ڪري سگهي؟ قيامت نه اچي وڃي! هتان ماءُ ڏوڙندي، هتان پيٽ لامارو ڏينديا! آگريون کڄي ويندينو! سنسڻي ڦهلجي ويندي! چي "فلاڻو مجو! زال جو مريد! پاڙ جو تنبو! رن اڇيان ڏاڙهه ڪٽيو ڇو نچي" جي اچي ويئي زال کي ساڃي ته سس ۽ نٽائن جي زندگي زهر ڪري ڇڏيندي. ان ڪري اسين برباد گهرن ۾، برباد مائٽن جي گود ۾ اڪيون کوليون ٿا ۽ هڪڙي ئي ڳوٺ يا شهر جي اونداهي غار ۾ زندگيون پوريون ڪري وڃي قبرن پيڙا ٿيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا. اسين اهڙين مائرن جا اولاد ٿيون تا؛ اهڙين پيٽن جا پاڻ ٿيون تا ۽ اهڙين زالن جا مڙس ٿيون تا، جيڪي ڏليل ٿي جايون، ڏليل ٿي پرٽيون، ڏليل ٿي مائرون بنيون، موڙ ۾ ڏليل تر پاجايون، نٽانون ۽ سسون بٽيون. اسين اهڙن گهرن ۾ رهون تا جن ۾ ڇڻ ڏهڙ ۾ ٻڏل نانگڻين جي پاڻ ۾ خونريز لڙائي چالو آهي. اهي زهريليون ڦوڪون انسان جي بہ نس نس ۾ زهر پري ڇڏين ٿيون. ڪو انسان، ڪو گهر، خاندان، ڳوٺ يا قبيلو، ڪو ملڪ، ڪا قوم يا ڪا تحريڪ ۽ ڪو انقلاب ڪيتري قدر مهذب آهي، تنهنجي هڪڙي ڪسوٽي اها آهي تہ ان پنهنجي مظلوم ترين اڌ آبادي يعني عورت جي محرومي، توهين ۽ ذلت ڪي گهٽائڻ لاءِ چا ڪيو آهي.

۽ ڪنهن مرد جي غيرت جي هڪڙي بنيادي ڪسوٽي اها بہ آهي تہ هن پنهنجي جيجل ماءُ، پنهنجي پياري پيٽ ۽ پنهنجي محبوبہ ۽ پنهنجي لڇ جي، جنس جي وقار کي بچائڻ ۽ بلند ڪرڻ لاءِ چا ڪيو آهي؟ جت سڀ پنهل جا پائر، جنهن کي پنهنجي ماءُ پيٽ ۽ محبوبہ ۽ لڇ جي جنس، سندس عورتپڻي جو احترام ناهي، ان تي ٽيندڙ حملن تي ڪيس غيرت نہ ٿي ولي، سو ڪهڙو غير تمند پٽ، پاءُ يا محبوب يا مڙس؟ وڪيل اڇيان وڪيل جي طبقي جي، ڊاڪٽر اڇيان ڊاڪٽرن جي طبقي جي گلا تہ ڪري ڏسجي! سڀ چڙهي ويندا! پر جڏهن انسان جي مائرن پينرن محبوبائن ۽ زالن جي طبقي تي حملو ٿيو ٿئي، ڪين اڃا بہ وڌيڪ ڏليل ۽ قيد ڪرڻ جا منصوبا ٿا سڃڻ تڏهن اسين هيترا سارا ڪروڙين محبت ڪندڙ مڙس، پائر ۽ پٽ ڏند ڪيڏيو پيا ڪلون! تماشو پيا ڏسون! ٽيڪون پيا جهلايون! جيڪو مرد، عورت ذات جي ڳڏيل ۽ اجتماعي توهين ۽ تذليل ٽيندي برداشت ڪري ٿو سو ناخلف پٽ آهي، ڪمينو پاءُ آهي، نيچ محبت ڪندڙ آهي ۽ بي غيرت مڙس آهي. ان کي مردانگيءَ جي دعوا ڪرڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي!

۸۲-۸-۱۵

گندليءَ لکيو آهي: "پيارا بابا سائين شال خوش هجو. بابا ٽائيگر تہ خوش آهي. بابا تون تہ خوش آهين تو جيئل ۾ چا عيد ڪئي چا بابا هن خط جو جواب تکڙو ڏجي بابا هتي نيون اڇي ويون آهن مينهن پڄجي ويا آهن. اسين مينهن ۾ وهنجيا سين تنهنجي گندلي".

مسرت لکيو آهي: "پيارا بابا سائين شال خوش هجو بابا مون خط لکيو تنهنجو جواب نہ ملیو بابا ٽي نيون آيون آهن اسين نئي ۾ وهنجياسين پئي تہ مٽان ٽي نئي اڇي ويئي نئي توڙي ختم ٿي ويئي آهي. اڃا ننڍو پاڻي آهي ۽ هيو سڀ خير آهي. اسين ٺيڪ آهيون. امان وڏي سلام ڏنا آهن. بابا ڳوٺ ڏاڍا مزا لڳا پيا آهن. ڳوٺ ۾ بجلي اڇي وئي آهي بابا تون اچين وڃي ها تہ ڏاڍو مزو ٿئي ها. بابا تون حج جي عيد ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور اڇ بابا تون خوش آهين بابا اسين توکي ڏاڍو ياد ڪندا آهيون ۽ ٻيا ٻه گهر جا ياتي ياد ڪندا آهن بابا توهان کي سڀ ياد ڪندا آهن خط جو جواب ضروري ڏينداتنهنجي مسرت".

ٻڪيءَ لکيو آهي ":.....هيئار واقعي ڏنڊو موڙو آهي. ڇو ته موڪلن ۾ آڻون منيءَ وٽ هيس جو چاڪ ڪون هئي. مارڪن واريون منهنجي در تان رليو ويندیون هيون. هيئار ته ٿڙي ٻه ڪا نه پئي . وس جو نالو ئي ڪونهي. البت ڏينهن جهڙالا آهن. واسي ٻه ڪو نه وريا. ڳوٺ سڄو مالو آهي. ڪا ٻه گرمجوشي ڪانهي. مايون مون وانگر مارڪن لاءِ ٻاڙيون ويٺيون آهن.....عيد تي البت ڇهر ٽي هئي جر سڪن پٽن ۾ ٻڌي نيون آيون هيون. اتي حالي احوالي ٻه ٽيون سين ۽ ٽبي ٻه هئسين. ٻارن ۾ ٻه وڃي ساه پيو. تان جو پيءُ ٻه پرديس جهاڳي ٻڌي ڏينهن اڳ وريو آهي. مني ته رات ڏينهن رئيءَ ۾ آهي. گهٽي ئي ڏنڊا ڪولي چڏئين آهي. هينئر ڳوٺ آهي پر گهر ۾ ليندي ٻه ڪا نه. سڄو ڏينهن وٺ.ولان ۾ آهي. سندس عيال ٻه منهنجي ڳڇيءَ ۾ آهي. .....توکي الاهي سلام چيا آهن ۽ پارابو ٻه ڏنو آهيس ته ضرور ڏج نه ته خدا جي ڏوهياڻي ٽيندئين. سو آڻون پارابو ڏئين ٿي ته چئي ٿي ته:"ادا ري گناه کو پيو پرديس ۾ پنهنجا هڏ چمر ساڙئين؟ اچي پنهنجي ملڪ جو ٽڏڙو واءُ وٺ! پنهنجي پٽن تي اچي پير گهمائي! پنهنجي اباڻن ڪي منهن ڏيکار! کو ٿو پنهنجي جيجل کي وڏ پڻ ۾ ستائين؟ ننڍي هوندي قاسو فقير جي سنگن مان پاڻ کي چڏائي وئين. هيڙا هيڙيءَ جُوٽيٽن کي کوڙو ڪري وئين! پر هير کهڙيءَ ارڏيءَ ڏر جا سنگ لوئا آهن جو پاڻ کي چڏائي نه ٿو سگهين. هير کيرا جوٽيت تو کان زور ٽي ويا؟".....
.....ايندي رهندي آهي. الاهي تنهنجو پچندي آهي. چئي ٿي ته تکڙو اچي ته منهن ڏسانس.....

تازو آڻون ڏوکين امان سکان جي عيال وٽ مليو ويئي هيس. ساران ۽ ادل وارا ۽ زينا گل ۽ امان وارا پهرين ويا هئا. هينئر آڻون ٻه لامڙي ڏيئي آيس. ٻه ڏينهن هيس. باغ گهمياسين. مائيون ڪاڏيون سين. چاچا ڏاڙهون، الهڏنو ۽ مائي ڏاپان امان سکان جي ڏيءَ جو عيال سڀ گڏ مليو آهن. اتي ڏنڊو ڪن. امان سُکان جيڪو بيبل جو پٽ بچايو سانديو هو ان جو ماڻهين پير پٽ تي ٽٽي لڳو . منهنجي وڃ ڪري ايڏو خوش ٽيو جو جڏ خزانو مليو اٿس. ايرا سيرا اڇا اجرا گهر سادیون سوديون ملوڪ زالون ڏاڏو وٽيون. سندن يائٽ جو ڪاٽو ڪري ڪو ن ٽي سگهان. سندن يائٽ ۾ ڪا ٻه لالچ کو ٻه غرض کو نه هو. ڏاڏي متاثر ٽيس. تو کي الاهي سلام چيا اٿس.

..... جو پٽ تازو ڪراچيءَ مان پناهگير مائي جيڪا ويجهڙو ڊاڪٽر تي آهي ان سان پرٽيو آهي. مرد وڃن پرٽجندا. ڏيئرون وڃن وڏندیون . پنهنجي ڳوٺ ۾ بجلي آئي آهي پر پنهنجي منگراٽي جي پاڙي ۾ اڃا کو نه لڳي آهي. هينئر ماما ايريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهران رنگين ٿي وي ڏسي موٽي آهيان. بلقيس خانر گانو ڳايو ڏاڍو وڻيو.

ساون رت کي پون چلي
تم ياد آئي!

"وَس کو ن پيئي. باقي جهڙا لن ڏينهن مان ڏوُ کيا اٽئون.مني اڄ ننگر ويئي آهي" کلهڙ ضياءَ جي تقرير ۽ اڄ اندرا جو پاشن ٻڌوسين. سڄ جي کوڏئي ۽ سخن جي سڄي ضيا فرمايو ته "سال" ۾ نئون سياسي ڏانچو ڏيڻندس .رشوت خلاف فهم هلائيندس. هر کو رت جي بوتل ڏي."

ائين ٿي لڳو ته همراهه وٽ چوڻ لاءِ کجهه به کونهي. مشين آهي جنهن جو کنهن بٽن دبائي چڏيو آهي ۽ پيئي وڄي! اندرا به کا خاص ڳالهه کا نه کئي. مذهبي ڏکار خلاف دانهون کيائين. پر بوگس نه ٿي لڳي. محسوس ٿي ٿيو ته مائيءَ ۾ نکي کٽا مڙئي آهن.

رات پنجابي کلام ٻڌاسين. جلندر امر تسر ٿي ويءَ تان.

گهنڊ کيڏي پتڻ تي کهلو تئي ني!
پاڻيان نون آگ لگ جائيگي!

(پتڻ تي بيٺل لڏڻ!
گهونگهٽ کيڏي پڇهنجو منهن ڏکي چڏ!
چو ته تنهنجو منهن سڄ وانگر پيو ٻري.
درياءَ جي پاڻي کي باه لڳي ويندي!.)

خواجه فريد ۽ بابا بلي شاه جو کلام به ٻڌايائون. آخر انائونس ٿيو: "هاڻي پنجابي لوڪ گيت جي راڻي سريندڙ کور ٿي اچي".....باهيون ٻاري چڏيائون! ها سا سنگهه مستاني سان گڏ هڪڙي دوگاني ۾ ته تنگ ٿوري چڏيائين:-

مرد: بيريان دي جهنڊ وچون پڪاران
بيريان وچ آ گوري ئي.
عورت: ني مين کيڏي بهاني آنوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيڙيان ڇون ٻير مڪ ڳئي!
مرد: ٻيرن جي جهڳڙي وچان پيو تو کي سڏ ڪريان!
سدا ملوڪ سهڻي. ٻيرين ۾ اچي مل!
عورت: هاءُ! آئون کهڙي ٻهاني اچان؟.
ٻيرين مان ٻير خلاص ٿي ويا!

ٻڌڻ وارا البت اهڙا ٻاڌوق ٿي ڏٺا. تاڙيون ۽ چڱيءَ طرح ٽهي وڄائي سگهيا. سانجهيءَ فلم آهي. شادي ۽ اڄ ڪان روز ڏيڊ ڪلاڪ دهليءَ تان سڌي برادڪاسٽ اينديءَ. ڏسون ٿا رڳو بڪبڪ آهي يا ان ۾ ڪو افعال ٻه آهي.

اڄ ڪلاڪ اڌ بارش پيئي آهي. هاڻي بند ٿي ويئي آهي. امير کي آزاد ٽهئي هفتو ٿي ويو آهي. ان کان اڳ رفيق آزاد ٿي ويو. ٻئي موڪلائڻ آيا. هاڻي محترم بشير جو وارو آهي. ٻهاول نگر جو آهي. فوجي. طارق بڌو اٽم پوليس ۾ پيرتي ٿيو آهي. مڪينڪ پرتي ٿيو هوندو. شاڪر شاهه ڊڙا نڪاءَ پيو هڻي. جنهن وزير وڻ ڏيونيءَ تي هو ان جو خير خواه بڻيو ان جي گهر جا قصا پيو ٻڌائي ۽ سندس ڪارو منهن پيو ڪري. وزير "م" جو دوست آهي. "م" دل ۾ سڙي پيو ته هي "وفادار" ملازم ڪيئن نه وفاداريءَ جو حق پيو ادا ڪري! منهنجي گهر جو ٻه ساڳيو حال ڪندو!

۱۶- ۸- ۸۲

رات فلم "شادي" هئي، ايڪٽرسنا هئا پر سواءِ اوم پرڪاش ۽ بلراج ساهنيءَ جي ٻين سائره بانو (مسز دليپ) ۽ منوج ڪمار جي ادڪاريءَ ۾ افعال ڪو نه هو. پراڻي فلم هئي. انهن ڏينهن ايڏا سيڪڙا نٿا هئا. جاگيرداري سماج ته آهي ئي. هڪڙو غنده گردي ۽ ڏاڏاگيريءَ جو سماج. ان ۾ عورت جي حالت سيني کي معلوم آهي. مگر هندو سماج ۾ سرمائيداري سماج جا سمجهو ماڻهو عورت جي ۽ عورت جي ڪري عورت جي مائٽن جي جيڪا ذلت ڪن تا سا مون کان ڏٺي نه ٿيندي آهي! جڏهن ٻه ڪنهن عورت کي ڪٽيءَ وانگر مرد جا پير چٽيندو ڏسندو آهيان ۽ ٻي سبب خوشامند طور مرد جي شان ۾ قصيدا ڳائيندي ڏسندو آهيان يا نياڻيءَ پيءَ يا پاڻ کي گهوٽ پيءُ جي پيرن ۾ ليٽڻ ڏسندو آهيان ته دل چوندي آهي ته لاهي پادر ان ذليل مڙس ۽ ان گهوٽ پيءُ کي اڇي ولجي ۽ ٻڌي سونٽيون چوڪريءَ جي مائٽن کي ٻه وهائي ڪڍجن ته چو تا نياڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هيئن ڏيل ڪريو! ٿن فلم ۾ عورت ڪي انتهائي مجبور ۽ ڏيل ڪري ڏيکاريل آهي. اسان جو مسلمان سماج جابر ۽ جاهل جاگيردار سماج آهي جنهن ۾ عورت گولي بانهي آهي. پر واهه ڙي سرمائيدار هندو سماج تنهنجا ڪرتوت! اڄ ڏهاڙي تان نشر ٿيل آل انڊيا پروگرام شروع ٿيو. ڏيڊ ڪلاڪ جو هو. هندي ۽ انگريزي ۾ خبرون هيون. اناؤنسر سادا سودا هئا. نٽ لانگر ۾ هتي وارن کان گهٽو گهٽ هئا.

انگريزي اچار ۾ اهڙا خاص ڪو نه هئا. رهيل ڪڙي ڪلاڪ ۾ هندستاني زندگي جون ثقافتي جهلڪيون ڏيکاريائون. ڪشمير جا منظر ڏيکاريائون. ڪشمير بابت فارسي شعر غلط پڙهيائون. منظر بي مثال هئا. فوٽو گرافي نهايت خوبصورت هئي. مدراس جي ناچ ۽ گاني جي ڪاليج جي آخري سال جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ڊرل ڏيکاريائون جيڪا ڊرل ۾ هئي تہ هڪڙو زبردست ناچ پڻ! مني پوري ميزو رام ۽ اوڙيسا جا ناچ ڏيکاريائون. لکنو جي "پهلي آپ پهلي آپ" ۽ لنڊي خوشامد جو خاڪو ڏيکاريائون. ڪنهل نواب ٿو چور کي چوي "جناب آپ ني کهڙا" کي شي آني کي زحمت ڪيون فرمائي؟ پيغام بهجواتي جو ڪ تجوري ۾ هي طشتري پر سجاکي دولت خانيءَ بهجواديتي!" چور ٿو چوي "بس نواب صاحب چوريءَ ڏاڪ خدا نخواسته ڪوئي پيشا نهين، خاندائي شوق هي! دادا حضور رات ڪا ڪانا تناول فرمائي کي بعد جب سير ڪو نڪلتي ٿي تو ڪانا هضم ڪرني کي لئي دو چار ڏاڪي مار ديتي ٿي!" اجهير ۽ پشکر جو ميلو ڏيکاريائون. اُٺ تر جي سدا ملوک مومڻن ۽ جون نهايت خوبصورت مرڪون. وڏي ڳالهه الغوزو! مون پانيو ڪنهن سنڌ جي فنڪشن ۾ خميسو خان الغوزو پيو وڄائي. مخصوص راجستاني ٽڪا. سهڻا شهزادا اولي. ايشيائي راندين جو تفصيلي احوال. پنجاب ۾ پوک. حيدرآباد دکن ۾ پٿر تي اکريل شهڪار تصوير اتارڻ جي فن جون جهلڪيون. شروعات ۾ ٽيگور جو نغمو ڪلڪتي جي بنگالي فنڪار جو ڳايل. آخر ۾ اقبال جو "ساري جهان سي اچا هندستان همارا". هن پروگرام ڏسڻ وارو زبان سان چئي، نہ چئي دل ۾ ضرور سوچيندو تہ ٻئاڪ شڪ پنهنجي جاءِ تي پر هندستان ۾ گهڻ ڪونهي. اجگر ديو جيڏو ملڪ آهي. مڙهي آهي تہ چون تہ تہ پاڪستان جي قومي تهذيب، اردو ڳالهائيندڙن واري تهذيب آهي. اها تهذيب يوپي جي شهرن جي مسلمان جاگيردار طبقي جي تهذيب آهي. جي اها ڳالهه صحيح آهي تہ پاڪستاني تهذيب تہ هندستان جي فقط هڪڙي صوبي جي ۽ هڪڙي حصي جي تهذيب وڃي ٻيهندي! قومي ثقافتي ڏيوالي جو ان کان وڌيڪ صاف اعلان ٻيو ڪهڙو ٿيندو. ڊاڪٽر طرفان ڏنل فروٽ جيڪو پوءِ بد معاشي ڪري بند ڪرائي ڇڏيائون سو اڄ وري چالو ٿيو. انگورآيا. مون سپرنٽنڈنٽ کي خط لکيو هو تنهن ۾ اهو اشارو ڪيو هوم تہ خريداري ڪرڻ وارو بدمعاشي ٿو ڪري ۽ روڊي سامان ٿو ڏي.

اڄ ۽ ادبي متالي تي ڪمينٽ ڪجهه ڪلهه ۽ ڪيو هوم پر رڳو پڙهڻ جو. اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکڻ ۾ شروع ڪيم. اڻين ٿو لڳي ته منهنجي صحت اڳي کان بهتر ٿي رهي آهي. دماغ چيو ڪري ٿو ۽ شايد هاڻي رهيل ڪم ڪڇه نه ڪجهه حد تائين پورا ڪري سگهجن. ارادو آهي پهرين سيپٽمبر کان اڳ هي مقالو لکي تيار ڪرڻ جو. هاڻ ڏسجي.

۱۷- ۸- ۸۲

صبح جا ۴. جهڙ، ٽڏي هير. اڌ ڪلاڪ اڳ اڻي هٿ منهن ڌوئي برش هڻي هينئر اچي ويٺو آهيان. اجهو چانهه اچي ويئي ڊبل روٽيءَ سميت. رات نشيمن ڏلوسين. خاص ناهي پر مڙئي ٺاهيم پاس آهي. ڏهليءَ کان رات هڪڙي مها ڳائٽي مدراسڻ جو ڳائڻ ٻڌوسين. جوڙي هئي. سازندن ۾ سارنگي هڪڙي سنهڙيءَ چگي موچاري شڪل واري جوانڙيءَ پئي وڄائي ۽ خوب پئي وڄائين. اسان لاءِ ڊهي ۾ ڏکريون. اڻين جيئن مائي پاڳيءَ ۽ جمن جو ڪلام بنگالين کي ويهي ٻڌائجي. چوندا "الائي ڪهڙا بچڙا رانڀاڙ پيا ڪن!" پر "م" کي چيم: "ٻڌنداسين! هر شيءَ پهرين اوپري، اڻ وٽندڙ ۽ واهيات لڳندي آهي. اسان سنڌين لاءِ ته ڳوٺ کان ٻاهر ڌارين ولايت شروع ٿيو وڃي. کاڻ شيءَ ياکوڻ مزو حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين اوپرائي اڻ وٽت ۽ بوريت برداشت ڪرڻي آهي." ٻڌوسين، ڪجهه دير کان پوءِ زبان جي ڌاريائي، اچارن جي ڪرختگي (سنڌي وري ٻين لاءِ ڪرخت هوندي!) برداشت ڪري وياسين ۽ راڳ مزو ڏيڻ شروع ڪيو. راڳ ته الائي ڪهڙو هو پر سارنگ جي ٻه لغار هيس. مزو ڏنائين. مون سموري زندگي اوپرائيءَ جي احساس خلاف جنگ ڪئي آهي ۽ اوپرا ڪم ڪيا آهن. اوپريون هوليون پڙهڻ، اوپرن ملکن جا ناول پڙهڻ، اوپرين هولين جا ترجما ڪرڻ، اوپرن ماڻهن سان ڳالهائڻ، اوپرن اڻ وٽندڙ ۽ ڊيجاريندڙ خيالن کي ٻڌڻ ۽ ويچار هيٺ آڻڻ، نه سوچڻ جهڙيون ڳالهيون سوچڻ، نه لهڻ جهڙا خواب ڏسڻ، اوپريون منزلون، اوپرا گس، اوپرا ساڻي، اوپرا وسيلا. جي سڀ آهستي آهستي، ڏرو ڏرو ڪري جاتل سجاتل ۽ پنهنجا ٿي ويا!

پندرهن سالن جي عمر ۾ مون هڪڙي اوپري هوليءَ ۾ ناول پڙهڻ شروع ڪيو. شام جو شروع ٿيس ڊڪشنريءَ جي مدد سان. آڏيون ٽي ويون. مون اڃا پهرين پٽرا پڙهي پوري ڪا نه ڪئي هئي! اڄ به مونکي اهو پهريون ناول ياد آهي: ائنٽوني ٽرولوپ جو ناول "ٽي ڪلارڪ". پوءِ مون ان جون سڀ جون سڀون ياد ڪري ڇڏيون. سال اندر مون سنڌ مدرسته الاسلام جي لائبريريءَ ۾ رکيل سموريا ناول چٽ ڪري ڇڏيا. اڄ جي حساب سان آڻون ان وقت نائين ڪلاس ۾ هوس. راتو ڪو هندوستاني پروگرام مڙئي هوائي هو. پاڪستان ٿي ته اڻين خير ۽ برڪت هئي. ها سچي! جلندر تان اردو مشاعرو ٻڌوسين. هڪڙو همراه شاعرن واري مائيڪ جي ٻنهه پرسان ويٺو هو. ڪارو بدن ۾ پريل، اڌ وهي. اکيون هر شاعر ۾ ڪتل هئس. هر ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي داد ڏيندي. ائين ٿي لڳو جڻ شعر ٻڌي وس ڪان ٻي وس ٿي ويو آهي. "م" ڪي چيم "يار ڪي ڏس! ڪير هن ڪان بچندو؟ اهي آهن پيشہ ور ۽ ڪاريگر داد ڏيندڙ حضرت! اهڙو داد ڏيندا جو ماٿهو پائيندو ٻڌي گهر وڪڻي ٻہ هن مڙس جو احسان لاهيان! اهو هڪڙو ڪونهي. پوري ڪروڙ جي قوم آهي! ماڪيءَ ڪان ٻڌا. برف ڪان ٿڌا. سئو سالن جي پوڙهي مرد ۾ چوڏهن سالن جي سهٽي نينگريءَ ڪان ٻہ وڌيڪ دل فريبيون قرب ۽ ڪششون! پچاڙيءَ جو ٽنگن تان سٽڻ ٻہ چڪي لاهي ولندا! ڏندو جو ٿيو. ٻين قومن ۾ اهو ڪم چند آوارہ عورتون ڪنديون آهن. هيءَ سڄي قوم انهيءَ ڏندي تي آهي. هاڻ ٻڌائي پنهنجو بچڻ ڪٿان ٿو ٿئي"؟ ۽ فقط هڪڙو شاعر واقعي شاعر هو. روايتي بي مقصد شاعر پر وري ٻہ شاعر ٻيا تہ چٽيون هٿا سڪٽيون.

سياڻي سئي لڳندي. اڄ ئي چوائي موڪليان. هيرولڊ رابنس پيو پڙهان. گهٽا سال اڳ سندس هڪ ٻہ ڪتاب پڙهيم. پوءِ وري ڪو نہ ڏٺو اٿم. "م" اڄ ٺيڪ ڪونهي. آءٌ ٺيڪ آهيان. اڄ ڪم ڪرڻو آهي. خدا ڪري واڪ ٿئي. پانيان ٿو ٽيندو.

ڪيسي آڻون جمنا سي تير
پاون پڑي زنجير، هائي شاما!

اتي چڪر لاءِ ويس پئي تہ لتا پيرن ۾ زنجير وجهي چڏي! لاچار وهي ڪجهہ گانا ٻڌڻا پيا. ڪلهہ ٻڌوسين تہ هاءِ جيڪر(عظمت) پنجين نمبر بلاڪ ۾ (هائي جيڪنگ ڪرڻ وارن جي واڌن چاڪنن ڪي سلهاڙي، هائي جيڪرن جو ٽپو هڻي بلاڪ ۾ بند ڪيو ويو آهي) تلاشين جي باهہ ٻاري ڏني آهي. اڃڻ وڃڻ وارن قيدين جون ٻہ تلاشيون پيون ولجن. اسان جي ٻہ ڪنهن ٻہ وقت تلاشي ٿيڻ سگهي ٿي. هيترو سمورو وقت خير سان گذري ويو آهي. پاڙيائيءَ تي سندرو ٻڌن تہ سڄو اسان وارو گهر ٻهاري ڪٽي وڃي سگهن ٿا. اسان پارن جي ڪهڙي شيءَ حاڪم طبقن جي قانون ڪي پسند ايندي؟

۸۲-۸-۱۸

صبح. رات آڏيءَ رات جو سخت سيءُ ٿيم. هڪدم اندر آيس. وڻامن اي ڊي جي گوري ورتم. ڪاڏم. ٻہ ڪمبل مٿان وڌم تڏهن ننڊ آئي. صبح جو اٺيس تہ ٺيڪ هوس. ناشتو ڪيو اٿم. پراٺا گانا ختم ٿيا آهن. اڄ سالن ڪان پوءِ "گهر آيا ميرا پرديسي" جا بول ٻڌاسون پر ٻڌي ٻڌائي ڪٽي ٻند ڪيائون. الائي ڇو؟ متاثر ٿيڻ جي عمر ٻالپڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواني آهي. هر ماڻهو انهن دورن جي ڳالهين کي گهڻو ياد رکي ۽ اهميت ڏي ٿو خاص ڪري ٻالپڻ جي ڳالهين کي. مون ڏٺو آهي ته مون کي جيڪي پراڻا گانا، اداڪار ۽ فلمون بيحد وٺيون تن مان کي بلڪل مٽمولي هئا. هينئر شايد ماڻهن جو پهريون دفعو انهن سان واسطو پوي ته جيڪر ماڻهو انهن کي ڪا به اهميت ئي نه ڏي، پر اصل اهميت رڳو شئ جي نه هوندي آهي، ماحول ۽ زماني جي به هوندي آهي. رات لاهور ٽي وي ۽ تان هڪڙو ڊراما ٻني ۽ بابت ڏٺوسين، بور هو. ٻيو جلندر تان ڏٺوسين. "سانولي" سلسو آهي. بس ٺيڪ آهي. دهلي ۽ جي سنڌي نشريات ۾ گهڻو وقت ايشائي ڪيلن جي دهلي ۽ ٽيڊ بابت ڪيل تيارين جو احوال هو. چيائون ٽي ته اهي راندين پهرين پهرين دهلي ۽ ۾ شروع ٿيون هيون ۱۹۵۲ع. هاڻي ۳۰ سالن کان پوءِ دهلي ۽ ۾ ٽي رهيون هيون. هاڻي افرو ايشيائي راندين به شروع ٿيڊ واريون آهن. هندوستان جي مرضي آهي ته انهن جو مهورت به دهلي ۽ ۾ ٿئي. ڄڻهن سڪ سردار اهي خبرون پئي ٻڌايون سو ايشيائي راندين جي انتظامن جو انچارج هو. معلوم ٿو ٿئي ته دهلي ۽ جي حڪومت جي انتظام تي سڪ ڪافي قبضو ڪيو ويٺا آهن. سڪ اسان وارن پشتون پائرن وانگر ٽا ڏسجن. صدر به ٽين (ايوب، ذيل سنگهه) جنرل به ٽين، پختونستان ۽ خالصتان جون تحريڪون به هلائين، گهوڙا گهوڙڻا ٻُڌي چالو ته "اسان سان نسورو ويل" ۽ سڄي ملڪ تي قبضو ٻا! سردار صاحب انگريزي پڙهيو هو شايد. ڪيترن پئي ڏٺائين. دهلي ۽ تان رات غزلن جو پروگرام ڏٺائون. پاڪستاني شاعرن ناصر ڪاظمي ۽ فراز جي غزلن جو. غزل ٺيڪ هئا پر اصل شي ۽ هو ڳائڻ وارو خالد سليم. ٽيهارو سالن جو هڪڙو نهايت قداور ۽ خوبصورت مرد هو. بيحد سهڻي انداز ۾ ٽي ڳايائين. پر اسان جي ٽي وي ۽ تي ڪنهن ٽيلن جون اکيون ان محترم ۾ ڪتل هيون جنهن ڪيپيرنگ پئي ڪئي. مسئلو رڳو سونهن جو ڪونه هو . حالانڪ اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل هو ته محترم ۽ خالد مان وڌيڪ سهڻو ڪير. پر محترم جو انداز عام ڪمپيرن کان بلڪل نرالو هو. هتان وارين وانگر بلڪ هن ملڪ جي سموري حڪمران طبقي وانگر رڳو لفاظي، بيهودي ادڪاري ۽ رانيائڻ کي نه هڻا پر ائين ٽي لڳو جڻ ماڻهو گهر ۾ وينو آهي ۽ هو ۽ به گهر جي ياتياڻي آهي، خالد به وچ وچ ۾ ڪو هڪ اڌ اکر، ڪا نگاه (تنهن ۾ به وڏاءُ، هلڪڙائي نه) ڪنهن ڪنهن مهل "واه" ٽي ڪئي. انسان واري فني، سياسي ۽ ٻئي قسم جي اظهار جي موجوده طريقي جو نچوڙ جيڪڏهن هڪڙي اکر ۾ بيان ڪرڻو هجي ته ان لاءِ انگريزي اکر لائو استعمال ڪجي. انگريزي ۽ ۾ اهو تمام معنيٰ خيز ۽ گهڻ ذات جو اکر آهي.

تنهن کان سواءِ ڪلهه جلندر تان ٻارن جا ٻه رقص به ڏيکاريائون. هڪڙا ٻار هئا "نيلم ڪلامندر" نوان شهر جا. ٻيا جلندر جي سڪرڊ هارٽ (مقدس دل) اسڪول جا. جلندر وارن ٻارن تامل نادو ۽ جي صوبي جو ناچ ڏيکاريو. ان سان گڏ ڳايائون به ٻئي. ڏونڪن جو ناچ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪريون ستن الن سالن جون هيون. ناچ تمام پيچيدا ۽ خوبصورت هئا. پل پل ۾ نچندڙن پنهنجي پوزيشن بدلائي پئي ڇڏ فوجي پريڊ جا ڪرتب هجن. پر وڏي شيءَ هئي هنن جي معصوميت، ڏيمو ۽ مائو انداز هنر ۽ ڪمال. ڏسجي ٿو ته هندوستان جي تعلقي ليول جي شهرن ۾ به مذهبي ادارن طرفان توڙي سرڪار طرفان راڳ ۽ ناچ جا اسڪول هلن ٿا. ڏکڻ (دراوڙ) هندوستان ته خير راڳ ۽ ناچ جو سمنڊ آهي. انهن جو دين ايمان راڳ ۽ ناچ آهي. جلندر جي بارن جي پروگرام ۾ ڇڙوڇڙ هار نه ايندا آهن ڇيئن اسان وٽ آهي. اتي دستور آهي ته هر پيري ڪو نئون اسڪول پنهنجا هار تيار ڪري موڪليندو آهي. ان ڪري بارن جو پروگرام درحقيقت وڏن جون اکيون کولي ڇڏيندو آهي. پنڇن ستن سالن جا هار ستار وڃائيندا ته پي اختيار سبحان الله نڪري ويندي! ناچ ڏسجو ته ڇڪبو ته وڏي ڇي ڪهڙي مجال آهي جو هڙو ناچ ڪري سگهن. هونئن چرچن، بيتن ۽ خاص ڪري خود ڪلامي ۾ ته هنن جو جواب ڪونهي! هنن جي ڪمپيئر جو انداز اسان وارن کان مختلف آهي. هتي اسان وٽ بارن تي وڌا چڙهيا ويندا. کين نڙيءَ مان اکر ڪڍڻ کو نه ڏيندا. ڇڪ هو هتي به اسڪول ۾ ويندا آهن. هتي جو ماحول ٻيو هوندو آهي. هندوستانين ۾ هڪڙي قدرتي نرمائي ۽ ميناڪ آهي. اسان وٽ هڪڙي قدرتي جاگيرداري ڪرختگي ۽ اڪڙائي آهي. ثقافتي سپياڻ جو اهو بنيادي فرق هتي جي فن کي عام طرح انهن بلنديءَ تي رسڻ نه ٿو ڏي جن تي هو پهتل آهن. باقي جو ريڊيو ٽي وي سرڪاري ملن جا حجرا بنيا پيا آهن سو لاهور ۾ ته بڏو اٽڪون ته ماٺهون پنهنجيون ٽيوبون کولينداڻي جلندر واري چينل تي آهن. نه ته بند جو بند!

لاهور تان شوگن (Shogun) انگريزي فلم جي چوٽين قسط ڏيکاريائون، اڄي آڏي ابتي هڪ اڌ قسط ڏٺي هيم. پوري قسط هيءَ ڏٺم. هن فلم ۾ خصوصيت هيءَ هئي جو هيءَ فلم انگريزي آهي. پر آهي هڪڙي غير انگريز غير يورپي، ايشيائي ملڪ جپان بابت ۽ اتي فلمايل. ڪردارن جي وڏي اڪثريت جپاني آهي جي سڄو وقت رڳو جاپاني ڳالهائين ٿا. هڪڙي جاپاني چوڪري جاپاني لهجي واري انگريزيءَ ۾ ترجما ڪري ٿي. گويا فلم بنيادي طور جپاني آهي ۽ ثانوي طور انگريزي. ان ڪري جاپان بابت ايتري معلومات حاصل ٿئي ٿي جو هونئن ناممڪن آهي. هيءَ هڪڙي اهڙي انگريزي فلم وانگر آهي جيڪا پاڪستان ۾ فلمائي وئي هجي، ان ۾ جا گهٽا ڪردار پاڪستاني محمد علي، زيبا، نديم وغيره هجن جي سڀ اڙدو ڳالهائين ۽ ڪا پنجابي چوڪري پنجابي لهجي واري انگريزيءَ ۾ ڪنهن هڪڙي سچي پچي انگريز ڪردار کي انهن جي ڳالهه جا ڪجهه حصا ترجمو ڪري ٻڌائي.

فلم مان خبر پئي ٿي ته جپاني توڙ ڪان ولي هڪڙي غير معمولي قوم آهن! اهڙي غيرمعمولي به نه جو سچي دنيا ۾ هن جهڙو ڪو ٻيو نه هجي.. ته به چڱي موچاري غير معمولي. سندس جاگيردار حاڪم طبقو ڪافي طاقتور پئي رهيو آهي. مون جپان جي تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت هڪ اڌ ڪتاب پڙهيو آهي. جپان جي بي عظيم جنگ ۾ هار جي پوئين ڏينهن بابت هڪ حيرت انگيز ڪتاب The last days پڙهيم. (محمد حنيف قريشيءَ کي ڏنم. وري ولڻ وسري ويو) پڻ جپان جي لڙاين بابت ڪتاب پڙهيا اتم. بن لڙاين جا احوال تفصيل سان ڏنل هئا. هڪڙو جنرل مئڪ آرٿر فلپائين بابت ڏنو آهي بيو مڊوي بيٽن وٽ زبردست بحري لڙائي بابت هو. جنگ کان اڳ تائين ٽوڪيو ۾ آمريڪي سفير پنهنجي روزمره جي سارتي ڊائري Eight years in Japan لکي آهي سا پڙهيم. تنهن کان سواءِ چوڏهين صديءَ جي جپان بابت هڪ اچرج ۾ وجهندڙ ناول پڙهيم The Lord of the fan. جپاني ادب بابت به ڪجهه پڙهيم. پر هوائي نموني. هينئر اسان جي سنڌ باد سيلاني الطاف شيخ جپان بابت ڪتابڙو لکيو آهي. مزيدار ۽ ڪارائتو آهي. وڌيڪ مزيدار ڳالهه اها آهي جو بدنام گهر جا گلو سنڌي جپان جهڙن ملڪن بابت ڪتاب لکن. جپاني پاڻ ٻين جون چٽيون جاڳن! تن کان گوءَ ڪٽي تي!

۱۹- ۸- ۸۲

صبح رات ڏير سان ستاسون. صبح جو سويل اٽيس. رفيق ملازم ڇهين بجي تائين ڊيوٽيءَ تي هو "ڪوٽ موتعي" گشت تي. اندر جهاتي پاتائين. مون سڏايس. کائنس پلي شاه،شاه حسين جو چوند ڪلام جنهن نوٽ بڪ تي لکيو هوم تنهن بابت پڇيم ۽ حال احوال ورتم. هيئر "م" سان وري به قلعي بابت ڪجهري تي آهي. کي وسريل ڳالهيون ياد آيس. مون چيو "ڏين کان ڏورن ۽ ظالمن کي هڪڙي زره پاتل آهي. اها آهي ڏريلن ماريلن جي ماڻ جي زره،عوام جيءَ مجموعي بي خبريءَ جي زره،جيڪو ڏرجي مارجي ٿو سو ٻين تي ٿيل ڏرمار کان چڱيءَ طرح واقف ناهي. تنهن ڪري اها ڏرمار ان تي وچ ٿيو ڪڙڪيو پئي. جي هو ان ڳالهه کان اڳواٽ باخبر هجي ها ته آءٌ اڪيلو ڪو نه آهيان. اها حالت ٻين ڪيترن سان به ٿي آهي،انهن مان ڪيترن ان جو همت سان مقابلو به ڪيو آهي ۽ ظالمن کي مڪمل ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام بنايو اٽن. ماڻهو اهڙن حملن ۾ زخمي ضرور ٿيا آهن پر منجهائن کي ڪنڌ اوچا جهلي سرخرو ٿي پار پڄي ويا آهن" ته جيڪر هو رڳو پاڻ کي ئي اڪيلو مظلوم، ذليل ڪيل، بدنصيب ۽ خوار خراب هر گز نه سمجهي ها. جيڪڏهن ماڻهو سمجهي وڃن ته اسان جو ڏڪ، اسانجي محرومي، اسانجي ذلت ۽ اسانجي شڪست الڳ ڪاتي نه پر گڏيل آهن ته، جيڪر هي دنيا ئي بدلجي وڃي. ڪنهن کي پوليس ناجائز تنگ ڪري ٿي، ان جا ٻار تاٽي تي گهرائي ٿي، کائنس چٽي پرائي ٿي، کيس ذليل ڪري ٿي، ڪنهن جي چوري ٿئي ٿي، ڪنهنکي غنڊا مارين تا، ڪنهن جي بدمعاش زبردستي ڏيءَ يا زال کڻي وڃن تا، ڪنهن کي بي گناه جيل ۾ وڌو وڃي ٿو ۽ سندس ٻار پٽيان فاقا ڪن تا، ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيردست کي بي سبب سسپينڊ ڪيو وڃي ٿو يا نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي ٿو تہ ٻيا هڪدم ان کان پري ٿيو وڃن، دل ۾ خوش ٿا ٿين تہ اسين هن مصيبت کان بچيل آهيون ۽ ڪيس دل ئي دل ۾ اڳوٽي ڪنهن حساب ۾ ڏوهي ٿا ٺهرائجُون. اهڙيءَ ريت هر ڪو اڪيلو اڪيلو ظلم ۽ ڏات جو شڪار ٿئي ٿو، بچڻ کير بہ ڪونهي.رڳو ظلم ۽ ڏات جا روپ ڌار ڌار آهن، وقت ڌار ڌار آهين ۽ ٻهانا ڌار ڌار آهن.

چوندا آهن "مرڻ ناهي مٺو پرڻو ناهي گار." ان ۾ اهو واڌارو ٿيڻ گهرجي تہ "عوام دشمن هٿان زخمي ٿيڻ ۽ ظلم ۽ ڏات جو شڪار ٿيڻ عوام لاءِ ذاتي شرم جي ڳالهہ ڪانهي. ان ۾ ڪنهن بہ ذاتي عيب يا ملامت يا ڪمائيءَ جي ڳالهہ ڪانهي. ٽورو نظام جو سوئر ٽري پيو. اڄ هن کي ڊاڙهي ٿو. سيان هن کي" انسان مان هر هڪ جي اڄ اها حالت آهي جو اڄ ظلم ۽ ڏات جي شڪار هن ڀاءُ تيءَ کلون ۽ چٽرون تا ڪريون ۽ پاڻ کي هن جي پيٽ ۾ خوش نصيب ۽ معتبر پيا سمجهون ۽ سيان هن ڀاءُ بابت اهڙا روش اختيار ڪريون تا ۽ پريهن خود ان ظلم ۽ ڏات جو شڪار تا ٿيون ۽ ماڻهن هٿان ٽوڪن، چٽرن ۽ حقارت جو شڪار تا بنجون! انسان کي سمجهڻ گهر جي تہ اهو لڳاتار واري واري سان، انسان عوام تي گڏيل حملو آهي ۽ انهيءَ سپ هٿ هٿ ڪري انَ جو مقابلو ڪندا سين تہ عوام دشمن جونءَ وايون بطال ٿي ويندیون. جي هڪڙو بي گناه مار کائي ۽ سئو گهر ٻيو نہ تہ رڳو سندس گهر وڃي سندس سچي همدردي ڪن تہ اها مار مظلوم بدران ظالم لاءِ مار بنجي وڃي! ڪو ريءَ گناه جهلجي يا بي عزت ٿئي ۽ سئو ڇڏا ان جي ٻچن جي متي تان هٽ ڏوڙائين، سندس لڄ ۽ گهر وارن کي سوائي عزت ڏين، کين دلداري ڏين ۽ مظلوم جي سچي سارهہ ڪن تہ ظالمن جون چڙهيل دانگيون جيڪر لهي وڃن ! چڱائيءَ برائيءَ سارهہ، حقارت لڄا قدر ۽ ماپا بہ بدلائجن. مظلوم بدران ظالم کي حقير، ذليل سمجهڻ گهرجي. ظلم ۽ ڏات جو شڪار ٿيڻ واري جي عزت ڪرڻ گهرجي ۽ نہ نيچ ۽ ڪميني ظالم جي، "پنهنجو" هجي يا "پرائو" ڏکويل ڏکويل جو ياءُ آهي. سيد هجي يا شڪاري، پيل هجي يا سمون، بلوچ هجي يا پٺاڻ يا پنجابي سندي هجي يا ڪو ٻيو ڪارو هجي يا گورو ڏکويلن جا پاڻ ۾ ازلي ۽ ابدي ست سڱ آهن. سچو پچو رشتو فقط مظلوم عوام جو ظالمن خلاف ويڙهہ جو آهي. ويڙهہ ويڙهہ جو مائٽ آهي.

"ويڙهہ هُئين تہ ويڙهہ نہ تہ ولين وڃ واٽ تون"
(شاه)

ڪنهن جو قبيلو هڪڙو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ايک ڪه ڪشته نه شد
از قبيله مانيست

(جيڪو ڪنهن ناهي سو اسانجي راڄ مان ناهي!) عوام دشمن قورن ۽ ظالمن جي وچ ۾ هلندڙ ويڑهه ۾ جيڪو جيترو وڌيڪ ظلم ۽ ذلت جو شڪار ۽ مٿابلو ڪندڙ سو اوترو عزت، پيار، محبت ۽ مدد جي لائق، چاهي سڃاڻپ هجي يا نه.

بڑا هي درد کا رشتہ ہے دل غریب سهي
تمهاري نام پہ آئينگي غم گسار چلي

هن عالمي جنگ ۾ عوام منجهان هر زخميل جي زخم کي چمڙو آهي. ان تي سچي همدرديءَ ۽ ڀرپور حال سارو هر ممڪن مدد جو ملهم رکڻو آهي. ٻئي طرف زخمي ٽيل کي زخم کولي ڏيکارڻا آهن، لکائڻا ناهن! انهن تي فخر ڪرڻو آهي. ڏکو ۽ شرمسار ٿيڻو ناهي! شرم ظالمن کي اچڻ گهرجي! مظلومن لاءِ؛ ڇا جو شرم؟ هر ظلم، هر زيادتي، هر ذلت جي شڪار کي گهر جي ڪنڊ ۾ لکي ارمان ڪرڻ بدران گهر جي ڇت تي چڙهي وڏا واڪا ڪري عوام کي ظالم جي ظلمن جو تفصيل وار بيان ڪري ٻڌائي ظالم کي عوام اڳيان ننگو ڪري بيهارڻ گهرجي. ڪاب ڳاله شرم وچان ڪائي نه وڃڻ گهرجي. عوام جي هڪ فرد خلاف ٽيل جرم کي لکائڻ شرم ۽ ڏوهه جي ڳالهه آهي! بيان ڪرڻ فرض آهي! عوام جي عدالت ۾ هر ڏوهه جي سچي فرسٽ رپورٽ داخل ٽيڻ گهرجي، زباني توڙي لکت ۾. مضمون، خط ۽ ڪتاب لکڻ گهرجن. عوام ڪڏهن نه ڪڏهن انصاف ڪرڻ جي طاقت هٿ ڪري ونندو. بلڪ هن حال ۾ به عوام جنهن مجرم جي عوام جي خلاف ڏوهن کان چڱيءَ طرح واقف ٽي ويندو تنهن جي زندگي زهر ڪري سگهي ٿو. نٽي جو ڪو انسپيڪٽر شڪارپور ۾ هاريءَ، مزدورن شاگردن، عام غريبن تي ناجائز ۽ غيرقانوني ظلم ڪري، اها خبر تفصيل سان سچي سنڌ جي ماڻهن کي پوي، نٽي ضلعي جا ماڻهو به واقف ٽين، جنهن ڳوٺ يا پاڙي ۾ اهو انسپيڪٽر رهي ٿو تنهن جا ماڻهو به واقف ٽين. انهن قانون دشمن ۽ عوام دشمن حرڪتن خلاف عوام جي نفرت، حقارت ۽ ڪاوڙ جي ٻاهه پکڙندي پکڙندي سندس برادريءَ ۽ گهر تائين پهچي وڃي ۽ سندس ٻي پيءُ، پٽ، ياءُ، زال، سالي، سهري، نالي، نندي وڏي کي خبر پئجي وڃي ته هي عوام جو هڙو نيچ ۽ ڪمينو مجرم آهي. اسڪول جي ٻارن کي خبر پئي ته فلاڻو چوڪرو فلاڻي قاصائيءَ جو پٽ آهي. ماين کي خبر پئي ته فلاڻيءَ مائيءَ جي مڙس جا ڪرتوت هي آهن ته هن جو گهر به هن لاءِ تپي ٽامٽي ٽي پوندو. عوام جي نفرت جي آگ هن کي پنهنجي برادري ۽ پنهنجي شهر ۾ وکوڙي ويندي. هن لاءِ جيئڻ جنجال ٽي پوندو. هن غير قانوني ۽ وحشاني حرڪتن سان جن ٻارن ٻچن لاءِ ڪمايو هوندو سي ٻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهائنس ڪ ٿي پوندا. حرام جي ڪمائي ۽ ترقي، مان ڪيس ڪابه عزت حاصل ڪانه ٿيندي. دلت جي زندگي سندس مقدر بنجي ويندي ۽ هو بين پاڻ جهڙن ظالمن لاءِ عبرت جو مثال بنجي پوندو. ان ڪري ڏڪ ۽ دلتون ڪائڻ گناه آهي. انهن ڪي بيان ڪرڻ مقدس فرض آهي. پوڻ پوڻن دليل تفصيلن سان بيان ٿئي. ڏري پرزي اکرن سان اکر. دل تي پٿر رکڻو پوي ته رکجي. عارضي بي عزتي ۽ دلت سهڻي پوي ته سهجي. مارون موچڑا، تعديون، جنسي وحشانيتون ٽيل هجن ته اهي به بيان ڪجن. ڳجهن گهرن ٻارن، زالن، مائرن جون بي عزتيون ٽيون هجن ته اهي به بيان ڪجن. سڀڪجهه زباني ۽ لکت ۾ عوام آڏو پيش ڪجي. تان جو ظلم مظلوم بدران ظالم لاءِ شرم ساري، دلت ۽ نقصان جو سبب بنجي وڃي. ظلم جو سچو پچو احوال عوام جو جنگي هٿيار بنجي وڃي، ڳوڙها غصي ۾ ۽ غصو گڏيل ۽ رڌيل لاڳيتي عمل ۾ تبديل ٿي ظالمن لاءِ ڏرتي تپائي ٽاڻندا ڪري ڇڏي. اڄ ڏسڻ جا ٻيو وي پروگرام آهن. لاهور تان اڄ ڏي ڪهاني، جلندڙ تان چترهار ۽ ڊرامون گردش ۽ دهليءَ تان ٿومي پروگرام. اڄ ڏي ڪهاني بس ليک هئي. "گردش" ڪان اڳ مون کي ننڍ ڀائي ويئي، دهليءَ جي ٿوڻي پروگرام ۾ مدراس اسٽيشن تي رڪارڊ ڪيل دل جي آپريشن ڏيکاريائون. ڳالهه بوله انگريزيءَ ۾ هئي. انائونسر تيز هئي. ڊاڪٽر ماهر ٿي ڏاڍ. زندگيءَ ۾ پهرين آپريشن ڏٺيم. ان ڪان پوءِ هڪڙو ناڇ ڏيکاريائون. شايد هماچل پرديش جو عورتن کي متي تي رومال بدل هئا. تميس جي بدران جُبن جهڙا ڪپڑا پيل هئن. مردن کي تنگ هندستاني پتلونون پيل هيون. خاص شيءَ هئي بنگالي ناچ جو پروگرام. ۱۵-۲۰ ڇڻن مردن ۽ عورتن کورس ۾ ڳايو پئي ۽ ڪڏهن هڪڙي مرد يا عورت ڪڏهن بن بن ڇڻن ڇڻن يا ڏهن عورتن ناچ پئي ڪيو. ان ڳائڻ تي ان کي مختلف راڳ، ناڇ، ڏيکاريائون. انڪل منو ڪلاڪ ڪن لاڳيتو اهي ناڇ هليا. تمام خوبصورت ناڇ هئا. ڳائڻ ۽ سنو هو پر ناڇ بهتر هئا. ڇتر هار ۾ هيما مالني بار بار تي آئي. گانو يا ناڇ کو خاص ڪونه هو. شاڪر شاه ٻني ٻيرا ڇيو ته "موجوده گشت جي ڊيوٽي سخت آهي. بيمار تي ڇيو آهيان." اسان ڇيس "توکي ٻي ڪا ڊيوٽي ولائي ڏيون؟" ته ڇيائين "هي آفيسر توهان کي رگو ميٽ ٿا ڏين. انهن ۾ ڪابه اميد نه رکجو!" اڄ ڪان ٻي ڪلاس جو انچارج ٽيو آهي جتي موٽا سيٽيون ۽ ليکيدار رهن ٿا. چاندي تي ويس پر مجال آهي جو ڪٽي ٽپوري جو اکر به واٽ مان ڪڍي! الٽو ٽنگ اسان تي. "ڊيوٽي زياده وقت ڏيڻي پڙيگي. ليڪن خير ..... اکبر شاه ڪهتا ٿا ڪ لوگون کي زياده قريب نه لگو! ليڪن مين ني ڪها ڪ پائي اخلاقي همدردي ميرا فرض هي." پنهنجي ٿر ۾ اسان کي اُلو ۽ چوٽيو ڪريو پيو هلائي. سڀائي هجيس، يوپيءَ جو تحفو آهي. ايترو سندس حق آهي. مسڪين، بکيو بيمار هجو ته هجو پر ٻئي کي چوٽيو ٻنائڻ يا ڪهڻ ۾ ڪهڻ چوٽيو سمجهڻ کان باز ڪيئن آچبو! اهو ته آهي مسڪين سپاهي! ٻين جي ته ڳالهه ئي پري .....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي هڪڙي صاحب بابت ٻڌم ته چئي ٿو. "پندرهن هزارن جي مسواڙ جاين مان ماهوار مليم ٿي. ٻنيءَ ٺڪر مان گهر جو خرچ پکو پيو نڪري. ضمير ٿو کائيم. هاڻ وڪالت ڇڏي رڳو پورهيت عوام جي خدمت ڪندس." دل ۾ سوچيم اسان ونڊ جنهن کي رڳو ۱۵ سو روپيا ماهوار هجن اهو به پاڻ کي سرمائيدان جو عزيز ۽ رت سڳ سمجهي انهن پاران ڏنڊا کٽي بيهي رهي. جنهن هاريءَ ونڊ به ۱۵ سو گڏ ٿي ويڻ ته ووٽ ڪري وجي ڪر وڏيرن جو ساٿاري ٿئي! هتي هڪڙو هاري ورڪر آهي. قلعي مان آيو آهي. وڪيل آهي. پر گهٽو ڪري ووٽ رڳو هارين پاران اتس. پي پيءَ جو آهي. قلعي ويو ته ونس ۱۵ هزار ڪيسي ۾ هٽا. ڇڄ زمين اتس. خرچ سر جو هر مهيني پنج هزار اتس هتي. ايئرڪنڊيشنر اتس هتي! آهي هارين ۾ ڪم ڪندو! "م" چئي ٿو رات ڏينهن جاگيردارن سان ويڙهه اتس. هنڙ حرام آهي. جهيڙن ۾ لکين خرچ ڪري ڇڏيندو! مطلب ته اسانجي حساب سان چگو موچارو زميندار آهي. پر آهي هاري ورڪر! جاگيردارن زمينداڻن جو سخت مخالف. قلعي ۾ به انهن چغليون هٽي موڪليس. پر هنڙ وارو ڪونهي! هتي ٻين کي ته لهيو پر قلعي ۾ موڪليل هاڻ جيڪنگ ۽ تخريب ڪاري جي ملزمن کي به جڏهن واپس جيل موڪليندا تڏهن ڪتابن، ريڊين، ٽي وين ۽ ائيرڪنڊيشنرن جي موڪل ڏيئي موڪليندس! سنڌ ۾ سڪر جيل ۾ بي نظير صاحبه کي به ۵۰ رپين واري راندڪي جهڙو ريڊيو رکڻ جي موڪل ڪانه هئي!

۸۲-۸-۲۱

رات مينهن پيو. ٻڦڙ ڪٽي اندر پڳاسين. ۲ ڪان شروع ٿيو صبح جو ۷-۶ بجي ٽائين جونٽي ٻڌيو ٻيٽو هو. ڪلهه رات به ايئن ٿيو. صبح جو اڃا ستو پيو هوس ته "م" سڏ ڪيو. "اٺو! ملڪ ڪشمير مري ۽ سئزرلينڊ ٽي ويو!" ڏٺم ته واقعي آسمان سورهن سينگار ڪيو ٻيٽو هو! بارش جو به پنهنجو هڪڙو حسين آهي خاص ڪري اسان جهڙن پاٽيءَ لاءِ اڃايل ملڪن لاءِ ! ڏهليءَ تان رات ڪٽڪ ناچ ڏٺوسون. به ٻه چٽيون ٻيٽيون ناچو صاحب جي شان ۾ قصيدا پڙهن! چي "جئپپور ناچو گهراٽي جو آهي. پر لکنو گهراٽي جو فن به ڄاڻي. يورپ، آمريڪا ۽ سوويٽ يونين ۾ فن جو جادو جاڳائي چڪو آهي." ٻنهه وڏي بلا هو! منو ڪلاڪ پئي نچيو. وار قلمي هوس، پهريائين اڌ اگهاڙو ٽي آيو پوءِ چيلهه سان لونگي ۽ گوڏ ٻڌي آيو. هر هر وارن کي چنڊڪو ٽي ڏنائين. مڙس شاندار ٽي لڳو. مڙڪ به مردائي وقار واري هيس. واقعي باڪمال ناچو هو. لاهور تان سونا چاندي ڏٺوسين، وٽيو. تنهن ڏينهن ..... آيو چئي ويو ته ..... "وارد جو انچارج آءٌ مقرر ٿيو آهيان. ملڪ پاڻ کي ڪرايو اٿم. مونکي قانون پڙهائج ٻيو حڪم توهانجو!" مچنگ مڙس آهي. هڻ ڪڻ! حيدرشاهه جو ڪم به ان کي چيو هوم. الائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙين ڪهڙين رڪاوٽن هوندي اِڪ چنپ ۾، رات وچ ۾ ڪري ڇڏيائين! پهرئين ڏينهن مليو ته وڃ مهل ڇيائين "هڪڙي گذارش آهي، مونکي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيو! اوهان قوم لاءِ قربانيون پيا ڪريو، اسين بي شرم موجون پيا ماڻيون. آءُ ڪجھ ٿورڙا پئسا پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. ٻہ هزار آهن، اهي حاضر ڪريان ٿو. آئيندہ لاءِ حڪم توهانجو ڪپي." شهيد جي ڳالھ ڪري اکين ۾ پاڻي اچي ويس. مس مس معذرت ڪري پئسن واري ڳالھ تان لاٿو مانس. شربت جو شيشو انهن وغيره موڪليائين سي قبول ڪياسون. غير معمولي طرح صحت مند ۽ نهايت حسين نوجوان آهي. ڏوپار. دولتمند گهر جو آهي. اسان وٽ دولتمند ماڻهو ٽين کونہ. جيڪي آهن تن مان اڪثر ڪريل، هلڪي ۽ خسيس ذهنيت جا آهن. هتي ڪروڙ پتي ماڻهو ٻہ هوش ۾ آهن ۽ ڪيئي لکا پتي ۽ ڪجھ ڪروڙ پتي ٻہ ڏهني ۽ جذباتي طرح عوام جي ڪئمپ ۾ آهن ۽ پنهنجي نموني ڪجھ نہ ڪجھ ڪن پيا. قلعي ۾ ويندڙ ماڻهن جو اڌو اڌ لکا پتي ماڻهن جو آهي. ساڳي طرح الدالفقار ۾ گرفتار ٽيلن ۾ ٻہ وڏو تعداد دولتمند طبقي جي نوجوانن جو آهي. مون محسوس ڪيو آهي ته هتي ٻہ صحيح نظريہ ۽ ليڈر شپ جي ڪوٽ آهي. نہ ته هتي جي وچولي طبقي جو هڪ ننڍڙو پر قابل ذڪر حصو سنڌي وچولي طبقي جي پيٽ ۾ عوام جي حمايت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ تيار آهي. اهو ڪافي طاقتور آهي. عوام سان گڏجي اهو حڪمران طبقن کي پوئين پڙهائي سگهي ٿو. (سنڌ جو وچولو طبقو سو سيڪڙو رڳو ڪاڌي جي پنيان آهي. هتي جي وچولي طبقي جو ۱۰ سيڪڙو ويڑهہ لاءِ تيار آهي ۽ اقتدار جي جنگ ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهي. منهنجو اڳوٽو اندازو روز بروز مونکي وڌيڪ صحيح ٿو لڳي ته پنجابي وچولي طبقي جي عوام دوست حصي جي مدد سان ۽ صحيح نظريہ ۽ ليڈر شپ هيٺ پنجابي عوام پنجابي حڪمران طبقي سان اقتدار جي جنگ لڑي سگهي ٿو. ان لاءِ ننڍن صوبن جي عوام جي مدد جي ڪين سخت ضرورت پوندي. رڪاوٽون ۽ پيچيدگيون آهن. تعصب، مناد ۽ تضاد وغيره آهن پر جيڪڏهن اورچائيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان لاڳيتي ويڑهہ ٿي (۽ منهنجي خيال ۾ ٿيندي) ته پنجابي حڪمران طبقو ۽ سندس پٺاڻ، سنڌي ۽ بلوچ ساڻي چاڙتا تمام گهٽو وقت پنجابي توڙي ٻئي عوام کي غلام رکي نہ سگهندا.)

۲۲-۸-۸۲

ـ رات آءُ ستوئي اندر هوس. صبح جو "مر" ٻڌايو ته "تون اندر آئين ته اکرم شاه آيو هو جنهن جي جاءِ تي شاکر شاه ويو آهي. چيائين ٿي ته "مهيني وچ ۾ خلاف دستور شاکر شاه بدلي ٿي مون کي بي دخل ڪيو . هڪڙي ڪمائيءَ واري جڳهہ تي اوچتو آيو آهي. سيني کي خبر پئجي ويئي آهي جيل ۾. شاکر شاه سيد کونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميرائي آهي يوپي ۽ جو پليجو صاحب مهاجرن کي گهٽي لفٽ ٿو ڏئي. رفيق کي به ڏيندو آهي. پر اهو شريف آهي. شاکر شاه ته زهر جي پڙي آهي. غليظ ۽ گندو آهي. ڪمينو آهي. ان جو هاٿي هن واري ۾ اچڻ جو کهڙو ڪم؟" بشير گهوڙو به هن جو ان جي ڏيوٽي هئي. ان چيو "هاٿي هن پاسي ڏيوٽي ڪانهيس. نه ايندو." بشير گهوڙو خود هڪڙو جاسوس ٽائيپ سازشي ۽ چغل ماٿهو آهي. ان کي اڳيئي شاکر شاه تي باهيون آهن ته اهو هتي اچيو اسان جا مال ڪايو وڃي! هميشه اسان ۾ اڪ هوندي آهي ته چا ڪيا ڪن. سنهڙا سر پيو ڪٽندو. ڏڪيل ٽوڪون ۽ چترون پيو ڪندو ماٿهن تي. هن وٽ هن جي، هن وٽ هن جي، احتياط آءُ ڪن لاءِ ڪريو پيو هلان. پر هن مان جنڊ ڇڏائڻي پوندي. ته ته هي ڪونه کو زبردست خنام باري سگهي ٿو. رات ننڊ مان اٽاري "م" کجه پڙهي ٻڌايو. مون کي غلط لڳو. رڪائي سان چيم ته "گزامر غلط آهي. انداز غلط آهي." ٻيو به الائي چاڻا پر سخت رڪائي مان چئي ويس جو ننڊ جو غلبو هو. بيزار به هوس جو ڪيس اهي ساڳيون غلطيون به ڏڦا اڪ ٻڌايون هيم پر وڙي ٻڪري آيو هو. صبح جو اها گاله ياد پيم. همراه کي چيم "دل ۾ نه ڪ. ننڊ جو ڪم هو." ڀڀائين "خير آهي." پرمنهنجو رويو بلڪل غلط هو ننڊ جي باوجود.

جنرل ضياءَ صاحب بنگالي اخبار کي انٽرويو ۾ چيو آهي ته "سياسي نظربندن کي ڪوٺ ڇڏيندس جو انهن کي سڌارڻو آهي." هيڏا سڌري ويا آهيون پر پڌا توري جنرل صاحب کي ايا به نه ٿا وٽون! الله پليس! ڪالهه "م" هڪ وڏيڪ مشقتي لاءِ سپرنٽنڊنٽ کي لکيو. نتيجو ڪونه نڪتو آهي.

۸۲-۸-۲۳

اڪرم شاه بشير گهوڙي سان ٻاهر ويٺو ڪچهري ڪري. اسين هيٺئين اتان اڻي آيا آهيون. ڏهه ٽيا آهن صبح جا. رات هاءِ جيڪر (شيخ عظمت) ۽ سپاهي سٽيپنڊ ڪرايا. اڪرم شاه جيڪو انهن مٽان نگران هو تنهن کي به ونڊي ويو. پر گلزار ۽ ڊپٽي ان جي جند ڇڏي. هاٿي چئي ٿو ته بي ڪلاس تان مون پاڻ پنهنجو نالو ڪايو آهي. ٽيون ڏينهن ۽ نوان خيال، نيون تجويزون ويون، اڄ هڪڙي ٽين ڏنل آهي. "م" تيار ٿي ويو آهي. پنهنجي دليان هڪ ۽ سٽا نڪتا تائيد ۾ پيش ڪيا اٽس. رات ڏهليءَ جو پروگرام سڏو ڪونه هو. ڪلهه رات ريڊيو ٽي وي ۽ فلم کي پهراڙيءَ جي عوام تائين پرپور نموني پهچائڻ جي مسئلي تي پرپور بحث ڏيکاريائون جنهن ۾ بين ماهرن سان گڏ مرڪزي وزير اطلاعات وصنعت سالي ۽ ٻن نائب وزيرن به زوردار حصو ورتو. عجب اهو هو جو ماٿهر عوام کي گهٽ اهميت ڏيئي رهيا هئا ۽ وزير صاحب نهايت پرجوش ۽ پراعتماد نموني اهو چئي رهيو هو ته ڪارخانيدار ۽ ماهر تعصب وچان عوام کي مٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نعمتن مان پرپور فائدو ونڻ کان محروم ڪري رهيا آهن. هُڪڙو سندي ڪارخاني دار بہ هو. وڏي ماهرانہ انداز ۾ ڪارخانيدارن ۽ واپارين جو نقطہ نظر پيش ڪيائين.

جالندر تان رات فلم هئي. "نواب صاحب" پير پرست ٽائيپ جي هئي. خواجہ جي ڪرامتن جو بيان هو. مذهب ڪي استعمال ڪيل هو. ڏسجي ٿو تہ ڪنهن حد تائين هندوستاني فلم ناهيندڙ بہ مذهب ڪي زور شور سان ناجائز طور استعمال ڪري پئسو ڪمائين ٿا. سمجهو ماڻهو ۽ لاءِ انهن فلمن جو معيار تمام هيٺ هوندو آهي. پر بي سمجهہ ماڻهو ويچارا ماردڙ جي فلمن وانگر ڪاني ڪرامت جي فلمن ڪي بہ چاهہ سان ڏسن ٿا. لاهور تان ڊرامون هو" شڪار." هوائي توائي وعظ هو. ڪنهن واهٽي ملان جي ليول جو. ڪلهوڪو ڏينهن سجو ڪجهہ ڪونہ ڪيم. پر تہ بہ ڪنڊ مان سور اڃا ڪونہ ويو آهي. ڪنڊ ۾ ان ٿوري ئي سور پوڻ ڪري لکپڙه ڪري ڪونہ ٿو سگهان. اصل مسئلو لکڻ مهل ويهڪ جي صحيح پوزيشن اختيار ڪرڻ آهي. مرزا قليچ بيگ بنا ٽيڪ جي ڪرسيءَ تي ويهي لکپڙه ڪندو هو. مون ڪي ٽيبل تي ويهي لکڻ پٽ ۾ سور وجهيو ڇڏي. الائي چو؟ ٽيبل هيٺ آهيَ يا ڪرسي هيٺ آهي. مڙئي ڪا گڙ ٻڙ آهي. سول لبرينر يونين پاڪستان ۾ ۱۴ آگسٽ جي موقعيَ تي ٽيهارو ڪن اهم سياسي تيدين جي فهرست ڏئي ڪين سلام ڪيو آهي. اتفاق سان پهريون نالو منهنجو آيو آهي. پاسي ۾ فيضؔ احمد فيض جو شعر آهي، هين سان گڏ بينظير پٽو صاحبہ، اصغر خان، نوابزاده نصرالله ، مختار اعوان، پروفيسر نقويَ، ساقي ۽ هين جا نالا آهن. حيدر شاهہ جو نالو ڪونہ آهيَ. هڪڙ ڪپندو هو. درستي ٽيڪ ڪيَ. گهوڙو هاٿي سڏڻ اڇيو بيهي جهاتيو ن پائي تہ اندر چا وينا ڪن. روز پچي تہ "چا پيا لکو" مطلب تہ هچا ٽي پيو آهي. جنڊ ڇڏائجي. مجبوريءَ سبب ڪيئي اهم سوچون ۽ ڳالهيون هتي ڪو نہ پيو لکان نہ وري پنهنجون سموريون مصروفيتون بيان ڪريَ سگهجن ٿيون. انهن سان ساڳيو قلم لاڳو آهي، "ڳالهيون چوڻ نہ جهڙيون ڪرڻ نہ جهڙيون سڃڻن مون سان جي ڪيون!" "ڪلهہ "م" اوچتو پڇيو تہ "تو ڪي پنهنجو وطن ٿلو ياد اچي؟" چيم "بلڪل اچي ٿو!" "وطن جا ماڻهو شهر جا ماڻهو گهر جا ماڻهو، يار دوست، ڳوٺاڻا نہ ٿا ياد اچن ؟" "چونہ!" "ماضيءَ جون ڪي يادگيريون ٿيون اچن!" "اچن ٿيون!" "چيائين "پوءِ؟" مون چيو "پوءِ ڇا؟" چيائين "پوءِ توهان ڪي انهن جو احساس چو نہ ٿو ٿئي؟ يادن ۾ ماڻهو گم ٿي ويندو آهي. اداس ٿيندو آهي. ڏکوئجي ويندو آهي! توهانجي چهري تي اهڙو ڪو بہ تاثر ڪو نہ ڏسبو آهي. سدائين هڪڙي حال ۾ ڏسبا آهيو. روز مره جي ڳالهين ۾! آئيندي جي تجويزن ۽ تدبيرن ۾، بحث مباحثي ۾. چو؟ آءُ تہ تمام حساس ماڻهو آهيان انهن ڳالهين ۾!" مون چيس "ڪو بہ ماڻهو جيستائين طاقتور احساس ۽ جذبا نہ ٿو رکي تيستائين هن پاڻ ماڻهن واريَ گس تيَ ۽ انقلاب جي رستي تي هڪ وک بہ وڌائي نہ ٿو سگهي. پاڻ ماڻهن جي ميڙا چوندي آهن ئيَ اهي احساس ۽ جذبا ٻيو ڇا آهي؟ چند تصويرِ بتان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چند حسينون کي خطوط بعد مرني ڪي ميري گهر سي يہ سامان نڪلا! پيارا عزيز، يار دوست جي وساري وهجن تہ باقي ڇا رهيو؟!

غالب ئي ڇيو آهي:

گو مين رها رهين ستم هائي روزگار
ليکن تري خيال سي غافل نهين رها.

(جيتوڻيڪ زماني ۾ ظلمن جي اشڪنجي ۾ جکڙيو پيو هوس پر تڏهن ب تنهنجي ياد کان ڪڏهن ب غافل نہ رهيس!)

لطيف ايڏا ب اوڙ ڳالهہ ڪئي آهي!

منجهان منهنجي روح جي، وڃي ساجن وسري
تہ لڳي مر لوهہ، ٽر ٻاٻيهو ٽي مران!

ياد گيرين، ڏکن، خوشين ۽ پڇتاون جي پريل بازار هر وقت ساڻ رهي ٿي ماڻهو ۽ سان. يادون اهڙيون جو ڪي سانوڻ مند جيان پاڻ سان ميگهہ ملهار انڊلڻ ڇا سمورا رنگ، فطرت ڇا سورهن ئي سينگار، بهارن جي سمورن گلن جوبن سرهاڻيون ۽ ڪائنات جي سرمستيءَ ڇا سمورا ڪيف خمار ڪٽيو آڻن تہ ڪي وري

ستي سنيريوم ڪو ڳڻ ٻار وڃن جو
ڪنڌ وهاڻو ٻنو هريو هٿ ٽيوم
سڃڻ ياد پيوم، سياڻي صبح جو!
ڪي اهڙيون ب جو ـــــ
ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون ڪو پهہ اڇيو پوءِ
سو پڻ ساڙو هوءِ جو آهي ساهہ سرير جو!
ويرو تار ڏکن سڃڻ ڀڳي هڏ جيئن.

زندگي ۾ اُهي ب پل اڻ ڳڻ جن کي ابديت جو ادن آهي ۽ جن تان سموري حياتي قربان ڪري ڇڏجي. اهي ب پل اڻ ڳڻ جن کان پوءِ باقي زندگي جڏ بي معني ٽيو وڃي. اُهي ب ماڻهو ٽين ڀا جيڪي زندگيءَ جو حاصل ۽ ان جو نچوڙ ٽين ڀا. اهي ب ڪڇهريون ۽ رهاڻيون ٽين ٽيون جن لاءِ روح ساري عمر رڙندو رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان سميت سموري ڪائنات مادي جي نهيل آهي. انساني خيال مادي جي پيداوار آ ان جو اولڙو آهي. مادي جو وجود فقط حرڪت آ چوپر جي حالت ۾ ئي قائم ٿي آ رهي سگهي ٿو. هر شيءَ چوپر ۾ آهي. هرشئي وڌي ويجهي ٿي. بهتر ٿئي ٿي آ جميءِ جيئي آ مري ٿي. خيال، احساس، جذبا، يادگيريون آ سوچون سڀ. انسان فرد سڀ آهي، گهر جو پاتي سڀ آهي. ذات، قبيلي، قوم، نسل، طبقي جو فرد سڀ آهي. هر انسان هي پل سڀ آهي ته هيءَ صدي سڀ آهي. حال سڀ آهي ته ماضي آ مستقبل سڀ آهي. لکيو اٽن ته لينن جا پورا اڏ خيال مستقبل آ آئيندي بابت هوندا هئا. آئيندہ بابت پروگرام آ رٽون ناهڻ آ خواب لهڻ سندس عادت هئي. انقلابي ماڻهو پنهنجي ذات سان گڏ سموري انسان ذات سڀ آهي. انقلابي اڄ سڀ آهي ته سياڻي سڀ.

پنهنجي ڏک، پنهنجي خوشيءَ، پنهنجي پڇتاءَ، پنهنجي پيار پنهنجي دشمنيءَ، پنهنجي آس، اميد، خوف آ دهشت، بابت سوچڻ سان گڏوگڏ هو سيني اڳين ٽوڙي پوين انسانن جو ڏک، خوشي، پڇتاوي سندن پيار، سندن دشمنيون، آسون، اميدون، خوف آ دهشتون پنهنجي اندر محسوس ڪري آ موجود رکي ٿو. هو هڪ مڙسِ آهي. هن جو پنهنجي پاڙ سان، خاندان سان، پنهنجي ڳوٺاڻن عزيزن سان سڀ پيار آهي ته انهن سيني پيارن سان سڀ پيار آهي جيڪي پيار ڪرڻ وارا اڳ گذري ويا يا هن کان پوءِ ايندا! پنهنجو آ پنهنجن جو ڏک ته آهي پر باغي غلام اسپارٽڪس جيڪو آزادي لاءِ وڙهندي شوريءَ تي چڙهي ويو ۽ن لکن غلامن سان گڏ ان جي ڏکن کي آ اهي گمنام جوان جيڪي اسٽالنگراد آ ان کان پري گمنام هنڌن تي انهيءَ لاءِ لڙندي، ڏک ڏسندي مري ويا ته جيئن اسين ڏک نہ ڏسون، انهن جي ڏکن کي آ اهي لکين ڪروڙين ماڻهو جن جي ڏکن اسان جا ڏک گهٽايا آهن آ اسان جا سک وڌايا آهن انهن جي ڏکن کي کنهن جي ڪاتي ۾ لکجي؟

گم ٿي، گم ٿي، گم ٿي، غازي! (سچل)

انقلابي ماڻهن جا ڏک، خوشيون آ مسئلا نندڙن ڏڙن وانگر انساني تاريخ جي حال، ماضي، مستقبل جي ڏکن خوشين آ مسئلن جي اٿاه سمنڊن سان ملي انهن ۾ گم ٿي اٿاه سمنڊ ٿي وڃن ٿا.

نيوات ڳوٺ، جنگشاهي، حيدرآباد، سڄي سنڌ جي يارن پائرن سان گڏ مونکي ڪروڙين اڻ ڏٺل يار پائر سڀ هر وقت ياد آهن. پنجن ڪنڊن جا يار ڏهن ۾ آهن. بلڪل ايئن جيئن اکين اڳيان ٻيٽا آهن. تنهنڪانسواءِ ڪتابن آ ناولن وارا يار پائر سڀ. مارئي آ سسئي سڀ مٽان لٽ ڪنيو ٻيٽيون آهن ته خبردار جو اسان واري ڳالهه وساري اٽئي! وفاداري! جاکوڙ سورهيائي ..... مورڙو سڀ اڪو آهي. جوڳي، سامي سڀ اڄهي سامهون ٻيٽا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هري جن ہاري، آئون نہ جيئندي ان ري"

سنڌي، بلوچ، پٺاڻ، بنگالي، پنجابي، هندستاني، عرب، انگريز، جرمن، روسي، يوناني، وينامي، ڪوريائي، آمريڪي، راج مڙسن جا آهن. نندا وڏا، پوڙها، هڪڙو هڪڙو موتين کان مهانگو سڀ پنهنجا ابي امان جهڙا. سڀني جي گفتن مان سچائي. ۽ انسانيت جون سرهاڻيون پيون اچن. سڀني جون زندگيون جاکوڙ ۽ عظمت جون ڪڏهن نہ وسامندڙ لاٽون! ڪهڙي ڪي ياد ڪري ڪي وسارجي. نيوات ۽ جنگشاهي، حيدرآباد کان ولي نڪارا ڳوٺا، انگولا ۽ فلسطين تائين سڀ واري واري سان ياد ايندا رهن ٿا. سڀني سان رهاڻ چالو آهي. ڪڏهن مارئيءَ سان، سسئيءَ سان تہ ڪڏهن پاڻيل سان، ڪڏهن چانگ چن چياڻو سان، ڪڏهن لالي ، ٿو ۽ ڪڏهن پوڙهي ميٺ سان. انقلابي ماڻهوءَ کي هر ڪاله انقلاب جي ضرورتن جي تابع رکڻ گهرجي. جي اسين سڄو ڏينهن يادن ۾ گم رهون، اداس ٿيا وينا هجون تہ پوءِ قيد يا سختيءَ ۾ هڪڙو پل بہ نہ گذاري سگهنداسون! قيد بہ زندگي آهي. سيڪيورٽي وارد ڪوٽ لکپت، هن دٻتيءَ جي هڪڙي جڳهہ آهي. هي وقت بہ زماني جو هڪڙو وقت آهي. هن قسم جي حالتن ۾، هن قسم جي جڳهہ ۽ هن قسم جي زماني ۾ رهڻ بہ زندگيءَ جو اهڙو ئي حصو آهي جهڙا ٻيا حصا آهن. موج ۽ سختي ٻئي لازم ملزوم آهن. هيءَ جڳهہ يا هوءَ جڳهہ پنهنجي ڏيوٽيءَ ۾ سڀ شامل آهن. گهر بہ، دوستن جو ساٿ بہ، جلسا ۽ جلوس بہ، قربن ۽ محبتن جون ٻارشون بہ، لاکپ، بند واردن ۽ سيڪيورٽي واردن جون اکيلايون بہ، ميدان ۾ مقابلا بہ، دشمن جا دڙڪا، دهمان، گاريون، لعنتون، ملامتون، ٽڪون ۽ ڏاڍون بہ. ويندي ڦاسي گهاٽ ۽ زندگيءَ کي آخري سلام ٻہ! سڀ ڏيوٽيءَ ۾ شامل! سڀ زندگيءَ جا حصا! سڀ ممڪن. وقت اچڻ تي هڙ منزل مان لنگهڻ لاءِ ڏهني طرح تيار رهڻ هر انقلابيءَ جو فرض آهي. انقلابي ماڻهو ڳلن جيان نرم ۽ فولاد جيان سخت هوندا آهن:

درعشق غنچہ ايم کہ لرزد زبادِ صبح
درکار هائي زندگي چون سنگ خارہ ايم. (اقبال)

(پنهنجائي ۽ پيار ۾ اهڙي مکڙيءَ وانگر نرم ۽نازڪ آهيون جيڪا پرهہ جي ڏڏڙي هير ٽي لڳي تہ بہ ڏکڻ لڳي ٽي. پر زندگيءَ جي سخت ميدان ۾ پٿر آهيون. پٿر بہ سخت ۾ سخت، ڪاري ۾ ڪارو پٿر. "باهر گل گلاب جا اندر ۾ فولاد.")

بلڪ اندر توڙي باهر گلاب ۽ فولاد ڳڙ. هڪڙين ڳالهين ۾ گلاب ٻين ۾ فولاد! نرم جذبا آهن پر سخت بہ آهن. دل بہ پکي رکڻي آهي. ڏکهي ساهي ڪري وڙهڻو آهي. خوش فهمين جو شڪار ٿيڻو ناهي. موت ۽ زندگيءَ جي لڙاين ۾ بهترين جي اميد رکڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ بدترين لاءِ ۲۴ ڪلاڪ تيار رهڻو آهي. ضرورت وقت اڻ ڄاڻايل مدت تائين، آخري گهڙيءَ تائين سڄتين ۽ محرومين ۽ ويڙهه ۾ رهڻ لاءِ تيار رهڻو آهي. ان لاءِ ۽ دل پڪي ڪري چڏڻي آهي ته ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو جيڪي پويان چڏي آيو آهي اهو وري ڪڏهن ۽ ڏسي ۽ ماڻي نه سگهي! ڪڏهن ۽ (اسانجي نوريءَ جي لفظن ۾!) وٺيو ريل هليا ويا.....

منهنجا جوڳي ڙي اباڻا، پڪي دل ڪري ويا!

في الحال ايئن سمجهڻو آهي ته اڳوٽو دور پيو آهي. هي پيو دور آهي. هن ۾ جيڪي آهي ان ۾ ئي رهڻو آهي. ان تي ئي غلبو حاصل ڪرڻو آهي، ماضيءَ کي، ان جي يادن کي، هر وقت پاڻ تي چانيل رهڻ ڏيڻو ڪونهي. ان کي ڪٽڻ ۾ بند ڪري چڏيو. جنهن محل ڏانهن ڇاهيو ته ڪلف ڪولي ان جي جهلڪ ڏسي نه ته بند. اڄ ۽ هتي ۽ هن محل جي زندگي گهارڻي آهي. ان جي چيلينج جو مقابلو ڪرڻو آهي. ايئن فرض ڪيو ته آئيڊه هي ئي گهر آهي. هي ئي ديس آهي، هي ئي ميدان عمل ۽ ميدان جنگ آهي. يا سج ڪُنڊي يا ڇ ڪُنڊي، هي سوچ دل ۾ آڻڻي ڪانهي. پاڻ کي دشمن جي بدترين حرڪت ۽ ڏلالت لاءِ اڳواٽ تيار ڪري ان کان بي نياز ڪري چڏڻو آهي. ڪيس جيڪي ..... جا زور لائڻا هجن سي پلي لائين. ڏينهن هفتن، مهينن، سالن جي حساب کان بي نياز ٿي وڃجي. وقت کي پاڻ تي سوار ٿيڻ نه ڏجي. پاڻ ان تي سوار ٿي وڃجي.

ڪاڻ پڇا درويش رکن تا
ڪيئي اچن تا ڪيئي وڃن تا،
دنيا ڇي آءِ دل بيماري
جنهنکي هوندي تنهن کي هوندي
(سرشار عقيلي)

"ويڻي ٻڌائين، ويڻي ٻڌائين، جڏهن بس ڪيڏانه ته ولي وڏو ٽهڪ ڏنائين، چيائين "ول او وتائي فقير والي ڳالهه ٿئي نه، وڃڻي قبرستان وچ ۾ رهڻ والي!" مون چيو "هائو! وتائي واري ڳالهه ٿي! پاڻ ٻڌڻ جي تاريخي طرح اڳ وٺيو سنڌن مقام جهليو تا ويهي رهون. ان منزل کان اڳتي ڇا رکيو آهي. ڪيڏانهن وينداسين؟ ست ڪروڙ ماڻهن کي ته جنم قيد ڏيو ڪونه ويٺا هوندا! سڀ ته قاهين تي ڪونه چاڙهي سگهندا. ڪي ته پڇندا. اهي پاڻ سمورن جو حساب برابر ڪري چڏيندا. پر اهو آهي ڳالهه جو بدترين رخ جنهن لاءِ پاڻ کي هر پل تيار رهڻو آهي. پر پيو رخ ۽ آهي. اهو آهي ته هي ڏٻي جو پاڻي آهي سو نيٽ ڪنهن محل سکي ويندو! وري ڪٿن مان ڪيچ ٿي ويندا. جنهنڪلن ۾ منگل ٿي ويندا! باغ بهاريون ٿي ويندين! مٺا ماڻهو موٽي پاڻ ۾ ملندا! بقول بابا جي "دشمن دفع ٿيندا سڄڻ سامهون ٿيندا!" عوام جي فتح جي وس ٿيندي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑين جي پرديس مونکي مينهن ميڙيا
ڪڍ اکيون کل يار تہ وڃن سوڙ سنڌا ڪريو!

وارا ڪم ٽي ويندا. ويندا ڪيڏاهن هي نانگ عوام کان بچي؟ اڇو نندو اياز لطيف پيو اسٽيج تي شعر پڙهي:

ڪير گاروڑين سين وڏو وڏوئي وير
نانگ نہ ويندين نڪري تو ڏر مٿي پير
هي تنين جو ديرِ جن جهونا ڳڙهہ جلايو!"

ائين لڳو جڙ ڳالهہ همراهہ کي وٽي ۽ ڏول ہر ويئي. مون ڳالهہ جاڻي ٻجهي تفصيلي ڪئي. مون کي سندس اداسي ۽ پريشاني بلڪل نٽي وٽيون. انهن جو علاج ڪرڻو هو. ڇڙو سخت ماڻهو نلهو ٻن جملن کان متاثر ٿيڻ وارو ڪونهي. هن تان کا نئن وري وڃي تڏهن اکيون کلنديس! هونئن نہ.

۲۴-۸-۸۲

صبح ۹ ٻجا. آسمان ہ جهڙ آهي. ٻاهر ٽڏي هوا پئي لڳي. رات مون کي ٽڏ محسوس ٽي. ٻہ ڪمبل مڙان ڪري اندر سمهيس. چو؟ سمجهہ ہ نہ آيو. ڪلهہ گلزار آيو. ڪتاب، ايوب. بشير گهوڙي ملازم جي ڳالهہ ٽي. چيائين "ويو! سندس جاءِ تي رفيق ٽو موڪليان" رات تہ وري گهوڙو آيو. مني ڪلاڪ کان پوءِ وري اڇٽو آهي. جي رفيق آيو تہ رفيق ۽ شاڪر شاهہ ٻہ شينهن ٻيلي ہ الائي ڪيئن ٽهنداڻ؟ ٻن مانين بدران هاڻو ڪي اڌ کان تہ ڪو نہ ويندا سون؟ مون سان اڪثر ائين ٽيندو رهندو آهي. خيال ڪرڻو پوندو.

همراهہ احوال اڌ جيترو لکي ورتو آهي. روز صبح جو اٽي ٻکيل ٽڪر پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهي. ستٔ چڏي لکڻ لاءِ چيو اتمانس. لفاظيءَ کان بچڻ لاءِ سادي سولي ٻوليءَ ہ سورهن آنا سچيون حقيقتون لکڻ لاءِ چيو اتمانس. شو بازي ۽ وڏاءَ جي لعنت جيڪا پاڪستان ہ پکڙي آهي تنهن جي نقصان تي وڏا بحث ٽيا آهن. بحث جو تہ هونئن ئي ڪوڏيو آهي. وڏاءُ جي فطري عادت ٽي ڏسجيس. آهستي آهستي ان تي ڪنٽرول پيو ڪري. بهر حال شيءَ ٺيڪ ٽاڪ لکي اتس. سادي، صاف، توازن واري ۽ نهايت اثرائتي. پنهنجي قسم جو شاهڪار ٽي سگهي ٽو. مون ان ہ ڪجهہ ٻہ اضافو ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو آهي. ٺيڪ ٽاڪ اصلي شيءَ ہ جيترو پنهنجو سادو حسن هوندو آهي ان ہ اجائي ٻي پڱت وجهڻ نادان ماڻهوءَ جو ڪم آهي. "قيدياڻيءَ جي ڊائريءَ" وانگر هن ہ ٻہ ڏهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڻون ۽ وڌائڻ يا گھٽائڻ جي گنجائش ڪانهي. اکر ۽ اکر جُڙين آهي تيئن رهڻ گھرجي. رات ديرسان ائڪيڊمي ايوارڊس جو فنڪشن لاهور تان ڏيکاريائون. مون ٽورو ڏٺو ته ننڍ ڪٽي ويم. لاهور تان پوءِ نشيمن ڏٺوسون. اسد خان فردوس جمال آهي ته فردوس جمال تمام هر فن مولا ايڪٽر چئبو. نشيمن ٺيڪ آهي. پراڻي جاگيردارانه پڳت آهي. پر اداڪاري ٺيڪ آهي. چونڊيءَ جا فنڪار آهن. عظمي زوحي بانو خالده رياست، فردوس جمال وغيره ۽ بيٺا چوٽ ڪريو آهن. دهليءَ تان راتّ مدراس واري سج جي تپاس جي مرڪز جو احوال ٻڌايائون. معلوم ٿيو ته سج ۵ ارب سالن جي عمر جو ٿي ويو آهي. باقي اٺ ارب سال عمر اٿس. پوءِ هائڊروجن گئس ختم ٿي ويندس ۽ پوءِ سج مري ويندو. سج مئو ته معني سج جو عيال ڌرتي مريخ، عطارد، زحل وغيره گره به ڇڻا. روسي سائنسدان ڪاندراشيو جو چوڻ آهي ته پوءِ انسان هتان لڏي وڃي سج جهڙي ڪنهن ٻئي ستاري جي ڪنهن ڌرتيءَ جهڙي رهڻ جوڳي گرهَ تي رهندا. هو چئي ٿو ته ٻين ڪهڪشائن جيان اسانجي ڪهڪشان ۾ ڪئين سَج جهڙا ٻي انداز سج مري چڪا آهن. انهن جي ڌرتيءَ جهڙن گرهن جي مخلوق مهاجر ٿي هن اسان واري ڪهڪشان جي مرڪز ۾ وڃي ڳڏ ٿي آهي. اتي هڪ زبردست ڪائناتي تهذيب ناهيو ويٺا آهن. پر اتان جو پيغام برقي لهرن تي هتي پهچي تنهن ۾ لڳ سال لڳي ويندا. مطلب ته همراه مڙئي ڪجهه پريرا ويٺا آهن!

پلاميان منيجرا راه وچ بنگلوئا تيرا
سانون اڪ پل بهوڻ ڏي
گجري ني اڪ پل بهي جاٽا

پلو ٽيئي ميان مئنيجر!
گس ۾ تنهنجو بنگلو آهي
اسان کي هڪ پل وهڻ ڏي!
ائي لڏڻ! هڪ پل پلي اچي ويهه!

ايل سي هاءِ اسڪول نوان شهر هندوستان جا چوڪرا ۽ چوڪريون پهاڙي ناچ پيا نچن ۽ ڳائين. هاٿي پنجاب جي عورتن جو مشهور ناچ گدا شروع ٿيو آهي. اهو ايورسٽ پبلڪ اسڪول لڌياٿي (هندوستان) جون چوڪريون نچي رهيون آهن. لئي تيز آهي. تاڙين جو ڦهڪو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلي بلي ني سوهڑان دا پنڌ آڳيا
ني مينون گهنڌ ڪڍڻا نہ آئي

واہ ڙي واہ! ساهرن جو ڳوٺ اڇي ويو .
؎ مون کي گهونگهٽ ڪيڻ ئي اڃا نہ ٿو اڇي
ساهرن جو ڳوٺ اڇي ويو.

هو گئي سس نال لڙائي
تي بانهہ ڪِد کي لڙان .

(سس سان لڙائي شروع ٿي ويئي. بانهن کي اڇلون ڏيو پئي لڙائي ڪريان!)
تمام مزيدار ڏوهيڙا آهن ؎ ناڇ دلچسپ آهي. اڄ ہ هڪڙي نهايت خوبصورت ماڻهوءَ دهليءَ تان لکنو اسٽيشن تي رڪارڊ ڪرايل اردو غزل ٻڌايا. هڪڙيءَ محترما ڏاڍا ڪمپيرنگ جا جلوا ڏيکاريا. گهڙيءَ گهڙيءَ ٻئون برجستو شعر. چئي "ماڻهو مون کي چون ٿا تہ تون تمام ڏکي اردو تي ڳالهائين. آءٌ تي چوان تہ پاڻ کي اردو غزل جي ٻوليءَ جي بلنديءَ تي کڻي هلون. اردو غزل جي ڳالهہ کي پنهنجي ليول تي نہ ڪيرايون." ہ غزل سنا هئا ہ نہ. پچاڙيءَ ہ معلوم ٿيو تہ اردوءَ جا هي سدا ملوڪ پرستار ٻئي هندو هئا. چندن داس ؎ سريڪا. لاهور تان ڊرامن جي نئين سلسلي "ايمرجنسي وارڊ" جو ڊرامو ڏلوسون. اڳ ئي خبر هئي تہ نام نهاد اسلامي ڊرامو آهي. وعظ شريف جي گهٽتائي کان هوندي. ايئن ئي هو . جاگيرداري سرمايہ داري نظام اندر ان کي ڍاهڻ ؎ پاڙون پڪ بنا فقط توهان جي انفرادي طرح نيڪ ٿيڻ سان دنيا جنت تي پوندي. اهو آهي تت نام نهاد اسلامي ادب ؎ فن جو. شوگن جي قسط ہ ڏني سين. اهائي ڊرامائيت هيس.

٢٦-٨-٨٢

اڄ رات جو ٨ بجي مونکي هتي ١٤ مهينا پورا ٿيندا. رات چلڊرن تان امانت علي خان جا ڳايل غزل ٻڌايائون. سهگل کي هٿ تي وڌائين. دهليءَ کان تامل نادوءَ جي مدراس اسٽيشن جو تامل ڊرامو "ميرا! ميرا!" ڏيکاريائون. ڦريائين ڊرامي جي کهاڙيءَ جو تت هنديءَ ؎ انگريزيءَ ہ ٻڌايائون ڊرامي جو مقصد خاص ڪونہ هو. اداڪاري نيڪ ناڪ هئي. اها ہ خبر پيئي تہ هيءَ دراوڙي ٻولي ڪيئن ڳالهائبي آهي. ڏاڍي ڪوشش ڪيم تہ ڪو اهڙو لفظ نوٽ ڪيان جو سنڌيءَ سان ملندڙ هجي. پر نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگھيس. هڪڙو هو پر اهو بہ هاڻ وسري ويو آهي. گھڻيئي هوندا. لاهور تان چئنل ٢ ڏلوسين. ان ۾ هڪڙي سنڌي نرس هئي جنهن هر هر "مور ٿو نچي" جي ڏن تي پئي ڳايو "جوڙ جوڙ هلي." مڙيئي ٻائيهم پاس هو. هندي فلم "سنگھرش" ڏٺي سين جلندر تان، دليپ ڪمار وجينتي مالا، بلراج ساهني، سنجيو ڪمار، دُرگا کوٽي وغيره هئا. کھاٽي هوائي هئي. گانا بيڪار هئا. باقي دليپ وجنتي مالا پنهنجي فن جي انهن ئي بلندين تي هئا. واهيات کھاٽي بہ سندن ڪمال کي لڪائي نہ سگھي. سنجيو تن ڏينهن ٻڌون هو. پر سندس جوهر هن فلم ۾ ئي نظر اچن ٿا. تہ ڪا شيءَ آهي. بلراج ساهني ليڪ هو.

اڄ مون کي پٽن ۾ سور آهي. مونکي ڪنڌ ۾ سور جاري آهي. پر عادت موجب ان ڏي ڌيان ٿيڻ کان اڳ وريو پيو لکان. ڪلہ بہ بابا فريد جو ڪلام ڪجھ پڙھيم. منجھن ڪئين سٽون خاص سنڌي آهن. حالانڪ ڪتاب لکڻ واري پنجابي فاضل اديب ۽ بين پنجابي اديبن کي اهو پتو ئي ڪونهي! مونکي توقع هئي تہ لفظ ڳچ جيترا ليٽ سنڌي هوندا جيئن وارث شاھ، شاھ حسين ۽ بين ۾ آهن پر انهن ۾ زياده هوندا چو تہ گھٽو گھڻو اڳ جو آهي. آهي بہ ائين. "م" جي پنجابيءَ گھر واري ملاقات تي آئي هئي. ڪڙ ڪچو آندو هئائين. اڄ سياڻي ان کي کائڻ جو پروگرام آهي. جگر، دل وغيره هينئرئي چڙهيا پيا آهن. اُباري پوءِ تئي تي تري کائيندا سون. هتي سڄو ملڪ زڪام ۾ ورتل آهي. مونکي بہ نڪ ۾ ٽوري "سون!" "سون!" پئي ٿئي. ڪنڌ ۾ بہ سور آهي ان ڪري نہ ڪجھ پڙهي سگھجي ٿو نہ لکي سگھجي ٿو.

٨٢-٢٧

صبح جا اٺ. ڏينهن ڪجھ ٿڏو آهي. رات چترهار ۾ دهليءَ تان ڏکڻ هندستان جي تامل نادو (مدراس) صوبي جي مدراس ني وي تي تيار ڪيل سازن جو پروگرام ڏيکاريائون. هڪڙي ساز جي وڏي واکاڻ ڪيائون. اهو ٻڌايائون تہ هي هيئن وڄندو آهي. ان ۾ ڇڙو ڪمال آهي. اهو هو چنگ جيڪو اسانجي ڀھراڙين ۾ ڊراڙ سڄو ڏينهن پيا وڄائيندا آهن. مختلف ڳولن، علائقن ۽ قومن جا ماڻهو پنهنجي پر ۾ ٿاڻ ڪي، پنهنجي پٽ ڪي ۽ پنهنجي تاريخ جي ڳالهين کي ڪيڏو نہ نرالو ۽ اڻ ٻڌو سمجھندا آهن ۽ اهي دنيا ۾ اڪثر ڪيڏيون عام ۽ رواجي هوندڙيون آهن! مقامي ۽ قومي خصوصيت تي اڌاڻو زور ڏيڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن کل جھڙي ڳالهہ ٿيو پوي! هن ٽن سازن جون بہ وڏيون واکاڻون ڪيائون. فلاڻو ساز ڏکڻ هندستان جي سازن جو سرتاج آهي.. فلاڻي کي فقط فلاڻا فنڪار وڄائي سگھندا آهن. اهي "نرالا" "اڻ ٻدل" ۽ "اڻ سُٹل" خاص ڏکڻ هندستان بلڪ خاص تامل نادو جا ساز هئا گھڙو ۽ پکواز! ٽيون ساز هو ڊفلي جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجاب ۽ اتر هندستان ۾ سجو ڏينهن ڇوڪرا پيا وڃائيندا آهن. ٽي ويءَ تان روز پيا ڏسندا آهيون. ائين ناهي ته هر ڳالهه ۾ ۽ هر شيءَ ۾ پاڻ جهڙين ٻين ڳالهين ۽ شين سان گهٽين هڪ جهڙاين سان گڏ ڪي به خصوصيتون ۽ نرالايون ڪو نه هوندیون آهن. گهٽيون هوندیون آهن. پر انهن جي خصوصيت ۽ نرالائي ايڏي ڪا لامحدود، ايڏي بنهه مخصوص ۽ بنهه نرالي ڪا نه هوندي آهي. ڪائنات ۾ ڳالهيون ۽ شيون هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿيون، هڪٻئي تي اثر وجهن ٿيون، هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿيون ۽ هڪٻئي ۾ پيهي وڃن ٿيون. اڪثر خاص ڳالهيون ۽ شيون اڳتي هلي عام ٿيو وڃن ۽ عام ڳالهيون ڪنهن منزل تي خاص ۽ نرالين بنجيو وڃن. اهڙيءَ طرح "خاص ۽ عام" قطعي ۽ آخري تصور نه پر نسبتي تصور آهن. پتلين جو ناچ راجستان جي پٽڻ جو خاص فن نظر ٿو اچي. نندڙا ٻار به پتلين جا ماهر. جوڌپور جا پتلين نچائڻ وارا ڊيڪارياڻون. وڏا پڻڪا. اٽ. هڪڙي نهايت دردیلي راڳ ۾ هڪڙو اکر جهڙوڪر ته بدل لڳم. ڏيان ڏنم. "مومل." وري بدم. وري به ڳايائون "مومل"! الائي ڪهڙي مومل جو داستان هو. سوچيم ته اسان واريءَ جو ته نه هو! رات آڌيءَ مهل بشير گهوڙي عادت موجب ڊيڪ چڙيو. مون کي الائي ڇو نه ٿي نند اچي. ناچاڪ هوس ۽ اندر ستل هوس. هن طنز طور چيو "اڄ وري صاحب جي اندر سمهڻ جو نمبر آهي!" گويا اندر اسين ڪچي شراب جي ٻٽي پيا ناهيون يا سرڪار خلاف بم پيا تيار ڪريون. "م" اڪثر رات جو به چار ڪلاڪ لکندو آهي. ان جي به ٻڌائين ٿوهه ۾ ته چا ٿو لکي. تبصرا. رمزون. هي به ان ڳالهه ڏانهن اشارو هو. من جو خيال آهي ته هڪڙي ڏينهن هو ٿو وڃي جاڳي لکي ۽ ٻئي ڏينهن آڻون. مون سجو مهينو مجبورن ماڻ ڪري هن جون بدتميزيون، جاڇون ۽ جاسوسيون برداشت ڪيون هيون. سو مون هيءَ بدتميزي نه رڳو ذاتي طرح ناقابل برداشت سمجهي پر اهو به سمجهيم ته جيڪا اها ڳالهه به ڦهي ويس ته پوءِ اتي بس نه ڪندو. وڏو ڪو خنام پاريندو. تيدي ماڻهوءَ جي گهر ۾ الائي ڪهڙو ڪهڙو ڪچرو پيو هوندو آهي، هتي ته "جيڪي بندوڪ ڪري سو مڙئي ڏوهه." ان خيال کان ستل نانگن کي جاڳائڻ به نه چاهيو آهي ۽ ڪي ڳالهيون برداشت ڪيون آهن. خاص ڪري جي اهي غير ارادي نندڙيون ڳالهيون هجن ته. پر هر شيءَ هڪ حد کان پوءِ اُلٽي نقصان ڪار به ٿي سگهي ٿي. قصو ڪوتاهه آڌيءَ رات جو مون وڏو گوڙ مچائي وڌو. سخت دهايو مانس. "م" به اتي آيو. سجي مهيني ۾ جيڪي بيهودگيون ڪيون هٿائين تن جو ڪچو چٺو ٻڌايو مانس. دهلجي ويو. وات مان اکر نه اُڪليس. خير وري به مسئلو اهو ته "گدرو ڪري ڪاتيءَ تان ته به گدري کي جوکو ۽ ڪاتي ڪري گدري تان ته به گدري کي جوکو!" هي ڪٿي هتان نڪري وڃي، بدلي ٿئي يا چا به ٿئي، پر هي جيڪو بڪندو ته فلاڻا تا اچن، هيئن ٿو ٿئي هونئن ٿو ٿئي، تنهن مان ته وڏو گونهه ٿي سگهي ٿو. اهڙو به جنهن کي هي جيل وارا به ڏوئي نه سگهن! هاڻ؟ "م" چيو ته "آءٌ چوانس ته معافي ونبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڳالھ في الحال درگذر ڪريون." مون چيو تہ "آھي تہ وڏي سزا جي لائق پر منھنجي چوٽ تي نہ پر ازخود جي معافي ولي تہ ڏجيس." اھو راضي نامون ٿيو. ھاڻي ڪنھي قسمت! يا قرڙيءَ مان ڦٽ ٿيندو يا ھن جي روز روز جي بد معاشيءَ مان جند ڇڏيندي. جزا جي ڪري "م" جو لکڻ ئي بند ٿي ويو آھي. سڄي رات اکيون جو وھيو ويٺو ھوندو آھي!. بھرحال ازخود روئڻھارڪو تي معافي ورتائين. مون معافي ڏنيس. في الحال تہ ليک ٿيو. اڳتي ڏسبو.

جمع جو پلارو ڏينھن آھي. پاڙي جي لائوڊ اسپيڪرن جي پاڻ ۾ ريس صبح کان شروع ٿي وئي آھي. گجگوڙ پئي پوين. اکر بہ سمجھ ۾ نٿو اچي. پر جيڪي دھشتون پيا ڪن ۽ دڙڪا ۽ ڏمڪيون پيا ڏين تن مان مخلوق خدا لاءِ ڪنھن خوش خبريءَ، آرام ۽ سک جو آسرو ڪو نہ ٿو ظاھر ٿئي! تصور ۾ رڳو پالا، گرز ۽ باھہ جا آڙاھہ ڪڙا ڪريو ڇڏين! ھڪڙي پاسي جاگيرداري سماج جي راڇوٽي ۽ برادري نظام جو عذاب، ٻئي پاسي بکئي پيٽ جا چک ۽ پيداوار جي وسيلن تي قابض ٿي ويٺلن جون خرمستيون ۽ دھمان ٽئي پاسي جاگيردار سرمائيدار سامراجي سياست جون آمريتون ۽ مارشلائون، چوٽين پاسي ھي پالن، گرزن ۽ باھہ جي اوڙاھن وارا روحاني جابر ۽ جلاد! سڀ پاڻ ۾ جٽ. ٽٽ متل! مسڪين مارو ماٺھو ويچارا وڃن تہ ڪيڏانھن وڃن!

"م" ٽوپ ڪٽي آڻي ڏيکاريو آھي. ترو سڙيو پيو اٿس. "وڏا نقصان ٿي ڳيا! سارا سڙ ٻل گيا!" بشير مشتئيءَ ڏانھن اشارو ڪري چوي ٿو "سم جو پيندا اي وڃڪي!" (سمھيو جو رھي وجيو!) سڄو ٻوڙ جيڪو ڪلاڪن جاڪلاڪ رڌيو اٿس سو سڙي ويو! گرمي آڪٽوبر وچ تائين ھلندي آھي. ايا خيرن سان آگسٽ ئي ڪو نہ پورو ٿيو آھي. پر اڄ جھڙوڪر موسم ۾ خزان جي اداسيءَ جا آثار پيا نظر اچن. باھر ڪھريون پاڻ ۾ جنگاڙ لڳايو ويٺيون آھن. پکو آھستي آھستي پيو ھلي. اڄ ھمراھ بھتر آھي.

عمران لنگھيان پٻان بھار

(تنھنجي انتظار ۾ چائنڊ وٽ پيرن جي پٺن پر بيٺي ڪيئي عمرون لنگھي ويون!)

خواجہ فريد جي اھا سٽ "م" کان ٻڌيم. رات آسمان ۾ قطب تاري، ڪتين ۽ ٽيڑوئن کي ڏاڍو نھاريم، پر پتو ئي ڪو نہ پيو الّا لطيف جا بيت ياد پيا جن آسمان جي تارن بدران ڏرتيءَ جي تارن جون ڳالھيون چيڙي وڌيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڏانهن گهٽو نهاريان تارا تيلاهين
سڄڻ جيڏاهين تون ٽيڏاهين ايرين
هن تاري هن هيٺ هت منهنجا سپرين
سڄڻ ماڪيءَ ميٺ ڪوڙا ٽين نه ڪڏهن.
تارا، ترو ترو ڪٽيون متن ڦاڙيون
ڪوءِ سي راڙيون، جي پرين پچاڻا پيون.
ٽئي! ٽئي! ٽا، ٽا، ٽئي ٽا!

پنجن ڇهن سالن جون نندڙيون ڇوڪريون پيرن ۾ گهنگرو مٽي تي بينسريون ۽ الپون، نڪن ۾ نندڙيون نٿون، ٽئي! ٽئي! ٽا! تاڪ ڏنا، ڏن! نچن ائين پيون جڻ ڪي وڏي عمر جون رقاصائون هجن! لڏياڻي اسڪول جون آهن. جلندر ٽي ويءَ تان پيون ڏسجن.

چئن سالن جو ٻار انگريزيءَ ۾ ڇهن ستن سٽن جي انگريزي تقرير ڪيو ڪري. دراصل انائونسمينٽ ڪيو ڪري انگريزيءَ ۾. آفريقي گانو ۽ ناچ پيش ٿيندو. اجهو ست اٺ "آفريقي" فنڪار اچي ويا! چهرن تي ڪار اٽ ملي آيا آهن. سڀ ٻار آهن. ڳائين ۽ نچن پيا. ڳچين ۾ گلن جا هار پاتل آٿن. انائونسمينٽ ڪئي ٿس پولڙن بابت، هاڻ انگريزي گيت. پنجن ڇهن سالن جا نندڙا ٻار ڏاڍا خوبصورت انگريزي گيت پيا ڳائين. اصل ڪمال ڪريو بيٺا آهن! انگريزي انائونسر جي منهن تي رڪ چڙهيو پيو آهي. مجال آهي جو رڳو مرڪي! چئن پنجن سالن جو آهي پر وڏن جا ڪن ڪپي!

ڪتي نين نه جوڙين
ڪتي نين نه جوڙين،
تينون واسطه خدا دا،
واڳان وطنان نون موڙين آکي لڳ کي،
ڪسي دي ميرا مان نه توڙين،

لاهور ٽي ويءَ تان ريشمان پئي ڳائي. سبحان الله. وهي ڪائي آئي آهي پر وڏي شان سان ڳائي ٿي.

مينون چليا بنا کي (چليا چريو)
آپون لگ گئي ڪناري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهلي. ڪلڪتي ٽي وي ۽ جو پروگرام. عمر انڪل ۳۰ سال، نڪ سنهو ۽ ڏگهو. نقش تکا. رنگ ڳورو. چهرو گول. جسم سڊول. هٿن ۾ گلن جا گجرا. منگٽ ۽ رابيل جي گلن جون سريون. ڪنن ۾ ڪان ڦل. گلي ۾ موتين جي مالها. اکيون وڏيون وڏيون ڪاريون ڪاريون. منهن تي سنجيدو باوقار جسن ۽ ڪشش. هٿ ۾ وڏي ستار. ايم اي صحافت ، زماني جي استاد ستار نواز پنڊت روي شنڪر جي شاگرديائي، ڪلڪتي يونيورسٽي جي فن جي شعبي جي سربراه، هندوستان جي غير ملڪن سان فني ۽ ثقافتي ناتن جي ڪاميٽي جي ميمبر، اقوام متحده سان ثقافتي رابطي جي پارٽي ڪميٽي جي ميمبر، هندوستان جي چوٽي جي ستار نواز، بنگالي جادو گرڻ جيا بسواس! راڳ همير ۽ ڪاڇ. محمد شريف پونڇ وارو پاڪستان جي چوٽي جو ستار نواز هو. پنڊت روي شنڪر جي ستار جي رڪارڊنگ بہ بدل آهي. سڄي جهان ۾ سندس پڪارون آهن پر "پلا پلي" جو چيهه ڪونهي" هي مائي بہ ڪالين مٽ سان آهي. چانو ڪري ڇڏيائين! سندس هٿن جي چر پر ، چهري جا اونها،آفاقي تاثر ۽ ستار جا ساز پاڻ ۾ ملي هڪ ٽي ويا هئا ۽ ماڻهوءَ کي احساسن ۽ جذبن جي هڪ نئين دنيا ۾ ڪڍي ويا. ماڻهوءَ جو ماضي، حال ۽ آئندو ملي هڪ ٽي ويا. وقت جي رفتار بيهي رهي.تاريخ گم ٽي ويئي کي کي گهڙيون خاکي انسان کي عالمي فن طرفان اهڙيون بہ عطا ٽي ويندیون آهن! زبان تي بي اختيار لطيف اچي ويو!.....

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهيم اي
هڪين اُيو هٿن سان جيئرو رکيو جي!
رات منهنجي ريءَ،ڪاٽيو تو ڪاچ سان!

ههڙين ماجرائن، لتائن ۽ ڪيفيتن بابت احساس جي اظهار لاءِ لطيف کان سواءِ بيو ڪنهن وٽان موزون لفظ جو دان ملندو؟! جيئي لطيف!

لاهور تان "سونا چاندي" جي چوڏهين قسط ڏلي سپن. ليڪ هئي. رات حميد هٿان بشير گهوڙي بابت گلزار کي نياپو موڪليوسين. متان اسين چپ هجون ۽ هو دغا ڪري ميسٽو ٽي وڃي اُپ ڦاڙي. سو سندس جاءِ تي رفيق آيو پراڻو يار. مزا ٽي ويا "مان" ڏنو اٽماس وڏي تمهيد کان پوءِ. پراڻن خيالن جو ماڻهو آهي. سياسي سوچ روايتي مهاجر سوچ اٽس. پر ماڻهو ذاتي طرح پلو آهي. پلي گورڪيءَ سان بہ ڪچهري ڪري! اثر تہ بہ خاص مٽس ٽيٽو ڪونهي. تہ بہ پرائيءَ ڏيءَ تان ڏڪو بہ چگو!

بہ لفافا ۽ هڪڙو ڪارڊ مليا. هڪڙو لفافو ۽ ڪارڊ ائنيسٽي وارن جو آهي. اهو خط پهرين بلوچستان ويو. اتان ٽي ڦرندو ڦرندو هتي پهتو آهي.انگريزيءَ ۾ لکيو اٽن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گروپ نمبر ٢٦ ايف
ائمنيسٽي انٽرنيشنل
ميسن ڊوٽيمپل
٩٠٠٠٠ بيلفورٽ
فرانس
پيارا سائين،

اسين ائمنيسٽي انٽرنيشنل جي فرانس واري شاخ جي گروپ ٢٦ ايف جا ميمبر آهيون. ائمنيسٽي انٽرنيشنل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لنڊن ۾ آهي ؛ جنهن توهان جو معاملو اسان جي سپرد ڪيو آهي تنهن توهان کي "ضمير جي قيدي" جو مرتبو ڏنو آهي. اسان ٻڌو ته توهان هاڻي ناري جيل ۾ قيد آهيو. توهان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اسين پنهنجون ڪوششون جاري رکيو اچون. اسين توهان بابت فرانس جي اخبارن ۾ ليک لکندا آهيون ته جيئن عوام کي توهان بابت خبر پئي . اسين توهان بابت توهان جي حڪومت کي ٻه لکندا رهنداُ آهيون.

اميد رکو ته اسين توهان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکنداسون.

توهانجا خير انديش

گروپ ٢٦ ايف فرينچ سيڪشن
ائمنيسٽي انٽرنيشنل

تاريخ فرينچ ۾ لکي ويئي آهي. سڄهه ۾ ٿئي اچي. فقط سال ١٩٨٢پڙهڻ ۾ اچي ٿو. ٻيو خط عبدالله ولد الهڏني پليجي جو آهي. ٨٢ -٧ -٢١ جو لکيل آهي. لکيو اٿس:

سوريءَ سڏ ٿيو کا هلندي جيڏيون
وڃڻ تن پيو نالو نينهن ڳنهن جي

محترم ساڻي رسول بخش صاحب سدا سلامت هجو . چا لکان توهان جي عظمت تي چا هستيءَ تي، چا قربانيءَ تي . گهٽو ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو. پر افسوس جو انصاف ڪري ڪو نه سگهندس. منهنجو هيءَ توهان ڏانهن پهريون خط آهي ؛ پُر اُميد آهيان ته جواب ضرورملندو. جواب جو سچي زندگي انتظار ڪري سگهان ٿو. هن وقت هر هنڌ شاد مانا لڳا پيا آهن. واسين اچي ويڙهه وسايا آهن. چو طرف وايو منڊل بدلجي ويو آهي. هر طرف کان ڏڳرن جي ڊڏ ڊڏ ٽلين جي ٽڻ ٽڻ لڳي پئي آهي. ڳڻن ؛ مينهن جون هنبون ننڍن گابن جون رڙيون. چئو طرف آواز ئي آواز. مٿي آسمان تي ڪڪرن جي چانو گوڙين جا سانوڙيا ؛ مينهن جا ڏاڍوڙيا لڳا پيا آهن.....

پر هڪڙي ڳالهه چوان؟ اها هيءَ ته همت ڪڏهن به نه هارجان. اها مون حقير جي هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه آهي. نصيحت ٿئو چئي سگهان ٿو ته توهان کي هر ڳالهه جو علم آ ۽ صحيح سمجهو ٿا.....خط ڪافي طويل پيو ٿئي ۽ آئون لکڻ چاهيان ٿو. آءٌ چاهيان ٿو ته ڪجهه وقت توهان منهنجي باري ۾ پڻ سوچيو. هن وقت آئون جنگشاهيءَ جي ويجهو تاريخي جاين جي ريسرچ پيو ڪريان. هالاڻ جي دڙي تي به ويو آهيان. اتان هڪ تمام پراڻو سکو به لڌو اٿم جنهن تي خبر ناهي ڪهڙي زبان لکيل آهي.....

هينئر ڪوٽ ڊرامو ڪيوسين (ڊراڻن جا ڏک) جنهن ۾ هيرو جو ڪردار مون ادا ڪيو. ڈاڍو ڪامياب ويو. ماڻهن ساراهيو. ان ۾ بجلي جو لائٽون اسپيڪر پڻ استعمال ڪيوسين. عورتن جي لاءِ پڻ پردي جو به انتظام هو. صرف دعاگو عبدالله پليجو ولد الهڏنو پليجو ڳوٺ منگر خان پليجو.....

سڀني واسين طرفان سلام قبول ڪندا.....

ادي مسرت کي لکيم "ادي مسرت تنهنجو خط گوڙيون ڪندو اچي پهتو. اڳيون خط تنهنجو مون کي ڪو به ڪونه ملیو نه ته ڪو آئون ضرور جواب ڏيانءَ ها. تون ڪهڙي درجي ۾ آهين؟ هتي ٻئي ٽئي ڏينهن مينهن پئي ٿو. اڌ رات ايندو آهي ۽ ٻن پهرن تائين يا ٽورو اڳ ختم ٿيندو آهي. ڪڏهن ٻه ڏينهن پيو هلندو آهي. رات آڏيءَ جو شروع ٿيو. اجهو هينئر ٻيٽو آهي.....

سلام پنهنجي سڄي گهر جي ٻارن کي ڈج ۽ کين چئج ته سپ پڙهي هوشيار ٿي. امتحان لاءِ تيار ٿيا ويٺا هجو. آءٌ سيني جو اچي امتحان ولندس. پاڻ سانءَ سڀيون شيون ۽ ڪپ جي بانڻن جي پروڙي به ڪٽيو ايندس. جيڪي سٺا پاس ٿن کي انعام. جيڪي رڳو لکا پيا هوندا ۽ پڙهندا ڪونه تن لاءِ اگهاڻن پٽن تي ڪپ جا بانڻا! تنهنجو بابا"

گندليءَ کي لکيم! "پياري گندلي، ادي مسرت جي خط سان گڏ تنهنجو خط به پهتو. پڙهي خوشي ٿي. ٽائيگر کي تنهنجا سلام ڏنم. ڈاڍو خوش ٿيو ۽ "ميائون"! "ميائون" ڪري توکي ۽ ڪليليءَ کي سلام ڏنائين. تون ۽ ڪليلي هينئر ڪان ئي انگريزي اي بي سي ڈي چگيءَ طرح لکڻ شروع ڪريو. سنڌي به لکو ۽ پڙهو. پوءِ اردو پليٽ پڙهو. پر بنا انگريزي ۽ سنڌيءَ جي نه. ايندڙ مهيني بابا گل هتي ايندو. اوهين ٻئي پنهنجي خرچيءَ مان الاهي ٽافيون مون لاءِ ۽ ٽائيگرلاءِ ونڊيءَ ساٿس گڏ اچجو. ڪليليءَ کي چئو ته خط چو نه ٿي لکي؟ ۽ تون ڪليلي کي ماريندي ته ڪا نه آهين؟ ڪليليءَ کي ماريندينءَ ته ٽائيگر چڪ وجهي ڪن جي پاڙي کائي ويندئي. اهو خيال رکجانءِ .....

پرهه ۽ ٻين سيني ٻارن کي منهنجا سلام ڈج. ٻارن سان وڙهين متان. ٻيو ته اوهين ٻئي امان وڏيءَ جو چيو ڪم ڪار ڪندیون ڪريو. پرهه اڳيئي سندس چيو ڪندي آهي. تنهنجو بابا".

رات دهليءَ تان فلسطينين ۽ لبنان ۽ اسرائيل بابت مباحثو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڊيٽر پروفيسر ۽ اخباري رپورٽر هئا.فلسطينين کي زبردست خراج تحسين ڏنائون. عرب رجعت-پرست حڪومتن جي پٺ وائکي کيائون.بيروت جا ڪيئن منظر ڏيکاريائون. عام ماڻهوءَ لاءِ چگو موچارو سمجهه وڌائيندڙ مباحثو هو. چترو هار ۾ لل ڪو نه هو. دهليءَ تان غزل ٻڌايائون، فضول هئا. لاهور تان ٻڌايائون ته اهي به اهڙا چٽ هئا. رات آڏيءَ کان صبح تائين چگو مينهن هليو. "م" ٺيڪ کو نهي. آءٌ صفا ٺيڪ کو نه آهيان. پر کا تکليف به ڪانهي. سواءِ ڪنڌ جي سور جي جيڪو ايڏو کو نه ويو آهي. سياڻي کان وري ادبي متالو درست ڪرڻ شروع ڪندس. هفتي کان پوءِ ڪلهه "م" جي گهر واريءَ آنگن ناول خديجه مستور جو موڪليو. اُن جون ڏاڍيون تعريفون ٻڌل آهن. شروع ۾ زرينه ڪيون هيون. اڄ پڙهي ٿو ڏسان. حور کي لکيم ته "..... چٻوٽو ته ايڏا به اکر لکيو سگهين ٿي. اهو به شڪر جو هيڏن سارن ڪارخانن مان ايترو ٽيم به بچي ٿو!.

سڳورن کي چئو ته. "ڪالهه برابر اهائي سنگن واري آهي. سئو هوندي ته اٺ جي بنهي پاسن کان آهون سامهون به جبلي پاڻ ۾ ٽوڙجي وڙهي پيا. ڪٽي هڪٻئي جي ڏاڙهين ۾ هٿ وڌائون. گوڙ تي اٺ چرڪجي اٽي بيهي رهيو ۽ مڙس بنهي پاسن کان ٽنگجي بيهي رهيا! چئون ته ڏاڙهين مان هٿ تا نڪرن ته پٽرن واري پٺ تي هڏ گڏ به پچي پوندا! سو هيڪڙي چيو ٻئي کي "ڪيائي ته بچڙي! پر جهليجان سوگهو!" سو سنگن جي چورن هايا ڪري ڇڏيا آهن. روز ٽورا ٽيو ٻينا آهن. ماڻهو بنهه پاڙي ٽئي ته به وات جي "وٺ"! "وٺ" کان ته نه وڃي. ان تان چورن سان ڏاڙهين ۾ هٿ پئي ويا آهن. نڪو تا اسين ڏاڙهين مان هٿ ڪڍون نڪو تا ڊپ مان هوئي ڇڏين. چپران به ايي ٽي بيٺي آهي. آخر اڄ سيان وهندي. ٻوءِ سڀ کو جيڏاهن جو هوندو تيڏاهن روانو ٽي ويندو. هوئين به پنهنجا پاڻ ۾ آهيون. ملڪ جا حال سيني کان سارا پيا آهن. هن ڏڪار ۾ مهانگائيءَ جي ٽيم ۾ جيڪي ٻٽي ڏينهن پرائي ٽٽي مان لولو ڪڍي سگهجي سو چگو. اٽ تان وڃڻي لٽي ته به ڪاشو! منيءَ کهڙا ڪارخانا کولي وڌا آهن. ڪا ته خبر پئي..... ولیءَ واري درويش ته وجائي ڇڏيو! لوڪ لڏڻ ۾ چري اڏڻ ۾..... ڪالهه ٽيڻ سارو به ته هجي!.....

ڪلهه شاڪر شاه چيو ته همراهه بابا فريد(فريد الدين مسعود شڪر گنج پاڪ پٽڻ واري خواجه نظام الدين اوليا دهلويءَ جو مرشد، هندوستان جي سمورن چشتين جو مرشد) جي شلوڪن جو ڪتاب "آڪيا بابا فريد ني" واپس پيا گهرن. اڄ اُن مان نوٽ ولڻ جو ڪم لاتم. سياڻي ڪتاب واپس ڪبو. منجهس ڪيترائي سنڌي لفظ آهن. بابا فريد پنجابي شاعريءَ جو بابو آدم آهي. لطيف کان اڳ پنج صديون اڳ ٿي گذريو آهي. پهرين وڏي سنڌي شاعر قاضي قاضن کان به ٽي صديون اڳ جو آهي. سنڌي شاعرن مان فقط سمڪ چارڻ کانئس اڳ ٿي گذريو آهي. (منهنجي نظر ۾ سمڪ چارڻ وڏو شاعر آهي.)

بابا فريد جا ڪل ۲۱۳شلوڪ جا بيت ڏنل آهن انهن مان هيٺيان سنڌي لفظ آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊي، سکڻ لڏ ساڻڙ، منجهه، ڳالهيندين، وات، ڏڻون (مونکي ڏڻون ڏئي وڃي ڊوليو ڊٽ قراريو) ماٿهو سائر، وں (مڙس) جاڻان، لب (لالچ) وٽ، ڳهلا، گهٽي، مينهن، سپ، ڏکي، سکي، سنجهي، جاڻ، ڏکي، ٽهي، توءِ، ڏاهاڳڻ (رسم) ائي ستڏي، ڪنو ورلي، ڏينهن پاڻڻي ٻيڙا، وات، ڪپر، ڪاڻ، مان، پرين، ڏينهڙو سڏ ڪڙي، ڪجهه بيت اهڙا آهن جيڪي صورتخطيءَ جي ٿورڙي فرق سان ذري گهٽ سنڌي آهن.

اڄ ڏهليءَ تان اندرا گانڌيءَ جي ماريشس ۽ موزمبيق جي دوري جي ٽي وي رپورٽ ڏيکاريائون. ماريشس جي وزير اعظم جيڪ انگريزي جو لهجو عجيب هو. هڪ لهجي جي پنهنجي پنهنجي ٿوني ٽي پليٽ ڪري انگريزن کان ويڙ ولن تا! جگن ناٿ جي تقرير جو انداز اهڙو هو جڻ هڪڙو اولاد پنهنجي مائيٽ سان ڳالهائي رهيو هجي. مثلاً هي لفظ سفار تي دستور موجب نهايت غير معمولي هئا. "اسين هندوستان ڏانهن رهنمائي ۽ سات واسطي نهاريون تا!!" اجوڪي دنيا جي سفارتي ٻوليءَ ۾ "رهنمائي ولڻ" جي ڳالهه ڪا ٽيندي آهي. هر ڪو ملڪ پاڻ کي تيسمار خان ظاهر ڪندو آهي. پر ماريشس جي ۶۰-۷۰ سيڪڙو آبادي هندوستاني آهي. انهن کي انگريزي واپاري هتان نيم غلام ڪري پرتي ڪري ويا هئا. اڄ اهي مڇي موري مڙس ٽي پيا آهن. ۽ وزيراعظم به انهن مان آهي. ناڇ به ڏيکاريائون جي هندستاني طرز جا هئا.

موزمبيق ماريشس کان ٻيٽو غريب ۽ ڏڪڙيل ملڪ آهي پر ان جي ڳالهه ئي ٻي هئي. صدر سامور اماشيل هڪڙي فوجي انگڙ ٽي لڳو. ماحول جي هر ڳالهه ۾ انقلابي ماضي ۽ انقلابي حال جا آثار هئا. هلڻ ۾ ڪٿ، ملائڻ ۾، نهارڻ ۾، ڇهرن جي تاڙن ۾، ناچن ۾، جڏهن جدوجهد آزاديءَ ۾ شهيد ٽيلن جي ياد ۾ قائم ڪيل ياد گار اندر هرندڙ دائمي آڳ جي شعلن اڳيان، گلن جي ٻيڻا پيڻڻ ڪئي ويئي تڏهن اندرا جي ڇهري جا تاثر ڏسڻ وٽان هئا! ماريشس ۾ هوءَ ائين پئي هلي جيئن پنهنجي گهر ۾ اولاد اڳيان اڃي ويهجي. پر موزمبيق ۾ هن جو رويو انتهائي سنجيدگيءَ ۽ احترام وارو هو. جڻ هن هر وقت ڪوشش پئي ڪئي ته هن وقت جي انقلابي ڪسوٽين ٽي ڪسي نه ٽيان! در حقيقت جنهن وقت دائمي آڳ اڳيان گلن جي ٻيڻا رکي ويئي، تڏهن پنهنجي برادر افريقي عوام جي لمبي ۽ اٽانگهي جدوجهد ۾ سندن ڏکن، مڙسين ۽ ڪاميابين جو سوچي خود مون تي ڏک، غصي، فخر ۽ خوشيءَ جا ڳڙيل جذبا چائنجي ويا ۽ منهنجو گلو پرجي آيو. هڪ پل لاءِ ٽي وي ءَ جي تصوير ڏندلائجي ويئي. "امر ناٿ ڏانهن سفر" نالي ٽي وي پروگرام دهليءَ تان ڏيکاريائون. اهو پروگرام سري نگر، ڪشمير ٽي وي ءَ جو رکارڊ ڪيل هو. سفر جي چڙهائي سرينگر کان شروع ٿي سورنهن هزار پنج سو فٽ جي اوچائي تي هماليه جبلن جي سلسلي ۾ امر ناٿ جي زيارت گاه تي ختم ٿي. واٽ ۾ اوچيون ڊيجاريندڙ چڙهايون، سنهڙا پيچرا، خوبصورت منزلون ۽ سجا پڙپاڻگ پهاڙ، برف پوش چوٽيون، گاه ۽ خوبصورت وڻ، قسمين قسمين منظر هئا. ماٿهوءَ جڻ ياترين (هندوحاجين) سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي سفر ڪيو. هر قسم جا ياتري هئا. پانت جون پوليون هيون. ڪئين نسل هئا. انگريز، جرمن ۽ فرينچ بہ هئا. ننڍڙا ٻار ٻڍا، بيمار، منڊا گڏهن، خچرن ۽ گهوڙن تي ۽ ڪي ڪي گهوڙين تي (ڪاٺ جي گهوڙين تي) منڊڪائيندا پئي ويا. مٽي، مٽي، مٽي! ڏکندا، مانيون پچائيندا، ڳالهائيندا، ڪچريون ڪندا، ڳائيندا، منزلون ڪندا پئي ويا-مٽي، مٽي، مٽي !

جهجها ماٺو گڏ هجن، مقصد پڪو هجي تہ منزلون ڪيئن نہ آسان ٿيو پون! ماٺو پنهنجيءَ تي اچي ٿو تہ چا چا نہ ٿو ڪري وجهي خاص ڪري جڏهن ٻين سان گڏ هجي!

ماٺو تصور ئي نہ ڪري سگهندو تہ هي ڪاٺ جي گهوڙين تي منڊڪائيندڙ پنگلو يا هي مرڻ ڪنڊيءَ تي پهتل مڙهن خوفناڪ جبلن جون چاڙهيون ڏينهن جا ڏينهن چڙهي، هماليہ جون اوچايون سر ڪري، هنن پراسرار غارن ۽ چوٽين تي پهچي ويندو ۽ صحيح سلامت موٽي ايندو! لطيف جو چيو آهي تہ:-

ٽڪيا ئي ٽر ٽيلہ چڑھ چڪيائي چوٽين
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، يو مڙيئي پيل
اتي راڻو ريل، ويٺن تان واري وري!

سا رڳو سڪٽي شاعراڻي ڳالہ ڪانہ ڪئي هئائين. انسان واقعي ڪنهن عظيم مقصد لاءِ ٽر ٽيلهي سگهي ٿو. ٽڪي، ٽٽي، چڪي ۽ خلاص ٿي بہ چوٽين تي چڑهي سگهي ٿو. مڙيئي يو پيلي سگهي ٿو ۽ راڻو ريلي سگهي ٿو!

افسوس جو اڄا ڏرتيءَ جي ڪن ڪروڙين ماٺهن جا "عظيم" مقصد لنگهم جي زيارت ڪان وڌيڪ عظيم نہ ٿي سگهيا آهن. اڄا ڪروڙين انسان پيرن، پوپن، ملن، پادرين جي روحاني ڊڪٽيٽرشپ جي ڳٽ مان آزاد ٿي نہ سگهيا آهن. اڄا اڌ ڪان مٽي مخلوق پنهنجي نجات اهڙين زيارتن ۾ ئي سمجهي ٿي. پر اهو ٽڪسابٽ بہ نيٺ پورو ٿيندو ۽ ماٺهو ضرور روحاني غلاميءَ مان آزاد ٿيندا.

اڄ جلندر امرتسر تان هندي فلم "داماد" ڊيڪاريائون. معمولي هئي. هڪ اڌ ڪي چڏي باقي بيا ايڪٽر گهٽي پاڳي گهر نام، بنهہ نوان يا ٻئي ٽئي درجي جا هئا. ڪوبہ لٽ ۽ شان ڪونہ هو. نہ مارڌاڙ نہ شاندار نظارا، نہ رنگبرنگي محل، نہ سنسي خيز ٽڪر، مطلب تہ ڪجهہ ڪونہ هو. پر فلم ڏاڍي وٽي! "مٽي پر چاول" ۽ اڳوٽي فلمون جنهن جو نالو نہ ٿو اچي تنهن جهڙي هئي. هاڻ سمجهيو اٿم تہ ڪا روشن خيال ترقي پسند مرهٽن فلم ڪارڪنن جي فلم ڪمپني آهي جيڪا اهڙي عجيب سادين، پياريون پياريون، انوکيون انوکيون فلم ٺاهي ٿورڙن پيسن ۾ نون سيکڙائٽن کي پرتي ڪري. ڪانہ ڪا انوکي ڪهاڻي فلمائي ٿي. سيکڙائٽ اداڪارن تي محنت ڪري انهن کي فرسٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاس بڻائي ٿي.
سنڌ ۾ ائين ڇو نہ ٿو ٿي سگھي؟ يقيناً ٿي سگھي ٿو ۽ ڪوشش ٿيڻ گھرجي.

۳۱ -۸ -۸۲

رات لاهور تان "نشيمن" جي آخري قسط ڏيکاريائون. مطلب ڳالھ جو ته جاگيرداري جاگيردارن جو تشخص آهي. ان کي نہ ڇيڙڻ گھرجي، ان جو بچاءُ ڪرڻ گھرجي، هارين جو متدس فرض ۽ اعزاز ۽ نيڪي اها آهي ته پنهنجو تن من ڌن جاگيردارن، خانن، سردارن، وڏيرن ۽ رئيسن تان قربان ڪن. ڪنهن جو پيءُ قتل ٿئي ته ان جو ويرنہ وڻي، اهو شريعت خلاف ڪم ٿيندو. جاگيردار ناراض ٿيندا ۽ قتل ڪري ڇڏيندا. آخر ماڻهو ڀڄي ويندو ۽ الله به ناراض ٿيندو. مطلب ته عوام کي "برداشت" ۽ "شائستگيءَ" سيکارڻ واري سياسي نعري جو ادبي روپ آهي.
دهليءَ تان ڪلڪتي ٽي وي جا به پروگرام "ڪئيز" (سوال جواب) ۽ مزاحيہ نانڪ ڏيکاريائون. ٻئي بيڪار هئا. جلندر تان اردو مشاعرو ڏيکاريائون، چٽ هو. چترهار هو. اهو به فضول هو.
نئين ائڊريس ملي آهي. ڏسون ان ۾ ڪهڙو ڪڙ تيل ٿو نڪري. ادبي مقالي تي ڪلھ کان ڪم ورڻ شروع آهي. ڪنڌ ۾ سور جو مسئلو نہ هجي ته هاڻ هفتي جو به ڪم ڪونهي. پر ڪنڌ جي سور ۽ بين ناچاڪين ڪري مهينا لڳن ته عجب ناهي. پر ڇڏ بس ڪونہ ڪٽي چا به ٽي پوي.
شاعر جو پاڻ مرادو هي شعر زبان تي اچي ويو ۽ زور سان پڙهيم. "م" کي معنيٰ سمجھائڻي پيئي.

اڄ هر ڪنهن جي هي رايو آ تو نينهن اَياز نياپو آ
تو ڳاتا گيت بغاوت جا، تو لاتا زنگ ضميرن جا!

بيت هڪڙو پورو دور ياد ڏياري ڇڏيو. چا ته ماڻهو هئا، چا ته محفلون هيون، چا ته جذبا ۽ جولان هئا، چا ته خود اعتماديون، سرمستيون ۽ خمار هئا! سچي سنڌ جڻ سجاڳيءَ جو هڪ چوليون هٽندڙ سمنڊ هو! اهي دور ته خير ورڻ ايندا. اڳي ڪان به وڌيڪ زبردست ۽ شاندار، پر دل مان هڪڙي ٽڏي آهہ نڪري ويئي. وڃائي ڇڏيئي يار اَياز!

ڪچن وڏا پاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا! (لطيف)

مڙسن جي ناموس ۽ بدناميءَ جي عمر سندن زندگيءَ کان گھٽي گھٽي وڏي ٽئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲- ۹ - ۱

رات لاهور تان انگريزي فلم شوگن (Shogun) جي قسط ڏٺيسين. جواب ناهي هن فلم جو. ماڻهو پائتي ته "هيءَ پيئي هلي. پيئي هلي، ختم ئي نه ٿئي!" راندين جون جهلڪيون ڏيکاريائون. دهليءَ وارن. تاريخ ۾ پڙهيل نالن وارن شهرن ۾ راندين ڏيکاريائون.اهي نالا ٻڌي عجيب احساس ٿيو ۽ ذهن ۾ تاريخ جون ڪئين شخصيتون آيون. مدراس، بنگلور، پانڊيچري، فيروزپور، ڪلائيو، حيدرعلي، ٽيپو سلطان، غدار نظام، فرينچ، سپه سالار ڊيوپلي، فيروزپور ۾ سکن ۽ انگريزن جي جنگ جنهن ۾ انگريزن جي ڪمان خود گورنر جنرل ڪئي! مدراس تان ٽي ويءَ جو راڳ پروگرام آروهي ڏلوسين. فلمي موسيقار شيلينڊر هو، الڪا هئي ۽ هڪڙي مرهٽ ڳائٽي هئي. تان تان ۽ پلٽي پلٽي تي "م" "سبحان الله!" "سبحان الله!" جا نعرا پئي هنيا! مون چيس "هي ازروءِ شريعت ڪيڏانهن ويندين؟ بهشت ۾ يا دوزخ ۾؟" چيائين "سيڪيورٽي وارڊ ڊسٽرڪٽ جيل ڪوٺ لڪيٽ ۾" پروگرام ڪانپوءِ چيائين ته "هندستان ۾ ته الاهي لتائون پيون آهن"! ڳاله ٻه ايتري هئي. الڪا ۽ مرهٽ (لتا ٻه مرهٽ آهي) تنگ توري ڇڏيا! اڪثر گيت ۽ غزل هٿا.

جن جن قيدين تي هاءِ جيڪرن سان واسطي جو الزام آهي تن جو اڏو هي جيل آهي. ٽي عورتون آهن. نصرت تارڙ، ايم اي اڪنامڪس، وڪيل ۽ بئنڪ آفيسر. شادي ٿيڻ واري هيس ته گرفتار ٿي. زبيده ملڪ هڪڙي عمر رسيده ڪائونسلر آهي فيصل آباد ڪارپوريشن جي. ٽي ڪا بي آهي. ٻيا ۵۰- ۶۰ ماڻهو آهن.

دولتمند توڙي غريب، ڪابه اهڙي عقوبت ڪانهي جنهن مان هي نه لنگهيا آهن. مهينن جا مهينا قلعي ۾ اذيتون سٺيون اٽن عورتن سميت. هاڻي ٻه اڪثر نهايت غيرانساني ۽ وحشي حالت ۾ قيد رکيا ويا آهن سنجهي صبح جو ٻيڙيون. هڪڙي نندڙي ڪوليءَ ۾ پنج پنج . واري واري سان هڪڙو پيشاب جي ڪڏيءَ جي بلڪل پرسان سمهي ڇو ته جاءِ ڪانهي. ڪولي سڄو ڏينهن بند. سواءِ ڪلاڪ اڌ جي. ڪاڪوس ٻه پنهنجو پاڻ ڪٽي ٻاهر اڇلايو. پر منجهائتن گهٽن ان غير انساني سلوڪ جو نهايت بهادريءَ سان متابلو ڪيو آهي. خود دولتمند گهرن جي بنه بي گناهن ماڻهن ٻه وڏي حوصلي سان حالتن کي منهن ڏنو آهي. اڇڪله مهيني کان جيل وارن سان سندن چڪري چالو آهي. هر قسم جون سزائون ۽ تڪليفون مليون اٽن پر هو اڏول بيٺا آهن. حالانڪه منجهن تمام وڏي گهٽائي عام قسم جي پر امن ماڻهن جي آهي. پر سچ چيو اٽن ته "انسان ڪيڏ کان ڪونئرو ۽ لوڻ کان ڏاڍو آهي."

رات خبر پيئي ته انهن مان جن کي بي ڪلاس هو تن جو بي ڪلاس ٽوڙي ڪين گندين ڪولڙين ۾ رڙن وانگر بند ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملازمہ پڇندا آيا اها خبر ڪٽي سنسني ٿهلائڻ ۽ همدرديون ڪرڻ مون ڇيو. "حاڪم ٽولا پنهنجا بچت ۾ رکيل اهي رزالت جا هٿيار بہ استعمال پيا ڪري ڇڏين تہ پوءِ وٽن ماٹهن کي ديڇاري دهشت زده ڪري غلام رکڻ لاءِ باقي ڪهڙو هٿيار وڃي بچندو؟ ماٹهو چوندا تہ بس! آخري تراڙ اهائي! ماشاالله! لڳي تہ سڀي! هاڻ اسان جو وارو آ. هوشيار ٿجو!" شاعر انهن ئي منزلن لاءِ چيو آهي:

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل
هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين!
(اياز)

ڈيلم تہ "م" جي چهري تان غم جا پاڇا جهڪا ٿي ويا. ان مسئلي تي تفصيلي ڪچهري ڪئي سون.

۲-۹-۸۳

رات دهليءَ تان مدراس ٿي ويءَ جو رکارڈ ڪيل پروگرام "عليپسي جي نهرو ٽرافي ہيڪي جي ريس" پروگرام ڏٺو سين. ہيڪين جي ريس پوڙ نماشيءَ، (چوڏهين) تي فصل لهڻ جي خوشيءَ ۾ ٿيندي آهي. عليپسيءَ کي اوپر جو وينس سڏبو آهي. سندس گهڻين ۾ بہ وينس وانگر ہيڪيون هلنديون آهن! ڪيرالا ڏنڊن، ناريل جي وٽن، مندرن ۽ ہيڪين جو ملڪ آهي. چوڏهين جي چنڊ جي روشنيءَ ۾ ناريل جي وٽن جا جهڳٽا ۽ شفاف ڏنڊن جي پاٹيءَ جا پاڇا جڏ ڪنهن ہيءَ دنيا جي ملڪ وانگر حسين ٿي لڳا. هڪڙو مندر نانگن جو مندر هو. (هندستان ويڇاري جي انهن نانگن بلائن جي پوڄا ۽ مان جند الائي ڪڏهن ڇڏيندي؟ اسين بہ قبرون پوڄي پوڄي ڪڏهن وانداٿيندا سين؟ قبرون بہ هڪ قسم جون هجن! پٿر جون هڪ هنڌ پيل قبرون، هڏ چم جون چرندڙ قرندڙ قبرون، ڏهني ۽ روحاني قبرون، جذباتي ۽ جنسي قبرون، فڪري ۽ نظرياتي قبرون!) ہيڪيون تمام سهڻيون ۽ ڏگهيون! فرلانگ ڏگهيون ہيڪيون. بہ بہ سو ونجهہ هٹ وارا! ريس بہ ريس هئي! ہيڪيون نہ پٹي آيون جڏ ريل گاڏيون پيون اڇن! چانڊوڪي رات. چانديءَ وانگر چمڪندڙ پاٹي، تيز رفتار ہيڪيون، تال تي هوڪريا، پس منظر ۾ هڪڙو نهايت وٹندڙ درياهي گيت، تيزيءَ سان پوئتي هٽندڙ ناريل جا وٽ. هڪڙو عجيب پيارو منظر هو! ڈکن سکن کان پوءِ ڏهڙيون وندرون هجن تہ زندگيءَ جا بار هلڪا ٿيو پون! جڏهن بہ هن ملڪ ۾ سچي پچي عوامي حڪومت قائم ٿيندي تڏهن ان جي ڦهرين فرض ۾ هڪ فرض اهو هوندو تہ عوام ڪئي منظم ڪري شاندار عوامي انقلابي ميلا ۽ چٹا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙيون قائم ڪري عوام ۾ گڏپ، زندگيءَ ۽ ڪاميابيءَ جي احساس کي قائم ۽ مضبوط ڪري.

رات هڪ تمام سٺو پروگرام ڏيکاريو ويندو. رات پهرين قسط هئي. ان ۾ ڊيڪاريائون ته ڏرتي ڪيئن پيدا ٿي. ڪيئن پهرين گرم هئي، پو ۽ ٽڏي ٿي. جيو گهرڙا پيدا ٿيا. مڇيون آيون. سمنڊ جا جيو سري ڏرتيءَ تي آيا. سرندڙ ۽ اڏامندڙ بلائون پيدا ٿيون. پو ۽ نيٺ باندرن جا شروعاتي نسل آيا. وڏيا، بهتر ٿيا. باهه هٿ آئي، اوزار ٺهيا. هٿيار بنيا روبسٽس نسل جي باندر کي هئبليس نسل جي باندرن ماري ختم ڪري ڇڏيو. هئبليس مان اريڪٽس نسل پيدا ٿيو. اهي سڌا ٿي هليا ٿي. ٻيلا ڇڏي ميدان ۾ آيا. شيون گڏ ڪرڻ بدران شڪار ڪري، باهه تي پچائي کائڻ لڳا. قبيلا ٺهيا ۽ باندر سمجهو ماڻهو بنجڻ لڳا. اهڙيون تعليمي فلمون عام جام هجن ته ڪروڙين اربين ماڻهو زندگي، سماج ۽ ڪائنات جي وڏين حقيقتين کان واقف ٿي جهالت ۽ خوف جي عذابن کان آهستي آهستي چوٽڪارو حاصل ڪري وجن ۽ هي جو صدين کان هڪڙن جاهل ۽ دهشت زده نسلن پٺيان ٻين جاهل ۽ دهشت زده نسلن پيدا ٿيڻ جو اڻ کٽ سلسلو هلندو اچي سو آهستي آهستي ختم ٿي وڃي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ، جهالت، ڏهني ۽ روحاني دهشت گردين، ڊڪٽيٽر شپ ۽ عذاب جو راڄ دنيا جي انسانن تان ختم ٿي وڃي.

ڊيڪاريائون. بيڪار هو. ڊيڪاريائون. بيڪار هو. سري نگر ڪشمير ٽي وي طرفان مشهور اردو انگريزي ڪهاڻيڪار، ناول نويس، ضحافي، فلمي ڪهاڻي نويس، اسڪرپٽ رائيٽر، فلمي ڊائريڪٽر، پرڊيوسر خواجه احمد عباس جو انٽرويو ڊيڪاريائون. پوڙهو مڙس ٿي ويو آهي. الله لوڪ آهستي آهستي ڳالهائيندڙ هارن جهڙو معصوم ۽ شرميلو ماڻهو هو. "اهڙو سادو جهڙو سچ". راجڪپور جي جڳ مشهور فلم آوارا جي ڪهاڻي ۽ اسڪرپٽ هن لکيو هو. سندس خيال هو ته فلمي صنعت ماڻهن جي پسند کي خراب ڪيو آهي. فلمي اسٽارن جي دستور ردي فلم کي جنم ڏنو آهي. فلمي صنعت کي قومي ملڪيت بنائڻ گهرجي ته جيئن واقعي سٺيون فلمون بنائي ۽ ڪامياب ڪري سگهجن. (سندس کي فلمون الي، جرمني، نيو يارڪ ۽ ماسڪو جي بين الاقوامي فلمي ڇنا پيڙين ۾ انعام کٽي آيون پر هتي فيل ويون!)

اڄ جلندر امرتسر تان فلم "ڪيا يه انصاف هي" ڊيڪاري وئي. ونود مهرا، شبانه اعظمي، مشهور سندي چرچائي آسرائي (بندرو سهڻو جوان آهي) (جڏهن به ڪنهن فلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀ ڪو سنڌي جملو ٻڌجي، ڪو سنڌي ٿو ڏسجي ته ڪيڏي نہ خوشي ٿي ٿئي! ششي ڪلا، وغيره هڪ ڪو به، پهرين درجي جو اسٽار ڪو نہ هو. موسيقي به نالي ماتر هئي. فلم ڪمپني نوڙ ڪيم پي-پي ڊيسائي ڪمپني هئي. هيءَ فلم به مُنسي پريم چاول (هندستاني) وانگر هئي (شايد ڪمپني به اها هئي.) شبانہ اعظمي سادي سودي شڪل جي ائڪٽريس هئي. پر جيئن ته ڪهاڻي بامقصد ۽ فني طرح پختي هئي، ڊئريڪشن بهترين هئي ان ڪري شبانہ سج چند ڪان سهڻين اداڪارائن کي به مات ڪريو بيٺي هئي. هن جي جاءِ تي هيما مالنيءَ هجي ها ته به ايڏو اثر نہ ڪري ها جيڏو هن ڪيو. هڪ نهايت بامقصد، وندرائيندڙ، اوچي فني ليول جي فلم هئي. هيستائين هتي جيڪي به فلمون ڏٺيون اٿم تن ۾ ٽاپ جو چار فلمون هيون، جن مان بهتر فلمون مُنسي پريم چاول ۽ هيءَ فلم هيون. سنڌيءَ ۾ هڪڙيون فلمون نہ لهڻ تي وڏيڪ افسوس ٿيو.

آءٌ انهن ماڻهن سان هر گز متفق ناهيان جيڪي چون ٿا ته عوام اعليٰ درجي جون سڃيون پڃيون ادبي ۽ ثقافتي (فلمي وغيره) تخليقون سمجهي ۽ پسند ڪري ٿا سگهن. خواجہ احمد عباس سان به منهنجو اختلاف آهي. اصل ڳڙٻڙ اها آهي جو ترقيءَ پسنديءَ جو مطلب رڳو اوچنگاري، غير متوازن ۽ بور ڪندڙ شيون ورتو وڃي ٿو. اهي سڀ جديد زوالي ادبي ۽ فني سوچ جا ڪرشما آهن جنهن جي خيال ۾ نئين شيءَ معنيٰ ٻور ۽ مٽيل ۾ سُور وجهندڙ، گهٽ فني معيار جي شئي، سڃيون پڃيون ترقي پسند فلمون نهايت بامقصد، وٺندڙ وندرائيندڙ اثرائيتيون ۽ مالي طرح نهايت فائديمند ٿي سگهن ٿيون ۽ ٿيڻ گهرجن.

مونکي يقين آهي ته اسين سنڌي لکندڙ فنڪار ۽ ڪاروباري ماڻهو گڏجي صحيح لائين ۽ ضابطي سان جدوجهد ڪريون ته سنڌي فلم انڊسٽري به سنڌي ترقي پسند ادب وانگر هڪ نهايت مقبول ۽ ڪامياب ترقي پسند شئي ٿي سگهي ٿي.

٦-٩-٨٢

ٽي ڏينهن ڊائري ڪا نہ لکي اٿم. ڪنڌ ۾ سور هو. فيصلو ڪيو اٿم ته هفتي ۾ فقط ٽي ڏينهن لکجي ته جيئن ڪنڌ ۾ سوڙ کي هر هفتي ٽيڪ لاءِ چار ڏينهن ملي وڃن. پر اڄ ڇٽين ڏينهن گذرڻ کان پوءِ به ڪنڌ جو سور صفا ٽيڪ کو نہ ٿيو آهي.

گذريل ٽن ڏينهن ۾ ٽي وي ۽ تان ڪالياواڙ ۽ راجستان جا لوڪ ناچ ڏٺاسين جي نڍڙن ٻارن خاص ڪري نندڙين چوڪرين نچي ڏيکاريا. ڪالياواڙ جي نندڙن هارين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناچن جو تہ جواب ڪو نہ هو! مدراس ٽي وي ۽ جي هڪڙي ڊاڪيومينٽري ۾ سڀي هڻي جنهن ۾ بٽوڙين تان ڪاغذ جا ٽڪرا گڏ ڪري گوٽين ۾ پيري بازار ۾ وڪڻندڙ معصوم ٻارن جي کهاڙي ڏيکاريل هئي. خاص اها ڳالهه هئي تہ انهن کي هتي وانگر رڳو گندو غليظ قايل رحم بلڪ بچاڻ ڏيارينڊڙ ڪري ڪو نہ ڏيکاريو ويو پر ڏيکاريو ويو تہ اسڪول ڇڏي اهو ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿيل اهي معصوم ۵-۶ سالن جا ٻار ۽ مڙس ماڻهو آهن ۽ زندگيءَ سان ٽمڙيار آهن. منجهن همت ۽ مڙسي عام ٻارن کان وڌيڪ آهي. هو ڏوڙ ۾ پريل هوندي ۽ جڏهن چانهه جو گرم ڪوپ پي هڪ ٻئي سان چرچا ڪن ٿا تہ سو فيصدي همٿ پريا ۽ زنده دل جوان لڳن ٿا. هڪڙي هنڌ ٻار ڪمائي ۽ رپيا آڻي ماءُ جي تري تي رکي ٿو ۽ سندن سرندڙ نندڙو ياءُ ۽ سري اڇي ڏاڍي لئي سان ياءُ جي پرسان وهي ٿو ۽ سپ گڏجي ماني کائن ٿا. ان وقت ماءُ، ۽ پٽ هڪ ٻرپور ۽ ڪامياب ڪنبب ٽي لڳا. سندن چهرن تي ڪاميابيءَ ۽ اطمينان جا تاثر ڏسڻ وٽان هئا. نندڙو ڪاغذن جا ٽڪرا ميڙيندڙ ڇوڪرو هڪ لحظي لاءِ هڪڙو ٻرپور گهر جو وڏو ۽ گهر ڏٺي لڳو ٿي. رات جالندر امرتسر تان فلم آرنيءَ (شروعات) ڏيکاريائون. هن ۾ هيروئن جهڙو ڪر سجاتل پٽي لڳي. سپ اداڪار هنديءَ فلمن لاءِ نوان هئا. فلم بنگال بابت هئي. گهٽي دير کان پوءِ سجاتا تہ هيءَ ساڳئي "ٻڌي ٻر چاول" واري هئي! ڏاڍو خوش ٿيس. ڪيس وري ڏسي! هيءَ فلم بہ اڳين ڇڻن جهڙي هئي. فني طرح خوبصورت، اجائي پٽاڙ ۽ فضول بڪواس کان پاڪ. گانا ٻورا ۽ وٽندڙ اداڪار نوان. ڊئريڪشن ۽ فوٽو گرافي عاليشان ۽ سپ کان وڌي ڳالهه تي فلم جي پيڙهه هڪ نهايت بامقصد ۽ ترقي پسند ڪهاڻي هئي جا نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيل هئي.

شيخ عظمت لڳو پيو آهي. هاڻ جيڪنگ جي الزام ۾ ٽاسائيل راڄن جي ڪولين تي چاپا هڻائي ممڻ مچايو اٿس. هاڻ جيڪنگ جو ڪيس هلڻ شروع ٿيو آهي. ابتدائي ڏاکي جي ڪاروائي ٿئي پئي. ان ڪري همراهن تي سختي وڌي وئي آهي ۽ جيل جو ماحول بہ اڳي کان وڌيڪ خراب آهي. اختياريءَ وارا ڏهڪاءُ ڏهلائي سياسي قيدين کي دهشت زده ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن. "م" کي گهٽو ئي ڇيو اٿم تہ گهر جي صفائي ڪر. پر اڄا انفراديت کان چڙهيو ڪونهي. "ڏسندا سين" واري ليول کان مٿي چڙهڻ ۾ اڄا بہ ڪجهه ڏينهن ڪپنس. صفا ادا ٿيندا واري ڳالهه آءٌ بہ ڪو نہ تو ڪريان تہ هيرو هيروئين ڪجي!

رات خبر پيئي تہ انگريزي نغما ڳائيندڙ سڪٽيءَ جو نالو آهي پريتي ساگر. هن هفتي ايندي پر ٻڌائيندي اردو غزل.

بيگم صاحب باهر وڃڻ واري آهي. قومي جي قيادت جو ٻار جتوئي صاحب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزمايل ڪلهن تي پوڙو آهي. اڄڪلهه ٿي گهڻو بارڪٽيو ويڻو آهي. هاڻ رهيل ڪهيل بار به ڪٽڻو پوندس. تحريڪ استقلال ايم آر ڊي جي باقاعدگي تنظيم جي مخالفت چو ڪري؟ چا اها واقعي ايم آر ڊي جڏي ويندي؟ نٿيجو؟ نئين تنظيم ۾ سندس جو جائنٽ سيڪريٽري فاضل نالي ڪو ماڻهو ٿيو آهي. سجو نالو هتي جي جنگ فاضل راجو روي لکيو آهي. الیڪشن ڪميشن وڙڻ جون لسڻون ناهڻ شروع ڪيون آهن. نوان ووٽ سڃاڻپ جي ڪارڊ تي ٿيندا. رجسٽريشن آفيسرن جي لسٽ به شايع ٿي آهي! واقعي ايندڙ سال شروعات ۾ اليڪشن ڪرائڻ جو پروگرام آهي چا؟ نوراني ۽ واري گول ميز ڪانفرنس جو پتوئي ڪونهي ته ڪهڙن حالن ۾ آهي. اڄي چياڻون ته آگسٽ ۾ ٿيندي، پوءِ چياڻون ته سيپٽمبر ۾ ٿيندي هاڻ چون تا آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ ٿيندي. بيگم صاحبه جي باهر وڃڻ جا ٽڪيجا ڪهڙا نڪرندا؟ گول ميز ڪانفرنس جي ٿي ته ان جا نتيجا؟ مؤئي مارائي بنا ٿو هي يار به هٽ ڪيڙ وارا ڪونهن. ڪوتر ڳالهه ۾ وٽ آهي. بهرحال جيڪي به ٿيو تاريخ جي چڪر کي گهڻو وقت پوئتي ڦيرائي نه ٿو سگهجي.

چون تا ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن جج تي فائرنگ ٿي آهي. سندس باڊي گارڊ مري ويو آهي. ڏسجي، سرڪار جي ڪرم فرمائي به ٿي سگهي ٿي. وڪيلن جي تحريڪ جو زور پڪڙ لاءِ يا هاءِجيڪنگ ۽ تخريب ڪاري ۽ جي الزام هيٺ ماڻهن کي ڦاسيون ڏيڻ لاءِ دهشت ڦهلائي ماحول "سازگار" بنائڻ لاءِ.

۸۲-۹-۸

اڄ صبح جو ديرسان اٽيس، رات ديرتائين "شوگن" ڏسندا رهياسين. واهه جو هو. هندي نانڪ "سانولي" جي قسط ڏني سين "ايمرجنسي وارد" جي قسط به ڏني سين "سانولي ۽" جي هي ۽ قسط اڳ ڪان بهتر هئي. "ايمرجنسي وارد" جي هي ۽ قسط اڳين ڪان چڱ هئي. رڳو طوطو سوار هو. "م" مس مس چڱي ۽ ماڻ جلد ڇڏائي رات. اڄ صبح جو چياڻين "مٽي ۾ سور آهي. مٽي جي سور جون گوريون گهرايو." منهنجي پيٽي ڪولينديءِ ڏوائن جا وڏا ڏڪيرا ٽڪري آيا. انهن ۾ هر قسم جون گوريون هيون. هڪڙيون گوڙيون انهن مان سڃاڻائين ته "مونکي ڊاڪٽر لکي ڏنيون هيون. مونکي ڏي." ڏنيون مانس. ڪاڏائين. چياڻين "مٽي مان سور ڇڪ پر ڪري اڏامي ويو آهي."

پيٽي ۽ مان اها گم ٿيل ڪاپي به هٽ آئي جنهن تي بلي شاه ۽ شاه حسين جو چوندڙ ڪلام لکايو هوم. ڏاڍي خوشي ٿي. ڪلهه اخبار ڪانه آئي. رات خبر پيئي ته ۵ بلاڪ وارن تي سختي گهٽ ٿي آهي. ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ حامد ۽ صوبيدار راڻي، عظمت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيادتين خلاف سخت موقف ورتو. تہ قيدين سان ظلم ٿو ڪري. ان ڪري همراہ هاڻ بهتر آهن. ڏهني طرح ٽاڻ ٻڌجن.

ڪلهہ نظربند وڪيلن ڏوالترنين (لاهور پي پي ۽ نيازي (ملتان- ٽرانسڪائي؟) وارن چوائي موڪليو. تہ ڪوشش ڪريون تہ گڏ رهون. اسان فوراً ان تي سوچ ويچار شروع ڪيو. فيصلو ٿيو تہ ٧ بلاڪ ۾ جتي هينئر غيرسياسي ڪلاس جا قيدي ٿا رهن ان ۾ گڏ رهڻ جي ڪوشش ڪجي. شاڪر شاهہ ڊوڙندو آيو. چي "اهو بلاڪ بيڪار آهي. هتي ڇڳا آهيو." خيال آهي تہ غير سياسي بي ڪلاس وارا همراہ ڪي ڪارائيندا پياريندا آهن، انهن کي تڪليف کان بچائڻ ٿو گهري. ڪيچ وقت سندس ذات شريف تي غور ڪندا ۽ عبرت حاصل ڪندا رهياسين.

ڪنڌ ۾ سور هليو اچي. رات سوچيم تہ ڪجه پنڌ جي بہ گهتيل آهي! پهرين سور پيو تہ مالش تمام زور سان ڪرائي هيم. ان جو بہ اثر آهي جو ڪنڌ سڄي پيو آهي!

ٽورو ٽو لکان تہ ڪنڌ ۾ ڏاڍو سور پوڻ ٿو لڳي. وڌ ۾ وڌ ٻي ڏينهن لاڳيتو ٽورو ٽورو لکي سگهان ٿو. ڪلهہ تہ چيم تہ اهي ٻي ڏينهن بہ ڇڏا. بہ هفتا يڪي بس ڪجي. پر خير ٿيو. ڪلهہ بہ ٽورو ڪم ڪيم. اڄ بہ اميد آهي. وري ايندڙ سومر! تيستائين ڪنڌ قلم ڪٽڻ ڪونہ ڇڏيندو.

بشير کي زڪام آهي. ماني ونڻ ويو آهي لنگر تان. پي بجي رفيق جي ڊيوٽي شروع ٿيندي.. شاڪر شاهہ هاڻي اپڙ گهڙ ڪري ڇڏيو آهي. موجن ۾ آهي.! هتي هاڻي اچي چا ڪندو؟ ڪم لٽو ڪاغذ ڦاڙو!

صبح جو چانهہ سلائيس ڪاڏا اٽئون. هاڻي الين بجي ناشتو ڪبو. وري ٢ بجي ماني ڪائبي. وري شام جو ستين بجي رات جي ماني ڪائبي. رات جي مانيءَ کان اڳ وهنجندو آهيان ۽ بدن کي پرڪلي پائوڊر هڻندو آهيان نہ تہ خارش ٿي پوندي آهي. مينهن بند ٿي ويا آهن. هاڻي گرميون هلڪيون آهن. پر انهن جو زور پڇڙ لاءِ برسات ڪانهي. جيتري گرمي ٿيندي اوتري لڳندي.

ڳوٺان ڀهيني ڪن ڪان همراہ ڪونہ آيو آهي. هتي جي بہ خبر چار ڪانهي. ڪو خاص انتظار بہ ڪونهي. انتظار ۾ ويٺا آهيون. رسيد جو رولو هو. ڏسون تہ لٽو پاند.

موسم اڄ لکي نموني بدلجي پيئي. فضا تي هڪڙي مٺي مٺي، وٽندڙ اداسي چانيل آهي. يادگيريءَ جي رنگبرنگي شيش محل جي ڪنهن دريءَ جو پٽ اوچتو ئي اوچتو کليو پوي ۽ ذهن ۽ روح طرحين طرحين جي اداس اداس رنگين رنگين احساسن پريل يادگيرين جي مدهوش ڪندڙ سرهاٽين ۾ وهنجيو وڃن! اڄا پن چٽڻ شروع ڪونہ ٿيا آهن. پر گهٽي دير ڪانهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۲-۹-۸۲

اڄ پن ڇڻ شروع ٿي ويئي. ناشتو ويٽي ڪيوسين انب هيئان ته هڪڙو پن اچي ڇانهه ۾ پيو. بشير ڇيو ته "پتي گرني لڳي هين" "تورِي دير کان پوءِ ڳچ جيترا پن اچي ڪريا." ڪرندا رهيا. سو نئين موسم اچي ويئي. سرءُ!

پيلا پن پسي ڪوئل ڪوڪي!
(ايار)

ڳچ ڏينهن کان ادبي متالي ٿي روز ڪلاڪ ڏيڍ ڪم ڪريان ٿو. اهو به نه ٿو پهچي. ڪنڌ ۾ سور ٿيو پئي. هاڻ اچي چڙهيا آهيون. سال ٿي ويو آهي سڄو!

ڳچ ڏينهن دائري کوڙ نه لکيّ سگهيو آهيان. جيل ۾ وٺ پڪڙ ڇالو آهي. سرچ لائيٽون هر هنڌ لڳايون ويون آهن. جيل اندر ڏينهن رات کورٽ جي بلڊنگ پئي ٺهي. نام نهاد تخريب ڪارن ۽ هاءِ جيڪنگ وارن ٿي "مقدمي" هلائڻ جون تياريون زور شور سان ڇالو آهن. انڪ قلعي، لاهور قلعي ۽ ٻين جيلن مان قيدي مقدمي لاءِ آڻي ڪٺا ڪيا ويا آهن. انڪل ۱۷۲ ڪن جوابدار آهن. انهن مان انڪل ۲۵-۳۰ امڙا قيدي آهن جن ٿي الزام آهي ته اهي ڪابل وچي ٽريننگ ولي آيا آهن. انهن ۾ هڪڙي فيصل آباد جي ڪائونسلرياڻي زبيده ملڪ به آهي. چون ٿا هن جا به پٽ ڪابل ۾ آهن. شاهده جبين ڪائونسلرياڻي لاهور ٿي به تخريب ڪاريءَ جو مقدمو ٿو هلي. سندس به پائر چون ٿا ته ڪابل ۾ هئا. هڪ موڻي آيو. جنهن لاءِ چيو وچي ٿو ته ٻين شان گڏ هڪ (اي ايس آئي) ۽ بن ڪانسٽيبلن کي راولپنڊي شهر ۾ قتل ڪيو. جيل ٿي دهشت جو ماحول طاري ڪيل آهي . اڄ فوجي عملدار جيل تپاس ڪرڻ آيا هئا. هتي سياسي قيدين تي بيحد سخت تشدد ۽ دٻاءُ آهي. ڪين عام مجرمن وانگر نهايت ذلت سان انتقامي نموني تنگ ڪيو وچي ٿو. خاص ڪري هي جيل سياسي قيدين لاءِ هڪ اذيت ڪيمپ آهي.

۱۴-۹-۸۲ صبح سادا اٺ.

۲ بجي صبح جو بشير آزاد ٿي ويو. بهاول نگر جي ڊونگا مونگا شهر جو هو. ويچاري اسان جي تمام سٺي خدمت ڪئي . وڃڻ وقت اسان کان خوش هو. روئي موڪلايائين. سندس جاءِ تي سوات رياست جو فوج مان ريٽل ۽ سال سزا پوڳيندڙ قيدي ظفر خان مشتتي ٿي آيو آهي. ظهور حسين پوپالي کالهه قتل ٿي ويو. کالهه شام کان ٽيڪ ناهيان. ڪنڌ ۾ سور شروعاتي زڪام ۽ هلڪو بخار اٿم. آرام ڪيم ته ٽيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي ويندس. رات بجلي گهڻ اچڻ ڪري ٽي وي مور ڏسي ڪو نه سگهياسين. فوجي "عدالت" ڏڙا ڏڙ سزائون پيئي ڏئي. ٽي. سال، پنج سال هاڻ پوپالي ۽ جي قتل کان پوءِ ويتر چتا ٽيندا. جيل کي جڻ هڪڙو قلعو پيا بنائين. پري پري تائين علائقو خالي ڪري ان تي ڪنڊن واريون تارون لڳايون اٽن. رستا بند ڪري ڇڏيا اٽن. ملاقاتي ويچارا آزار ۾ آهن.

۲۵-۹-۸۲

يارهن ڏينهن کان پوءِ پيو لکان. ان وچ ۾ گهڻيون سنهيون ٽلهيون توڙي ڪجهه جيل خيال کان اهم ڳالهيون ٽي چڪيون آهن ۽ ٽين پيون.

انور مهدي وڪيل ملاقات تي ويو آهي. ۶۰ سال عمر، انڪم ٽيڪس وڪيل، پٽ جي ڪنڊي ۾ زخم، مهينو اڳ شاهي قلعي ۾ ٽي مهينا رهي آيو آهي. پهريان ٻه مهينا شاهي قلعي کان ٻه بدترلال قلعي (جتي حيدرشاه کي ٻه رڪيو هٽائون) ۾ رکيائونس پوءِ شاهي قلعي ۾ آندائونس. اتان هتي آيو آهي. اعزاز نذير صاحب جي پارٽي ۽ جو آهي. لکي ٻه ڏنو اٽس ته منهنجو هاڻ سياست سان واسطو ڪونهي ته ٻه ڻا چڏينس. چي "تون روس جو ايجنٽ آهين." ٻه پٽ ماسڪو ۾ ڻا پڙهنس. پاڻ آمريڪا ۾ نفسياتي ڊاڪٽر آهيس. اڳ اهو فوج ۾ آفيسر هو. ڪا آمريڪڻ پڃائي ويس. سندس سخت بيمارٽي ۽ جون خبرون عام هيون ته دورا ڻا پونس. ساه ڏو گهٽجيس. مون سان ٻه اهيو چڪر هو. هڪڙي پٽ جي ڪنڊي جي تڪليف، ٻي هئي ساه گهٽجڻ جي تڪليف. ٽيو هول. ڊاڪٽر بيزار ٽي ويا آهن. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيس ڏيدين تريون پئي هنيون جڏهن دورو پيس. اڄ صبح جو ٻه چيائين ته "دورو ڏو پويم".

ٽيو ڏينهن خميس ڏينهن "م" ملاقات تي ويو. ڏاڍو خوش ٽي موٽيو. چوٽس سڄي مڪڻ ۽ ماکي ٽي ويٺي هئي.! سوٽس ۽ پيٽيو ٻه هو. جوٽس ان سان ٻه ڏاڍي محبت سان پئي هلي. ڪلهه صبح جو ملتان جي وساريل ٻارن جن کي مون وٽ وڻ ڪري خط لکايا هئس تن جو جواب ٻه مليس. ڏاڍو خوش ٽيو. چيائين "تو وٽ آئي ٽي مهينا ٽيا اٽم. ان وچ ۾ منهنجي دنيا جڻ بدلجي وئي آهي. گهرو حالتون، سياسي حالتون (شايد ڪيس پي پي پنجاب جو نائب صدر مقرر ڪيو اٽن ۽ اهو اختيار ڏنو اٽن ته جيسين اندر آهين تيسين پنهنجو ڪو ماڻهو ان عهدي تي مقرر ڪر) مالي ۽ صحت جون حالتون ڇا مان ڇا ٽي ويون آهن." اهي خبرون ڪري خوش پئي ٽياسين ته ماڻهو آيو ته "م" صاحب جي ساهيوال جيل بدلي ٽي وئي آهي! پوليس گارد باهر بيٺو آهي!هل!" روئي پيو! مون کي شرم آيو جو منهنجي اکين ۾ جڏهن روئي نهاريائين ته انهن ۾ ڪوڙهو ٻه ڪو نه هو. حالانڪ ڏڪ مون کي ٻه هو. نه روئڻ جو سبب رڳو اهو ته مون ننڍ پڻ کان پاڻ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهري ڳوڙها ڪڍڻ ۽ حالت ۾ نہ ڳاڙڻ جو حڪم ڏيئي چڏيو آهي. اسان ماڻهن جون زندگيون اڌيون جن ۾ روئجي ته ۲۴ ڪلاڪ بي ڪار ڪڍڻي! هڪڙي ڪندي سچي تاريخ ۽ ماڻهن جون زندگيون اڌيون جن ۾ روئڻ جا سبب ناهن ته ٻيو ڇا آهن؟

موڪلائيندي پيرن ٻيو چيون ڏنائين. مون ٻہ ڏنيس. چيائين منهنجي ٻارن کي خط لکندو رهجان. وعدو ڪيم.

ڪلاڪ کان پوءِ مهدي صاحب آچي ٻهڙيو. ايندي شرط گهوڙا لڳائي ڏنائين ۽ ته "تونکي موڪائي هلو! آءٌ هتي مري ويندس! منهنجي هتي سنيال ڪير ڪندو؟ موٽکي دوراڻا پون!" جيئن تيئن ڪري ۲۴ ڪلاڪ پورا ڪيا آهن. مون سندس چوٽ تي سپرنٽنڈنٽ کي لکيو آهي ته "تو سان ملڻ ٿو چاهيان" پين ڳالهين سان گڏ هن کي موڪلائڻ جي ڳالهہ ٻہ ڪرٽي هئي. ٻہ ٻيا وڪيل جيڪي هتي ٻئي هنڌ قيد آهن ۽ جن چيو هو ته اسان کي پاڻ وٽ گهرايو تن لاءِ چوٽو هو. هاڻي چوي ٿو "آءٌ واپس کو نہ ويندس منهنجو علاج تو وٽ ٿيندو!" چئي ٿو "مونکي پاڻ تي قياس ٿو آچي ۽ دل ۾ هول ٿا پون چو ته قلعي ۾ مون سان جيڪي تڏيون، ڪيون ويون آهن سي مون کي هر هر ياد ٿيون اچن." ڪيس سندس چوٽ موجب صرف هوءِ حال ۾ رکيائون. ٻيو هنڌ کو نہ لاڻائون. نکيٰ اوجاڳا ڏنائون يا بيهارياڻون وغيره. چو ته لکي ڏنائين. پر پٽ جي ڪندي جي سور ۾ هڪڙي ست سالن جي بيمار پيرہ مرد کي وحشي ماحول ۾ رکڻ سو ٻہ مهينن جا مهينا. هڪڙو جنسي عذاب آهي. هر هر چئي "مونکي هول ٿو پوي!" دل ۾ گهٽو چيم ته "ويچاري جو ڏوهہ ڪونهي" پر سوچيم ته ائين ڪم نہ هلندو. "چريا پنهنجي وس کوند چڏبا!" سو چيومانس "ڳالهہ بڌا! مون کي توسان دلي همدردي آهي سا ڳالهہ ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. پر پاڻ عوام جا سپاهي آهيون. پاڻ کي هر قسم جي زخمن لاءِ هر وقت مرڻ گهرجئ تائين تيار رهڻو آهي. پڙهيل ماڻهو آهين. ٻاشعور آهين. انقلابي آهين. تاريخ اڳوڻي توڙي هاڻوکي تنهنجي اڳيان آهي. وينٽنام، اڪ، ڏهاڻ فلسطين. روءِ زمين تي ننڍڙا ننڍڙا فلسطين آهن. بلڪہ هر گهر، هر مظلوم جي دل هڪڙو رت ۾ ٻڏل بيروت آهي. ان ۾ پنهنجي غم بابت سوچڻ ۽ ٻين کي وسارڻ تو جهڙي مڙس جي شان وڻان کونهي. هينئر کيترا فلسطيني ٻار اسپتال ۾ هوندا جن مان کنهن جي ٽنگ، کنهن جي ٻانهن کنهن جي اک کا نہ هوندي؟ کيترن جا پيٽ جا ڪنڌا پڳل هوندا؟ اهي ٻہ پاڻ جهڙا آهن، پنهنجو هڏ چمڙ آهن، پاڻ کي پنهنجي جان کان وڌيڪ مڃا آهن. بيمارين جي خلاف ٻہ جدوجهد ڪرٽي آهي. هٿيار ڦٽا ڪرٽا ناهن. جنگ سڀ طرفي ڪبي آهي هڪ طرفي نہ. همت جو سندرو ٻڌبو. بيمارين سان ويڙهہ ڪبي، ڏکڻي ويڙهہ!" ڏٺم ته ٽڪو پيسو اثر ٿيس. دوا بدلائي مانس. ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو ماڻس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئر ملاقات تي ويو آهي. ڊيل ڪارينگيءَ جو سرمايدار نفسيات وارو ڪتاب "پريشان رهڻ بند ڪريو" تنقيدي نموني پڑهڻ لاءِ چيو مانس. ملازم هڪڙو ٽورڙو حجائتو آهي. چيائين "پوڙهي رات سمهڻ ڏنو؟" چيو مانس ته "پوڙهو مڙس ماٺهو آهي. بيماريون سيماريون ويندیون پڄي. مهيني ۾ماٺهو ئي نئون ولجو!" ڏيکاريندو ته في الحال مون کي ڏينهن ڏيڻ تارا پر هن کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ انساني فرض آهي. ٺيڪ ٿي ويندو.

پاڻي واري ڏاسي گهاٽ ۾ صفايون ٿي ويون آهن. سانجهيءَ شيخوپوره ضلعي جي فاروق جي "تاريخ" آهي. ڪهڙو نه معصوم نالو آهي. "تاريخ". هڪڙي انسان کي، هڪڙي ماءُ جي پٽ، پائرن پيٽڻ جي پاءُ کي شايد نياڻين ۽ پٽن جي پيءُ ۽ هڪڙي عورت جي مڙس کي قتل ڪيو ويندو! جنهن کي هن قتل ڪيو هوندو اهو ۽ درحقيقت هن ڏورو ۽ ظالم نظام ئي قتل ڪيو. ان ئي اها چتڪتاڻ پيدا ڪئي آهي جنهن ۾ ماٺهو ماٺهوءَ کي مارڻ بنا جي نه ٽو سگهي. پروگرام وڏو آهي. فاروق جي ته رڳو ٻوهٽي آهي. ريهرسل آهي. ظهور الاهيءَ جو "ڪيس" پيو هلي هن جيل ۾. اڄ مولوي مشتاق شاهدي ڏيڻ آيو هو. هڪ حفاظتي ڪار اڳيان هڪ پٺيان. جوابدار رزاق آهي، ۲۲ سالن جو نوجوان، ٻکر جي موچيءَ جو پٽ. چون ٿا ته قلعي ۾ صاحبن جي ٻنهن ۾ ڪانگهارو پري هنياڻين. مڙس جي دليريءَ جو رڙيون آهن. "م" چئي ٽو ته قلعي بابت ٻن ماٺهن جي نيڪي آهي. پهريون نمبر رزاق جي ٻيو نمبر حيدر شاه جي. چون ٿا ته حيدر شاه نرولال قلعي جهڙي خونريزموت جي قبرستان ۾ ٻه ظالمن ڪي چئلينج ڪري بک هڙتال ڪئي ۽ ڪرائي! مهدي صاحب ٻه حيدر شاه کي سڃاڻي. اهو ٻه تعريفون ٽو ڪري. چي "قلعي ۾ جيڪو نئون سورهه نسل ڏٺم تنهن مان ائين لڳم ته باغ پڇي راس ٿي ويو آهي. اسان جهڙن مدي خارج مڙهن جي هاڻ قوم کي ڪاڻ ڪيڏي ڪا نه پوندي."

خدا ڪري اسان تان بزدليءَ جو داغ آهستي آهستي ڪري ڏوپڇي صاف ٿي وڃي ٻاهران ۽ اسين دنيا جي انقلابي قومن جي صفن ۾ آبروءَ وارو مقام حاصل ڪري سگهون.

هن مهيني ڪان هي جيل اندروني طرح اڳي وانگر جيل ڪاتي جي حوالي ۽ حفاظتي خيال ڪان فوج جي حوالي آهي. ماڙيءَ جي ڇت تي زمين ۽ هوا ۾ مار ڪندڙ توبون فٽ ٿيل آهن جن تي فوجي پهرو آهي. فوجن تي جيل پوليس سان گڏ اسپيشل پوليس بيئل آهي. چو طرف ميلن ۾ فوجي چوڪيون قائم آهن. اچڻ وڃڻ جا رستا بند آهن. ملاقات ٻين بجي ڪان پوءِ آهي. ڏينهن جو فوجي عدالتون ڪيس پيون هلائين. ماڙي فوجي عملدارن سان پريل آهي. جيل جي چوڌاري فوجي دستن جو پهرو آهي. ڪيترن ماٺهن کي سزائون ڏئي چڪا آهن، ڪئين جوانن کي ۱۴-۱۴ سال سزائون آهن. هاڻي رزاق جو وارو آهي. ڏاسي گهاٽ صفا ٽيو پيو آهي. رڳو ڪاغذي ڪاروائي پوري ٽيڻ جي دير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. همراه حوصلي وارو ٿو ٻڌجي. پنجاهي کن مڙسن کي رات ڏينهن ٻيڙيون چڙهيل آهن. ڪيترا سفيد پوش، دڪاندار ۽ وڪيل وغيره آهن. ادبي مقالو گڏيل هفتي پورو ٿيو. پر اڄا پنڌ ۾ آهي. اڄا ٽئين کو نه ٽپي سگهيو آهي. پل ٽئين جو زور ڪجهه ٽٽي. هاڻ شاه تي لکڻ جو پروگرام آهي. ان لاءِ گهربل پڙهائي شروع ڪئي اٿم. اڄ ويدانت، يوناني فلسفي ۽ مسلمان فيلسوفن بابت مطالعو ڪيم. گهربل ڪتابن جي لسٽ تيار ڪري هڪڙي موڪلي اٿم. ڪجهه موڪلڻي آهي. مڪمل رسالي جو به انتظار آهي. بهر حال صحت ٺيڪ ٿئي ته سال اڌ ۾ لکجي پوندو. جدلي ۽ تاريخي مادييت به لکڻي آهي. ساڻي جو تعاون انشاءالله قائم رهندو ۽ نه رڳو اُهي پر رٽيل ناول ۽ افسانا به لکبا.

شام جا ٧ ٽيا آهن. قاسي گهاٽ جنڊي جنڊي سان گڏ آهي. پرسان جيڪي ٽئي پيو سو ٻڌجي ۽ ڏسجي پيو. قاسيءَ جو مٿيون حصو اجهو سامهون آهي. مٿان بتي پئي ٻري، ڏاڪڻ به رکي آهي. فاروق احمد گهوٽ لاءِ سيج پئي ٽيار ٽئي.

ملازم پيو ڳالهيون ڪري:

"ملاقات هلي پيئي، شام کان شروع ٿي آهي. رات دير تائين هلندي. سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا آهن. قاعدي موجب سڀني کي ملاقات ڪرائڻي آهي. ويهن ويهن جو ٽولو پيو اچي. ٻاڙيءَ کان آخري کولي (جنهن ۾ قاسيءَ وارو آخري رات بند هوندو آهي) واري رستي جي بنهي پاسن پوليس قطارون ڪريو بيٺي آهي. اوهوءَ پريان بتي پئي ٻري نه! اها روشن دان جي بتي آهي. اها آخري کولي آهي. ان ۾ همراه اچوڪي رات ڪاڻيندو. ملاقات اتي پئي هلي. ملاقات ڪهڙي؟ گهر جڻ پاتين کي ڏهه پندرهن منٽ وهڻ لاءِ مليا. ٻيا رڳو پاسي مان لنگهيو همراه کي سلام ڪرين. نکريو وڃن. بس! ته به رات دير تائين ماڻهو نه ٽا کٽن. ملاقاتي ويندا، ته ٻوءِ هيڊ وارڊ، آفيسر، ڊاڪٽر اڌ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ونس ايندا. هڪڙو سپاهي واري سان ٣ ڪلاڪ سندس سامهون اچو ٻيٽو هوندو. ان کي ٣ ڪلاڪ چرڻ جو امر ڪونهي. ان کان پوءِ ٻيو ايندو. آخري وقت ١٦ ڇٽا ونڻ ايندس. چار ساڃي، چار ڪاپي، چار اڇيان، چار پويان. همراه کي روانو ڪري، لاش کڻي ايندا ماڙيءَ تي. مائٽ رات هتي ئي ٽڪيل هوندا. صبح جو جيل وارا کائن رسيد لکائي ونی لاش سندن حوالي ڪندا."

اڄ سڄي جيل تي اداسي ڇانيل آهي. قيدي ته قيدي ملازم به افسوس ۾ هوندا. جن کي انساني دل آهي. سي سڄي ڏک ۾ هوندا.....

صبح ٦ بجا. پهرو بدليو آهي. رفيق جو پهرو آهي. سڏي پڇيو مانس "ڪر خبر؟ فاروق احمد آهي، ويو؟" ڇيائين "ويو!" رکي رکي چيائين "ساهه ڏکيو نڪتس. ڪجه دير اچلون ڏيندو رهيو. مڙس زور وارو هو." "قاسي پريد ۾ تون هئين؟" "هائو. سادي ٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بجي آيس. ڪمَ لاهي اڃ ڪلاڪ آرام ڪري وري ڊيوٽيءَ تي چڙهيو آهيان."

سو شيخو پوري جو هاري جوان فاروق، پاٽيءَ جي واري تان ٻئي هاري جوان کي قتل ڪري رات پاڻ ٻه روانو ٿي ويو. جاگيردار جاگيردار کي، سرمائيدار سرمائيدار کي، وڏيرو وڏيري کي چماٽ ٻه ٽنوڙيٽي! ڪروڙن جا هڪٻئي جا نقصان ٿي وڃن پر هڏ جوکو ڪونہ ڪنڌا پر هاريءَ جوان ۽ مزدور جوان پاٽيءَ جي واري تان، گار تان، کوڙي شڪ تان، ٽوڪ تان، سکٽي، ڪاپ پڇ کان، هڪٻئي کي ڪهندا ۽ ڪسندا ۽ قاسين تي لٽڪندا رهندا. فضول، بني مقصد، مجبوراً، مڙيئي دل جي ٻاهه ڪڍڻ لاءِ يا لوڪ جي طعني کان بچڻ لاءِ سال بسال جيڪي جانيون هڪٻئي کي کهڻ ۾ زبان ٽيون ٽيون سي جي ڪنهن عوام جي مڙساٽي ڪم ۾ سڄايون ٽين تہ ڇيڪر هيءَ دنيا ئي بدلجي وڃي. ڏرتيءَ تي رهندڙن جون زندگيون الائي ڇا مان ڇا ٽي وڃن. درياهہ وهندا رهندا، ريلون بسون ۽ ڪارون ۽ هوائي جهاز تيز رفتاريءَ سان ڊوڙندا رهندا، ماٽهو جمندا، وڌا ٽيندا، پڙهندا، مال چارهندا، رسندا ۽ پرچندا، محبتون ۽ نفرتون ڪندا رهندا. ڏرتي ڦرندي رهندي. چند ۽ سج چمڪندا رهندا. سمنڊ جون چوليون روشنيءَ ۾ جرڪنديون رهنديون. سيڪڇ جيئن جو تيئن هلندو رهندو پر فاروق هاري نہ هوندو. ان جي ماءُ جون اکيون سوجهري ڪان خالي رهنديون. سندس ٻار يتيم رهندا.

جيل جي ٽيپ جيڪا جهلڻ جي ڪاڻ هئي سا ٻہ ختم ٿي ويئي. ڪال ڪوٺڙي، ٢٣ ڪلاڪ پهرن صبح جو ٽهلائي، ملاقات، رات جو "ٺيڪ اڻي او ٽي!"..... (ٺيڪ آهي ڏي!) جا ڪوڪريا، آفيسرن ۽ ملازمن جون معتبريون سڀ ختم! هاڻ جيڪا هلائڻي هجين سا پيا هلائين! فاروق آزاد ٿي ويو. هاڻ جيل مينوئل جا سموريا قانون ڪيس ڪڇ ٻہ ڪري نہ ٿا سگهن. هاڻ فقط ڪيس مارڻ وارن جو موت رهجي ويو آهي.

ڪچا ٻہ پهر، شاهہ جي فلسفي جي پس منظر کي سمجهڻ لاءِ ڊراوڙي هندو ٻڌم يوناني ۽ مسلمان فلسفين کي ويٺو پڙهان. ڪلهہ يوناني ۽ مسلمان فلسفين جو حال احوال ورتم. اڄ شيو، ويشنو، لنگم، يونيءَ، اوگوان، سنسار چڪر مايا، ڪرم، ويد، اپنشد، سرتين سمرتن جي احوال کي لڳو پيو آهيان. هڪڙي سنڌو ديويءَ جو ٻہ پتو پئي ٿو. اسان وارو ڊپ ٻہ ديوتا هو ۽ پوجبو هو. ڪنڌ ۾ ڏاڍو سور پئجي ويو آهي. محمد خان مجاور جو خط پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس. لکيو اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲- ۹- ۱۱

سدا بهار و سدا آزاد
جنگشاهي

پاءُ برادر نيڪ بخت مسڙرسول بخش صاحب
عليڪم. بعد دعائن جي روشن هجي. تہ هن طرف ڪل خير آهي. جي بي خيرائي
اسلام
آهي تہ فقط اوهان جي طرف جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن جي غمگيني آهي. اوهانجي ڪنڊب
۾ بہ ڪل خير آهي. ڪوٽ ۽ قوم ..... ۾ رات ئي رات لڳي پيئي آهي. ڪي ڪي تارا
ٽمڪي رهيا آهن. چنڊ جي ضرورت آهي. ڏينهن تہ الاڇي ڪڏهن ٽيندو؟.....
دوري ۽ مشڪلاتن سبب ملاقات ميسر ٽي نہ ٽي سگهي. باقي يادگيري سڏائيندي
رهي ٽي. بموجب فاڊ ڪروني اڊ ڪرڪم اوهان کي پٽ هن يتيم جي يادگيري دل ۾
هوندي. پوءِ خبر ناهي تہ چو بقول شاعر:-
مُکو ڪونہ ڪاغذ ڪو دلدار موڪلي- لکئين خير جي ڪاڙ اخبار مون ڏي.
ڏلو ڏوهہ ڪهڙو تو منڌار موڪلي- جو ڪاوڙ رکي دل ۾ تو يار مون ڏي .....
مان پانيان ٽو مونکي اڙو خام سمجهيو- نظر دوستيءَ جيءَ ۾ بيڪار سمجهيو.....
جي گل وصف تنهنجي تہ مان خار آهيان- جي موتي تون آهين تہ مان هار آهيان .....
جي تون پير آهين تہ مان پي خليفو - آهي روز شب يار تنهنجو وظيفو
اميد الله ۾ آهي ..... تہ ٽوري عرصي ۾ جنگشاهي پنهنجي ڪوٽ ۾ آزادانہ ملڻ
نصيب ٽيندو. آمين والسلام

محمد خان مجاور پليجو

۸۲- ۹- ۲۷صبح جا اٺ.

سياڻي عيد آهي. اسان وٽ اڳئين عيد وانگر هن عيد تي بہ عيد
لاءِ ڪوبہ بندوبست ڪونهي. "م" ۽ اسان پروگرام ناهيو هو. پر اهو ويو هليو. مهدي
انور ويچارو اڃا مس هوش ۾ اچڻ شروع ٽيو آهي. رات چيائين تہ "مونکي هڪڙي ڳالهہ
توکي ٻڌائڻ وسري ويئي. آءُ ڊيوڙيءَ تي دانهن ڏيڻ ويس تہ "مونکي سيڪيورٽي وارڊ
ٽا موڪلين. مهرباني ڪري نہ موڪليو." اتي هڪڙو سهڻو قداور جوان مليو. تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پٺ ٽپري مونکي قرب سان چيو "اتي تنهنجو علاج ٿي ويندو. تون بلڪل صحتمند ٿي ويندين ۽ خوش ٿيندين." مون سندس چاتيءَ تي لڳل نالي جي پٽي پڙهي ورتي، "حامد" لکيل هو. "مون چيس "اهو ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ هو." چيائين "نهايت پلو ۽ پر خلوص ماڻهو ٿي لڳو." مون چيو "ها پلو واقعي آهي." چيائين "هن کي شايد خبر آهي ته توهان ماڻهن جو ڏهني علاج ڪندا آهيو." مون چرچو ڪري چيس "سڄي دنيا کي خبر آهي! هن کي ڪيئن نه هوندي؟ آخر ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ،جا جي ڪريٽ ڪيو اٽنس؟" چيائين "هتي ملازمن مون سان ڳالهيون ڪيون آهن ته "م" جڏهن هتي آيو هو تڏهن سکي ڪنبا ٿي ويل هو. هٿ پيرَ ڏکندا هئس. سگريٽ مان سگريٽ دکائيندو هو. هر هُر دورا پوندا هئس. ڊاڪٽر عاجز آڇي ويا هئا. سين مٽان سيون پيون لڳندیون هيون. مٿو سور مان ٽڪر ٿيندو هوس. موَن ۾ اهڙي حالت ڏني هيس. وري مون ته ڪونہ ڏٺو. پر چون ٿا سجاڻڻ کان ٻاهر هو. اهڙو صحتمند، زنده دل ۽ با اعتماد ماڻهو ٿي ويو!" مون چيس، "اٽاه صحيح سائنسي جاڻ، اٽاه، گهرو ۽ وسيع انسانن ۽ زندگيءَ جو تجربو ۽ اٽاه خلوص، پلائي ۽ خدمت ڪرڻ جو جذبو، اهي ٽي ڳالهيون هجن، انهن جي ڏيءُ وٺ ۽ منا سٽا ٽٽي ته ماڻهن جا سٺ سيڪڙو دک درد مهينن اندر دور ٿي وڃن يا گهٽو گهٽجي وڃن." چيائين "مونکي ته هينئر ئي خبر آهي ته مونکي هاڻ دورا پوندائي ڪونہ" مون چيس "دورا ۽ سيڪيورٽي وارد! هتي دورن جي داخلا سرڪاري طرح بند آهي!" ٻاهر ليٽيو ڪتاب پيو پڙهي. بلڪل نيڪ آهي. مهينو ٻه اجايا سجايا سوال پڇي مٿو کپائيندو. پر نيڪ ٿي ويندو.

رات مونکي هتي آئي پندرهن مهينا پورا ٿيا. زندگيءَ ۾ مختلف ۽ گونا گون با مقصد تجربا ٿيڻ ڪپن. هن تجربي بنا ٻه منهنجي زندگيءَ ۾ وڏو خال رهجي وڃي ها. جيڪڏهن مقصد عظيم آهي ۽ پويان ڪا ڳاڙهه منظم موجود آهي ته زندگيءَ جو ڪڙي ۾ ڪڙو تجربو پس پيش ماکيءَ کان مٺا نتيجا ڪڍي سگهي ٿو. مون هيستائين مجموعي طرح نيڪ وقت گذاريو آهي. انهيءَ جو هڪڙو سبب اهو آهي ته مون اها ڳاڙهه پوريءَ طرح سمجهي قبول ڪئي آهي ته عوام سان ڏيکاءَ، نمائش ۽ دوکي واري ٿ، پر حقيقي، توڙ تائين ۽ ڪير ڏوتي وفاداريءَ جي جنهن قسم جي سياست اسين ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ ڪريون پيا تنهن ۾ هي ته رڳو شروعاتي ۽ معمولي منزلون آهن. ان کان پري مون قيد ۽ ان جي ڪيترين مجبورين، محرومين، سختين، بي واجبين ۽ عذابن کي زندگيءَ جون دستوري ۽ قدرتي شيون ڪري تسليم ڪئي آهي ۽ انهن کي معمولي ڪان وڌيڪ اهميت ڪانہ ڏني آهي.

مون اجائي ڏک، خودڪياسيءَ، پچتاءَ، محرومي ۽ مجبوريءَ جي حد کان وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساسن کي عوام دشمن زهر سمجهي ان کان سڀتيءَ سان پرهيز پئي ڪئي آهي. مون سڀائين چيتن جي پڇرن ۾ بند سورهيه ويٽنامي قيدين، نازي لوڙهن ۾ قيد سورهيه روسي ۽ ٻين قيدين ۽ اسرائيل ۽ ڏکڻ آفريڪا جي قيد ۾ بند سورهيه آفريڪي، فلسطيني قيدين جو عظيم تصور پنهنجي اکيان رکيو آهي. مون هميشه انهن کي ڏيان ۾ رکيو آهي جيڪي نازي ٽينڪن هيٺيان چيپاڻجي جان جا نڏراڻ پيش ڪري انقلاب کي زنده ڪري ويا، جيڪي ويٽنام ۾ آمريڪي هيليڪاپٽرن هيٺ اچلايا ويا ۽ جن جا جگر جيئري وڍي کڍي پچائي کاڌا ويا! جن کي سيون هٽي ماري سندن کلن مان نازي ڪيرين لاءَ پرس ناهيا ويا. مون انهن بابت به هميشه پئي سوچيو آهي جيڪي گڏريل اوندهين ۽ وحشي صدين ۾ جيئري غلام داري ۽ جاگيرداري قبرن ۾ داخل هئا ۽ مري ويا. مون اڄ جي عوام بابت به پئي سوچيو آهي جيڪي اڄ جبل جيڏي ڳري زندگي جو بار کنيو پيو هلي. ها، عورتون، مرد ۽ پوڙها هر ماٺهوءَ جي دل خوف، ڳڻتيءَ ۽ دهشت جو هڪڙو ڪوڙ لڪپت هڪڙو شاهي قلعو، هڪڙو لال قلعو آهي.

انهن جي پيٽ ۾ اسين جن کي سمجهه ٻه آهي. واڙ ٻه آهي، تنظيم ٻه آهي، ڏاڍي ڏوڻي ٻه آهن، وارث وسيلا ٻه آهن تن کي ڪهڙي شيءَ جو ڊپ هئڻ گهرجي! اسان ماٺهن تي جي خدا نخواسته موت ٻه اچي ته ٻه اسين هنن ٻين جي ڏک ۽ عذاب جي برابري ڪري نه سگهنداسون چو ته هو اهي آهن جيڪي اوندهين واڻن تي پيا مرن يا مري ويا.

هم جو تاريڪ راهون مين ماري گئي!

اسين ته روشنيءَ ۽ نور جي وچ ۾ پيا وڙهون! سڄي ڳالهه سمجهندي پيا وڙهون، روشن آئيندي جي خاطريءَ جا چند چت ۾ رکي پيا وڙهون، اسان جهڙو خوش نصيب ڪو ٻيو!

رات دهليءَ تان مدراس ٽي ويءَ جي دستاويزي فلم "ڪرناٽڪ جو نواب" ڏٺي سين. هندستاني تاريخ جا ڪيئي وسريل نالا ياد آيا ۽ اهي جايون ڏٺيوسين جي رڳو پڙهيون هيوسين.

چندا صاحب، ڪلائيو، ڊيو پلي، فرينچ جنرل لالي، نواب محمد علي آف ڪرناٽڪ، غدار نظام الملڪ، حيدر علي، ٽيپو سلطان، بالا جي مرهٽو مدراس جو فورٽ وليم، آرڪاٽ جو قلعو، سرنگا پٽم، گنجي جو قلعو ۽ بيشمار حيرت انگيز مندر سوچيم. ماٺهن کي ديولين، مندر ۽ عبادتگاهون ۽ درگاهون ناهڻ ڪانسواءِ پيو به ڪو ڪم هو يا نه! هيڏيون رقمون ڪنهن پنهنجي بابي جي ڪوڏر جي ڪمائيءَ مان ڪوٺ بچائي خرچ ڪيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندیون. اها چنّي پئي هوندي هندو عيسائي، ٻوڌي، مسلمان هارين، مزدورن ۽ مسڪينن تي. "ڪڏڻ ڪورين جو نانءُ وڏيري جو!" ماٺهن کي سريون اوچنگارون، ليلڙاٽ ۽ لاحاصل ڏلتون ۽ نالو ٽيو راڄائن، بادشاهن ۽ حڪمرانن ڏورن ۽ ڏاڙيلن جو. "هي فلاڻي راڄا جو مندر" "هي فلاڻي راجا جو مندر" "هيءَ ٽيرڙي بادشاهه جي مسجد" ۽ "هي ڏمڪي عيسائي بادشاهه جي ديول." رات پريتي ساگر وڃي آئي.

My heart is beating
Is always repeating
I am all the time waiting,
for you.

(منهنجي دل ڏڙڪي پئي
هر هر ورجائي پئي
تنهنجو انتظار پيئي ڪريان!)

ڏهليءَ ۽ جالندر ٻي وي تي ساگر، جيا بسواس، انيسه صابري، سلمي آغا ۽ ٻي هڪڙي سڪڻي ۽ هڪڙي مسلمان جهڙين پنهنجي فن تي قادر عورتن جو مقابلو فقط ٻه مرد ڪندي ڏٺا اٿم.اردوءَ ۾ سليم اختر ۽ پنجابي فنڪارن مان گرداس مان! مان ڏڦي وڃائيندو آهي. انگ انگ ٽڙڪندو اٿس. سندس ٻول، انداز، چهري جا تاثر پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا آهن. اهو ٻه ٻ چار ڏينهن اڳ وري ڏٺوسين. سدا ملوڪ شهزادو جوان آهي. "م" جو دلپسند آهي. سڄو ڏينهن سندس تعريفون پيو ڪندو آهي. سندس هڪڙو خاص لاجواب ڪلام آهي، "انگونا دل دي وهي تي لوالي، مين تيري آن،مين تيري آن، مين تيري آ.

لاگا چنري مين داغ، چهپائون ڪيسي؟
ٻهول گئي سب بچن بدا ڪي
ڪهو گئي مين سسرال مين آڪي
جا ڪي بابل سي نجرين ملائون ڪيسي
گهر جائون ڪسي؟

هيمنت ڪمار پيو ڳائي. ٻ پهر، ننڊ آئي. پر ڪڙڪي تي ٽڪي پئي. پڙهڻ صحت لاءِ ليڪ ڪونهي في الحال. ڪچهريءَ تي دل ٽڪي ٽهنڪري اڄ ريڊيو کي وارو ڏنو اٿم زمانن ڪانپوءِ ڇڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۸-۹-۸۳

عيد سگوري حج جي. پنهنجي بي خبريءَ ۽ سستيءَ سبب بکيا اگهاڙا ويٺا آهيون. اڳوڻو دئو بہ چٽ آهي. گوشت اڳي جيڪو ملندو هو سو بہ اڪاڙي ۽ عيد ڪري بند آهي. لنگر تان پوڙ گهرائي کاڌو اٽئون. ڪپڙا بہ اهي ئي عوامي جمهوري پيا آهن. باقي بحث جي شڪر آهي ڪوٽ ڪانهي. صبح کان پوڙهي:اسٽارٽ ڪيو آهي، متان اچي بہ پهر ٽيا آهن. هينئر ٽڪي ڏان ٽي ليٽي پيو آهي. ڪلاڪ اڌ سمهي وري سوال پڇندو.

رات اوچتو چيائين "تو مٿ آڳ آهي. اها نيڪ آهي. وڏو انقلابي سرمايو آهي. پر ان کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ضرورت آهي." اڙ ٽي وڏو ليڪچر ڏنائين. ڊاڪٽر اعزاز نذير جو فدائي آهي. هر هر ان جو حوالو ٿو ڏي. ڪابہ ڳالهہ چٻي تہ چوندو "ڊاڪٽر صاحب مونکي. توهان بابت اها ڳالهہ بہ ٻڌائي آهي. ڏاڍو سٺو خيال هو ڊاڪٽر صاحب کي توهان بابت. بس رڳو چيائين ٽي تہ "ذرا جوشيلو وڌيڪ آهي" ..... "سوليءَ سنڊيءَ مٿ ترجمو تہ "ڊاڪٽر صاحب چئي ٿو تہ پليجو سياسي طرح جٽ آهي. رڳو ڏنبي ۽ جهڪڙي تي زور آهيس. لٽ ڏکي لاءِ چگو ٽيئي جيڪر پر جي ڪا سونت هجيس." مون کي لاچار بچاءَ مٿ ليڪچر ڏيٽو پيو. پر همراه هر هر چئي "اها ڳالهہ تہ ڊاڪٽر صاحب پاڻ مڃي ٿو پر ....." ڏنم هونئن جند ڪاڻ ڇڏندي سو ڪيس، چيم "هاڻ ڪلاڪ ڪن ماڻ ڪري ڳالهہ ٻدو تہ آءُ ڳالهہ ڪريان." لاچار هائو ڪيائين. آءُ سنڌ ۽ هند، دراوڙن ۽ آرين ڪاڻ شروع ٽيندي، ڏهلي، يوپي جي سامراجي مرڪز مٿ هندستان جي هندو مسلمان قومن (سنڌي، پنجابي، مرهٽن وغيره) خلاف استحصال، قرلٽ ۽ ظلم ۽ اڳرائيءَ جو اڏو بنائي ويٺل مسلمان جاگيردان، سندن يوپي جي ۽ ڏهلوي شهري سفيد پوش مسلمان چاڙتن، جي حضورين ۽ سندن بچ تي وڙهندڙن جي ثقافتي، تاريخي فڪر، سوچ ۽ رويي، سندن هندو توڙي مسلمان هندستاني قومن خلاف ڪيل بين الاقوامي جرمن، هندستاني تاريخ مٿ سندن عوام دشمن، ڏرتي دشمن، هاري دشمن، پهراڙي دشمن، آزادي دشمن ۽ جمهوريت دشمن ڪردار کان ٽيندو سندن هاڻوڪي ڪردار ۱۹۷۰ع جي اليڪشن مٿ ڪردار، قومي اتحاد مٿ ڪردار جو ذڪر ڪندو سندن ترقيءَ پسنديءَ جي جبي هيٺ ڪيل "انقلابي" ڪردار تائين پهتو آهيان ۽ ان جي روشنيءَ مٿ ڊاڪٽر اعزاز نذير صاحب جي نهايت "معصوم"، "خيرخواه"، "گهٽگهري" ۽ "قربانيءَ" پر "جي تشريح ڪئي اٿم. ان کان پوءِ چيو اٿم تہ آءُ هرو پرو آهڙو ڏڏڙ مٿ پير هٿي ويٺل دو دستو جٽ ڪونہ آهيان جهڙو دين جا بزرگ مونکي پيش ڪن ٿا. اسان جي هر شيءِ، هر ڳالهہ، هر ويڙهہ، اسان جو هر صلح ٽلهي ليکي استادن جي ڏسيل واٽ مطابق آهي. سکٽي هڙپائي ڪانهي. هر ڳالهہ سوچيل سمجهيل، رٽيل ۽ تکيل توريل ٽئي ٽي. هنن مهربانن جيڪو اسان کي اڻان چريو ڪري پيش ڪيو آهي سو صحيح ڪونهي. چيائين "منهنجي متي مٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سور پوڻ شروع ٿيو آهي." مون کلي چيس "آءٌ ته ايا شروع ٿي هاڻ ٿيو آهيان! هي ته کافيءَ جو ٽلهه آهي. کافي اڃڪتي آهي."

بهرحال ويساهين ڏئي کافي ٻڌائيماس. هاڻ مٽو پيو ڪنهي! کليو ٻه پيو ۽ ڪنڌ ٻه پيو لوڏي . وچ وچ ۾ سوال ٻه پيو پڇي! پر جهڙو ڪو نري پٽ تي ڪري پيو آهي. سوچيم ته جي ڇڏيندوسانس ته هن جي پيٽ ۾ جيڪي بلائون وڏيون ويون آهن تن جي ڪري هڪڙو ڏينهن ٻه گڏ رهي ڪونه سگهنداسون.

هاڻي خبرون پيو ٻڌائي "آءٌ موسيتيءَ جو شوقين کونه‌آهيان پر پٽن کي ٻارنهن هزارن جا ساز ولي ڏنم. انهن مان ٽي هزار بس موٽي مليا. ٽي پٽ هوٽل انٽرڪانٽي نينٽل ۾ ساز وڃائيندا هئا. ۱۴-۱۴- سو رپيا پگهار ملندي هين. پر سندن دوست سڀ شراب پي ٽپڙ پورا ڪري ويندا هئا. هاڻ ٻه پٽ انجنيئر آهن، هڪڙو نيشنل آئل سيڊ ۾ ايگزيڪيٽو انجينئر آهي. هڪڙو روپوش آهي. پيٽ پاڪستان ٽائيمس ۾ سب ايڊيٽر آهي. پاڻ ملتان ۾ قتل ٿي ويو. عياش ماڻهو هو ..... اسان جو صوفين جو خاندان آهي. پر بابا مولانا عبيدالله جو پوٽلڪ ۽ انگريز ن جو سخت دشمن هو ....."

گهر هلائڻ جو ڪم سندس حوالي آهي. هاڻ سچو ڏينهن ظفر مشتتيءَ سان لڳو پيو آهي. هڪ حد تائين پڙهيل ٻه چگو آهي، پنجاب جي صوفي شاعرن تي چگو مطالعو اٿس.

مون چيس ته "آءٌ لطيف تي لکڻ جي تياري پيو ڪريان. ڪتاب گڏ پيو ڪريان. ڪي پڙهان پيو." ته چيائين فلاڻا ڪتاب مون وٽ ليندا. ائين صوفي شاعريءَ تي بحث شروع ٿي ويو. ڳالهه روميءَ ..... تي پهتي. اتان اقبال ۽ نشني تائين پهتي. مون چيو ته "نشني هنلر ۽ مسوليني‌ءَ جو روحاني مرشد هو!" چيائين "اقبال جي رجعت پرست حصي کي ڪڍي ڇڏجي ته انقلابي عنصر کافي گهٽو اٿس." مون چيو ته "بظاهر سندس انقلابي عنصر کي رجعت پرست عنصر کان جدا ڪري ٽٽو سگهجي." ائين لطيف، اقبال ۽ روميءَ جي وچ ۾ فرق جي ڳالهه نڪتي ۽ اڃڪتي هلي مذهب ۽ فلسفي تائين پهتي. مون چيو "رومي بغاوت ۽ جدوجهد جو شاعر آهي. پر اها بغاوت ۽ جدوجهد بي زمين ۽ بي حقيقت آهي. هوا ۾ ٽنگيل آهي. لطيف ان کي ڌرتي ۽ حقيقت ڏني ۽ ان کي زبردست ترقي ڏيئي سندس کيفيت ۾ انقلاب آندو جيئن فلسفي جي ميدان ۾ مارڪس هيگل جي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ٽنگيل جدلي فلسفي کي پيرن ۾ بيهاري اڃڪتي وڌائي منجهس انقلاب آندو. اها ڳالهه نه ڪنهن ڪلاسيڪي اردو شاعر ۾ آهي، نه هنديءَ ۾، نه پنجابيءَ ۾ نه ان دور جي فارسيءَ شاعريءَ ۾! مشرق ۾ روميءَ جو وڌائيندڙ ۽ انجي پيغام ۾ انقلاب آڻيندڙ فقط لطيف آهي." سوچي سوچي پوءِ ان ڳالهه سان اتفاق ڪيائين. چيائين "برابر ڪلاسيڪي پنجابي شاعريءَ ۾ اها ڳالهه ڪانهي." ڪلاسيڪي پنجابي شاعريءَ جو خبر اٿس ته آءٌ طالب علم آهيان ۽ بابا فريد کان خواجه فريد تائين. شاه حسين، سلطان باهو، بلي شاه، هاشم شاه، علي حيدر شاه، خواجه فريد وغيره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي ڪجھ پڙھيو اٿم. ان تي بحث ۽ ڪري چڪا آھيون. لطيف جا ڪيئي شعر ترجمو ڪري ڪيس ٻڌائي ۽ چڪو آھيان.

لطيف جي تبليغ مون ھتي جام پئي ڪئي آھي ۽ اھا دعويٰ ۽ جام ڪئي اٿم تہ ڪلاسيڪي شاعرن ۾ لطيف ئي اڪيلو انقلابي شاعر آھي، جنھن جي انقلابيت اڄ قائم آھي، سدائين رھندي. بحث بعد ھر ڪو اھا ڳالھ مڃڻ تي مجبور ٿيو آھي. ڪن تہ اھو مطالبو ڪيو آھي تہ لطيف جو ترجمو ڪري ان تي اردوءَ ۾ ڪتاب لک تہ سڀ سمجھن. اھو انقلاب لاءِ وڏو ھٿيار ٿيندو.

اقبال جي ڳالھ ٻڌي احتجاج طور اٿي ۽ ويندا رھيا آھن. پر پوءِ بحث کان پوءِ ھر ڪو ٿريو پنڌ تي ڪريو پوي!

رات رفيق ملازم بيبي حاجرہ جو قصو ۽ شاعر اسلام جناب حفيظ جلندريءَ جو "شاھنامہ اسلام" ٻڌائڻ شروع ڪيا. مون ٽڪ ۽ چڙ وچان ڪيس سختيءَ سان روڪي ڇڏيو. ڪجھ وقت کان پوءِ مون کان اھا غلطي ٿي آھي. مونکي پاڻ تي ضابطو ھر وقت ھٿ گھرجي. پر ٽڪل حالت ۾ آءٌ اڪثر پاڻ تي پورو ضابطو رکيو ٿو سگھان. اڄ صبح جو رفيق سان ڪچھري ڪري سندس دلجوئي ڪيم. مون ۾ ضابطو ۽ تحمل حيرت انگيز حد تائين گھٽو آھي. سھڻ تي پھاڙ سھي ويندس پر سھي سھي نيٺ ھڪ حد کانپوءِ سھپ جواب ڏيو وڃي ۽ ڪنھن وقت کا معمولي ڳالھ آپي کان ٻاھر ڪڍيو ڇڏيم! مطلب تہ درياھ لنگھي ايڏي طاقت خرچ ٿيو وڃي جو پوءِ ڏوري تي بہ ماٹھو بيھو رھي! رات الائي ڪھڑي خيال ۾ ويٺا ھئاسون تہ سرڪاري چمچي ۽ پنڌ حفيظ جو نالو ٻڌي ڇڻ باھ وڻي ويم! سوچيم "تہ پاڻ کي جيل ۾ آمريت جي ھن مسواڙي ميراثيءَ جو ڪلام بلاغت نظام ٻڌڻ لاءِ ئي اچي وڃايو اٿئون!؟"

ملازم آيو آھي. اجازت ونڻ تہ ننڍي گوشت جي جاءِ تي وڏو آڻيان. چيو سين "آڻ!" نيازي ۽ ذوالقرنين وارن پٽ ٻوڙ موڪليو آھي. ڪپڑا بہ بدلايا اٿم. اڳين عيدن تي تہ اڪيلا ھئاسون. اڄ ھڪ بہ ملازم ۽ بہ جوابدار ملڻ آيا. سياسي نظربندن کي عيد تي بہ پاڻ ۾ ملڻ نہ ڏنائون. مھديءَ جي گھران مصالحا آيا آھن! ھتي مصالحہ ڏسيو بہ پيا خوش ٿيون. ھتي جي قيدين جي رڌل ٻوڙن اھڙا ڪڙايا آھيون جو ھاڻ مصالحن جي خبر بہ پئجي ويئي آھي! ڪلھ خبر پيئي تہ حيدر ساھيوال آھي. قريشي اچئي اتي آھي. ان گھٽو خيال رکيو ھوندس. متان "مہ" ويو آھي. تنھن ھڪدم کيس گھرائي سندس وات ۾ پھريون ٻوڙ جو گراھ منھنجي پاران وڌو ۽ ٻيو سندس پاران! مطلب تہ حيدر جو الکو لٽو. ھاڻي ڏٺيکو آھي. "مہ" تيار ڪري ڇڏيندس. سڳن پائڻ جھڙو پائيندس. ڏينھن دستوري عيد جي ڏينھن وانگر سجو سجو ۽ اداس اداس آھي. ڪي عيدون زندگيءَ ۾ مون بہ شايد خوشيءَ ۾ گذاريون ھونديون پر ياد ٿيون پون. ياد جيڪي بہ اڃ ٿيون سي سدائين اداس ۽ ويران ھيون. جيڪي خوشيون جاگيردار سماج آڃي ٿو سي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان لاءِ بيڪار، جيڪي اسان کي گهرجن سي ناممڪن. سڄي جهان جو اهو حال آهي. ماڻهو ويچارا گهٽو ڪري عيد تي هارن جي ڪپڙن ۽ خرچين ۽ راڄا رسمن هيٺ هلاڪ.

عيدون ڪن جيون؟
ڪلي وال تي اکين اڙو
اسان وي منايان عيدان ڇن ميريا
(وار ڪليل هئا، اکين ۾ لڙڪ هئا،
چند منهنجا! اسان سان عيدون ملهايون!)
پر ڪڏهن نه ڪڏهن مارن جون عيدون سان ضرور ايندیون.
ڳاڙهي ڳاڙهي، ريٽي زيٽي
نيٺ ته پنهنجي عيد ٿيندي!
(اڻرسندي)

اڄ تخريب ڪاريءَ جي سزا موت مقرر ڪئي اٿن. منهنجي خيال ۾ اڳتي اهڙو مارشل لا آردر موجود آهي. بهرحال تخريبڪارن سان پور ڪري ڇڏيا آهن. مسڪينن جي پٽ وڃائي ڇڏي اٿن. ڏسون ته هن آخري ڏمڪيءَ کان پوءِ تخريبڪاري مڪمل طرح ختم ٿئي ٿي يا نه.

"سون! سون!" نڪ وهڻ جي تيارين ۾ آهي. جي زڪام وڌيو ته پنج ست آڪسي ٽينرا سائيڪلين جي سُئين کانسواءِ جند ڪانه ڇڏندي. سيون هٽي ڪم لاهي ڇڏينديون. ان ڪري اڄ باهر ڪونه ٿو نڪران. ذاتي اپاءَ ۽ علاج ڪبا. ڊاڪٽري ماهر گڏ ٿي ويا آهن. مهدي صاحب گوريون ڪٽي آيو آهي. ظفر مشتي الائي ڇا پيو ڇڻي پشتو لهجي ۾. معلوم ٿيو ته ڦوي جي ڳاله ٿو ڪري. مون ٽجويز ڏني آهي ته مون کي بيدا ۽ ڪارايو. آخر هڪڙي بيدي ۽ ڦوي جو بل منظور ٿيو آهي. بيدو پڇائڻ کو معمولي ڪم ته ڪونهي! مون واري فل بائل بيدي جي تجويز مهدي صاحب سختيءَ سان نڪرائي ڇڏي آهي ته اهو قابض آهي. هاڻ بائل جو آردر ڏنو اٿس. هاڻ سوال آهي ته هاڻ بائل بيدو صحيح معنيٰ ۾ ڪيئن پڇي؟ مهدي صاحب جو فيصلو آهي ته سؤ ڄا انگ آهستي آهستي ڳڻي پوءِ بيدو باهر ڪڍجي. هاڻ بي رڪاوٽ دور ڪرڻي پڻجي ويئي آهي. ظفر کي اردو انگ ڳڻڻ اچن ڪونه. مون پنهنجي، پشتو داني ڏيکاري آهي ۽ انگ ڳڻي "پيو ظفر کي بڌايان "يوواڻ، دوا، دري، سلور، پنزا، شبگ، اووا، اتا، نو لس، يولس، دوالس ..... ملازم منهنجي هولي ڪٽڻ تي آهي. ظفر ڳاله سمجهي ويو آهي ۽ هاڻ پاڻ "يو دو ڏري" شروع ڪري ڇڏي اٿس. غفور اچي سهڙيو آهي. ارادا ڪجهه خوفناڪ ٿا ڏسجنس. چي "ڊاڪٽر کي وڃي ٿو گهران ڪنهي ڪٽي اچان" منٽون ڪري جند ڇڏايم. مٿان سوڙ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرم ٽوپي مٿي ۾. ٻيدو آيو آهي، چلبو ٻه ڪائڊي سان. سو مهدي صاحب قانون موجب چليو آهي. مونکي خصوصي هدايتون پيو ڏئي. ته ڪيئن چمچي سان کائبو ۽ جي چلکو وات ۾ اچي وڃي ته ڪيئن ڪڍجي! آءٌ غير حاضر دماغ. خدا پت رکي. قانون جي ڪا خلاف ورزي نه ڪري وهان. خير سان اها منزل گذري ويئي آهي. هاڻ ٿهوو فرسٽ ڪلاس ٽيو آهي. ريڊيو چالو آهي. حيدرآباد اتفاق سان هٽ آيو آهي: "محب مٹيءَ جي گهر آيو." گلزار علي ۽ جي آواز ۾ جڙيل فقير جو ڪلام پيش ڪيو ويو. اخباري اداريين جو آزار شروع ٿي ويو آهي. لاچار پير ڌاهيا اٿم. عام ماڻهو شايد سڄي دنيا ۾ گهٽو ڪري هڪجهڙي طبيعت رکن ٿا. جڏهن ٻه بيمار ٽبو آهي ته روم ميٽ، مشقتي، ملازم ۽ آيو ويو ورائي ويندا. سوين ڏس، ڪو زور پيو ڏينڊو. ڪو مٽي ڪي ٽڏڙا پيو ڪڍائيندو. "قربان قربان"! پيا ٽيندا. ان مهل ئي خبر پوندي آهي ته ماڻهن جي دلين ۾ هر ڳاله جي باوجود ڪيڏو قرب، ڪيڏي ٻاجه، ڪيڏي پاڻ وارڻ جي پياس لکل آهي!

مونکي بيماريءَ ۾ ڪڏهن ٻه اهو احساس نه ٽيو آهي ته ڪو آءٌ پرديس ۾ آهيان. نه وري گنتگو ڪندي اهو احساس ٽيو اٿم. جيڪو چوٽو هوندو آهي ۽ جنهن انداز ۾ چوٽو هوندو آهي چٻبو آهي. ظاهر آهي سوچي سمجهي ضرورت ۽ فائدي جي مد نظر ئي چٻبو. پر ڪڏهن ڪڏهن نهايت گرما گرم نموني ٻه چٻبو آهي:

رفيق پڇڻ آيو آهي ۽ مونکي بيمار سمجهي چرچا ٻوڙ ڪري مونکي وندرائي ٻيو.

"سنا هي آپ کي محلي مين سردي آگئي هي؟".....

لاهور ٽي ويءَ تان "لوڪ رنگ" جي عنوان هيٺ

مونکي جوڳي هٽي ڏي تون ڌارو
منهنجو ڪانگل آهي قرب وارو

انهيءَ ڏن تي اردو ڪلام ٻيو ڳائجي.

هي زڪام جان کائ ڇڏيندو؟ نه ڇڏيائين ته ڪم خراب ٽيندو. سڄي ڪم جي پروگرام کي ڏانواڏول ڪري ڇڏيندو في الحال.

ڪلنگيءَ والڙا يار جيوين لک ٽيوين
سدا جڳ جيوين .....

حيدرآباد تان زرينه پٹي ڳائي. آواز ۽ ڏڻ ٽيڪ آهن. سنگهار علي سليم بيدل جو ڪلام ٽو ڳائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيها يار پريم لگايا وي
ستيان نون آڻ جڳايا وي

منهنجو دلپسند ڪلام ۽ دلپسند فنڪار آهي. ڪچ نڱن کان پوءِ عابده آئي آهي.

تون آهين صاحب صورت جو
هي آهي غلام تنهنجو

"مون هجي ها ته ڪيڏو نه مزو ٿئي ها. مٿس ڊيوٽي رکي هيم ته ريڊيو چيڪ ڪري، سڏا سڙائيڪي ۽ سنڌي ڪلام نونکي ٻڌرائي. مٿس ورڪ ڪيو هئم ته سرائيڪي ڳائيندڙ سنڌي فنڪارن محمد جمن، عابده، زيب النساءَ، سنگهارعلي سليم کي ملتان جي فنڪشن ۾ گهرائيندا ڪريو. پنهنجن سڀن فنڪارن کي حيدرآباد جي فنڪشن ۾ اچڻ تي آماده ڪريو. انجام ڪيو هئائين. ڪافي وقت ويٺو سنڌي ڪلام ٻڌندو هو. مون چيو هوس ته "پهريائين هر ڏارين هوليءَ جي موسيقي نهايت واهيات لڳندي آهي. آهستي آهستي ان جي سمجه ايندي آهي. تون بوريت برداشت ڪري سنڌي راڳ جي سمجه حاصل ڪر ۽ ان تي ڪن ڏهن هيرائي." سو لڳو پيو هوندو هو. مون کان بـ زوريءَ ٻيا ڪم بند ڪرائي مونکي سرائيڪي ڪلام ٻڌائيندو هو.

٢٩-٩-٨٢

چاهونگا مين تجهي سانجه سويري
پهر بهي کبهي اب نام کو تيري
آواز مين نه دونگا.
ميري يار تجه کو آواز بارٻار
مين نه دونگا.
چاهونگا مين تجهي سانجه سويري.
درد بهي تو چين بهي تو
درس بهي تو نين بهي تو
متوا ميري يار
تجه کو بار بار آواز مين نه دونگا
چاهونگا مين تجهي .....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رفيع جي مٿئين گاني تي اڪ ڪلي آهي. رات سوڙ ۽ ٻہ ڪمبل وڇهي ستو هوس. آڏيءَ جو پير لوري پيا. سو اُٿي ٻہ جوڙا جوراب پاتم. ڪلھ ٻہ ٻاهر ڪونہ نڪتس. اڄ صبح جو ٻہ ڪونہ نڪتس ۽ چڪر ڪونہ ڏنم. رات شوگن ڏلوسين پر لاهور صاف ڪونہ هو. مزو ڪونہ آيو. سانولي ۾ ٻہ مزو ڪونہ هو. اندرا جي روس جي دوري تي بحث ٻڌوسون دهليءَ تان. ڪافي صاف گوئيءَ سان ڳالھ ٻولھ ٿي. مڙسن کي وڏي اهم ايشيائي بلڪ عالمي سياسي طاقت هئڻ جو ٻہ احساس هو. ڳالهائڻ ۾ خنڪي هين.

صبح جو رفيق ٻڌايو تہ ساهيوال سينٽرل جيل ۾ "فراري" ٿي آهي. سزائي موت جا ٣ قيدي ڦاسي گهاٽ جي ڪال ڪوٺڑين جون سيخون ڪارائيءَ سان وڍي ٻاهر نڪري پٽ ٽپڻ لڳا. سپاهيءَ برجيءَ واري ڏسي وڌن. فائرنگ ڪيائين: ٻہ مڙس رسين تي ٻار ٻار چڑهڻ جي ڪوشش ڪندي چڑهي نہ سگهيا. هڪڙو چڑهي پڃي ويو.

فرارين جا قصا شروع ٿي ويا. گهٽو وقت اڳ ڪيمپ جيل مان سزائي موت جي يارهن قيدين جي فراريءَ جي ڳالھ نڪتي. همراهن ٥٦ فوٽ ڊگهي سرنگھ کوٽي. ان جي منيءَ سان ٻاهر مشقتيءَ هٿان گلن ۽ پاڇين پوکڻ جون ٻاريون تيار ڪرايائون تہ جيئن ڪنهن کي شڪ نہ پوي. تان جو هڪڙي رات يارنهن جا يارهن ئي ڦاسي گهاٽ مان پڃي ويا! ڏينٽ سپرنٽنڈنٽ خبر ٻڌڻ شرط راه رباني ولي هليو ويو!

تازو ڪجھ سال اڳ سڪن هن جيل ۾ سرنگھ هنئي. باقي کي ٻہ چار ڏينهن هئا سرنگھ پوري ٿيڻ ۾ تہ اتفاق سان زبردست مينهن پيو ۽ هڪڙي هنڌ تان سرنگھ ويهي رهي! ڦاٽ ڦاٽي پيو ۽ همراهہ رهجي ويا. ان زماني ۾ ٿي ميانوالي جيل مان سڪن جو ولر مڙسن جو سرنگھ هٽي پڃي ويو!

رات سڄي رات پاسي واري ٻرڪ جا سڪ جيڪي ڪنهن زماني کان قيد آهن سي ڳائيندا وڄائيندا رهيا. اها ٻرڪ سڌبي ٿي سڪن جي ٻرڪ آهي. اڳوٽي ڏياريءَ تي مون کين ڪنڌ ۽ چانور گيھ موڪليا هئا.

پوءِ پاڻ چيائون تہ "سختي آهي." بس ويچارا جيئن ٻنڌ ٽيا تيئن ٻنڌ آهن. ڪوبہ ڏٽي ڏوٽي ڪونهي. نہ خط نہ پٽ. پر مڙس آهن همٽ وارا. ١٠- ١٠- ١٢- ١٢ سال بنا مقدمي يا سزا پوري ڪرڻ کانپوءِ ٻہ پيا آهن. پر منهن تي ران ٻہ ڪانهين. باقي کو وڃہ ٿو ملين تہ پوءِ جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ!

اڄ موڪل آهي. جيل بند آهي. آواز بند آهن . هي جيل لاهور شهر کان ١٦- ١٧ ميل پري آهي. ٽيڪسي تي ٥٠- ٦٠ رپيا پاڙو ٿو ٿئي. بسن جو انتظام پورو ڪونهي. شام کانپوءِ بس ڪانہ ملندي. سڪ لڳا پيا آهن. باقي هونئن سناٽو آهي. صبح جو پنجاب جي تاريخ تي ڪلاڪ ٻہ تبادلہ خيال ڪيو اٽئون. ڪجھ پاڪستان جي صورتحال تي ڳالھ ٻولھ ٿي آهي. ڪجھ يٽي صاحب جي تاريخي ڪردار جو ذڪر خير ٿيو آهي. هاڻ همراهہ ٻاهر ويو آهي. اندر ٻاهر ماٺ آهي: پري ريل جي ڪوڪ ٿي آهي. ڏهن خالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، هر قسم جي احساسن، جذبن ۽ سوچن کان کڏهن کڏهن ڏهن ڪي ڇوٽي ڏيڻ ضروري آهي. خالي دماغ به عجيب آزادي ۽ سکون جو احساس ٿو ڏياري. بيمارين جو هڪڙو فائدو به آهي. دماغ سوچن جي لاڳيتي دٻاءَ کان ڪجھ ويساهين حاصل ڪري ٿو. جن تي اهڙو دٻاءُ آهي (مون تي ڪونهي) تن لاءِ بيماريءَ جي خاتمي کان پوءِ جا به نئي ڏينهن ڏاڍي مزي وارا ٿيندا آهن. ماٿو ۽ پاڻ ڪي نئون جاول ۽ هلڪو هلڪو محسوس ڪندو آهي.

ڇڇ وقت ڪانپوءِ ڪمري کي جاڇي ڏني اٿم. در ڏانهن منهن ڪريو ڪرسيءَ تي ويٺو آهيان. ميز جو پريون پاسو به سرون رڪائي ٽوروڻيو اٿم. بستريءَ تي رات واري سوڙ ۽ به ڪمبل پيا آهن. وهاڻي تان چوڙ لهي ويئي آهي. ريبيو به بستري تي ئي رکيو آهي. ساڄي پاسي مهديءَ جي ڪٽ پئي آهي. پيراندي در ڏانهن آهي. ٻنهي ڪنن جي. مهديءَ جي ڪٻٽ ۾ بلي شاھ جو ڪلام ۽ ٻئي ٻيا ڪتاب، اولڙين، گلوڪوز ۽ ڪير جا دٻا، بسڪوڙن جا پئڪيٽ ۽ هيٺ فروٽن جا پئڪيٽ رکيا آهن. انهن مان ڪي منهنجا آهن جي مون ڪيس رکڻ لاءِ ڏنا آهن جو گهر هلائڻ جو انچارج آهي. منهنجو هڪڙو زنڪ منهنجن ۽ جيل جي لائبريريءَ جي ڪتابن ۽ رسالن سان پريل آهي. هڪڙي ٽيبل تي به ڪتاب رکيل آهن. منهنجو زنڪ مهديءَ جيءَ ڪٽ جي ساڄي پاسي ۽ ٻي ميز منهنجي ڪٽ جي کاٻي پاسي رکيءَ آهي. اڃ تي جورابن جو جوڙو، دوائن جون شيشيون پيل آهن. ڏولءَ ۾ منهنجو سامان رکيو آهي. الائي کهڙو آهي. سونڪي خبر به ڪانهي. ڪڏهن ڪڏهن ان مان الائي کهڙي زماني جون شيون نڪريو ايندڙيون آهن! ڪڏهن ڏسان ته بادام پيا آهن ڪڏهن ڏسان ته بسڪوٽ رکيا آهن! ڪڏهن جاڻ نڪريو اچي! جيڪي رکان سو وسريو وڃي! جڏهن سخت ضرورت پوي ۽ ڪٻٽ ڪلي ڪا شيءَ هٿ اچي. مٿان دوائون رکيون آهن. ويهارو ڪن شيشيون. اڪثر قيدين کي به ڪم ايندڙيون آهن. هي ٽيبل تي ڪاپين جي به هڪڙي ستي لڳي پئي آهي. لطيف، وارث شاھ، شاھ حسين، غلام جعف مصري، حسام الدين راشدي ۽ ڪئين ٻيا اديب، شاعر ۽ دانشور به پاڻ ۾ گڏيا وڻيا آهن. سامهون ٽي وي رکي آهي. پٽيان ڪپڙا ٽنگيا پيا آهن. نيري سلوار سئيٽ اسلم وارو تاريخي يادگار ڪوٽ جو هر سال پهربو آهي ۽ ٽوال گنجيون. سامهون هيٽر، ڪولر ٻني ڪوڪا مٽي رکيا آهن. سامهون کاٻي پاسي رنڊڪو آهي. هيٽر تي روز ظفر کير ايانيو ساڙيو چڏي. روز ٻئي ڏينهن مستريءَ اچي ناهي يا تار نئين گهرائڻ لاءِ چوي. ظفر کان پڇ ته ان کي خدا جي خبر! پشتو ڳالهڙ اردوءَ ۾ چوندو "مين تو ادهر بيٹا تھا جي! خود بخود خدا جاني کيسي آگ لگ جاتا هي. ميرا تو کوئي قصور نهين هي جي!" ڏس ڪٽي ته معصوم باوقار ۽ درويش. ڳالهه سڏائين پڇڻ جي هلائيندو. وڏو ليڪچر شروع ڪندو. اشارا ڏيندو. تمام فضيلت ۽ صبر شان ڳالهه سمجهائيندو. پر مڃيندو ڪجھ به ڪونه. ادب پيحد. مڃتا بدران آڳوٺو. پر سڀ ڪجھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربائتي ۽ پنهنجائپ واري نموني، هاڻ اهڙي ماٺهوءَ کي ماٺهو چا ڪري؟! هڪڙي ڏينهن ڪمري کي باهه ڏئي چڏيائين. مس مس وسائيسين. مجي بي نه . ليڪچر شروع "مين ني ڪجهه نهين ڪيا جي!....."

"م" ۽ مون کي باهه ولي ويئي. رانپاڙ ڪري مٽس ملامتون ڪيوسين. شام جو روئي آيو "مجهه کو بدلي ڪرائو جي! آپ کا قصور نهين هي ميرا قصور هي جي!" ۱۷-۱۸- سالن جو آهي. شادي تازو ڪئي اٽس. زال کي ياد ڪري پشتو ۾ ڏور پيو ڏيندو آهي. ڏاڍي دردناڪ ويوڑي جي ڏن هوندي آهي! "م" سندس ساهه قبض ڪري، سندس سموريون حجتون ۽ فضيلت وارا دليل رد ڪري ڪيس زبردستيءَ سڻو بورچي بنائي ويو آهي. ڪالهه پڇيو مانس ته "م" ڪيئن هو "بوت اچها تاجي! اور کوئي هوتا هم سي بيزار هوتا! چهوڙ ديتا. اس ني مجهي سپ ڪجهه سڪايا جي!" پهاڻن جي ڪنور زندگي ماٺهوءَ ۾ ڪيڏي نه گهرائي ۽ ڪيڏو نه وزن ٽي پيدا ڪري! هار ۾ نهار ته بس چڙ کو شينهن مڙس ۽ باوقار ۽ سمجهو انسان اڇيان بيٺو آهي! ظفر تي ڪڏهن تمام گهٽي ڪاوڙ ايندي اٽم ۽ مٽس ڪاوڙ ۾ ملامت ڪندو آهيان. پوءِ ڪٽي سندس منهن ۾ نهاريندو آهيان ته هو مونکي ايڏو وڏو ايڏو بردبار ۽ ايڏو گهرو نظر ايندو آهي جو آءٌ لڄي ٽي ويندو آهيان ته هي لفظ مون کيڏي وڏي ماٺهوءَ کي چئي وڏا!

فلم "پاکيزه" اچٽي آهي امرتسر تان. پر ٽي وي آگولو ڪڍيو بيٺو آهي. شايد کا خرابي آهي. معلوم ٽيو اسانجي ٽي ويءَ جو ڏوهه ڪونهي. ڪوڙيءَ کي ئي گهرو آهي. زڪام جند ٽئو چڏي. رات پُڄي ويئي آهي. ڊاڪٽر کي لکيو اٽم.

منهنجو پيار توون آن ساهه سينگار توون آن

عابده ۽ يوسف امداد جو گيت پيا ٻڌائين. وٽيا.

آءٌ اها ئي ذات توون پاڻ سجاڻج سپرين الا!

لطيف. وحيد علي. ---------- "تان کي ڏونگر ڏوريان جان نه وهامي رات! "

پهرين سمجهيم ته چئي ٽو ته جيسين ڏينهن آهي، سج بيٺو آهي، رات کا نه پيئي آهي تيسين ڏونگر ڏوريان. سوچيم ته لطيف جي سوچ جي بلنديءَ جي خيال کان ڪَسي سڙ آهي. پر ڏٺم ته نه! هي ته قصو ئي ٻيو آهي. سڙ کا آهي چا! مون اڃ ئي غور ڪيو آهي مٽس! مطلب ته رات جيسين ٽئي ختم ٽئي تيسين ڏونگر سان مقابلو ٻند ڪرٽو ڪونهي.

۷ بجي ٽي ويءَ ۾ ساهه پيو. چيائون ته بجليءَ جي سپلاءِ بند هئي سجي شهر لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال فلم ڏيکاريائون. "پاکيزه" جو جهڙو نالو هو تهڙو هئي. گهٽي زماني کانپوءِ هڪڙي اهڙي فلم ڏٺيم جيکا چونڊيءَ جي فنڪارن، ڊئريڪٽر، موسيقار پلي بيڪ سنگر وغيره جي هئي ۽ هئي به نهايت دلچسپ ۽ وڏي سماجي مقصد واري. ڪيترين جاين تي بلڪل نه چاهيندي منهنجون اکيون آليون ٿي ويون ۽ گلو بار بار پرجي آيو. فلم پوري ٽيڊ ڪان پوءِ به روح تي هڪڙي اداسي ۽ نامعلوم گهرو ڏک چانيل رهيو. "محفل" زبردست هئيَ پر سماجي طرح بي مقصد هئي. هيءَ سماجي طرح با مقصد هئي. هيءَ سماجي طرح هي شيءَ هئي. ڪمال امروهوي واقعي ڪمال جو ماڻهو آهي. ديرسان جيلر رضا ڪمپائونڊر کي ولي آيو. ڪمپائونڊر بطال ۽ ٽرڙو راڻو هو. اڳواڻ تنبيهه ڪئي مانس ته تنهنجو رڪارڊ خراب آهي. سئي ليڪ هٽج. رضا به چيس. ٿئ به سور ڪرايائين. پر ايترو نه.

وري بک لڳي اٿم. فلم جي تاثر ڪري ننڊ به ٿئي اچيم. سڀ ستا پيا آهن. به بسڪوٽ ڪائي سمهي ٿو رهان. حالانڪ ضرورت چانهه جي آهي. پر ظفر ويچارو وڃي ستو آهي. ان جي ننڊ کهڙي خراب ڪجي؟ ڪڏهن ڪڏهن تاريخ سان گڏ احساس به پاڻکي دهرائيندا آهن. اڄ مونکي ائين ٿو لڳي جڻ آءٌ ڪنهن اسپتال ۾ آهيان. وڌيڪ سوچان ٿو ته اسپتال به جام شورو ۽ تڏهن جڏهن جگر جي تڪليف ڪري پهريون دفعو اتي ويو هوس ۽ آهستي آهستي ليڪ ٽيڊ شروع ٿيو هوس. انجيڪشن جي اها ئي بوءِ بدن ۾. اها ئي. رات، روشني ۽ اڪيلائي. دراصل منهنجو بدن اهڙو نستو ڪونهي. پر ته به ڪجهه ته اثر آهي بن ڏينهن جي زڪام جيَ مهرباني جو ۽ باهر نڪري چڙ پر نه ڪرڻ جو.

مهدي چئي ٿو "توکي منهنجي نظر لڳي آهي. اسين ڪار جيا آهيون" مون چيو "اسان جي ڳوٺ هلي پچا ڪر ته اسانجي نظر ڪيئن آهي!" بهرحال منهنجي صحت اڃلهه عاليشان آهي. اڄي ڪيترن سالن ۾ اهڙي ڪا نه رهي آهي. پر هي زڪام ۽ سيون ضرور ٻيڙي ٻوڙيندين.

۸۲-۹-۲۰

اڄ ٿورو دير سان اٿيس. رات ننڊ ڪا نه آئي دير تائين. لاچار مهدي انور کي جاڳائي ڪانئس ۵ ملي گرام ڊائزا پام گوري ورتم. ان جي چوٽين پتي ڪاڏم ته به ننڊ ولي ويئي. چوڏري شريف ملڻ آيو. شام جو سئي هٽڻ ايندو. مهدي انور سيلڪ هئريسن امريڪي صحافي جنهن امريڪي ڪانگريس ۾ پاڪستان کي امريڪي هٿيار ۽ پي امداد ملڻ جي مخالفت ڪئي هئي تنهن جو بلوچستان بابت مشهور ڪتاب "افغانستان جي پاچن ۾" جيڪو بلوچستان جي سياسي صورتحال بابت آهي ۽ جنهن جي خلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي رجعت پرست پريس ۾ تمام گھٽي گھوڙا گھوڙا ٿي هئي تنهن کي لڳو پيو آهي. مانيءَ مهل ڏاڍي اتاولائيءَ سان چيائين "سرڪار! هن ڪتاب ۾ ته توهان جا ڏاڍا ذڪر آهن!" ائين چئي پڙهي ٻڌائڻ لڳو. ڏسجي ٿو ته ٻين ڪن پاڪستان جي ترقي پسند ليڊرن سان گڏ عوامي تحريڪ ۽ منهنجو ٻه ذڪر آهي. هُريسن ملڪ جي ۱۲ ترقي پسند ڏڻن مان بنگش ۽ عوامي تحريڪ کي وڌيڪ اهم تصور ڪري ٿو. ان ۾ ٻه تحريڪ کي بلوچستان جي حوالي سان بلوچن جي وڌيڪ ويجهو ڄاڻائي ٿو.

نازشي گروپ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو.

"(هن گروپ جو) نالي ماتر ليڊر امام علي نازش آهي. جو هڪڙو گوشه نشين نظريه دان آهي جيڪو هڪڙي ڪمان ڪندڙ هيٺيتي طور ايريا نه سگهيو آهي.

"..... هو هن پارٽيءَ جي ليڊر شپ جي مهاجر نوعيت جي علامت آهي. سندس ڪاهي ڏر جا حريف سندس تنظيم کي مٽرون جي (مهاجرن جي) "ڪميونسٽ پارٽي" سڏين ٿا..... ٻي ڪنهن شئي نه هجڻ ڪري سوويت يونين نازش جي گروپ لاءِ پنهنجي ترجيح جو اظهار پئي ڪيو آهي ..... ماسڪو نازش وارن سان مختصر عرصي لاءِ ۱۹۷۰ع ۾ ٻه ڪاوڙيو هو. جڏهن انهي پارٽيءَ سوويت يونين طرفان پٺي جي حڪومت جي تائيد جي ڳالهه جي پوئواري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. بهرحال سوويت نمائندن هميشه انهن ۱۲ ڪاهي ڏر جي ڏڻن ۾ لاڳيتي دلچسپي پئي ورتي آهي جيڪي پاڪستان ۾ ڪاهي ڏر جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جا مد مقابل آهن.....

"..... انهن ۱۲ ڏڻن مان جيڪي ٻه ڏڙا سڀ کان اهم آهن سي بلوچستان بدران ٻين هنڌن تي آهن. اهي آهن مزدور ڪسان پارٽي جنهن جو اڳواڻ فضل بنگش آهي ۽ جنهنجي پشتون علاقتي ۾ مضبوط تنظيم آهي ۽ ٻي رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ ..... پليجو جيڪو ڪنهن زماني ۾ مائوسٽ هو سو بنيادي طرح هڪڙو سنڌي قوم پرست آهي".

اڳتي هلي (صفحو ۱۳۹) تي مونکي "مارڪسي سنڌي قوم پرست رسول بخش پليجو" سڏي ٿو. بلوچستان سان واسطو رکندڙ هر چرندڙ پرندڙ ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيو آهي. ٻڙو مير بخش مري، بزنجو مينگل، بگٽي، شير محمد مري، خير جان بلوچ (جيڪو هاڻ واپار پيو ڪري) قادر بخش نظاماڻي، شهزادو عبدالڪريم، مير هزار رنجاڻي، ايراني بلوچستان جي قوم پرستن داد شاهه، جمع خان پناڻ ولي خان ۽ ٻين تمام گھڻن جو احوال آهي. بگٽي، مري، مينگل ۽ بزنجي کان انٽرويو ورتل آهن. امريڪي سرمايه دار سامراجي نقطه نظر آهن. پورهيت انقلاب جو دشمن آهي. پر انقلاب کي روڪڻ لاءِ حڪمت عملي تڏهن لهي سگهندي جڏهن حقيقتون جيئن جو تيئن معلوم هجن. هڪڙيءَ جي ٻي ڳالهه ڪيل نه هجي. اهو سيلڪ هُريسن ڪيو آهي. هڪ عالماڻي شئي لکي آهن پر ان جو انداز صحافيانه آهي. يعني دلچسپ ۽ هلڪو ڦلڪو. سئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀڪي سوڌي ڳالهه معلوم ڪري لکي اٿس. انٽرويوئن ۾ ته جيڪي ماڻهن جي اندر ۾ هو سو به ٻاهر ڪڍي آڻي رکيو اٿس. پڻيان کا ڳالهه رهي کا نه. ٽلهين ٽلهين ڳالهين تان رازداريءَ جو پردو صفا ڪٽي سڄي ڳالهه پڌري پٽ ڪري ڇڏي اٿس.

۱-۱۰-۸۲

نئون مهينو. رات آڌيءَ جو اجرڪ ۾ ستو پيو هوس ته اوچتو زبردست سيءُ پيم. ڏڪڻي ولي ويم. اٿي هڪڙي سوڙ ۾ ڪمبل مٿان ڪيم ۽ پيرن ۾ به جوڙا گرم جوراب پاتم ۽ ونڊمن جي گولي کاڌم. تڏهن سيءُ مان جان ڇٽي. ننڊ لاءِ پنج ملي گرام ڊائزاپام کاڌي هيم. صبح جو تازو توانو ٿي اٿيس. پر ديرسان اکيون کوليم ته مٿان مهدي صاحب بيٺو هو. الائي کهڙي ڳالهه ڪيائين ۽ مون الائي کهڙو جواب ڏنس. چيائين ته "ڪڏهن ڪڏهن توهان ڳالهه ڪندا آهيو ته توهان جي منهن تي اهڙي معصوم مرڪ هوندي آهي ۽ اکين ۾ اهڙي شرير چمڪ هوندي آهي جو توهان ۲۵ سالن جا جوان لڳندا آهيو." مون چيس ته "اوهان جوان جي ڳالهه ٿا ڪريو. جنهن ماڻهوءَ ۾ باراڻي معصوميت، ٻال- پولائي، پروسو شرارت ۽ زنده دلي صفا وڃائي ڇڏي اهو ڇٽ جيئري مري ويو! انقلابي ماڻهوءَ ۾ هڪڙو حصو ٻالپڻ جو هڪڙو حصو جوانيءَ جو ۽ هڪڙو حصو بزرگيءَ جو هجڻ گهرجي چاهي سندس عمر کهڙي به هجي."

پهرين تاريخ آهي، اڄ ملازمن جو ٽولو بدليو آهي. نئون ٽولو آهي. منجهائن هڪڙو ته پراڻو حجائتو آهي جو ڪپ ڪوڙي اندر ويهي رهيو آهي. مون ٻاهر وڃي ويهڻ لاءِ چيو اٿس. رفيق ۽ شاڪر شاهه جون ڊيوٽيون فيڪٽريءَ ۾ لڳايون اٿن. مري ويا! سڄو ڏينهن ٽنگيا ٻيٺا هوندا. شاڪر شاهه لاءِ ته ٺيڪ آهي. پر رفيق ويچارو دربدر ٿي ويو! چئي ويو آهي ته مون کي ڪوري گهرائيج ٻڌن ڏينهن کان پوءِ، ڏينهن روشن روشن آهي. طبعيت بهتر آهي. دل ۾ بي سبب ڪجهه ٻارءِ جي خنڪي آهي. شايد به ٽي ڏينهن ڪجهه آرام ڪرڻ سبب. اڄ به جيل بند آهي. چوڌ طرف ماڻ جو راڄ آهي. ڏهن ۾ به ڪم چالو آهن. لطيف تي ڪتاب ۽ هڪڙو ناول جنهن جو پلاٽ سالن کان ڏهن ۾ پيو سر جي، ٺهيو وريو وسريو وڃي. استاد بڙي غلام علي خان وانگر منهنجي تياري به ڳري ۽ ڏگهي. پر هاڻ پاڻيان ٿو ته ساٿي جهڙي نموني تعاون ڪري رهيو آهي ۽ صحت جنهن نموني جونءَ جي رفتار سان بنيادي طرح سڌري رهي آهي تنهن جي مدنظر اهي ٻئي ڳالهيون ٿي نه وڃن ته عجب ڪونهي. وقت لڳندو. پر اسان کي به ڪي ٻيون ڪوڙاريون هٽڻيون ڪونهن. ساٿيءَ ته گهرائي هتي رکيو ٿي ان ڪم لاءِ آهي پاڻيان ٿو. چوڌري شريف سئي هٽڻ آيو آهي. ساٿس ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي. مهديءَ اسلامي تاريخ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ڪڍي آهي جڏي ٿو "مودودي" خلافت بابت لکندي حضرت عثمان جي پاليسين تي تنقيد ڪئي آهي ۽ حضرت عمر کي ساراهيو اٿس."

مجموعي طرح چئني خليفن جو احترام ڪندي سندن پاليسين ۾ فرق ڏيکاريو اٿس ۽ اموين جي پاليسين کي نديو به اٿس." مون چيو "پرهيزگاري، تقويٰ ۽ بين مذهبي گڻن هوندي به رسول اڪرم صلعم جا سڀ صحابي ساڳئي طبقي، ساڳئي سماجي سوچ وارا نه هئا. اهو ئي سبب آهي جو اڳتي هلي انهن مان ڪيترائي هڪ ٻئي جي رت جا پياسا ٿي پيا. جيئن حضرت علي رضه ۽ حضرت امير معاويه حضرت عثمان ۽ ابوذر غفاري، حضرت عثمان دولتمند طبقي مان هو. حضرت عمر غريب مسلمانن جي سوچ جي سڀ کان وڌيڪ ويجهو هو." چيائين "حضرت عمر ئي ته اموين کي زور ونايو!" مون چيو "اهو صحيح آهي. پر ملڪ فتح ڪرڻا هوندا ته فوجي ماڻهو ئي ڳولبا! حضرت علي اعليٰ درجي جو بهادر هو. فوجي سپه سالاري هي شيءَ آهي. بنو هاشم کي ورهاست ۾ ڪعبي جي خدمت مليل هئي. قريش جي فوجي ڪمان بنو اميه جي حوالي هئي. خود حضور صلعم فوجي ضرورت سبب حضرت خالد بن وليد کي مڪي تي چڙهائي ڪندڙ فوج جي هڪ حصي جو ڪمانڊر مقرر ڪيو. هن پهرين فرصت ۾ حضور جي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي. حضور جن کي ٻڪ ڪٽي اعلان ڪرڻو پيو "اي الله! جيڪي خالد ڪيو آهي. ان کان آءٌ پاڻڪي بري ٿو ڪريان، بري ٿو ڪريان!" هن ساڳئي روش حضرت ابوبڪر سان اختيار ڪئي. سندس حڪمن جي خلاف ورزي ڪيائين ۽ خونريزي ڪيائين. پر فوجي ضرورت سبب ڪيس برقرار رکيو ويو. تانجو حضرت عمر کي ڪيس ڏسمس ڪرڻو پيو. پر فوج تي اموي تسلط قائم رهيو. اسلام جي تاريخ کي رڳو روايتي مذهبي نقطه نظر سان نه پر تاريخ جي دستوري اصولن موجب پرکبو ته حضور جن جي زندگيءَ ۾ ئي اسلامي انقلاب جي ميون تي سرمايه‌دار طبقي ۽ فوج جوابي انقلاب ذريعي قبضو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. حضرت عثمان تائين پهچندي اهو عمل مڪمل ٿي ويو. ان جي خلاف جوابي ڪاروائي ٿي جا ڪربلا تائين هلي. آخر سردار جاگيردار سرمايه دار فوجي ٽولو مڪمل طرح اسلام جي هيڊ ڪوارٽر تي قبضو ڪري ان جو ازلي ابدي وارث بنجي ويهي رهيو ۽ ان کي آڙ ۽ هٿيار طور ڪتب آڻي اڄ تائين مسلمانن کي غلام بنائي کين ڦري لٽي عيش پيو ڪري. وچ وچ ۾ مختلف لباسن ۽ روپن ۾ بغاوتون ۽ غلام بنايل قومن طرفان آزاديءَ جون جدوجهدون ٿيون. پر بنيادي طرح صورتحال ساڳي رهي." چيائين "دادا منصور پنهنجي ڪتاب ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي." مون چيو "مون اهو ڪتاب ڪونه پڙهيو آهي. مونکي هٿ ڪري ڏي."

رکي رکي ڪاڻ ڪا ڪِٻ ڪٽندو. جواب نه ڏي ته وري ٻي نه ته وري ٽي. لاچار جواب ڏيڻو پوي. جيل ۾ ٻيو ڪم کهڙو؟

چيائين "بي بي خديجتہ الڪبريٰ سان حضور جو اهڙو عشق هو جو سندن وفات کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۲ سالن پوءِ تائين وري ٻي شادي ڪانه ڪيائون!" مون چيو "پاڻ ڪاڻ ۱۵ سال وڏي صحابياڻي ام المومنين خديجته الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان ۲۵ سال گڏ گذاريٽ ڪانپوءِ سندس. وفات بعد حضور جن پهرين فرصت ۾ ۵۳ سالن جي عمر ۾ ۹ سالن جي عائشہ رضہ سان نڪاح ڪرڻ فرمايو!" چيائين "۱۳ سالن ڪانپوءِ" مون چيو "ٻن ٽن سالن اندر." چيائين نہ! ۱۲ سالن ڪانپوءِ." مونکي لاچار پنهنجي تاريخي چوپڙي کولڻي پئي. مون چيو "عيسوي سن جي حساب سان حضور جن جي ٻيبي خديجته الڪبريٰ رضہ سان شادي ٿي ۵۹۵ع ۾. حضرت علي رضہ جائو ۶۰۰ع ڌاري. وحي نازل ٿيڻ شروع ٿي ۴ فيبروري ۶۱۰ع تي. ٻيبي عائشہ رضہ جائي ۶۱۳ ڌاري. حبش ڏانهن هجرت ٿي ۶۱۵ع ۾. قريش ٻنو هاشم جو گهيراؤ ۽ بائيڪاٽ شروع ڪيو ۶۱۷ع ۾. حضرت ابو طالب ۽ ٻي ٻي خديجہ وفات ڪئي ۶۲۰ع. هجرت ٿي ۲۸ جون ۶۲۲ع تي. ٻي ٻي عائشہ سان شادي ٿي الن مهينن ڪانپوءِ فيبروري ۶۲۲ ۾. حضرت علي ۽ ٻيبي فاطمہ جي شادي ٿي جون ۶۲۳ ۾. بدر جي جنگ ٿي جنوري ۶۲۴ ۾. احد جي ٿي جنوري ۶۲۵ ۾. امام حسين عليہ اسلام جائو جولاءِ ۶۲۶ع ۾ حضرت عائشہ جي هار وڃائڻ جو واقعو ۽ حضور جي جويريہ ٻي سان شادي ٿي اگسٽ ۶۲۷ ۾. حديبہ جو صلح نامو ٿيو فيبروري ۶۲۸ ۾. مڪي جي فتح ٿي. جنوري ۶۳۰ ۾. حضور صلعم جي وفات ٿي ۷ جون ۶۳۲ع تي. ٻيبي فاطمہ رضي عليہ ڇهه مهينا پوءِ ڊسمبر ۶۳۲ ۾ وفات ڪئي ....." چيائين "اهو آهي ڇا؟" مون چيو "دستر ۾ پير هٽي وهڻ وارن جو علاج! اڳتي هلان يا بس!" چيائين "بس!" مون چيس "آئون هوائي ڳالهيون ڪرڻ جي خلاف آهيان. پاڻ سڳورن ٻيبي خديجہ جي وفات کان ٽن سالن اندر ٻيبي عائشہ رضہ سان نڪاح ڪرڻ فرمايو. ۱۲ سالن کان پوءِ نہ." جيل ۾ ماٺو اجهو اهڙيون خبرون ڪندا آهن.! نہ ڏيڻ نہ ونڻ بحث جو گهوگهٽ. "ادي" کي خبر ٻہ ڪانهي، ادا عشق ۾ رليون پيو ڇپي" "ڄڃ ۾ جاڻي ڪونہ ڇئي آئون گهوٽ جي پڻي" "ساري جهان ڪا درد هماري جگر مين هي." واري کان ڪنهن مهل ڏسي تہ مڙسن جا منهن جهڙا تتل ٽاماڙيون، اکيون ٽاندا! "خير؟" چي "سرداري قبائلي نظام جي ويٺو حمايت ڪري! خبر اٿئي اهو ڪيڏو تاتل نظام آهي؟! سردارن جي چمچا گيري!" ڏسندي ڏسندي ٻيا ٻہ بحث ۾ شامل ٿي ويندا ۽ هڪڙو وڏو جنگاڻ بحث شروع ٿي ويندو. سردار پنهنجي گهر موجن ۾. هتي زبانن جي لٽ جو پڙڏو!

حقيقت ۾ جيل رڳو خراب ۽ پوائتي جاءِ ڪانهي. ڪي ڳالهيون ماٺوءَ کي فقط جيل ۾ حاصل ٿي سگهنديون آهن. ٻاهر نہ. جيل ۾ ماٺهو هڻ هڻ کان، زندگيءَ جي فوري گهرجن کان، هڪڙي جاءِ تي نہ هجڻ ۽ چڙو چڙ رهڻ جي مجبوريءَ کان آزاد آهي. جنهن ماٺوءَ سان پنج منٽ ٻہ ڳالهائڻ لاءِ نہ ملن سو ماٺو ڏينهن جا ڏينهن بلڪ مهينن جا مهينا توهان اڳيان! تڪڙ جو نالو ٻہ ڪونهي. توهان کي اهو معلوم ڪرڻو آهي تہ چند تي داغ ڇو آهي؟ بلاشڪ ان تي مهينا وينا غور ڪريو ۽ ٻين سان بحث ڪريو! ساڳئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي جا مسافر جيترا جيل ۾ گڏ لهندا ۽ جيترو گهٽو وقت هڪڙي هنڌ گڏ ملندا اوترو وقت گڏ ٻيو ڪڏهن ٻـڪٽي ٻـ ڪونہ ملندا!

جيل ٻـ ڪوڙ ۽ سچ ڪي پرکڻ جي ڪسوٽي آهي. پاڙيو هتي وڌيڪ پاڙيو ٽيندو. مڙس وڌيڪ مڙس. جيل مڙس تان ڪوڙي ڏاڙي نمائش، لئہ بازي جا ملمعا لاهيو ڪيس اصلي حالت ۾ آڻيو بيهاري. جيل ۾ لاپرواهي، ٽـرڙپائي، بزدلي، اڻهرائي، بي صبري وغيره اوگڻن جي ٽڏي تي مهانگي قيمت وصول ٽئي ٽي. فوراً ۽ بنا چتاءَ جي اوچتوئي اوچتو آڏيءَ رات جو ڪاري ڍڳي جا ڏٽي پهچي سگهن ٿا. لٹ جو ٿهڪو ٽي سگهي ٽو. انڌاريءَ ۾ بند ٽي سگهجي ٽو. ڪتي جي وات ڪجي ڪنهن اڃا ٻـ وڌيڪ مصيبت جهڙي پرانهين جيل ۾ بند ٽي سگهجي ٽو. جيل ۾ ماڻهو فضول نمائش کان بچي نيازٽي وڃي ٽو. ماڻهوءَ جي ماڻهپ شين. جاين ۽ معتبرين جي اوناهن ڪرن مان نڪري،چند وانگر چمڪڻ لڳي ٽي. شين، جو شين سان متابلو ٻاقي ٿو رهي،وڏا فيشنبل جوان جي هوندن پائنين ته جي سينٽ لڳل نہ هوندو ڪپڑا عاليشان درزيءَ جا سبيل ۽ بهترين ڏوبيءَ جا ڏوتل ۽ تازي استري ٽيل نہ هوندا تہ ماڻهن اڳيان ڪنڊ ڪٽي نہ هلي سگهبو سي هتي اچي معلوم تا ڪن تہ جي اسان ۾ واقعي چار ڪٽا آهن تہ هتي ميرن ڪپڙن ۾ اسان کي اڳي کان ڏهوٽي وڌيڪ عزت ملي سگهي ٽي. هڪ جيڏن ۽ پاڻ وڏن ۾!

جيل جي ڪچهري ۽ منظرن سان ٻاهر جا ڪي ٿورا منظر متابلو ڪري سگهندا!

اڇهو هو سينٽرل جيل، حيدرآباد جو عوامي وارڊ ۽ هو محمد فاضل! ڏوئي هنڌ ۾، ور ڪنيل، ديڳڙي کي لڳو پيو آهي. چؤ تہ ڪر سڄي عمر ڪم ئي اهو ڪيو اٿس! تمر راڄپر پلٽي هٽيو پٽ تي ويٺو آهي ۽ ڪنهن سان بحث ۾ لڳو پيو آهي. هڻ هٽان! اهو جوڳي جيڪو سماڌي لڳايو ويٺو آهي ۽ هاڻ ڏٻي تي وڃت ڪرڻ شروع ڪئي اٿس سو متارو ڏاهري آهي. اهو مڙس جيڪو لتا جو ڪلام پيو ڳائي.

اکيون کي جهروکون سي مين ني ديکا جو سانوري

سو غازي صلاح الدين آهي. هو انجنيئر صاحب جيڪو وارڊ جا واه پيو ڪوٺائي ۽ پاٽيءَ کي هاري تائين پهچائڻ ۾ جنبيل آهي سو ابوبڪر زرداري آهي. هي جيڪو امداد جو ڪلام پيو ڳائي سو سونهارو عرف ساغر آهي. هو پريان فقير رحمت الله چرچا ڪريو ماڻهن کي پيو ڪلائي ۽ هر هر انگريز جي پيٽ جو ذڪر خير پيو ڪري. ٽوريءَ دير کان پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تان پاڻس ڪٽيءَ کي نهايت چيدين گارين سان نوازڻ شروع ڪندو، هي انڌڙا ويچارا پنڻ آيا آهن:

"ڏي ڙي بندا ڏينڈين نالي الله جي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ منو ۽ اسماعيل مهيري، ناريجو ادريس، عالم شاهه ۽ هيا راڄ شامل آهن.

هاڻ راند شروع ٿي. شام محمد شاهه جا واڪا ته ٻڌو! چئو ته ڪرخون ٿو ٿئي!

"اچل! اڙي هيڏانهن! ٻال! اڙي انڌا! هيڏانهن هن پاسي!" شام جو دلي تي هٿ. ٽين جو ڏڙڪو. ڪلام. ڪلام ٻه ڪلامن جهڙا! سڄي عمر نه وسرڻ جهڙا. اڄ سيڪو پنهنجي زندگيءَ جا احوال ٻڌائيندو. وچ ۾ "ڳاله ڪائي ويو ڪائي ويو!" جا واڪا! جوابي بيان. "مان ڪريو!" جا آردس ٺهڪڙا. تاڙيون! باهر ڪير ٿو پاڻ بابت اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي؟ سيڪو ان دپ ۾ ته جي زندگيءَ بابت سچين ڳالهين جي پٽڪ ٻه ٻين کي ٻڌايم ته سڄي عمر حياتي زهر ڪري ڏيندم! پر هتي سيڪو فرمانبردار شاگرد وانگر وڻيو سبق ٻڌائي. گڙ ٻڙڪئي ناهي گهوڙا گهوڙا شروع ٿي ناهي!

اجهو بيت بازي شروع ٿي. ڏرين جي هولي ڪٽي. سنا سنا شعر ٻڌائي پورا ٿيا. هاڻ رکاوٽ جي پورائي، "واه ڙي تارا گول تارا!" "اول ڏٺيءَ جو نالو ڳنجهي....."

هاڻ هرڪو ڳائي. گلي مان آواز نڪري نه. آواز اهڙا جو ڪتا ٻڌن ته پڇي وڃن. پر حڪم جي تعميل. ڪنڌ تي ڪاتيٺو رکي ٻڌائڻو پيو پوي. سيڪو واري تي لڳو پيو آهي، پوءِ ڪلن جا ڪوڪريا! اجهو هاڻ پڙهائيءَ جو ٽائيم تي ويو. انگريزيءَ جو پيريڊ. فاضل انگريزي اي بي سي ڏي پيو سکي. ڪي همراه سزا طور اڌيا ٻيڻا آهن. پيپر پيا جاچجن. فقير رحمت الله ڪاوڙجي ڳاڙهو تي ويو آهي. پر ضابطو. منهن ٽامٽي پر زبان بند. نه ته مينٽنگ ٽيندي. تنقيد ٽيندي. سزا ملندي. ڪاوڙ چا تي؟ چئي "هيا ته لهيو پر هن ..... ڪنليءَ جي انگريزي ٻه مونکان سٽي؟ ان کي ۲۵ مارکون ۽ مونکي فقط ۱۸!"

هاڻ ليڪچر. "سوشلزم جي ڪهاڻي." پنج ڏينهن هل هلان. خيالي سوشلزم، فرينچ انقلاب، ۱۸۴۸، پهرين انٽرنيشنل، پئرس ڪميون، فيبروري انقلاب ..... هل هلان!

هاڻ ڪتاب پڙهبو ....."معاشري جي تاريخ" واري تي هرڪو پڙهي، پچاڙيءَ ۾ تبصرو. اڄ فلاڻي جي سالگره آهي. تقريرون، زندگيءَ تي روشني. ڪيڪ. ڪلام.

(آئون ڪيئن آٽڻ وڃان. چرخو منهنجو چيو نا ڪري. ريڊيو تي الائي ڪير پيو ڳائي. آواز ۾ گونج آهي) عجيب عجيب شرطون! هڪڙي ڏينهن مون ٻه شرط لڳائي.

مون چيو ته "آئون توهان کي هڪڙي ردي قسم جي رسالي ۾ هڪڙي ردي قسم جي ليکڪ جي اهڙي ڪهاڻي پڙهائي سگهان ٿو جا توهان جي دل کي ڏاڍي چڙينديا!" جواب ۾ اسلم پرويز چيو "آءٌ توهان کي اهڙي ليکڪ جي ڪهاڻي ڏيئي سگهان ٿو جنهن جيئ اسٽائيل کي اسين اڪثر ڪري گهٽو پسند نه ڪندا آهيون. خاص ڪري جذباتي توازن ۽ فني پختگيءَ جي خيال کان. پليجي صاحب جي پسند جي فنڪارن ۾ اهو ڪهاڻيڪار شامل ناهي. پر آءٌ ان ساڳئي ماڻهوءَ جي هڪڙي اهڙي ڪهاڻي توهان کي ڏينداس جنهن ۾ بظاهر ڳاله ڪجه ٻه ڪانهي پر اها اوهانکي روئاڙي ڇڏيندي. خود، پليجي صاحب جهڙي ماڻهوءَ جو گلو ٻه پرجي ايندو." شرط هارائڻ جو ڏنڊ مقرر ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يڪدم ٻئي ڪهاڻيون ورهائجي ويون.

جج ٽيا ابوبڪر، قمر ۽ ٽيو الائي ڪير، اسان ٻنهي جي ڳالهه سچي ٿي. ٻنهي ڪهاڻين کي پڙهي پڙهندڙن جا روح لرزي ويا. جوڊ منهنجو ٻه گلو ٻرجي آيو اسلم واري ڪهاڻي پڙهي. ڪهاڻيون هيون، منهنجي طرفان بيڪار زنانن اردو رسالن جي هوائي ليکڪ بشريٰ رحمٰن جي زناني رسالي ۾ ڇپيل هڪڙي اردو ڪهاڻي، جنهنجو نالو مونکي هينئر ياد ناهي اچي. زال، مڙس ۽ سس جي ڳالهه هئي. سس ڪيئن چالاڪيءَ سان ننهن کي طلاق ٿي ڏياري. مڙس ڪيئن پاڙيو ۽ بي وفا ٿو ٿئي. اهڙي ڪهاڻيءَ مون زندگيءَ ۾ گهڻ پڙهي آهي. همراه ٻه سيپ ولجي ويا. آءٌ جيڪر ڪيس دنيا جي هڪ هزار عظيم ڪهاڻين ۾ شامل ڪريان. اسلم پرويز جي شرط هئي نوزالهدیٰ شاه جي سندي ڪهاڻي "جلا وطن" تي!

(مارن بنا دل ماندي، ڪانءِ خبر ڪنهن آندي، ڪانءِ خبر آندي..... زرينه جو آواز ڏن ۽ آواز ٻئي وٽياءِ مائي پاڻي سالن ڪانپوءِ ٻڌڻ ۾ آئي. پر گوڙ ۾ ڪجهه ٻ نه آيو) جيل سان منهنجو تعلق زندگيءَ ۾ ڪافي دير سان ١٤ سال اڳ ١٩٦٨ع ۾ ٽيو. ان سال آءٌ پنهنجي زندگيءَ جي ڪئين زبردست حادثن، طوفانن منجهان هڪ زبردست ذاتي، سياسي ۽ اقتصادي حادثي ۽ طوفان مان گذري رهيو هوس. منهنجي ذاتي زندگيءَ جي ڪن مونجهارن جو فائدو ولي ڈسٹا وائسٹا سياسي حريف ٽولاءِ مٿي ۾ ڈچرن وارا ٽوپلا پائي، سچي سنڌ ۾ پکڙجي پيا هئا. "انقلابي" گجهون منهنجي سياسي آبروءَ جي سندن ليکي قتل ٽيل لاش جا ٻوٽ پٽي مزي سان کائي رهيون هيون. منهنجي ڪار جو حادثو ٿي چڪو هو ۽ آءٌ مرندي مرندي بچيو هوس. ڪار پرزا پرزا ٿي وئي هئي. منهنجي ٽنگ نڪري ويئي هئي. آءٌ مهينن جا مهينا رهيرين انڪلسريا ۾ پوءِ ڪراچيءَ ۾ هڪڙي مسواڙ تي ورتل جاءِ ۾ بستري داخل هوس. خبر نه ٿي پئي ته ٽنگ ٽيندي يا آئيندہ لنگڙو ٿي هلندس. علاج تي اسانجي حال سارو جدڪان وڪيڻ خرچ ٿي چڪو هو. آءٌ فقير هوس. بابا پاڻ کي لٽائي چڪيو. ان وچ ۾ ٻيو انساني حادثو. حادثي اندر حادثو. منٽون آزيون ته خدا جي واسطي ٻٽي ڏينهن صبر ڪجي. پر دستورموجب جواب "نه!". بستري داخل لولي لنگڙي حالت ۾ جبل جيڏا بوجها. سوال جواب. طلبون ڏمڪيون! ٽوڙڙو ليڪ ٿي ڳوٺ ويس ته بابا سان وڙهي حيدرآباد هليا آياسون. رمندڪ منڊڪا! ڪيسا خالي! ڪيس هلائي نه سگهجي ايا گهرو ڏڏا الڳ. ماٺو جاءِ جي مسواڙ به نه ڏيئي سگهي! گهرو مجبورين ۽ ڪوٽين جي هلندڙ طوفان جي پاڻجوڊ هٽي هٽي ڪجهه وڃي ساهه پٽيم. ٻي ايري سيري فيئٽ ڪار سراج کي چئي ان جي معرفت ورتم. ان کي هلائڻ لڳس. ماٺهن چيو "مس مس ٻچيو آهين. هاڻ ڪڏ ۾ هڻ ڪار کي!" مون چيو "چڏيون کي پرن! اڄ ڪار جي حادثي کان وڃي ان کي چڏينڊس سياٽي ٻڌا ڇا ڇڏڻو پوندو!" ٽنگ ايا جهانڪايو پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيا ري جي مند شروع ٿي رهي هئي. اڇوڪي جهڙا ڏينهن هئا. ڪراچيءَ ۾ ٻه چار ڏينهن رهي ٻاءِ روڊ حيدرآباد پئي آياسين. سونڊن تي پهتاسين ته شام جا پاچا ڏڪا ٽيڻ لڳا. پاسي ۾ ويٽل ساٿيءَ زيديو چالو ڪيو. خبرون پئي هليون. منٺ اڏ پوءِ هڪڙيءَ خبر تي منهنجا ڪن ڪڙا ٿي ويا. مون چيو "آواز مٽي ڪرا" "ذوالفقارعلي ڀٽي، عبدالولي خان ..... کي گرفتار ڪيو ويو آهي. اهي ماڻهو ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ خطرو ثابت ٿيا آهن. قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي ويئي آهي ته ڪنهن به قسم جي لاقانونيت برداشت نه ڪن." مون پرواري ساٿيءَ کي چيو "پنهنجي به موڪلاڻي اجها ٿي! همراه انتظار ۾ ويٺا هوندا!" پر هو پڪن ملن جو پاڙهيل! هن کي "پوري پوري خبر" ته آهي. سياسي طرح ڪجه ڪين آهيان. شوخيءَ سان چيائين "مونکي سڀ خبر آهي! توکي چالاءِ گرفتار ڪندا؟" ڪار جي شيشي ۾ سندس چهرو ڏٺم. سندس سدا ملوڪ معصوم چهرو بي فڪر ۽ مطمئن هو. آءٌ اداس ٿي ويس. هن کي ڪير سمجهائي، ڪير سمجهائي؟ هي بي سمجهه هٿيلو ضدي ۽ ٻارن جهڙو ماڻهو هن طوفان کي، اڪيلو ڪيئن منهن ڏيندو؟ اصغر چيمبرس واري گهر پهتس ته ڪنهن ٻڌايو ته هڪڙو ماڻهو پڇ آيو هو تنهنجو. چيائين ٿي ته "آءٌ دوست آهيان سندس" پر لڳو شڪي ٿي. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ همراه اچي لڪاءِ ڪيو. ٽئي پوليس ٽاٽي تي رهي چڪو هو. عباسي سب انسپيڪٽر، نالو ياد ڪونهيم. موڪلايوسين. پاڪر پائي نڊڻن ٻارن وانگر ٻاڪارون ڪري منهنجي دل ۾ چيهون چينهون ڪري ڇڏيائين. ڳٺي ئي لينن، اسٽالن، هوچي منه جا حوالا ڏنم پر ڳاله مان ڪجهه به ڪونه وريو. همراه عباسي چيو ڪري پٽاڻ ڪالونيءَ واري گهر هليو. مختصر لفظن ۾ اطلاع ڏنم ۽ موڪلايم.

عباسي سڏو ٽاٽي ولي آيو. سڀي ٽاٽي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيائون. ٻئي ڏينهن فجر جو سينٽرل جيل حيدرآباد پهچايائون. ڏسان ته حفيظ قريشي اڳ ۾ ئي ويٺو آهي! ڏينهن ٻن ۾ ولر مڙسن جو اچي گڏ ٿيو. مسعود نوراني، يوسف ٽالپر، لالاقادر، غلام محمد ساريو، اقبال ترين، ڪامريڊ غلام محمد لغاري اڃي ئي ڪپ ڪوڙيو ويٺا هئا. ٻارهين مهينن کان. اسين ۴ مارچ وارن جا ساٿي. شرپسند. فسادي. ڪجه ڏينهن ۾ جام ساقي ۽ سندس لڏي وارا جيڪي ۴ مارچ جي تحريڪ جا سخت مخالف هئا، جن ان خلاف پمفليٽ لکي ورهايا هئا سي به رت. مڪي شهيدن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پتين تي ليکا ڪيي پاڻ ڪي هٿراڏو ٻڌائي اچي سهڙيا. هاڻ سڀ ٽياسين هڪجهڙا سندي قوم جا فدائي ۽ ان جا قيدي. ايوب صدر هو. مسرور ڪمشنر هو. ڊي سي عثمان علي عيساڻي هو. حيدرآباد جو سپرنٽنڈنٽ جيل شيخ الاهي بخش هو. عيساڻي ۽ شيخ ڳچيءَ ۾ ڳهه ڪري پائٽ جهڙا ماڻهو! شيخ قيدين کي چوي "بابا! پاڻ ۾ نه وڙهو. ڏک هٽڻو اٿو ته ٻچڙا ! شيخ الاهي بخش کي هٽو. تلهو متارو آهيان سهي ويندس!" عيساڻيءَ جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن! نوڪريءَ ۾ آهي ان ڪري وري ڪنهن ٻئي دفعي. رڳو عثمان علي نه ڏري گهٽ سڀ عيساڻي عملدار اٽن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوليس سپرنٽنڈنٽ عيسائيءَ جون فلڪون موڻ پاڻ ڏٺيون. ويساھ ۾ اچڻ جھڙي ڳالھ ڪانھي. پيرحسام الدين وري ھين عيسائي آفيسرن جا احوال ڏنا آھن. سڀ سون! الائي ڪھڙي دعا آھي انھن ماڻھن کي؟! عوام جي سياست جي خيال کان اھو زمانو عجيب زمانو ھو. اڄ جو نوجوان نسل ان جو تصور چڱيءَ طرح ڪري نہ سگھندو. چنگيز خان قر اول جي وقت تي جڏھن سندس سڀ پٽ اڇي گڏ ٿيا تڏھن منجھن ملڪيت جي ورھاست ڪئي. فتح اڇا دنيا جو ٽورو حصو ٿيو ھو. ھي دنيا جيڪا رھيل ھئي سا پٽن ۾ ورھايائين تہ وڃي پنھنجي پنھنجي حصي جي دنيا "فتح" ڪري ان تي قبضو ڪريو. چون ٿا تہ چنگيز جا پٽ رنج تي پيا تہ "دنيا باقي بس ھيترڙي بچيل آھي. ان مان اسان کي جيڪو حصو ٿو ملي تنھن مان اسان کي ڇا ھڙ حاصل ٿيندو؟" ھاڻ چنگيز ڏرتيءَ کي وڏو ڪيئن ڪري پٽن کي پرچائي.؟

تيرھينءَ چوڏھينءَ صديءَ ڌاري عيسائي پوپ ۽ گھر ويھي سڄي دنيا ماڻھن کي ورھائي ڏيئي ڇڏي. پورچوگيزن کي چين ۽ جپان ۽ ٻيا ملڪ ورھائي ڏنائين. ڇي "وڃي قبضا ڪري ڪائو پيئو ۽ دين ڦھلايو!" ھزار سالن تائين دھليءَ ۾ وينل درباري چمچا سڄو ھندستان پاڻ ۾ ورھائي ڪٽندا رھيا آھن. بنگال فلاڻي خان کي، لاھور فلاڻي خان کي، دکن ٽيرڙي خان کي وغيرہ. ھر کو پنھنجي "حقداريءَ" جا چٹا ۽ ڪليم تيار ڪريو وينو ھوندو ھوائن ورھاڱي کان پوءِ سڄي سنڌ ھندوستانين پاڻ ۾ ورھائي ڇڏي. ھڪڙو (ھندستاني) ڪليم ڪرڻ وارو تہ منھنجا دليءَ ۾ ڏھ ڪارخانہ ھئا. ٻيو (ھندوستاني) شاھدي ڏيڻ وارو تہ نون ڏنا ھئا. ٽيون (ھندوستاني) ڪليم تصديق ڪندڙ آفيسر صحيح ڪرڻ وارو تہ برابر ثبوت مليو تہ ھن جا ايترا ڪارخانہ دھليءَ ۾ ھئا! چوٿون (ھندوستاني) ھارين ناربن جون زمينون ٽيرائي ھندن جون بنائڻ وارو تہ ھي مسلمانن جون ناھن ھندن جون آھن ۽ ھندوستانين کي ملڻ گھرجن. پنجون (ھندوستاني) مرڪز ۾ ويھي پاليسي ناھڻ وارو تہ زمينون جايون جڳھون ڪھڙي انڪل سان ڏٽين کان ڪسي ھندوستانين کي ڏجن. ڇھون (ھندوستاني) اعتراض ۽ اپيلون ٻڌڻ وارو. ستون ھاءِ ڪورٽ ۾ آخري اپيلون ٻڌڻ وارو. اھو بہ گھٽو ڪري ھندوستاني. ان سڄي ڳالھ جي پيڙھ پڪي رکڻ وارو حاڪم پاڪستان، قائد ملت، مسلم ليگ، ۽ اسلام جو وارث ۽ ملڪ جو پھريون وزير آعظم ۽ سياھہ سفيد جو مالڪ لياقت علي خان. اھو بہ ھندوستاني. مطلب تہ

وھي قاتل وھي شاھد وھي منصف ڪھري
اقربا ميري کريں خون کا دعوا کس پر
(فيض)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجو ملڪ انڈو هو." ڪاءُڙي وتايا ڪاءُ" وارو ڪم لڳو پيو هو. جنسي ڏيهن ڏڻي جي لٽ هئي. ڪافي اڳ جو هڪڙو واقعو ياد اٿم. انور عادل ريهبلٽيشن ڪمشنر هو حيدرآباد جو. بدين جي غريب هارين جا مقام ۽ ڪوڙن ڪليمن ۾ يار ڪٽي ويا مٽيئن.نموني مون کي وڪيل ڪيائون. سندن هٿرادي قانون جون ۽ ڪئين خلاف ورزيون ٽيل هيون. سڀ لکي پڙهي اپيل وچي داخل ڪيم. انور عادل هڪڙي فرعون وانگر سيشن ڪورٽ حيدرآباد جي هڪڙي مٽيئن ڪمري ۾ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو ويٺو هو. چمچن جو ولر ويٺو هو. شعر بازي پيئي هلي. داد پيئي ملیا. مون کي ڏسي چيائين "ڇا هي؟" مون چيو "اپيل" "ڪنهن جي پاران ڪنهن جي خلاف؟" مون چيو "هارين پاران ڪليمنٽن خلاف!" چيائين "اپيل رد آهي". مون چيو ته "توهان ته ڏڻي ۽ ڪاهي! پڙهي ڏسو! اول ائڊمٽ ٽيندي پوءِ قانوني بحث ٽيندو ايندڙ تاريخ تي" چيائين "رد آهي!" ايئن چئي. اپيل مون کان ولي پڙهڻ بنا ان تي لکيائين "اپيل ڪندڙ جي وڪيل جا دليل ٻڌا ويا. اپيل رد ٿي ڪجي" ايئن چئي اپيل رڊيءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائين!

ٻئي دفعي ڪراچيءَ جي چيف ريهبلٽيشن ڪمشنر اڳيان (صحيح عهدو هينئر ياد ناهي) يا هاءِ ڪورٽ جي برابر عهدي واري ڪنهن "عدالت" اڳيان بحث هلندي ان وقت جي سپريم ڪورٽ يعني فيڊرل ڪورٽ آف پاڪستان جي ان سلسلي ۾ ڪيل ججمنٽن جا حوالا پڙهي ٻڌايم جيڪي هارين جي فائدي ۾ هئا. مون ۾ نهاري مون کان اهي حوالا ورتائين. پوءِ انگريزيءَ ۾ چيائين " ڊو يو سي ديٽ وال؟" (هوءِ پٽ ڏسين ٿو؟) مون چيو ته "هائو ڏسان ٿو" چيائين "گو اينڊ اسٽرائيڪ يوئر هيڊ اگينسٽ اٽ. نولا ڪين هيلپ يو. اپيل ڊسمسڊ" "پٺهنجو مٿو وڃي ان پٽ سان ٽڪرائي! قانون مان توکي ڪجهه ڪونه ورندو. اپيل ڊسمس!" ملڪ هميشه لڙايون هارائي پوءِ غلام ٽيندا آهن. سندڙ ۾ هڪڙي مڙس کي ۽ ڪڙو رٽ جو ڪو نه ڪتو. ۽ اها انگريزن جي غلاميءَ مان نڪري روئندڙ پڇندڙ لشڪر هٿان لٽجي ٿر جي غلام ٿي ويئي ! عوامي سياست سندڙ ۾ ڪير ڪري سگهي ٿو ؟ ڪير نه ٿو ڪري سگهي ان جو پروانو ۽ کي هندوستاني انقلابي بزرگ ڪليم وجهي پنهنجو پاڻ ۾ ورهاست ڪري مٿان ٿي مٿان پر ٻاهرو ٽپا هڻائي منظوريون ولي پنهنجي نالي ڪرايو ويٺا هئا. جنهن کي عوام پاران ڳالهائڻو هجي هتن جي اجازت سان ڳالهائي نه ته مجرم آهي، غدار آهي، انقلاب دشمن آهي، سرڪار ۽ آمريڪا جو ايجنٽ آهي. گادي هندوستانين لاءِ هئي. سندي سندن مريد ٿي خاڪدان ڪٽي ٿي سگهيا . گهٽن ٿي سنڌين ويچارن درگاهن جون مٽيون پريون ۽ ٻهارا ڏنا. خاڪشوريون ڪيون. پر درگاهه جا خادم رهيا . اڄتي رسائي ڪانه ٿي. ڪي طوطا پاليائون . چيائون ته "اهي اوهان جا ليڊر آهن ." طوطا ويچارا ٻولي اهائي ڪن جيڪا مالڪ سيکارين. ليڊريون مالڪن جون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹۰ع جي اليڪشن واري آخري ڏينهن لٺي ۾ تاريخي خطاب.



پليجو صاحب ۷۰ع ۾ مجيب الرحمٰن سان مذاڪرات متعلق ڏوالفقار علي ڀٽي سان ڳالهائي رهيو آهي پر ۾ مخدوم طالب المولیٰ ويٺل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليجو صاحب ڪينجهر ڪناري لکاني بهراٽي، قادر رانّي، عالم شاهه، غلام نبي عباسي، خادم ٽالپر، عاراب ڪيڙاڻي، جامي چانڊيو، محمد علي پلهه ۽ محمد خان پرهڙي سان گڏ.

ٻيڙي جو سير ڪندي پليجي صاحب سان گڏ عارب ڪيڙانو، محمد علي پلهه، بخت جمال، غلام نبي عباسي، خادم ٽالپر، رزاق عباسي ۽ قادر رانّو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيءَ ۾ پليجي صاحب تي ٽيل قاتلانہ حملي کان ڪجھ گھڙيون اڳ معراج محمد خان، شاھ محمد شاھ، سليمان ڏاھري ۽ ارباب کھاوڙ.

٨٦ع ۾ اسيري دوران پليجو صاحب پنھنجو ڪيس لڙڻ لاءِ ھاءِ ڪورٽ اچي رھيو آھي ساٿس گڏ اياز لطيف پليجو ۽ سيد عالم شاھ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمنيسٽي پاران ضمير جو قيدي قرار ڏيڻ تي آڪٽوبر ۸۲ع ۾ هالينڊ ۾
پليجي صاحب جي آزاديءَ لاءِ مظاهرو.

۱۹۸۵ع ۾ لانڊي جيل ۾ پليجي صاحب سان گڏ منظور وساڻ، پس منظر ۾
فاضل راهو مجتبيٰ جتوئي ۽ پير مظهر جون ڪوليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم آر ڊي جي اجلاس کان پوءِ پليجو صاحب، بينظير ڀٽو ۽ تاجدار.

لنڊن ۾ سرور باري، فرزانہ، نويد، ايار لطيف پليجو، تنوير ۽ نرگس سان گڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليجي صاحب سان گڏ سيد عالم شاهه، لکانو بهراڻي، بخت جمال، ايوب شيخ، ميرِ مظهر، سعيد ميمڻ، اياز لطيف، علي گل ۽ ٻيا کارکن.

جولاءِ ٨٦ع ۾ اي اين پي نهڻ وقت نشتر پارڪ جي جلسي ۾ پليجو صاحب، ولي خان، شهيد فاضل، لطيف آفريدي ۽ خالق خان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاضل راهو جي شهادت خلاف لنڊن ۾ احتجاجي مظاهري کي پليجو صاحب خطاب ڪري رهيو آهي ساٿس گڏ محسن باري.



فيبروري ۸۷ع ۾ پليجو صاحب راهوڪي ۾ سنڌي قوم کي اتحاد جو تاريخي سڏ ڏيندي، پس منظر ۾ جام ساقي، حاڪم علي زرداري، نذير لغاري، ۽ پروفيسر عزيز احمد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم آر ڊي جو ڪنوينر پليجو صاحب صوبائي خود مختياري جي قرار داد منظور ڪندڙ اجلاس جي صدارت ڪندي ولي خان، فضل الرحمٰن ۽ نصرالله خان سان گڏ.



علاج لاءِ لنڊن ويندي ڪارڪنن لاءِ هدايتون ريڪارڊ ڪرائيندي سيد عالم شاهه، لکاني بهراڻي، نظير شيخ، اياز لطيف پليجو ۽ جاويد سومرو سان گڏ.



لاهور ۾ پليجو صاحب، احمد بشير، صفدر ميرِ، ڊاڪٽر مبشر حسين تنيِ، ڪاردار ، ميرِ مظهر ۽ آءِ اي رحمٰن .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نومبر ۸۹ع ۾ سچل ڪانگريس جي مشاعري ۾ پليجي صاحب سان گڏ جويو صاحب، ايياز گل، نارائڻ پارٽي ۽ گوبند مالهي.

هڪ ادبي محفل ۾ پليجو صاحب، شيخ اياز، ابراهيم جويو، خان محمد پنهور، فيروز احمد ميمڻ، عبدالڪريم بلوچ، ايياز لطيف پليجو، نصير مرزا ۽ ارم محبوب .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليجو صاحب، شيخ اياز، محبوب شيخ، ماهتاب محبوب ۽ خيرالنساء جعفري هڪ ادبي پروگرام ۾ .

حيدرآباد ۾ سنڌين جي قتل عام دوران مئي ۱۹۹۰ع ۾ پليجو صاحب قاسم آباد ۾ متاثرين جي وچ ۾. ساٿس گڏ خليل پرهڙي، سراج سيال، علي گل ميتلو ۽ مشتاق جوڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي ڪانپوءَ جنگشاهي ۾ پنهنجي والده لاڏي، پيٽن حورالنساء ۽ غلام فاطم ۽ پٽ
اياز لطيف پليجو سان گڏ.

الن سالن جي قيد مان آزاد ٿيڻ کان ڪجهه دير اڳ جناح اسپتال ۾ سرتاج
چانڊيي، ابرار ڪنڀر ۽ ايس ايس ٽي جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليجو صاحب ۱۴ اپريل ۸۷ع تي ڪراچي ۾ تاريخي مظاهري جي قيادت ڪري رهيو آهي سائٽس گڏ حاڪم علي زرداري، مسعود نوراني، حميده کهڙو سيد عالم شاهه ۽ امداد چانڊيو.

ايم آر ڊي جو ڪنوينر پليجو صاحب لاهور ۾ جلسي جي صدارت ڪري رهيو آهي. سائٽس گڏ افضل حيدر ۽ ملڪ قاسم هن جلسي ۾ پليجي صاحب راڄ ڏاهر متعلق تاريخي تقرير ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



۷۹ ع جي هاري ڪانفرنس جنهن کان فوراً بعد پليجي صاحب کي گرفتار ڪيو ويو. شهيد فاضل، غفار قاضي، قادر رانڻو علي سوڍو سلام ميمڻ ۽ ٻيا گڏ.

پليجو صاحب شاهنواز جوٽيجو ۽ غلام مصطفيٰ شاهه.

سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي جلاس جي صدارت ڪندي پليجو صاحب، ابراهيم جويو رشيد پٽيءِ، مرلا بخش ميمڻ ۽ ٻين سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اسيري دوران هائيڪورٽ بار ۾ پليجي صاحب سان گڏ آفتاب ميراڻي، امام علي قاضي، اقبال حيدر ۽ فتحياب علي خان.

۴، مارچ جي تحريڪ ڪانپوءِ اورينٽ هوٽل ۾ پليجو صاحب، مسعود نوراني، شيخ علي محمد، لالا قادر ۽ ڪامل راڄپر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برطانوي ڪائونسل جي دعوت ۾ پليجو صاحب پهنجي گهر واري زرينہ بلوچ ۽ پٽ غلام قاسم سان گڏ.

آمريڪا ۾ سانا جي ڪانفرنس ۾ پليجي صاحب سان گڏ ڊاڪٽر فيروز عابده پروين، آفتاب قاضي، الطاف ميمڻ ۽ جاويد لغاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Your Excellency,

I invite your attention on Rasul Baksh Palejo, President of Awami Tehreek, who has been held under detention since 1979. As his detention without any trial deeply violates the Universal Declaration of Human Right and inview of his alarming condition of health, I appeal to you to release him immediately.

yours faithfully,

Excellentie,

Ik vraag Uw aandacht voor Rasul Baksh Palejo, Voorzitter van de Awami Volksbeweging die sinds 1979 in detentie wordt gehouden.
Deze maatregel is geheel in strijd met de Universele Verklaring van de Mensenrechten.
Gezien de deplorabele staat van gezondheid van gedetineerde, verzoek ik U hem zonder uitstel vrij te laten,

hoogachtend,

NAME:
(NAME) ..... A. H. WAZEELY .....

ADDRESS:
(ADRES) .....

SIGNATURE:
(HANDTEKENING) .....

POSTZEGEL
PLAKKEN
50 cent

General Zia-ul-Haq

President house

Rawalpindi

(Pakistan)

ايمينيسٽي انٽرنيشنل پاران پليجي صاحب متعلق جنرل ضياءالحق کي
موڪليل احتجاجي ڪارڊ جو عڪس.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آءٌ ١٩٦٨ ڌاري انقلابي پارٽي ۽ عوام جو "باغي" "ثابت" ٿيو هوس. مون کان اڳ ڪيئي سنڌي ترقي پسند گهٽيئي پيڙيون هٽي ويا. رڙي رڙي سنڌن نڙيون وهي ويون، پر "استادن" سان ڪو نه پهتا. لاچار وڃي گهر ويهي رهيا. پر بزرگ جنهن محل سينڊ هٽندا هٿا. تنهن محل ڊوڙندا سهڪندا سندن اڇيو قدمن ۾ ڪرندا هٿا. ڏک ميارون، عذر معذورن تسلايون، دلداريون، معذرتون، وعدا، مسڪا ۽ مالشون، جام پر عملي طور سهي جون ٽنگون اهي ئي ٽي. سنڌي انقلابي ماٺهو قيادت ۽ پاليسي سازي جي اصل اداري مان تاڙڪ! جي ڪو رکيو ته به انگريز جي مقرر ڪيل خانبهادرن ۽ راءِ بهادرن جهڙو ٽاقيل "بهادر" اڳڙيءَ جو ڳڏو. پڏائي پڏائي آسمان تي رسايل خالي دماغ اڳڙيءَ جو ڳڏو. "سنڌهي باتين ڪر سڪتي هين. ڪام نهين ڪر سڪتي. ڪام ڪرنا مشڪل هي." ان ڳالهه تي ڪين پورو پورو گهمنڊ هو ته هي جٽ ماٺهون فلسفا، نظريا پڙهي، سمجهي، پروڙي، انهن جي روشنيءَ ۾ تنظيمون ناهي، هلائي، سياسي قوت بنجي ٽٻا سگهن. ان لاءِ زندگي وقف ڪرڻي آهي. هي ماٺهون رڳو ڳالهيون ڪرڻ، ڏک ڪرڻ، ميارون ڏيڻ جا ملوڪ. تپسيا ڪرڻ، پاپرا پٽڻ هنن جي وس ۾ ڪونهي. مون ۾ ته خير هنن جي اک به کاڻ ٽي ٻڌي. چئي "هي وڪيل ماٺهون. پيٽ جي فڪر ۾ غرق. بيو اديب ماٺهو. خيالن ۾ گم!"

ڪي منظر اڄ به ياد آهن ۽ ڪڌهن به نه وسرندا.

برڪت علي هال لاهور ۾ ١٩٦٦ع يا ١٩٦٧ع نعيم جي مغربي ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ سڃا راڄ ڳڏ. خير بخش مري، بزنجو، ميجر اسحاق، سي. آر اسلم، محمودعلي قصوري، محمود الحق عثماني، شيخ عبدالمجيد، ڪنيز فاطمه. مونکي پاسي ۾ ويهڻ هندستاني رينگ ماسٽر چيو ته "تون تقرير نه ڪج!" آءٌ حيدرآباد نعيم جو صدر هوس. تقرير چو نه ڪريان؟ شيخ عبدالمجيد موڪل ٿي نه ڏي. هٽي ڏٽي ورتم. زبردست تقرير ڪيم. مهاجر پنجابي ليڊرشپ جي ڦرندڙ گهرندڙ پاليسين تي تنقيد ڪيم. ننڍن صوبن جي ڪارڪنن کي فقط استعمال ڪرڻ جي ڳاله ڪيم. هال تاڙين سان گونجي اٿيو. خاص ڪري پٺاڻن ۽ بلوچن خوب تاڙيون وڄايون. همراهن جا ڏڪ ته منهن ڦري ويا. حيدرآباد جي رنڙ هوٽل ۾ چوندڙ سنڌ نعيم جي ساڻي ڳاله ٿ. ننڍي ضلعي جي هڪڙي سنڌي يار پٽڙ سنڌيءَ اڪين ۾ ڳوڙها آڻي منهنجي خلاف تقرير ڪئي ته هن قوم کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. چو ته مون چوندڙ جي سلسلي ۾ آقائن جي گهريل فرمانبرداري نه ڪئي. ٢٣ مارچ جي تحريڪ. همراه پنهنجي هندستانيءَ پاءُ مسرور سان ٻڌ! مون تي ڪاوڙيل. محمودالحق کي حيدرآباد مون تي چاڙهي آيا. سيڪريٽري جنرل آل پاڪستان نعيم هندستاني. ڊاڪٽر اعزاز نذير هندستاني. ٻه سنڌي شاگرد جام ساقي ۽ مير ٽيبو مون تي فرياد ڪري بيهاريائون. "حيدرآباد نعيم جو صدر رسول بخش پليجو سنڌي شاگردن جي پٽيرائي ڪري ٿو" شاگردن جا روٽيارڪا منهن! جٽ مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تباهي آڻي چڏي! مون ڊائريءَ مان پنو ڪڍي ان تي ٻه سٽون لکي پنو ڪٽي محمود الحق عثمانيءَ کي ڏنو. مون چيو "ڪي ماڻهو ويچارا شايد عهدن لاءِ ڪري سٽ ٻه لاهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. آءٌ انهن مان ناهيان. هيءَ استعيفا! آءٌ سنڌي شاگردن جي جدوجهد کي حق بجانب ٿو سمجهان ۽ ان جي بدستور تائيد ڪندس!" هڪا ٻڪا ٿي ويا. استعيفا مونکي زبردستيءَ واپس ڏنائون. فرياد واپس روانا ٿيا!

مون لکت ۾ نوٽيس ڏيئي سنڌ نعپ جي ڪائونسل جي هنگامي مٽينگ سڏائي، اپريل ۱۹۶۸ع ۾. عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت ۱۶ صفحن جو نهراڻ پيش ڪيم ته "ون يونٽ خلاف جدوجهد آمريت خلاف جمهوري جدوجهد جو ڪيئن انٽوٽ انگ آهي. انکي نئين نهيل جمهوري محاذ جنهن ۾ نعپ شامل ٿي آهي تنهن مان خارج ڪرڻ ننڍن صوبن جي عوام سان خاص طرح ۽ سموري ملڪ جي جمهوري عوام سان عام طرح زيادتيٰ ۽ ظلم آهي. ان جي جاءِ تي چئن شادين جي اجازت ملڻ جو نقطو شامل ڪرڻ جمهوريت سان مذاق آهي ۽ ملڪ جي اڏ آبادي سان ظلم آهي."

شيخ صاحب ويچارو درويش. مڙيئي رس رهائڻ. ڪم هلائڻ. جهڙو حال حبيبان سوئي پيش پريان. مون تقرير شروع ڪئي ته ڊاڪٽر اعزاز نذير ڪرسي ڪٽي مونتي الر ڪري آيو ..... وات مان ڪڍ! ماءُ پيڻ تي گار جي للڪار. چي "تو صدر صاحب جي توهين ڪري ان جي اجازت بنا تقرير ڪئي." سنڌي طوطا بينا هئا. بيئي ڏنائون. مرشدن جي خوشنودي قائم رکڻي. باقي بازار ڪنهنجي پئي لٽجي تنهن سان طوطن جو کهڙو ڪم!

مون گاريون، ڏڪا، ٽڪيلها، ڏمڪيون، ڇڪتايون سڀ برداشت ڪيون. حفيظ قريشيءَ روئي ڏنو. مونکي چون "باهر هليو وڃ!" مون چيو "اهي ٻيا! مونٽ کي لاش ڪري چڏيندا ته به آءٌ هٿي ويهندس، نهراڻ پڙهندس، تقرير ڪندس. نهراڻ پاس ڪرائيندس. جي پاس نه ڪندا ته نوٽ ڪندس ته ڪير ون يونٽ خلاف جدوجهد ترڪ ڪرڻ جي حمايت ٿو ڪري، پوءِ جڏهن مينٽنگ ختم ٿيندي تڏهن ويندس!" مجبور ٿي پيا. مون نهراڻ پيش ڪيو. سڄو پڙهيم. تقرير ڪيم ۽ سيني کي شرمايم ۽ ڏيڃاريم ته اوهانجو حشر تاريخ ۾ برو ٿيندو جي اوهين ون يونٽ جي مخالفت ترڪ نٿا ڪريو. نهراڻ بحال ڪرٽو پين. (اهو چورائي ڪٽي ويا ورڻي ظاهر ڪونه ٿيو.) شام جو انڊس هوٽل تي جلسو ٿيو. ان تي سنڌي شاگردن قبضو ڪري ورتو. آءٌ به موجود هوس. اجمل خٽڪ به هو. شام جو اجمل خٽڪ سان سڃي مسئلي تي بحث ٿيو. ان کان پوءِ حفيظ قريشيءَ کي هڪڙو ٽلهو متارو هر هوليو سنڌي ٽولو قاصد موڪلي ڏمڪي ڏياريائون ته "جي هن کانپوءِ سنڌ ۾ ڪٽي ويو آهين ته تنهنجو خير ڪونهي!" حفيظ جي اکين ۾ ڏسان ته ڳوڙها! چئي "اسين پنهنجي وطن ۾ هلڻ لاءِ هنن کان موڪل ولون سڃي سنڌ جو دورو ڪيم. ڪوبه سات ڏيڻ لاءِ تيار نه ملیو. انلو افسوس کائين ۽ متيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏين. قياس ڪن. ان پس منظر ۾ مون کي ذاتي مسئلا درپيش آيا. ڪار جي حادثي ۾ ٽنگ نڪتي. گڏر سفر بند ٿيو. هنن يارن جي مولا ٻڌي. ڪٽي گهٻڙ ۾ ڳوڙهو ڪري ڪنيائون. واويلا هئي! ٻي ڳاله ڪانه هئي. پروپئگنڈا پنڌي ۽ ڏڪرپي جا هزار سالن جا بادشاه. چئي "نوابشاه ۾ فلاڻن ماني پئي کاڌي. اوچتو ڪنهن پليجي جو نالو ورتو. فلاڻي کي نالو ٻڌي الٽي اچي ويئي!" ننڍا وڏا سنڌ ۽ پاڪستان ۾ ڪاهي پيا! مٽي ۾ واري. اچنگار جو لڪاءُ.

بحر بلائون بچڙيون ٻيون آفتون اجگر
ڪميون ڪچون لڏڙا ٻيا ڏاڪ ڏين ڏيڏر
واڱن وات وڏا پٽيا، ڪيڏيا واسينگن ور
ٿوڪون ڏين فراق مان ڪيو ڪاريهر ڪر
وانڍ وڃڻ جي نه ليپي پيا پڪڑي ڪوڙ ڪپر
(حنيف تيوٽو)

ڪمشنر مسرور ۽ سرڪار کي مون تي باهيون. چئي ۴ مارچ واري جي پس پرده تائيد هي ٿو ڪري. ملڻ ٻه هي وين سي کان پهريائين، محمد ميمڻ وڪيل کي ولي. سڄي ڦڏي جو سياسي مهڑي هي آهي ميدان ۾.

آءٌ اڪيلو سامهون ست!
خنجر خنجر ڪيئي هٿ!
(ايياز)

پورهيت انقلابي نظريه جو مطالعو ته ڪري ورتو هوم ڪجه. سمجهي ٻه سڄي ڳاله ويو هوس. هنن بابت ٻه معلوم ٿي ويم ته علمي ۽ نظرياتي طرح "اچي پڳ ۾ پس! اندر مڙيئي اڳڙيون" وارو ڪم آهي. پر اصل سوال هو تبليغ ڪري ماڻهن کي نظريه، عام واڍ ۽ حڪمت عمليءَ جو قائل ڪرڻ، تنظيم ناهڻ، هلائڻ ۽ وڏي ڳاله ته توڙ تائين جاري رکڻ. عوام جي راءِ کي ريجهائڻو هو:

الله جي آس ڪري هليو هٿائين
چارڻ ٻڌا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين
ڏولي راءِ ڏياچ جي ڏوران ڏنائين
وينتيون واحد در تنهن ويرِ ڪيائين
سڀاجها سائين! راءِ ريجهائينءَ راڄ سين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي سنڌ مان ۽ مون جھڙا ئي مستانا اڏ چريا مون سان متفق ٿيا. قومي مسئلي تي محمد حنيف قريشي ۽ طبقاتي مسئلي تي ھڪڙو ٻيو يار. ٻئي ھڪٻئي کي ڏاڍي نہ وٺن! ھر ڪنھن جو ليکو الڳ. ھاڻي باقاعدي ڪم لاءِ پر ٻئي ساڻياسين تہ ھي مسئلو ڪڙو ٿيو ويو ۽ حادثا ٿي ويا! مٿان آءٌ ۽ حنيف ڪنيجي ڪڇي اچي جيل ۾ پياسين. ٽيون يار پنھنجي مرضيءَ جو مالڪ! چريءَ جو چوڙو ڪڏھن ٽنگ ۾ ڪڏھن بانھن ۾!

ھي دور زندگيءَ جي ھڪڙي وڏي جذباتي پيچيدگيءَ ۽ ڪشمش جو المناڪ دور ۽ بنجي ويو. بسم الله ئي برغلط ھُئي! ھيڏانھن ھڪڙي قسم جي ٻن ٻيڙين ۾ پير تہ ھوڏانھن ٻئي قسم جي ٻن ٻيڙين ۾!

ڪورا ٻئي پار ھنيون حيرت ۾ پيو!
ھينئڙو ھيرڻ پن جئن، ڦٽي ٽيو ٽارون!
(لطيف)

ھيڏانھن ماڻھو پٺاڻ ڪالوني ۽ اڪثر اصغر چئمبرس جي وچ ۾ اول پٽڻ، ھوڏانھن دل ھتيءَ پر نس نس ۾ انھن عزيزن جي پروپيگنڈا جو زھر پريل ڇيڪي لکڻي دھلوي انتلابي گاڏي نشينن جا چڪ وڌيا مريدا.

چوندا آھن تہ، *(Love is a many splendoured thing)* "محبت گھڻن شان ۽ شوڪتن واري چيز آھي" برابر. پرشان شوڪتن سان گڏ اھا گھڻن ڏينھن ڏينھن، اڃ لکن ۽ ظاھري طرح خسيس انساني ڪٽن جو نالو بہ آھي. اھا ھڪ حسين ترين حادثو ۽ وڏي خوشنصيبي آھي. پر ان کي رڳو حسين حادثن ۽ خوشنصيبين جي زور تي ڪڇ ديرِ قائم رکي نہ ٿو سگھجي. ان کي سدا بھار گلاب جي گل جھڙو تازو ۽ سرھو رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ وڏي ڏاھپ، جاکوڙ، سھپ، سنيال، خبرداريءَ، پرگھور ۽ تياڳ جو ڪم آھي. محبت سلامت رکڻ پس پيش ھڪ اعليٰ ترين انساني علم، ھنر، فن ۽ بي مثال قابليت ۽ ڪاريگري آھي. پر ھيءَ ڳالھ ھونئن بہ شروع کان ئي اڻٽيٽي ھئي.

مٽين بہ دليائيءَ ڪانسواءِ زندگيءَ بابت تصورن ۽ آدرشن، تمنائن ۽ تقاضائن ۾ ئي بنيادي تضاد ھو. زندگيءَ جي ويڑھ ۾ جسماني ۽ روحاني طرح زخمي ٿيل مارو ماڻھن جي نصيب ۾ ڪٿن ڇاڻيل نفيس ۽ نازڪ محبتون ڪٿي؟

جنھن جي ڇڪ ڇنبيليءَ ول جئن، سرھي سيج پري!
ڏاڙھونءَ ڦوڪ ڦلاريا منھن ۾، ٻھ ٻھ يار ٻري!
پل پل تي ٿو پيار ڪمل جئن، ڪومل ھٿ ڏري!
(ايار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قسمت سان اهڙيون محبتون ڪنهن حسين اتفاق سان حاصل ٿي وڃن تہ انهن جي اهليت ڪٿي؟ تن، من، ڌن محبوبن جي قدمن تي نڇاور ڪرڻ جي پهچ ڪٿي؟ زندگيءَ جو عظيم ترين مقصد محبت جي ڪاميابي ۽ سرفرازي بڻائڻ جو اختيار ڪٿي؟

اب بهي دلڪش هي تراحسن، مگر ڪيا ڪيجئي
لوڙ جاتي هي ادهر ڪو بهي نظر، ڪيا ڪيجئي!
(فيض)

سوڻ جي سانديل ۽ پورن جي پاليل، جاڻ، سمجهه ۽ تجربي جي ڪوڻ ۾ پڪل ٻي چين ۽ ٻي قرار روح جن تي تاريخ سوين نسلن جا پار پلاند ڪرڻ ۽ صدين جا حساب ڪتاب ڪرڻ جا فرض رکي ڇڏيا آهن تن کي سڪ ڪٿي؟

جئن سو هرڻ هماءَ، سرگردان سنسار ۾
هي پير نہ ڪوڙي پٽين هو ڏڙ سر ڏري نہ ساهه
جيڪس تن ملاءَ، سسيءَ سور پرائيا.

خاص ڪري تنظيمي ماڻهو ان کان وڌيڪ تنظيم لاهيندڙ ماڻهن ۾ ڪنهو ٻڌل، چوويهه ڪلاڪ ڊيوٽيءَ تي. ڪڏهن ريل ۾ ڪڏهن جيل ۾. وڪيل گهوڙن جا ڪهڙا ملهه؟

جنين ڏني جوءَ، تنين ڪيو ڪينڪي!
ڏوري ڏوري ڏيهه ماءَ ڪاهوڙي آئيا
مين پيرين ڪيه، ڪوهه ڄاڻان ڪنهن پار جي؟
ڪنهن جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاکڙو!
جوڳيڙا جهان ۾، هئا منجهه حمام،
آرامان ارڳ ٽيا، اوڏا نہ آرام
ڪيائون قيام، آئون نہ جيئندي اُن ري

اهڙن ماڻهن سان اهڙا متي ٿريل ماڻهو هلي سگهن جن لاءِ "ٿرئي ڪان پوءِ ڊپ نہ ڄجي، اُلٽي ڪان پوءِ اوير نہ ڄجي!" جيڪي خوشي، رنج ۽ ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جا دستوري ۽ رواجي ساهميون توراڙا ڪنهن ڏنڊ جي تري ۾ اڇلائي، اڻ ٻڌل اڻ ڏٺل خوشين ۽ ڪاميابين جي منزل ماڻڻ جي اميد ۾ هر طرح جا نوان پراڻا ڏک ۽ ناڪاميون سهڻ لاءِ چيلهه ٻڌي نڪري پون "ڪير لنگهيندي قاف؟ اي بر برهمڻ باسيو!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سپاڳيءَ ساڻ ڪير ڇلندي ڇپرين؟
هوت ٻاورچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان!
تہ پڻ تي ويون، جي پنهونءَ پاڻ لڪائيو!
جا لکن لوسائي سا سيج چڙهندي سسئي!
جن کي فردسان گڏسندس سوري سات سان به نينهن هجي.-
هڏا ٻاروچاکين لهندينءَ کي ٻيا!
ڇڄ مر قطارا! سات چڙهندو لکيين
مڇ ڏئين پٽاءِ، وڳ واڌ ئي نہ لهين!
پوري! تون نہ پچي، سبب ڪنهن سات مڙين!
(لطيف)

اهڙن ماڻهن لاءِ مثالي محبت اها آهي جيڪا جسم جي سات ۽ سنگ سان گڏ پنهنجي دور جي سڀ کان اعليٰ انقلابي آدرشن ۽ متصدن جي سات، شعور ۽ عمل جي مڪمل هم آهنگيءَ تي ٻڌل هجي. مثال طور لينن ۽ نادیا جي يگاني تاريخ ساز محبت! ڪنهن به وسان ڪونہ گهٽايو. پنهنجي جاڻ سمجھ ۽ حال سارو سات کي سلامت رکڻ لاءِ هر ڪنهن ڏک ڏنا. پر سازشي لنڊين، کوراڙين ۽ هڻ ڪٽين جي ڏنگن کان بچاءُ نہ ٿي سگهيو. پنهنجي بي سمجهين، نادانين ۽ بي وسين جو علاج نہ ٿي سگهيو. خالتن جي شيطاني چڪر پيرئي کوڙڻ نہ ڏنا. اڻ ٽيٽيءَ کي ٽيٽي بنائڻ جي ويڙهہ جسمن ۽ روحن کي رتورت ڪري وڏو. تان جو سات هلي هلي، نوڪرون ڪائي ڪائي، رڙهي رڙهي ٻڻن سالن اندر هڪڙي ڏينهن اهڙو ٽڻي پيو جو ٻوءَ ان کي ريهون ڏيڻ لاءِ طرحين طرحين حيلا ڪيا ويا پر نہ ڳنڍجي سگهيو تہ نہ ڳنڍجي سگهيو! آخر وقت جي ويرُ هر ڳالهہ کي ائين ميساري چڏيو جڻ ڪا ڳالهہ هئي ئي ڪانہ!

ڪارو تنين کي جيڪس وهہ وڙي ويو! (لطيف)

بي درد ماڻهن سوپ ڪٽي، سندن لولو گيهہ ۾ ڪري پيو. ڪيترن ڏسٽن وائسٽن ماڻهن کي ڪيترا سال پئي ان درد ناڪ انساني المي تان سياسي پيٽ پاريو. کي تہ ايڏا تائين به لڳا پيا آهن!

پهرئين قيد جا سور هونئن به پوٽينيزيءَ جي بار جي سورن جهڙا تندورا تيندا آهن. پر مڻين خالتن سبب سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ان پهرئين قيد کان وڌيڪ اذيت وارو دور مون زندگيءَ ۾ وري ڪونہ ڏٺو! پر ان دور ۾ ئي مون محمد حنيف قريشيءَ جي سات ۽ قيدي شاگرد دوستن جي مدد سان سنڌي شاگردن اندر هڪ نئين قومي عوامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ ۽ اتحاد جو بنياد رکي ڇڏيو. جيستائين سرڪار وڏيرن، سامراجين ۽ هندستاني انقلابي ڳادي نشينن جي سازشين ان اتحاد کي بلڪل پور پور ڪري نه ڇڏيو تيستائين اهو اتحاد هڪ عرصي تائين سنڌ جي پهرين نمبر عوامي قوت بنيو رهيو.

۸۲ -۱۰- ۵ شام.

مهدي صاحب اڄ مونکي پنهنجي اڳوٽي بئرڪ ۾ وٺي ويو! چوندي ويو ته "مون توکي پنهنجو استاد تسليم ڪيو آهي. شالا منهنجي عمر به توکي لڳي!" حالانڪ فقط پنج منٽ اڳ آءٌ ڪيس سنڊس ڪنهن بنڌ ٻاراڻيءَ حرڪت تان ٽمام سخت لفظن ۾ جڏ ڪري چڪو هوس. مون اهي لفظ دل تي پٿر رکي ڪيس سڌارڻ لاءِ چيا هئا. سو چيم ته آهستي آهستي منجهائنس زبردست ڪچايون نڪري ويندڙيون. ان لاءِ ڪيس ٽورو سختيءَ سان ڪنٽرول ۾ رکڻ ۽ زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان آگاهه ڪرڻ ضروري آهي. ورنه هو ناقابل برداشت تي ويندو. پر اوچتو سنڊس ئي لکڻ تي سپرنٽنڈنٽ ڪيس واپس ساڳي بئرڪ موڪلي ڇڏيو. جي مونکي خبر هجي ها ته هڪدم ويندو ته پوءِ الائي اهي لفظ چوانس ها إلائي نه. حالانڪ سنڊس ئي سڌاري لاءِ هئا. بهرحال ڏاڍو ته ائين ٿيڻ ته مون جيڪي ڪيس سخت ۽ ڪڙا مگر انتها ئي ضروري ڏوز ڏنا تن ڪيس ڪجهه سڌاريو آهي. وڃڻ مهل مونکي گلي لڳائي، گلو ڀرجي آيس. ويو ان ڪري جو آءٌ مجبوراً زڪام جي ڪري دربون ۽ پکو بند ڪري ويٺو هوس. هن جي صحت جا هتي سڌري سو ڪيس ڪليل هوا جي ضرورت هئي. ماٺو سدائين سوچيندو آهي ته "هينئر فلاڻي کي هئن چئي ٿو ڇڏيان! ان جي تلافي پوءِ هوئن ڪري ڇڏيندس!" پر ڪيترن حالتن ۾ اها پوءِ اچي ئي ڪانه ٿي! ٿي وي اسپتال داخل آهي. جيل ۾ هنگامي حالتون آهن. اخبار ملي ئي نه ٿي. اخبار واري جي بدمعاشيءَ ڪري. اڌاري ملڻ ۾ بند ٿي وئي آهي. ملاقاتون کي ڏينهن صفا بند ٿي ويون آهن. الائي ڪيترا ڏينهن! امان وارا ۽ هينئر ئي اچڻ وارا آهن! خط پٽ بند. لاڳاپا ڪاٽا. ماڻيءَ تان ۽ ڪو ڪونه ٿو اچي. مطلب ته في الحال عارضي طرح بظاهر جڏ رات آهي ۽ گهيرو مڪمل آهي! رزاق جو "ڪيس" ڏڙا ڏڙ پيو هلي. ڪل ٦٣ شاهد چيا وڃن ٿا. فضا ۾ موت جي بوءِ آهي. سوري اڃا سامهون ٽنگي پئي آهي. رڳو رسم پوري ٿيڻي آهي. "هن کي خبر آهي ته نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟"

"بلڪل!"

"ڪهڙي پور ۾ آهن؟"

"بلڪل ڪا پرواه ڪانهي! چون ٿا ته باس خود شهيد ٿيڻ ويو ته اسان لاءِ ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"روڪ ڇا ڪيو هو؟"

"ڊرائيور هو ڪار جو جنهن مان چوڌري ظهور الاهيءَ ٽي فائر ڪيو ويو هو."

چوڌري شريف آيو هو سئي هٿ ۾ چيائين "نه هٽاءِ!" چيم "ليڪ آهي" ويلن جا حال احوال نيٺ پهتا. اردوءَ مان سنڌي ترجمو:-

۸۲- ۹- ۲۴ ۲ بجا شام.

"گرامي قدر استاد محترم، تسليمات: اڄ جو ڏينهن ڪافي ڳرو ثابت ٿيو. آءٌ انڪل ۽ ڪلاڪ آڳ هتي پهتو آهيان. سفر ڇا هو بس قيامت هو. گندي ٽرڪ ۾ ڇڪ ۽ سيني کان پڇاڙيءَ ۾ ملي. سڙڪ ڪافي خراب هئي. انڪل ساڌا پنج ڪلاڪ سفر ۾ لڳي ويا. ماڙيءَ تي پهچڻ تہ سامان ڏنو ويو. هاسٽل بابت جيڪو افسانو شروع ڪيو هوم "هوءَ ڪير هئي" جي عنوان سان اهو رجسٽر ۾ ٻه ٽال پينون رکيون ويون. باقي سامان ڏنو ويو. جنهن هنڌ مونکي موڪليو ويو آهي اُن کان وڌيڪ گندي جڳهه هتي ڪانهي. انهيءَ هنڌ انڪل ۱۰۰ ماڻهو بلند آهن ۽ سڀ اينٽي سوشل (سماج دشمن) سڏجن ٿا يعني تمام غريب ماڻهو. انهن ۾ ڪجهه شخص روزي خان به هو. بس اهوئي واقف نڪتو. ان مهمان نوازيءَ سان حد ڪري ڇڏي. باقي بيا ماڻهو ..... منهنجي ٽنل ڪوليءَ جي ٻاهران ائين گڏ ٿي وڃن ٿا آءٌ کو آفريڪا جو ٻاندر آهيان. مونکي ڏسندا ئي رهيا ..... آءٌ ان هجوم ۾ ڪنهن خلائي مسافر وانگر پٽ تي ويٺو رهيس. جو تہ ايڏا ڪٺ ڪانه ملي هئي. ايتري ۾ اوهان جو عزيز دوست "م" صاحب مرڪندو ظاهر ٿيو. بس پوءِ ڇا هو، منهنجي جند ڇوٽي. پاءُ "م" ڪافي دير تائين مون وٽ رهيو. ائين مليو جڻ صدين جي سڃاڻپ هجي..... ساڻس سڄو وقت توهان جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. مون سندس اکين ۾ پاڻيءَ جون هلڪيون ليکون ٻه ڀرهي ورتيون ڇو تہ سندس معصوم ڏيءَ جو ذڪر ٻه نڪري پيو. (مهينو اڳ مون کيس تاکيدي خط لکيو هو تہ تون ۽ جوٿهين جيئن وٽيو پاڻ ۾ وڙهو پر قدسيہ جي زندگي هرگز خراب نہ ٿيڻ گهرجي. قدسيہ پر پٽ مون کي چاڇو ڪيو آهي. پٽس روز سندس خبرون ٻڌائيندو هو.) هن اهو ٻه تفصيل ٻڌايو تہ توهان سان ملڻ لاءِ هو هر دم بي تاب رهيو پر ملي نہ سگهيو ۽ نڪو جواب (متئين خط جو) ڏيئي سگهيو. توهان کيس سياڻي ئي ضرور خط لکو ..... مناسب سمجهو تہ توهانجو عزيز ترين نند و ادو جنهن بابت ناقص اطلاع هو تہ هو ساهيوال ۽ پوءِ ڪراچي موڪليو ويو آهي، تنهن بابت ٻه دعا سلام لکوس ..... پائڙو بدستور هتي آهي .....

نهايت محترم استاد، مون وٽ اهي لفظ هرگز ڪونهن جو آءٌ اهو سڀ صحيح لکي سگهان جنهن جا توهان لائق آهيو. دل جي زبان کانه ٿيندي آهي، پر توهان دلين کي پڙهڻ واري زبان رکو تہ ان صبح جو جهڙيءَ ريت جدائيءَ جو زخم کڻي سفر تي روانو ٿيس اها حالت ڏري گهٽ اهڙي هئي تہ "اندي کون کا مسيت وچ هلا آئي هئي. تي پهلي ڏينهن لوکان ڏنگوري کس ڳڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(انڈي کي کا وڃي مسيت وهاري آئي تہ ماٹھو پھرئين ڈينھن سندس لٹ ڪٹي ويا)..... سمورن کي سلام، ننڍڙن، ستڙکا پرينڊڙ ۽ سندن ماءُ کي سلام (پاڻ ٻلي جي ٻچن کي روز ھٿن سان کير پيارينڊو ھو) مسٽر ٻائيگر سان غمگساري. توھانجو تابعدار.

۲۶-۹-۸۲.

مون سي ڏنا ماءُ، جنين ڏلو پرينءَ کي
تنين سندي ڪاءِ، ڪري سگھان نہ ڳالھڙي.
ڳالھيون پنھنجن، ورن ھر وڏي وڻ ٽيون
پرسين مون نہ ڪيون، گوشي پرين نہ ڏيا
(سرائڪيءَ مان ترجمو)

"واجب الاحترام استاد مڪرم، جي ھا! اھي متيان شعر شاھ جا ئي آھن ۽ مون شاھ جي رسالي مان ھرگز نقل ڪونہ ڪيا آھن. بلڪہ ڪالھوڪو سجو ڈينھن توھان جو پراڻو (ڪلائينٽ) شيرين سوڌرو ھاءِ ڪورٽ تحقيقاتي ٽربيونل جو (آءُ عوام جو وڪيل ھوس ھمراھ (حيدر شاھ) کي ھاءِ ڪورٽ ڳھرايو ھوم ان ڈانھن اشارو) نوجوان دوست پنھنجي چمڪندڙ ڏاڙھيءَ سان مون وٽ ئي ويٺو رھيو. اھي شعر ھن پنھنجي ھٿ سان لکيا آھن (مون پريان ئي اکر سجاتا!) ھن کي توھانجو پيار مون ھن ريت پھچايو جو مانيءَ جو گھر پنھنجي ھٿن سان سندس وات ۾ وڌو ۽ چيم "سيد بادشاھ! ھي استاد مڪرم جناب پليجي صاحب جي طرفان آھي! آءُ تہ رڳو پنھنجو فرض ادا ڪري رھيو آھيان!" پوءِ سجو ڈينھن توھان جي باري ۾ ڳالھيون ٿينديون رھيون. مون ھڪ غزل جي فرمائش ڪئي جا پوري ڪئي ويئي. ٻول کجھ ھن قسم جا ھئا:

"چراغڻ تو جلائو ٻڙا اندھيرا ھي!"

ائين لڳو تہ بادشاھ صاحب ۽ آءُ ھڪ ٻئي کي صدين کان سڃاڻون ٿا. مون کيس ٻڌايو تہ پليجي صاحب جيڪي اوھان جون تعريفون ڪيون توھان بلڪل انھن جھڙا آھيو..... اڄ منھنجو دوست محمد خان (ملڪ امير محمد خان وارو ۽ ملڪ پر مشھور محمد خان) بہ ڪافي دير مون وٽ رھيو. توھان پنھنجي دوست کي ضرور لکو ۽ منھنجي انساني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت چئوس تہ مونکي ولي ڈي.....

مونکي ۷ تاريخ تائين روزانو هڪ خط لکندا ڪريو. چاهي ہن لفظن جو هجي. ہي ايڈريس پوءِ ڈيندس، ٽائيگر ڪيئن آهي..... مونکي فکر آهي تہ توهان هاڻ پنهنجي صحت جو صحيح طريقي سان خيال نہ رکندا هوندا. ان ڪري منهنجو عرض آهي تہ کاڈي پيتي جي سلسلي ۾ ۽ دوائن جي باري مڪمل احتياط نهايت ضروري آهي.

توهانجو تابعدار

مون پنهنجي ڈڪا اسٽارٽ سرائيڪي (ملتاني) واري لهجي ۾ جواب ڈنس:
ويرڻ مکهي شالا سدا آباد رهوين،

ترائي خط ملي. هڪ تسادي آسطي شمس ڈاوي مليا. بهچينا پيا آن. ڈاڍا انتظار ها خيريت دي خبردا. ميڈي حالات تي خوش بختتي دا اندازا تسان اتهان ئي لالو جو تسادي وچڻ دي هڪ گهنٽي اندر اندر امام مهدي دا جلوه نظر آگيا تي او وي حال پوڻ دي ڪيفيت وچ! فباي آلاء ربکما تڪذبان !؟ بهرحال سادي مشهور معروف اصول "بهترين دي اميد رکو تي بدترين دي آسطي تيار رهو" دي برڪت نال سب خير تهي ڳيا.....

ڪهين قيمتي ڪنون قيمتي گمشده شي دي لبهہ پوڻ دي خوشي تان آخر هووڻي هئي. اسان ڪراچي ڈو پئي ڈيکهدي ها سي لبهہ اتهي ئي پئي! "لڙڪا بغل ميڻ ڈهنڈهورا شهر مين." هين دا مطلب هي جو حسين اتفاقات بلڪہ معجزي اڄ ٽوٽي تهيندي پئي هين! ول لکهسان هين باري. في الحال ڪجهہ شعر لکهنا پيا آن. جي مطلب پوري طرح سمجهہ وچ نہ آوي تي بيشڪ ڪهين ڪنون پڇ ڳهنو چا!

اڇڪلہ اسان لڏا پٽ ڪي اندر آگئي هون تہ ترائي خوبصورت چهري نا پيدا تهي ڳئي هين. لفافي مک ڳئي هن. لي آوڻ والا کوئي ني. چار ڈهاڙين ڪنون گوشت سبزي اکهين ني ڈٺهي. اتهان دي يار ڪون لکهيندا پيا آن. تساڪون ول لفافي ملسن تان لکهسان. باقي ڪل خير هي تي خيريت تسادي مطلوب!

گلريز تي صائمہ تي جاويد نون لکهسان. لفافي ملڻ دي بعد. گهر اطلاع فورا ڈي ڈتي هئي.

نوٽ: اڇڪلہ جي سرائڪي صورتخطي ۾ ن، ڻ، ڍ، ڈ، سادا ۸۴-۱-م

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۸۲-۱۰-۲

پنجابيءَ ۾ "ڈ" جو اچار آهي ٿي ڪونہ باقي ڻ کي ن ڪري لکندا آهن. مکهي

(سندس نندي هوندي جو گهر جو نالو) پاڻ- شال سدائين شاد آباد هجين .

ٽي خط ملنا. هڪڙو تنهنجي لاءِ شمس ۾ ملیو. موکليان پيو. خيريت جي خبر جو ڈاڍو انتظار هو.

منهنجي حالت ۽ منهنجي خوش نصيبيءَ جو اندازو انهيءَ مان ٿي کڻي لڳائي ٿہ تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ڪلاڪ جي اندر اندر امام مهديءَ جو جلوو نظر اچي ويو ۽ سو به حال پوڻ جي ڪيفيت ۾! فباي آلاءِ ربڪما تڪذبان. (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جي ناشڪر گذاريءَ ڪندو؟) (قران شريف). بهرحال پنهنجي مشهور معڙوف اصول تہ "بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار رهو!" جي برڪت سان سڀ خير ٿي ويو.

ڪنهن قيمتي کان قيمتي گهر ٽيل شئي جي ليپي پوڻ جي خوشي تہ آخر ٽيندي. پاڻ ڪراچيءَ ڈانهن پئي نهاريو ليپي هتي پيو. "لڙکا بغل ۾ ڈهنڈورا شهر ۾!" ان جو مطلب ٽيو تہ حسين اتفاق بلڪ معجزا اڄ سوڌا پيا ٽين. وري لکندس هن باري ۾. في الحال ڪجهہ شعر پيو لکان. جي مطلب پوريءَ طرح سمجهہ ۾ نہ اچي تہ ڪٽي ڪنهن کان پڇي ولج!

اسين لڏو پڻي اندر اچي ويا آهيون (اڳي گرميءَ ۾ باهر سمهبو هو.) ٽي خوبصورت ڇوڪرا (۲۴ ڪلاڪ سر تي سوار ٽي سپاهي!) گهر ٽي ويا آهن. لفافا ختم ٽي ويا آهن. آٽو وارو ڪير ڪونهي. چئن ڈينهن کان گوشت پاڄي اکين ڪونہ ڈٺا اٽئون. ايڈانهن واري يار کي لکان پيو. توهان کي وري تڏهن لکندس جڏهن لفافا هٿ ايندا. باقي ڪل خير آهي ۽ خيريت توهان جي گهربل آهي!

گلريز ۽ صائمہ ۽ جاويد کي لکندس. لفاف هٿ اچڻ کان پوءِ. گهر اطلاع فورا ڈيئي ڇڈيو هوم.

تنهنجو پاڻ

خط نندو ان ڪري به لکيم جو هڪڙي لفافي ۾ هي خط شاه جا شعر ۽ پيٽس جو خط وڃڻا هئا.

ق کي انگريزيءَ ۾ لکيم (ترجمو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا مر

..... ظاهري طرح تہ ٻڌان پيو تہ تون ليک ناک آهين ۽ لئي ۾ آهين. پر تنهنجي اندر بابت ڪوبہ احوال ڪونہ ملیو آهي تہ قصو ڪيئن آهي. قدسيہ توڻ آهي يا ڪٽي آهي؟ هوءَ جا ڀڳائي ڀڳائي مطالبا ڪندي رهندي آهي تہ "ميري سنگ سنگ چلنا" ان جي پورائي ٿئي پئي يا نہ.

ٻيو جيڪي وٽئي سو ڪر. پر اهو هر وقت ياد رک تہ قدسيہ جو هڪڙو چاڙو بہ آهي ۽ اهو نهايت سخت ماڻهو بہ آهي- ٻارن جي ٻاري ۾ خاص ڪري قدسيہ جي خوشي هڪ حالت ۾ ٻين سڀني ڀڳالهين کان مقدم سمجهڻ گهرجي.

نندڙي ڇوڪري (حيدر شاه) جو خيال مون کان بہ وڌيڪ رک ڇو تہ ڪيس وڌيڪ توجهہ جي ضرورت آهي. ڪمر سنو. ڪمر کان سواءِ مڙس جڏو. عوام جي خدمت بہ عاليشان. پر وقت بچائي نندي هوندي وانگر گيت ۽ غزل بہ ڳائي، ينگڙا ۽ لڏي ناچ بہ نچ سنو ادب بہ پڙهہ، سڻا شعر بہ تخليق ڪر ۽ محبت بہ ڪر. انهن شين کان سواءِ گورنر بہ ٿي وئين تہ بہ زندگي پس پيش ڪهڙي ڪم جي؟

افسانو ڏٽيءَ کي پهچڻ گهرجي.

تنهنجو ر

شام.

تنهنجو مشتاق ديد ساري ٿو
آ وڇوڙي جو درد ماري ٿو
ڪا تمنا ڪا آرزو ڪانهي
زندگي ڪو ائين بہ گهاري ٿو
ڪوبہ ايندو نہ ريگزارن ۾
راهہ ڪنهن جي وفا نهاري ٿو

سبحان الله! طبيعت خوش ڪري ڇڏي وفا ۽ عابده! آ مڻا مرڪي ملون، پنهنجو ملڻ پو ٿئي نہ ٿئي،

مرتضيٰ ڏاڏاهي ۽ قاسم اولو.

حيدر کي خيال ۾ رکي همراه کي هي شعر لکي موڪليم. دل پکي. بہ هجي اميد بہ قائم رهي! بدترين لاءِ ذهني تياري ۽ بهترين جي اميد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهيو چڪاسين چاءِ، آڳ هرندي آئيا
وهسن واڙيءَ ڏل جيئن، محبتي مچ لاءِ
آڻي پاڻ اڙا ءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾

....

ڪنڌ ڪناري منهن ونّي، عادت سندن ايءُ
تنين تِکون ڏنيون، جُنبي منجهان جيءَ
سروتن سبيءَ، حاصل جنين حال ڪيو.

....

سر ڏيئي سڻ جوڙ ڪنهن پر ڪلان سين.
ڪاتي ڪرڻ ڪپار ۾، خنجر آڻي کوڙ
مرڻان منهن مَ موڙ ونّي ٽي وڃ لهي.

....

وڃ وڃ ونّيءَ ۾، مڻ مڻ منڊ ٻيو
قدر ڪيف ڪلال جو پياڪن پيو
اچن ڏُرس دڪان تي، ڪنڊ قبول ڪيو
سرها سر ڏيو، چکن سُرڪ سيد چئي.

....

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪيُ نہ سُنيرجن ڪڏهن، ڪي نہ وسرن مور
جيئن ميڙهن ڪُنديءَ پور، تئن دوست وراکو دل سين

....

چٽن چُٽڪن چت ۾، سدامنجه سرير
لڏي ڪنهن لوءِ ويا، مارو منجه ملير
ويڻي پوڇيان پير، مان ملُنم ڪڏهين.

....

ڏني ڏينهن ڏيام، ڪه جاڻان ڪهڙا پرين
سهسين سجن اُپري، واجهائيندي ويام،
تن ريُ سال پيام، جڏن ري ساعت نہ سهان

....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُٹي ساٹيه ڳالهڙي، لهي ويا لوه،
اندر جا اندوه، لٿا ڏک، سُک ٿيا،

....

عمر اڄ گڏيام، ڏوٽي انهيءَ ڏيهه جا،
پارانيا پرين جا اُيي ان چيام ،
لهي لوه پيام، لطف ساڻ لطيف چئي.

....

اتان اوٽي آئيو، خبر ايءَ ڪري،
وسارج مَ ور ڪي، پُڄ مَ منڊ مري
ويندينءَ اُٽ وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٺ ۾،

....

مليران مارُو پڪي پيهي آئيو
وريا واهارُو هاڻو سپ هيٺا ٿيا.

(شاهه)

قاسي وارد سڄو خالي ڪرائي ان ۾ "تخريبڪار" رکيا ويا آهن. قاسيءَ جي سزا مليل انڪل ۷۰ مڙس پنجاب جي مختلف جيلن ڏانهن روانا ٿي ويا. اڄ سڄو ڏينهن افراتفري هئي. زنجيرن جو چٽاٽ هو، ٻيڙيون پئي چاڙهيون ويون ويندڙن کي. "تخريبڪار" سپ الڳ الڳ. کوليءَ ۾ هڪ ماٺهو. منهنجا پاڙيسري اچي ٿيا آهن. ڇو ته قاسي وارد (قاسي گهاٽ) بند وارد (عام قيدين جي خاص سزا جو وارد) ۽ سيڪورٽي وارد (خاص خاص سياسي قيدين کي تنگ رکڻ جو وارد) اسان عتاب هيٺ آيلن جو پاڙو هڪڙو آهي. هتي جو ڳالهاءُ هُتي، هُتي جو هتي.

ٻئي وينا رون، ڏکي ڏونگر پاڻ ۾
ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پريٽو
(شاهه)

رات "تخريبڪار" ايندي شرط الائي ڪنهن سان (پاڻ ۾ الائي ملازمن سان) جهيڙو لايو بينا هئا. رات گهٽي گهٽي تائين وڏا ڳالهاو پئي آيا. همراه لوه لڳا پيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانارڻا ڪٽڪن، جنين لوھ لڳن ھ
محبت جي ميدان ھ، پيا لال لچن
پاٽھين ٻڌن پٽيون پاٽھين چڪيا ڪن
وڻا وادوڙئن، رھي اچجي راتڙي!

.....

ويچارا وادوڙ سدا شاڪر سورسين
تاڻين مٽي توڙ اوري ڪن نہ آسرو!

ھ ڏينھن اخبار ڪانہ ملي آھي. اڏاري ھ نہ. ڪورٽ ڪانہ ٿي وڃي. يعني ڪيسن وارا قيدي کورٽن ھ ھ نہ ٿا وڃن. ٻاھر ڪٿنڻين بند آھي. مطلب تہ ھر شئي معطل آھي. مارشل لا اندر نئون مارشل لا آھي. ٻن پھرن جو راشن رات جو ٿو ملي. دالين تي گدارو آھي. خوف، ھراس ۽ دھشت جو راڄ آھي. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ ڪوند ڪو ڪانہ ڪا دھشت انگيز خبر ڪٽيو اچي. منھنجو جواب ٻڌيو لپ لريو پونن. منھنجي سڃي ڳالھ جو تت تہ "ڪجھ ھ ڪونھي. ڪاھ نئين غير متوقع ۽ اوچتي ڳالھ ڪانھي. ائين ٿيندو آھي. ان کان ھزار دفعا وڌيڪ ٿيندو آھي. ھتي ھ ڪڏھن ٿيندو. "انھيءَ ٻنيءَ جي دل اھائي ٿيندي آھي!" ڪجھ سنگين جرم ٻيا ھ ڪن پيا. ڏوھن ڪرڻ کان سواءِ ڏاڙيلن ۽ قاتلن وٽ ٻيو ڇا ھوندو آھي؟ علم؟ عقل؟ نيڪي؟ تعمير؟ تخليق؟ عزت؟ عقيدت؟ شان؟ مان؟ نيٺ پنھنجون تراڙيون ھٽي دنگ ڪندا. ھينئر ئي بي حد ڪمزور آھن. جيئن جيئن جرم وڌيڪ ڪندا تيئن تيئن روز وڌيڪ ڪمزور ٿيندا ويندا..... نار ڇا لوڻا آھن. ڦرندا رھندا. ڦرن پيا....."

۸۲-۱۰-۷

اڄ موجوده نظربنديءَ جو وقت پورو ٿيو. نئون آرڊر تعميل ڪوند ٿيو آھي. اوس ڪندا. ديرسان. تيسين ڪين ٿورو ڪڙڪائبو..... ھ اردو سروس ھي..... ساز سنگيت..... آڄ ھم آپ ڪو ستار ڪا ساز سنوائينگي. ڪلاڪار ھي جيابسواس. راڳ ھي گن ڪي!

ڈني شئي مٽي آھي! ٻاھر چڪر ھٽڻ جو خيال ملتوي ڪري ويھي جيابسواس کي ٻڌڻ ويٺس. ڈنم تہ وڏيون وڏيون ڪاريون، ڪاريون اکيون، ھٿن ھ گجرا، مٽي ھ منگڻ، جسم جڻ ھٽ سان تراشيل، ڪنن ھ کان ڏل، موتين جي مالھا، ھٽ ھ وڏي ستار يوناني ديومالائي موررتي. ھندوستاني ديوي. پل پرلاءِ پنڊپھڻ ڪري ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چي "راڳ رنگ ۽ لهو و لعب قومن کي تباه ٿو ڪري." نام نهاد اسلامي حڪومتن کي راڳ رنگ، فلسفي ۽ لهو و لعب تباه ڪيو! جرمنن کان وڌيڪ بهادر ڪير؟ ڪهڙو نڙڪو "مفڪر" کين بزدل ۽ زوالپت ڏانهن ويندڙ سڏڻ جي جرئت ڪري سگهندو؟ پر جرمنن کان وڌيڪ راڳ ۽ فلسفي جو شوقين ڪير؟ نيپولين خارن وچان کين سڏيندو ئي ڳائٽن ۽ سازندن جي قوم هو! هٽلر جهڙو شڪاڪ به راڳ جو فدائي هو ۽ راڳ ٻڌي هن آدمخور جي اکين ۾ ٻه آلاڻ اچي ويندي هئي! جرمن فوج ۾ جيترا فلسفي جا پي ايڇ ڊي هئا اوترا جرمن يونيورسٽين ۾ ٻه ڪونہ هئا. راڳ انسان جي سڀ کان آڳاٽين مهذب تخليقن مان آهي. دنيا جي ۸۰ سيڪڙو آبادي لاءِ راڳ هميشہ سندن مذهب جو حصو رهيو آهي. مسلمان سلطنتن ۾ راڳ تي ڪڏهن ڪڏهن نالي ماتر بندش هئي پر عملي طرح راڳ کان سواءِ مهذب انسانن جي زندگي ڪيئن گذرڻي؟ مسلمانن حاڪمنن جا ۹۹ سيڪڙو ڪان ٻڌڻ مٿي حڪمران روز راڳ ٻڌندا هئا.

لهو و لعب يعني راند روند يونان جي جڙ مذهبي عبادت هئي! يونان کان وڌيڪ ڏاهي، بهادر، ڪامياب ۽ جڳ جرڪائيندڙ قوم انسان ذات ڪهڙي پيدا ڪئي آهي؟ نمبردار چئي ٿو "هو ڏس چا پيا ڪن؟" ڏيوڙهي (ماڙيءَ) مٿان ٻيون توبون پيا لڳائين! چت سڄي فوجين سان پئي ٻچڪي!

ظفر هٽي هيٺر ساڙي رکيو آهي، هاڻي چئي ٿو "پت ۾ بجليءَ جو ڪرنٽ آهي. شاڪ ٿي ڏي!" سرڪار ٻيا پاپرا الائي ڪو پيئي پٽي؟ ظفر کي چڏي ته بجليءَ جي تار کي آڏا ٻتا ٿيرا ڏيئي تخريب ڪار کي ته چا سڄي جيل کي ٻاهه ڏيئي ساڙي ڏيڪاري. هاڻ معصوم ٽيو ڪنهن اونهي ويچار ۾ ويٺو آهي:

شڪر ٽيو ملاقاتي هن خميس تي کونہ آيا آهن خاص ڪري امان ڪانہ آئي. ڏاڍو پريشان هوس ان باري ۾. نئون نظر بنديءَ جو آرڊر اچي ويو. مشتاق اعوان اچي ڏيئي ويو. قريشيءَ جا عيد تي موڪليل گهٽا سلام پهتا. احوال.

تون يادِ وري آئين.....
دل دردِ سان پرجي ويئي.
اکين ۾ اتل آئي.
تون ياد.....

انگ اِنگ ۾ اٿيا اڌما
لونءَ لونءَ ۾ ورهِ وائي
تون ياد وري آئين.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الفت جي اسيرن کي، ساري ويئي تنهائي.....
تون ياد وري آئين
رڳ رڳ ۾ هلي هاٿي،
احساس جي ڪتڪائي،
تون ياد وري آئين.

مهجبين قزلباش شمشير جي ڪلام کي امر بنائي ڇڏيو آهي. ڏاڍو وٽندو آهي مونکي هي ڪلام، بلڪ ان جي ڏن! بن ٽين سالن ڪان پوءِ ٻڌو اٿم. شاباس ڏن ناهڻ واري کي آهي. شايد ظفر آهي، ڪراچي ٽي وي ۽ وارو.

۸۲-۱۰-۹

ٽيپو ڏينهن واري وڪيلن جي ڪنوينشن ۾ فقيرن جو ٻالو ٻه آيو. بلڪ وڪيلن ۾ پهرين. "مر" جي، ٻه ياڊگيري ڪيائون، شاهي قلعي وارو نهراءُ ته "گهاٽي ئي پنڊ دي گهتيل هئي".

ڪنڌ مان سور ايڏا ڪونه ويو آهي، سياڻي تائين لکڻو پڙهڻو ڪونه هيڏو هي رڳو نوٽ پيو لکان، هندستان تان اردو سروس ۾ راڳ "سنڌي پيروي" ٻڌايائون، چئبتو ته راڳن ۾ ٻه آهيون! ٿيٽر جو "مونکي درد ديوانو ڪيو برهه بيراڳي ڪيو" ٻڌم. اڳيئي وٽندڙ ڪلامن مان آهي. لطيف جي هڪڙي پياري وائي "آيل! آيل! مرڪ منهنجو مون پرين!" زرينه جي آواز ۾ ٻڌيم. وڏي زرينه، زيب النساءَ "اسلام عليڪم، جا نيئڙا!" تمام سٺو! وري ياد آيم ته سنڌي فلمي گانن جا ڪلام ٻيهودا ۽ ڏنون اڪثر نهايت واهيات هوندیون آهن. ان جي پيٽ ۾ ريڊيو اسٽوڊيو ۾ رڪارڊ ڪيل اڪثر ڪلام بهترين هوندا آهن. فلم "ڏرتي لال ڪنوار" جا گانا البت سٺا هئا. ان جو سبب اهو هو جو ڪلام سٺا هئا ۽ ٻيو اهو هو ته ان لاءِ هڪڙي جاڏو ماڻهوءَ شيخ غلام حسين جي نظرداريءَ هيٺ ڪم ٿيو. جيڪڏهن ماڻهو پراڻا ڪنڊم ته پر جوئي، صاحب ۽ غلام حسين جهڙا نظرداري ڪن ته نور جهان کان ڳارايل ٻي معنيٰ ۽ فضول ڪلامن جي مقابلي ۾ اسان جا چگا شاعر منشي، استاد، امداد، عبدالڪريم پلي ۽ ٻيا ڪيترائي چگا فنڪار بهترين پلي بيڪ ڏيئي سگهن ٿا. "ڏرتي لال ڪنوار" جهڙين فلمن جي مالي ناڪامي اهو نه ٿي ڏيکاري ته ڪو بهترين سنڌي لکندڙ جون فلمون ٻه سنڌ ۾ نه هلنديون پر اهو ڏيکاري ٿي ته بهترين سنڌي لکندڙ ڇيڪڏهن ڪنهن واقعي زبردست پلاٽ ۽ سٽي گهاٽيءَ ٻدران رڳو سڪٽي لفاظي، رنجيبازي ڪري فلم ڏسندڙن کي اُلو بنائڻ جي ڪوشش ڪندا ته سنڌي ماڻهو اها ڪوشش ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. سنڌ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاليشان ۽ سچا پچا (نام نهاد مشهور نہ) فلمي ڪهاڻيڪار فلمي موسيقار ۽ فلمي ڊائريڪٽر پيدا ڪرڻا پوندا. سنڌي فلم سان ڪافي مشڪري ٿي چڪي آهي. ان کي ڪافي خوار خراب ۽ ناڪام ڪيو ويو آهي. هاڻ ان کي ڪامياب ٿيڻو پوندو.

پشتو فلمون اجهو هاڻ شروع ٿيون آهن پر پنجابي فلمن کي اشڪي ڪشي ماري ويون آهن. اسان جون في الحال هيو نہ ته بہ رقم ته خوشيءَ سان ڇڏائي سگهن ٿيون.

مٽي "ڏرتي لال ڪنوار" جي گانن جي ڪاميابيءَ لاءِ عابده ۽ يوسف جو نالو ڪونہ ورتم جو ويچارن مظلوم سنڌي فنڪارن کي چار ڊوڪڙ تريءَ تي رکي ڪائنڊ کڻڻو بہ گند بلا ڀڳائي سگهجي ٿو. ان فلم ۾ ان ڪلام بدران کهڙيون بہ تڪون لاهي ڏجنن ها ته وڏي ڏام ڏوم سان ڀڳائي وڃن ها! سيني فلمن ۾ ائين ٿيندو رهيو آهي.

۸۲-۱۰-۱۰

اڇلهه فيصلو ڪيم ته ڪنڌ جي سور مان جان ڇڏائڻ لاءِ شروعاتي طرح هفتي ۾ ٽي ڏينهن- خميس، جمعون ۽ سومر ڪابہ لکائي يا پڙهائي ڪانہ ڪندس. گلزار آيو. حال احوال ٿيو. لکائي ورتائين. ٽي ويءَ جي پرزن جي دير سان اچڻ جو سبب ٻڌايائين. ٺيڪ هو. دستور موجب انجام ڪيائين ته روز ايندس. ايندو ڪونہ. هو چئي ويو ته رزاق جي ڪيس ۾ شاهديون هلي پوريون ٿيون. راجا چئي ٿو ايا ۵۱ شاهد رهيل آهن. ملاقات جو مٿوئي ويو. اڳ ۾ ئي رولڙي مٿان رولڙو پئجي ويو آهي ان جي علاج لاءِ ڀيٽون پيا ڏيون. مٿان ٻيءَ هچا! نڪو ڪيس پورو ٿئي، نڪو فوجي وڃن، نڪي ملاقاتون ٻيهر دستور موجب هلڻ شروع ٿين.

اڄ بہ چئو طرف خاموشي هئي، ڪابہ لکپڑهه ڪانہ ڪيم. ريڊيو بہ ڪونہ ٻڌم. خاموش ويٺو رهيس. اڪثر پراڻي وقت جي ڪن ڳالهين بابت سوچيندو رهيس.

اڄ وري الائي ڇو سينٽرل جيل حيدرآباد جا شروعاتي ڏينهن ياد آيا. اڄ وري پاڻ

ڪي حيدرآباد جيل جي اي ڪلاس ۾ ڏٺم. هڪڙي پاسي دل اديت ۾ هئي ته ٻئي پاسي ڏهن. سوچيم "دل مضبوط رکجي، نہ ته ڪم نہ هلندو!"

ڇپر ڪوسو واءُ، هڙيا تو نيڻ ڪيا! (لطيف)

ڏهن ان ڪري جو ماڪوڙيءَ جو هاڻيءَ سان مقابلو هو. هڪڙي پاسي وڏيرا، سرڪار، سامراج ۽ هندستان مان انقلاب جو ڪليم منظور ڪرائي آيل هئا ته ٻئي پاسي سنڌ جا ماڻهو ۽ سنڌن واڙو ۽ هوائي توائي محب وطن دانشور طبقو هو. ادبي جدوجهد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھڪ سنڌي اديبن کاڻي تخليقي ڪم ڪيو ھو ۽ ان جا سڀ نتيجا نڪتا ھئا. ڪن، ڪي ڪي ڪارائتا ڪتاب لکيا ھئا، پر تنظيمي ڪم پرائي بالادستيءَ ھيٺ ٿيا ھئا. سنڌين جي ڪابہ حقيقي طرح "پنھنجي" تنظيمي يونگي ڪانہ ھئي. ھنن لاءِ تنظيم ڪاري جڙ موالين کي ملھ ويڑھائڻ واري ڳالھ سمجھي ويندي ھئي. ھو جمعدارن، ڪمدارن ۽ خرڪارن جيڏو ڇھڪ ھيٺ ڪجھ ڪم ڪري سگھيا ٿي پر پنھنجي ھاريءَ پاڻ پوکڻ، -سنياڻپ ۽ پاڻ ڪائڻ جي لائق نٿي سمجھيا ويا.

مون فيصلو ڪيو تہ سنڌ کي سنڌ ٽيڻو آھي تہ ڪيس سجاڳ ٽيڻ سان گڏ متحد ۽ مستحڪم بہ ٽيڻو پوندو. پر متحد ۽ منظم ڪير ڪري؟ ڪير ٿين؟ ڪيئن ٿين ؟ انسان مان نہ سمي اھا ڪوت ڪئي. نہ سومري!" نون ڏراڻن مينھون ڏاريون. ڪٿا ساڻي دونھيون ھاريون." انسان جي چئن پنجن شاگرد ساٿين مان ھڪڙي ايندي شرط اعلان ڪيو تہ "آءٌ ھن فلاڻي دوست جي پٽيان آيو آھيان. اھو دوزخ ويندو تہ آءٌ اوڏانھن ۽ ھو جي بھشت ويندو تہ آءٌ اوڏانھن. باقي ٻين ڳالھين سان پنھنجو ڪجھ ڪونہ وڃي!"

تجويز ڏينم تہ سڄو ڏينھن بيڪار ٿو وڃي. ٿوري پڙھائي ڪجي. ھڪڙي سامھون واري وٽ ھيٺ (اھو اڃا ٻيٽو آھي. مون گذريل سال ويندي سڃاتو!) ويھي ڪلاڪ ٻہ پڙھياسين. ڪتاب تہ لائي ڪھڙوھو. ٻئي ڏينھن ٻن يارن ا ٽ ۽ ي ٻ اعلان ڪيو تہ "اھڙيون ڳالھيون غير شرعي آھن. اسلام جي خلاف آھن. پاڻ انھن ۾ شريڪ ڪونہ ٿيندا سين!" قصو ڪوتاھ، پڇيو سين "شرعي ۽ اسلامي ڪم ڀڏايو تہ پھرين اھي ڪريون ۽ ڪجھ سياسي ڳالھ ٻولھ ان کان پوءِ ڪريون!." ڇيائون "اوھان نماز نہ ٿا پڙھو. تلاوت ٿا ڪڙيو ! ھنن ڳالھين مان ڇا ورندو؟" اسان ڇيو "حاضر ! اھڙي ڪا ٻي ڀلي ڳالھ! سياڻي کان نماز گڏجي پڙھنداسين ۽ تلاوت بہ ٿيندي!" ٻئي ڏينھن باجماعت نماز ٿي ۽ تلاوت بہ ڪئي سين. ان وچ ۾ اعتراض ڪندڙ ٻئي ھمراہ کونگھرا ھڻندا رھيا! ھمراہ ڪين اتارڻ لاءِ حيلا ڪري بيھي رھيا پر نہ اٽيا تہ نہ اٽيا! لالا قادر ديرديرتائين تلاوت ڪندو رھيو.

آخر ڏڏا ڪري ڪري نيٺ نماز جي ڊپ کان پڙھائيءَ ۾ شريڪ ٿيا. چوٽين مارچ جي ھلچل خلاف ھاھيون ھاڑ ۽ ناڪام ٿيڻ ۽ پوءِ ان جو سڄو ڪريڊٽ حقدارن کان کسڻ جي سازش ڪري، پٽين تي نعرا لکي، رت مکي شھيدن ۾ نالو لکرائيندڙ ۽ پاڻ کي ھٿرادو نمونو اندر ڪرائي چوٽين مارچ جي پٽيرائي ڪندڙن ۾ نالو ڳٽائيندڙ انقلابين کي صلاح ھئي سون تہ "اچو تہ گڏجي پڙھون" پر اسين سڀ وڏيرن جا ايجنٽ، سياسي شودر انھن کي ھي پلاريون ۽ پاڪ ھستيون ڪيئن ھٽ لائين؟! ڇيائون "اسين الڳ پڙھائي ڪندا سون!" ٿئي ڏينھن مون سنڌ جي تاريخ تي ڳالھ ٻولھ ڪئي. ٻہ ڏينھن حفيظ قريشيءَ سوشلزم جي تاريخ ٻڌائيندو رھيو. (ڪتابن جي پيتي آءٌ ڪٽي آيو ھوس) ڪئين مزيدار ڳالھيون ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلچسپيءَ وڌيڪ بحث ٿيا. انگريزي ميڊيم ۾ پڙهيل هڪڙي يار يوسف ٽالپر کي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪرڻ ڏکي آئي. ان کي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪرڻ ۽ خاص ڪري لطيف جا بيت پڙهڻ سيکاري ويئي. هڪڙي ڏٺ وڌيڪ ويهه دفعا ورجائڻي پيئي جو تر همراهه جو اچار ۽ لهجو ٺيڪ نه ٿي ٿيو. تقرير ۾ لطيف جو شعر غلط اچار سان پڙهڻ ٻي خواري! خاص مزو راڳ ۾ ٿيو ته مون چيو ته "پاڻ کي نئون راڳ سنڌ ۾ رائج ڪرڻو آهي. ڳائڻا به نوان پيدا ڪرڻا آهن". اياز جا گيت ڳايا سون ٿيون، ڏنون ناهيون سون. اهو ڏندو آڻ اڳي ئي ڪريو ويٺو هُوس، سو لڳو پيو هوڏو هوس. ۽ همراهه سيني کان ڳوءُ ڪٽي ويا هڪڙو مسعود نوراني ۽ ٻيو حفيظ قريشي. مسعود اياز جي "مٽيار آيو مٽيار آيو" ڙڪ هلو هوديما، هلو ڏوا" ۽ ٻين نغمن کي تنگ توري ڇڏيا. آخر کورس ۾ ڳائڻ شروع ڪيوسين. شام جو بند ٿيڻ کان اڳ اهو ڪم ڪندا هئاسين. رات جو بند ٿيڻ کان پوءِ حفيظ قريشي ايڪنر ميالڪونس ۾ اياز جو هي گيت ڳائيندو هو:

هيءَ هُر ڪرين بسيرن جي، ٽي ويندي ساڪ سويرن جي،
او شال عقابن سان اڪان مان، واهر ٽي واهيرن جي!"

سندس آواز ۾ بلا جو سوز هوندو هو، اڪثر ڳائڻ مهل سندس اکين ۾ لڙڪ ڳڏ ٽي ويندا هئا. سگريٽ جا ڪش به پيو هٽندو هو، ڳائيندو به پيو هو روئندو به پيو هو ۽ وچ وچ ۾ اوچتا نعرا به ولي هٽندو هو!

هلندي هلندي ڳالهيون صاف ٿيون. سمجهه ۾ ويٺيون. سمجهه ۽ سوچ انگور جهليا. خواهشون، رٿائون، پروگرام نسريا. پهريائين انهن رٿائن جي سلسلي ۾ هدايت هيرڪو شاگرد پنهنجي ليکي پنهنجي، هم خيال دوستن کي ڏيندو هو. پوءِ هڪڙي ڳڏيل قيدي رهبر ڪميٽيءَ لاهي سون. ان جي معرفت باهرين شاگرد دوستن کي هدايتون ملڻ لڳيون. اول چڙوچڙ پوءِ باقاعدگيءَ تان جو ان ڳاله ۾ شاخون ڪڍيون. اصغر خان ۽ اعظم خان سنڌ جو دورو ڪندي حيدرآباد آيا. "قيدي رهبر ڪميٽي" جي هدايتن هيٺ سندن گهيراؤ ٿيو. کين مجبور ڪيو ويو ته سرڪاري يونيورسٽ بابت پنهنجي پوزيشن واضح ڪن. سرڪاري مشينري چٽي ٿي پيئي. اسان جي پرامن جلوس تي حملو ڪيو ويو. ڪراچيءَ جا بلوچ سائٽي، غلامي نبي پليجو ۽ ٻيا دوست سرڪاري غنڊن زخمي ڪري وڏا ڪاله ڪندي رهي. سجاڳيءَ پٽي ۽ تنظيم جي ڪڻ آن ڪيچ ٿيندا رهيا. اسان جي ڪميٽيءَ جي صلاح سان اديبن ۽ عورتن جا احتجاجي جلوس نڪتا جن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو هو. غلام قادر وارا ۽ ٻيا دوست گڏجي هڪ زبردست جلوس ولي جيل جي دروازن تي آيا ۽ مظاهرا ڪندا رهيا! نورانيءَ ۽ ٻيا يار واري جي چٽ تي چڙهي قيدين لاهي باهرين دوستن جي سلامن جا جواب ڏيندا رهيا! ڏسندي ڏسندي سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگردن جو هڪ حقيقي اتحاد بنجي ويو جيڪو هر قسم جي ڪمزوريءَ جي باوجود ۴ مارچ کان هڪ مٿيري ڏاڪي جيڏوتوت بنجڻ لڳو. قيدي شاگرد دوست مسعود نوراني، لالا قادر، اقبال ترين، يوسف ٽالپر ۽ پيا اڳي کان گهٽو وڌيڪ مقبول شاگرد رهنما بنجي ويا. باهرين همراهن بہ وسان ڪونہ گهٽايو. آخر جوابي ڪاروائي تي، مونکي، حفيظ قريشيءَ ۽ ڪن ٻين کي ڪراچي سينٽرل جيل ٽرانسفر ڪيائون. ڇڏهن ڪيٽ ٽپي پوليس وئن جي اڳيان ڪليل هوا ۾ پل ۾ بيٺاسين تڏهن پانيوسون. تہ ڪو سچي عمر جيل ۾ هٺاسون. هاڻ نڪتا آهيون!

اونگر وٽ لهي ناڙا چوڙ وغيره ڪئي سين. ٽڪريون، وسيع ڪيپل ميدان، ٻڪرين جا ڏڻ. اڳين لڳو جڻ بهشت ۾ اچي ويا آهيون. گجي تي گارد ڪنجهندي ڪرڪندي جانهه پيئڻ ڏيڻ منظور ڪيو. اسٽان جي هوٽل تي جانهه پنتي سين، گجي جي ماڻهن ڪجهه حيرت ڪجه همدردي ۽ ڪجه پٽيرائيءَ جي نظر سان ڏٺو. دل وڏي تي. ڪراچي سينٽرل جيل پهچي نعرن سان آسمان کڻي ڏنوسين. شهر ۾ گڙٻڙ هئي. وڏي انالي اسانکي لهڻ شرط گهيري اندر ڪيو. رات پانيان ان بئرڪ ۾ واڙي چڏيائون جا پوءِ ۱۹۷۶ ۾ محمد فاضل ۽ منشيءَ وارن جي تي. صبح جو ملڪ جو (جيل جو) واءُ سواءُ ونڊ لاءِ نڪتس. سچو هندستاني ڪامريڊ لڏو اندر هو. فيصلو ڪيم تہ ڪوشش ڪري هنن حضرات کي بزرگاڻي برتري ۽ شفقت پري بالادستيءَ جي آسمان تان لاهي برابريءَ جي زمين تي آڻجي.

هوائي ۽ آسماني شين بدران ڪين زمين جي مسئلي جيڏانهن هٿ ڪرڻ تي آماده ڪجي. همراهن جا ولر پٽ پريو ويڻا هئا. "توهان ڪيرا؟" چي "اين- ايس- ايف ڪاظمي گروپ" وکوڙي ويا. مون ملڻ شرط اعلان ڪيو "آءٌ ترقي پسندن مان فقط انهن سان ڪا گالهه هوله ڪرڻ لاءِ تيار آهيان جيڪي قومي مسئلي کي مارڪسي لينني معنيٰ ۾ تسليم ڪن، ان جي پٽيرائي ڪن ۽ رحم وچان ۽ اخلاقي همدرديءَ طور نہ پر خود پنهنجي نجات خاطر پنهنجو قومي فرض سمجهي قومي جدوجهد ۾ مظلومن پاران وڙهه ۾ شريڪ ٿين. جيڪو انقلابي ماڻهو سنڌي بلوچ پشتون قومي جدوجهد جي زباني توڙي عملي ظاهري توڙي حقيقي پرپور ۽ انقلابي تائيد نہ ٿو ڪري ان ۾ حقيقي طرح پرپور حصو نٿو ولي سو ترقي پسند تہ ڇا پر جمهوريت پسند بہ ڪونهي".

سنئين سڏي "بدفضيلتي" ۽ سياسي "جٽ پائي" هئي پر جنهن نموني همراهه سچي ملڪ جي ترقي پسند سياست کي ڳڙڪايو تباهه ڪيو، اشراف ٽيو داد طلب نگاهن سان سچي ملڪ جي ماڻهن ۾ ۽ اسان ۾ نهاري رهيا هئا، تنهن حالت ۾ "فضيلت" ۽ "سمجه" معنيٰ گادي نشينن جي گادي قائم ۽ عوام ۽ سندن انقلابي قومي عوامي جمهوري سياست جو الله واهي!

رات جو بي ڏر آئي. ڊاڪٽر رشيد واري. اين- ايس- ايف . مڙس سپ ملوڪ، ٻڌا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهين جا ڳهيڙ، ڏاڍي پيئي بک لهي. پر قومي مسئلي جو ذڪر ٻڌي حيران ٿي ويا! سنڌ ۾ سندن جاگير هئي سا چٽي! ويئي ڏٺين جي حوالي ٿي! باقي ٻي ڳاله ڪريو! انقلاب جي، ويٺنام جي، ڪانگوجي، ايوب جي آمريت جي، اهو ڪُي منطقي نتيجو نڪتو سندن سڄي قربائٽي ڪڇرڻيءَ جو. مون انقلاب جي شرعي ٻوليءَ ۾ فتويٰ جاري ڪئي ۽ ان جو اعلان ڪيم. ان جو غيرشرعي ٻوڙي سوليءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تت اهو هو ته "اوهين سڀ مڪان منافق، ڪنرقومپرست ٿولا آهيو. اوهان جي سياست سنڌي عوام خلاف سازش آهي. اوهان جو انقلاب سان سوشلزم ۽ جمهوريت سان ڪوبه واسطو ڪونهي. اوهان کي صرف حاڪم طبقن کان وڌيڪ رعايتون کپن. سودي بازي ڪپي. قومي ڦرلٽ جُي مال مَان وڌيڪ ڀٽي ڪپي. اوهين مارڪسزم ۽ سوشلزم جي علم کان ڪورا آهيو. اوهان کي ان جيَ الف- ب جيَ خبر ڪانهي ته اهي چا آهن. اوهين فقط نعريبان ڇاڪاڻ ته بان بيبان بان ڀوسٽربان ۽ تصوير بان جلسي باز ۽ جلوس باز آهيو. توڙ تائين باقاعدي انقلابي جدوجهد سان اوهان جو ڪوبه واسطو ڪونهي!"

ايان به الائي ڪٿان آيو. ميررسول بخش ٽالپر به هو. حفيظ قريشي به هو. ايان ۽ حفيظ مون کي گهٽو ئي سمجهايو. پر مونکي خبر هئي ته "فضيلت ڪرڻ سان اسين ڏاڏيون عزتون ماڻيندا سون، اسان جي شان ۾ جلسا ٿيندا، نعرا لڳندا، لقب عنايت ٿيندا، اها جاءِ ڪُي نٿ لينديَ جتي ڪٽي اسانکي وهارجي. پر اسانجي تاريخي قومي حقن واسطي جدوجهد سان غداري ٿيندي. اسان جي ڳاله لئي منِي رهندي. ان ڳاله جي پڙڪ به باهر ڪانڌ نڪرندي ته "جمهوري" جدوجهد ڪرڻ وارا اسان کي ڪهڙا جمهوري ٽيو لڳا پيا آهن."

انقلابي همراهن جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. الزامن، گارين وغيره وغيرہ جو ته مون تي اثر نہ ٿيڻو هو نہ ٿيو. پوءِ بحث شروع ٿيا. ٽولا ٽولا ٽيو اچن. آءُ پري ڪتابن جي ڪٽيو سندن اڳيان رکان. پاسي ۾ نوٽ بک به رکان. چوان "توهان جو مارڪسزم جي حساب سان فلاڻو اعتراض آهي نہ؟ هاڻ ڪيڏو مارڪس جي هن ڪتاب جو صفحو فلاڻو سٽ نمبر فلاڻي! ڳاڙهيءَ مس سان ليکا ڏنل سندس هدايت پڙهو!" سيني ڪتابن ۾ گهربل هنڌن تي سلپون لڳل. سلپن تي اهو نقطو لکيل جنهن بابت ان صفحي تي استادن ڳاله ڪئي هجي. واسطيدار هنڌن تي ڳاڙهو نشان. مطلب ته جيئن ڪورٽ ۾ پڪي پختي ثبوت ۽ حوالي بنان، فوري اهو حوالو پڙهي ٻڌائڻ بنا، ڪا ڳاله قبول نہ ٿيندي آهي تيئن مون به سڀ حوالا تيار ڪري رکيا هُئا. ڳاله ٿي ناهي حوالو نڪتو ناهي ۽ پڙهيو ناهي! "ٻيو حڪم؟" جيڪا ڳاله ڪٿن ته چوان ته "اها ڳاله ڪهڙي آدر ٿي ٿا ڪريو؟ جي پنهنجي سوچ مطابق آهي ته ان لاءِ دليل ڏيو. جي انقلابي استادن جي ڪيل آهي ته ڪهڙي استاد جي ڪيل آهي، ڪهڙي هنڌ، ڪهڙي سلسلي ۾، ڪهڙي زماني ۾ ۽ ڪهڙين ملڪي ۽ بين الاقوامي حالتن ۾ ڪيل آهي، ڪهڙي ڪتاب يا مضمون ۾ لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي؟ توهان ڳالهه ڪريو ڪتاب آءٌ ٿو گهرايان!" سڄيون سڄيون راتيون بحث ڪندي گذري ويندیون هيون. هڪڙا اچن ٻيا وڃن. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر رشيد وارا آيا. ڊاڪٽر رشيد ته ڏاڙي گهٽ وڌهي پيو. منهن سخت ڪٽي بيڙو ڪيائين. ڪيئي پيرا فتوا جي ڏنڊي ۾ هٽ وجهي الاريائين. مون چيس "توهان نيم ملا نيم حڪيم ماٺهو قومي ظلمن ۽ قومن تي ظلم ڪندڙن جي چشم پوشي ڪندڙ ماٺهون ڪهڙيون فتوائون ڏيندا!؟ فتوا آءٌ ڏيندس جنهن مارڪسي ليني علم جو باقاعدي اونهو ۽ وسيع مطالعو ڪيو آهي، جيڪو هڪڙي مظلوم قوم جو انقلابي آهيان.؟" جي! جناب! حضور، هيچدان، ناقص، حقير فقير، وغيره ڳالهيون چگيون، پر لٽر ڪي چڪر پهچندو! ان لڏي جي ماٺهن جي منڙي ۽ محبوبڙي انداز ۾ ڏيکيل جيڪو اتاه قومي تڪبر، گهمنڊ ۽ پيدائشي برتريءَ ۽ بالادستيءَ جو احساس نس نس ۾ سمايل هو ۽ آهي ان جو شروعاتي علاج سواءِ ان سان ٽڪر ۽ پرپور ٽڪر ۽ ان کي مڪمل طرح، الف کان ولي ي تائين چٽليڻج ڪرڻ، للڪارڻ ۽ بي نقاب ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هو. ۽ ڪونه آهي. اهڙن کان لهرائڻ بدران ساڻن اهڙو مهاڏو اٽڪائبو ته خواريءَ ۽ ڏيچريءَ ۽ ڏچرپي جو گهانگهو ته هونئن ئي ڳچيءَ ۾ پوٽو هو. پر" اکرين ۾ متو وجهبو ته مهرين کان ڪهڙو ڏجبو."

چيڙها ملهه آهن. جهڙي تهڙي جي ڳالهه کانهي. دسيا ٻيا هوندا ته به متن اعتبار ڪونهي. اک چنبي ۾ توهان هيڻ هو متان. رحم ڪرڻ ته سکيائي ڪونهن. سيني تي پٿر رکيو مون کي دعوتون ڏيو وڃيو عزت سان وهارين ۽ منهنجي شان ۾ تقريرون ڪن. پر منهنجو جوابي تقرير ٻرساڳيو رنگ! آخر مڙس نيٺ ڪاوڙجي پيا! آءٌ خوش ٿيس ۽ ان کي پنهنجي پهرين سوچ سمجهيم. سندن بزرگانه شفقت ۽ پريو مٺ هجڻ واري ٻهروپ ڪم نه ڏنو! هاڻ مونکي سيکت ڏيڻ شروع ڪيائون يعني بائيڪاٽ! پر بائيڪاٽ جاري نه رهي سگهيو. سندن نئين ڇات لکيو اچيو مون کان سوال پڇي! تان جو ٻن ڏينهن کانپوءِ وري ٻه منهنجي ڪمري تي هجوم لڳي ويا. مون وارا همراه ڪڪ ٽي پيا. کي ٽپڙ ڪٽي ٻئي پاسي ويا. هڪڙو سندي بزرگ وچي سيني کي سمجهائي آيو ته، "هي جيئي سنڌ وارو آهي. قائد عوام جو ۽ سوشلزم جو مخالف آهي ان وٽ نه وجو!"

هٽندي ماريندي فقط هڪڙي همراه اعلان ڪيو ته "برابر اسين کارا انگريز آهيون. اسين به ٽمار ڪريون پيا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي گورن وانگر اوهان تي حڪومت ڪرڻ ڳهرون ٿا." همراه پاڻ سانورو هو. منهن ۾ ماتا هيس. شايد فاروقي نالو هوس. رڳي ويڙهه به ڪانه هئي! گڏجي ٻڌي صاحب جو ڏينهن ملهايوسين. جيئي سنڌ جو ڏينهن ملهايوسين. تقريرون ٿيون. انقلابي نغما ڳايا سين.

بهرحال همراهن منجهان هڪڙو به صحيح نموني قائل ڪونه ٿيو. في الحال جڏ منهنجا سمورا بحث مباحثا، علمي ۽ عقلي محنتون ۽ پورهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ناڪام ٿيا. سهي جون ڳنگون ٿي ٿيون رهيون. سوال ئي ٿي پيدا ٿيو ٿن ڏاڪي تي هٽن جي ڳالهه مڃڻ جو. مڃڻ واري ڏينهن ته ويچارا جاوائي ڪونه هئا. جيڪي ڪاميابيون ٿيون سي ناڪامين کان وڌيڪ اهم هيون.

خود مونکي خاطري ٿي ته گذريل ويهن سالن ۾ (۱۹۴۸ع کان ۱۹۶۸ع) تائين مون جيڪو انقلابي نظريي، سياست، تاريخ ۽ ادب جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو سو زائگان نه ٿيو هو. خاص ڪري گذريل ٻه ٽي سال مون جيڪو قومي مسئلي بابت مارڪسي لينني مطالعو ۽ تخليقي فڪر ڪيو هو سو سورهن آنا صحيح هو. هن گهڻ گهمان بحث . مناظري جي دوران ان ۾ ڪي به ڏنگ ٿيندا نظر ڪونه آيا هئا.

مونکي خاطري ٿي ته هندستاني بزرگان دين انقلاب کي انقلابي نظريه وغيره جي ڪابه بنيادي خبرچار ڪانهي. هي رڳو هڪڙو ڏندو ڪري ڪم پيا هلائين ۽ رڪارڊ جي پورائي پيا ڪن.

مونکي خاطري ٿي ته هي جن تاريخي، قومي ۽ گروهي اوگٽن سان پنهنجي پر ۾ انقلابي سياست ڪري رهيا آهن، سي سندن سياست کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. چرب زباني، انڪل بازي گهري، ۽ دڳهي سازش، ڏيکاءُ، مڪر، بالادستيءَ جو مرض ۽ ٻيا صدين جا اوگٽ پاڻ مان ڪيڏ جو خيال في الحال هتن ۾ ڪوبه لاڙو ڪونهي. هتن اڄا اهڙا ماڻهو پيدا ڪونه ڪيا آهن جيڪي سندن اندر ۾ ويڙهه قبضه گير، بالادستي پسند، حڪومت پرست، رجعت پرست، جاگيردار پرست لاڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪن ۽ هو ويجهي مستقبل ۾ ڪي نوان انقلابي انسان ٺنجي سگهن.

هتن جي ننڍي ڇات جي انقلابي جوش خروش، خود قرباني، پنهنجي پر ۾ خلوص کي ڏسي مون کي خوشي ٿي ۽ رشڪ به آيو. مون کي خاطري ٿي ته اسان جا سنڌي نوجوان پنهنجي موجوده تاريخي قومي اوگٽن جي هوندي هتن سان ڪامياب مقابلو ڪري سگهندا.

مون کي خاطري ٿي ته مسئلي جو پس پيش اصل حل هي آهي ته انقلابين جي سمورن ٽولن، هتن، سندين، بلوچن، پناٽن ۽ پنجابين ۾ جيڪي اوگٽ آهن سي دور ڪرڻ لاءِ پرپور جدوجهد شروع ڪئي وڃي ۽ جيڪي گٽ آهن سي هڪبئي کان خود تنقيد، تنقيد ۽ سکٽ سيکارڻ جي بنياد تي حاصل ڪيا وڃن. مون فيصلو ڪيو ته هتن سان تعلقات جا ٻيو دور ٿيندا. پهريون دور نظرياتي ويڙهه، وڌيڪ مقابلي ۽ نالي ماتر اتحاد جو دور هوندو. ٻيو ڪجهه اتحاد ۽ ڪجهه مقابلي جو دور هوندو. ۽ ٽيون دور نيٺ امید ته اهو ٻاينڊو جڏهن اسين پاڻ ۾ برابريءَ جي بنياد تي مقابلي کان اتحاد وڌيڪ ڪري سگهون . پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن پهريون ٻه اسٽيجون ڪاميابيءَ سان طئي ڪجن. آخر اسان کي حڪومت جي نظرياتي بورڊ اڳيان پيش ڪيو ويو هو . ڪيترن ڪراچيءَ جي شاگردن بورڊ اڳيان اعلان ڪيو ته اسين "توهان کي جائز اختياري تسليم ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون. توهين غاصب آهيو" بوڙهو چيو ته ميمبر هئا. هڪڙو شايد وزارت داخلا جو سيڪرٽري هو. ٻيو جسٽس انوارالحق هو. منهنجيون تقريرون پڙهي ٻڌايائون. مون چيو "سڀ صحيح آهن. سواءِ هڪڙي بسنت هال واري تقرير جي. ان جلسي ۾ آءٌ اڇٽو هوس ۽ اڇي کي نه سگهيس. بهرحال جي اڇان ها ته تقرير اهڙي ئي ڪريان ڇهڙي سي،آئي،ڊيءَ کوڙ ڪري لکي آهي". مون کي ياد آهي؟ ته هڪڙو سوال اهو ڪيائين "اوهان کي ون يونٽ تي کهڙو اعتراض آهي" مون چيو "اعتراض ٻيا ته گهڻا آهن . پر مثال طور هڪڙو اهو به آهي ته جنهن کرسيءَ تي توهان وينا آهيو ان تي کو سندي جج چو نه ويٺل آهي؟" ٻاهر هڪڙو سندي اديب يا (ترقي پسند) مليو پاڪر پائي چيائين " خاطري ڪر اسان تو کي اڳي وانگر پنهنجو سمجهون ٿا" مطلب ته انقلابي گاديءَ ڏٺين جي حڪمن کي اورانگهڻ جو ڏوهڪرڻ جي باوجود به اسان جي دريا دلي ڏسن جو ان هوندي به توکي پاڻ کان الڳ نه ٿا سمجهون. مون کلي چيس "سوال رڳو اهو ناهي ته توهان مون کي اڳ وانگر پنهنجو سمجهندا رهو ٿا يا نه، پر ان سان گڏ اهو به آهي ته آءٌ به توهان کي اڳ وانگر پنهنجو سمجهان ٿو يا نه!" مطلب سمجهيائين ۽ کلي چيائين "چريا پنهنجي وس کو نه ڇڏبا !"

۸۲ -۱۰- ۱۷

هفتو کن ٿي ويو آهي ڌائري لکڻ کي. ڪجهه راتين کان رات جو ننڊ نه ٿي اچي. شايد موسم جو فرق آهي. اڳي ٻاهر سمهيو هو يا ڪجهه ڏيروهيو هو. ٿي وي ۾ ڪانهي جا اڳ رات جو ڊير ٽائين ڏسبي هئي. هڪڙي رات ساهه ۾ به ٽوري تڪليف هئي. رات وري گئس چي ڪجهه تڪليف ٿي. اٽي وهنجيس. ڌائڙي پام گولي ۽ جو اڌ ڪل پنجون حصو ڪاڌم ته ننڊ اچي ويئي.

چوٽون ڏينهن مون کان پڇيائون ته "تون هن قيد جي سلسلي ۾ هتي ڪڏهن آيو آهين. اڳي کهڙن کهڙن جيلن ۾ هئين." مون انگريزي ڌائريءَ مان چيڪ ڪري احوال سربستو موڪلين ته " ۱۹۷۹-۱۰-۱۸ تي سزا ملي هڪ سال ۽ ٽيهه هزار ڏنڊ. ۲۰ جون ۱۹۸۰ تي خير پور سينٽرل جيل موڪليائون، اتي ۱۰ آگسٽ ۱۹۸۰ تي سزا پوري ٿي ۽ نظر بندي شروع ٿي ۱۶.۱۱.۸۰ تي مون کي سينٽرل جيل حيدرآباد ٽراسفر ڪيو ويو. ۲۰.۴.۸۱ تي مون کي وري سينٽرل جيل سکر ٽراسفر ڪيو يو. اتان وري ۱۵/۶/۸۱ تي حيدرآباد ٽرانسفر ڪيو ويو. اتان ۲۶/۶/۸۱ تي ڊسٽرڪٽ جيل ڪوٺ لکپت پهتس."

ڪلهه ڊپٽي کي لکي موڪليم ته "حڪومت جي جنهن لينر موجب توهان مونکان اهو تفصيل وڻتو آهي ان کي جي نظر مان ڪڍي سگهجي ته چگو. جواب کو نه مليو. کو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ سبب سمجھ ۾ نہ آيو. ان پڇا جي هڪڙي ئي سمجھاڻي، سا بہ پنھنجي پسند جي ممڪن نظر آئي! اھا ھئي تہ ممڪن آھي تہ سنڌ ٻراسفر ڪرڻ جي سلسلي ۾ اھو معلوم ڪندا ھجن تہ جن جيلن بابت منھنجي ھاءِ ڪورٽ جي رٽ ۽ گورنمنٽ ڏانھن موڪليل احتجاج ۾ شڪايت آھي تہ مون کي انھن جيلن ۾ ڇاڻي ۾جھي بيمار ڪرڻ لاءِ رکيو ويو، شايد انھن بابت معلوم ڪري انھن بدران ٻئي ڪنھن سنڌ جي جيل ۾ رکڻ گھرندا ھوندا. پر اھا معلومات تہ سنڌ سرڪار وٽ ھوندي! ڪٽي رکجي ڪٽي نہ رکجي اھو فيصلو ٻہ تہ اھا سرڪار ڪندي. ھتي جي حڪومت ڇو اھو سور پنھنجي مٿي ۾ وجھي. پر ممڪن آھي سنڌ گورنمنٽ ئي پڇيو ھجي! بھرحال ھاڻ اھو امڪان بہ ڏھن ۾ آھي تہ متان سنڌ بہ ٽرانسفر ڪن. پر جي ائين ٿيو تہ في الحال تہ لک پڙھون آھن سي پيون ھلنديون. "جڏھوڪا لُڙ تڏھوڪا پاڻي!"

حالتون ڪجھ نرم ٿيون آھن. "ش" وري بہ ڪلاس تي آيو آھي. رفيق چکر گشت تان نڪري (فقراءَ جي خواھش تي) "ڪوٺ موتعي" تي آيو آھي. ڪلھ ٻئي مليا. ش جو رويو توقع مطابق غير حاضر جي خلاف! روبرو واري تان "سر بہ قربان!" "م" ۽ سندس لاھوري جوءِ جي جھڙڪي جو معاملي مدامي ٿيو ويٺو آھي. اھو درويش جنھن نموني لڳو اٽن تنھن نموني اھو گھر بہ تباھ ڪندو. روبرو بہ ۽ ھاڻ سندس وڇڻ ڪانپوءِ پريٽ خاص طرح مونتي مائي صاحبہ جو ورڪ ڪرڻ شروع ڪيو اٽس تہ ڏوھ سچو "م" جو آھي. ڳالھ ڪرڻ ڇڏيانس تہ گھٽي ئي گونھ ڪري! مائيءَ جون تعريفون ڪريو ڪريو مٽان ٿيو پٽ تي ڪريو پئي! ڇي "توھان لاءِ چوي ٿي تہ اسان جو وڏوآھي. باھر اچي تہ روبرو حقيقت پيش ڪريان پوءِ پاڻ انصاف ڪري. ھينئر بہ نياپو ڪيو اٽس تہ "م" ويو تہ پرواھ ناھي. آءُ ويٺي آھيان . ڪابہ شيءَ شڪل ڪپي يا ڪوبہ ڪم ڪار ھجي تہ حڪم ڪريو!" مون چيو "م" اڳيئي چئي ويو آھي تہ ڪوبہ ڪم ھجي تہ گھر چوائي موڪلجو." چيائين "اھو تہ ان چيو نھي پاڻ بيگم صاحبہ ٿي چوي." مون چيو "منھنجو پنھنجو گھر آھي. اتي نہ چوائي موڪلبو تہ ٻيو ڪٿي چوائي موڪلبو؟" بچائي مولا "م" کي ش جي ھمدردين کان!

'ش' انھيءَ ڳوھ ۾ آھي تہ منھنجو "م" سان رابطو مڪمل طرح ڪٽجي ويو يا اڃا آھي؟ اڪثر اھڙي آڏي پڇا ڪندو آھي. مونکي شڪ آھي تہ "م" جي بدلي بہ جوٽس ڪرائي آھي تہ جئين منھنجي بري صحبت کان بچي وڃي. پر بري صحبت جا اثر ڪٽي ٽا وڃن! "م" جيو ٻيو خط آيو آھي. پر سچو ڳانو پيو آھي! وڃان وڃان ٽڪرا گم آھن. گھٽو ڪري شرارت ڪانھي. لاپرواھي آھي، وچ وارن جي. لکيو اٽس (ترجمو) "اڃھو ھينئر آنگن ناول پڙھي پورو ڪيو اٽم.

توھان لاھور ۾ والٽن جي ويجھو رھو ٿا. ۱۹۴۷ع ۾ عالبہ (آنگن جي ھيروئن) اتي بارن کي پڙھائڻ ايندي ھئي. ٽورو ..... کي چئجو تہ آسپاس سندس پتوئي معلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ته ڪهڙن حالن ۾ آهي ..... اهو ته هو آنگڻ جو قصو. هتي منهنجي اڳڻ ۾ تنهائي ئي تنهائيءَ جا ديرا آهن. رات جو ڪنهن مهل هڪڙو ٽُلهو ڏنو منّو ٻلو دروازي کي چنبن سان اچي کڙڪائي ويندو آهي ..... عيد آئي ؟ ويئي هُلي. مون وٽ جيڪو برداشتي آهي سو رات جو روز ٻه ڪلاڪ سرائيڪي ڏوهيڙا ؟ پنجابي گيت ٻڌائيندو آهي. هينئر ٻه موج ۾ آهي. توهان سان آڻ ٻيو ڪو انصاف ته نه ٿو ڪري سگهان پر هن راڳ جي محفل ۾ اوڀاڙ کي موجود پيو ڏسان. پڪ جاڻو ته آڻ جڻ اکين سان ڏسان ويٺو ته پلنگ تي اوهان وهاڻي کي ٽيڪ ڏيو ويٺا آهيو ؟ وچ وچ ۾ داد پيا ڏيو! عيد جي ڏينهن ق صاحب گوشت ؟ مٺائي موڪليا هئا حالانڪ هتي جون حالتون ان ڏينهن ڪافي گنڀير هيون. توهان اخبارن ۾ پڙهيو ئي هوندو (تيدي پڇي ويا هئا قاسي گهاٽ مان!) اڄا تائين معاملا چڪتاڻ ۾ آهن. سيد بادشاه به عيد جي ٻئي ڏينهن مٺائيءَ جو ڏٻو موڪليو هو. وڏا ناٽ آهن سندس! ٽن چئن ڏينهن ڪان گهٽي ڪوشش جي باوجود ڪيس ملي ڪونه سگهيو آهيان. سپاٽي وري ڪوشش ڪندس. هي منهنجو ٽيو عريضو آهي. جواب ڪونه ملي سگهيو آهي ايڏا تائين، روز انتظار ڪندو آهيان. اميد ته مايوس نه ڪندا. اجهو هينئر گلريز صاڻ ؟ ريحانه کي گڏيل خط لکيو اٿم. تابعدار."

ريحانه سندس ملتاڻ زال آهي. منهنجو خط الائي ڪهڙي نڪونج جي ڪن ۾ هليو ويو! "م" جي ملتاڻ مان پٽ گلريز ؟ ننڍڙي ڏيءَ صاڻ کي الڳ الڳ خط لکيم. سندس سوٽ کي پوءِ لکيو. صاڻ کي سالن جا سال محروميءَ جو شديد احساس رهيو آهي. گلريز تمام هوشيار آهي ؟ فرسٽ ڪلاس ۾ پيو ٽيو نمبر ايندو آهي. صاڻ بيمار ٿي رهي. سورتخطي ڪچي اٿس. پر خيال سٺا ٿا ڏسجن. سندس ٻئي ٻار ڏهين آهن . نانو قدامت پرست اٿن. مامو به ڪو هچا اٿن. ويچارا سدائين لسٽ کان خارج رهيا آهن. بهرحال منهنجي ڳاله ۾ هٽ وجهڻ کان پوءِ معاملي ۾ ڪجه توازن پيدا ٿيو آهي. ان جي ڪري ئي هتي واري مائي صاحبه تمام گهٽي فڪرمند آهي ؟ "ش" ڪٽو ٽٽو پڇي، گهر جو مالڪ ٽيو ويٺو آهي ؟ موجون پيو ڪري. سٽ سالن جو پوڙهو سڪل نانو آهي پر چئو ته ڪر ساه ٿو نڪريس. پيشي ور فتني خور آهن ويچارا، چا ڪن! ڏنڊو جو ٽيو!

ٻه سال اڳ قيد جي هڪڙي سچي واقعي تي افسانو لکڻ جو خيال ڪيو هوم. ان وچ ۾ سوچي سوچي بيهي رهيس ڳاله جيئن نهي تيئن نه ٿي نهي. ڪله رات ننڊ ڪانه آئي. اتفاق سان ان واقعي جي يادگيري پيم. ڳاله ڏري گهٽ نهي آئي. ڪله وري ٻيا اعتراض ڏهن ۾ آيا. پر انهن جو حل ٻه ٻڪري ايندو. مطلب ته هاڻ ڪهاڻي لکجي ويندي ڪڏهن نه ڪڏهن.

جاڻ مان معلوم ٽيو ته ٽرانسفر وارو خيال صحيح نه هو.

○○○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين رسول بخش پليجي ۲۰ آڪٽوبر ۱۹۲۸ع تي جنگشاهي، ضلعي لڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ سنڌ مدرسي ۽ ايل ايل بي جناح ڪاليج مان ڪرڻ ڪانپوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ پنهنجي وقت جو ڪامياب ترين وڪيل ثابت ٿيو. سياست ۾ اچڻ ڪانپوءِ نعپ جو اڳواڻ، بزم صوفياءِ سنڌ جو سيڪريٽري، سنڌ متحده محاذ جي ورڪنگ ڪميٽي جو اڳواڻ، سنڌي ادبي سنگت جو باني ميمبر، پاڪستان عوامي تحريڪ اتحاد جو جنرل سيڪريٽري، عوامي نيشنل پارٽي جو باني ۽ سيڪريٽري جنرل، ايم آر ڊي جو مرڪزي ڪنوينر، سنڌي عوام جي قومي اتحاد ۽ سنڌ قومي اتحاد جو باني اڳواڻ رهي چڪو آهي. هن وقت ايشيا پئسفڪ پيس ڪميٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر، سنڌي اتحاد جو باني قائد ۽ عوامي تحريڪ جو چونڊيل صدر آهي. پليجي صاحب پنهنجي زندگيءَ جو ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو جيلن ۾ گذاريو آهي. ۱۹۸۱ع ۾ ايمينيسٽي انٽرنيشنل پاران ڪيس 'ضمير جو قيدي' قرار ڏنو ويو. سنڌ جي هن چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۽ عظيم مفڪر جا اڃ تائين لاتعداد مضمون، ڪهاڻيون، مقالا، شعر، ترجما، تبصرا، تنقيدي ليک ۽ ڪالم شايع ٿيا آهن. جن مان هيٺيان ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪا آهن:

* انڌا اونڌا ويچ * سندي ذات هنجن * صبح ٿيندو * پسي ڳاڙها گل * مائوزي تنگ * ڏاڙڻ جا ڏڪ * هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي * ڳالهيون ڳنواڻن جون * انقلاب ۽ ادب ۽ فن جي اهميت * جيڪي بنگال سان ٿيو * انقلابي نظريي سان هٿيار بند ٿيو * واڻون ويهه ٽيون * جن جهونا ڳڙهه جلايو * ڇا ملڪي سياست سنڌين لاءِ حرام آهي * پائي ڪان ڪمان ۾ * اوهانجي پچاڻ * جي تون چورين چنگ * سنڌ جي سڌ تي * جڏهن پليجي ڳالهايو * هاڻ سنڌين جو ڇا ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڪُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پَڑھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَھکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آھي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِکَٻئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَڻُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو کم کرڻ وارن مان جيکڏھن کو پيسا کمائي سگھي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي کوشش دوران کَنھن بہ رُکاوٽ کي نہ ميجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)